


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تصورِ خدا جي ارتقا

ايلن گرانٽ

ضمير

TLS

ٿنڪرس لٽرري سوسائٽي حيدرآباد.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تصورِ خدا جي ارتقا

## ايلن گرانٽ


| | | |
|---|---|---|
| مترجم | : | ضمير |
| ڇپائيندڙ | : | ٿنڪرس لٽرري سوسائٽي حيدرآباد |
| ڇاپو | : | پهريون ڊسمبر 2011 |
| مُلهه | : | -/450 روپيه |


# Evolution of Idea of God

## "By: Allan Grant"


| | | |
|---|---|---|
| Translated by | : | Zamir |
| Published by | : | Thinkers Literary |
| | : | Society Hyderabad. |
| Rs | : | 450/- |
| E-mail | : | tlssindh@yahoo.com |



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## فهرست


| | | |
|---|---|---|
| | مهاڳ (ليکڪ پاران) | 01 |
| | مترجم پاران | 07 |
| باب پهريون | عيسائيت بطور مذهبي ڪسوٽيءَ جي | 12 |
| باب ٻيون | مذهب ۽ ڏند ڪٿا | 30 |
| باب ٽيون | مئلن جي زندگي | 50 |
| باب چوٿون | ديوتائن جو ٻڻ ٻٽياد | 77 |
| باب پنجون | مقدس پٽر | 101 |
| باب ڇهون | مقدس ڪنيا | 129 |
| باب ستون | مقدس وڻ | 138 |
| باب اٺون | مصر جا خدا/ديوتا | 154 |
| باب نائون | اسرائيل جا خدا/ ديوتا | 178 |
| باب ڏهون | وحدانيت جي نظرئي جو اُڀرڻ | 202 |
| باب يارهون | انساني خدا/ديوتا | 223 |
| باب ٻارهون | ديوتائن جي مصنوعي پيداوار | 242 |
| باب تيرهون | فصل جا ديوتا | 268 |
| باب چوڏهون | اناج ۽ شراب جا ديوتا | 295 |
| باب پندرهون | قرباني ۽ مذهبي رسم | 312 |
| باب سورهون | ڪُفاري جو متو | 339 |
| باب سترهون | يسوع مسيح کان اڳ جي دنيا | 351 |
| باب ارڙهون | عيسائيت جي واڌ | 368 |
| باب اوڻيهون | عيسائيت ۾ موجود باقيات | 401 |
| باب ويهون | پڇاڙي | 423 |

# مهاڳ

اڄوڪي زماني ۾ اسان جي وچ ۾ مذهبي سوچ جا ٻه مکيه اسڪول وجود رکن ٿا: انسان دوستن (Humanists) جو اسڪول ۽ هر طبعي شيءِ ۾ روح هجڻ جي مٿي کي مڃيندڙن يا ارواح پرستن (Animists) جو اسڪول. هن ڪتاب جو مقصد ڪنهن حد تائين انهن ٻنهي وچ ۾ ناهه ڪرائڻ جي هڪ ڪوشش آهي. مان سمجهان ٿو ان ۾ موجود آهي اها ڀرپور طويل ڪوشش جيڪا هيل تائين هڪ خدا ۾ ايمان جي بڻ بنياد کي قديم انسان جي ذهن ۾ ان جي اوائلي ترين بڻ بنياد کان تمام اڳتي وڌيل ۽ آسماني بنايل عيسائي دينيات ۾ ان جي مڪمل ترين اوسر تائين پيڇو ڪرڻ ۾ ڪئي وئي آهي.

تنهنڪري منهنجو طريقو تعميري آهي، نه ڪه تخريبي. هي ڪتاب اسان جي پيچيده فطرت ۾ گهر ڪيل بزرگاڻي جزي خلاف دليل بازي ڪرڻ يا انکي تباهه ڪري ڇڏڻ جو ارادو ڪرڻ بدران پنهنجي لاءِ صرف هڪ نفسياتي سوال ڪڙو ڪري ٿو. ڪهڙن سلسليوار ڏاڪن ذريعي ماڻهن پنهنجي لاءِ هڪ ديوتا جو تصور گهڙڻ شروع ڪيو؟ يا جيڪڏهن پڙهندڙ هيئن چاهي ته اسان خدا جي پنهنجي ڄاڻ تائين ڪيئن پهتاسين؟ هي ڪتاب هنن وسيع ۽ اهم سوالن جا جواب وحشي انسانن —— پراڻن ۽ هاڻوڪن جي اوائلي ترين عقيدن ڏانهن حوالو ڏيندي ۽ تاريخي دستاويزن ۽ قديم يادگارن جي شاهديءَ ڏانهن رجوع ڪندي عبوري طور تي ڏئي ٿو. اهو خيالن جي درستگي يا اڻ درستگيءَ سان بلڪل به پنهنجو تعلق نه ٿو رکي؛ اهو اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ضرور ڪري ٿو ته اهي خيال ڪيڏا نه اٽڙ هئا ۽ اهو ته ڪيئن انسان جو ٻاهرين ڪائنات سان تعلق انهن خيالن کي بطور ضرورت جي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ يقيني پيشگي شرط هو.

هڪ ايڏي وسيع تحقيق ۾ اڄ اهو مڪر ڪرڻ ته هڪ ماڻهوءَ هڪ موضوع تي مڪمل طور تي نئين سري سان شروعات ڪئي آهي، هڪ بيهوده ڳالهه لڳندي. هر ڪوجيءَ جون اهم ضرورتون، هن جي ڄاڃ جي ميدان جي مختلف حصن ۾ هن جي پيشرو ڪوجين جي مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحقيقن مٿان گهڻو پاڙن ٿيون. اسان جي سامهون موجود مسئلو: پاڻ کي ٿن حصن ۾ ورهائي ٿو. پهريون: ماڻهن گهڻن ديوتائن ۾ ايمان رکڻ ڪيئن شروع ڪيو؟ يعني گهڻ خداپرستيءَ جو بڻ بنياد. ٻيو: ماڻهن جي ڪن خاص نسلن هنن ديوتائن جي اڪثريت کي ٻاهر ڪيندي، هڪ واحد عظيم ۽ سڀ کان وڏيڪ طاقتور خدا ۾ ڪيئن ايمان رکڻ شروع ڪيو؟ يعني وحدانيت پرستيءَ جو بڻ بنياد. ٽيون: تمام گهڻو اڳتي وڌيل نسلن ۽ تهذيبن ان تصور تي پهچي وڃڻ کان پوءِ ڪيئن ان خدا کي بطور هڪ تثليث (هڪ ۾ ٽي) جي تصور ڪرڻ شروع ڪيو ۽ هن جي شخصيتن مان هڪ کي هڪ خاص الاهي ۽ انساني روپ سان سجائڻ شروع ڪيو؟ يعني عيسائيت جو بڻ بنياد. هنن ٽن مکيه مسئلن تي غور ويچار ڪرڻ ۾ منهنجي ٽن گذريل ڪوجين طرفان زبردست رهنمائي ۽ مدد ڪئي وئي آهي.

گهڻ خداپرستيءَ جي بڻ بنياد ۾ مون مکيه طور تي مسٽر هربرٽ اسپينسر جو نمايان روح/ڀوت نظريو ڪجهه اهم تبديلين ۽ اضافن سان اختيار ڪيو آهي. ڪم جي هن حصي ۾ منهنجي گهڻي مدد مسٽر ڊف ميڪڊونالڊ — افريڪانا ڪتاب جي قابل مصنف کان ورتل مواد طرفان، مسٽر ٽرنر — جڳ مشهور سموئن تبليغيءَ طرفان ۽ ٻين ليکڪن طرفان ڪئي وئي آهي. انهن ۾ عام طور ٻين ڪوجين ۽ نسليات جي ماهرن جي تحقيقن سان گڏ منهنجون تحقيقون به شامل آهن. مجموعي طور تي مون هتي اهو نظريو قبول ڪيو آهي، جيڪو ديوتائن ۾ عقيدي جي بڻ بنياد جو ابتدائي بزرگ-پوڄا يا لاش-پوڄا تائين پيرو ڪڍي ٿو: ان نظرئي جي ابتڙ ان جو مخالف نظريو آهي، جيڪو ان جي بڻ بنياد جو پيرو هڪ فرضي هر طبعي شيءِ ۾ روح هجڻ جي قديم عقيدي ۾ ڪڍي ٿو. جيستائين وحدانيت پرستيءَ جو تعلق آهي. مان ڪيونن ۽ انجيل (پراڻي عهدنامي) جي تنقيد جي ٽيوٽونڪ اسڪول کان گهڻ متاثر ٿيل نه آهيان، جن جا خيال پروفيسر رابرٽسن سمٿ جي قابل تعريف ڪتاب "دي ريليجن آف دِي سيمائيٽس" مان ورتل بعد جي تصورن سان وڌايا ويا آهن. پر هتي مجموعي طور تي مرڪزي تشريح جيڪا مونکي پيش ڪرڻي آهي جنهن کي مان نئين ۽ اصلي سمجهڻ جي جرئت ڪيان ٿو، اها آهي انهن حالتن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو نظريو سنو يا خراب، جن نسلي يهودي خدا ـــــ يهوه. کي پنهنجن سمورن رقيب ديوتائن کان مٿي چاڙهي ڇڏيو ۽ هڪ واحد سچي ۽ جيئري ديوتا طور هن کي حتمي مڃتا ڏني. هي نظريو منهنجو پنهنجو آهي ۽ ٻئي ڪنهن جو به نه آهي. جيستائين عيسائيت جي بڻ بڻياد ۽ ان جي اناج ۽ شراب ديوتائن جي پهرين عقيدن سان لاڳاپن جو تعلق آهي، منهنجي گهٽي حد تائين رهنمائي مسٽر آءِ جي فريزر ۽ مينهارٽ طرفان ڪئي وئي آهي، جيتوڻيڪ مان اهو فرض نه ٿو ڪيان ته زنده يا مري ويل علم الانساني ماهر ان استعمال سان مڪمل طور تي متفق ٿيندا. جيڪو مون سندن عاليشان مواد جو ڪري ڇڏيو آهي. مسٽر فريزر، ان تحقيقي ڪتاب ”گولڊن بو“ جي مصنف، علم بشريات ۽ مذهب جي سائنس ۾ ڪم ڪندڙ سمورن سنجيده محققن جي خيالن کي زبردست نموني متاثر ڪيو آهي ۽ مان هن جي گهرن ۽ لائق مقالن جي اونهن احسانن، جن هيٺ مان آهيان، کي ايترو بار بار نه ٿو مڃي سگهان. ساڳئي وقت مون هن کان ۽ ڊاڪٽر رابرٽسن سمٿ کان ورتل مواد کي ايترو ته تبديل ڪري ڇڏيو آهي جو عملي طور ڪيترن ئي طريقن ۾ انهن کي پنهنجو بڻائي ڇڏيو آهي ۽ مون انهن ۾ ڪيترن نون مثالن ۽ خيالن جو اضافو ڪري ڇڏيو آهي، جيڪي منهنجي پنهنجي وسيع مطالعي جي رستي ۾ تجويز ٿيا آهن.

بحيثيت مجموعي، هن ڪتاب ۾ مان ڊاڪٽر اِي- بي ٽائلر جو پڻ شڪرگذار آهيان، جنهن کان مون ڪافي مُلهائتو مواد اڌارو ورتو آهي: ساڳئي نموني مسٽر سڊني هارٽليند جي ڪتاب ”ليجنڊ آف پرسيس“ جو، مسٽر لارينس گومي جو، جيڪو ڪن موقعن تي هتي ظاهر ڪيل خاص خيالن ۽ نظرين جي ٻئي ڪنهن کان وڌيڪ ويجهو اچي ويو آهي ۽ ”السٽريٽيڊ لنڊن نيوز“ جي مسٽر وليم سمپسن جو، جيڪو هڪ سادو ڏاهو آهي جنهن جي ”ورشپ آف ڊيٿ“ ۽ اهڙن خوني رشتن جي موضوعن تي لکيل بهترين تحقيقي مقالن ڪڏهن به اجا تائين اهو توجهه حاصل نه ڪيو آهي جن جا هونئن اهي حقدار آهن.

منهنجا بيا ٿورا آهن ڊاڪٽر مومسين، منهنجن دوستن مسٽر ايڊورڊ ڪلاڊ، پروفيسر جان رهس ۽ پروفيسر يورڪ پاويل لاءِ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪاشتڪاريءَ جي ديوتائن جي واڌ سان تعلق: قربانيءَ جي ديوتائي انساني شڪار جي قديم متي کي ڏنل تمام وڏي وسعت: اناج يا شراب-ديوتا جي پنجن ڏينهن واري ميلي جي عالمي پئماني تي موجودگيءَ جي مجتا ۽ ان جي ويجهي هڪجهڙائيءَ جي مجتا جيڪا ان جي رسمن کي آمريڪا سميت دنيا جي سمورن کندن ۾ نمايان بڻائي ٿي: هينين مذهبن جي ديوتا کائڻ جي رسمن جي پنهنجن مري ويل ماڻهن کي عزت سان کائڻ جي آدم خور رسم مان تجويز ڪيل ارتقا ۽ قديم لاش-پوجا جي اسان جي زماني تائين مهذب يورپ ۾ وسيع بقا جو ثبوت.

مان سوچان ٿو تہ ان جي اجازت ڏني ويندي تہ جيڪڏهن هنن خيالن مان رڳو چند چڪاس ڪرڻ تي نوان ۽ سچا ثابت ٿين، تہ پوءِ منهنجو ڪتاب پنهنجي وجود کي حق بجانب ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو. مان هن ڪتاب کي وڌ ۾ وڌ جهجهڪ سان پيش ڪيان ٿو. لڳائي تمام وسيع آهي ۽ مزدور ٿورڙا آهن. مان مواد ڪٺي ڪرڻ ۽ انکي پيٽڻ ۾ ويهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين رڌل رهيو آهيان. مان پنهنجو هي ڪتاب لکڻ ۾ ڏهن سالن کان وڌيڪ عرصي تائين مصروف رهيو آهيان. جيئن مون آخري باب ۾ واضح ڪيو آهي تہ نتيجن جو موجوده پهريون خاڪو، جن تي آخرڪار مان پهچي چڪو آهيان، عبوري کان ٿورڙو وڌيڪ آهي. هتي مان اهو پڻ واڌارو ڪرڻ پسند ڪندس جنهن جو مان ڪتاب جي مواد ۾ گهٽي تفصيل سان اشارو ڪيو آهي، تہ مان پنهنجن سمورن يا ڪنهن بہ هڪ خيال سان جن جو مون هاڻي اظهار ڪيو آهي عقيدتاً جنبڙيل نہ آهيان: اهي رڳو ثبوت جي موجوده حالت طرفان منهنجي ذهن مٿان تاڪيل تصور آهن ۽ مان اها حقيقت مڃان ٿو تہ ايتري وسيع ۽ گوناگون شعبي ۾ جتي هڪ ماڻهوءَ کي هڪ طئي ڪيل نتيجي تائين پهچڻ جي قابل بڻائڻ لاءِ تمام وسيع ڄاڻ رکڻ ضروري هوندي آهي، هنن نتيجن مان هر واحد نتيجو يا سمورا نتيجا گڏجي وڌيڪ تحقيق مان پريشان ضرور ٿيڻا آهن

مون ڪنهن بہ سفارش يا تعصب کان سواءِ سچ ڳولڻ جي هڪ واحد خواهش کان متحرڪ ٿي لکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. هن ڪوشش ۾ آيا مان ڪامياب ويو آهيان يا نہ، مان پروسو ڪيان ٿو تہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڪتاب جو ان ساڳئي جذبي سان آدرڀاءُ ڪيو ويندو، جنهن ۾ اهو لکيو ويو آهي ـــ اهو سڀ سکڻ جي شديد بيچينيءَ واري هڪ جذبي سان. جيڪو انسان جي پنهنجي خدا سان ماضيءَ ۾ ۽ حال ۾ تعلق بابت جاچ ۽ معائني ذريعي سکي سگهجي ٿو. هن اميد ۾ مان پڙهندڙ عوام جي ان ننڍڙي حصي جي ٻاجهاري غور فڪر لاءِ هي ڪتاب ارپيان ٿو، جيڪو مذهبي سوالن ۾ هڪ زنده دلچسپي رکندو آهي.

**ايلن گرانٽ**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مترجم پاران

جيتوڻيڪ هي ڪتاب هڪ دوست جي فرمائش تي ترجمو ڪيو ويو پر انگريزي ۾ اهو پڙهڻ ڪانپوءِ مون پنهنجي طور تي به اهو چاهيو ته ان جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪريان، انڪي سنڌي پڙهندڙن آڏو تحفي طور رکجي. ههڙي ئي قسم جي هڪ ٻئي ڪتاب "گولڊن بو" جو سنڌيءَ ۾ ترجمو "جادو ۽ سائنس" جي نالي سان ڪيل آهي، جنهنڪي سمجهڻ لاءِ نه ڄاڻ مونکي انکي الائي ڪيترا دفعا پڙهڻو پيو هو پر پوءِ به مان ان ڪتاب کي ڪڏهن به مڪمل پڙهي نه سگهيس (حالانڪ توڙي جو اهو سنڌيءَ ۾ تمام سٺي نموني ترجمو ڪيل هو). هن ڪتاب جي انگريزي به ايڏي ڏکي ۽ دقيق هئي جو مونکي ان جو ترجمو ڪرڻ ۾ ٽي چار سال لڳي ويا؛ جنهن جو ٻيو سبب ڊاڪٽري جي شعبي ڪري گهٽ فارغ وقت هجڻ به هو.

هن ڪتاب جي ليکڪ انسان جي عقيدائي سرشتي جو تمام ويجهڙائيءَ کان اڀياس ڪيو آهي ۽ هو مذهب جي بڻ بنياد ۽ ان جي پاڙ تائين پهتو آهي. هن ڌرتيءَ ۽ شايد سموري ڪائنات ۾ رڳو اهو "انسان" ئي آهي، جنهنکي "مذهب" آهي.

مان جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ ڪيل بحث کي انسان جي عقيدن جي ارتقا چوان ته ان ۾ ڪوبه وڌاءُ نه ٿيندو. تاريخ ۾ انسانن طرفان پيدا ڪيل پنهنجن عقيدن جو ڪوبه اهڙو قسم ناهي، جيڪو هن ڪتاب جي بحث جو موضوع نه هجي. اڄ اسان، جيڪي تمام گهڻو پڙهيل ۽ ترقي ڪيل آهيون، به پنهنجي مخصوص عقيدائي سرشتي جو جيڪڏهن هن ڪتاب ۾ پيش ڪيل مواد جي روشنيءَ ۾ تجزيو ڪرڻ ويهون ته اسان کي ڪوڙ سارين شين قديم وحشي انسان جي عقيدن جون باقيات نظر اينديون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ تي سگهي ٿو اسان مان ڪي ماڻهو ان قديم وحشي انسان طرفان گهڙيل عقيدن (مثال ڪلن ۽ ٽنول ڪن پر حالتن جون صحيح پس منظر ۾ تجزيو ڪبو ته معلوم ٿيندو ته اهڙن عقيدن قائم ڪرڻ ۾ وحشي انسان جو ڪوبه ڏوهه نه هو. فطرت کي سمجهڻ جي هن جي جيتري ذهني پهچ هئي، هن ان مطابق اهي عقيدا جوڙيا.

انسانذات جي سموري عقيدائي تاريخ ان ڳالهه جي شاهد آهي ته مختلف عقيدا گهڙڻ ۾ خود انسان جو مرڪزي ڪردار رهندو پيئي آيو آهي. هو پنهنجن ئي تخليق ڪيل خيالن ۽ تصورن جو غلام بڻجي ويو آهي. هن پاڻکي مختلف عقيدن جو پيروڪار بڻائي ڇڏيو آهي: نه رڳو ايترو پر هر انسان پنهنجي مخصوص عقيدائي سرشتي کي ٻين پاڻ جهڙن انسانن جي مخصوص عقيدائي سرشتن کان اُتم، اعليٰ ۽ وڌيڪ صحيح به سمجهڻ لڳو آهي.

اڄ سائنس جي زبردست ترقيءَ انسان جا، چوڏهن طبق روشن ڪري ڇڏيا آهن، هو وحشي زماني جي اڪيچار وهمن، وسوسن ۽ غلط عقيدن کان گهڻي حد تائين پنهنجي جان ڇڏائي چڪو آهي پر سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي دنيا جيترو هن جي زندگي آسان، آرامده، پرامن ۽ سولي ڪري ڇڏي آهي، اوترو انهن وري هن کي اڪيلو، ويڳاڻو ۽ انفراديت پرست به بڻائي ڇڏيو آهي. جنهنڪري هو اڄ به مذهب ۾ سڪون تلاش ڪري ٿو. زندگيءَ جو بڻ بڻياد ۽ مقصد ڇا آهي، موت ڇو ٿو واقع ٿئي؟ موت کانپوءِ ڇا ٿئي ٿو؟ هن ڪائنات جو ڇا ڪارج آهي؟ ڇا انکي هڪ خدا، گهڻن خدائن يا وري ڪنهن به پيدا نه ڪيو آهي؟

سائنس جيتوڻيڪ انهن سوالن جا جواب ڳولڻ ۾ ڪافي اڳڀرائي ڪئي آهي پر ڇا انسانذات جي اڪثريت انهن جوابن مان مطمئن ٿي وئي آهي؟!! اڄ انسان جي مذهب جي اوائلي تاريخ کي پڙهڻ سان ٿي سگهي ٿو هڪ پڙهيل ڳڙهيل روشن خيال ماڻهوءَ کي حيرت، اچرج ۽ ڪل اچي پر انهن پراڻن عقيدن جون باقيات اڄ به دنيا جي هر مذهب ۾ ڪنهن نه ڪنهن شڪل ۾ موجود آهن.

هن ڪتاب جي خوبي منهنجي نظر ۾ مذهبي رسمن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻڻ ٻٽياد کي وانگو ڪرڻ آهي. جنهن لاءِ ليکڪ وڏو مطالعو، اڀياس ۽ تحقيق ڪئي آهي. ليکڪ پراڻن اوائلي مذهبن جو تجزيو ڪندي، آخر ۾ يهودي ۽ عيسائي مذهبن جي چندچاڻ ڪري ٿو. هن چندچاڻ ۾ مانواري ليکڪ ڪيترائي نوان تصور متعارف ڪرايا آهن جهڙوڪ ديوتائن جي مصنوعي پيداوار، مري ويل جي پوڄا جون ٽي منزلون (لاش پوڄا، جن-پوڄا ۽ روح پوڄا)، يهودين جي يهوه پوڄا مان وحدانيت پرستيءَ جي اوسر، قبرن تي پيش ٿيندڙ نذرانن مان زراعت جي ٻڻ ٻٽياد جو تصور وغيره.

مونکي اميد آهي تہ هي ڪتاب پڙهڻ سان ذهن ۾ وينل ڪافي عقيدائي مونجهارا صاف ٿي ويندا ۽ ڪافي شيون درست رخ ۾ ڏسڻ ۾ اينديون.

**ضمير**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٻارهون

## عيسائيت بطور مذهبي ڪسوٽيءَ جي

مان هن ڪتاب ۾ تصور خدا جي ارتقا جو هڪ ٿلهو خاڪو ڳولهڻ جو سوچيو آهي . يعني اوائلي انسان جي وحشي ذهن ۾ پيدا ٿيندڙ ان جي اوائلي ۽ ڪچين ترين شروعاتن کان وٺي ان جي اعليٰ نموني ارتقا ڪيل ۽ تجريدي صورت تائين. جيڪا هو اڄوڪي فلسفياڻي ۽ ديني سوچ ۾ اختيار ڪري ٿو. جديد ارتقائي تحقيقي ماڻهوءَ جي اکين ۾ هن عام تصور جي بڻ بڻياد ۽ تاريخ ۾ دلچسپي مڪمل طور تي نفسياتي آهي . اسان جي آڏو انساني خيالن ، سچن يا ڪوڙن ، جو هڪ وسيع مجموعو موجود آهي، جنهن انسانذات ۽ تهذيب جي واڌاري تي تمام زبردست اثر ڇڏيو آهي ۽ اڃا تائين اثر ڪري ٿو. هاڻي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ آخر نيٺ انسان اهي خيال ڇو تا رکن؟ اوائلي انسان جي حالتن ۾ آخر اهو ڇا هو، جنهن هن کي پنهنجو پاڻ لاءِ هڪ يا وڌيڪ وڏين مافوق الفطري هستين جا، جن جي وجود لاءِ فطرت ۾ هن وٽ ڪو بہ واضح يا ظاهر ظهور ثبوت موجود ڪو نہ هو، تجريدي خيال جوڙڻ ڏانهن نيو؟ هن ڏس ۾ جيستائين هڪ مسئلي جو تعلق آهي جيڪو حقيقت ۾ انساني ذهن جي عملن جو هڪ مسئلو آهي يعني مذهبي عقيدن منجهان جيڪي هن ڪتاب جو موضوع آهن. ڪنهن جي بہ خارجي سچائيءَ ۾ ڪنهن بہ طرح جي جاچ پڙتال، تہ مان شروع کان ئي اهڙي جاچ پڙتال کي پنهنجي مقصد لاءِ غير سمجهان ٿو. ان ڪري اهو سوال تہ آيا هڪ خدا يا گهڻا خدا آهن ۽ جي ائين آهي تہ پوءِ هن يا هنن جو جسم ۽ خاصيتون ڪهڙيون ٿي سگهن ٿيون، اسان سان هتي واسطو نہ ٿو رکي. اسان جي موجوده صورتحال ۾ اسانکي جيڪو ڪجهہ ڪرڻو آهي، اهو پنهنجو پاڻ کان سختيءَ سان اهو پڇڻو آهي تہ آخر اها ڪهڙي پهرين شيءِ هئي جنهن انساني ذهن کي ديوتا جو خيالي تصور تجويز ڪيو؟ ۽ ڪيئن ديوتائن جي اوائلي ڪثرت مان جيڪا اسان ڏسون ٿا تہ سمورن اوائلي وقتن ۾ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمورن انساني نسلن ۾ رائج ٿيل هئي، هڪ واحد. عظيم ۽ لامحدود خدا جو تصور پهريون ڀيرو ايريو؟ سوال  ڪي هن صورت ۾ رکڻ جو مقصد خود ان تصور جي معروضي حقيقت هجڻ ڪي سوچ ويچار ڪان مڪمل طور تي ٻاهر ڪري ڇڏڻو آهي. ڪنهن بہ هڪ تصور جي  بڻ بنياد جي تجزئي ڪرڻ جو مطلب ان عقيدي جي سچائيءَ مٿان حملو ڪرڻ نہ هوندو آهي، جنهن جو اهو تصور احاطو ڪندو آهي، مثال طور ڪشش ثقل جو تصور، انساني ذهنن ۾ آهستي آهستي ايريو ۽ نيٺ نيوٽن جي قانون جي شڪل ۾ پنهنجي آخري اظهار تائين پهتو. پر انهن ڏاڪن جو سراغ لڳائڻ جو مطلب جن ذريعي هڪ تصور آهستي آهستي ظاهر ٿيو، ڪنهن بہ طرح سان ان تصور ڪي ڪوڙو ثابت ڪرڻ يا انجي ساک ختم ڪرڻ نہ هوندو آهي . ساڳئي نموني عيسائي عقيدتمند اهو خيال رکي سگهي ٿو تہ ماڻهو هڪ سچي خدا جي ڄاڻ تائين قدرتي ڏاڪن رستي پهتا آهن ، هو ان آخري تصور ڪي  ڪوڙو چئي ، صرف ۽ صرف انهن ڏاڪن جي ڪري ، جن ذريعي اهو آهستي آهستي ظاهر ٿيو رد ڪرڻ لاءِ پابند نہ آهي. اهو صحيح آهي تہ هڪ تخليقي خدا ان ڳالهہ جو انتخاب ڪري سگهي ٿو تہ هو پنهنجو پاڻ ڪي ڪن خاص چونڊيل ماڻهن آڏو اوچتو الهامي (ظاهر ڪري) ڇڏي. پر هڪ ارتقائي خدا، اسان اهو چڱيءَ ريت مڃي سگهون ٿا تہ هو پنهنجي پراسرار ڍاهپ ۾ ان ڳالهہ ڪي ترجيح ڏيندو تہ  پنهنجي مخلوقات آڏو انهن سست ۽ آزمائشي دانشوراڻين هٿوراڙين ذريعي، بلڪل انهن جهڙين جن ذريعي هن هنن آڏو فطرت جا ٻيا طبعي سچ ظاهر ڪري ڇڏياآهن، خود پنهنجو وجود ۽ خاصيتون ظاهر ڪري. تنهنڪري منهنجي اها خواهش آهي تہ منهنجي هيءَ جاچ پڙتال تخريبي نہ پر تعميري ڪري ليکي وڃي. هيءَ ڪوجنا خدا جي تصور جي ارتقا ۾ مختلف سطحن ڪي ڳولي لهڻ ۽ سندن پيڇو ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿي، نہ ڪ ظاهر ٿيل تصور جي سچ تي شڪ ڪري ٿي. ڪنهن بہ پيچيده موضوع تي جاچ پڙتال ڪرڻ ۾ اڪثر ڪري اها ڳالهہ بهتر هوندي آهي تہ جاتل ڪان اڻجاتل ڏانهن وڃجي، جيتوڻيڪ اڻجاتل خود فطرت جي  ۽ منطقي واڌاري جي نظام ۾ پهريون اچي سگهي ٿو. هن سبب ڪري هتي اهو تجويز ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهجي ٿو تہ عيسائيت جي هڪ مختصر ابتدائي ڇڪاس سان شروعات ڪجي، جيڪو نہ رڳو اسان عيسائي قومن لاءِ سمورن مذهبن مان وڌ ۾ وڌ ڄاتل سڃاتل مذهب آهي پر پنهنجن بڻ بڻيادن ۾ بہ وڌ ۾ وڌ ڄاتل آهي، ۽ پوءِ اهو ڏيکارجي تہ ڪيتري حد تائين اسان انڪي گهٽ واضح ٿيل اوائلي يا ضمني مذهبن ۽ انهن جي ڪجهہ پاسن جي تشريح ڪرڻ ۾، سلامتيءَ سان حوالي جي هڪ معيار طوراستعمال ڪري سگهون ٿا. عيسائيت ڪي جڏهن هڪ مذهبي معيار طور ڏنو وڃي ٿو تہ پوءِ انڪي عقيدي جي لڳ پڳ ۽ بئي ڪنهن بہ ڄاتل روپ مٿان هي صاف ۽ ناقابل انڪار فائدو حاصل ٿيل ٿئي ٿو تہ اهو بلڪل کُلئي نموني ۽ پنهنجو پاڻ مڃيندي هڪ خاص، ديوتا بڻايل ماڻهوءَ (Deified Man) جي عبادت سان پنهنجي اوسر شروع ڪري ٿو. مان سمجهان ٿو، سندس تاريخ ۾ هن نقطي جي اهميت ڪي ان جي حد ڪان وڌيڪ نہ سمجهڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ ان واحد مسلمہ مرڪزي حقيقت ۾ اهو اسان ڪي اها ڪنجي ڏئي ٿو جيڪا بين سمورن مذهبن لاءِ ايتري ضروري آهي جن مان هر هڪ، جيئن مان هاڻي ڪان پوءِ ڏيکارڻ جي اميد ڪيان ٿو سڌي يا اڻ سڌي طرح هڪ واحد خدا بڻايل انسان جي پوڄا يا گهڻن خدا بڻايل انسانن جي پوڄا مان جن ڪي ٿورو يا گهڻو آسماني بڻايو ويو آهي، مساوي طور تي ڦٽو آهي. عيسائيت جي بڻ بڻياد متعلق بيو ڇا بہ چيو وڃي پر گهٽ ۾ گهٽ ان ڳالهہ تي ٻنهي پاسن ۾ يعني دوستن توڙي دشمنن ۾ چڱو خاصو اتفاق آهي تہ هي عظيم مذهب عيسيٰ نالي گليل جي رهندڙ ڪنهن هڪ خاص استاد جي شخصيت چوڌاري ايريو جنهن جي متعلق جيڪڏهن اسان ڪا ڳالهہ يقين سان ڄاڻون ٿا تہ اها گهٽ ۾ گهٽ هيءَ تہ هو عوامي ماڻهو هو، جنهن ڪي يروشلم ۾ پلاطس جي گورنريءَ هيٺ صليب تي ٽنگيو ويو هو. شروع ڪان ئي بهرحال هن اصلاح پسند متعلق هڪ ڪهاڻي ڪوڙي يا سچي (پر جنهنجي سچي يا ڪوڙي هجڻ جو اسانجي موجوده موضوع سان ڪو بہ واسطو نہ آهي) ڦهليل هئي. شروع شروع ۾ هن جي عزت سندس پنهنجي ئي نسل ۽ ذات جي پوئلڳن جي هڪ مختصر گروهہ تي ڪئي، جن جي ذهنن ۾ هو آهستي آهستي هڪ الاهي شخصيت جي روپ ۾ ايرڻ لڳو، جنهن متعلق



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عجيب ڪهاڻيون ٻڌايون وڃڻ لڳيون ۽ يوناني- رومي يونوچ تهذيب جي سمورن حصن ۾ هميشه وڌندڙ پوئلڳن جي هڪ گروپ طرفان هن جي هڪ عجيب تاريخ کي مڃيو وڃڻ لڳو. هنن ڪهاڻين مان اوائلي ترين، گهٽ امڪان آهي ته يقيناً اها آهي جنهن کي ان عقيدي جي بانين طرفان سڀ کان وڌيڪ اهميت ڏني وئي آهي: اها ڪهاڻي هن جي موت ۽ ان کان پوءِ جي واقعن تي مرڪوز ٿيل آهي. اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته يسوع مسيح کي صليب تي چاڙهيو ويو جتي هن جو موت واقع ٿيو ۽ پوءِ هن کي دفن ڪيو ويو پر ٽن ڏينهن جي پڄاڻيءَتي، جيڪڏهن اسان عيسائي عقيدي جي اوائلي دستاويزن کي کو مان ڏيون ٿا ته هن جو لاش سندس قبر مان غائب هو، جتي انکي هن جي دوستن رکيو هو ۽ ٻاهر اها خبر ڦهلي ته هو مري وڃڻ کان پوءِ وري زنده تي اٿيو آهي. مافوق الفطري پيغام پهچائيندڙن(فرشتن) هن جي ٻيهر زنده ٿي اٿڻ جو انهن عورتن کي ٻڌايو، جن هن سان محبت ڪئي هئي؛ هن کي سندس عقيدت مندن مان ڪنهن نه ڪنهن طرفان جن اجا هن جي ياد کي مان ڏنو پئي، ٿوري عرصي لاءِ جيئرو جاڳندو ڏٺو ويو. آخرڪار اهڙين ڪيترين ئي جهلڪين کان پوءِ هو پنهنجن پوئلڳن آڏو اوچتو ئي اوچتو مٿي آسمان ڏانهن کڄي ويو، جتي جيئن هڪ انجيل تصديق سان چئي ٿو، ”هن جي بهشت ۾ آجيان ڪئي وئي ۽ هو خدا جي سڄي هٿ تي ويهي رهيو“ يعني يهوه (Jahweh)، يهودين جو نسلي ديوتا/ خدا. هي ئي آهي اصلي عيسائي عقيدي جو مغز جيڪو اسان کي معجزي جي ڏنڊ ۾ چئن يا پنجن دستاويزن جي شڪل ۾ ڏنو ويو آهي، جن جي ڄمارشڪي ۽ صداقت غيريقيني آهي. هي مرڪزي خيال به پولس جي خطن ۾ مڪمل طور تي نه ٿو ظاهر ٿئي، جنهن کي سمورين عيسائي لکڻين مان وڌ ۾ وڌ قديم مڃيو وڃي ٿو.اهو خيال پنهنجي مڪمل صورت پوءِ جي انجيلن ۽ رسولن جي ڪمن ۾ اختيار ڪري ٿو. هنن تمام سادن ۽ شايد اوائلي ترين مخصوص تفصيلن ۾ اسان کي صرف هن جي موت ۽ وري جيئري تي اٿڻ بابت ٻڌايو ويو آهي. هن جي جيئري تي اٿڻ واري حقيقت جي ذميواري ڊگهي اڇي لباس پهريل هڪ نوجوان شخص جي مشڪوڪ شاهديءَ تي ٻيڌل آهي، جنهن کي ٻين مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عقيدت مندن طرفان بعد ۾ ڏنل جهلڪين (ظاهر آهي تہ بعد جي زماني ۾) سان ٽيڪ ڏني وئي آهي. هنن مختلف قسمن جي ڪهاڻين جي چوڌاري جيڪي اختلاف شور ڪري رهيا آهن، انهن سان خدا جي ارتقا ۾ هن وڏي بشرياتي کوج جو ڪو بہ واسطو نہ آهي. هتي اهو مڃڻ ئي اسان لاءِ ڪافي آهي، جيڪو حاضر ثبوت بہ شايد اسان کان اهو نتيجو ڪڍڻ جي گهر ٿو ڪري تہ ، عيسيٰ نالي هڪ حقيقي تاريخي شخص، هينئين شام ملڪ ۾ ضرور وجود رکيو ٿي ۽ اهو تہ هن جي شاگردن هن جي صليبجڻ کان ٿورو ئي پوءِ اهو مڃيو تہ هو مري وڃڻ کان پوءِ وري جيئرو ٿي اٿيو آهي ۽ پوءِ ٿوري ئي وقت ۾ مٿي بهشت ڏانهن پرواز ڪري ويو آهي. تمام اوائلي زماني کان پڻ وڏيڪ اها دعويٰ ڪئي ٿي وڃي تہ عيسيٰ ڪنهن غير فطري يا مافوق الفطري معنيٰ ۾'خدا جو پٽ' هو، يعني هڪ دفعو ٻيهر اهو چوڻ تہ يهوه جو پٽ، يهودي ماڻهن جي علائقائي ۽ قومي ديوتا جو پٽ. ٻين لفظن ۾ هن جي پوڄا انهن ماڻهن جي اوائلي تاريخي پوڄا سان ڳنڍي وئي جن جي وچ ۾ هو رهندو هو۽ جن مان هن جا پهريان شاگرد محدود نموني ايريا. اهو، جيئن اسان اڳتي هلي مڪمل نموني ڏسنداسين، هڪ انقلابي يا مڪمل طور تي تخريبي سرشتو نہ هو، ان پنهنجو پاڻ کي سامي برادريءَ جي عام تصورن تي بيهاريو هو. آڳرين تي ڳڻڻ جيترن يهودين ۽ گليلين، جن يسوع کي بطور هڪ الاهي شخصيت جي مڃيو ٿي، پنهنجن پهريان کان قائم ڪيل مذهبي خيالن کي ترڪ ڪري ڇڏڻ ضروري نہ سمجهيو. بلڪ هنن هن جي اڳئين وجود يعني يهوه جي هڪ حصي طورءِ نجات جي مقصد سان انساني جسم جي صورت اختيار ڪرڻ ۾ ايمان رکيو ٿي. ۽ جڏهن هن جو مذهب پاڙيسري ملڪن ۾ ڦهليو ( مکيہ طور تي تارس جي هڪ پال جي چالاڪيءَ سان ، جنهن هن کي ڪڏهن ڏٺو بہ نہ هو يا هن کي ڪنهن ڏنڌلي ڏيکاريءَ ۾ ڏٺو هو) تہ يهوه جو مذهب بہ ان سان گڏو گڏ اتي ويو، اهڙي طرح يهوديت تي ٻينل هڪ قسم جو بدليل عارفاڻو توحيدي مذهب نئين عالمي عيسائي چرچ جو شروعاتي مذهب/ مسلڪ بڻيو. مذهبن ۽ ڪليسائن جي بانين جي زندگين ۾ مشهوربين ڪهاڻين جيان، هن عيسائي رهنما جي زندگيءَ بابت بہ ٻيون ڪهاڻيون ڪر ڪٽڻ لڳيون يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيئن چئجي تہ هن جي شاگردن طرفان هڪ خاص قسم جي واقعن کي هن جي تاريخ جي حصي طور ٻڌايو وڃڻ لڳو. اهڙي صورتحال ۾ هڪ عورت طرفان انسانن جي عام رواجي حياتياتي عملن ذريعي هڪ خدا يا خدا جهڙي انسان کي ڄڻڻ هن جي شان ۾ گهٽتائي تي لڳي، شايد خداپڻي لاءِ هاجيڪار! تنهنڪري اها دعويٰ ڪئي وئي...... اسانکي خبر ناهي تہ آيا اها دعوي سچي هئي يا ڪوڙي، تہ عيسائيت جو باني- حضرت عيسيٰ هڪ ڪنواريءَ کي ڪنهن ازغيبي پيٽ ذريعي ڄائو. جيتوڻيڪ مختلف وقتن تي هن کي نصرت جي يوسف نالي هڪ ڊکڻ ۽ سندس مڱينديءَ مريم جو پٽ قرار ڏنو پئي ويو، پر هڪ ٻئي متبادل انداز ۾ هن کي يهودي خدا.... يهوه جو پٽ پڻ قرار ڏنو تي ويو، جيئن سڪندراعظم کي امن يا زئيس ـ آمان جو اولاد چيو ويندو هو، جيتوڻيڪ هو فلپ جو پٽ مشهور هو. هن تضاد کي گهٽ ڪرڻ لاءِ اسانکي ٻڌايو ٿو وڃي (يوسف جي هڪ خواب جي هلڪي سَند تي) تہ ڪيئن مريم جي پيٽ ۾ عيسيٰ، يهوه جي پاڪ روح ذريعي معجزانہ طور تي پيدا ٿيو. اڳتي هلي هن کي دائود جي گهراڻي مان جيڪو هڪ حقيقي يا ڏند ڪٿائي اوائلي يهودي بادشاهہ هو، هڪ بادشاهاڻو شجرو پڻ مهيا ڪيو ويو ۽ يهودي مقدس ڪتابن جون اڳڪٿيون، هن جي اڪثر باراڻين مهم جوئين ۾ پوريون ٿيندي ڏيکاريون وڃن ٿيون. سندس هڪ سوانح حيات ۾، جنهن کي عام طور تي پال جي ساٿيءَ لوقا ڏانهن منسوب ڪيو ويندو آهي پر ان ۾ بعد جي مصنفيت جا اهڃاڻ بہ ڏنا ويا آهن هن جي ٻالپڻي جي مهم جوئين جون ڪيتريون اهڙيون حيرت انگيز ڪهاڻيون ٻڌايل آهن ۽ اسانجن سمورن دستاويزن ۾ موجود معجزا هن جي مافوق الفطري طاقتن جو ثبوت فراهم ڪن ٿا، جڏهن تہ فرض ڪيل اڳڪٿين (جيڪي سموريون يهودي بڻ بڻياد واريون هيون) جي پوري ٿيڻ کي هن جي الاهي مشن جي حقيقي هجڻ لاءِ هڪ آزمائش ۽ تصديق طور پيش ڪرڻ جي مستقل اپيل ڪئي وڃي ٿي. اسان هاڻي ڪانپوءِ اهو ڏسنداسين تہ هي بہ نڪتا- هڪ ڏندڪٿا يا ڪهاڻيءَ جي آهستي آهستي واڌ ۽ ٻيو پاڻ کان اڳلن مقامي مذهبي تصورن سان ان جو لاڳاپيل هجڻ خدائن جي ارتقا ۾ عام طور ۽ وحدانيت جي هڪ خدا جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ارتقا ۾ خاص طور عام خاصيتون آهن. تقريباً هر مثال ۾، جنهن ۾ اسان هن جو سَندس عروج تائين پڪ سان تعاقب ڪري سگهون ٿا، ديوتا (Deity) يا خدا هميشہ هڪ ديوتا بڻايل انسان سان شروعات ڪري ٿو جنهن ڪي سندس پوڄاري ديوتائي رتبي تائين مٿي چاڙهي ڇڏن ٿا ۽ ڪيس اڪثر اڻ وجود رکندڙ ديوتائن جي شخصيت سان ڳنڍيل هڪ معجزاتي واقعي جي تاريخ مهيا ڪري ڏين ٿا. شروعاتي مُرحلن ۾ اها ڳالهه صاف نظر اچي ٿي تہ نئين اسرندڙ عيسائيت جا يهوديت سان لاڳاپا اڻچٽا ۽ غيرواضح هئا. عيسائين پاڻ کي يهودين جو صرف هڪ فرقو ليکيو ٿي جن هڪ خاص مري ويل استاد جنهن کي خاص طور تي خدا قرار ڏيندي خاص تعظيم ڏني ٿي ۽ جنهن ڪان تڏهن جو هر ماڻهو واقف هو ۽ جنهن کي مٿي بهشت ڏانهن اماڻيو ويو هو پر جيئن عيسائي چرچ عظيم بندرگاهن معرفت بين زمينن ڏانهن ڦهليو، اهو هڪ طرف وڌيڪ چٽو ۽ الڳ تلڳ ٿي ويو جڏهن تہ ٻئي طرف اهو وڌيڪ باقاعده ڪٽر ۽ مذهبي بڻجي ويو. ائين لڳي ٿو تہ عيسائي ديومالا پنهنجو پهريون باقاعده ٽن خدائن وارو روپ مصر ۾ اختيار ڪيو. تثليث يا خدائن جي ٽڪاڻ (Trinities) لاءِ پراڻي مصري محبت جي اثر هيٺ آخرڪار يهودي يهوه، انسان عيسيٰ ۽ پاڪ روح يا يهوه جي ڏاهپ کي ملائي هڪ قسم جو عارفاڻو هڪ ۾ ٽي يا خدائن جي ٽڪاڻ ڪٽي ڪئي وئي. اوسيرس، اِسس ۽ هورس جي مشهور مصري تثليث، عيسائي تثليث جيڪا آخر ڪار پيءُ، پٽ ۽ پاڪ روح جي نهيل آهي، تي ڪيترو اثر ڪيو هوندو ان تي اسان بعد ۾ بحث ڪنداسين. في الحال ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪرڻ ڪافي آهي تہ يوناني ـــ مذ ي اٿينيسيس، مخالفت ڪندڙ (ڪافر؟) عيسائي دانشورن جي ابتڙ ٽن خدائن واري باقاعده عقيدي جو وڏي ۾ وڏو پرچارڪ هو ۽ اهو تہ هن جي نالي سان سجاتي ويندڙ حمد تي عارفاڻي مصري جوش جي ڇاپ لڳل آهي ۽ جيڪو فلسفياڻہ امتياز جي تزپٽي ۽ باريڪيءَ ۾ سڪندراعظم جي يوناني مسرت سان نرم ڪيل آهي. هن سلسلي ۾ پڻ اسان اڳتي هلي اهو مشاهدو ڪنداسين تہ مذهب ۾ وڌ ۾ وڌ ڄاتل مذهب يعني عيسائيت جي تاريخ پاڻ کان اڳلن ۽ وڌيڪ اونداهن مذهبن جي تاريخ سان هوبهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملندڙ جلندڙ آهي. سڀ کان پهريان اهو تہ خدائن جا هڪٻئي سان تعلقات اڻ چٽا ۽ نامعلوم آهن، سندن شجره نسب اڪثر منجهيل ۽ ڪڏهن تہ متضاد آهي ۽ سندن ديومالا موروثي سرشتي يا ماڻهن جي غلاميءَ جهڙي شيءِ کان وانجهيل آهي پرجيئن وقت گذريو، دين يا ڏندڪٿا جا سوال پادرين ۾ بين دلچسپي رکندڙ گروهن ۾ بحث هيٺ آيا: هن قسم جا تفصيلات سخت عقيدن جي روپ ۾ طئي ڪيا ويا. جڏهن تہ فلسفياڻن يا مابعدالطبيعاتي قسم جي باريڪ تفاوتن کي وڌيڪ مهذب ماڻهن طرفان قديم ڪچي عقيدي ۾ داخل ڪيو ويو. اهو گهٽي قدر يهوده ملڪ نہ پر بين ملڪن ، خاص ڪري گال ، روم ۽ مصر ۾ ٿيو جو تمثيل تصوف جي مدد ڪئي: اهڙيءَ طرح صليب جو نشان، تائو (ٽي وانگر ڪراس)، لبارم (هڪ تمثيلي بئنر )، الفا، اوميگا ۽ ٻيا سمورا اوائلي عيسائي نشان ڦٽا ۽ مڪمل ٿيا ۽ عيسائي فن جي آغازن پنهنجا شروعاتي باقاعده روپ اختيار ڪيا. عيسائيت جيڪو هڪ عالمگير مذهب هو، نہ ڪہ هڪ علائقائي يا قومي مذهب ، پنهنجي واڌ ويجهہ جي سفر ۾ تمام گهڻن مختلف ذريعن کان ڪيتريون ئي مختلف شيون حاصل ڪيون. ائين لڳندو تہ اصل ۾ عيسائي ديومالا گهٽي پاڱي رڳو ٽن خدائن يعني ٽن شخصن سان پريل آهي پر تمام اوائلي زماني کان ، جيڪڏهن عيسائي عقيدي جي پهرين پاڪ ٽِنڊَ کان وٺي نہ، اها ڳالهہ روايتي هئي تہ انهن ماڻهن جي باقيات کي عزت ڏجي جن عيسائي عقيدي لاءِ ايذاءَ سَٺا ۽ حضرت عيسيٰ ۽ سندس پيءُ خدا سان گڏ سندن مدد کي پڻ شايد ٻاڏائجي.

چرچ جي رومن شاخ، جيڪا بزرگن ۽ دائي مئنس جي رومي پوڄا تي خاص طور هريل هئي، پنهنجي عبادت جون مکيہ جڳهون کهفن يا زير زمين قبرستانن (Catacombs) ۾ قائم ڪيون، جتي انهن جا بزرگ دفن ٿيل هئا . اهڙي طرح اتان ئي ولين کان دعا گهرڻ جو رواج پيو، جن جي مقبرن يا تبرڪن تي برتر ديوتا ۽ خود ايماندار مري ويلن کي بطور يسوع مسيح ۽ پاڪ پيءُ کي سفارش ڪندڙن جي پوڄا پيش ڪئي وڃڻ لڳي.

اوائلي عيسائي جيڪي پنهنجي گهڻ خدائي منزل ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن مري ويل دوستن جي روحن کي پوڄڻ جا عادي هئا. نئين مذهب اختيار ڪرڻ کان پوءِ فوري طور تي ان پاڪ رواج کي ترڪ نه تي ڪري سگهيا. ۽ تنهنڪري هنن ان رسم کي پنهنجي نئين اختيار ڪيل مذهب مٿان ٿاڦي ڇڏيو. اهڙي طرح عيسائيت جا ذيلي پايو وجهندڙ ـــ پولس، پطرس، رسول، انجيل لکندڙ، شهيد، اعترافِ گناهه ٻڌندڙ پادري ديوتائن جي هڪ هيناهين ٿولي جي طور تي سڃاتا وڃڻ لڳا.

نئين عقيدي جي معتبر شخصيتن منجهان، يسوع مسيح جي والده کي شروع ۾ ئي هڪ اهميت حاصل هئي. پراڻن مذهبن جي پوڄا پاٺ واري روح جو گهڻو حصو ديوين (Godesses) پريو آهي، ان ڪري اها ڳالهه فطري هئي ته ايسس ۽ پشت جا پوڄاري، ارتميس ۽ ايفرو ڊائيٽ جا پوڄاري، هن نئين مذهب ۾ پوڄا جي ڪنهن عورتاڻي شيءِ لاءِ واجهائن. ٿيوٽوڪوس خدا جي ماءُ، رحمت هيٺ آيل مريم عيسائي عبادت ۾ هڪ عملي اهميت اختيار ڪرڻ لڳي. جيڪا خود ٽن خدائن (Trinity) جي اهميت کان مشڪل سان ڪا گهٽ هئي. بلڪ ڪن ڏاکڻن ملڪن ۾ ته اها انهن جي پوڄا کان به وڌيڪ متاهين هئي. تصويري شڪل ۾ ڪنواري ۽ ٻار عيسائي فن جو پسنديده موضوع بڻجڻ لڳا. عيسائي مذهب جي هن مخصوص نشوونما کي مصر ۾ ڪيترو ٻڻ ٻنياد هو ۽ اهو ڪيتري حد تائين جهولي ۾ پنهنجي ٻار هورس سان ديوي ايسس جي جڳ مشهور مصري مورتين سان ڳنڍيل هو، هڪ اهڙو سوال آهي جيڪو هاڻي کان پوءِ پاڻ ڏانهن ڌيان ڇڪائيندو. حال في الحال هن حقيقت ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ ضروري آهي ته ديوتائن، اڌ خدائن، ولين ۽ شهيدن جي هن ٻئي ڏڙي ۾ سڀ جو سڀ هڪ يا ٻئي زماني ۾ جيئرا جاڳندا مرد ۽ عورتون هئا. ٻين لفظن ۾، هڪ خدا ٻڻايل انسان_عيسيٰ ڪانسواءِ، جنهن جي چوڌاري عيسائيت جو سمورو سرشتو ڦري ٿو، چرچ هاڻي ٻئي درجي تي ننڍن مٿل مردن ۽ عورتن، بشپس، پادرين، ڪنوارين ۽ اعترافِ گناهه ٻڌندڙ پادرين جي هڪ سڄي ٿولي جي پوڄا ڪري ٿو. اهڙي طرح چرچ جي اوائلي زمانن کان هاڻوڪي دور تائين ان جي طريقت ۾ ايتري وقت کان متعارف ڪرايل مونجهارو هر پيڙهيءَ سان وڌندو ئي رهيو آهي. عيسائيت جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شروع ڪان ئي هڪ نالي ماتر وحداني مذهب هو، پنهنجي پهرين ابتدا ۾ ئي گهڻي ڀاڱي پنهنجي سخت وحدانيت، خدا جي مٿي ۾ ٽن شخصيتن جي وجود کي تسليم ڪندي ترڪ ڪري ڇڏي. اهو انهن ننهي خدائن کي عارفاڻي نموني پر اعترافاً نہ سمجهہ ۾ اينڊڙ اٿينيسين عقيدي ذريعي هڪ ٻئي سان ملائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪري ٿو. مريم (ٻار سان گڏ) وقت گذرڻ سان عملي طور هڪ آزاد ديويءَ جي رتبي تائين اُسري وئي (مخفي ڪئٿولڪ نظرئي ڪانسواءِ ٻين سيني عيسائي نظرين ۾).

جڏهن تہ سينٽ سيبسطين، سينٽ جارج، سينٽ جان بپٽسٽ، سينٽ ڪيٿرائن ۽ حتاڪ ڪئنٽربري جو سينٽ ٿامس خود، ڪن هنڌن تي پوڄا جا ايترائي اهم اسم بڻجي ويا، جيترو خدا بذات خود! جيئن هر پيڙهيءَ ۾ وڏيڪ ولي مرندا ويا، جڏهن تہ پراڻن ولين جو مسلڪ هر هنڌ ٿورو يا گهڻو علائقائي سطح تي قائم رهيو، ٻئي درجي جي ديو مالا وڏيڪ پرجندي وئي. سينٽ ڪرسپن، سينٽ ڪاسمس، سينٽ چاڊ ۽ سينٽ ڪيٿبرٽ، جهڙيون اونداهيون شخصيتون پراڻن مذهبن جي شعبہ جاتي ۽ علائقائي ديوتائن جيان شعبہ جاتي يا علائقائي رکوالن جي مقام تائين ايري ويون.

هر ڌنڌي، هر پيشوراڻي انجمن، هر قوم، هر پرڳڻي کي پنهنجو خاص ولي هوءِ ساڳئي وقت چرچ جي نظرئي ۾ هڪ مسلسل ارتقا ٿيندي رهي . عقيدن مٿان عقيدي جو اضافو ٿيندو رهيو: رسولن جي عقيدي، نائسين جي عقيدي، اٿينيشين عقيدي وغيره هر ڪنهن مجيل عقيدي جي سموري مواد ۾ هڪ نئون ۽ اڪثر ڪري باريڪ اضافو ٿي ڪيو. ايمان جي جُزن ۾ ڪائونسل پنيان ڪائونسل نوان اضافا ڪيا........ يونٽي آف سبسٽنس، دي ڊوڪٽرائن آف اٽونمينٽ، دي اميڪيو ليٽ ڪنسيپشن، دي اٿارٽي آف چرچ پنهنجي روحاني مرتبي ۾ دي انفيليبلٽي آف دي پوپ ۽ هي سڀ پڻ هر نئين ڦٽندڙ مذهب لاءِ جاتل سڃاتل واقعا هوندا آهن يعني الاهي هستين جي تعداد ۾ مسلسل اضافو، مذهب جي جُزن ۾ پادراڻي يا دانشوراڻي مابعد الطبعيا ت جي اثر هيٺ لڳاتار سڌارو.

عيسائيت جنهن کي مذهب جي هڪ ڪسوٽي قرار ڏنو ٿو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وجي، جي ارتقا جي هن تڪڙي جائزي ۾ اجا وڌيڪ ٻن يا ٽن نڪتن کي نوٽ ڪرڻ گهرجي. مذهب جي تقريباتي ۽ ڪجھ ٻين اهم اضافي شين جي معاملي ۾ اها ڳالھ ڪلي دل سان قبول ڪرڻي پوندي تہ عيسائيت بجاءِ پنهنجي طور تي هڪ فطري ۽ اصلي اوسر ڪرڻ جي، پراڻن مذهبن ڪان شيون اڌاريون ورتيون. پادرشاهيءَ (Priesthood) اوائلي عيسائيت جو ڪوئي اٽوٽ يا ضروري حصو نہ تي جوڙيو ۽ جڏهن مهاپادرين، پادرين ۽ ننڍن پادرين جا حڪم هن نئين عقيدي ۾ متعارف ڪرايا ويا تہ اهو خيال لڳي ٿو تہ اڳلن مذهبن ۾ موجود پادرشاهيءَ ڪان ورتو ويو هو، نہ ڪہ انکي نئين عقيدي جي مرڪزي حقيقتن سان ڪو جسماني رشتو هو. حالتن جي سياءَ مان ائين تہ لازمي طور ٿيٺو هو چو تہ اوائلي مندر (جيئن اسان بعد ۾ ڏسنداسين) مثل ماٺهوءَ جو مقبرو هوندو هو، قربانگاه هن قبر جو پٿر هوندو هو ۽ پادري مثل ماٺهوءَ جو رشتيدار يا نمائندو هوندو هو، جيڪو ان قبر تي ان جي روح آڏو روائتي تحفا پهچائيندو رهندوهو. پر عيسيٰ جو معاملو رڪارڊ تي موجود ڪنهن بہ ٻئي خدا ٻثايل ماٺهوءَ جي معاملي ڪان هن اعتبار ڪان مختلف آهي تہ هن جو جسدخاڪي، ( مرڻ ڪان ) ستت ئي پوءِ غائب تي ويو ۽ جيترو گهٺو هن جي وري جيئري ٿي اٿڻ ۽ مٿي بهشت ڏانهن پرواز ڪري وڃڻ جي معاملي کي هن نئين مذهب جو بنياد ٻثايو ويو، اها ڳالھ ناممڪن ٻڻجي وئي تہ هن جي باقيات جي پوڄا اها ساڳي شڪل اختيار ڪري سگهي ها ، جيئن ان لڳ ڀڳ سمورن اڳلن ديوتا ٻثايل مثل ماٺهن جي حالت ۾ ڪئي. اهڙي طرح اهو مواد جنهن مان عام طور مندر، قربانگاه، قربانيون ۽ پادرائپ ڦٽندا آهن، هن مذهب مان گهڻي قدر غائب هو ۽ انکي ان جي سخت ضرورت هئي.

پوءِ بہ بهرحال ڪنهن بہ مذهب لاءِ ان کي مڃيندڙ ماٺهن جي ذهنن ۾، اهي سموريون رعبدار ۽ حسب معمول اضافي شيون ايترو ضروري ليکيون وڃن ٿيون جو اسان جو نئون مذهب (عيسائيت) پاڻ ڪان اڳ گذري ويل عظيم مذهبن ڪان اهي شيون تيار حالت ۾ اُڌاريون وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو ۽ انهن جو پنهنجي نظام سان هڪ قسم جو هٿراڌورشتو جوڙڻ لڳو. توهان هڪ ڏک سان انساني ذهن ۾ انقلاب نہ ٿا آڻي سگهو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهڻ خدائي عقيدي وارا ماڻهو (غيراهل ڪتاب ماڻهو) هنن سمورن خيالن سان هريل مريل هئا چو تہ هو انهن کي پنهنجيءَ مذهب جو اٽوٽ حصو سمجهن پيا ۽ اهي ماڻهو جڏهن عيسائي بڻيا تہ هنن انهن خيالن کي نئين مذهب ۾ ضمني مسئلن طور جڳهہ وٺي ڏني، جنهن ۾ هونئن انهن کي ڪا بہ اهڙي فطري جڳهہ حاصل ٿيل نہ هئي، جيئن پراڻن مذهبن ۾ نہ رڳو مقدس جڳهون ولين جي شهادتن وارن هنڌن تي ڪڙيون ڪيون ويون ، نہ رڳو ڪهفن ۽ اهڙن بين هنڌن ۾ پوريل مقدس مئلن جي هڏين پرسان پوڄا ڪئي وڃڻ لڳي پر دعا (Mass) ۾ هڪ قسم جي قرباني ۽ قربانيءَ واري عشاءِ رباني پڻ ايجاد ڪيا ويا جيڪي غالباً قديم عيسائين جي غيرملاپرست ڪليل دعوتن مان ڪجهہ قدر هڪ مصنوعي پيداوار هئا. آهستي آهستي چرچ شهيد ٿيل ولين جي نشانين جي چوڌاري اڏجڻ لڳا ۽ وقت گذرڻ سان اهو ڪم ڪار جو هڪ اصول ٿي ويو تہ هر چرچ لازمي طور هڪ قربانگاهہ رکي، جيڪو قديم مقدس پٿرن جي مماثلت تي پٿرن جو ٺهيل هجي ۽ ان ۾ اڳلن سمورن مقبرن جيان هڪ وليءَ جا هڏا يا بيون نشانيون ضرور هجن؛ ان کي قديم رسم رواج مطابق تيل اوتي مقدس بڻايو وڃيءَ ۽ اجتماع جي قربانيءَ جي جشن لاءِ وقف ڪيو وڃي ، جيڪو ڪردار ۾ وڌ ۾ وڌ ڪفارو ادا ڪندڙ ۽ مُلاپرست بڻبو ويو. جيئن ولين جي اهميت وڌي وئي انهن جي قبرن جي چوڌاري نيون مقدس جڳهون اسريون ۽ انهن مقدس جڳهن مان ڪي، جتي انهن جا مقبرا هئا، عيسائيت جي دور درازعلائقن لاءِ حج/ زيارت جا مرڪز بڻجي ويون جيئن خود عيسيٰ جو خالي مقبرو_ يروشلم جو مقدس مقبرو بہ خاص طور تي زيارت جو مرڪز بڻيو. پادرشاهيءَ جي اوسر عام طور تي تقريبات جي اوسر ساڻ گڏو گڏ ٿي، تان جو آخرڪار ان جو توڙ قرون وسطٰ جي پاپائيت تي ٿيو، جنهن ڪارڊينلس، آرڪ بشپس، بشپس، پادرين ۽ بين اٽڪٽ عملدارن جي هڪ موروثيت پيدا ڪئي. مذهبي پوشاڪن، خوشبودار دونهن ۽ ملاپرستيءَ جون اهڙيون بيون لاڳاپيل تقريبون پڻ تيزيءَ سان وڌيون . هي سڀ ڪجهہ پڻ هرهنڌ اعليٰ مذهبي ارتقا جي هڪ عام امتيازي وصف آهي . ساڳي طرح روزا، شب بيداري ۽ وجداني ڪيفيت بہ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. پر ترڪ دنيا، رهبانيت پرستي، غير شادي شده رهڻ ۽ غيرصحتمندانہ عياشيءَ کان پرهيز جا ٻيا روپ، خاص طور تي اوڀر ۾ عام آهن ۽ انهن ڪيفيتن پنهنجو اعليٰ اظهار ، شامي ۽ مصري تارڪ الدنيا ماڻهن جي زندگيءَ ۾ ڏٺو.

آخر ۾ هلندي هلندي ڪجهہ لفظ مقدس ڪتابن جي ترقي ۽ اوسر لاءِ بہ ضرور وقف ڪرڻ گهرجن، جن کي هاڻي اتر_ اولهہ عيسائيت ۾ حد کان وڌيڪ عزت ڏني پئي وڃي.انهن ڪتابن ۾ پهريان حضرت عيسيٰ جي حوارين جا مختلف علائقائي چرچن ڏانهن لکيل سچا يا ڪوڙا خط هئا ( نام نهاد مڪتوب نامہ) جن مان بيشڪ کي وڏي عزت واحترام سان سانديا ويا ۽ پوءِ عيسيٰ ۽ هن جي فوري پوئيئرن جي زندگين يا ڪهاڻين جي تفصيل ( نام نهاد انجيل ۽ رسولن جا ڪم ) کان علاوه جيئن تہ عيسائيت پنهنجي سڀ کان اعليٰ مقدس هستي_ خدا جو تصور يهوديت کان ورتو هو، جنهن کي هاڻي وڌيڪ يهوه، يهودين جي قومي ديوتا/ خدا جي طور تي نہ پر هڪ عالمگير آفاقي خدا ۽ پيءُ جي طور تي تصور ڪيو پئي ويو: ان ڪري اها ڳالهہ فطري هئي تہ يهودي ماڻهن جا مقدس ڪتاب، يهوه جي عبادت جو ادب، نئين پادري شاهيءَ جو پاڻ ڏانهن چڱو خاصو ڌيان ڇڪائن . چونڊ ۽ اخراج جي هڪ بتدريج عمل ذريعي، صحيفي جي شريعت هھڙي مختلف مواد مان ڦٽي: تاريخي يا نيم تاريخي ۽ پيشن گوئيانہ يهودي ٽڪرا، پوءِ جي زماني جي ڪجهہ واڌارن سان جيئن ڊينيئل جو ڪتاب، چرچ طرفان پراڻي عهدنامي (Old Testament) جي طرز ۽ عنوان هيٺ اختيار ڪيا ويا. وڌيڪ عام طور تي قبول پيل عيسيٰ جي زندگيءَ جي قصن کي انجيلن (Evangels) جي نالي سان جاتو تہ وڃي: رسولن جا ڪم ، چرچن ڏانهن خط ۽ نيرونين ايذاءَ رسانيءَ جو اهو عجيب عارفاڻو نقل جنهن کي قيامت سڏيو تہ وڃي، هي سڀ اوائلي عيسائي ادب جي ڪوڙ مان اُتساهيل لکڻين جي تصديق شده مجموعي ناهڻ لاءِ جنهن کي اسان ”نئون عهد نامو“ يا انجيل سڏيون ٿا، چونڊيا ويا.

مختلف ليڪن جون لکڻيون رکندڙ هنن ڪتابن جي اهميت، جيڪي سمورن زمانن ۽ نظامن سان واسطو رکندڙ هئا ۽ جن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتابن يا اجا وڌيڪ ويجهڙائيءَ ۾ هڪ واحد اسم ’بائيبل‘ جي نالي هيٺ عوامي چاهت لاءِ هڪبئي سان گڏ مڏ ڪري ملايو ويو آهي، چرچ جي واڌ سان گڏو گڏ وڌندي رهي؛ جيتوڻيڪ انهن جي محض لفظي مواد جي انتها پسند ۽ وهمي پوڄا عيسائيت جي رڳو هيچ ۽ رجعت پسند شڪلين ۾ ئي ملي ٿي، جنهن جي نمائندگي اڄ اسان جا اڏيڙهيل انگريزي ۽ آمريڪي پروٽيسٽنٽ اختلاف رکندڙ ڪن ٿا.

عيسائي مذهب جي بطور هڪ سرشتي جي اوسر ۾ هڪبئي سان ڏلي نموني سبيل تمام ضروري جُزن جي هن تمام مختصر جائزي ڪان وني اسان جي هاٺوڪي چڪاس جي گهرجن تائين، اها ڳالهه هر ذهين پڙهندڙ آڏو هڪدم واضح ٿي ويندي ته عيسائيت، خدا جي تصور جي ارتقا جي مسئلي تي ڪنهن به قسم جي سڌي يا اٽسڌي روشني غالباً نه ٿي وجهي سگهي. نه رڳو هڪ خدا ۽ گهڻن خدائن جو تصور عيسائيت جي ڦٽڻ ڪان اڳ ۾ مڪمل طرح تي موجود هو پر هڪ واحد عظيم خدا، سيني شين جي خالق ۽ رکوالي جو هڪ خالص وحداني تصور پنهنجي سموري بهترين سادگيءَ سان عيسيٰ نالي ڪنهن شخص جي پيدائش ڪان ڪئين صديون اڳ يهودي استادن طرفان پيش ڪيو ويو هو. عيسائيت هي عاليشان تصور يهوديت ڪان اڌارو ورتوءِ انسان طور ڳالهائيندي، ان تصور ۾ پٽ ۽ پاڪ روح جو اضافو ڪري ان کي گندو ڪرڻ شروع ڪيو، جيڪي عظيم يهودي تخيل جي مڪمل اڪائيءَ کي بگاڙن ٿا. حتاڪ يهوديت ڪان ٻاهر هوبهو ساڳيو تصور هڪ خاص عارفاڻي روپ ۾ مصري پادري شاهيءَ جي مخفي اصول جي طور تي اڳ ۾ ئي حاصل ڪيو ويو هو، جنهن مان نجاتن ۽ ٽنِ جي جوڙ جي متعلق مصرين جي خاص خيالن سميت ٽن خدائن، خدا جي ڪلام جو يسوع ميسح جي صورت ۾ انسان جو روپ اختيار ڪرڻ ۽ پاڪ روح جا عيسائي عقيدا اڌارا ورتا ويا.

اليگزينڊريا جا يهودي، مصري گهڻ خدائي عقيدي، يوناني فلسفي ۽ ابتدائي عيسائيت وچ ۾ ڳنڍيندڙ ڪڙي هئا ۽ انهن جا اڌ فلسفياڻ ۽ اڌ مذهبي خيال، نئين چرچ جي پهرين لکڻين ۽ پهرين سلسليوار سوچ ۾ تحليل ٿيندي ڏسي سگهجن ٿا. تنهنڪري هنن طريقن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ڪنهن بہ طريقي ۾ اسان عيسائيت لاءِ اهو چئي نہ ٿا سگهون تہ اها گهٽڻ خدائن ۽ هڪ خالق خدا جي تصورن جي ارتقا ۽ بڻ بڻياد لاءِ اسان جي ڳولها ۾ اسان کي ڪا سڌي يا فوري رهنمائي مهيا ڪري ڏئي ٿي . پوءِ بہ هڪ خاص ثانوي ۽ چٽي ڪنڊڙ معنيٰ ۾ مان سمجهان ٿو تہ اسان اهو چوڻ ۾ مڪمل طور تي حق بجانب آهيون تہ عيسائيت، جيڪو هڪ اهڙو مذهب آهي جنهن جي شروعاتن جي اسان کي وڏ ۾ وڏ يقين سان خبر آهي، جي تاريخ دنيا جي ٻين سمورن مذهبن لاءِ حوالي جو هڪ معيار جوڙي ٿي . هن سلسلي ۾ ان جو قدر تمام سٺي نموني سمجهيو ويندو جيڪڏهن مان ٻن متضاد بيانن ۾ انهن نڪتن ڏانهن مختصر اشارو ڪريان جن ۾ ان کي بطور هڪ مثالي مذهب جي سٺي نموني قبول ڪري سگهجي ٿو يا نہ ٿو ڪري سگهجي.

اسان کي پهريان انهن نڪتن کان شروعات ڪرڻ کپي، جن ۾ ان کي هڪ مثالي مذهب طور قبول ڪري سگهجي ٿو . پهرين ڳالهہ هيءَ تہ عيسائيت هن حقيقت ۾ مڪمل طور تي مثالي آهي تہ ڪنهن بہ شڪ شبهي کان مٿي، ان جي وڏ ۾ وڏ مرڪزي الاهي شخصيت شروع ۾ هڪ مخصوص خدا ٻڌايل انسان کان علاوه ٻي ڪا بہ نہ هئي. هن مخصوص ماڻهوءَ بابت ٻيو جيڪو ڪجهہ بہ چيو ويو آهي ..... تہ هو خدا جو پٽ آهي، تہ هو خدا جو انساني روپ آهي، تہ هن سموري ابديت کان اڳ ئي وجود رکيو ٿي، تہ هو هاڻي خدا ( پيءُ) جي سڄي هٿ تي ويٺو آهي، هي ٻيون سموريون مذهبي ڪهاڻيون هن سادي ۽ عالمگير طور مڃيل حقيقت کي لڪائڻ لاءِ ڪجهہ بہ نٿيون ڪري سگهن تہ هي الاهي ماڻهو، خدا پنهنجي پيءُ سان هڪ جسم، سمورين دنيائن کان اڳ ۾ پيءُ جو پيدا ڪيل ، ان گهڙيءَ جڏهن اسان سندس پوئلڳن جي لڪٽين ۾ هن جي پهرين جهلڪ ڏسون ٿا تہ هو هڪ انسان آهي، جيڪو تازو ئي فوت ٿي چڪو آهي، جنهن جي ساٿي هارين جي هڪ ننڍڙي ٽولي طرفان عزت ۽ شايد پوڃا ڪئي وئي، جن هن کي ڪنهن سمي عيسيٰ، ڊڪڻ جي پٽ جي طور تي ڄاتو ٿي. يسوع ۽ هن جا ولي ڊومينڪ، فرانسس، ڪئٿرائن آف سينا، محض لفظي ڏندڪٿائون ، مجازي تصور، سچ، پره ڦٽي يا طوفاني ڪڪرن جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انساني شڪليون نہ آهن. في الحال عقيدي جي اسان جي حد مان پراڻي اعليٰ خدا، يهودينَ جي يهوه جو هڪ جزو پري ڪندي ، جنهن ڪي عيسائيت اوائلي يهودي مذهب مان اڌارو ورتو، اسان گهٽ ۾ گهٽ ايترو يقين سان چئي سگهون ٿا تہ عيسائي ديومالا جو هر واحد رڪن۔ يسوع مسيح، مريم، سينٽ جان بئپٽسٽ، سينٽ پيٽر، رسول، انجيل لکندڙ ايترا ئي مري ويل مرد يا عورتون هئا جيترا سان ڪارلو بوروميو يا سينٽ ٿامس آف ڪئنٽربري يا سينٽ ٿيريسا هئا، جن جي مري وڃڻ ڪان پوءِ الاهي يانيم الاهي عزتن سان سندن پوڄا ڪئي ٿي وئي. سمورن انساني مذهبن مان هن وڌ ۾ وڌ ڄاتل مذهب ۾ جيڪو تاريخ جي مڪمل اک آڏو پروان چڙهيو، جنهن جا خدا ۽ ولي وڌ ۾ وڌ چٽي نموني پتو لڳائڻ لائق آهن، جنهن جي پوڄا جي هر شيءِ واحد اوائلي ۽ اڄا تائين حل نہ ٿيل يهودي مذهب جي ديوتا ڪانسواءِ جنهن جو بڻ بنياد زمانن ۾ اسان لاءِ وڃائجي چڪو آهي، کوج لڳائڻ تي آخري چند ڇاڻ ۾ هڪ حقيقي مرد يا حقيقي عورت ثابت ٿئي ٿي. هن واحد نڪتي کي ئي مان زبردست اهميت وارو سمجهان ٿو ۽ اوائلي جڳن ۾ هڪ خدا جي تصور جي بڻ بنياد کي ڳولڻ لاءِ زبردست يا لڳ ڀڳ بي حد چٽي اهميت وارو سمجهان ٿو.

بئي هنڌ عيسائيت ، پنهنجي ارتقا جي بعد جي سفر ۾ مڪمل طور تي مثالي آهي.ان جي مرڪزي عزت ماٽيلِ ماڻهوءَ جي عظيم ترين قوت ۽ طاقت واري خدا طور ڏيري ڏيري ترقي، بين مري ويل مردن ۽ عورتن جي پوڄا يا عقيدت ذريعي ثانوي ديوتائن يا ولين جي واڌ، الاهي شخصيتن جي بتدريج ۽ مڪمل طور تي زبردست موروثيت جي واڌ، پنهنجن معجزن سميت هڪ قصي جو اُڀرڻ، هڪ مخصوص دينيات، فلاسافي ۽ سلسليوار عقيدن جو نهڻ ، خصوصي فني صورتن جي اُوسر ۽ ان سان نهڪندڙ رمزيت جي واڌ يا ان کي اپنائڻ، مقدس ڪتابن، رسمن ۽ مذهبي طور طريقن جي پيداوار: تقريبن، اسرارن، باظابطہ شموليتن ۽ عشائي رباني جو اُڀرڻ، تبرڪن، مقدس هنڌن، مقبرن ۽ لاشن جي تعظيم ۽ مذهب جو بحيثيت مجموعي، موت، روح، جن، آتما، جسم جي ٻيهر جيئري ٿي پوڻ، آخري فيصلي ، دوزخ، بهشت امرزندگي ۽ تصورن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بئي سموري وشال ٿولي سان ويجهڙو واسطو جيڪي قديم انساني ذهن ۾ عمومي طور تي موت جي سادي حقيقت کي گهيريون وينا آهن. هاڻي بئي پاسي اسان کي اهو ڏسڻ گهرجي تہ عيسائيت هڪ مخصوص ٿوري حد تائين ڪيئن مثالي مذهب نہ آهي. اهو مثالي نہ آهي جو تہ اهو هڪ اڳوات وجود رکندڙ مذهب کان گهٽي پاڳي هڪ سڄي تيار حالت ۾ دينيات ۾ سڀ کان مٿي هڪ واحد عظيم خدا اڏارو وني ٿو. جيستائين اهو بين مذهبن کان کي ننڍڙيون خصوصيتون وني ٿو، اسان مشڪل سان اهو سچ سان چئي سگهون ٿا تہ اهو مذهبي سرشتن جي سراسري قسم کي نہ ٿو ظاهر ڪري، جو تہ تقريباً هر مخصوص نئون عقيدو پاڻ کي پاڻ کان اجا اڳلن عقيدن مٿان بيهاريندو آهي ۽ اج اسان لاءِ شايد اها ڳالهہ ناممڪن آهي تہ مذهب جي هڪ واقعي ۾ قديم يا اصلي صورت جهڙي ڪنهن شيءِ تائين پهچي سگهون . پر عيسائيت بيشڪ سمورن قديم مذهبن کان پري بيني آهي ، ان لحاظ کان تہ اها وحدانيت جو تصور، جيڪو مذهبي فلسفي جو اوچو سڃاڻپ جو نشان آهي، اڳوات تيار حالت ۾ قبول ڪري ٿي . جڏهن تہ جنهن صاف دليءَ سان اها اسان آڏو اهو ظاهر ڪري ٿي، جيڪو عملي طور ان جي عظيم خدا جو هڪ اڌ آهي يعني گليل جو هڪ هاري انسان جنهن کي بعد ۾ ديوتا ۽ آسماني بڻايو ويو، ان طرح سان اها اسان کي هڪ وک سان ديوتا جي اصليت تائين پهچڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿي. پوءِ بہ بهرحال جنهن طاقت سان اها پنهنجي عظيم ديوتا ( پيءُ ۽ سندس غيرحقيقي طفيلي، پاڪ روح سان گڏ ) جي بئي اڌ لاءِ دعويٰ ڪري ٿي، جيڪو تمام پراڻي قديميت وارو آهي ۽ انساني زندگيءَ کان مڪمل طور تي ڪٽيل آهي، ان وقت اها گهٽ ۾ گهٽ خدا کي انساني صورت واري سمجهندڙ مذهبن مان وڌ ۾ وڌ خيالي بڻجي وڃي ٿي . تہ پوءِ خدا جي تصور کي ان جي اصلي ذريعي تائين پيچو ڪرڻ لاءِ اسان کي آخر ۾، عيسائيت جي ان اڻ حل ٿيل عنصر_ يهودي يهوه سان بہ اهو ساڳيو ورتاءُ اختيار ڪرڻو پوندو جيڪو اسان عيسيٰ يا ٻڌ جي تصور سان لاڳو ڪريون ٿا.

يعني ان کي اسان کي ضرور ائين ڏيکارڻ کپي تہ اهو پڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ انسان جو بي حد بگاڙيل ۽ وڌايل چڙهايل روح آتما آهي. ان کان علاوه عيسائيت ان لحاظ کان به هڪ مثالي مذهب نه آهي ته اها پاڻ کان اڳ وارن مذهبن کان گهٽي حد تائين پادرشاهي. قرباني. مندر ۽ قربانگاهه جا خيال پڻ اڌارا حاصل ڪري ٿي جن کي ان جي بنياد وجهندڙ يا سندس پوڄا جي مک شيءِ جي لاش جي عجيب وغريب نموني غائب ٿي وڃڻ يا گهٽ ۾ گهٽ ان جي سجاڳيءَ لائق نه رهڻ ڪري اسان جي پنهنجي عيسائي مذهبي عمليت جي ڪنهن به ٻئي ڄاتل روپ جي مقابلي ۾ گهٽ فطري اهميت حاصل آهي . عاليشان چرچ، اعليٰ نموني ارتقا ڪيل ملايت پرستي، اجتماع جي قرباني، قربانگاهه ۽ تبرڪات اهي سڀ ترقي ڪيل عيسائيت ۾ پنهنجي مڪمل ترين شڪل ۾ درآمد ڪيا ويا آهن پر انهن مان هرشيءِ جزوي طور اڳلن مذهبن کان اڌاري ورتي وئي آهي ۽ جزوي طور ولين ۽ شهيدن، سندن هڏن، سندن مقبرن، سندن ڪهيفن ۽ تبرڪن کي محفوظ ڪندڙ ٿانون يا جڳهن جي ثانوي پوڄا جي چوگرد ڦٽي آهي.

ايندڙ بابن ۾ مان هڪ خدا جي تصور جي واڌ کي ان جي وڏ ۾ وڏ قديم بڻ بٽيادن کان ان جي ۾ وڏ ۾ وڏ ارتقا ڪيل روپن تائين ۽ اوائلي اڻ ترقي ڪيل ديوتا کان شروع ڪندي، گهڻ خدائيت کان وحدانيت جي اسرڻ تائين جاري رهندي ۽ پوءِ آخر ۾ هڪ پيرو وري عيسائي تصور تائين واپس ورندي، سراغ لڳائڻ جو سوچيان ٿو. مختصراً مان خدا جي ارتقا عمومي طور خدائن جي ارتقا سان شروع ڪندي ۽ مختلف نسلن مان ٿيندي بتدريج ڏاڪن رستي خصوصي طور تي يهودي، عيسائي ۽ مسلم خدا تائين پهچندي اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندس ۽ منزل جنهن ڏانهن مان وڌندس اها هوندي جنهن جي اڳ ئي هن تعارفي باب ۾ جهلڪ ڏيکاريل آهي يعني اهو ثبوت ته هڪ ديوتا جو تصور پنهنجي اصليت ۾ هڪ مئل ماڻهوءَ جي تصور کان جنهن کي اڃا زنده پوت يا روح ڪري ليکيو ويندو آهي ۽ تمام گهڻو وڌايل يا مافوق الفطري قوتون ۽ صفتون بخشيل سمجهيو ويندو آهي، وڌيڪ ڪجهه به نه آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٻيو
## مذهب ۽ ڏند ڪٿا

جنهن وسيع جاچ پڙتال تي اسان هاڻي نڪرڻ وارا آهيون.
ان جي شروعات ۾ ئي اسان کي هڪ چڱي خاصي مشڪلات سان منهن ڏيڻو پئجي وڃي ٿو . جديد ڏند ڪٿائي ماهرن جي اڪثريت جي نظر ۾ ڏند ڪٿا/ديومالا (Mythology) ٻوليءَ جي هڪ بيماريءَ جو نتيجو آهي . اسان کي ڪيترن ئي مشهور ماڻهن طرفان يقين ڏياريو ٿو وڃي ته مذهب جو بڻ بڻياد وحشي انسان جي جنن ۽ ڀوتن، مري ويل ماڻهوءَ ۽ هن جي جسم يا روح بابت خيالن ۾ نه ملڻو آهي پر لفظن جي معنيٰ جي اوائلي بگاڙن ۾ ملڻو آهي، جن جو حوالو سج ۽ ڪڪرن جي ظاهر ٿيڻ، هوا ۽ برسات، پرهه ڦٽي ۽ شام يعني مجموعي طور تي موسميات جي لقائن ڏانهن ڏنل هو . جيڪڏهن ائين آهي ته پوءِ خدا جي تصور کي اوائلي ماڻهن جي سندن مئلن بابت ڪچن خيالن مان اخذ ڪرڻ جي اسان جي ڪوشش چٽي طرح غلط آهي.

مان نه ٿو سمجهان ته هي تجويزون درست آهن . مون کي لڳي ٿو ته سج، چنڊ ۽ ستارن جي پوڄا، اوائلي مذهب جي هڪ جزي هجڻ بدران، حقيقت ۾ پوڄا جو هڪ بعد ۾ آيل ۽ ٻين شين مان ورتل قسم آهي ۽ ڏند ڪٿا پنهنجين انهن دعوائن ۾ پليل آهي جيڪي هوءَ خدا يا خدائن جي تصور جي پيدائش ۾ پنهنجي اهميت لاءِ ڪري ٿي. هن سلسلي ۾ ميدان صاف ڪرڻ خاطر اسان کي بهرحال ڏند ڪٿا ۽ مذهب جي نسبتي بيهڪن وٺان جاچ پڙتال ڪرڻ سان صاف شروعات ڪرڻ کپي.
جديد دانشورن جو هڪ ٽولو جنهن جو مسٽرايڊورڊ ڪلاڊ شايد وڌ ۾ وڌ اهل انگريز شارح آهي چئي ٿو. ”مذهب خوف مان پيدا ٿيو آهي“. اهو عظيم ۽ پراسرار فطري قوتن کان، جن سان انسان وڪوڙيل هوندو آهي، هن جي دهشت/ڀَوَ مان ڦٽل آهي. هاڻي مان ان ڳالهه کان انڪار نه ٿو ڪيان ته مختلف خوفناڪ صورتن واريون ڪئين ڏند ڪٿائي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هستيون بہ حقيقت ۾ ائين ئي پيدا ٿين ٿيون. مان ڪيترن ئي ازدهائن ۽ ديون جي، جيڪي سمورن جهنگلي يا وحشي تصورن ۾ عام جام ملن ٿا، اهڙي مبهم بڻ بنياد ڪي فوراً ئي قبول ڪندس. مان مسٽر ڪلاڊ جي حوالي ڪري ڇڏيندس اينٽرسڪان شيطان ۽ يهودي شيطان گرينڊ يلس ۽ فريڊريڪس سربيرس، برائيرس، دي سائڪلوپس دي سينٽائرس جو سڄو نسل؛ هنن مان ڪو بہ بهرحال هڪ خدا يا ان جهڙي شيءِ ناهي.

هڪ خدا، جيئن مان ان لفظ کي سمجهان ٿو ۽ جيئن ان لفظ کي انسانذات جي اڪثريت هميشہ کان پئي سمجهيو آهي، هڪ مافوق الفطري هستي هوندي آهي جنهن کي تعظيم ڏني ويندي آهي ۽ ڪيس پوڄيو ويندو آهي. اها هستي پنهنجن معتقدن آڏو، بحيثيت مجموعي هڪ پاجهاري ۽ حفاظت ڪندڙ رشتي جي بينل هوندي آهي، جيئن ڊاڪٽر رابرٽسن سمٿ ان ڳالهہ ڏانهن سني نموني اشارو ڪري ڇڏيو آهي. يقيناً هو هنن کان ڪڏهن ڪڏهن ناراض بہ ٿي سگهي ٿو پر هن جي ڪاوڙ عارضي ۽ خالص پدرانہ هوندي آهي، هن جو پنهنجن ماڻهن ڏانهن مستقل رويو دوستاڻي قسم جو هوندو آهي، هن کي بطور هڪ محسن ۽ سخي والد جي پوڄيو ويندو آهي. خالص هن معنيٰ ۾ ئي اهو خدائن جو بڻ بنياد آهي، جنهن سان اسان جو هتي واسطو آهي. هن فرق کي خبرداريءَ سان ذهن ۾ رکندي، اسان کي مذهب جي اهم جُزن تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌڻ گهرجي. جيڪڏهن توهان کي ڪنهن بہ ذهين ۽ غير بناوٽي ٻار کان اهو پڇڻو هجي تہ "مذهب ڇا آهي؟" تہ هو ان جو ترت جواب نوجوانيءَ جي صاف نظر سان اهو ڏيندو، "اوهہ، ها مذهب معنيٰ عبادت ڪرڻ ۽ بائيبل پڙهڻ ۽ حمد ڳائڻ ۽ هر آچر تي چرچ يا گهريلو گرجا ۾ وڃڻ". جيڪڏهن توهان کي ڪنهن ذهين ۽ غيربناوٽي هاريءَ کان ساڳيو سوال پڇڻو پئي تہ هو بہ هوبهو ساڳئي نموني هي جواب ڏيندو، "ها، مذهب جو مطلب آهي باقاعدگيءَ سان پوڄا پاٺ ڪرڻ ۽ روزانو مهاديو کي نذرانو ادا ڪرڻ." جيڪڏهن توهان ڪنهن سادي آفريڪي جهنگليءَ کان ساڳيو سوال پڇندوءَ تہ هو بہ ساڳئي نموني ورندي ڏيندو، "مذهب جو مطلب آهي: ديوتائن کي اٽو، تيل، مقامي شراب ۽ ٻڪريءَ جو گوشت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏين“ ۽ آخر ۾ جيڪڏهن توهان ڪنهن سچي اتالوي ڪنٽا ڊينو کان اهو ئي سوال ڪندؤ ته هو فوراً جواب ڏيندو. ”مذهب جو مطلب آهي بيبي مريم کي موم بتيون ۽ عبادتون پيش ڪرڻ، اجتماعي دعا ۾ حاضري ڀرڻ، هر دعوت تي ولين کي ياد ڪرڻ“ ۽ هي بلڪل صحيح به هوندا.

هيءَ ئي پنهنجي جوهر ۾ بلڪل اها شيءِ آهي، جنهن کي اسان ’مذهب‘ سڏيون ٿا. خاص مذهبن ۾ موجود اعليٰ دماغن جي خاص نفاستن کان علاوه، جيڪي ان ۾ پنهنجن خاص لاڙن يا تصورن مطابق فلسفي جو يا مابعد الطبعيات جو يا اخلاقيات جو يا تصوف جو ٿورو يا گهڻو نسخو داخل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. انسانذات جي وڏي اڪثريت آڏو مذهب جو مطلب بلڪل اهو ئي آهي ۽ اهو ئي رهندو پئي آيو آهي. انهن ۾ يڪو جيڪا شيءِ عام آهي، اها آهي ريت رسم، يا عمل، شريعت، ٿورو يا گهڻو ساڳيون رسمون ملهائڻ، رضاجوئي، عبادت، تعريف ، نذرانن جو هڪ خاص مجموعو، الاهي رحمتن لاءِ عرض، الاهي غصي يا بين مصيبتن کان بچڻ لاءِ التجا ۽ هنن سيني جي ٻاهرين ۽ نظر ايندڙ لاڳاپيل شين يعني قربانگاهه، قرباني، مندر، چرچ، پادري پٽو، اجتماع، مذهبي پوشاڪون ۽ تقريبون وغيره. جيڪا شيءِ مذهب لاءِ ان جي وسيع معنيٰ ۾ ضروري نه آهي، اها آهي جيئن ان کي صحيح ڪونيو وڃي ٿو. ان جو اخلاقي حصو: پوءِ چاهي توهان سڄي دنيا جو مثال وٺو يا ماضي ۽ حال ، غيراهلِ ڪتاب ماڻهن، ٻڌ مت، مسلمانن، عيسائين، وحشي ۽ مهذب ماڻهن جو مثال وٺو ۽ جيڪو حقيقت ۾ تمام ٿورڙو ضروري آهي، اهو آهي مذهب جو فلسفياڻو جزو- دينيات (THEOLOGY)يا ڏند ڪٿا، روحاني وجودن جو خيالي نظريو. هي نظريو يڪ ئي پڪ ڪن خاص پهلوئن ۾ هر ملڪ يا نسل ۾ مذهب سان ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل هوندو آهي ۽ ديوتائن يا خدا بابت ٻڌايل ڪهاڻيون، پوڄا ڪندڙن جي ذهنن ۾ گهڻي قدر خود ان عقيدي سان مليل جليل هونديون آهن ، پر اهي، جي بلڪل سختيءَ سان چئجي ته مذهب جو صحيح حصو نه هونديون آهن. هڪ لفظ ۾ مان اهو دليل ڏيان ٿو ته مذهب جيئن اهو حقيقت ۾ آهي عملي هوندو آهي: دينيات يا ڏند ڪٿا جيئن اها حقيقت ۾ آهي غير عملي، نظرياتي يا ڪتابي هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ان کان علاوه مان اهو پڻ مڃان ٿو ۽ انهن ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندس ته انهن ٻنهي کي گهڻي ڀاڱي الڳ الڳ بڻ بنياد ۽ پاڙون آهن ۽ انهن ٻنهي ۾ ٻڌي گهڻي حد تائين اتفاقي هوندي آهي ۽ تنهنڪري اهو ته هڪ لاءِ جواب ڏيڻ يا تشريح ڪرڻ ڪنهن به طرح سان ٻئي لاءِ جواب ڏيڻ يا ان جي تشريح ڪرڻ جي مترادف نه هوندو آهي.

مذهب ۽ ڏند ڪٿا جي اصليت ۾ موجود هن فرق جي ڪليل مڃتا مان سمجهان ٿو ته ٻن متضاد مڪتبه فڪرن ۾ گهڻي ڀاڱي مفاهمت ڪرائيندي، جيڪي موجوده حالتن ۾ انساني خيالن جي ارتقا ۾، هن دلچسپ مسئلي تي عام راءِ کي هڪٻئي جي وچ ۾ ورهائي ڇڏن ٿا. هڪ پاسي اسان وٽ تشريح نگارن جو ڏند ڪٿائي اسڪول آهي، پوءِ اهي صرف لسانوي جيئن پروفيسر مئڪس مُلر هجن يا واضح نموني بشرياتي هجن جيئن مسٽرائنڊريولئنگ جيڪي ان مسئلي تي حملو خالص ڏند ڪٿا يا نظرئي جي نقط نگاهه کان ڪندا آهن. ٻئي پاسي اسان وٽ تشريح نگارن جو خالص مذهبي اسڪول آهي جيئن مسٽرهربرٽ اسپينسر ۽ ڪنهن حد تائين مسٽرٽائلر جيڪي ان مسئلي تي حملو عمل يا حقيقي مذهب جي نقط نگاهه کان ڪندا آهن. پهريون مڪتبه فڪر منهنجي خيال ۾ اها ڳالهه سمجهڻ ۾ ناڪام ويو آهي جنهن شيءِ کي اهو مذهب جو بڻ بنياد سمجهي رهيو آهي . اهو مذهب جو بڻ بنياد صفا آهي ئي نه يعني نه عبادت جو جيڪا سمورين مذهبي رسمن جي پوئواريءَ جو مرڪز آهي ۽ نه مندر، نه قربانگاهه، نه پادري ۽ نه ئي نذراني جو جيڪي مذهب جا ٻاهريان اظهار آهن پر اهو رڳو ڏند ڪٿا يا جڙتو افساني جو بڻ بنياد آهي. ٻئي طرف ٻيو مڪتبه فڪرجيڪو ان سموري جي بڻ بنياد جي صحيح تشريح پيش ڪندي جيڪو مذهب ۾ لازمي ۽ مرڪزي آهي ، پنهنجن مخالفن جي ڪم جي اهميت کي پنهنجي ڪم جي بلڪل ابتڙ قرار ڏيندي شايد گهٽائي ڇڏيو آهي، بجاءِ اهو قبول ڪندي ته ان جو ڪجهڙو حصو ساڳي جاچ پڙتال جي هڪ الڳ پر لاڳاپيل شاخ ۾ هڪ واڌاري جي روشنيءَ ۾ سچو ٿي سگهي ٿو.

مختصر هي ته جيڪڏهن هتي تجويز ڪيل خيال درست



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ پوءِ هربرٽ اسپينر ۽ ٽائلر. مذهب جي بڻ بنياد جي سچي نظرئي جو رستو صاف ڪري ڇڏيو آهي. مئڪس مُلر. لئنگ ۽ ٻين ڏند ڪٿائي ماهرن. ڏند ڪٿا يا ان جي وڌيڪ جديد مترادف ۽ جانشين _دينيات جي بڻ بنياد جي سچي نظرئي ڏانهن مختلف اهميت وارا اشارا ڏنا آهن. حقيقتن جو هڪ مختصر خاڪو مذهب جي هن لازمي طور عملي تصور کي چٽي صورت ۾ آڻي بيهاريندو جيڪو فرض جي هڪ مجموعي تي ٻيڻل آهي، جن کي انساني نفسيات جي قديم ذخيري اڻتر بڻائي ڇڏيو آهي. پوءِ اهو ڏنو ويندو تہ مذهب ۾ جيڪا شيءِ بنيادي ۽ لازمي آهي. اها آهي رسمن يا شرعي طريقن جو مجموعو، جيڪو انساني نشونما جي سمورين منزلن دوران ساڳيو يا تقريباً ساڳيو رهندو پيو اچي. باوجود ڏند ڪٿائي يا ڪتابي نظرئي ۾ تبديلين جي ۽ مذهب ۾ جيڪا شيءِ ڦرندڙ گهرندڙ آهي، اها آهي ان جي گونا گون رسمن ۽ تقريبن لاءِ پيش ڪيل خاص زباني تشريح يا فلسفياڻو جواز.

مذهب پنهنجي سادي ۾ سادي هيل تائين زنده وحشي روپ ۾ مڪمل طور ۽ خالصتاً تعظيم جي اهڙن عملن تي مشتمل آهي جيڪي زنده ماڻهن طرفان پنهنجن مري ويلن جي لاشن تي پيش ڪيا ويندا آهن. هن سلسلي ۾ مان اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندس تہ وڌ ۾ وڌ مهذب سماجن ۾ موجود مذهب جي وڌ ۾ وڌ ارتقا ڪيل جديد روپ ۾ بہ تعظيم جا بلڪل ساڳيا عمل اجا تائين مذهب جو جوهر ناهن تا ، پوءِ اهي سنئون سڌو مري ويلن ڏانهن ياروحن ڏانهن هجن يا اڻ سڌي طرح ديوتائن ڏانهن هجن، جيڪي ڪڏهن روح هئا يا انهن مان پيدا ٿيل هئا. پر شروع ۾ مان مذهب جي اصل ماهيت جا ان جي سڀ کان هيناهين موجود وحشي روپ ۾ ڪجهہ سادا مثال پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس.

هتي هڪ خاڪي جي صورت ۾ پر مسترمئڪ ڊونالڊ جي پنهنجن لفظن ۾ اهي خيال ۽ مشاهدا پيش ڪجن ٿا، جيڪي هن خبردار ۽ صحيح جاچ ڪندڙ ماڻهوءَ آفريڪا جي مرڪز جي قبيلن ۾ رائج ڏٺا. جن قبيلن ۾ هو رهيو، اهي" اهو چوڻ ۾ يڪراءِ آهن تہ جسم کان ٻاهر ڪاشيءِ آهي، جنهن کي هو رُوح (SPIRIT) ڪوٺن ٿا. اهو روح هر انسان جي جسم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي موت وقت خيرآباد ڪري ويندو آهي“ هي تقريباً هڪ عالمگير عقيدو آهي. جيتوڻيڪ اهو ايترو قديم نہ آهي. هن عقيدي جي ضروري اصليت جي کوج هربرٽ اسپينسر ۽ مسٽرليسٽر وارڊ طرفان سني نموني ڪئي وئي آهي.

”ڇا هي روحَ ڪڏهن مرندا بہ آهن؟“ مسٽرمٽڪ ڊونالڊ پڇي ٿو. هو جواب ڏئي ٿو. ”ڪي“ مون يقين سان اهو ٻڌو آهي تہ اهو ممڪن آهي تہ ڪنهن مصيبت پيدا ڪندڙ روح کي قتل ڪيو وڃي، ٻيا ماڻهو ان جو صاف انڪار ڪن ٿا.

ڪي جيئن ڪُمپامايا چيراسُولو اهو چون ٿا، ”تون مون کان پڇين ٿو تہ ماڻهوءَ جو روح ڪڏهن مرندو بہ آهي. مان توکي اهو نہ ٿو ٻڌائي سگهان . مان ڪڏهن بہ روحن جي دنيا ۾ نہ ويو آهيان پر هن ڳالهہ جي مونکي پڪ آهي تہ روح تمام ڊگهي عرصي تائين جيئرا رهندا آهن.“ هن سوال تي تہ ”خدا/ديوتا ڪير هوندا آهن؟“ مسٽر مٽڪ ڊونالڊ چئي ٿو، ”مقدس ڪتابن جي سمورن ترجمن ۾ جتي بہ اسان لفظ ”خدا“ ڏنو، اتي اسان لفظ ”مُلنگو“ (MULUNGU)استعمال ڪيو پر هي لفظ مقامي ماڻهن طرفان مکيہ طور تي روح لاءِ هڪ عام نالي طور استعمال ڪيو ويندو آهي . هڪ مري ويل ماڻهوءَ جي روح کي ”ملنگو“ سڏيو ويندو آهي ۽ زنده ماڻهن جون سموريون عبادتون ۽ نذرانا مئل ماڻهن جي اهڙن روحن کي پيش ڪيا ويندا آهن. هتي ئي اسان کي مقامي مذهب جو عظيم مرڪز ملي ٿو. ”مئلن جا روح، جيئرن جا ديوتا آهن.“ ” هي ديوتا ڪٿي لڌا وڃن ٿا؟ قبر تي؟ نہ...... انهن جو ديوتا، قبر ۾ پوريل جسم نہ آهي پر روح آهي ۽ اهي ان کي ان جڳهہ تي ڳولي هٿ ڪن ٿا جتي سندن وڇڙي ويل مائٽ هنن سان آخري وقت ۾ گڏ هو. اهو هنڌ مري ويل ماڻهوءَ جي گهر جي اڱڻ تي موجود وڏو وڻ هوندو آهي، جيڪو هنن جو مندر هوندو آهي ۽ جيڪڏهن اتي ڪو بہ وڻ قتل نہ هوندو آهي تہ هو اتي هڪ ننڍڙو ڇاپرو ڪڙو ڪري ڇڏيندا آهن ۽ اتي ئي پنهنجيون ساديون رسمون ادا ڪندا آهن. جيڪڏهن اهو هنڌ تمام گهڻو عوامي بڻجي ويندو آهي تہ پوءِ نذرانن جي بي حرمتي ٿي سگهندي آهي ۽ ان مقدس مقام کي پوءِ ڪنهن خوبصورت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڻ هينئان خبرداريءَ سان چونڊ ڪيل هڪ هنڌ ڏانهن منتقل ڪيو ويندو آهي. اڪثر ڪري هڪ ماڻهو خود پنهنجي بستري جي مٿان ڪان پنهنجي سر جي پاسي تي نذرانو پيش ڪندو آهي. هن جي خواهش هوندي آهي ته جيئن هو سمهي ته سندس ديوتا هن وٽ اچي ۽ هن جي ڪنن ۾ سرگوشيون ڪري." ۽ هتي ئي وري اسان کي فطرت جي پوڄا جو بڻ بڻياد ملي ٿو.

"هڪ جهوني قبيلائي سردار جي روح کي پنهنجي رهڻ لاءِ هڪ سڄو پهاڙ گهرجي. پر هو مکيه طور تي ڪڪرن واري پهاڙي چوٽيءَ تي رهندو آهي. اتي هو پنهنجن معتقدن جي پوڄا قبول ڪرڻ لاءِ ۽ سندن پوڄائن جي بدلي ۾ مٿن هيٺ تازگي بخشيندڙ برساتون موڪلڻ لاءِ وينو هوندو آهي."

مذهب جي ارتقا ۾ هنن اهم جزن يعني ديوتا، پوڄا، نذرانن، تحفن، مقدس مقامن، مندرن جهڙو ئي ضروري پادرشاهيءَ جو وجود آهي. مرڪزي آفريڪي باشندا هن خاص منزل تائين ڪيئن پهتا. ملاحضه فرمايو:

"ديوتائن کي ويجهو وڃڻ ۾ هڪ خاص قسم جو اداب و احترام اختيار ڪيو ويندو آهي. ڪنهن به حالت ۾ هڪ ننڍڙو ڇوڪرو يا ڇوڪري ، هنن ديوتائن ڏانهن نه ٿو وڃي سگهي. نه ئي اهڙو ماڻهو هنن ڏانهن وڃي سگهي ٿو، جيڪو معجزن وقت موجود نه رهيو هوندو آهي. ان سلسلي ۾ عام لياقت هيءَ آهي ته ان ماڻهوءَ عمر جي هڪ خاص حد حاصل ڪئي هجي، يعني اٽڪل ٻارنهن يا چوڏنهن سال ۽ ڪيس پنهنجو هڪ گهر هجي. غلام ورلي پوڄا ڪندا آهن، صرف تڏهن جڏهن هنن کو خواب ڏٺو هوندو آهي. اهي ٻار جن کو خواب ڏٺو هوندو آهي ، پنهنجي ماءُ کي اهو خواب ٻڌائيندا آهن جيڪا پوءِ هنن جي بدران، ديوتا وٽ ويندي آهي ( ديوتا لاءِ هڪ تحفو کڻي وڃڻ ضروري هوندو آهي . غلام يا ٻار وٽ اهو نه هوندو آهي.)"

"خوابن جي معاملي ۾ اهڙن ڪجھ ٻين نڄي مسئلن کان سواءِ . باقي ٻئي ڪنهن به ماڻهوءَ لاءِ ديوتائن تائين پهچڻ عام رواجي ڳالهه نه هوندي آهي . سواءِ ڳوٺ جي چڱي مڙس جي. اهو مجيل اعلي پادري.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متعلق پريشان نہ ڪندو. هو پنهنجو نذرانوپنهنجي ويجهي ۾ ويجهي پيشرو بزرگ کي پيش ڪندو ۽ چوندو:

"اي بابا! مان تنهنجن سمورن مائٽن کي ڪر نہ ٿو سڃاڻان. تون انهن کي ڄاڻين ٿو، انهن کي پاڻ سان گڏ ماني کائڻ جي ڪوٺ ڏئي. نذرانو صرف هن لاءِ نہ هوندو آهي ، پر هن لاءِ ۽ هن جي سمورن مائٽن لاءِ هوندو آهي." عام رواجي روح ان پيڙهيءَ سان گڏ جلد ئي وسارجي ويندا آهن ، جنهن انهن کي ڄاتو هوندو آهي، پر ڪن ٿورڙن چوند روحن جي معاملي ۾ ائين نہ ٿيندو آهي جيئن وحشي شهنشاهتن جا جوليس سيزر، نيپولين، شارلمين ۽ تيمور وغيره، " هڪ عظيم سردار جيڪو پنهنجين جنگين ۾ ڪامياب ٿي ويو هوندو آهي، ايترو جلد نہ وساريو ويندو آهي. هو ڪنهن پهاڙ يا نديءَ جو ديوتا بڻجي سگهي ٿو ۽ بطور هڪ مقامي ديوتا جي پنهنجن پوئيرن جي ان جڳهہ تان غائب ٿي وڃڻ جي ڪافي عرصي ڪان پوءِ بہ عقيدت ۽ احترام ماڻي سگهي ٿو.

جڏهن ڪا التجا هوندي آهي يا مينهن وسندو آهي تہ ڳوٺ جا رهاڪو، پنهنجن ابن ڏاڏن جي ايتري پوڄا نہ ڪندا آهن، جيتري هو سامهون واري پهاڙ جي ديوتا جي ڪندا آهن، جنهن جي ڪلهن تي اهي عظيم بادل چانيل هوندا آهن . (ننڍين پهاڙن کي ورلي ڪنهن ديوتا جو نالو ڏنو ويندو آهي). تہ ۽ مون کي لڳي ٿو، هنن سمورين ڳالهين مان اسان عمومي طور تي مذهب جي اشد ضروري ۽ عالمگير خاصيتن کي حاصل ڪريون ٿا. مري ويل شخص جي مقبري تي هن جي روح کي خوش ڪرڻ لاءِ جيڪي تحفا آندا وڃن ٿا، انهن ۾ اسان کي سمورين پوڄائن جو مرڪزي عنصر ۽ سمورن عقيدن پوءِ اهي هاٽوڪا هجن يا پراڻا، جي عملي ڪنجي ملي ٿي. ان جي برعڪس ڏندڪٿائي ماهر اسان کي پوڄا ۽ قربانيءَ جي اصليت متعلق ڪجهہ بہ نہ ٿا ٻڌائن: اهي چڙو اسان کي مخصوص ديوتائن جي ڪهاڻين سان ترخائن ٿا، اهو واضح ڪرڻ کان سواءِ تہ انهن ديوتائن کي آخر ڪيئن پوڄيو وڃڻ لڳو.

ڏند ڪٿا هوئن پنهنجي طور تي هڪ تمام ئي دلچسپ مطالعو آهي پر ديوتائن يا ولين متعلق ڪهاڻين ۽افسانن جي هڪ جهڳٽي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي جنهن ۾ مشڪل سان عمل يا قربانيءَ جو ڪو واحد جيئرو جاڳندو عنصر موجود هوندو آهي. مذهب ڪري ميڄ مون ڪي انساني جاچ پڙتال جي ٻن مڪمل طور تي الڳ الڳ شاخن ڪي پاڻ ۾ منجهائڻ لڳي ٿو. ڪهاڻين جي اصليت جو پوڄا جي اصليت سان ڪنهن به طرح جو ڪو به واسطو نه آهي. ٻئي پاسي جڏهن اسان مڪڊونالڊ جو هڪ مقامي تدفين جي رسم جو احوال پڙهڻ لڳون ٿا ته پوءِ اسان هڪدم هڪ مڪمل طور تي مختلف رستي تي اچي وڃون ٿا، اسين پوءِ قربانيءَ جي قديم ڏيکن ۽ مذهب جي ٻڻ ٻنياد کي ڏسون ٿا.

”مثل ماڻهوءَ سان گڏ هن جي ملڪيت جو چڱو چوکو حصو به پوريو ويندو آهي. اسان اڳ ئي اهو ڏسي چڪا آهيون ته هن سان گڏ هن جو بسترو به پوريو ويندو آهي ۽ هن جا سڀ ڪپڙا به. جيڪڏهن هن وٽ هاٿيءَ جا ڪئين ڏند هوندا آهن ته پوءِ انهن مان هڪ يا وڌيڪ ڏندن کي ٻن پٿرن سان پيسي هن جي پرسان رکيو ويندو آهي. مٽين کي پڻ ساڳئي نموني پيسيو ويندو آهي. هي احتياط ان ڪري ڪيا ويندا آهن ته جيئن ڏائڻ کي هاٿيءَ جي ڏندن يا مٽين کي استعمال ڪرڻ کان روڪي سگهجي ( ڏائڻ کي هن جي موت لاءِ جوابده سمجهيو ويندو آهي):

جيڪڏهن مري ويل ماڻهوءَ وٽ ڪيترا ئي غلام رکيل هوندا آهن، ته پوءِ قبر لاءِ هڪ وڏي ڪڏ کوٽي ويندي آهي، غلامن کي پوءِ اڳيان آندو ويندو آهي . انهن کي ان قبر ۾ يا ته زنده دفن ڪيو ويندو آهي يا وري مري ويل جا وارث انهن سيني جا ڳلا ڪپي ڇڏيندا آهن. پوءِ انهن جي مالڪ يا مالڪڻ جو لاش انهن جي لاشن مٿان رکيو ويندو آهي ۽ قبر کي بند ڪيو ويندو آهي.“

ان کان پوءِ عورتون پنهنجي ڪاڏي جي نذرانن سان اڳتي ايندیون آهن ۽ قبر جي سيرانديءَ کان اهي رکي ڇڏينديون آهن. ٿانوءَ جن ۾ اهو ڪاڏو رکي آندو ويندو آهي، اتي ئي ڇڏيا ويندا آهن. اهو دلو جنهن ۾ مري ويل جي پيئڻ جو پاڻي پيل هوندو آهي ۽ هن جو پيئڻ جو ٿانوُ پڻ هن سان گڏ ڇڏيا ويندا آهن. هي پڻ ڏائڻ طرفان استعمال تي سگهن ٿا، ان ڪري دلي ۾ هڪ سوراخ ڪيو ويندو آهي ۽ پيئڻ جي پياليءَ کي ٽوڙيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن مري ويل ماڻهوءَ کي هن جي پنهنجي گهر يا جهڳي ۾ دفن ڪيو ويندو آهي.“ هن صورتحال ۾ ان گهر کي ڊاٺو نه ويندو آهي پر ان کي عام طور تي ڪپڙي سان ڍڪيو ويندو آهي ۽ ان جو اڳڻ نذرانن پيش ڪرڻ جو هنڌ تي ويندو آهي. اهڙي طرح ان مري ويل ماڻهوءَ جو پراڻو گهر، هڪ طرح جو مندر تي پوندو آهي.......... مري ويل ماڻهو هاڻي روحاني دنيا ۾ هوندو آهي ۽ نذرانا ۽ پوڄا حاصل ڪندو آهي: هن سان هيئن مخاطب ٿيو آهي، ”اسان جو عظيم روح جيڪو گذري ويو آهي“، جيڪڏهن ڪو ئي به هن کي خواب ۾ ڏسندو آهي ته يڪدم اهو نتيجو ڪڍيو ويندو آهي ته روح ڪنهن مسئلي تي پريشان آهي. گهڻي قدر ائين لڳندو آهي ته هو پنهنجي سات لاءِ بچي ويل ماڻهن مان ڪنهن کي پنهنجي ساٿيءَ طور وٺي وڃڻ چاهيندو آهي. ان ڪري خواب ڏسندڙ شخص ان روح کي هڪ نذراني ذريعي خوش ڪرڻ لاءِ تڪڙ ڪندو آهي.“

مري ويل جو هي سماج ايترو ته حقيقي هوندو آهي جو مسٽر مڪڊونالڊ چئي ٿو:

”قبر ڪان متاهين دنيا ڏانهن قاصد اماڻڻ جي رسم مغربي ڪناري تي ڏٺي وئي آهي. هڪ سردار هڪ غلام کي سڏيندو آهي، هن کي هڪ پيغام ڏيندو آهي ۽ پوءِ هن جي سِسي ڪپي ڇڏيندو آهي. جيڪڏهن سردار ڪا ڳالهه جيڪا هن چوڻ چاهي ٿي وساري ويهندو آهي ته پوءِ هو وري هڪ ٻئي غلام کي قتل ڪري، ان کي پيغام طور مٿي اماڻيندو آهي.“

مون هن تازي ۽ انتهائي لائق ڪتاب مان ايتري تفصيل سان حوالا ڏنا آهن ، ڇاڪاڻ ته مان ان حقيقت کي هڪ مضبوط نجات ڏيڻ چاهيان ٿو ته اسانجين پنهنجين اکين آڏو نئين نموني روزانو نون ديوتائن ۽ ديوين جي مڪمل پيدائش جاري وساري آهيءَ ان سان گڏ انهن سمورين شين جي پيدائش جيڪا مذهب لاءِ وڌ ۾ وڌ مرڪزي ۽ لازمي آهن يعني پوڄا، دعا، مندر، قربانگاهه ، پادري شاهي، قرباني. ڏند ڪٿائي اسان کي جيڪو ڪجهه به سچ، چند، پرهه ڦٽيءَ يا طوفاني ڪڪرن، ننيڙي ڳاڙهي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهوڙي تي سواري ڪندڙ هوڊ يا سنڊريلا ۽ شيشي جي سينڊل متعلق ٻڌائي سگهن ٿا. اهو ڪنهن به طرح سان مذهب جي بڻ بنياد جي ويجهو ان جي انهن مرڪزي ۽ عالمگير جُزن ۾ نه ٿو اچي.

اهي ڪهاڻيون يا قياس آرايون اسان جي نسل جي خيالن جي تاريخ ۾ بطور اضافن جي زبردست دلچسپي ۽ اهميت واريون ته ٿي سگهن ٿيون پر ڪيوپڊ يا سائڪي جي ڏند ڪٿا ۾ وحشي بقا متعلق اهڙي ڪا به شيء ڪانهي، جيڪا اسان سڪي سگهون يا ڪرونوس جي ٻارن جي ڏند ڪٿا ۾ موجود قديم فلڪيات ڪنهن به طرح سان خدا جي بڻ بنياد يا پوڄا جي، عبادت جي، مذهبي رسمن جي، مندرن جي، چرچ جي، قرباني جي، اجتماع يا ٻئي ڪنهن اهڙي جزي جي، جنهن کي اسان نوس معنيٰ ۾ مذهب سمجهون ٿا، بڻ بنياد ڏانهن اسان کي هڪ انچ به ويجهو ٿيڻ ۾ مدد نه ٿي ڪري.

هي ڏندڪٿائون ڪڏهن فلسفياڻيون ڏکي ٻاڙيون ٿي سگهن ٿيون ۽ ڪڏهن قديم لوڪ ڪهاڻيون پر اهي يقيني طور مذهب جا سچ نه آهن. ٻئي پاسي اهي جيريون جاڳنديون حقيقتون، جن کي هتي هڪ خبردار صحيح ۽ سڌي سادي مشاهدو ڪندڙ سادي نموني بيان ڪيو آهي، جن کي ٽائلر، اسپينسر ۽ ٻين ڏاهن طرفان ڪني ڪيل سوين ساڳين حقيقتن جي پنيرائي حاصل آهي ، مذهب جي مرڪزي حصي ۽ جوهر جي بڻ بنياد کي، جيئن ان تي سڄي دنيا ۾ عالمگير نموني عمل ڪيو ٿو وڃي، هڪدم سمجهڻ ۾ ضرور اسان جي مدد ڪن ٿيون.

في الحال ڏند ڪٿائي ۽ فلڪياتي جُزي کي پاسيرو رکندي، جيڪو اڪثر ڪري مقامي عقيدن جي تبليغي ياترا ۾ يا انتهائي رنگين يورپي تفصيلن ۾ موجود سنئين سڌين مذهبي حقيقتن کي لڪائڻ لاءِ اڳيان اچي وڃي ٿو، سمورن مذهبن پنيان موجود سچن طور اسان آخر حقيقت ۾ ڇا ٿا ڏسون؟

اهو ته سموري دنيا ۾ انسانذات ۾ بلڪل اهي ساڳيون رسمون/عمل (Practices) رائج آهن جيڪي وحشي وچ آفريڪي باشندن ۾ رائج آهن، رسمون جن جو لاڳاپو ساڳين قديم تصورن سان هربرٽ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپينسر طرفان ڪثير انداز ۾ ثابت ڪيو ويو آهي: رسمون جن ۾ ضروري عنصر هوندو آهي. هڪ روحاني هستيءَ يا هستين کي مڃائڻ يا سندن چاپلوسي ڪرڻ. جيڪي مري ويلن جي آتمائن يا روحن مان ورتل هونديون آهن ۽ ڪين هر لحاظ کان انهن جهڙو ساڳيو تصور ڪيو ويندو آهي، سواءِ انسانن جي روحن ۾ پوشيده خصلتن جي عظمت جي. سروليم هنٽر چوي ٿو، جڏهن بہ هندستاني ڳوناٽن کان سندن مذهب جي باري ۾ پڇيو ويندو آهي، تہ هر صورت ۾ ساڳيو ئي جواب ملندو آهي، " عام ماڻهن کي مذهب جي تصورن جي ڪا بہ خبر نہ هوندي آهي پر ان کي (رسمن جي لحاظ کان) صحيح نموني ڪرڻ ۽ ڳوٺ جي ديوتا کي پوڄڻ ئي هنن لاءِ مذهب جو مطلب هوندو آهي."

تورن لفظن ۾ مان چوان ٿو تہ مذهب مکيہ طور تي اها شيءِ ناهي جنهن کي عيسائي استعمال جي غلط مشابهت اسان کان ان کي غلط نموني عقيدو يا ايمان سڏرائي ٿي پر سادي نموني ۽ خالصتاً اهو تقريب، رسم يا طريقو آهي . ۽ مان ائين چوڻ ۾ خوش آهيان تہ گهٽ ۾ گهٽ اوائلي سامي زمانن لاءِ پروفيسر رابرٽ سن سمٿ بہ ساڳئي خيال جو آهي. رومن مذهب هڪدم پاڻ کي هڪ شهري يا قومي ۽ هڪ نجي يا خانداني مذهب ۾ ورهائي ڇڏي ٿو. هنن وٽ عظيم ديوتا (مقامي يا ٻين وٽان ورتل) هئا جن جي رياست کلي عام پوڄا ڪئي ٿي، جهڙي نموني وچ آفريڪي قبيلا پنهنجي قبيلائي سردار جي بزرگن جي پوڄا ڪندا آهن ۽ هنن وٽ پنهنجا مقامي ديوتا...... لئرس ۽ پينيٽس بہ هئا، جن کي خاندان پنهنجي ئي گهر ۾ پوڄيو ٿي ۽ جن جو نالو ئي اهو ڏيکاري ٿو تہ اهي پنهنجي اصليت ۾ بڻ بڻياد ۾ سندن ابن ڏاڏن جا روح هئا ۽ جيئن حقيقي يا عملي هندو مذهب مکيہ طور تي ننڍڙن مقامي ۽ خانداني ديوتائن يا برهمڻ ديومالا مان چونڊيل مک ديوتا کي چانور، ٻاجهري ۽ گيهہ پيش ڪرڻ تي مشتمل هوندو آهي تهڙي نموني حقيقي يا عملي رومن مذهب بہ مکيہ طور تي خاص ديوتائن (پينيٽس) کي گهريلو قربانگاهہ تي پيش ڪيل قربانيءَ تي مشتمل هوندو آهي.

پنهنجي دليل جي هن ڏاڪي تي مان اهو ڏيکارڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تفصيل ۾ نہ ويندس تہ ڪيئن پروفيسر سيسي ساڳئي نموني قديم اڪيڊين جي مذهب جي بنياد ۾ مري ويل بزرگن جي پوڄا ۽ شمانزم (جنن پوتن جي چاپلوسي ڪرڻ جو هڪ هيناهون روپ) کي ڏسي ٿو، ڪيئن بين مشاهدو ڪندڙن مصرين ۽ جاپانين لاءِ ساڳيو ڪم سر انجام ڏنو آهي. ۽ ڪيئن نہ ساڳين (مذهبي) ريتن رسمن کي لڌو ويو آهي. يونانين ۽ اميزو لوم ۾، يهودين ۽ نڪارا گوئا جي رهواسين ۾، اوائلي انگريز ۽ ڪوتائي ڪندڙ هندستانين ۾، خود اسان جن آريائي ابن ڏاڏن ۽ اينڊ امن پيٽن جي رهواسين ۾. سفر جو هر تازو داستان اهڙن مثالن سان پريو پيو آهي. اهي ماڻهو جيڪي هن مسئلي تي سمورن ثبوتن کي لڙائيءَ جي ميدان ۾ ڪمربستہ ٿيل ڏسڻ چاهين ٿا، انهن کي رڳو مسٽرهربرٽ اسپينسر جي ڪتاب "پرنسپلز آف سوشولاجي" جي پهرئين جلد کي پڙهڻ گهرجي.

هن باب ۾ جيڪا شيءِ اسان جو ٿورو وڌيڪ توجهہ گهري ٿي، اهو ان حقيقت ڏانهن پيش بينيءَ طور ڌيان ڏرڻ آهي تہ خود عيسائيت ۾ بہ اهو ساڳيو قديم عنصر، ان سموري جي مرڪز طور اڄ بہ جيئرو آهي، جنهن کي دينيءَ جي مقابلي ۾ بلڪل واضح طور تي مذهبي سمجهيو وڃي ٿو. مان هي فقرا هتي عارضي طور تي ڌيان ٿو تہ جيئن پڙهندڙ اهو بهتر نموني سمجهي سگهي تہ اسان جي جاچ پڙتال هن کي نيٺ ڪهڙي منزل ڏانهن وٺي ويندي.

ولين يا شهيدن جون نشانيون، چرچن ۾ قربانگاهن هيٺان رکڻ هڪ عالمگير عيسائي رسم آهي. ان ڪري انجيلي سينٽ مرقس جو لاش وينس جي سينٽ مرقس چرچ جي اوچي قربانگاهہ هيٺان پيو آهي ۽ اٽليءَ جي ٻئي هر چرچ يا گهريلو گرجا ۾ تبرڪن کي سانديي رکندڙ ٿانو خود قربانگاهہ ۾ محفوظ ڪيل هوندو آهي. لاطيني چرچ ۾ هي اصول ايترو تہ سني نموني سمجهيل آهي جو ان کي هن چوٽيءَ ۾ پڪو پختو ڪيو ويو آهي تہ " نہ نشاني، نہ قربانگاهہ " عشائي رباني جي رسم جي قرباني اهڙي هڪ قربانگاهہ تي عمل ۾ ايندي آهي ۽ قربانيءَ جا جُبا اوڙهيل هڪ پادريءَ طرفان ادا ڪئي ويندي آهي. سموري رومن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئٿولڪ رسم. قربانگاهہ تي پادرشاهيءَ جي قربانيءَ جي اوائلي تصورن مان ورتل هڪ رسم آهي ۽ ان قديم صورت سان ان جي رشتي کي ان جي مقدس مقامن ۾ انسانن جي باقيات جي ضروري موجودگيءَ سان اجا تائين زنده رکيو ٿو اچجي.

ان کان وڌيڪ خود چرچ جو تصور ني هوادار زمين دوز قبرستانن ۾ يا شهيدن جي مقبرن تي اوائلي عيسائي گڏجاڻين مان ڦٽو آهي. جن کي عالمگير طور ني مڃيو ٿو وڃي تہ اهي قديم عيسائي قربانگاهون رهيون آهن. اسان کي هاڻي خبر آهي تہ عيسائي چرچن جو صليبي (CRUCIFORM) گنبذ نما نقشو هوادر زير زمين قبرستانن جي ڪُهنين جي موڙ وٽ ٺيندڙ انهن اوائلي گڏجاڻين جي هنڌن تان ورتل آهي. جنهن ۾ گرجا جو وچون حصو. اوپارو حصو ۽ گرجا جي ننڍي حصي جو اتريون يا ڏاکڻو چيڙو. قبرستان جي ڪُهنين جي ڪراسنگ کي ظاهر ڪندا آهن. جڏهن تہ گنبذ. ڪانچو ٿيل يا گول محرابي ڇت کي ظاهر ڪندو آهي جتي ڪمان جا ٻہ رستا پاڻ ۾ ملندا آهن.

ائين ٿو لڳي ـہ اوائلي گنبذ نما چرچ هڪ زير زمين قبرستان کي هڪ ولي يا شهيد جي قربانيءَ جي مقبري طور زمين جي مٿان اڏڻ جون ڪوششون هيون. ساڳي ڳالهہ ننڍي چرچن سان پڻ لاڳو ٿئي ٿي. جيڪي گرجا جي چوٽي حصي جي پاسي کان کلندا آهن. لفظن جي ڇيد ڪرڻ جي لحاظ کان بہ لفظ چئپل (ننڍي گرجا) ڪيپلا لفظ جو جديد روپ آهي. جيڪو زير زمين قبرستان جي ديوارن ۾ کوٽيل ان مقبري آڏو هڪ محرابي قبر هوندي آهي. جنهن تي پوڄا ۽ حمد و ثنا پيش ڪرڻ هڪ رواج هوندو آهي. رومن چرچن جي وچين رستي مان تعمير ڪيل ڳنڍيل گرجا. پنهنجي الڳ الڳ قربانگاهہ ۽ متبرڪ يادگارن سان گڏ. اوائلي عيسائي کوٽيل قبرستانن ۾ موجود اصلي مقدس مقامن کي بلڪل ساڳئي نموني زمين جي مٿان پيدا ڪرڻ جون ڪوششون آهن.

اهڙي طرح عيسائيت. مقبرن تي ڪئي ويندڙ پوڄا جي ان تمام قديم رسم سان ۽ قربانگاهن. تبرڪن ۽ ولين جي منترن ذريعي بزرگن جي پوڄا جي عادت سان ڳنڍيل آهي. جيستائين انقلابي پروٽيسٽنزم اجا

تائين پنهنجي بڻ بڻياد جا ڪجھ آخري ڏنڊلا نشان چرچن ڪي مخصوص انجيلي ليکڪن يا شهيدن جي نالن سان منسوب ڪرڻ ۾ ۽ قربانگاهه، پادرشاهي، قرباني ۽ مذهبي پوشاڪن جي ٿوري يا گهٽي ويس بدلايل بقا ۾ رکندو پيو اچي.

هاڻي مان ائين نہ ٿو چوان تہ بزرگن جي پوڄا ان هر شيءِ جو سچو بڻ بڻياد اسان کي ڏئي ٿي، جيڪا عيسائي انگريز ذهنن ۾ مذهب جي تصور طور موجود آهي . مان اهو نہ ٿو چوان تہ اهو جهنگلي، وحشي يا مهذب قبيلن جي سمورن ڪائناتي اپياسن ۽ تخليق ڪائنات جي نظرين جي وضاحت ڪري ٿو. اهي گهٽي حد تائين ڏند ڪٿائي پيدا وارون آهن جيڪي مکيہ طور تي مان سمجهان ٿو ان ڪنجيءَ سان ئي واضح ڪري سگهجن ٿيون جيڪا ڏند ڪٿا اسان کي مهيا ڪري ڏئي ٿي ۽ انهن مان هڪ جنهن کي ڪتابِ پيدائش ۾ هڪ ڊارئين ذريعي کان حاصل ڪيو ويو آهي: جديد عيسائيت طرفان ان عقيدي جي منظم شڪل جي هڪ حصي طور تسليم ڪئي وئي آهي، جيڪو عيسائي عقيدي کي تشڪيل ڪري ٿو، جيتوڻيڪ صحيح معنيٰ ۾ اهو عيسائي مذهب نہ آهي. نہ وري مان اهو چوان ٿو تہ بزرگن جي پوڄا اسان کي انهن وجودياتي ، مابعد الطبيعاتي يا عارفاڻن تصورن جو بڻ بڻياد ڏئي ٿي جيڪي ڪيترين ئي پادرشاهين جي فلسفي يا دينيات جو حصو ناهن ٿا. مذهبن کي جهڙي نموني اڄڪلهہ اسان عام طور تي حاصل ڪريون ٿا پنهنجي اندر تصور ڪيل ڏند ڪٿا، فلڪيات، وجوديات ۽ حتاڪہ ان نسل جي اخلاقيات جنهن جي هو پيروي ڪندڙ هوندا آهن، بہ ضرور شامل ڪرڻي پوي ٿي. هي باهريان واڌارا بهرحال مان سمجهان ٿو تہ مختلف پاڙن مان ڦٽن ٿا ۽ انهن ۽ حقيقي مذهب وچ ۾ ڪا بہ مشترڪ ڳالهہ نہ ٿي ٿئي. ديوتا ئي سچو مشڪل مسئلو آهي. جيڪڏهن اسان هڪ دفعو روحن، ديوتائن، مقبرن، قربانگاهن، مندرن، گرجا گهرن، پوڄا، قرباني، پادرشاهي ۽ مذهبي تقريبات جي بڻ بڻياد جي وضاحت ڪري چڪا آهيون، تہ پوءِ ان سموري جي وضاحت ڪري ڇڏي آهي جيڪو مذهب ۾ لازمي ۽ مرڪزي آهي. هڪ دفعو ٻيهر مان ان ڳالهہ تي بہ زور ڀرڻ جو خواهشمند آهيان تہ هر خاص ۽ انفرادي ديوتا..... قومي يا فطري، لازمي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور هڪ خاص روح ـــ هڪ واحد خاص ڪنهن وقت جيئري ماڻهوءَ جي مري ويل روح جي نمائندگي ڪري ٿو. اهو ڏيڪارڻ ڪافي آهي، جيئن مسٽر اسپينسر ڏيکاري چڪو آهي ته ديوتا جو تصور ۽ هڪ ديوتا کي پيش ڪيل پوڄا / عبادت ، روح جي تصور ۽ هن کي پيش ڪئي ويندڙ نذراني جي تصور مان سڌو سنئون ورتل آهي. اهو لازمي طور مڃڻ کان سواءِ جيئن مسٽر اسپينسر لڳي ٿو ته مڃي ٿو ته هر ديوتا آخري چند چاڻ ۾ ڪنهن هڪ خاص انسان جو روح هوندو آهي ۽ لازماً هوندو آهي.

هڪ دفعو جڏهن انسانذات طرفان ديوتائن جو تصور پيدا ٿي چڪو ۽ اهو هر ماڻهوءَ جي تصور ڪيل ڪائنات جو هڪ عام حصو بڻجي چڪو، پوءِ اها ڳالهه ڪافي فطري پئي لڳي ته فطرت جي تجريدن يا ان جي خاص پهلوئن ۽ قوتن مان وقتاً فوقتاً نوان ديوتا پيدا ڪيا وڃن ۽ اهو ته انهن نون ۽ خالص تصوراتي ديوتائن کي به ساڳي پوڄا پيش ڪئي وڃي جيڪا ذاتي ۽ قبائلي بزرگن مان قتل سمورن ديوتائن کي اڳ پيش ڪئي ويندي هئي. اها پهرين وک هوندي آهي ، جيڪا ايڏي ڳوري تيندي آهي: هڪ دفعو جڏهن توهان هڪ سٺي نموني قتل ديوتا جو تصور حاصل ڪري چڪا هجو ٿا، ته پوءِ سمورن پاسن کان اضافي ديوتائن جو ڪيڏو به تعداد ايجاد يا متعارف ڪرائي سگهجي ٿو.

ديوتائن جو عظيم مندر (ديومالا) ڪيترن ئي عجيب ذريعن کان ورتل نون ديوتائن کي فوراً پنهنجي دامن ۾ پناهه ڏئي ڇڏي ٿو. هڪ مشهور ديوتائن جي مندر ۾ ان جا ڄاتل سڃاتل مثال آهن، ڪنڪارڊ يا پيڪونا، اٿيس لوڪوٽيس، ريڊيڪيولس ٿوٽينس. رومين ته فطرت يا انساني زندگيءَ جي مشاهدي ۾ ايندڙ هر عمل کي ديوتا بڻائي ڇڏيو.

هنن وٽ ته زراعت، سماجي رشتن، ٻالڪپڻ جي پهرين سالن، شادي ۽ مجموعي طور گهريلو وهنوار جي ننڍي ۾ ننڍن تفصيلن لاءِ به ديوتا يا ديويون هيون. سندن ديوتائن مان گهڻن کي جيئن اسان هاڻي کان پوءِ ڏسنداسون خاص موقعن جي هڪ خاص گهرج کي پورو ڪرڻ لاءِ ظاهر ظهور هٿ سان ناهيو ويو. پر ساڳئي وقت هنن ديوتائن مان ڪو به جيستائين اسان ان ڳالهه جو فيصلو ڪري سگهون ٿا ڪڏهن به وجود ۾ نه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پئي اچي سگهيو، جيڪڏهن روح نظريو ۽ بزرگ پوڄا انساني ذهن کي مجموعي طور مذهب جي انهن متن ۽ طريقن کان اڳوات ئي مانوس نہ ڪري ڇڏن ها!

پوءِ بہ اهو مڃڻ تہ مذهب کي منجهائڻ لاءِ بيون شيون بعد ۾ آيل آهن ، اهو مڃڻ کان بلڪل ئي هڪ مختلف شيءِ آهي تہ خود مذهب کي هڪ کان وڌيڪ بڻ بڻياد آهي. جيڪا بہ شيءِ اسان کي پوڄا جي عمل جي ڪُنجي ڏئي ٿي، اها ئي اسان کي سموري حقيقي مذهب جي ڪُنجي ڏئي ٿي . هاڻي ڪو بہ ماڻهو ڏند ڪٿائي اسڪول جي ڪهڙي بہ ڪتاب کي پڙهي ڏسي تہ هن کي انهن ۾ ڪو هڪ لفظ بہ اهڙو نظر نہ ايندوجيڪو خود مذهب جيئن ان کي صحيح معنيٰ ۾ سڏيو ٿو وڃي، جي بڻ بڻياد تي روشنيءَ جو ڪو هڪ ڪرڻو بہ اڇلائيندو هجي.

مذهبي ڏند ڪٿا ۾ هن يا هن ڪهاڻيءَ يا واقعي جي اوسر کي ڳولڻ خود انساني ارتقا ۾ هڪ تمام ئي ملهائتو اڀياس آهي پر اهڙين ڪهاڻين کي کوٽڻ جو ڪيترو بہ مواد اسان کي ان سوال جو هلڪي ۾ هلڪو جواب بہ نہ ٿو ڏئي تہ انسانن ڇو اوسيرس ، زيئس ، شيوا يا وينس جي پوڄا ڪئي، ڇوهن اِسس يا ارتيمس کي پوڄيو ۽ تعريف ڪئي، هنن ڇوروم جي ڪئپيتولين جوو کي ڳئن جون قربانيون پيش ڪيون يا يروشلم ۾ اسرائيل جي ديوتا_ يهوه جي قربانگاه تي جهنگلي ڪبوتر کي ذبح ڪيو. روح نظريو ۽ بزرگن جي پوڄا جي رسم هنن سمورين ريتن رسمن جي اصليت ۽ هڪ فطري بنياد ڏيکارن ٿا ۽ انهن جي وضاحت اهڙي انداز ۾ ڪن ٿا جو پوءِ ڪا بہ ڏند ڪٿائي جاچ پڙتال ان ۾ بنيادي اهميت جي ڪنهن بہ واحد جُزي جو واڌارو نہ ٿي ڪري سگهي . هن نڪتي تي اڳوات ئي انهن مختلف ٻاهرين جُزن کي ڪجهہ ٿورڙو ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪرڻ سني لڳندي، جيڪي نيٺ عملي مذهب جي سادي قديم تاجي پيتي سان پاڻکي گهنجرائي ڇڏن ٿا .

سڀ کان پهريون ڏند ڪٿائي جزو اچي ٿو. ڏند ڪٿائي شعبو انسانذات وٽ هڪ حقيقت آهيَ . ڪهاڻيون اُپرنديون آهن، وڌنديون آهن، ڇر پر ڪرڻ سان ضمني واقعا ڪنا ڪنديون آهن، پنهنجو پاڻ کي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدلائيندڙيون ۽ ڦيرائيندڙيون آهن، تمام پري تائين پکڙجي ويندڙيون آهن، وقت سان گڏ بدعنوان ٿي وينديون آهن. لکين طريقن سان تبديلي ۽ ڦير ڦار هيٺ اينديون آهن. هاڻي اهڙيون ڪهاڻيون ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي زنده مرد ۽ عورتن سان ڳنڍينديون آهن. هر ماڻهو اهو ڄاڻي ٿو ته اسان جي زماني ۾ به هر مشهور يا عجيب شخص متعلق ڪيتريون نه ڏند ڪٿائون وجود رکنديون آهن. اهي خصوصي طور وڏيڪ ڪنهن مري ويل جي ياد ۽ خاص ڪري ڪنهن تمام ئي مشهور مري ويل ماڻهوءَ يا عورت جي ياد جي چوڌاري گڏ ٿي وينديون آهن. ڪڏهن اهي حقيقي روايت ۾ اڀرنديون آهن، ڪڏهن اهي تخيل يا روماني ذهني صلاحيت جون خالص حاصلاتون هونديون آهن. روح يا ديوتا ٻين ماڻهن وانگر هنن ڏندڪٿائي عجوبات کان ٻاهر نه آهي ۽ جيئن ته ديوتا اڻ ڄاڻايل مدت تائين جيئرا رهندا ايندا آهن، ان ڪري انهن وٽ سندن چوڌاري ڏندڪٿائن جي گڏ ٿيڻ لاءِ جهجهو وقت هوندو آهي. اڪثر ڪري هڪ ڏندڪٿا کي ڪنهن خاص مذهبي تقريب جو جواب ڏيڻ لاءِ ايجاد ڪيو ويندو آهي. وري ڪنهن هڪ خاص انسان جيئن سيزر، ورجل، آرٿر شارلمين کان واضح نموني پراڻيون ڏندڪٿائون پوءِ جي زمانن طرفان انهن خاص شخصيتن ڏانهن منسوب ٿي سگهن ٿيون . ساڳي ڳالهه اڪثر ڪري ديوتائن سان به ٿئي ٿي.

وري ديوتائن متعلق ڏندڪٿائون ڪيترن مثالن ۾ ڪافي دير کان پوءِ خاص ڪري پادرين طرفان لکيون ويل هجن ٿيون ۽ اهي پاڻ ئي چڱي خاصي اضافي پاڪائي حاصل ڪنديون آهن. اهڙي طرح اسان مقدس ڪتاب حاصل ڪريون ٿا ۽ تمام ئي سڌريل نسلن ۾ اهي مقدس ڪتاب مذهب جو هڪ اهم اڻٽٽ حصو بڻجڻ لڳندا آهن ۽ رسومات يا عقيدن جي نج پٺي جي هڪ آزمائش هوندا آهن پر مقدس ڪتابن ۾ هميشه ڪچا فلڪياتي ڍڪا هڪ مافوق الفطري تخليق ڪائنات جو تصور ۽ ديوتائن جا ڪم ڪار، رشتا ۽ سندن مراعات موجود هوندا آهن. اهڙا اوائلي فلسفياڻ ويچار پوءِ مذهب جي تصور سان اڻٽٽ نموني ڳنڍجي ويندا آهن ۽ ڪيترين ئي حالتن ۾ ڪن ذهنن ۾ مذهب جي سچي عملي مرڪزي جوهر کان به وڏيڪ اهميت وارا ٿي ويندا آهن . هن لاڙي جي انتها انگريز پروٽيسٽنٽ باغي بائبليوليٽري ۾ ڏٺي وئي آهي. عقلي ۽ صلح ڪرائيندڙ تشريحون سڌرندڙ تهذيب سان اڀرڻ لڳن ٿيون. ديوتائن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نسب نامي ۽ باهمي تعلقاتن جي کوج لڳائڻ ۽ اوائلي قصن ڪهاڻين ۾ موجود تضادن کان جند ڇڏائڻ جون ڪوششون ڪيون وڃن ٿيون. هيزياڊ جي ديومالا هن سلسلي ۾ يوناني ديومالا لاءِ ڪيل هڪ پڪي ڪوشش آهي. اڪثر ڪري هيءَ ڪوشش پادرين منجهان وڏ ۾ وڏ عالم ۽ فلسفياڻه دماغ رکندڙ پادرين طرفان ڪئي ويئي ۽ برهمڻن جي ڏندڪتا وانگر اها به نيم فلسفياڻي ڏندڪتا ٿي پئي. هڪ خدائي يا نيم هڪ خدائي مذهبن ۾ اها دينيات بڻجي وڃي ٿي. جيئن جيئن اها تناسب ۾ وڌيڪ ڏکي ۽ مخصوص ٿيندي وڃي ٿي، تيئن تيئن پڙهيل ڳڙهيل ۽ پادري طبقي جو ڌيان عقيدي، مسلڪ، ايمان، فلسفياڻي يا عقلي عقيدي جي تجريدي فارمولن ڏانهن وڌيڪ ڇڪبو وڃي ٿو، جڏهن ته ساڳئي وقت هو رسمن رواجن يا طريقت تي پڻ زور پريندا رهن ٿا. پر عوامي مذهب عام طور تي جيئن هندستان ۾ آهي، عملي رسمن ۽ ادائگين جو مذهب آهي، جنهن جو دانشورن يا پادرين جي اعليٰ تجريدي دنيوي خيالن سان تمام ٿورڙو تعلق هوندو آهي.

آخر ۾ اعليٰ مذهبن ۾ اخلاقيات جي جذبي جي وسيع انسان دوستيءَ جي اضافي احساس جي هڪ وڏي حصي کي ان حد تائين اندر داخل ٿيڻ جي اجازت ڏني وڃي ٿي جو اهي مذهبي طريقت ۽ رسمن جي اصلي جُزن کي ئي لڪائي ڇڏن ٿا. اسان کي هميشه اهو سيکاريو ويو آهي ته اصل مذهب معنيٰ اهڙيون ڪئين شيون جن جو صحيح مذهب سان ڪنهن به طرح سان هن ڌرتيءَ تي واسطو نه آهي پر اهي رڳو ڪنهن هڪ روحاني شخصيت يا هستين جي هڪ ٽولي ڏانهن جذباتي ايثار سان رڳيل اعليٰ اخلاقيات هونديون آهن. ته پوءِ هن باب ۾ مان جيڪو تجويز ڪرڻ چاهيان ٿو اهو ياڻ کي هنن چند جملن ۾ هيئن سموئي ٿو:

”مذهب عمل آهي، ڏندڪتا ڪهاڻي بڌائڻ آهي. هر مذهب ۾ ڏندڪٿائون هونديون آهن جيڪي ان سان گڏ هونديون آهن، پر ڏندڪٿائون مذهب پيدا نه ڪنديون آهن. ان جي ابتڙ مذهب ڏندڪٿائون پيدا ڪندو آهي ۽ مان هن ڪتاب ۾ ڏند ڪٿا بحيثيت مجموعي ۽ هتي ڏيکاريل معنيٰ ۾ ديوتائن کان علاوه بين سمورن ڏند ڪٿائي ماڻهن يا هستين — بنهي کي صفا نظرانداز ڪندي، رڳو مذهب جي بڻ بڻياد جو جواب ڏيڻ جي ڪوشش ڪندس.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب ٽيون
## مسئلن جي زندگي

مذهب ۾ هڪ ديوتا يا ديوتائن ۾ سگهي ايمان کان وڌيڪ حتاڪ روحن يا ديوتائن کي تحفن ۽ رسمن ذريعي باڏائڻ ۽ خوشامد ڪرڻ جي رواج يا رسم کان به وڌيڪ پراڻو، وڌيڪ بنيادي ۽ وڌيڪ پائدار عنصر موجود آهي. اهو عنصرآهي مري ويلن جي زندگيءَ جو تصور؛ سمورو مذهب نيٺ پاڻ کي اهڙي زندگيءَ جي قديم عقيدي مٿان بيهاري ٿو. حقيقت ۾ هي عقيدو مذهب ۾ ظاهر ٿيندڙ سڀني کان اوائلي شيءِ آهي ڇو ته اهڙا وحشي قبيلا به آهن جن وٽ ديوتا سڏڻ لائق ڪابه شيءِ نه هوندي آهي پر پوءِ به هنن وٽ سندن مري ويل مائٽن جو هڪ مذهب يا عقيدو ضرور هوندو آهي. پر ٻين سمورن انساني تصورن وانگر مري وڃڻ کان پوءِ جي زندگيءَ ۾ ايمان فطري طور ارتقا جي مختلف مرحلن مان گذريو آهي . اهي مرحلا بهرحال غير محسوساڻه انداز ۾ هڪ ٻئي مٿان چڙهيل آهن پر مان سمجهان ٿو ته اسان مجموعي طور تي مري ويلن جي لڳاتار وجود جي حوالي سان راين جون ٽي سطحون الڳ الڳ طور تي سڃاڻي سگهون ٿا. پهرين يا هيٺين ۾ هيٺين سطح تي زندگي ۽ موت جي وچ ۾ فرق کي تمام گهٽ يا ماڳهين نه سمجهيو ويندو آهي، مري ويلن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته اهي اڃا تائين جسماني طور جيئرا آهن. ٻي سطح تي موت بطور هڪ طبعي حقيقت جي مڃيو ته ويندو آهي پر ان کي عارضي سمجهيو ويندو آهي، هن ڏاڪي تي ماڻهو جسم جي وري جيئري ٿي اٿڻ لاءِ واجهائيندا آهن ۽ ايندڙ دنيا ( آخرت ) جي زندگيءَ جي توقع ڪندا آهن.

ٽين سطح تي روح کي جسم کان ڌار هڪ شيءِ سمجهيو ويندو آهي . ان کي هڪ الڳ ۽ اونداهي روپ ۾ زنده سمجهيو ويندو آهي. هن ڏاڪي جي مستقبل جو خيال جسم جي وري زنده ٿي اٿڻ ۾ ايمان رکڻ ۾ نه هوندو آهي پر روح جي لافانيت ۾ ايمان رکڻ ۾ هوندو آهي. هنن ٻن تصورن کي ڏڍن ۽ اڏ فلسفيائن عيسائي مفڪرن طرفان اڪثر ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪٻئي سان منجهايو ويو آهي پر حقيقت ۾ اهي مڪمل طور تي الڳ ۽ ۽ هڪٻئي سان ڪڏهن نہ نهڪندڙ آهن . مان هنن ٽنهي ڏاڪن جو ڌار ڌار معائنو ڪندس ۽ پهريان سوچ جي ان اوائلي وحشي سطح تي غور ڪريون ٿا، جتي زندگي ۽ موت بابت خيالن ۾ تمام گهڻ فرق ڪيو وڃي ٿو . اڄ اسان کي اهو هڪ عجيب خيال لڳندو تہ ماڻهو هر انفرادي انساني تاريخ ۾ موت جي تصور کي بطور هڪ ضروري واقعي جي لازمي تسليم ڪندا هجن پر اهو ان ڪري آهي تہ اسان پنهنجي سموري پراڻي سوچ کي آسانيءَ سان ختم نہ ٿا ڪري سگهون ، اسان پاڻ کي پوئتي وحشي انسان جي حالت ۾ ڏڪي نہ ٿا سگهون. اسان وڏين ۽ گنجان آباد برادرين ۾ رهڻ جا عادي ٿيل آهيون ، جتي موت عام هوندا آهن ۽ جتي خاص طور تي فطري موت روزمره جو هڪ واقعو هوندو آهي.

اسان جي پويان اسان کي پراڻن دورن جي هڪ وسيع ۽ طويل تاريخ آهي ۽ اسان کي خبر آهي تہ تاريخي وقت ڪيترن ئي هڪٻئي پٺيان ايندڙ نسلن سان پريل رهيو آهي جيڪي هاڻي سڀ مري ويا آهن ۽ انهن مان ڪنهن بہ نسل سراسري طور ستر يا اَسي سالن جي هڪ مقرر ٿيل حد نہ ٽپي آهي. اسان اڄوڪو انساني زندگيءَ جو تصور بطور هڪ نسبتاً مختصر عرصي جي هڪ عام ۽ ڄاڻل سڃاڻل تصور آهي . اسان بهرحال اهو وساري ويهون ٿا تہ اوائلي وحشي انسان اڄوڪو مٿيون سڀ ڳالهيون ابتڙ هيون.

هو هڪ ننڍڙي ۽ ٽڙيل پکڙيل برادريءَ ۾ رهندو آهي، جتي موت ناياب هوندا آهن ۽ جتي خاص طور تي فطري موت نسبتاً گهٽ ٿيندو آهي . هن جا گهڻا ماڻهو جنگ ۾ قتل ڪيا ويندا آهن يا جهنگلي جانورن طرفان کاڄي ويندا آهن يا ان ڊوڙ ۾ حادثن جو شڪار ٿي ويندا آهن يا اُڃ يا بُک وگهي مري ويندا اهن. بيماريءَ وگهي موت نسبتاً ناياب ٿيندو آهي، فطري زوال رستي موت تقريباً اڻڄاتل يا اڻسڃاتل هوندو آهي. نہ ئي هڪ وحشي انسان کي پنهنجي پويان ڪو عظيم تاريخي ماضي هوندو آهي، هو رڳو پنهنجن چند قبيلائي ماڻهن کي ڄاڻيندو آهي، ۽ انهن جي بزرگن کي بہ تمام ٿورڙو ڄاڻيندو آهي ، سواءِ انهن جي جن کي هن جا

والدين هن اڳيان ياد ڪري سگهندا آهن. ماضيءَ متعلق هن جو نقطہ نظر انتهائي محدود هوندو آهي. " سڀ ماڻهو فاني آهن." هڪ مهذب ماڻهوءَ لاءِ هڪ حقيقت آهي، پر تمام اوائلي وحشي ماڻهوءَ کي اها ڳالهہ لازمي طور هڪ حيران ڪندڙ ڳجهارت لڳنديُ آهي: ڪو بہ ماڻهو، هن جي پنهنجي تجربي ۾ ڪڏهن بہ مئو نہ ٿيُ، جيستائين هو ياد ڪري سگهي پيو تہ هن پنهنجين سمورين مهم جوين ۾ هڪ مستقل حصي طور وجود رکيو ٿي. وحشي انسان جو تقريباً سمورو خاندان هن سان لڳاتار ڪٺي رهندو پيو اچي. اهڙي صورتحال ۾ موت هڪ ناياب ۽ عجيب واقعو هجي ٿو . اهڙي طرح موت جو بطور هڪ اٽل پڄاڻيءَ جي ، تصور بلڪل ڪڏهن بہ نہ ٿو ابري . فطري سببن وگهي موت جو تصور بلڪل ڪمزور لڳندو آهي، جڏهن هڪ وحشي ماڻهو مري ويندو آهي، تہ پهريون سوال جيڪو ابرندو آهي، اهو هي هوندو آهي تہ "هن کي ڪنهن ماريو آهي؟" جيڪڏهن هن کي ڪنهن لڙائيءَ ۾ قتل ڪيو ويو هوندو آهي يا هو ڪنهن چيتي جو کاڄ بڻيو هوندو آهي يا ڪنهن هاٿيءَ هيٺان چيپاٽيو ويو هوندو آهي يا ڪنهن درياءَ ۾ ٻڏي مئو هوندو آهي يا ڪنهن قبيلي جي ٻئي ماڻهوءَ هٿان قتل ڪيو ويو هوندو آهي، تہ پوءِ هن جي موت جو ڪارڻ صاف ظاهر هوندو آهي . هنن مان جيڪڏهن ڪو بہ هن جي موت جو ڪارڻ نہ هوندو آهي تہ پوءِ موت کي جادو ٽيڻي جو نتيجو سمجهيو ويندو آهي.

ان ڪانسواءِ موت جي محض حقيقت مهذب برادرين جي پيٽ ۾ اوائلي يا وحشي ماڻهن ۾ تمام گهٽ يقيني ٿيندي آهي. اسان هڪ اصول طور اها ڳالهہ هڪ قطعي يقينيت سان ڄاڻيندا آهيون تہ آيا هڪ بيمار يا زخمي ماڻهو، هڪ خاص لمحي تي مري ويل هوندو آهي يا جيئرو هوندو آهي. پوءِ بہ بهرحال اسان وٽ شڪي ڪيس ايڏا اٽلپ نہ هوندا آهن. ڪن وقتن تي اسان منجهي پوندا آهيون تہ آيا هڪ ماڻهو يا عورت مري وئي آهي يا بيهوش ٿي وئي آهي. جيڪڏهن سندن دل ڌڙڪندي رهندي آهي تہ اسان هنن کي اڃا جيئرو سمجهندا آهيون، پر جيڪڏهن سندن نبض جي هلڪي جنبش بہ ٻڌڻ ۾ نہ ايندي آهي تہ پوءِ اسان هنن کي مري ويل سمجهندا آهيون. اسان جي تمام اڳتي وڌيل طبي سائنس بہ اڪثر ڪري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڪرات جي تمام مبهم ڪيسن ۾ منجهي پوندي آهي ۽ وقتاً فوقتاً غلطيون سرزد ٿيون آهن. جن جي نتيجي ۾ ڪڏهن ڪڏهن جيئرا ماڻهو به دفنايا ويا آهن. اها ڳالهه قدرتي آهي ته اهڙا شڪي ڪيس مهذب ماڻهن جي پيٽ ۾ وحشي ماڻهن ۾ وڌيڪ ٿي سگهندا آهن يا ان کي انهن لفظن ۾ بيان ڪندي جيئن وحشي ماڻهو سوچيندا، ان ڳالهه جي اڪثر ڪري پڪ نه هوندي آهي ته اهو ماڻهو جيڪو خاموش ۽ ساڪت ستو پيو هوندو آهي، ڪنهن وقت اٿي ڪڙو ٿي ۽ پنهنجي معمول واري سرگرمي شروع ڪري ڏئي. وحشي ماڻهو پنهنجن هم قبيلائين کي ڪيرو ٿيل يا دشمن، جهنگلي جانورن، قدرتي آفتن يا پنهنجن ئي هم قبيلائين طرفان رسايل ڏکن، زخمن يا ٻين حادثن ڪري بيهوش ٿي ويل ڏسڻ جا هريل هوندا آهن ۽ هن کي ان ڳالهه جي ڪڏهن به سڌ نه هوندي آهي ته انهن حادثن جو اثر ڪيترو جلد ختم ٿي ويندو ۽ اهو ماڻهو پنهنجي صحت ٻيهر حاصل ڪري ونندو.

هڪ اصول طور هو پنهنجن دوستن جي جسمن (لاشن) کي ايترو دير تائين رکندو آهي ۽ سندن سار سنڀال لهندو رهندو آهي، جيستائين هنن جي وري مڪمل طور صحتياب ٿي اٿڻ جو ڪو امڪان هوندو آهي ۽ ان کان پوءِ به گهڻي وقت تائين (جيئن اسان اڳتي ڏسنداسون). پنهنجن زخمي ٿيل ، ڏکيل ۽ مئل هم قبيلائين ڏانهن اوائلي انسان جي هن رويي کي سمجهڻ لاءِ اسان کي اوائلي نفسيات تي هڪ گهڙيءَ لاءِ هڪ نظر وجهڻي پوندي. مان سمجهان ٿو، انساني ذهن جي تاريخ ۾ تمام شروع ۾ هڪ روح جي تصور جي هڪ ڌنڌلي خاڪي انسانذات ۾ سرايت ڪرڻ شروع ڪئي هئي. اسان کي هاڻي خبر آهي ته شعور، دماغ جو ڪم آهي ۽ اهو ننڊ دوران، جڏهن دماغ آرام ۾ هوندو آهي، ٿوري دير لاءِ رڪجي ويندو آهي ۽ تنتي يا رت جي سرشتي جي وڏي ڳڙ ٻڙ جي وقتن دوران به، جيئن جڏهن اسان کي چڪر اچي ويندو آهي يا اسان بيهوشيءَ واري حالت ۾ هليا ويندا آهيون يا ڪنهن ڏک سبب متو چڪرائجي ويندو آهي يا اسان سڪرات يا مرگهيءَ ۾ ونجي ويندا آهيون. اسان کي اها پڻ خبر آهي ته موت تي (جڏهن دماغ ڪم ڪرڻ بند ڪري ڇڏيندو آهي) شعور بلڪل ختم ٿي ويندو آهي، ان جي وڌيڪ جاري رهڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو امڪان جسم جي ڳري ڪپي وڃڻ جي حقيقت سان ختم ٿي ويندو آهي. پر هي سچ جيڪي اسان مان گهڻن کي اجا تائين صحيح نموني سمجهه ۾ نہ آيا آهن يا جلد بازيءَ ۾ رد ڪيا وڃن ٿا. اوائلي انسانن کي مڪمل طور تي اڻچاتل هئا. هنن کي پنهنجي لاءِ ان معلومات مان جيڪو زندگيءَ جو وهنواري انداز ڪين تجويز ڪري پيو، انساني ذهن جو هڪ ڏنڌلو ڪم ڪار جو نظريو جيترو سني نموني هنن ڪان پڳو. گهڙٿو پيو ۽ جيڪو تصور هنن گهڙيو اهو ٿورو يا گهڻو تلهي ليکي روح جو تصور هو، جنهن کي اجاتائين انسانذات جي گهڻائيءَ طرفان پوري طرح سان قبول ڪيو وڃي ٿو. هن تصور مطابق هر انسان ۾ اڌن يا حصن جو نهيل آهي، هڪ مادي يا جسماني ۽ ٻيو غير مادي يا روحاني. پهريون اڌ جنهن کي جسم سڏيو ٿو وڃي، نظر ايندڙ ۽ محسوس ڪري سگهجندڙ هوندو آهي، ٻيو اڌ جنهن کي روح سڏيو ٿو وڃي، جسم ۾ اندر رهي ٿو ۽ ٿورو يا گهڻو نظر نہ ايندڙ ۽ پراسرار هوندو آهي. ان کي گهڻي حد تائين ساهه ڪڻڻ سان سڃاتو ويندو آهي ۽ اڪثر ڪري اهو مڃيو ويندو آهي تہ اهو ساهه وانگر، ماڻهوءَ جي مرڻ وقت جسم کي ڇڏي ويندو آهي ۽ هڪ آزاد روپ ۾ هليو ويندو آهيءِ ٻئي هنڌ ڪٿي پنهنجي الڳ زندگي گذاريندو آهي. جيئن تہ جسم ڪان روح جي هيءَ فرض ڪيل آزادي سمورن ارواحن يا ڀوتن (GHOSTS) ۽ ديوتائن جي بنياد ۾ وسي ٿي ۽ تنهنڪري خود مذهب جي بنياد ۾، ان ڪري مون کي معاف ڪيو وڃي جيڪڏهن مان ان جي بڻ بڻياد جي سوال تي ڪجهه تفصيل سان ڳالهايان.

حقيقت ۾ جيستائين اسان سڌي سنئين ۽ پروسي جوڳي ثبوت معرفت ڄاڻون ٿا تہ هڪ ذهن، شعور يا روح جو وجود، هڪ جسم کان الڳ ۽ هيل تائين تسلي بخش انداز ۾ ڪڏهن بہ ثابت نہ ڪيو ويو آهي، پر وحشي انسان اهو عقيدو بظاهر هڪ وقت ٿيندڙ اشارن ۽ تجويزن مان اخذ ڪيو، جن جو اڻتر نتيجو هن کي روح جو ههڙو تصور لڳو. ڏينهن وقت هو جاڳيل هوندو هو، رات جو هو ننڊ پوندو هو، پر پوءِ بہ ننڊ ۾ جڏهن هن جو جسم زمين تي باهه جي مچ پرسان ڪروندڙو ٿيو پيو هوندو هو، هن کي لڳندو هو تہ هو ڪجهه ٻين هنڌن تي شڪار ڪري رهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، وڙهي رهيو آهي، پيار ڪري رهيو آهي يا ڪائي رهيو آهي. اهو هن جو ڪهڙو حصو هو، جيڪو خوابن ۾ هن جي جسم کان الڳ نموني گهميو ڦريو ٿي؟ اهو جيڪڏهن روح يا ساهه نه هو جنهن ڪي هن فطري طور پاڻ کان ڪا مختلف ۽ الڳ شيءِ سمجهيو ٿي، ته پوءِ اهو ڇا هو؟ ۽ جڏهن ڪو ماڻهو مئو ٿي، ته ڇا سندس روح يا ساهه هن کان ٻاهر نه ٿي هليو ويو؟ جڏهن هو بري طرح زخمي ٿي پيو ٿي . تڏهن ڇا روح ٿوري وقت لاءِ غائب نه ٿي ٿي ويو ۽ پوءِ وري ٻيهر واپس موٽي نه ٿي آيو؟ بيهوشيءَ جي دورن ۾، سڪرات ۾ ۽ ٻين غير رواجي حالتن ۾، ڇا اهو جسم کي ڇڏي نه ٿي ويو يا ان سان عجيب چالون نه ٿي کيڏيو؟ مان سوچ جي هن انداز جي وڌيڪ کوج نه ڪندس ڇو ته ان تي هربرٽ اسپينسر ۽ ڊاڪٽر ٽائلر طرفان اڳ ئي مڪمل طور تي ڪم ٿيل آهي . اهو چوڻ ڪافي آهي ته تمام آڳاٽي زماني کان اوائلي انسان روح يا زندگيءَ کي ڪا اهڙي شيءِ سمجهڻ شروع ڪيو هو، جيڪا ساهه سان ڳنڍيل آهي، ڪا اهڙي شيءِ جيڪا جسم کي پنهنجي مرضيءَ تي ڇڏي وڃي سگهي ٿي ۽ ان ڏانهن وري واپس موٽي اچي سگهي ٿي، ڪا اهڙي شيءِ جيڪا ماڻهوءَ کان الڳ ٿي سگهندڙ ۽ مختلف آهي، پر پوءِ به هن لاءِ تمام ضروري آهي؛ ڏنڌلي نموني هڪ غيرمادي يا پراسرارسمجهي ويندڙ، ائين ان کي اوائلي زماني جي پيٽ ۾ بعد جي زماني ۾ سمجهيو وڃڻ لڳو. ان کان علاوه هي روح يا آتمائون (جيڪي جسم کي ننڊ يا وجد دوران ڇڏي ٿي ويا) موت کان پوءِ به جيئريون رهيون ٿي ۽ مري ويل جي پونيئرن کي وري نظر آيون ٿي؛ خوابن ۾ اسان اڪثر ڪري زنده ماڻهن جون صورتون ڏسندا آهيون پر اسان مري ويلن جا نقش به خاص چٽائيءَ سان پڻ ڏسندا آهيون، هر ماڻهو ننڊ ۾ تمام گهاٽن دوستن يا ويجهڙ ۾ مري ويل مائٽن جي گهڙي گهڙي ظاهر ٿيڻ کان بخوبي واقف هوندو آهي. وحشي ماڻهو هن خوابي دنيا کي حقيقي حواسن واري دنيا جي تقريباً برابر سچو سمجهندو آهي. ان سچي معاملي کي هو پاڻ مٿان لاڳو ڪندي، اهو سمجهندو آهي ته سندس روح، هن جي جسم کان سواءِ پنهنجن سفرن تي ويل هوندو آهي ۽ اتي هو مري ويل دوستن يا رشتيدارن جي روحن سان مليو هوندو آهي ۽ انهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان گفتگو ڪئي هوندي آهي.

اسان کي اهو پڻ ياد رکڻ گهرجي تہ هڪ وحشي انسان جي زندگيءَ ۾ مهذب انسان جي زندگيءَ جي مقابلي ۾ وجد ٿيڻ، ڪري پوڻ ۽ اهڙين ٻين بيمارين يا بيهوش ٿيڻ جي اعصابي بيمارين جا واقعا وڌيڪ تيزيءَ سان ٿيندا آهن. وحشي ماڻهو اڪثر ڪري زخمي ٿي پوندو آهي ۽ گهڻو رت وهڻ ڪري نستو ٿي ڪري پوندو آهي؛ هو ڪنهن پٿر سان ٽڪرائجي پنهنجي پير کي ڦٽي وجهندو آهي يا ڪنهن جهنگلي جانور طرفان اڌ مئو ڪيو ويندو آهي. هو ڊگهي وقت تائين بکيو رهندو آهي ۽ اڪثر ڪري مجبوراً يا بک وگهي فاقاڪشيءَ جي ڪناري تي پهچي ويندو آهي . ان ڪري هڪ وحشي ماڻهو پنهنجي حالت ۾ ۽ پڻ ٻين ماڻهن جي حالت ۾ بيهوشيءَ جي هر قسم کان ۽ جابولڻ يا وهم جي هر قسم کان ڪافي مانوس ٿيل هوندو آهي. هي سموريون حقيقتون هن جي ذهن آڏو پنهنجو پاڻ کي جسم کان روح جي غيرحاضرين طور پيش ڪن ٿيون، جيڪو هن لاءِ ائين هڪ ڄاتل سڃاتل ۽ تقريباً روزمره جو تجربو هوندو آهي. ان کان علاوه هن ڳالهہ جو هي نتيجو بہ نڪرندو آهي تہ وحشي ماڻهو مشڪل سان ڪو موت جو ۽ خاص طور تي فطري سببن ڪري ٿيل موت جو ڪو چٽو تصور هٿ ڪري سگهندو آهي. جڏهن ڪنهن قبائليءَ کي سخت زخمي ۽ بيهوش حالت ۾ گهر ۾ آندو ويندو آهي تہ ڏسندڙن جو فوري خيال لازمي طرح اهو هوندو آهي تہ هن کي ضرور روح ڇڏي چڪو آهي ۽ سندس جسم کي اُجاڙي ويو آهي. ڪيتري وقت لاءِ اهو روح هليو ويو آهي، اهو هو نہ ٿو ٻڌائي سگهي پر هن جون ڪوششون ان طرف هونديون آهن تہ ان (روح) کي وري واپس اچڻ لاءِ ليلائجي ۽ مجبور ڪجي؛ ان مقصد لاءِ هو ان روح کي اڪثر ڪري دعائن ۽ تعريفن سان مخاطب ٿيندو آهي يا وڏين رڙين ۽ ايلازن سان هن کي واپس ورڻ لاءِ منٿون ڪندو آهي . هو شايد روح جي عارضي غير حاضريءَ ۽ ان جي حتمي موڪلاڻيءَ وچ ۾ تميز نہ ڪري سگهندو آهي . جيئن مسٽرهربرٽ اسپينسر خوب چيو آهي تہ "ڌڪن يا زخمن جا نتيجا غيرمحسوساتي ڏاڪن رستي موت ۾ ضم ٿي ويندا آهن." هاڻي زخمي ٿيل ماڻهو وري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان تمام گهڻي ويجهڙائيءَ ۾ رهڻ جي ظاهري تڪليف، سوچ جي هن ڏاڪي تي لاشن کي هڪ وڻ يا ڏِکي تي يا ڪن بين حالتن ۾ ڪليل نموني رکيو ويندو آهي، جتي ان کي ڪو به نقصان نه پهچي سگهي. آسٽريلوي ۽ انڊيمان ٻيٽ وارا ماڻهو، جيڪي نيوگني جي شيدي ماڻهن وانگر اسان لاءِ انساني ريتن رسمن جو هڪ تمام ئي قديم قسم يعني لاش کي هڪ مٿي ايريل کُهري پجري تي ائين ڪليل رکي ڇڏڻ واري رسم محفوظ رکندا پيا اچن. پولينيشن ۽ ميلينيشين قومن جا ڪجهه ماڻهو به ساڳي رسم قائم ڪيو اچن ٿا. ڊياڪس (DYAKS)۽ ڪيانس (KYANS) پنهنجن مري ويلن کي وڻن تي ڇڏي ايندا آهن. مسٽر هربرٽ اسپينسر چئي ٿو، "پر اهو آمريڪا ۾ تمام گهڻو عام آهي ته ايريل چبوتري تي لاش کي کليو ڇڏي ڏجي." هن ئي طريقي جو هڪ ٿورو بدليل قسم تيمورلات جي باشندن ۾ جيڪي هڪ تمام ئي ساموندي نسل آهن، مخصوص آهي ۽ جنهن کي مسٽر ايڇ. او. فوربس هيئن بيان ڪري ٿو. "لاش کي ان ماڻهوءَ جي قد جيتري تابوت جي هڪ حصي ۾ رکيو ويندو آهي يا ڳابا ڳابا ڪاٺ جي پٽين ۾ يا هڪ ٻئي سان ڳنڍيل صابو داڻن جي وڻن جي ٿُڙن ۾. جيڪڏهن اهو شخص اهميت وارو هوندو آهي جيئن اورينگ ڪا يا ته پوءِ هن لاءِ هڪ زيبائش وارو ۽ سينگاريل تابوت خاص طور تي تيار ڪيو ويندو آهي، ان کي پوءِ هڪ ڊگهي ڪپڙي ۾ ويڙهيو ويندو آهي ۽ ڳوٺ کان ٿوري فاصلي تي سمنڊ جي ڪناري لڳ يا ته هڪ پهاڙيءَ جي چوٽيءَ تي رکيو ويندو آهي يا گهٽ چولين واري ڪناري تي ڪڙي ڪيل هڪ اوچي ڪاٺ جي ٽنيءَ جي پليٽ فارم تي رکيو ويندو آهي. تابوت جي ڍڪ جي سيراندي‌ءَ تي اوچا جهنڊا ۽ گهنٽيون وڄائيندڙ بندوقون هلائيندڙ ۽ اشارن سان ڳالهيون ڪندڙ ماڻهن جون تصويرون لڳايون وينديون آهن، جيئن اهي شيطاني اثرن کي ان مري ويل ماڻهوءَ کان پري ڀڄائي ڇڏن. ڪڏهن اونهي پاڻيءَ مٿان ڪناري لڳ هڪ دڪو ڪڙو ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي ويجهو کجور جي شراب سان ڀريل هڪ ڊگهو بانس جو لڪڙو زمين ۾ کوڙيو ويندو آهي ۽ بانس جي جهنگلي تي منن پٽاڻن جا ڇڳا، ان مري ويل ماڻهوءَ جي نيتو (روح) جي استعمال لاءِ لٽڪايا ويندا آهن. جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مري ويل ماڻهوءَ جو لاش ڪافي ڳري چڪو هوندو آهي تہ پوءِ پٽ يا خاندان جو ڪو ٻيو مرد هن جي کوپڙي الڳ ڪري، ان کي پنهنجي گهر ۾ آتشدان جي سامهون مٽي ماڙيءَ تي هڪ ننڍڙي چبوتري تي محفوظ ڪري رکي ڇڏيندو آهي. جڏهن تہ پاڻ کي شيطان کان بچائڻ لاءِ اهو پاڻ سان گڏ پنهنجن ڪپڙن جي ڪيسن ۾ مري ويل جي ڪنڌ جا هڏا کنيو گهمندو آهي.“

هي دلچسپ تفصيل اهڙن مضمرات سان ڀريل آهي، جن جي مڪمل معنيٰ اسان هاڻي ڪان پوءِ سمجهنداسون. کوپڙي ۽ ڪنڌ جي هڏيءَ جي استعمال کي سندن بعد جي اهميت لاءِ خاص طور تي ڌيان ۾ رکيو وڃڻ گهرجي، ڇو تہ کوپڙيون مذهب جي تاريخ ۾ بنيادي آهن. هھڙي قسم جا مثال جلد ئي لاشن کي محفوظ ڪري رکڻ جي رسم ۾، خاص ڪري خشڪ يا صحرائي آبهوا ۾ تبديل ٿي ويندا آهن، ايستائين جو گرم نيوگني جهڙي هڪ آلي ملڪ ۾ بہ ڊِي البرٽس،فلاءِ نديءَ جي ڪناري تي هڪ جهڳيءَ ۾ بہ مَميون لڌيون، جيڪي جيئن هن سوچيو تہ گوشت کي هٽائي، رڳو هڏن کي محفوظ ڪرڻ سان مصنوعي طور تي تيار ڪيون ويون هيون، جن مٿان ڪل چاڙهي وئي هئي. هتي صرف هڪ عارضي غيرحاضريءَ کان مختلف نوعيت جي هڪ سنجيده تبديليءَ طور موت جو هڪ چٽو تصور ملي ٿو . پر مميفيڪيشن گهٽي ڀاڱي خشڪ آبهوائن تائين محدود آهي، جتي ان کي تهذيب جي تمام گهٽي ارتقا ڪيل ڏاڪي ۾ ئي هتراڏو طور استعمال ڪيو وڃي ٿو، جيئن اسان اهو پيرو ۽ مصر جي معاملي ۾ خوب ڄاڻون ٿا. هلندي هلندي ڪجھ لفظ خاص طور تي مري ويل مائٽ جو لاش ، مٿو يا هٿ محفوظ ڪري رکڻ يا ان کي کڻي گهمندو وتڻ جي عادت متعلق چوڻ گهرجن. ان جو اڳ ئي ٽيمورلات جي معاملي ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ اهو ٻئي هنڌ بہ وري وري ايندو. نيوگنيءَ جي هڪ ننڍڙي ٻالڪ متعلق مسٽر چامرس چئي ٿو، ”ان جي لاش کي بہ انچ زمين سان ڍڪيو ويندو آهي ۽ قبر جي پرسان دوست احباب اهو سڀ ڏسي رهيا هوندا آهن پر پوءِ نيٺ ان ٻار جي کوپڙي ۽ سندس ننڍڙا هڏا سندس ماءُ طرفان محفوظ ڪيا ويندا آهن ۽ پاتا ويندا آهن.“


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳئي نموني اينڊ مان پيتن ۾، جتي اسان شايد وحشي احساس جي هيٺين ۾ هيٺين وجود رکندڙ سطح کي ڇهون ٿا، اتي "پيو اهن کي سندن ڳچين ۾ پنهنجن مري ويل مڙسن جي تنگيل کوپڙين سان ڏسي سگهجي ٿو." متي يا سسيءَ جي خاص حفاظت ، جڏهن ته پيو سڄو جسم ڪاچي وجي ٿو يا پوريو وجي ٿو، ٿوري دير کان پوءِ اسان جو ڌيان ڇڪائيندي. اهڙي نموني محفوظ ڪيل متا يا سسيون اڪثر ڪري دارا لا ستخاره ليکيا ويندا آهن ۽ ڪين روح جي گهر طور سمجهيو ويندو آهي. مسٽر هربرٽ اسپينسر اهڙا ڪئين ساڳيا مثال ڪنا ڪيا آهن، جيئن تسمانين جو، جيڪي هڪ مري ويل مائٽ جي کوپڙي يا ٻانهن جو هڏو پايون گهمندا آهن.

مون کي لڳي ٿو ته سوچ جي هن ڏاڪي تي اهو حقيقي لاش ئي هوندو آهي جنهن کي اجاتائين جيئرو سمجهيو ويندو آهي. اهو اصل لاش هوندو آهي جيڪو خوابن ۾ ظاهر ٿيندو آهي ۽ اهو اصل لاش ئي هوندو آهي جنهن کي ڪارايو ويندو آهي، پوڄيو ويندو آهي ۽ ڪيس تحفن سان راضي ڪيو ويندو آهي. هن ڏاڪي تي تقريباتي آدم خوري ظاهر ٿئي ٿي ۽ اتان کان اعليٰ سطحن تائين پنهنجو وجود برقرار رکندي اچي ٿي. لاش جي سڄي جسم کي کاڌو ويندو آهي ۽ هڏن کي محفوظ ڪيو ويندو آهي يا گوشت ۽ چربيءَ کي هٽايو ويندو آهي ۽ چمڙيءَ کي پوئتي ڇڏيو ويندو آهي يا جسم جو رڳو هڪ حصو قرباني طور ۽ عقيدت مان مري ويل ماڻهوءَ جي باقي جيئرن رشتيدارن طرفان کاڌو ويندو آهي. هنن طريقن کي اڳتي هلي وڌيڪ ويجهڙائيءَ کان بيان ڪيو ويندو.

پهريون مرحلو، ڏاڪي به ڏاڪي معرفت ٻئي مرحلي ۾ ضم ٿئي ٿو، جيڪو آهي لاش کي پورڻ يا ان جي برابر وارو مرحلو. مميز يا لاشن کي غارن ۾ پورڻ، هڪ وچ واري ڪڙي آهي؛ جيئن ته قديم انسانن جا ڪئين نسل غارن ۾ عادتاً رهيا پئي، ان ڪري لاش کي هڪ غار ۾ رکي ڇڏڻ يا ڇڏي اچڻ گهٽي قدر ساڳي ئي شيءِ لڳي ٿي جيئن ان کي هڪ جهڳي، مَنهن يا آستاني ۾ رکڻ يا ڇڏي اچڻ. غارن ۾ رهندڙ ويد (Veddahs) مري ويل ماڻهوءَ کي غار ۾ ڇڏي ڏيندا هئا ، جتي هو مئو هوندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو ۽ پاڻ ڪنهن ٻي غار ڏانهن هجرت ڪري ويندا هئا. پوءِ ٻه غار ۾ لاشن کي پورڻ جو رواج ڪيترن ئي قبيلن يا قومن ۾ جن ڪن زمانن کان غارن ۾ رهڻ جي عادت ترڪ ڪري ڇڏي هئي، دير تائين قائم رهندو آيو. ڏکڻ آمريڪي، انڊين ماڻهن ۾ لاشن جي غارن ۾ تدفين عام هئي ۽ پيرو ۾ ان مميفيڪيشن جون اعليٰ سطحون حاصل ڪيون. مري ويل لاءِ هڪ مصنوعي غار يا تهخانو ناهڻ به هن رسم جو هڪ ٿورڙو بدليل روپ آهي، اهو مصر ۾ عام هو، جيڪو هڪ ٻيو خشڪ ملڪ هو جتي مميز ناهڻ جي ڪم کي ڪاملتا جي هڪ اعليٰ سطح تائين پهچايو ويو. ٿيبيز وٽ بادشاهن جا مقبرا اهڙين مصنوعي غارن جا شاندار مثال آهن، جن کي رنگيل ديوارن سان شاهاڻن محلن ۾ سجايو ويو آهي ته جيئن مري ويل بادشاهه پنهنجي زير زمين زندگي اتي شان ۽ مانَ سان گذاري سگهن.

غارن ۾ مقبرا، فطري يا مصنوعي ايشيا مائنر ، اٽلي ۽ ٻين هنڌن تي پڻ عام آهن. هيءَ ڳالهه نوٽ ڪري سگهجي ٿي ته پهرئين مرحلي دوران ماڻهوءَ جو پنهنجي مري ويل ڏانهن رويو مکيه طور تي هڪ پيار ڀري عزت وارو هجي ٿو . لاش کي گهر ۾ رکيو ويندو آهي، هن کي ڪارايو پياريو ويندو آهي، سندس سار سنڀال ڪئي ويندي آهي، سندس کوپڙيءَ کي بطور هڪ پياري شيءِ جي ساڻ کڻي هلبو آهي. پر ٻئي مرحلي ۾، جيڪو تدفين جي رسم جي ترغيب ڏئي ٿو، مئل ماڻهوءَ کان هڪ يقيني خوف وڌيڪ صاف نموني ظاهر ٿئي ٿو. ماڻهن کي لاش يا آتما جي واپسيءَ کان خوف ٿيندو آهي ۽ هو ان کي مقرر ٿيل حدن اندر رکڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. هن ڏاکي تي جسم جي ٻيهر زنده ٿي اٿڻ ۾ ايمان (RESURRECTION)هڪ مناسب عقيدي طور ابري ٿو ۽ جيتوڻيڪ پهريان اصل لاش لاءِ اهو سمجهيو ويندو آهي ته اهو گهٽي قدر باقي زنده ماڻهن جو نڪ ۾ دم ڪرڻ واسطي واپس ايندو پر مان سمجهان ٿو ته، ان خيال ٿورڙو بعد ۾ هڪ گهٽ جسم واري ٻهروپ يعني روح جي تصور کي پيدا ڪيو ۽ هتي اسان کي مري ويل جي ٻيهر زنده ٿي پوڻ ۽ روح جي لافانيت وچ ۾ خبرداريءَ سان فرق ڪرڻ سان شروعات ڪرڻ گهرجي.

وري زنده ٿي اٿڻ جو خيال لاش کي پورڻ جي رسم مئل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهوءَ جي باقيات کي نڪاتي لڳائڻ جي بئي ۽ وڌيڪ سادي طريقي مان ڦٽو ۽ ان سان ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل آهي. (روح جي) لافانيت جو خيال لاش کي ساڙي ڇڏڻ جي رسم، جيڪا انساني تهذيب جي ٺئين ڏاکي تي ايجاد ڪئي وئي، مان ڦٽو ۽ ان رسم سان ويجهڙائيءَ سان جڙيل آهي.

اوائلي تاريخي زماني ۾ سمورين اڳتي وڌيل ۽ مهذب قومن پنهنجن مري ويلن کي ساڙي ڇڏيو تي ۽ نتيجي ۾ لافانيت جو وڌيڪ خيالي ۽ عمدو تصور قبول ڪيو پر جديد يورپي قومون پنهنجن مئلن کي پورن ٿيون ۽ نتيجي ۾ وري زنده ٿي اٿڻ جو ڪچو ۽ موٽو تصور گهٽ ۾ گهٽ نالي ماتر ئي سهي، قبول ڪن ٿيون. مان چوان ٿو نالي ماتر ڇو تہ عقيدن ۽ دستورن باوجود، افلاطون ۽ ٻين قديم ڏاهن ۽ اجا زنده قديم خيالن جي اثر اڪثر پڙهيل ڳڙهيل يورپي ماڻهن کي لافانيت ۾ حقيقي نموني ايمان رکڻ تي قائل ڪري ڇڏيو آهي، جيتوڻيڪ اهي پنهنجو پاڻ کي وري زنده ٿي اٿڻ جي عمل ۾ ايمان رکندڙ تصور ڪن ٿا. پوءِ بہ بهرحال ٻيهر زنده ٿي اٿڻ ۾ ايمان، عيسائي دنيا جو هڪ اعلانيل ۽ مستند عقيدو آهي، جيڪو اهڙي طرح پنهنجو پاڻ کي، هن ڏس ۾ قديم دنيا جي مهذب ماڻهن کان هڪ هيٺين سطح تي ڏيکاري ٿو.

مري ويل ماڻهن جي لاشن کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ جي هنن ٻنهي طريقن مان اوائلي يقيناً لاش کي پورڻ وارو طريقو آهي. جيئن تہ هن حقيقت تي ويجهڙائيءَ ۾ شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي، ان ڪري مان ان جي حمايت ۾ پيش ڪيل ثبوتن تي ٿورڙو تفصيل سان ڳالهائيندس.

وقت جي حساب سان، لاش کي پورڻ جي رسم يقين سان نئين پٿر جي زماني (NEOLITHIC)تائين وڃي ٿي ۽ ڪجھ ممڪن آهي تہ اوائلي پٿر جي زماني تائين. غارن ۾ موجود ڪيترين سچين قبرن کي ٻہ هوشيار زميني ماهرن طرفان هنن ٻن زمانن مان اوائلي زماني ڏانهن منسوب ڪيو ويو آهي، جنهن لاءِ ڏرتيءَ تي انسان جي وجود جي اسان کي ڪا پڪي ضمانت ملي ٿي. پر جيئن تہ مان هن تشريح ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو متنازعہ مسئلو متعارف نہ ٿو ڪرڻ چاهيان، ان ڪري مان اوائلي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٿر جي زماني (PALEOLITHIC) ۾ لاشن کي پورڻ جي ملندڙ ثبوت کي شڪي قرار ڏيندس ۽ صرف اهو ذڪر ڪندس تہ مسٽر آرٿر ايوانس مطابق، جيڪو هڪ وڏ ۾ وڏ اهل سند آهي، ميننٿون غارن ۾ اسان کي هڪ سچي تدفين جو هڪ مثال ملي ٿو ، جنهن سان گڏ نئين پٿر جي زماني جا باقيات پڻ موجود آهن، جيڪي هڪ اهڙي ثقافت جي سطح جا آهن جيڪا اسان کي، چاتل بئي ڪنهن بہ هنڌ جي ثقافت کان اڳاٽي ۽ سادي آهي. بين لفظن ۾ نئين پٿر جي زماني جي اوائلي شروعات کان ئي انسانن پنهنجن مري ويلن کي دفنايو تي ۽ ڪين غارن ۾ يا دڙن ۾ پورڻ جو سلسلو نئين پٿر جي زماني جي ثقافت جي آخر تائين جاري رکيو. هنن انهن کي برطانيہ جي ڊگهن پٿرن جي کوڙن ۾ پوريو ، اوهيو جي دڙن ۾ پوريو، نيوزيليند جي گهاٽن ٻيلن ۾ پوريو، اونداهي آفريڪا جي مرڪز ۾ پوريو. يورپ ۾ پٿر جي زماني جي ثقافت ۾ ماڻهن طرفان لاشن کي دفنائڻ يا ان جي اوائلي مساوي طريقي مميفيڪيشن ڪانسواءِ مون کي لاش کي نڪاٽي لڳائڻ جي ڪنهن بہ ساڙڻ يا اهڙي بئي طريقي جي ڪنهن مثال جو ڪو علم نہ آهي. جڏهن پتل ۽ ٻيا ڌاتو متعارف ڪرايا ويا رڳو تڏهن ئي انساني نسل تئين مرحلي( لاشن کي ساڙي ڇڏڻ جي ڏاڪي) تائين ترقي ڪري ويو. آمريڪا ۾ بهرحال ميڪسيڪو جا رهواسي لاشن کي ساڙڻ جا عادي هئا. ڌرتيءَ جي گولي تي لاش کي پورڻ جو وسيع ڦهلاءُ بہ ان جي نسبتاً قديم اصليت لاءِ هڪ مضبوط دليل آهي، دنيا جي سمورن حصن ۾ ماڻهو پنهنجن مري ويلن کي هاڻي پورين ٿا يا ڪڏهن ڪين پوريو ٿي. لاشن کي پورڻ هڪ عام ۽ عالمگير طريقو آهي، ان کي ساڙي ڇڏڻ، کليو رکي ڇڏڻ، هڪ مقدس نديءَ ۾ اڇلائي ڇڏڻ وغيره غير عام ۽ غيرمعمولي آهن ۽ ڪيترن ئي مثالن ۾ جيئن هندن ۾ واضح طور تي بعد جي پيداوار آهن ۽ مذهب جي نسبتاً ڪجهہ جديد عمدگين سان ڳنڍيل آهن.

هڪ دفعو ٻيهر اسان وٽ ڪيترن ئي يا گهڻن مثالن ۾ مثبت ثبوت آهي تہ جتي بہ ڪو نسل هاڻي پنهنجن مري ويلن کي ساڙيندو آهي، ان ڪنهن سمي انهن کي ضرور پوريو ٿي. (هيروز کان اڳ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي) يونان ۾ پورڻ جي رسم، ساڙڻ جي رسم کان اڳ ۾ موجود هئي، جيئن اها ايٽروريا ۽ لئٽيم ۾ هئي.

اولهه يورپ ۾ عمومي طور پٿر جي ڊگهن کوڙن وارين قبرن جا ماڻهو پنهنجن مري ويلن کي پوريندا هئا، گول کوڙن وارين قبرن جي ماڻهن جيڪي انهن جا پونيئر هئا ۽ جن ثقافت جو هڪ اعليٰ درجو رکيو ٿي، تقريباً هميشه پنهنجن مري ويلن کي ساڙي ڇڏيو ٿي. اهو فرض ڪيو ويو آهي تہ لاشن کي ساڙي ڇڏڻ جي رسم هندستان ۾ تمام قديم آهي پر مسٽر وليم سمپسن السٽريٽيڊ لنڊن نيوز جو جڳ مشهور فنڪار منهنجو ڌيان هن حقيقت ڏانهن ڇڪرائي ٿو تہ رگ ويد (VEDAS) تدفين کي لاش کي نڪاڻي لڳائڻ جي عام رواجي طريقي هجڻ جي وڏي صفائيءَ سان ڳالهه ڪري ٿو ۽ حتاڪ ان جي چوڌاري پٿرن جي دائري_دڙي ۽ انهن جي وچ ۾ موجود قبر ڏانهن بہ اشارو ڪري ٿو.

راجندرا لالا مترا موجب، جنهن جي هن موضوع تي اعليٰ سند کي سڄي دنيا ۾ مڃيو وڃي ٿو، عيسائي دور کان اڳ هندستان ۾ تيرهين يا چوڏهين صديءَ تائين لاشن کي پورڻ جي رسم هڪ دستور هوندي هئي. ان کان پوءِ لاشن کي ساڙي ڇڏڻ ۽ ان جي خاڪ کي پوري ڇڏڻ جي رسم آئي جيڪا حضرت عيسيٰ جي زماني تائين جاري رهي، جڏهن لاش کي پورڻ جي رسم کي خير آباد چيو ويو ۽ خاڪ کي. ڪنهن مقدس نديءَ ۾ اڇلايو تي ويو.

تنهن ڪري مان سمجهان ٿو تہ جيستائين بئي پاسي لاءِ ڪجهہ وڌيڪ مثبت ثبوت ڪنا ٿي سگهن، تيستائين اسان پنهنجي ان عمومي نتيجي تي اطمينان ڪري سگهون ٿا تہ لاش کي پورڻ جي رسم انسانذات ۾ موت کي بطور هڪ مثبت حالت جي عام طور قبول ڪرڻ کانپوءِ مري ويل ماڻهن جي باقيات کي نڪاڻي لڳائڻ جي تمام گهڻي پراڻي، وڏ ۾ وڏ عالمگير ۽ وڏ ۾ وڏ جهنگلي رسم آهي. هن عالمگير ۽ نفرت جوڳي رسم جو ڪهڙو بڻ بڻياد آهي ، جيڪا انسان جي سياءَ جي تمام ئي نازڪ جذبن لاءِ ايڏي نفرت انگيز آهي؟ مان سمجهان ٿو تہ مسٽر فريزر ان کي ان خوف ڏانهن منسوب ڪرڻ ۾ حق بجانب آهي، جيڪو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زنده ماڻهن کي مري ويل جي ارواحن (يا پهريان انهن جي لاشن) کان محسوس ٿيندو آهي ۽ ان پوَ ڏانهن پڻ تہ اهي متان پنهنجن جيئرن قبيلي وارن کي بيمار ڪرڻ يا ڊيڄارڻ لاءِ وري واپس نہ اچي وڃن.

هو پنهنجي تعريف جوڳي مقالي (روح جي قديم نظرئي کي واضح ڪندڙ پورڻ جون ڪجھ رسمون) ۾ ان ڳالھ ڏانهن اشارو ڪري ٿو تہ اوائلي انسانن جي ڪن قبيلن پنهنجن مري ويلن ڏانهن تمام گهڻو توجھ ڏنو ٿي، محبت وچان نہ پر خودغرض پوَ منجهان: روح يا مري ويلن جا لاش ڌرتيءَ کي هر هنڌ ڊيڄاريندا آهن. جيڪڏهن انهن کي مصنوعي طور تي ڪن حدن اندر واڙيو نہ ويندو آهي، اهي پنهنجو پاڻ کي پنهنجن باقي جيئرن مائٽن آڏو انتهائي ناپسنديده بڻائي ڇڏيندا آهن. هن ڳالھ کي روڪڻ لاءِ سادي قديم فلاسافي پنهنجي ٻئي ڏاڪي تي ڪيترائي طريقا ايجاد ڪري ڇڏيا آهن.

انهن مان وڏ ۾ وڏ عالمگير آهي، مري ويلن کي پوري ڇڏڻ. ٻين لفظن ۾ هيئن چوڻ تہ انهن کي اونهي کوٽيل کڏ ۾ رکي ڇڏڻ ۽ ڪين مٽيءَ جي هڪ مضبوط کوڙ سان ڍڪي ڇڏڻ، جيڪو هاڻي مهذب ملڪن ۾ افسوس سان صرف هڪ عام رواجي کوڙ ۾ سُسي چڪو آهي، پر اصل ۾ ان کي هڪ دڙي جي سائيز ۽ شان هو. مٽيءَ جي هن وڏي کوڙ کي ڪڙو ڪرڻ جو مقصد هو روح (يا لاش) کي محدود ڪرڻ، جيڪو ايڏي وڏي مقدار کي آسانيءَ سان چوري پوري نہ سگهندو. حقيقت ۾ ماڻهن پنهنجن مري ويلن کي ان ڪري پوري ڇڏيو ٿي تہ جيئن هو انهن مان جان ڇڏائي سگهن ۽ انهن جي ٻيهر واپسيءَ کي موثر انداز ۾ روڪي سگهن تہ جيئن هو باقي زنده ماڻهن کي پريشان ڪرڻ لاءِ نہ اٿي سگهن.

ساڳي سبب ڪري پوريل لاش جي سيرانديءَ کان تمام ڳورا پٿر اڪثر ڪري رکيا ويندا آهن. هڪ صورت ۾ اهي پٿر نيٺ پٿرن جا مخروطي ڍيرٽي ويا ۽ جيئن تہ قاتلن ۽ انهن جو شڪار بڻجندڙ ماڻهن جا روح خاص طور تي بيچين هوندا آهن، ان ڪري عربستان، جرمني ۽ اسپين ۾ هر ماڻهوءَ متان جيڪو انهن قبرن وٽان گذرندو آهي، اهو لازم هوندو آهي تہ هو انهن کي واڙيل رکڻ لاءِ سندن قبرن تي رکيل پٿرن جي



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

ڪوڙ ۾ هڪ پٿر جو اضافو ڪري. هڪ ٻي صورت ۾، هڪ واحد وڏي پٿر ڪي لاش جي سيرانديءَ ڪان رکيو ويندو آهي، تہ جيئن ان جي وزن سان ان لاش کي هيٺ دٻائي رکجي؛ هي وزني پٿر جديد قبر جي ڪتبي جي صورت اختيار ڪري ويو آهي. ڪجھ قومون روح (يا لاش) کي گھمڻ ڦرڻ کان روڪڻ جي پنهنجين ڪوششن ۾ اجا ڪافي اڳتي نڪري وجن ٿيون. گالٽن چئي ٿو تہ هڪ دمارا جي لاش کي هڪ پراڻي ڏاند جي کل ۾ اندر سبي ڇڏڻ کان پوءِ هڪ کڏ ۾ پوريو ويندو آهي ۽ تماشبين هن جي قبر مٿان اڳتي ۽ پوئتي ٽپا ڏيندا آهن، تہ جيئن ان مري ويل کي وري اٿي پوڻ کان روڪي ڇڏجي. آمريڪا ۾ نوپيز قبيلي جا ماڻهو لاش جون سڀ ڄنگهون ٻانهون سُڪ ڪري ٻڌي ڇڏيندا آهن تہ "جيئن اهو مري ويل وري اٿي پوڻ جي قابل نہ ٿي سگهي ۽ پنهنجن ملاقاتن سان پنهنجن دوستن کي بيمار نہ ڪري سگهي." مسٽر فريزر چواڻيءَ تہ ويندي هڪ نديءَ جو وهڪرو بہ موڙي سگهو ٿا، ان پيٽ ۾ پنهنجي مري ويل مائٽ کي مضبوطيءَ سان پوري سگهو ٿا ۽ پوءِ نديءَ جي وهڪري کي ساڳي رستي سان وهڻ ڏئي سگهو ٿا. هن ئي طريقي سان الارڪ کي انسانذات کي وڌيڪ بيمار ڪرڻ کان پنهنجي قبر تائين محدود رکيو ويو ۽ اهڙي طرح ڪئپٽن ڪيمبرون وچ آفريڪا ۾ هڪ قبيلو ڳولي لڌو، جنهن ان طريقي سان پنهنجن مري ويل قبائلي سردارن کي قبيلي جيءَ زنده ماڻهن کي پريشان ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو. ڪڏهن وري قبر جي چوگرد ايڏو اوچو لوڙهو ڪڙو ڪيو ٿي ويو جو مري ويل ماڻهو ان کي ڊڪي ڊڪي ٽپو ڏيڻ سان بہ پار نہ ڪري سگهي ۽ ڪڏهن زنده ماڻهو، لاش کي تابوت سان، ڪوڪن سان مضبوطيءَ سان نوڪي ڇڏڻ جو يا پنهنجي ان مري ويل دوست جو ڪرنگهو ڀڃي ڇڏڻ جو يا ويندي، پر هي هڪ انتهائي صورت حال هوندي آهي، هن جي لاش جا ڳِيا ڳِيا ڪرڻ جو هڪ هوشمند احتياط اختيار ڪندا آهن.

عيسائي انگلينڊ ۾ ان غريب شخص کي، جنهن کي مفلسيءَ خودڪشي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو هوندو آهي. هڪ نوڪدار ٿنڀي سميت جنهن کي وحشياڻي نموني هن جي جسم ۾ لنگهايو ويو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي، پوري چڏڻ ذريعي هيڏي هوڏي رلڻ ۾ زنده ماڻهن جي آرام ۾ خلل وجهڻ کان روڪيو ويندو آهي. ساڳئي نموني آسٽريليوي باشندا هڪ قتل ڪيل دشمن جو آڱوٺو ڪپي ڇڏيندا هئا ته جيئن هو تيرڪمان ڇڪڻ جي قابل نه رهي ۽ يوناني پنهنجن دشمن جون جنگهون ٻانهون ڪپي ڇڏيندا هئا ته جيئن اهي پوءِ وڌيڪ وڙهڻ جي قابل نه رهن.

هي مثال وڌيڪ روشن ڏسڻ ۾ ايندا. جڏهن اسان لاش کي ساڙي ڇڏڻ جي رسم جي اصليت ۽ معنيٰ جو معائنو ڪنداسون. ته پوءِ تدفين يا لاش کي پورڻ جي رسم مان سمجهان ٿو ته محض اصليت جي لحاظ کان هڪ ذريعو آهي، جيڪو زنده ماڻهن طرفان پنهنجو پاڻ کي اصلي مري ويل جي خانه بدوش رجحانن کان بچائڻ لاءِ اختيار ڪيو ويو آهي. ڪنهن پر اسرار سبب ڪري ماڻهن جي گهڻي اڪثريت سمورن زمانن ۾ مري ويلن جي روحن سان ملڻ کان بيوقوفيءَ جي حد تائين خوفزده رهندي پئي آئي آهي. انهن جي وڏي ۾ وڏي خواهش اها هوندي آهي ته انهن واحد ملاقاتن کي ڏسجي نه، پر انهن کي ڏسڻ کان لنوائجي ۽ ان مقصد لاءِ هنن سڀ کان پهرين لاش کي پورڻ جو طريقو ۽ پوءِ ان کي ساڙي ڇڏڻ جو طريقو ايجاد ڪيو. روح جو عام جديد تصوريقيناً هڪ غير مادي يا مبهم صورت وارو آهي، جنهن کي ڏسي سگهجي ٿو پر ڇهي نه ٿو سگهجي ۽ جيڪو انساني شڪل و صورت واري هڪ ٻاهرين مماثلت رکي ٿو. پر خود هي خيال، جنهن کي قديم انسان جي جنن، ڀوتن جي عقيدن بابت اسانجين سمورين تشريحن ۽ وضاحتن ۾ ٻاهر کان داخل ڪيو ويو آهي، مان سمجهان ٿو ته قديم نه آهي ۽ مذهبي فلسفي جي لاشن کي پورڻ واري ڏاڪي مان نه بلڪ لاشن کي ساڙڻ واري ڏاڪي مان ورتل بلڪل تازن تصورن کان گهڻي قدر متاثر ٿيل آهي . ٻين لفظن ۾ جيتوڻيڪ مون متي لفظ (روح)، عالمگير استعمال ۾ مسٽر فريزر جي مثال جي مطابقت ۾ اوائلي انسان جي هنن وهمي خوفن جي حوالي سان استعمال ڪيو آهي پر مان سمجهان ٿو ته روح نه پر خود اصل لاش آهي، جنهن کان اوائلي ماڻهو هن ٻئي ڏاڪي تي به حقيقت ۾ ڊنل هئا: اهو لاش آهي جيڪو واپس اچي سگهي ٿو ۽ زنده ماڻهن کي نقصان پهچائي سگهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿو. اهو لاش هوندو آهي. جنهن کي طبعي طريقن سان زمين ۾ هيٺ رکڻ ضروري هوندو آهي. جنهن کي مٽيءَ سان ڍڪي ڇڏڻ ضروري هوندو آهي. جنهن کي هڪ وڏي ۽ ڀاري پٿر هينان سندس آڱونن. هٿن. اکين. ڄنگهن ۽ ٻانهن ڪانسواءِ سنئون سڌو دٻائي رکڻ ضروري هوندو آهي. مان اهو ٻـ صحيح سمجهان ٿو تـ اوائلي ماڻهو روح يا سائي لاءِ ائين سوچيندو آهي تـ اهو واپس زمين تي اچي سگهي ٿو پر منهنجو خيال آهي تـ هن جي نفسيات ايتري پختي نـ هوندي آهي جو هو لاش ۽ روح وچ ۾ تمام گهڻي درستگيءَ سان فرق ڪري سگهي. جيڪڏهن اسان تسمينين سطح ڪان مٿي ماڻهن جي اڪثريت ۾ موجود موت کان پوءِ لاش کي محفوظ ڪرڻ جي طريقن تي نظر وجهون تـ پوءِ خود لاش جي لافاني هجڻ جو هي سچ وڏيڪ صاف صاف ٿيندو وڃي ٿو. حقيقت ۾ اسان اجا ان سطح تي آهيون جتي روح ۽ مري ويل ماڻهوءَ کي هڪٻئي کان اڻپوري نموني الڳ سمجهيو ويندو آهي. هنن سمورن مثالن ۾ اهو مڃيو ويندو آهي تـ مري ويل ماڻهو قبر ۾ ٻـ اها ساڳي زندگي گذاريندو رهندو آهي ، جيڪا هو قبر کان ٻاهر گذاريندو هو ۽ هن ساڳي مقصد خاطر هن کي قبر ۾ هٿيار، اوزار، ٿانو، ڪاڏو، پيالا ۽ زندگيءَ جي ضرورت جون ٻيون سموريون شيون نئين هنڌ لاءِ مهيا ڪري ڏنيون وينديون آهن.

موت کان پوءِ جسم جو لاڳيتو حساس وجود نفسياتي فلسفي جي اوائلي ترين سطح جو مرڪزي خيال آهي. پهريان لاش، جهڳيءَ ۾ پنهنجي خاندان سان گڏ رهندو آهي پوءِ اهو قبر ۾ پنهنجن ابن ڏاڏن سان گڏ رهندو آهي پر موت کان پوءِ جسم جي لاڳيتي وجود ۾ هن معصومانہ ايمان سان گڏ گڏ، جيڪو ارتقا جي غير انساني ڏاڪي تائين پنهنجو وجود برقرار رکندو اچي ٿو، مستقبل ۾ وري جيئري تي اٿڻ جو هڪ ٻيو ۽ بظاهر ناقابل سمجهوتہ عقيدو ٻـ هلي ٿو. سچي ڳالهہ هيءَ آهي تـ جيڪڏهن جسم اجا جيئرو هوندو آهي تـ پوءِ ان کي ٻيهر جيئارڻ جي ڪنهن خاص طريقي جي ضرورت نـ هوندي آهي. پر جيئن اسان سيني کي خبر آهي تـ مذهبي سوچ هميشہ منطق يا هم آهنگيءَ جي وقتي فائدن تي پاڻ فخر ڪندي آهي ۽ وحشي انسان خاص طور تي اهو پڇڻ تي ٿورڙو ٻـ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ لڙڪڙائيندو آهي تہ هو هڪ ۽ ساڳي شيءِ کي ٻن مخالف ۽ ابتڙ طريقن سان محسوس ڪري. هو پنهنجي سوچ ۾ ٻن ٻي مهل ڳالهين کي گڏ نہ ٿو آڻي سگهي: هو انهن ٻنهي کي ڌار ڌار سوچي ٿو. ڪڏهن هڪ کي ۽ ڪڏهن ٻي کي ـــ ويندي عيسائي نظام ناهيندڙ مستقبل ۾ وري جيئري ٿي اٿڻ ۽ موت کان پوءِ روح جي لڳاتار وجود جي عقيدي کي بہ ٻي جوڙ پاڻ ۾ ملائڻ جا ڪافي عادي ٿيل آهن. اهو فرض ڪندي تہ روح ان وچ ۾ پنهنجي جسم کان ڌار ڪنهن ڳجهي آستاني، ڪنهن غيريقيني پاتال، ڪنهن اونداهي سايي يا عرفات يا وچڙي ويل روحن جي هنڌ تي وڃي رهي ٿو. تہ پوءِ ٻئي يا غيرانساني ڏاڪي جو اهو عام عقيدو آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن وقت تي سمورا مري ويل ماڻهو ٻيهر زنده ٿي اٿندا. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ هي عام وري زنده ٿي اٿڻ جو تصور ڪيترن ئي جزوي وري زنده ٿي اٿڻ جي تصورن ۾ ايمان ۽ اميد مان ڌيري ڌيري ڦٽو آهي.

اهو سمجهيو ويندو آهي تہ هر انفرادي لاش ڪنهن بہ وقت تي وري زنده ٿي اٿندو يا اٿي سگهي ٿو، تنهنڪري اهو مڃيو ويندو آهي تہ سمورا لاش/ مري ويل ماڻهو هڪ واحد خاص گهڙيءَ تي وري گڏ زنده ٿي اٿندا. جيستائين لاشن کي دفنائڻ جي رسم جاري رهندي، تيستائين مري ويلن جي وري زنده ٿي اٿڻ جي تصور ۾ ايمان بہ ان سان گڏو گڏ جاري رهندو ۽ انهن ماڻهن ۾، جيڪي لاش کي پورن ٿا، مستقبل جي زندگيءَ جي هاڻوڪي تصور جو هڪ مکيہ جُزو جوڙيندو. تہ پوءِ اسان هن ٻئي ڏاڪي کان ٽئين ڏاڪي ڏانهن ڪيئن وڌون جنهن ۾ لاش کي ساڙي ڇڏڻ جي رسم ۽ ان سان ڳنڍيل روح جي لافانيت جو تصور موجود آهي؟

اسان جيئن مونکي لڳي ٿو هن نموني وڌي سگهون ٿا.

روح (يا لاش) کي مٽيءَ جي ڍير ۽ پٿرن سان هيٺ زمين ۾ دٻائي رکڻ سان گڏو گڏ ڪيترين حالتن ۾ ان ئي رخ ۾ اجا وڌيڪ مضبوط قابل يقين ۽ ٻاهر نڪرڻ کان باز رکندڙ طريقا اختيار ڪرڻ معمول هئا: ڪڏهن پيار سان مڃائڻ وارا طريقا تمام گهڻو مهذب هئا. مثال طور مري ويل ماڻهوءَ کي اڪثر شائستہ نموني سان عرض ڪيو ويندو هو ۽ ڪانئس قسم کڻايو ويندو هو تہ هوقبر ۾ خاموش رهي ۽ ڪا بہ مصيبت کڙي نہ ڪري. پر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڏهن اهي گهڻ خوش خلق هوندا هئا. لاش کي اڪثر ڏنداء پٿر ۽ ٽانڊا هنيا ويندا هئا. هن کي اهو ڏيکارڻ لاءِ ته مستقبل ۾ هن جا گهر کي چڪر پسند نه ڪيا ويندا. ته پوءِ مان سمجهان ٿو ته لاش کي ساڙڻ جو تعلق اصل ۾ سرڪش قسم جي روحن يا لاشن خلاف سخت اپائن ڪڻ جي ساڳي قسم سان آهي ۽ اهو هن حقيقت ڪري وڌيڪ ممڪن لڳي ٿو جو ان جو حوالو مسٽر فريزر طرفان انهن علاجن مان ڏنو ويو آهي، جن کي انساني خون پيئندڙن جي انتهائي مثال ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيو ويندو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي ته ان جو اصلي مقصد لاش کي جيئرن ماڻهن جي گهرن ۾ واپس اچڻ کان هر صورت ۾ روڪڻ هو.

هڪ دفعو جڏهن ڪنهن قوم لاش کي ساڙي ڇڏڻ کي بطور هڪ باقاعده رسم جي اختيار ڪيو ته پوءِ ان ڳالهه جا بهرحال وڏا امڪان هوندا آهن ته اها رسم جاري رهي ۽ ڦهلجندي رهي، جو ته لاش کي دفنائڻ/پوري ڇڏڻ جي رسم جي مقابلي ۾ ان کي ساڙي ڇڏڻ جي رسم ايتري ته گهڻي صحت بخش ۽ صاف ٿيندي آهي جو اها امن توڙي جنگ ۾ هر ان نسل کي وجود جي ويڙهه ۾ هڪ ٻتو فائدو ڏيندي آهي جنهن ان کي اپنايو هوندو آهي. ان ڪري اها ڳالهه بلڪل فطري آهي ته تهذيب جي هڪ خاص سطح تي جڏهن ڪن نسلن هن طريقي تي وهم پرستانه انداز ۾ پاڙڻ شروع ڪيو ته اهي نسل ئي وڌي ويجهي سگهڻ جهڙا ٿيا ۽ ثقافت ۾ ٻين کان گوءِ ڪڻ وارا بڻيا جيستائين ڪن خراب حالتن سندن ان فائدي کي زائل نه ڪري ڇڏيو. پر وهم ۽ ڪوڙي نفسيات، جن پهريان موت کان پوءِ هڪ لاڳيتي زندگيءَ جي تصور کي جنم ڏنو، لاش کي ساڙي ڇڏڻ جي رسم جي شروعات سان ختم نه ٿي وڃتا هئا.

لاش کي ساڙيندڙ قديم باشندن پنهنجن مري ويلن جي جسمن کي خاڪ ۾ تبديل ڪرڻ ذريعي ٿي سگهي ٿو اها اميد رکي هجي ته هو لاش جي زنده ماڻهن وٽ واپس اچي وڃڻ کي روڪي ڇڏيندا پر هو زنده ماڻهن جي خوابن ۾ روحن جي وري ظاهر ٿيڻ کي نه ٿي روڪي سگهيا. اهي ان هوا کي نه ٿي روڪي سگهيا. جيڪا مري ويل ماڻهوءَ جي قبر چوڌاري هلي پئي، انهن چمڙن کي نه ٿي روڪي سگهيا جيڪي اتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڏيا تي انهن عجيب وغريب آوازن کي نہ تي روڪي سگهيا جن ڏيڃاريو تي ۽ لاش جي موجودگيءَ جو اڻ کٽ احساس ڏياريو تي. اهي سمورا عنصر جيڪي هڪ روح (هڪ محفوظ لفظ استعمال ڪندي، جنهن جي غلط تشريح ڪرڻ جو گهڻ امڪان آهي) کي ناهيندا آهن. اجا تائين هميشہ وانگر سرگرم رهيا. تنهنڪري مان سمجهان ٿو تہ لاش کي ساڙي ڇڏڻ جي رسم جي ابتدا سان روح جي تصور محض هڪ هوائي تبديلي محسوس ڪئي. اهو تصور وڏيڪ غير اصلي، وڏيڪ غيرمادي، وڏيڪ هلڪو ۽ وڏيڪ روحاني بڻجي ويو.

درحقيقت هڪ لفظ ۾ اهو روح يا آتما بڻجي ويو، جيئن اسان ان لفظ کي اڄ سمجهون ٿا. يعني واپس ورنڌ مري ويل ماڻهو نہ. روح جو بطور خالص هڪ پاڇي يا سايي جي تصور جو، مون کي لڳي ٿو تہ لاش کي ساڙيندڙ ماڻهن سان خاص طور تي تعلق آهي. ان لاءِ مان هي جواب ڏئي سگهان ٿو تہ مثال طور تي ڪارن ماڻهن ۾ ڊپي (بدروح) کي بلڪل هڪ مادي شيءِ جي طور تي محسوس ڪيو وڃي ٿو . اهو قديم ادب آهي، لاش کي ساڙيندڙ يونانين ۽ رومن جو ادب جنهن اسان کي روح جي بطور سايہ دار ۽ ڇهي نہ سگهندڙ شيءِ جي خيال سان ايترو مانوس ڪري ڇڏيو آهي. انهن نسلن وٽ جيڪي پنهنجن لاشن کي پوريندا آهن، وڏيڪ غيرشفاف بهروپ هوندا آهن. جڏهن پطرس يروشلم جي جيل مان پڄي نڪتو تہ هن جي گڏ ٿيل پائرن جو اهو خيال هو تہ اهو ضرور هن جو فرشتو آهي. سفيد عورت جيڪا مقامي آسٽريلوي قبيلي ۾ سالن کان رهي تي، کيس ميزبانن طرفان هميشہ هڪ روح چيو ويندو آهي. هڪ لفظ ۾ تهذيب جي هيٺاهين سطح تي روح کي مادي ۽ دنيوي شيءِ سمجهيو ويندو آهي. تهذيب جي اعليٰ سطح تي ان کي غيرمادي ۽ سايہ دار شيءِ تصور ڪيو ويندو آهي. هاڻي ماڻهو جڏهن پنهنجن مري ويلن کي ساڙڻ لاءِ ڪٺي هلن ٿا، تڏهن اها ڳالهہ صاف هجي ٿي تہ هو جسم جي وري بيهر زنده ٿي اٿڻ ۾ وڏيڪ ايمان رکڻ جي قابل نہ هوندا آهن. جيڪڏهن مان هتي پيش ڪيل نظرئي ۾ صحيح آهيان تہ پوءِ بيشڪ اهو رڳو ان ڪري آهي تہ هو ڏکين گهڙين ني لاش جي بيهر زنده ٿي اٿڻ کي روڪڻ خاطر ان کي ساڙي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏڻ جو فيصلو ڪن ٿا. ان ڳالهه جي پڪ آهي تہ مهذب قومون، معجزن ۾ ايمان رکڻ جي پنهنجي وڏيڪ سڌريل قوت سان اهو فرض ڪرڻ لائق هونديون آهن تہ نہ رڳو سمنڊ پنهنجي اندر موجود مري ويل ماڻهن کي ٻاهر ڪيندو پر سڙي ويل، ٽڪرا ٽڪرا ٿيل، ٽڙيل پکڙيل جسم ۽ لاش سندن سمورا حصا ڪنا ڪري وري زنده ٿي اٿڻ لاءِ پاڻ ۾ ملايا ويندا.

هي بهرحال سادن ۽ فطري ماڻهن جو ٻاراڻو عقيدو نہ آهي. انهن لاءِ جڏهن توهان هڪ جسم کي جلائي ڇڏيو هوندو آهي تہ توهان ان کي هاڻي ۽ هاڻي کان پوءِ بلڪل صفا ختم ڪري ڇڏيو هوندو آهي. تنهنڪري فطري طور لاش کي ساڙي ڇڏيندڙ ماڻهن مان جسم جي ٻيهر زنده ٿي اٿڻ وارو تصور نڪرندو ويو ۽ ان جي جڳهہ جنهن تصور والاري اهو هو روح جي لافانيت وارو تصور. توهان جسم کي تہ ساڙي سگهو ٿا پر روح پوءِ بہ زنده رهي ٿو ۽ روح جو باقي بچڻ، پوتن ۽ مئلن جي واپس اچڻ جي هڪ نئين فلسفي کي جنم ڏئي ٿو.

آهستي آهستي روح کي ايئن تصور ڪيو وڃڻ لڳو ڇڻ اهو خدائي اصليت واري ڪا شيءِ هجي جنهن کي گوشت جي ڄار ۾ ڦاسايو ۽ قيد ڪيو ويو آهي ۽ جيڪو رڳو جسم کي ساڙڻ سان آزاد ٿيٺو هوندو آهي. اهڙي طرح باهه کي آخر ڪار مري ويل جسم مٿان ان جي عمل جي لحاظ کان برباد ڪندڙ نہ پر هڪ دوست جي طور تي ڏٺو وڃڻ لڳو. جيڪا شيءِ شروع ۾ هڪ احتياط هئي، لاش جي ٻيهر واپسيءَ خلاف آخر ۾ اها هڪ مقدس ڊيوٽي بڻجي وئي، بلڪل ايئن جيئن خود لاش جي تدفين پهريان اصل ۾ وري موٽندڙ لاشن جي شرارتن ۽ چالن خلاف هڪ خود غرض احتياط هو جيڪو آخر ۾ ايترو تہ مقدس ۽ لازمي بڻجي ويو جو اٽيوريل روحن کي هڪ واريءَ جي مٺ عنايت ٿيڻ لاءِ پنندي ۽ هيڏي هوڏي رلندي تصور ڪيو ويو تہ جيئن هو پاڻ کي هميشہ لاءِ بي گهر ۽ رولاڪ ٿيڻ کان بچائي سگهن. اهي قومون جن لاشن کي ساڙيو ٿي، اهي ساڙڻ جي ان قدم کي جسم جي باندي ڄار مان روح کي آزاد ڪرائڻ جي هڪ مقرر طريقي طور ڏسڻ لڳيون ۽ ان کي هڪ ذاتي احتياط بجاءِ مري ويل ڏانهن هڪ باضابطہ فريضي طور ليکڻ لڳيون. نہ رڳو اهو پر اهڙين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قومن ۾ پاڇن جي دنيا جو هڪ ڏنڌلو ۽ طلسمي تصور پيدا ٿيڻ لڳو، جيڪو اڳلن ٻن ڏاڪن جي ڇڻي ۽ مادي تصور کان بلڪل ٻـه مختلف هو. مميءَ کي ايئن ڏنو ٿي ويو جڻ تـه اها مقبري ۾ رهائش ڪري رهي هئي، جنهن کي هن جي آمد لاءِ هڪ گهر وانگر سجايو ۽ سينگاريو ٿي ويو ۽ ان ۾ استعمال ۽ آرام لاءِ ضرورت جي هر شيءِ مهيا ڪري ڏني ٿي وئي. ايستائين جو دفن ٿيل لاش کي روح جي ضرورت لاءِ هٿيار ۽ اوزار بـه مهيا ڪري ڏنا ٿي ويا. پر پاڇي جون ضرورتون بلڪل مختلف ۽ وڏيڪ سايہ دار هونديون آهن. هن کي دنيوي هٿيارن يا اوزارن جي ڪا بـه ضرورت نـه هوندي آهي. لاشن کي پورينڌڙ ماڻهن جي طويل دڙن مان ۽ لاشن کي ساڙيندڙ ماڻهن جي گول دڙن مان ملندڙ شيون هن قديم ۽ دور رس فرق کي تمام سٺي نموني ڏيکارن ٿيون. پٿر جي زماني ۾ ماڻهن جا طويل دڙا، هڪ قبر جي مٿان سٿيا پيا هوندا آهن، انهن ۾ هڪ ڪولين وارو مقبرو هوندو آهي، جيڪو درحقيقت ان ۾ دفن ٿيل لاش جو هڪ زيرِ زمين گهر يا محل هوندو آهي.

مري ويل ماڻهن جي زالن ۽ نوڪرن کي ڪُنو ويندو آهي ۽ هن سان گڏ پوريو ويندو آهي تـه جيئن اهي قبر ۾ هن کي سندس نئين زندگيءَ ۾ ساٿ ڏئي سگهن ۽ اوزار، هٿيار، پيئڻ جا پيالا، شڪار ڪيل جانور، سستا زيور ۽ اصلي زيور سندن مالڪن سان گڏ پوريا ويندا آهن. اهڙي طرح قبر ۾ زندگي سموري مادي ۽ حقيقي هئي، جيئن اسان جي آهي. ساڳيون شيون جيڪي هڪ جنگي جوان کي هن دنيا ۾ ڪم ٿي آيون، ساڳي نموني هن کي ساڳي روپ ۾ ٻي دنيا ۾ ڪم اينديون. پر پٿر جي زماني ۾ لاشن کي ساڙيندڙ ماڻهن جي گول دڙن ۾ ڳالهه بلڪل مختلف آهي. هي دڙا خاڪدان جي چوڌاري ڪٽا ٿيل هوندا آهن، جيڪو دڙي جي شڪل متعين ڪندو آهي، جيئن ڪولين وارو مقبرو ۽ لاش اوائلي پٿر جي زماني جي قبرن جي شڪل متعين ڪندا آهن. پٿل جي زماني جي دڙي ۾ رڳو خاڪ پيل هوندي آهي ۽ انهن ۾ رکيل اوزار، هٿيار سڀ ڀڳل يا باهه ۾ سڙيل هوندا آهن. ڇو؟

ڇاڪاڻ تـه روح هاڻي جيڪو غيرمادي ٿي چڪو هوندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، اهو سخت دنيوي هٿيارن يا ٿانون کي وڌيڪ استعمال نہ ڪري سگھندو آهي. اهي رڳو سندن روح يا پاڇا هوندا آهن، جيڪي پاڇولن جي ڏرتيءَ تي روح رکندڙ ماڻهوءَ جي ڪنهن ڪم جا تي سگھندا آهن. ان ڪري هن کي جيڪا بہ شيءِ گھربي آهي، اها سڙيل يا ٽٽل هوندي آهي. ان لاءِ تہ ان جو روح ڇڏجي وڃي ۽ آزاد ڪيو وڃي ۽ سمورين مادي شين کي هاڻي ايئن تصور ڪيو ويندو آهي جڻ انهن ۾ روح موجود هوندا آهن، جن کي روحن جي دنيا ۾ الڳ الڳ طور تي استعمال ڪري سگھبو آهي.

اهو پڻ نوٽ ڪرڻ گھرجي تہ اڃا جيئري يا وري زنده تي سگھندڙ لاش کان امر روح تائين هن ترقيءَ سان گڏ قبر ۾ لاڳيتي پر اڪيلي زندگيءَ کان ساين ۽ روحن جي هڪ زيرِ زمين دنيا ۾ هڪ وڌيڪ آزاد ۽ وشال زندگيءَ ڏانهن هڪ تقريباً فطري ۽ لازمي طور تي ان سان ڳنڍيل ترقي بہ هلي ٿي. روح ان طرح سان تمام گھٽو آزاد ۽ نجات ماڻيل ٿي وڃي ٿو. هن کي ڇر پر جي وڌيڪ آزادي ملي وڃي ٿي ۽ هو هڪ منظم برادريءَ جو هڪ شهري بڻجي وڃي ٿو، جنهن لاءِ تصور ڪيو وڃي ٿو تہ مئلن جي هڪ بادشاھ جي حڪمرانيءَ هيٺ هلي ٿي ۽ اها جزا ۽ سزا جي جڳھن ۾ ورهايل هجي ٿي. پر جتي اسان جديد يورپي ماڻهو ٻيهر زنده ٿي اٿڻ ۾ ايمان رکندڙ هئڻ جو مڪر ڪريون ٿا، اتي اها هڪ حقيقت آهي تہ اسان جا هاڻوڪا روح، دوزخ ۽ بهشت جا تصور (مان دنيا بحيثيت مجموعي بابت ڳالهايان ٿو، نہ ڪہ رڳو دانشور پادرين بابت ) مخالف نظريي مان ورتل خيالن کان گھڻي قدر متاثر ٿيل آهن. اهو نظريو اسانجن پنهنجن بزرگن مان گھڻن يا اڪثريت طرفان ڪڏهن مڃيو ٿي ويو ۽ اسان ان سان قديم ادب ذريعي نندپڻ کان هريل آهيون. حقيقت ۾ جتي اڄوڪي دور جا اڪثر انگريز اهو مڃن ٿا تہ هو جسم جي وري زنده تي اٿڻ ۾ ايمان رکن ٿا، پر حقيقت ۾ هو جنهن شيءِ ۾ ايمان رکن ٿا اها روح جي لافانيت آهي.پهرين نظر ۾ ٿي سگھي ٿو تہ ايئن محسوس ٿئي تہ ڄڻ هنن بن بي جوڙخيالن يعني پهرين پنهنجي مري ويل کي پورڻ يا ساڙي ڇڏڻ تہ جيئن اهي واپس ورڻ يا توهان کي نقصان پهچائڻ جي قابل نہ رهن ۽ ٻئي انهن قبرن جي پوڄا ڪرڻ يا انهن جي بنا جسم روحن کي نذرانا پيش



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ ، وچ ۾ هڪ زبردست تضاد موجود آهي پر وحشي ذهن آڏو هي ٻه تصور ڪنهن به طرح سان هڪٻئي جا دشمن نه هوندا آهن. جڏهن هو پنهنجي ڪنهن دوست يا پنهنجي پيءُ جي لاش مٿان ٿپوڏئي ٿو ته جيئن هو ان کي ان سوڙهي کڏ ۾ رکي ڇڏي، جيڪا هن هن لاءِ کوٽي هوندي آهي، پوءِ به هو ان کي کاڌي ۽ شربت جا تحفا آڻي ڏئي ٿو يا هن جي قبر/مقبري تي جانور ڪهي ٿو ته جيئن هن جو روح ان جانور جي رت مان، جيڪا هيٺ قبر ۾ ٽمندي آهي، تازو توانو ٿي وڃي.

بيشڪ ڪيترين وچوارين رسمون به وجود رکن ٿيون جيڪي ممي بڻايل لاش جي تعظيم سان حفاظت ڪرڻ ۽ تدفين يا ساڙڻ جي گهٽيا احتياطن وچ ۾ موجود ظاهري وٿيءَ کي پرڻ ۾ اسان جي مدد ڪن ٿيون. اهڙي طرح ڪيترن ئي مثالن ۾، جن مان ڪن جي اسان ايندڙ باب ۾ ڇڪاس ڪنداسون، لاش جي ڪجهه وقت لاءِ پورجي ڇڪي هجڻ کان پوءِ ان جي سِسي ٻاهر ڪڍي ويندي آهي ۽ ان کي خاندان جي عبادت گاهه ۾ تمام گهڻي سنڀال سان رکيو ويندو آهي، جتي ان جي پوڄا ۽ سار سنڀال ڪئي ويندي آهي ۽ جتي اها گهر جي ڀاتين کي اڪثر استخارا ڪڍي ڏيندي آهي. هڪ تقريباتي غسل تقريباً هميشه سِسيءَ جي اهڙي استقبال جو هڪ حصو هوندو آهي. اهو مختلف مثالن ۾ بار بار اچي ٿو، ويندي قاهره ۾ حضرت حسين جي سِسيءَ جي مقبريت ۽ سينٽ ڊينس جي سينٽ ڊينس گرجا ۾ مقبريت تائين. مون کي هتي هن ڳالهه جو پڻ اضافو ڪرڻ کپي ته لاش جي مڪمل حفاظت ڪرڻ ۽ تدفين جي رسم وچ ۾ هڪ ٻيو وچوارو ڏاڪو ٿي گذريو آهي، جيڪو هاڻي نسبتاً ناياب آهي پر ڪنهن وقت تي اهو تمام گهڻو عام هو، جيڪڏهن اسان انهن نشانن کي ڏسي فيصلو ڪيون جيڪي اهو پوئتي ڇڏي ويو آهي. اهو ڏاڪو هو جڏهن سڄي لاش يا ان جي حصي کي بطور پوڄا جي هڪ قدم جي، مري ويل جي باقي زنده مائٽن طرفان هڪ مذهبي رسم طور کاڌو ويندو هو. اسان هن عجيب ۽ مڪروه رسم کي اڃا وڌيڪ ڀرپور نموني ويچار هيٺ آڻينداسون، جڏهن اسان قرباني ۽ مذهبي رسم جي پيچيده مسئلي تي پهچنداسون. حال في الحال ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته آسٽريليا، ڏکڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفريڪا ۾ ٻني هنڌ ڪيترن ئي مثالن ۾ لاش کي ڪاڏو ويندو آهي، جڏهن تہ رڳو ان جي هڏن کي ساڙيو يا پوريو ويندو آهي.

هنن وحشي ماڻهن ۾ وري ائين بہ اڪثر ٿيندو آهي تہ پچائڻ ذريعي سِسيءَ کي ان جي چنبڙيل گوشت کان صاف ڪيو ويندو آهي، جڏهن تہ ان جي کوپڙيءَ کي رسمن سان ڌوتو ويندو آهي ۽ بطور گهر جي احترام جي هڪ شيءِ جي ۽ بطور هڪ دار الاستخاره ديوتا جي محفوظ ڪيو ويندو آهي. ان جا مثال ايندڙ بابن ۾ ڏنا ويندا. اهڙي طرح قديم نسل لاش جي واپسيءَ کي روڪڻ لاءِ اختيار ڪيل خبرداري ۽ روح يا سايي کي پيش ڪيل پوجا جي وچ ۾ ڪنهن بہ تضاد يا بي جوڙ هجڻ جي احساس کي نہ ٿي محسوس ڪيو، جيئن اهو مهذب ماڻهن کي فوراً محسوس ٿيندو. انساني خيالن جي ٽن ڏاڪن کي جن جو هي باب ابياس ڪري ٿو، ٿورڙن لفظن ۾ هيئن سهيڙي سگهجي ٿو. لاش پوڄا، روح ــ پوڄا ۽ پاڇي ــ پوڄا.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب چوٿون

## ديوتائن جو بڻ بڻياد

مسٽر هربرٽ اسپينسر پنهنجي ڪتاب ”پرنسپلز آف سوشولاجي“ ۾ ڀوت يا روح کان خدا تائين اوسر جي ترقيءَ کي ايترو تعريف جوڳي انداز ۾ پيش ڪيو آهي جو مان هن باب ۾ هن جي مک بيانن جي هڪ مختصر ورجاءُ کان وڌيڪ ٻيو ڪجھ پيش نہ ڪرڻ جو سوچيو آهي، جنهن ۾ بهرحال مان تازن مثالن جو اضافو ڪندس ۽ ساڳئي وقت مري ويل جي زندگيءَ متعلق انساني خيالن جي ٽن لاڳيتين منزلن جي تصور کي، جيڪي گذريل باب ۾ ٻڌايون ويون آهن، اپنائيندس. سڀ کان اوائلي ترين منزل ــ اها منزل جتي مري ويلن جا لاش محفوظ ڪري رکيا ويندا آهن. هن منزل تي ديوتا/خدا گهٽي حدتائين اٽجاتل آهن: اهي دوستن ۽ بزرگن جا لاش هوندا آهن، جن جي پوڄا ڪئي ويندي آهي، ڪين تعظيم ڏني ويندي آهي. مثال طور ايلس، تهيتين سردار جئي لاش بابت چئي ٿو تہ ”ان کي هڪ محفوظ ڇاپري هينان وينل حالت ۾ رکيو ويو هو“. هڪ ننڍڙو قربانگاھ هن جي سامهون کڙو ڪيو ويو هو ۽ ميوي، ڪاڌي ۽ گلن جا نذرانا سندس مائٽن يا لاش تي حاضري ڀريندڙ پادريءَ/ مذهبي اڳواڻ/پنڊت طرفان روزانو رکيا ويندا هئا (پادريءَ متعلق هي نقطو وڏي اهميت وارو آهي). جيئن مسٽر اسپينسر نوٽ ڪري ٿو تہ سينٽرل آمريڪي ماڻهن لاشن جي مصنوعي گرميءَ رستي سڪي خشڪ ٿي وڃڻ کان اڳ ساڳيون رسمون ادا ڪيون ٿي. ڊي البرٽس نيو گنيءَ جي ماڻهن ۾ اهو ڏٺو تہ اهي پنهنجن ابن ۽ ڏاڏن جي سڪي ويل مميز جي پوڄا ڪن ٿا.

ٿورڙي مٿاهين سطح تي اسان کي مصر ۽ پيرو جي سڌريل ممي پوڄا ملي ٿي، جيڪا طاقتور بادشاهن يا سردارن مان عظيم ديوتائن جي ارتقا کان پوءِ بہ قائم دائم رهي. جڏهن بہ مري ويل جا اصلي بدن/ جسدِخاڪي محفوظ ڪيا ويندا آهن، اتي انهن جي پوڄا ۽ انهن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نذرانا پڻ پيش ڪيا ويندا آهن. اڪثر بهرحال جيئن اڳ ئي اهو نوٽ ڪيو ويو آهي، اهو سڄو لاش نہ هوندو آهي پر رڳو ان جو مٿو/ سِسي (Head) هوندو آهي، جنهن کي خصوصي طور تي سانديو ۾ پوڄيو ويندو آهي. اهڙي طرح مسٽر ايچ او فاربس بورو (BURU) جي ماڻهن متعلق هيئن چئي ٿو، "مئل ماڻهن کي بيلي ۾ ڪنهن ٽويڪلي جاءِ تي پوريو ويندو آهي، جنهن تي اڪثر ڪري هڪ پٿر يا قبر جو ٿنڀو نشانيءَ طور لڳايو ويندو آهي، جنهن تي هن جا مائٽ خاص وقتن تي تماڪ، ٻيڙيون ۽ ٻيا نذرانا رکي ويندا آهن. جڏهن لاش ڳري چڪو هوندو آهي، تہ ان جو پٽ يا قريبي رشتيدار ان جي سِسي ڪٽي ان کي هڪ نئين ڪپڙي ۾ ويڙهي، گهر جي پويان ميدان ۾ يا ان لاءِ سندس قبر پرسان ڪڙي ڪيل هڪ ننڍڙي جهوپڙيءَ ۾ رکي ڇڏيندو آهي. اهو هن جي ابن ڏاڏن جو نمائندو هوندو آهي، جن جي حڪمن کي هو گهٽي عزت ڏيندو آهي." هن دلچسپ تفصيل ۾ ٻہ نڪتا ڌيان ڇڪائڻ لائق آهن، جو تہ اهي اسان کي ٻن وڌيڪ اضافي شين بابت هڪ متوقع اشارو ڏين ٿا، جن جي ارتقا جي اسان کي بعد ۾ ضرور کوج لڳائڻ کپي. پهريون نڪتو آهي قبر جي نوڪدار ڪنيي جو، جيڪو شايد ڪاٺ جي بت جو بڻ بڻياد آهي ۽ ٻيو نڪتو آهي ننڍڙي جهوپڙيءَ جو جيڪا ٻاهر قبر پرسان مري ويل جي ڪٽيل سِسيءَ مٿان اڏي ويندي آهي، هيءَ جهوپڙي بغير ڪنهن شڪ جي مندر يا پوڄا گهر جي بڻ بڻيادن مان هڪ بڻ بڻياد آهي. مري ويل ماڻهوءَ جي ٻاهر ڪڍيل کوپڙيءَ کي رسمن سميت ڪپڙي ۾ ويڙهڻ ۽ ان جي استخاري ڪمن جو پڻ مشاهدو ڪريو. ساڳئي نموني مسٽر وياتگل جڳ مشهور تبليغي نيوگنيءَ ۾ بوئرا وٽ هڪ مري ويل ٻار بابت لکي ٿو، "ان کي ٻہ انچ مٽيءَ سان ڍڪيو ويندو آهي ۽ خاندان جا دوست قبر جي پرسان اهو سڀ ڏسي رهيا هوندا آهن پر پوءِ آخر ۾ ان ٻار جي کوپڙي ۽ ننڍڙا هڏا محفوظ ڪيا ويندا آهن ۽ سندس ماءُ طرفان پاتا ويندا آهن." سئاٿو ماڻهن لاءِ هو چوي ٿو، "ڪيترن ننڍڙن گهرن جي ڪارج متعلق پڇا ڪندي، مون کي معلوم ٿيو تہ انهن جو مقصد، قبرن جي ڪڍن کي ڍڪڻ هوندو آهي. هڪ خاندان جا سمورا پاتي مرڻ وقت، ساڳي قبر ۾ دفن ڪيا ويندا آهن. نئين مري ويل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ياتيءَ کي جڳهه ڏيڻ لاءِ آخري مري ويل ياتيءَ مٿان پيل مٽيءَ جي سنهي تهه کي هٽايو ويندو آهي. اهي قبرون مٿاچريون هونديون آهن. مئل ماڻهن کي انهن ۾ ويڙهل ۽ هٿ هڪٻئي مٿان چڙهيل پوزيشن ۾ پوريو ويندو آهي. مٽي انهن لاشن جي رکو وات تائين اچلائي ويندي آهي. هڪ مٽيءَ جو نهيل ٿانوءُ ان لاش جي مٿي کي ڍڪيندو آهي. ڪجهه وقت کان پوءِ اهو ٿانوءُ هٽايو ويندو آهي ۽ لاش جي مڪمل کوپڙي ڪڍي ويندي آهي ۽ ان کي صاف ڪيو ويندو آهي. آخر ۾ نيٺ انُ کي مري ويل جي گهر ۾ ٻاهر مٿان هڪ چليءَ يا ڄاريءَ ۾ ڊونهين سان ڪارو ڪرڻ لاءِ ٽنگيو ويندو آهي.“ آفريڪا ۾ وري کوپڙيءَ کي اڪثر اهڙي هڪ ٿانوءَ ۾ محفوظ ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. آمريڪا ۾ نيومئڊبرڊ ۽ ٻئي هنڌ کوڙن ۾ مٽيءَ جا ٿانوءَ لڌا ويا آهن، جن کي انساني کوپڙين مٿان ائين چاڙهيو ويو آهي، جو ان ٿانوءَ کي پيجڻ ڪانسواءِ کوپڙي نه ٿي ڪڍي سگهجي. مٽي جي بطور پوڄا جي هڪ شيءِ جي خصوصي چونڊ ۽ حفاظت جيڪا هن نموني نيوگني ۽ ملائي آرڪيفلاگو ۾ ڏٺي وئي آهي، اجا تائين ڪيترن ئي ٻين قديم ماڻهن ۾ قائم آهي.

مسٽر اسپينسر اهڙا ڪيترا ئي مثال ڏئي ٿو، هن جي صفحن مان مان رکو ٿورڙا هتي پيش ڪيان ٿو ” بداگري ۾ ادولي ٻادشاهه جو نجي پوڄمان/معبود ـــ سندس پيءُ جي کوپڙي، مٽيءَ جي هڪ ٿانوءَ ۾ محفوظ ٿيل هوندي آهي، جيڪو زمين ۾ رکيل هوندو آهي“. هو ان کوپڙيءَ کي آهستگيءَ سان گهٽ وڌ ڳالهائيندو آهي، جيڪڏهن سندس ڪاميابي هن جي توقعات مطابق نه هوندي آهي“ ساڳئي نموني منڊان ماڻهن ۾، جيڪي پنهنجن مري ويلن جون کوپڙيون هڪ دائري ۾ رکي ڇڏيندا آهن، هر زال پنهنجي اڳلي مڙس يا ٻار جي کوپڙي سجاڻيندي آهي ۽ اهڙو ڪو به ڏينهن نه هوندو آهي، جو هوءَ ان ڏانهن بهترين پڪايل کاڌي جو ٿال پري نه ڪٽي ويندي هجي.... مشڪل سان هڪ سني ڏينهن تي ڪا اهڙي گهڙي هوندي آهي جو اهي ٿوريون يا گهڻيون عورتون پنهنجن ٻارن يا مڙس جي کوپڙيءَ پرسان وينل يا ستل نظر نه ايندين آهن. اهي ان کوپڙيءَ سان تمام خوشگوار ۽ محبت واري ٻوليءَ ۾ جيڪا هو استعمال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري سگهنديون آهن، ڳالهائينديون آهن (جيئن اهي گذريل ڏينهن ۾ ڪندا هئا) ۽ لڳندو آهي جڻ هنن ڪي موت ۾ جواب بہ ملي رهيو هوندو آهي.

مري ويل سان هيءَ پيار ڀري گفتگو، جيڪا تقريباً خوف کان خالي هوندي آهي، انسان جي موت جي تصورن جي پهرئين يعني لاش سانڍي رکڻ جي منزل جي خاص سڃاڻپ آهي. اها اتي ورلي باقي بچي ٿي جتي تدفين لاش ڏانهن هڪ ڏکائتو يا قابل نفرت احساس پيدا ڪري ڇڏي ٿي ۽ پوءِ اتي اها رڳو هن جي سِسيءَ تائين محدود هوندي آهي، جڏهن تہ خود قبر ۽ ان ۾ پوريل لاش کان الٽو نفرت ۽ ڀُو ڪيو ويندو آهي. مسٽر ڊُو چيلُو چئي ٿو، ڪجھ اولھ آفريڪي باشندا جڏهن مهمن تي نڪرندا آهن، پنهنجن وڏڙن جون کوپڙيون ٻاهر ڪڍندا آهن، (جن ڪي هنن مذهبي احترام سان محفوظ ڪري رکيو هوندو آهي ) ۽ هڏين جا ننڍڙا ذرڙا انهن مان ڦٽي ڪري پاڻيءَ ۾ ملائي پي ڇڏيندا آهن: پنهنجي ان ورتاءَ جو سبب هو اهو ڏيندا آهن تہ سندن وڏڙا بهادر هئا ۽ انهن جي جسم جو ڪجھ حصو پي ڇڏڻ سان هو بہ هنن جيان بهادر ۽ بي ڊپا ٿي ويندا. هتي اسان کي ديوتا کي کائي ڇڏڻ، جي عادت جو هڪ سادو ۽ اوائلي مثال ملي ٿو جنهن جي عالمگيريت ۽ اهميت ڏانهن مسٽر فريزر ڌيان ڇڪايو آهي.

انساني ارتقا جي اوائلي ۽ اڻ گهڙيل مرحلن دوران وڏڙن يا مري ويل مائٽن جي بطور پوڄا جي مک ڄاتل شين جي هي قديم تصور جيئن جو تيئن قائم رهندو اچي ٿو ۽ ديوتا/بزرگ-پوڄا (Ancestor worship) اڄ ڏينهن تائين چين ۽ ڪيترين ٻين قومن جو مک مذهب رهندو اچي ٿو. خدا، جيئن اهي آهن، چين ۾ عملي طور اڻڄاتل آهن. بزرگ پوڄا ٻين بہ ڪيترن نسلن ۾ مکيہ مذهبن منجهان بطور هڪ جي قائم رهندي پئي اچي، بعد ۾ ايندڙ مذهبن جي ٻين جُزن جي ان مٿان غالب پئجي وڃڻ کان پوءِ بہ. يونان ۽ روم ۾، اها آخرتائين گهريلو رسمن جو هڪ اهم حصو رهي. پر گھڻن مثالن ۾ وقت گذرڻ سان روحن يا مري ويل ماڻهن جي مختلف طبقن وچ ۾ هڪ بتدريج تفريق پيدا ڪئي وئي، ڪي روح ٻين روحن کان وڌيڪ اهميت ۽ طاقت وارا ليکجڻ لڳا ۽ انهن طاقتور روحن مان هڪ اصول طور آخرڪار ديوتا پيدا ڪيا ويا. هڪ ديوتا/ خدا حقيقت ۾

شروع ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ انتهائي طاقتور ۽ دوستاڻو روح هوندو آهي يعني هڪ اهڙو روح جيڪو مدد ڪرڻ جي قابل هوندو آهي ۽ جنهن جي مدد سان وڏين شين جي معقول نموني اميد ڪري سگهبي آهي. ۽ وري سردار شاهي ۽ بادشاهت جو گهڻو واسطو ديوتاپڻي جي هڪ اعليٰ تصور جي واڌ سان آهي، ڪنهن به وڏي طاقت يا اختيار وارو هڪ مري ويل بادشاهه وقت گذرڻ سان پڪ سان هڪ وڏي اهميت وارو ديوتا ليکيو وڃڻ لڳندو آهي. اسان هن خيال جي وڌيڪ ڀرپور طريقي سان کوج مصر جي مذهب واري مضمون ۾ ڪنداسين؛ في الحال ايترو چوڻ ڪافي آهي ته هر مذهب ۾ ديوتائن/خدائن جي فرض ڪيل طاقت بادشاهن يا سلطانن جي وڌيل طاقت جي نسبت سان باقاعده وڌندي رهي آهي. جڏهن اسان لاش جي حفاظت ڪرڻ ۽ مميفيڪيشن جي ڀرين سطح کان ٻي سطح ڏانهن وڌون ٿا، جتي لاش کي دفن ڪرڻ معمول بڻيل هوندو آهي، هڪ تڪڙي نگاهه ۾ تي سگهي ٿو ائين لڳي ته جڻ مري ويلن جي لاڳيتي پوڄا ۽ انهن جي ديوتائن/ خدائن ۾ ترقي وڌيڪ ممڪن نه ٿي سگهندي، جو ته اسان ڏنوسين ته مري ويلن جي تدفين ان موتمار خوف وچان ڪئي وڃي ٿي ته متان لاش يا روح/ ڀوت زنده ماڻهن کي تنگ ڪرڻ لاءِ واپس اتي نه اچي. پوءِ به بهرحال والدين يا دوستن لاءِ فطري پيار ۽ انهن جي چڱ ڀلائي ۽ مدد کي يقيني بڻائڻ جي خواهش، هنن بظاهر متضاد خيالن کي هڪٻئي سان سمجهوتو ڪرائي ٿي. حقيقت ۾ اسان ڏسون ٿا ته ماڻهو جڏهن پنهنجن مري ويلن کي پوري ڇڏن ٿا يا ساڙي ڇڏن ٿا ته پوءِ به هوانهن جي پوڄا جاري رکندا آهن. جڏهن ته، جيئن اسان هاڻي کان پوءِ ڏسنداسي اهي عظيم پٿر جيڪي هو قبر جي مٿان مري ويل کي وري اتي پوڻ کان روڪڻ لاءِ رکي ڇڏيندا آهن، وقت گذرڻ سان قربانگاهه بڻجي ويندا آهن، جن تي روح کي قربانيون آڇيون ونديون آهن. مري ويل ماڻهوءَ جي نسبت سان سوچ جي هنن ٻن پوين منزلن ۾ جن جو واسطو تدفين ۽ ساڙڻ سان آهي، ديوتا ننڍڙن روحن کان ارتقا جي هڪ تڪڙي تيزيءَ سان وڌ ۾ وڌ الڳ ٿيندا ويندا آهن. هي مندرن ۽ موروثيتن جي اپار جي نسبت ۾ اڃا وڌيڪ وڏا ٿيندا ويندا آهن. ان کان علاوه بنا جسم روح جو غيرواضح پڌو، هڪ وڏي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويل خداپڻي جي حق ۾ تي بيهندو آهي. ديوتائن کي وڏ ۾ وڏ هوائي ۽ غيرمادي ۽ صورت ۽ سياءَ ۾ گهٽ باقاعده طور تي انساني سمجهيو ويجي ٿو. انهن کي طاقتور اوصافن سان ڏکيو وڃي ٿو. اهي مها قدبت وارا ٿي وڃن ٿا. حتاڪ انهن کي سج، چنڊ ۽ فطرت جي عظيم طاقتن سان گڏ سجاتو وڃي ٿو. پر گهڻ _ خدائي منزل دوران اهي ڪڏهن بہ صفا قادر مطلق نہ هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ديومالا ۾ اهي سڀ لازماً باهمي طور محدود هوندا آهن. يوناني ۽ رومن تهذيبن ۾ بہ اها ڳالهہ صاف آهي تہ ديوتا عام طور تي رواجي ذهنن طرفان، انسان کان مٿي تصور نہ ڪيا ويا. اهو گهڻو پوءِ هڪ خدائي تصور جي اثر هيٺ ٿيو تہ ديوتا/ خدا جي وڏايل چڙهايل تصورن جيڪي هاڻي عام جام آهن، يهوديت ۽ عيسائيت جي زماني ۾ پاڻ کي تشڪيل ڪرڻ شروع ڪيو. هڪ دفعو وري محض گهريلو بزرگ ـ پوڄا اسان کي گهريلو مذهب ـ گهر جي ديوتائن جيڪي قبائلي ۽ قومي ديوتائن کان بلڪل مختلف هوندا آهن، جي بڻ بنياد کان وڌيڪ ٻي ڪا شيءِ مشڪل سان ڏئي پئي سگهي. پر بادشاهپڻو اسان کي اها گم ٿيل ڪڙي مهيا ڪري ڏئي ٿو. اسان مسٽر ڊف ميڪڊونلڊ جي وچ آفريڪي علائقي ۾ خدا/ديوتا ناهڻ جي احوال ۾ اهو ڏسي چڪا آهيون تہ ڪيئن قبيلي جي سردار جي وڏڙن جي پوڄا قبائلي يا ڳوناڻن ديوتائن کي جنم ڏئي ٿي ۽ اهو صاف آهي تہ ڪيئن جڏهن سرداري ۽ بادشاهي ڦهلجي ٿي تمام اعليٰ قسم جا قومي ديوتا هنن اوائلي بادشاهن مان ڏيري ڏيري ڦُٽن ٿا. اسان کي خاص طور تي وقت جو عنصر خيال ۾رکڻو پوندو، اهو ياد رکندي تہ اوائلي بزرگ آخر ۾ نيٺ بطور انسانن جي فرداً فرداً وسارجي ويندا آهن ۽ يادگيريءَ ۾ اهي پوءِ رڳو مافوق الفطري هستين طور باقي وڃي بچندا آهن. اهڙي طرح بادشاهپڻو ديوتاپڻي مٿان تيزيءَ سان عمل ڪري ٿو. جيڪڏهن خود زنده بادشاهہ عظيم آهي تہ پوءِ هن جو بزرگ (ابو ڏاڏو) جنهن کان خود اهو بادشاهہ بہ ڊڄي ٿو ۽ سندس پوڄا ڪري ٿو، ڪيڏو نہ گهڻو عظيم هوندو ۽ اڃا بہ ٻي انتها عظيم ان کان بہ اوائلي ديوتا، هن جي بزرگ جو بہ بزرگ هوندو. جنهن کي خود ان بادشاهہ جو بہ بزرگ ايڏي تعظيم ڏيندو آهي ۽ ڪيس راضي رکندو آهي. اهڙي ئي ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طريقي سان ڏيري ڏيري ديوتائن جي هڪ پشت موروثيت نهي تي ، جن مان پراڻي ۾ پراڻا ۽ تنهنڪري گهٽ ۾ گهٽ ڄاتل ئي آخر ۾ اڪثر ڪري سيني کان وڏا ديوتا تي ويندا آهن.

بادشاهتن ۽ سلطنتن جي مضبوطي ۽ ڦنن جو واڌارو متوازي طاقت سان هنن رُخن ۾ نشاندهي ڪن ٿا، جڏهن ته بوليءَ ۾ صورتخطيءَ جي ايجاد ديوتاپڻي ۽ عظيم اوائلي بزرگن جي طاقت مٿان آخري مهر هڻي ڇڏي ٿي . اصل ۾ تمام گهڻو قديم قبيلن ۾ هڪ اصول طور اسان کي پوڄا ۾ رڳو گهريلو ۽ تازيون شيون هٿ اچن ٿيون. قبيلي جو سردار گهڻي ڀاڱي خود پنهنجي پيءُ ۽ هن جي ويجهن ابن ڏاڏن جي پوڄا ڪندو آهي. جيئن مسٽر ڊف مئڪڊو نالڊ ان ڏانهن تمام سٺي نموني اشارو ڪيو آهي، وڌيڪ قديم بزرگ تيزيءَ سان گمناميءَ ۾ هليا ويندا آهن پر وڌيڪ سڌريل نسلن ۾ اهڙا مختلف ذريعا اپرن ٿا، جيڪي اوائلي مري ويل بزرگن کي ذهنن ۾ ياد رکڻ ۾ مدد ڪن ٿا ۽ تمام گهڻي ارتقا ڪيل برادرين ۾ هي ذريعا جيڪي ارتقا جي هڪ اعليٰ سطح کي پهچي چڪا هوندا آهن، تازن ديوتائن/ بادشاهن / روحن کي، تمام قديم ۽ ۽ تمام گهڻي عرصي کان پوڄي ويندڙ ديوتائن/بادشاهن/ روحن آڏو نسبتاً غيراهم ليکيندا آهن. بي ڪنهن به شيءِ کان وڌيڪ هيءَ ڳالهه هڪ ديوتا لاءِ چئي سگهجي ٿي. اهڙي طرح تمام اڳتي وڌيل معاشرن ۾ تازي بڻ بڻياد وارا ولي يا ديوتا هڪ ثانوي يا گهٽ اهميت ماڻيندا آهن. جڏهن ته انهن ۾ اعليٰ ترين ۽ سيني کان عظيم ترين ديوتا تمام پرانهين قديميت وارا هوندا آهن، جن جي انساني تاريخ ئي زمانن جي ڌنڌلي ڪوهيڙي ۾ اسان جي نظر کان اوجهل ٿي چڪي هوندي آهي . نلهي روح کان هڪ مڪمل طور تي اُسريل ديوتا ٿائين جي تبديليءَ ۾ اهڙن ٽن انتهائي اهم ذريعن جو هتي ذڪر ڪرڻ ضروري آهي. اهي آهن مندرن/ پوڄاگهرن جو اپرڻ، بُتن جو اُپرڻ ۽ سي کان مٿي پادرشاهي / ملائيت جو اُپرڻ . هنن مان هر هڪ تي اسان کي ڌار ڌار سوچڻ گهرجي. مندرن/ پوڄاگهرن جو بڻ بڻياد مختلف رهيو آهي، پر سمورا پوڄا گهر آخر ۾ پوءِ به يا ته مري ويلن جون قبرون يا اهڙيون جڳهون ثابت ٿين ٿا جتي مري ويلن کي خاص طور تي پوڄا پيش ڪئي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندي آهي. هن سچ تي جنهن تي مسٽر هربرٽ اسپينسر مسافرن يا تاريخدانن جي رپورٽن جي معائني ڪرڻ کان پوءِ پهتو ۽ پنهنجي ڪتاب (پرنسپلز آف سوشولاجي) جي سلسلي ۾ ان کي دريافت ڪيو. مسٽر وليم سمپسن مشاهدي ۽ استدلال جي بلڪل ئي هڪ مختلف طريقي معرفت الڳ طور تي پهتو. مسٽر سمپسن شايد ڪنهن به نسل جي ڪهڙي به مسافر کان وڌيڪ سڄي دنيا جي پوڄا جي هنڌن جو هڪ تمام وڏو تعداد گهمي چڪو هو ۽ هو ان حقيقت کان جنهن هن جي اکين کي پاڻ پسايو، سڀ کان اول متاثر ٿيو ته تقريباً پوڄا جو هر هنڌ، جنهن جي بڻ بنياد جو پتو لڳائي سگهجي پيو، هڪ يا ٻئي روپ ۾ هڪ مقبرو (TOMB) نڪتو.

هن ڏس ۾ هن پنهنجي تحقيق جي نتيجن کي ڪيترن ئي تعريف جوڳن مضمونن ۾ ظاهر ڪيو. جن مان مان مذهب جي شاگردن جي سنجيده توجهه لاءِ سيني جي پر خاص طور تي ورشپ آف ڊيٿ نالي مضمون جي اعتماد سان سفارش ڪري سگهان ٿو. غا ر پوڄاگهر/ مندرجي شايد پهرين صورت آهي. ڪڏهن مري ويل ماڻهوءَ کي ان غار ۾ رکي ڇڏيو آهي، جتي هو جڏهن جيئرو هو رهندو هو. ان جو مثال اسان اڳ ئي سيلون جي ويدن ۾ ڏسي چڪا آهيون. بين مثالن ۾ جتي انساني نسل غارن ۾ رهڻ جي رسم ترڪ ڪري چڪا هوندا آهن، مري ويلن کي غارن ۾ پورڻ يا انهن کي غارن يا هتراڏو غار نما سردخانن ۾ ليٽائي ڇڏڻ جي عادت، مذهبي احساس جي روايتي قدامت پسنديءَ ڪري اجا تائين قائم رهندي آهي. هنن سمورين مختلف غارن ۾ مري ويلن کي نذرانا پيش ڪيا ويندا آهن ۽ هتي ئي اسان کي غار- مندرن/ پوڄاگهرن جو آغاز ملي ٿو. اهڙا مندر پهريان بلڪل فطري يا انتهائي اڻ گهڙيل هئا پر پوءِ جلد ئي انهن کي ابتدائي ديواري نقاشيءَ سان سينگاريو وڃڻ لڳو، جيئن مثال طور ڏکڻ آفريڪي جهنگلي ماڻهن طرفان ڪيو ويندو آهي. هي ديواري نقش وري وقت گذرڻ سان آهستي آهستي اهڙن عاليشان مندرن/ پوڄاگهرن کي جنم ڏين ٿا جيئن ٿيبز ۾ بادشاهن جا مقبرا آهن. جن مان هر هڪ مقبري پاڻ سان گڏ هڪ شاندار پوڄاگهر پنهنجي مردي خاني جي گرجا طور گڏائي ڇڏيو آهي. غارن ۾ موجود مندرن/ پوڄاگهرن جي سجاوٽ ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساڳئي نموني مجسمہ سازي بہ استعمال ڪئي وئي آهي ۽ ان فنڪارانہ آرائش جو اسان آخري نتيجو عاليشان غار۔ پوڄاگهرن جهڙوڪ ايلورا جي سجايل غارن جي صورت ۾ ڏسون ٿا. ٻئي فن ايٽروسڪن جي خوبصورت ۽ دلچسپ مقبرن/ مندرن ۾ گڏ استعمال ڪيا ويا آهن. ٻئي قسم جي مثالن ۾ اها جهوپڙي جتي مري ويل ماڻهو رهندو هو، هن جي مري وڃڻ تي هن جي زنده مائٽن طرفان خالي ڪئي ويندي آهي ۽ اهڙي طرح اها هڪ نامڪمل پوڄاگهر بڻجي ويندي آهي جتي ان مري ويل ماڻهوءَ کي نذرانا پيش ڪيا ويندا آهن.

هوتينتوس قبيلي ۾ ائين ئي ٿيندو آهي. مسٽر چالميرا نيوگنيءَ ۾ اهڙي جهوپڙي تدفين متعلق هيئن چئي ٿو، ” سردار کي جهوپڙيءَ جي وچ تي پوريو ويو، هڪ تڏو هن جي قبر مٿان وڇايو ويو، جنهن تي مون کي ويهڻ لاءِ چيو ويو ، جيستائين هو روئي ونن“. هي روج راڙو اڪثر عورتن طرفان ڪيو ويندو آهي ، هي مثال اسان کي ايدونس ۽ اوسيرس رسمن ۽ عيسائي پائيتا جي رسمن ڏانهن وٺي وڃي ٿو. مسٽر اسپينسر ڪيترائي ٻيا بهترين مثال ڪٺا ڪيا آهن: هو چئي ٿو، ”جيئن خالي ڪيل گهر ڏانهن ڪاڌي جي بار بار رسد پهچائي وڃي ٿي ۽ نذرانا پيش ڪرڻ سان گڏ مجائڻ جا ٻيا عمل بہ ڪيا وڃن ٿا، تہ ان سان اهو اجڙيل گهر، جيڪو هڪ مرده خاني گهر ۾ تبديل ٿي ويو هوندو آهي هڪ مندر/ پوڄا گهر جون خصلتون ماڻي وٺندو آهي.“ مندرن/ پوڄاگهرن جو ٽيون بڻ بنياد ان جا پري، جهوپڙي يا اجهي ۾ لٽو ويو آهي، جيڪو قبر مٿان ڪڙو ڪيو ويندو آهي، مري ويل جي حفاظت لاءِ يا زنده ماڻهن جي سهولت لاءِ ، جيڪي اتي نذرانا پيش ڪرڻ ايندا آهن. اهڙي طرح مسٽرچامرس مطابق، نيوگنيءَ جي ڪجهہ حصن ۾ ” اتان جا رهندڙ پنهنجن مري ويلن کي پنهنجن گهرن جي سامهون پوريندا آهن ۽ ان قبر کي هڪ ننڍڙي گهر سان ڍڪي ڇڏيندا آهن. جنهن ۾ هن جا قريبي رشتيدار ڪيترن ئي مهينن تائين سمهندا آهن.“

ٻئي پاسي اسان مسٽر ڊيف مڪڊو نلڊ جي وچ آفريڪي باشندن جي احوال ۾ اهو ڏٺو تہ اهي وحشي ماڻهو خود اصلي قبر تي پوڄا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نہ پيا ڪن. هن حالت ۾ لڳي ٿو تہ مري ويل جي اٿي پوڻ جو خوف، مري ويل جي مقبري تي عقيدت جي رواجي صورتن ڪان روڪي ٿو. ان ڪان علاوه روح کي هاڻي چا ڪاڻ تہ ٿورو يا گهڻو لاش ڪان آزاديءَ سان الڳ تي سگهندڙ تصور ڪيو وڃڻ لڳو، ان ڪري ان جي پوڄا، پوا ٿئي قبرستان ڪان پري ڪنهن ٻي جڳهہ تي ڪرڻ ممڪن تي پئي. ان ڪري هي آفريڪي ماڻهو روح کي ان جڳهہ تي تلاش ڪندا آهن، جتي سندن وڇڙي ويل هم قبائلي آخري وقت ۾ هنن سان گڏ رهندو هو. اهو مري ويل ماڻهوءَ جي گهر جي وراندي تي لڳل وڏو وڻ هوندو آهي جيڪو هنن جو مندر/ پوڄا گهر هوندو آهي ۽ جيڪڏهن اتي ڪو وڻ نہ وڌندو آهي تہ هو اتي هڪ ننڍڙو ڇاپروڪڙو ڪري ڇڏيندا آهن ۽ اتي پنهنجيون ساديون رسمون ادا ڪندا آهن.“ هن مثال ۾ اسان کي ڪن مندرن/ پوڄا گهرن لاءِ اجا هڪ ٻيو امڪاني بڻ بڻياد ملي ٿو ۽ پڻ مقدس وڻ لاءِ بہ، جيڪو ڪيترن ئي ملڪن ۾ مقدس پوڄا جي هڪ ايڏي عام شيءِ آهي. اهڙين فطري غارن يا غريب جهوپڙن سان شروعات ڪندي، مندر/ پوڄا گهر فنونِ لطيفہ ۽ بادشاهتن جي واڌاري سان تمام وڏن مقدارن جا ۽ وڏيڪ خوبصورت سجاوتن وارا ٿيندا ويا. خاص طور جڏهن اسان مصر ۾ پيرو جي مقبرن_ مندرن ۾ احرامن جي حالت ۾ ڏسون ٿا تہ، اهو تمام وڏي سائيز وارو ۽ قيمتي زيورن وارو تڏهن ٿئي ٿو. جڏهن ان کي ڪنهن طاقتور بادشاهہ پنهنجي حياتيءَ ۾ خود پنهنجي لاءِ تعمير ڪرايو هوندو آهي. هن تفصيل وارا مندر_ مقبرا اهڙي هڪ عمارت ۾ جيئن مسيني ۾ اينٽريس جو خزانوجيڪو حقيقت ۾ قبل از تاريخ جي ڪنهن ٻي نامِ بادشاهہ جي قبر آهي، (ان کي پيرٽ ۽ چپيز ۾ ٻيهر تعريف جوڳي انداز ۾ تعمير ڪيو ويو آهي) فنڪارانہ اوسر جي هڪ اوچي نقطي تي پهچي وڃن ٿا. ظاهر آهي تہ مندر پوڄا گهر جي اهميت ۽ شان ان ديوتا خدا جي اهميت ۽ شان جي عوامي تصورن مٿان عمل ڪندي جيڪو ان ۾ رهندو آهي ۽ ان جي ابتڙ جيئن ديوتا عظيم کان عظيم تر ٿيندا ويندا آهن تيئن سندن مستقل گهرن جي اڏاوت ۽ سجاوت مٿان مسلسل وڌيڪ فن ۽ وڌيڪ تعميراتي ڏاهپ صرف ڪئي ويندي آهي. آخر ۾ ديوتا پنهنجي رعب تاب لاءِ گهٽي حد تائين پنهنجي گهر مٿان ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڙيندو آهي. خود غير اهل ڪتاب (گهڻ خدائي) ماڻهن جو مذهب پارٿينان ۾ اولمپين ديوتا زيوس (ZEUS) جي مندر سان ڪيترو نہ سجاتو تو وڃي!

عيسائيت خود ڪيترو نہ لنڪن ۾ درهام، ايمينس ۾ چارٽرس، ملن ۾ پيسا، سينٽ مارڪ ۾ سينٽ پيٽرڪ جي چرچن جي شڪرگذار آهي. ماڻهو اهو نہ مڃي سگهندا تہ اهي ديوتا/ خدا جن کي اهڙن شاهاڻن ۽ ڏنڊلي نموني مذهبي روضن تي پوڄيو ٿو وڃي، ڪنهن سمي هنن جيان انسان هئا، ساڳين جسمن، عضون ۽ جذبن جا نهيل. پوءِ بہ گهٽ ۾ گهٽ آخري مثال ۾ اسان ڏسون ٿا تہ هڪ واحد هيناهين شامي هاريءَ (يسوع مسيح) جي مان ۾ عظيم عمارتون ڪڙيون ڪيون وڃن ٿيون. مندرن جي اصليت جي هن مختصر ۽ اڻپوري تفصيل کان پوءِ مان خود ان مقدس عمارت تي غور ويچار کان ان بُت جي غور ويچار ڏانهن اچان ٿو، جيڪو عام طور تي ان ۾ رهي ٿو. جتي تدفين جي رسم رائج هوندي آهي ۽ جتي فن اوسر جي هڪ هينين سطح تي هوندا آهن، مري ويلن جي ياد ٻن يا ٽن نسلن کان وڌيڪ دير تائين قائم نہ رهي سگهندي آهي. پر جتي مميفيڪيشن رائج هوندي آهي، اتي اهڙو ڪو بہ سبب نہ هوندو آهي تہ مري ويل ماڻهن کي غير ميعند مدت تائين چو نہ محفوظ ڪري رکجي ۽ پوڄيو وڃي. ۽ اسان کي خبر آهي تہ گهٽ ۾ گهٽ مصر ۾ بادشاهن جي هن مذهبي عقيدي کي جيڪي قديم سلطنت جي تمام آڳاهين زماني ۾ مري ويا، ٽالميز بادشاهن جي ڏينهن تائين باقاعده جاري رکيو ويو. اهڙي هڪ مثال ۾ جيئن هي آهي،بتن جي اُبرڻ جي قطعاً ڪا گنجائش نہ آهي، لاش خود پوڄا جي مک شيءِ / اسم (OBJECT) هوندو آهي. لحاظہ اسان مصرۂ پيرو-- بنهي هنڌن تي اهو ڏسون ٿا تہ مميءَ جي پوڄا، مقامي مذهبن ۾ هڪ وڏو ڪردار ادا ڪيو، جيتوڻيڪ ممي پوڄا جي ڪڏهن ڪڏهن بين مقدس شين جيئن پاڪ تصور يا مقدس پٿر، جن کي بہ اسان هاڻي ڪانپوءِ ڏسنداسون تہ ساڳيو ئي بڻ بڻياد هو، جي پوڄا سان مٿا سٽا بہ ڪئي ويندي هئي، پر بين ڪيترن ئي ملڪن ۾ جتي لاشن کي گهٽ ظاهر ظهور نموني محفوظ ڪيو ويندو هو ، روح يا ديوتا جي پوڄا اڪثر ڪري هڪ نقل يا بُت کي پيش ڪئي ويندي هئي، ايتري قدر جو عيسائي ٻوليءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ بُت پرستي، توحيد پرستي کان علاوه عبادت جي بين سمورن روپن لاءِ عام فقرو بڻجي چڪو هو. هاڻي انهن بتن جو بڻ بڻياد ۽ معنيٰ ڇا آهي ۽ ڪيئن انهن کي اوائلي لاشن يا روح پوڄا سان ڳنڍي سگهجي ٿو؟

مان سمجهان ٿو تہ مندر، پوڄا گهر جيان، بُت کي بہ مختلف جدا جدا بڻ بڻياد آهن، جن مان ڪيترن کي مسٽر هربرٽ اسپينسر نوٽ ڪيو آهي، جڏهن تہ ٻيا مون کي لڳي ٿو تہ هن ڳوڙهي ۽ تيز مشاهدو ڪندڙ شخص کان بہ رهجي ويا آهن. اوائلي بُت، جيڪڏهن مون کي متضاد اظهار جي اجازت ڏني وڃي تہ بُت ئي نہ آهن يعني اهي مري ويل ماڻهوءَ جا خاڪا يا نمائندا نہ آهن پر انهن جا اصل لاش آهن، جن کي محفوظ ڪيو ويو هوندو آهي ۽ سندن ممي ناهي وئي هوندي آهي . بهرحال اهي جلد ئي مختلف قسمن جي نمائندگي ڪندڙ صورتن ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. ڇو تہ پهريان خود مميءَ کي اڪثر ڪري پٽيءَ وارن ڪپڙن ۾ ويڙهيو ويندو آهي، جيڪي ان جي خدوخالن کي لڪائي ڇڏيندا آهن ۽ ٻيو تہ ان کي اڪثر هڪ ڪاٺ جي نهيل صندوق ۾ بند ڪيو ويندو آهي ، جيڪا پڻ اڪثر ڪري اڻ گهڙيل نموني انسان جي شڪل جهڙي هوندي آهي ۽ جنهن بُتن جي ڪجهہ صورتن کي بلا.شبہ پيدا ڪري ڇڏيو آهي. اهڙي طرح مصري ديوتائن مان امن (AMUN)، خيم، اوسيرس ۽ تاهہ (PTAH) ديوتائن جون مورتيون اڪثر ڪري يا عادتاً هڪ مميءَ جي صندوق ۾ موجود مميءَ جون مورتيون هونديون آهن پر اجا بہ اڳتي خود ممي ورلي يا ڪڏهن بہ اهو پورو ماڻهو نہ هوندي آهي، ان مان گهڻ ۾ گهڻ آنڊا نڪتل هوندا آهن يا جيئن نيوگنيءَ ۾ ڪيو ويندو آهي تہ ان جو سمورو گوشت ڪڍيو ويو هوندو آهي، پوئتي رڳو ڪل ۽ هڏا باقي بچايا ويندا آهن. وري اڪيون بہ اڪثر ڪري، جيئن پيرو ۾ ٿيندو آهي، ڪنهن ٻي اکين جهڙي شيءِ سان بدلايون وينديون آهن تہ جيئن زندگيءَ جهڙو مهاندو ٿي بيهي. ههڙي قسم جا مثال بين پاڻ جهڙن مثالن ڏانهن وٺي وڃن ٿا جتي مورتي يا بُت آهستي آهستي لاش يا مميءَ کان ئي ماڳهين گوءِ کٽي وڃي ٿو. مسٽر ايچ- او — فوربس تيمورلات ۾ اهڙي هڪ عبوري منزل جو هڪ دلچسپ مثال پيش ڪري ٿو: هو چوي ٿو. ”انهن ماڻهن جا لاش جيڪي جنگ ۾ مري ويندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن يا جن جو موت دهشتناڪ انداز ۾ ٿيو هوندو آهي، پوريا ويندا آهن ۽ جيڪڏهن هن جو مٿو (دشمن طرفان) ڪٽيو ويو هوندو آهي، ته پوءِ هڪ ناريل قبر ۾ رکيو ويندو آهي، هن جي ڳم ٿيل مٿي جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ ۽ هن جي روح کي ڏوڪو ڏيڻ ۽ مطمعن ڪرڻ لاءِ.“

هن ڳالهه جو جهجهو ثبوت موجود آهي ته اهڙيون هترادو جنگهون ٻانهون يا جسم روح جي ڪم ڪار لاءِ گهٽ ۾ گهٽ حد تائين ڪافي هوندا آهن، ان صورت ۾ جڏهن اصلي لاش صفا ختم ٿي چڪو هوندو آهي يا خراب ٿي چڪو هوندو آهي.

وڪاتا نيز ماڻهو پنهنجن ابن ڏاڏن لاءِ ڪاٺ جا مجسما ناهيندا آهن، انهن ۾ ساڙيل لاش جي خاڪ وجهندا آهن ۽ ان تي لاش تان لاٿل ڪوپڙيءَ جي کل چنبڙائي ڇڏيندا آهن. هو اهي مورتيون، جيڪي اڌ ممي هونديون آهن ۽ اڌ ٻُت هونديون آهن، پنهنجن گهرن جي پوڄا خانن ۾ رکي ڇڏيندا آهن، سندن تمام وڏي عزت ڪندا آهن ۽ سندن محنت سان خيال ڪندا آهن. سمورين تقريبن ۾ انهن کي ڪاڏو ۽ شربت پيش ڪيو ويندو آهي. اها ڳالهه واضح آهي ته لاش کي ساڙي ڇڏڻ جي رسم جي خاص طور تي اها ضرورت هوندي آهي ته اصلي مري ويل ماڻهوءَ جي لاش جي جاءِ تي هڪ مورتيءَ جي نعم البدل کي آڻي بيهارجي. ان جي ابتڙ لاش کي پورينداڙ نسلن ۾ اها لاش جي ڪٽيل سِسي هوندي آهي، جنهن کي اڪثر ڪري محفوظ ڪيو ويندو آهي ۽ پوڄيو ويندو آهي. اهڙين مورتين کان پٿر جي ننڍڙن تابوتن، جيئن ايترو سڪان مقبرن جا پٿر آهن، تائين سفر ايڏي ڪا وڏي ڳالهه ناهي.

هنن پٿر جي تابوتن ۾ مري ويلن جي سڙيل خاڪ پيل هوندي هئي ۽ انهن مٿان اهڙو ڍڪ رکيل هوندو هو جيڪو عام طور مري ويل کي اهڙي انداز ۾ ظاهر ڪندو هو ڄڻ هو هڪ وڏي دعوت ۾ آرام سان پنهنجن هٿن ۾ شراب جو جام جهليو ويٺو آهي. اهي مقبرا جن ۾ اهي پٿر جا تابوت رکيا ويندا هئا، ٻن قسمن جا هوندا هئا: هڪ --- پٿر جا نهيل احرام يا مخروط، جن لاءِ ڊاڪٽر اساڪ ٽيلر چئي ٿو،” اهي ظاهر ظهور ڏڙي جي باقيات آهن.“ ٻيو---- جبل ۾ ڪٽيل ڪوٺڙي جيڪا ”


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غــار جي باقيات آهي" هي شاهاڻيون قبرون محض بيءُ رونق قبرون نہ آهن پر اهي مري ويلن جا آماجگاهه آهن. جن کي زنده ماڻهن جي گهرن جي طرز تي تعمير ڪيو ويو هوندو آهي. انهن ۾ فرنيچر ۽ ٿانوءَ موجود هوندا آهن ۽ انهن جون ديوارون تصويرن سان سجايل هونديون آهن. انهن ۾ هڪ آڳڙيـ نهيل هوندو آهي، جتي سمورو خاندان ساليانى دعوت تي پنهنجن وڇڙي ويل بزرگن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ ڪٺو ٿي سگهندو آهي، جيڪي پنهنجن مجسمہ ٿيل تابوتن جي ڍڪن مان ٻاهر نڪري انهن سان گڏ ماني کائيندا آهن. هن اوائلي مميءَ - ٻت کان ٿورو وڏيڪ مفاصلي واري منزل تي اسان خالص ۽ سادي مورتيءَ تي پهچون ٿا. مثال طور ميڪسيڪو جا ماڻهو، جيئن اسان ڏسي آيا آهيون، لاش ساڙيندڙ هئا. ۽ جڏهن لڙائيءَ ۾ قتل ٿي ويل ماڻهن جا لاش هنن کي حاصل نہ ٿي سگهندا هئا، اهي انهن جون ڪاٺ جون مورتيون ٺاهيندا هئا، جن کي هو عزت ڏيندا هئا ۽ پوءِ سندن لاشن جي جاءِ تي انهن کي ساڙي ڇڏيندا هئا. ڪجهہ قدر ساڳئي جذبي سان مصري خود مميءَ جي پر ۾ مري ويلن جي هڪ مورتي بہ رکي ڇڏيندا هئا، جيڪا هنن جي نظر ۾ روح لاءِ اصلي لاش جي حادثاتي تباهيءَ جي صورت ۾ هڪ پناهه گاهه يا ان کي حاصل ڪندڙ شيءِ طور ڪم ڪندي هئي.

مسٽر اسپينسر ٻُتن جا اهڙا ڪئين ساڳيا مثال ڪٺا ڪيا آهن، جن کي مري ويل جي جسم بدران استعمال ڪيو ويندو آهي. روم جون مورتيون ، ميڻ جا نقاب هوندا هئا، جن مري ويل بزرگن جي نقشن کي ساڳئي نموني سانڍي رکيو ٿي. شايد ٻئي نمائندگيءَ جي هن رسم جو وڏ ۾ وڏ جديد بقا اجاتائين ويسٽ منسٽرآبي ۾ محفوظ ڪيل اسانجن بادشاهن ۽ راڻين جي پتلن جي صورت ۾ ڏسي سگهجي ٿو. ٻت پرستيءَ جا اجا بہ ٻيا ذريعا رهيا آهن، جن مون کي لڳي ٿو، مسٽر اسپينسر جو مشڪل سان ڪو ڌيان ڇڪايو آهي. اهي بہ آهن. قبر جي سجاڻپ ڪندڙ ٽڪيو ۽ قبر تي ڪڙو ڪيل پٿر (ڪُتبو). مان اهو مڃڻ جو خطري جو ڪم ڪيان ٿو تہ ٻُتن جو گهڻو تعداد متين ٻن اصلي شين مان هڪ يا ٻيءَ مان ٺُتو آهي. انهن ٻنهي جو معائنو هاڻي مان گهڻي تفصيل ۾ ڪندس. في



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الحال ايترو چوڻ ڪافي آهي تہ ڪاٺ جو تنيو اڪثر ڪري لڳي ٿو تہ ڪاٺ جي اُڪريل مورتيءَ لاءِ بڻ بڻياد يا ان ڪان موڪلائيءَ جو نقطو آهي؛ اهو تعظيم جي اهڙين اڻ گهڙيل شين جو جيئن مخروط ۽ ڪاٺ جا نلهہ، جن جي يهودي قبيلن ۾ ايتري گهڻي عزت ڪئي ويندي آهي، پڻ بڻ بڻياد آهي. جڏهن تہ کهرو گول پٿر، بيلنا پٿر يا قبر جو پٿر يا ڪُتبو ( TOMBSTONE) لڳي ٿو تہ پٿر يا سنگمرمر جي مجسمي جيڪو سڄي دنيا ۾ سمورين اڳتي وڌيل ۽ سڌريل برادرين ۾ وڌ ۾ وڌ عام مجسمو هوندو آهي، جو بڻ بڻياد يا ان ڪان موڪلائيءَ جو نقطو ناهي ٿو.

اهڙا پٿر شروع ۾ چڙو اڻ گهڙيل وڏا ٽڪرا يا اڻ تراشيل پٿر هئا، جيڪي اهڙن پٿرن جا پونيئر هئا جن کي قديم زماني ۾ قبر جي مٿان رکيو ويندو هو تہ جيئن مري ويل ماڻهوءَ جي لاش کي هيٺ دٻائي رکجي ۽ ان کي زنده ماڻهن کي پريشان ڪرڻ لاءِ وري واپس اچڻ کان روڪي ڇڏجي. پر وقت گذرڻ سان اهي پٿر مستطيل يا چورس شڪلين ۾ ڇلجڻ لڳا ۽ آخر ۾ انهن کي انساني مٿي ۽ ڪُلهن جي هڪ صورت ۾ سجايو وڃڻ لڳو. هن ڏاڪي کان هنن جلد ئي يونان جي هرميز ديوتائن ڏانهن ترقي ڪئي. اسان هاڻي جاڻون ٿا تہ هي اڪثر هيلينڪ ( يوناني، مصري ۽ رومي ) ديوتائن ۽ ديوين جو اوائلي روپ هئا ۽ اسان انهن جي ارتقا جو هن نقطي کان وٺي انسان نما ايفرو ڊائٽ يا هيري تائين سُراغ لڳائي سگهون ٿا. اِفيسن ارتيمس جي مشهور تصوير ان سلسلي ۾ هڪ عبوري مثال آهي، جيڪو هر پراڻي پڙهندڙ کي هڪدم ڏسڻ ۾ ايندو. اهڙين غير شڪلي شروعاتن کان ابتدا ڪندي، اسان آخر هيلاز ايٽروريا ۽ روم جي فنڪارن ۽ شاندار پتل ۽ سنگمرمر جي مجسمن، جديد هندستان جي گهڻ دستي ديوين ۽ نشاط ثانيہ (جاڳرتا) جي زماني جي اٽليءَ جي ميڊونا ۽ پيتاس جي مجسمن تائين ترقي ڪيون ٿا. فطري طور جيئن ديوتا وڌيڪ خوبصورت ۽ ڪاريگريءَ ۾ وڌيڪ نفيس ٿيندا ويندا آهن، سندن طاقت ۽ شان جو عوامي خيال بہ ان سان گڏو گڏ ضرور وڌندو ويندو آهي. مصر ۾ ان اوسُر مکيہ طور تي سخت گرينائيٽ (عمارتي) پٿر جي تمام وڏي سائيز ۽ نفيس وڌ نڪ جو روپ اختيار ڪيو. نام نهاد مشهور مصري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

احرام ۽ مينان ۽ اِسفنڪس پھرين ڳالھ جا ڄاتل سڃاتل مثال آھن. سائنائيٽ پشت ڪاري بسالٽ پٿر جا ديوتا، جيڪي لوور ۽ برٽش ميوزم ۾ ايترا ڄاتل سڃاتل آھن، ٻي ڳالھ جا مثال آھن. يونان ۾ ساڳيو تاثر مثالي خوبصورتيءَ سان جيئن ايفروڊائيٽ ۽ اپالو جي مجسمن ۾ يا سامان جي قيمتي پٽي سان جيئن زيوس ۽ پارٿينان جي اٿيني جي مجسمن ۾ آھي، حاصل ڪيو ويو. پر اسان کي هميشه اهو به ضرور ياد رکڻ گھرجي ته خود هيلاس ۾ ھي شاندار ديوتا، اڻ گھڙيل مذھب جي ٻي صورت پٿريلن ٽڪرن يا بينل پٿرن مان نسبتاً ٿوري وقت ۾ پيدا ڪيا ويا.

حقيقت ۾ اسان وٽ انتھائي عجيب ۽ مشڪل سان انساني صورت وارن مائسينين قسمن ۽ مائران يا فيڊياس جي نھايت عمده مورتين درميان اڃا ڪيترائي عجيب وچوارا روپ به موجود آھن. سڀ کان قديم يوناني مجسما جيڪي پيرٽ ۽ چپيز طرفان سندن عظيم شاھڪار ” آرٽِ اِن پريميٽو گِريڪ“ ۾ تراشيل آھن، پوليٽيشين سطح کان ڪنھن به لحاظ کان متاھان ناھن. جڏھن ته بعد جي فرسوده ڪاريگريءَ جي نام نھاد اپولو ديوتائن جيڪي پنھنجن ٻانھن کي پاسن کان ڪري اُيا بيٺا آھن، ڪيترن ئي اعتبارن کان قبر تي کڙي ڪيل پٿر جو سڌو ھيٺ متي وارو خاڪو ياد ڪرائن ٿا جنھن مان انھن اوسر ڪئي ھوندي آھي. مان اھو به اضافو ڪندس ته بيشمار مثالن ۾ اڻ گھڙيل پٿر جي مورتي يا بُت ۽ اڃا به ھيناھين درجي تي اڻ تراشيل مقدس پٿر، ھڪ چاپري يا پناه ھينان مرڪزي شيءِ طور بينل ھوندو آھي، جيڪو آھستي آھستي عاليشان مندر/ پوڄا گھر ۾ اوسر ڪري ويندو آھي. ٻنھي ۾ ترقي عام طور تي ٿوري يا گھٽي برابر ھوندي آھي، جيتوڻيڪ ڪڏھن، جيئن تاريخي يونان ۾ آھي نوابي اڏاوت جي ھڪ مندر/ پوڄاگھر پوڄا جي پنھنجي مرڪزيءَ ۽ مک شيءِ طور اوائليءِ وحشي پوڄا جو کُھرو اڻڪٽيل پٿر به رکيو تي. تنھنڪري ويندي عيسائيت ۾ به، عظيم چرچ ۽ گرجا گھر ، پنھنجي وڏ ۾ وڏ قيمتي ملڪيت طور ڪجھ اڻ گھڙيل ۽ قديم مورتيون رکن ٿا، جيئن روم ۾ ايرا ڪوئلي ۾ سنتا ماريا جو مقدس ٻارڙو يا ڪاريون مدوناز جن کي ماڻھن طرفان اٽليءَ ۾ زيارت جي مشھور جڳھن تي پوڄيو ويندو آھي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي چوڻ جو اهو مطلب ناهي تہ هر بت خود لازمي طور هڪ جنازي جي نشاني هوندو آهي. جڏهن هڪ دفعو ديوتاپڻي جو خيال مڪمل طور تي پيدا ٿي چڪو هجي ته ۽ جڏهن ماڻهو هڪ مورتيءَ يا بُت کي پنهنجي ديوتا جو نمائندو يا رهڻ جو هنڌ قرار ڏيڻ جا هيراڪ بڻجي چڪا هجن تا تہ پوءِ اهڙين مورتين کي بيشمار انداز ۾ وڌائڻ سولو ٿي پوندو آهي. هوبهو ساڳئي اپولو يا ايفرو ڊائيٽ يا مڊونايا سينٽ سيبسٽين جون سوين مورتيون وجود رکي سگهن ٿيون. ساڳئي وقت اها ڳالهہ بہ بلڪل صاف آهي تہ اڪثر پوڄارين طرفان پاڪ هستي ٿوري يا گهٽي اصل ۾ مورتيءَ سان منجهائي ويندي آهي، هڪ خاص آرٽيمس يا هڪ مخصوص نوٽري ڊم، کي ٻئي آرٽيمس يا نوٽري ڊم کان وڌيڪ طاقتور يا وڌيڪ دوستاڻو سمجهيو ويندو آهي. مان ڏکڻ يورپ جي اهڙين عورتن کي سڃاڻان جيڪي پري واقع مدونا جي مقبري تي پوڄا ڪرڻ وينديون آهن، ڇاڪاڻ تہ اها سندن پنهنجي مدونا کان وڌيڪ عظيم آهي. ان کان علاوه اهو بہ ممڪن آهي تہ ڪيترن ئي مثالن ۾ مورتيون يا مقدس پٿر جيڪي ڪڏهن پنهنجي بڻ بڻياد ۾ جنازي وارا هوندا هئا ۽ مخصوص ديوتائن يا روحن جي نمائندگي ڪندا هئا، آخر ۾ نيٺ بين وڌيڪ طاقتور ديوتائن طرفان ڳڙڪائجي ويندا آهن، تنهنڪري نيٺ اهي پنهنجي قديم انوکيت وڃائي ويهندا آهن . اهڙا ڪيترا ئي بعال ۽ ڪيترائي ايشتيرات هئا، شايد ڪيترائي اپولو، ڪيترائي ارتميسز ۽ ڪيتريون ئي ايفروڊائٽس هيون.

اها ڳالهہ تقريباً يقيني آهي تہ ڪيترائي الڳ الڳ هر ميز ديوتا هئا. تحقيق جي ترقي اسان کي اهو مڃڻ تي مجبور ڪري ڇڏي ٿي تہ بيشمار ديوتا، جن کي ڪڏهن يگانو ۽ انفرادي سمجهيو ويندو هو، مقامي ديوتائن جي هڪ وڏي تعداد ۾ ضم ڪيا ويا ۽ بعد ۾ انهن کي ڪنهن طاقتور ديوتا سان، نقش، نالي يا وصف جي محض ٻاهرين مشابهتن ڪري سڃاتو ويندو آهي. گهٽ ۾ گهٽ مصر ۾ سڃاڻپ ۽ مرڪزيت جو هي عمل عام هو . ان کان علاوه اسان کي خبر آهي تہ هر نئون مذهب ، پراڻن مذهبن جي سمورن ممڪن ڄڻن کي ڳڙڪائي وڃڻ ۽ پاڻ ۾ سموئي ڇڏڻ جو لاڙو رکندو آهي، جيئن يهودي يهوه ازم اوائلي سامي گهڻ خدائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذهب جي مقدس پٿرن کي قبيلائي سردارن جي تاريخ جي واقعن سان ڳنڍيندي، پاڻ وٽ قبول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ جيئن عيسائيت اهڙن پٿرن کي ڪڏهن صليب جي بنياد طور استعمال ڪندي يا ٻين ڪي ڪنهن ولي يا شهيد جي نالي سان مقدس بڻائيندي پنهنجي حلقي ۾ مقدس بڻائي ڇڏيو. پر مندر ۽ بُت جي ارتقا کان به وڏيڪ. پادرشاهيءَ (ملائيت/ ٻائي پڻي) جي ارتقا ديوتائن کي شان، اهميت ۽ طاقت ڏني آهي: ڇو ته پادري هڪ اهڙو طبقو آهي، جنهن جو سڌو مفاد انهن ديوتائن جي عظمت ۽ شان وشوڪت مان جن کي هو پوڄيندا آهن، گهٽي ۾ گهٽو فائدو ماڻڻ هوندو آهي.

پادرشاهيءَ کي پڻ شايد گهٽ ۾ گهٽ به جدا جدا بڻ بڻياد آهن. هڪ نيم بادشاهاڻو ۽ ٻيو نيم غلاماڻو. مان پهرئين سان شروع ڪريان ٿو. اسان ڏنوسين ته هڪ آفريڪي ڳوٺ جي مک روحن، جيڪي قبيلي جا ديوتا هوندا آهن ، جي پٽ ۽ نمائندي طور رڳو هڪ سردار کي ئي اهو حق حاصل هوندو آهي ته هو انهن ديوتائن وٽ سڌو سنئون نذرانن سميت وڃي سگهي. عام ڳوناڻو جيڪو ديوتائن کان ڪجهه به گهرڻ چاهيندو آهي، ان سردار جي معرفت گهرندو آهي، جيڪو هم قبيلائي ۽ پاڪ روحن جو دوست هوندو آهي ۽ تنهنڪري فطري طور هو انهن روحن جي خيالن ۽ عادتن کي سمجهندو آهي. اهڙي طرح اهڙا سردار فطري طور پادري/پروهت پڻ هوندا آهن . اهي خاندان معرفت مقدس هوندا آهن. اهي ۽ انهن جا ٻار قبيلي جي ديوتائن سان هڪ خاص رشتي ۾ ٻينل هوندا آهن.جيڪو ان رشتي کان بلڪل مختلف هوندو آهي، جنهن ۾ عام ماڻهو ٻينل هوندا آهن، اهي ديوتائن جي پنهنجي خون وارا هوندا آهن. هن قسم جو رشتو ڪيترن ئي ملڪن ۾ عام آهي، اهڙن مثالن ۾ سردار، بادشاهه ۽ پادري هوندا آهن. هن سڄي کي مختصر بيان ڪندي مذهب جي قديم ترين يا گهريلو روپ ۾ هر ننڍي ٽولي يا خاندان جا ديوتا ان جا پنهنجا مري ويل بزرگ هوندا آهن ۽ خاص طور تي ان جا فوري پيشرو هوندا آهن، (ڇو ته تاريخي ياداشت ڪمزور ٿيندي آهي). هن منزل تي، گهر جو وڏو فطري طور پادريءَ جا ڪم ڪار ڪندو آهي، اهوهوئي هوندو آهي ، جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي زالن، پنهنجن پٽن، پنهنجي اولاد بدران خانداني روحن يا ديوتائن ڏي ويندو آهي. پڇاڙيءَ ۾ هر خاندان جو پيءُ هي پادراڻو ڪم پاڻ وٽ برقرار رکندو آهي، جيستائين وڏيڪ پابند خانداني رسمن جو واسطو هوندو آهي، هو ليئرس ۽ پيناٽس (گهريلو ديوتائن) جي پوڄا جو پادري هوندو آهي. هو خانداني ديوتائن کي خانداني قرباني پيش ڪندو آهي، هو عيسائي گهراڻي ۾ خانداني دعائون پڙهندو آهي، پرجيئن قبيلو يا قوم اسري ٿي ۽ سرداري وڌيڪ وڏي ٿيندي وڃي ٿي، تہ پوءِ اهي رڳو سرداري يا بادشاهي گهراڻي جا روح يا بزرگ ئي هوندا آهن، جيڪي گهٽي ياڳي ديوتائن ۾ اوسر ڪندا آهن ۽ زنده سردار ۽ سندس خاندان انهن ديوتائن جا فطري نمائندا هوندا آهن.

اهڙي طرح اڪثر حالتن ۾ پادرائپ جو منسب بادشاه يا قبيلي جي سردار جي منسب سان جڙيل نظر اچي ٿو. مسٽر فريزر پنهنجي ڪتاب ” جادو ۽ سائنس“ (THE GOLDEN BOUGH) ۾ چئي ٿو، ”هڪ بادشاهي لقب جي پادراڻي فرضن سان ٻڌي، قديم اٽليءَ ۽ يونان ۾ عام هئي. روم ۽ اٽليءَ جي ٻين شهرن ۾ قربانيءَ جي بادشاه يا مقدس رسمن جي بادشاه نالي هڪ پادري هوندو هو ۽ هن جي زال کي مقدس رسمن جي راڻيءَ جو لقب مليل هوندو هو. اٿينس جي راڄڌانيءَ ۾ رياست جي ٻئي جج کي بادشاه ۽ سندس گهرواريءَ کي راڻي سڏيو ويندو هو، ٻنهي جو ڪم مذهبي هوندو هو. ڪيترين ئي ٻين يوناني جمهوريتن ۾ براءِ نام بادشاه هوندا هئا، جن جو ڪم، جيستائين هنن متعلق ڄاڻ آهي، پادرائپ وارو هوندو هو. روم ۾ اهو رواج هوندو هو تہ بادشاهن جي نيڪاليءَ کان پوءِ قربانيءَ جي بادشاهن کي نامزد ڪيو ويندو هو تہ جيئن قربانيون پيش ڪري سگهجن ، جيڪي هوندئن اڳ بادشاهن طرفان پيش ڪيون وينديون هيون. يونان ۾ بہ پادري بادشاهن جي بڻ بنياد متعلق لڳي ٿو تہ ساڳيو ئي خيال رائج هو. پنهنجو پاڻ ۾ هي خيال ناممڪن ناهي ۽ ان جو ثبوت اسپارٽا جي مثال مان ملي ٿو، جيڪا اها واحد نج يوناني رياست هئي، جنهن تاريخي زمانن ۾ حڪومت جو بادشاهاڻو روپ برقرار رکيو، چو تہ اسپارٽا ۾ سموريون رياستي قربانيون بادشاهن طرفان بطور ديوتا جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يونيئرن جي پيش ڪيون ويندڀون هيون. پادرائڻ ڪمن جو بادشاهي اقتدار سان ميلاپ هر ماڻهوءَ کي جاتل سڃاتل آهي. مثال طور ايشيا مائنر ( ترڪي ) مختلف عظيم مذهبن جي گاديءَ جو هنڌ هئي، جتي هزارين ”مقدس غلام“ رهندا هئا ۽ اتي حڪمراني مها پادريءَ جي هٿن ۾ هوندي هئي، جن وٽ قرون وسطيٰ جي روم جي پوپن وانگر دنيوي ۽ روحاني اختيار هوندو هو. اهڙا پادرين- ورتل شهر زيلا ۽ پيسينس هئا. قديم گهڻ خدائي عقيدي جي ماڻهن جي ڏهاڙن ۾ وري تيو تونڪ بادشاهه لڳي ٿو تہ ان حالت ۾ هئا ۽ انهن اعليٰ پادرين جا اختيار استعمال ڪيا ٿي. ”چين جا بادشاهه عوامي قربانيون ڏيندا آهن، جن جا تفصيل سندن رسمن جي ڪتابن مطابق طئي ڪيا ويندا آهن. بهرحال اها ڳالهه غيرضروري آهي تہ بادشاهت جي اوائلي تاريخ ۾ استثنا بدران عام ڳالهه جي مثالن کي وڌائبو رهجي“. جتي پادرشاهي هن مخصوص طريقي ۾ ڦٽي ٿي، اتي دنيوي ۽ ديني طاقت وچ ۾ تمام ٿورڙو فرق ايرندو آهي. پر پادرشاهي جو هڪ ٻيو ۽ تمام گهڻو طاقتور بڻ بڻياد بہ آهي، جيڪو پنهنجين شروعاتن ۾ گهٽ سڃاڻجي سگهندڙ، پر آخر ۾ حقيقت ۾ زبردست نتيجن سان پريل آهي. ڇو تہ جتي بادشاهه هڪ پادري ۽ ديوتائن جو پيشرو هوندو آهي، جيئن پيرو ۽ مصر ۾ آهي، اتي هن جي فوري ۽ انساني طاقت هن جي ديوتائي بزرگن جي طاقت کي مات ڪرڻ ۽ جڻ تہ ان کي گهٽ ڪرڻ لڳندي آهي. مثال طور تيبيز جي ڪندرن ۾ اوسيرس جو اهڙو ڪو بہ مجسمو ناهي، جيڪو رميسز ٻئين جي عظيم مورتيءَ جي اڌ جي برابر بہ هجي. پر جتي هڪ جدا ۽ الڳ پادرشاهي، مقدس رسمن جو انتظام مڪمل طور تي پنهنجن هٿن ۾ ڪٺي ٿي، اتي اسان اڪثر ڏسون ٿا تہ ديوتائن جو اختيار بادشاهن جي اختيار ڪان متاهون ٿيندو ٿو وڃي، جيڪي رڳو هنن جا خليفا هوندا آهن. آخر ۾ نيٺ اسان کي اهڙا پوپ ملن ٿا جيڪي بادشاهن مٿان حڪم هلائن ٿا ۽ طاقتور شهنشاهه قتل ٿيل پادرين جي قيمتي مقبرن آڏو عاجزاڻو ڪفارو ادا ڪندي نظر اچن ٿا. اهڙي، آزاد يا نيم _ غلاماڻہ پادرشاهيءَ جو بڻ بڻياد مندرن جي غلامن جي اداري ۾ لهي سگهجي ٿو، جيڪي اهڙا خادم هوندا آهن، جيئن اسان اڳ ۾ ئي ڏسي آيا آهيون، جن کي ٻڌايو ويو هوندو آهي تہ هو سردار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يا مري ويل جنگي جوڙي جي قبر تي ديوتي ڏين.

مصر ۾ هڪ دفعو وري گهريلو پاسي تي اسان کي اهڙي پادرشاهيءَ جي بڻ بنياد جو هڪ تعريف جوڳو مثال فراهم ڪري ٿي. بني حسن ۾ سڪاراهه ۾ موجود هر غار جهڙي مقبري جي سردر مٿان عام طور تي هڪ ڪتبو رکيو ويندو آهي، جنهن تي ان قبر والاريندڙ شخص جو نالو ۽ لقب لکيل هوندا آهن. ان کان پوءِ هڪ پاڪ اميد ظاهر ٿيل هوندي آهي ته شل سموري ابديت لاءِ روح ماتمي نذرانن جي درست ادائيگي ماڻيندو رهي، جن جي هڪ فهرست به عام طور تي اتي لکيل هوندي آهي . پر جنهن نڪتي جو هتي اسان سان واسطو آهي، اهو هي آهي ته پادري يا خادم پرتي ڪيا ويندا هئا، اهو ڏسڻ لاءِ ته نذرانا نيڪ نيڪ پيش ڪيا وڃن ٿا يا نه ۽ ان مقبري کي ذڪر ڪيل نذرانا سانڍي رکڻ ۽ پادريءَ کي گذر سفر لاءِ هڪ پگهار يا مزوري ڏيندو رهڻ جي ٻٽي مقصد لاءِ ملڪيت عنايت ڪئي ويندي آهي. جيئن اسان ٿوري دير کان پوءِ ڏسنداسين ته اهڙين پادرشاهين کي موروثي بڻايو ويو ان خاطر ته جيئن سمورن زمانن لاءِ انهن جوتسلسل قائم رهي. ۽ ڪيترن ئي مثالن ۾ اهي ايترا ته ڪامياب ٿي ويا جو ان مقبري تي پوڄا ڪيترن هزارن سالن تائين جاري رهي.

ايستائين جو قديم سلطنت جي دور ۾ مري ويل هڪ شخص کي ارڙهين ۽ اوڻويهين شاهي گهراڻي جي بادشاهن جي دور ۾ به ماتمي نذرانا پهچايا ويندا هئا. مان هي دلچسپ تاريخي مثال ڪجهه وڌيڪ ڊيگهه سان ڏيان ٿو ڇو ته اهو وڏ ۾ وڏ ڄاتل مثالن مان هڪ آهي ۽ پڻ وڏ ۾ وڏ ڄڻادار مثالن مان هڪ آهي. پر سڄي دنيا ۾ جتي ڪٿي ننڍي پئماني تي ساڳيون ارتقائون ٿي چڪيون آهن. پوڄاگهرن جا متولي جن کي روح يا ديوتا لاءِ مقدس رسمون ادا ڪرڻ لاءِ رکيو ويندو آهي، پادرين ۾ ترقي ڪري ويندا آهن، جن ان پوڄا گهر جي اڻ ڏنل رهواسيءَ جي عادتن کي ڄاتو ٿي. ذرو ذرو ٿي نسخا ڦٽا آهن، ريتون ۽ رسمون ڦٽيون آهن ۽ پادري، مقدس ريتن جا گودام بڻجي ويا آهن. رڳو هنن کي ئي خبر آهي ته ديوتائن تائين ڪيئن رسائي ڪجي، رڳو اهي آهن جيڪي ديوتا جي خوشيءَ يا ناراضگيءَ جي لکل نشانين کي پڙهي سگهن ٿا. پوڄاري ۽ ديوتا وچ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بطور ثالثيءَ جي، اهي ( پادري ) خود بہ نيم مقدس هوندا آهن. هنن کان سواءِ ڪو بہ پوڄاري پنهنجي سرپرست ديوتا جي مقبري تي صحيح نموني نہ ٿو پهچي سگهي. اهڙي طرح آخر ۾ نيٺ هو پنهنجي اصليت کان بہ وڌيڪ اهميت وارا ٿي وڃن ٿا. ۽ پاپائيت (ملائيت) وجود ۾ اچي وڃي ٿي ۽ پنهنجي ديوتا کي وڏائي چڙهائي ڇڏڻ ذريعي مذهبي پيشوائن جا رڪن ساڳئي وقت تي خود پنهنجي عهدي ۽ ڪم ڪار کي بہ وڏائي وڏو ڪن ٿا. پوءِ بہ هن سلسلي ۾ اجا هڪ وڌيڪ سبب کي ضرور مختصر طور نوٽ ڪرڻ کپي. تصويرن جي لڳائي ۽ نقش مقدس، مقبرن ۽ مندرن سان گڏ خاص طور تي اُبريا آهن. هن علم جي ڪنجي خاص طور تي پادرين وٽ هوندي آهي. هڪ مشهور مثال ڏيندي اهڙا پادري قديم مصر ۾ پڙهيل ڳڙهيل طبقو هئا. اهي قرون وسطيٰ يورپ ۾ بين حالتن هيٺ وري هڪ پڙهيل طبقو بڻجي ويا. جتي ڪٿي اسان جو اهڙن مقدس اسرارن سان واسطو پئي ٿو، جن جي رڳو پادرين کي ئي خبر هجي ٿي ۽ جتي خط تصويري وجود رکندا آهن، هي اسرار جيڪي لکت جي صورت ۾ آيل هوندا آهن، هڪ وڌيڪ خصوصي اعتبار ۾ پادرين جي خاص ملڪيت بڻجي ويندا آهن. جتي لکت اجا وڌيڪ پادراڻي ۽ عوامي ۾ ورهائجي ويندي آهي، عوام ۽ پادرائپ وچ ۾ وٿي اجا بہ وڌيڪ ويڪري ٿي ويندي آهي، پادريءَ وٽ علم جي هڪ خاص ڪنجي هوندي آهي ، جيڪا عام خلق کي ڪا نہ مليل هوندي آهي. مقدس ڪتابن جي مڃتا جو بہ اڪثر ڪري ساڳيو نتيجو نڪرندو آهي، پادري انهن ڪتابن جا فطري طور رکوالا ۽ مبلغ هوندا آهن. مون کي هن ڳالهہ جو واڌارو ڪرڻ جي مشڪل سان ڪا ضرورت آهي تہ مندر ۾ تعميراتي شان وشوڪت جي اضافي سان ۽ ديوتائن جي بُتن، يا مجسمن ۽ تصويرن جي فنڪارانہ خوبصورتيءَ ۽ قيمتي پٽي ۾ اضافي سان گڏو گڏ پادراڻي لباس، پادراڻي ماحول، پادراڻين رسمن ۾ بہ اضافو ٿيندو ويو.

آخر ۾ اسان حاصل ڪريون ٿا تمام گهڻو باوقار نوعيت جون تقريبون، تصويرن ۽ مجسمن جي سمورين لاڳاپيل شين سان سجايل، موم بتين ۽ گلن سان سجايل، لوبان جي خوشبو ۽ موسيقيءَ سان سجايل،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهوڪار ڏگهين ٽوپين ۽ هيرن سان سجايل ڪفن جي مخملي ڪپڙي واريون تقريبون، بلند مندرن، مسجدن يا گرجا گهرن جي جهيٽي روشنيءَ ۾ بي انتها طاقت، زور ۽ شان واري ديوتا يا ديوتائن جي مانَ ۾ ادا ڪيون ويندڙ تقريبون، جن جو آخر ۾ نيٺ ڪنهن تاريخي يا قبل از تاريخي مري ويل ماڻهوءَ تائين يا گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن مقدس پٿر ٿنيي يا شڪل تائين يا هن جي نشاني يا نمائندي تائين سراغ لڳائي سگهجي ٿو. اهڙي طرح قديم ممي، پوت يا روح هنن سمورن وهڪرن جي پاڻ ۾ ضم ٿي وڃڻ سان، آهستي آهستي بي حد شان، عظمت ۽ تقدس واري هڪ ديوتا (DEITY) ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. زمان ۽ مڪان جي ضروري حدن کان آزاد ٿيل ديوتا طور سمجهي ويندڙ، بنا جسم روح کي وڏ ۾ وڏ مافوق لاانسان (انسان کان بالاتر) ليکيو وڃي ٿو، جيستائين هن جي بڻ بڻياد جي سموري يادگيري، مڪمل طور تي وسري نہ ٿي وڃي.

آخر ۾ هن عجيب نڪتي جو مشاهدو ڪريو: سمورا نوان ديوتا، ولي يا مقدس شخص، جيئن ئي اهي پهريان ٿيندا آهن، واضح طور تي انساني بڻ بڻياد وارا هوندا آهن. جڏهن بہ اسان هڪ ڄاتل سڃاتل ديوتائن جي مندر ۾ ڄاتل ذريعن مان وڏايل هڪ نئين ديوتا کي ڏسندا آهيون، اسان کي ڪنهن بہ استثنيٰ کان سواءِ معلوم ٿيندو آهي تہ هو هڪ انسان آهي. جڏهن بہ اسان پوئتي تمام قديم مذهبن ڏانهن وڃون ٿا تہ انسانن جا سمورا ديوتا، سندن بزرگن جا لاش يا روح هجن ٿا. اهو رڳو تڏهن ٿئي ٿو جڏهن اسان اڻ ڄاتل اوائلي تاريخ وارن نسبتاً اڳتي وڌيل نسلن کي وٺون ٿا تہ اسان انهن کي ديوتائن جي هڪ اهڙي خاص تعداد کي پوڄيندي ڏسون ٿا، جن جو بڻ بڻياد مري ويل ماڻهن يا روحن ۾ آسانيءَ سان ۽ فوراً نہ ٿو حاصل ڪري سگهجي. بدقسمتيءَ سان مذهب جي شاگردن اهڙن تاريخي مذهبن تي اڪثر پنهنجو گهڻو ڌيان ڏنو آهي، جيڪي قديم مذهب کان بہ گهٽو پري واقع آهن ۽ جن ۾، اسان آڏو سندن پهرئين نماءَ تي اسان ديوتا پٽي جي هڪ اهڙي پيچيده تصور تي اچي بيهون ٿا، جيڪو اڳواٽ ئي مڪمل طور تي سڌريل هجي ٿو. تنهنڪري اهي پروفيسر رابرٽسن سمٿ ۽ ڪڏهن مسٽر فريزر (جنهن جو نالو هتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان تمام گهڻي عزت کان سواءِ نہ ٿو ونئي سگهان) وانگر ان ڳالهہ ڏانهن تمام گهڻو جهڪيل آهن تہ ديوتاپڻي جي تصور کي هڪ اوائلي ترين شيءِ سمجهن، نہ ڪہ ڪنهن شيءِ مان ورتل ليڪن ۽ ديوتاپڻي کي بحيثيت مجموعي ديوتا بڻايل بزرگن جي عقيدي ۽ احترام مان ظاهرظهور نموني ورتل هئڻ جي تصور کي نظرانداز ڪن. پوءِ بہ بهرحال جنهن گهڙيءَ اسان هنن اڳتي وڌيل ۽ هڪبئي مٿان تمام گهڻو چڙهيل تاريخي مذهبن کان سادن وحشي ماڻهن جي اوائلي تصورن ڏانهن اچون ٿا، تہ اسان هڪدم اهو ڏسون ٿا تہ هنن لاءِ سواءِ بزرگن جي لاشن يا روحن جي ٻيو ڪو بہ ديوتا وجود نہ رکندو آهي، تہ مذهب جي معنيٰ انهن لاشن يا روحن آڏو مخصوص ريتون رسمون ادا ڪرڻ ۽ کين نذرانا پيش ڪرڻ هوندو آهي ۽ اهو تہ وڏا بي قابو يا مخصوص شعبن وارا ديوتا هنن وٽ مڪمل طور تي موجود ڪو نہ هوندا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پنجون
# مقدس پٿر

گذريل باب ۾ مان ٻُتن جي ٻن ٻڻ ٻڻيادن جو ذڪر ڪيو آهي، جن ڏانهن جيئن مون سمجهيو آهي، مسٽر هربرٽ اسپينسر ناڪافي توجهه ڏنو آهي. اهي هئا: مقدس پٿر ۽ ڪاٺ جو ٿنڀو، جيڪي قبر جي سجاٽپ هوندا آهن. هنن ٻن ۾ هاڻي مان پوڄا جي هڪ ٽين عام شيءِ جو اضافو ڪندس، جنهن جو حقيقت ۾ ٻتن جي پيدائش سان ته ڪو واسطو نه آهي، پر اها اوائلي مذهب ۾ تمام وڏي اهميت واري آهي يعني مقدس وڻ، پنهنجي گڏيل روپ ---- مقدس ٻوڙن جي جهنڊ سان گڏ. هتي ذڪر ڪيل اهي سموريون شيون اسان ڪان وڌيڪ توجهه گهرن ٿيون، مذهب جي تاريخ ۾ سندن عمومي اهميت جي اعتبار ڪان به، ته اسرائيل جي خدا جي ارتقا جي سلسلي ۾ سندن خاص دلچسپي جي اعتبار ڪان به. جيڪو وقت گذرڻ سان نه رڳو عيسائيت ۽ اسلام جو خدا بڻجي ويو پر جديد خيالي بڻايل اعليٰ ترين دينيات جو خدا پڻ. مان مقدس پٿر تي ٽيڪا ٽپڻيءَ سان شروع ڪندس. نه رڳو ان ڪري ته اهي مٿين ٽنهي شين مان وڏ ۾ وڏ اهميت وارو آهي پر ان ڪري به ته اهو بني اسرائيل جي خدا جي پدريت ۾ سڌو سنئون شريڪ آهي جيئن اسان سنت ئي ان کي ائين ڏسنداسين سڄي دنيا ۾ تاريخ جي سمورن زمانن ۾ اسان انساني پوڄا جي وڏ ۾ وڏ عام شين ۾ پٿر جا مخصوص وڏا ٽڪرا ڏسون ٿا، جيڪي يا ته انساني هٿ طرفان غيرعمده انداز ۾ شڪل ڏنل ۽ سجايل هوندا آهن يا وري وڌيڪ عام طور تي پنهنجي مقامي ۽ فطري کهرائپ سان ڌرتيءَ تي اڪيلا بيٺا هوندا آهن. انگلينڊ جون چوٽيون جون پهاڙيون جتي ڪٿي پٿرن جي دائرن. اُهن پٿرن تي ٻيٺل سڌن پٿرن ۽ اهڙين ٻين قديم مها پٿريلين بناوتن سان پريل آهن (جن جا بهترين مثال استون هينج ۽ ايو بري جا مها ٽپترا يادگار آهن) جن جي گهڻي وقت کان ماهر آثارقديمه طرفان ڊرو ڊيڪل باقيات طور وضاحت ڪئي تي وڃي ۽ جن کي برطانيه جي قديم باشندن طرفان يقيني طور تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبردست عزت ۽ احترام جي نگاھ سان ڏٺو وڃي ٿو
فرانس ۾ اسان وٽ ڪارنڪ ۽ لوڪ ميريئيڪر جا اڻ ڪٽ رستا آهن. سار ڊينيا ۾ عجيب مخروطي ٿنڀا آهن، جن کي مقامي ماڻهو ”ديون جا مقبرا“ ڪوٺيندا آهن. شام ۾ ميجر ڪانڊر، گلبوٿا ۽ هيشبان وٽ، هيت ۽ موئاب ۾ ساڳين يادگارن جو ذڪر ڪيو آهي. هندستان ۾ پنجن پٿرن کي ڳاڙهو رنگ لڳائي هڪ ڪنڌ ۾ رکيو ويندو آهي ۽ مقامي ماڻهن طرفان انهن جي بطور ”پنجن پاندا واس“، جي پوڄا ڪئي ويندي آهي. ٽيو فريسٽس اسان کي هڪ وهمي ماڻهوءَ جي خصلتن مان هڪ هيءَ ٻڌائي ٿو ته هو گهٽيءَ جي ڪنڊ تي مقدس پٿرن کي تيل جو مَڪ ڏيندو آهي ۽ يهودي صحيفن ۾ لڪيل هڪ قديم رواج مان اسان اهو سکون ٿا ته ڪيئن سردار قبيلہ يعقوب بيت ايل وٽ هڪ پٿر کي هڪ ٿنڀي جي شڪل ۾ کڙو ڪري بيهاريو ۽ ان جي چوٽيءَ مٿان پوڄا جي هڪ عمل طور تيل اوتيو. حتاڪ اسان جي زماني ۾ ٻ هڪ خاص انگريزي سوڻ ٿيندو آهي، جتي جاگير جي پراڻي ڪليل ميدان جو افتتاح هڪ بينل پٿر مٿان جيڪو هڪ دڙي جي چوٽيءَ تي پيل هوندو آهي، شراب جي هڪ بوتل کي ڀڃڻ جي تقريب سان ڪيو ويندو آهي ۽ انگلستان جي بادشاهن جي اجا تائين هڪ اهڙي ڪرسيءَ تي تاج پوشي ڪئي ويندي آهي، جنهن جي ويهڻ جي هنڌ هيٺان سندن گهڻ خدائي مذهب وارن اسڪاٽش ۽ آئرش پيشروئن جو جهونو مقدس پٿر پيل هوندو آهي. اهڙن مقدس پٿرن جو مذهبي عادت جي اوسر ۽ واڌ ويجهه ۾ ڪهڙو حصو آهي؟ مان سمجهان ٿو ته ان ڄاتل سڃاتل حقيقت جو باقاعده ثبوت ڏيڻ مشڪل سان ڪو ضروري آهي ته أيي بينل پٿر جو هڪ ٽڪرو ان هنڌ کي ظاهر ڪندڙ سڀ کان وڌيڪ عام طريقن مان هڪ هوندو آهي، جتي هڪ ماڻهوءَ کي دفنايو ويو هوندو آهي. ان قديم ٿنڀي ٻلهہ کان جيڪو قبل از تاريخي وحشي ماڻهو پنهنجي مري ويل سردار جي قبر مٿان رکي ڇڏيندا آهن، سيراندي‌ءَ واري پٿر تائين جيڪو اسان جن پنهنجن انگريز قبرستانن ۾ موجود چوٽي ۽ سنسيل قبر کي ظاهر ڪندو آهي، انساندات جو عمل هڪڙو ۽ لاڳيتو رهندو پئي آيو آهي. ڪڏهن ڪڏهن اهو پٿر زمين مان هٿ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيل هڪ اڻ گهڙيل پٿر هوندو آهي، جيڪو ان وڏي پٿريلي ٽڪري جو هڪ نمائندو هوندو آهي، جنهن کي اهي وحشي، ماڻهو قبر مٿان ان لاءِ رکي ڇڏيندا آهن ته جيئن مري ويل ماڻهو وري اٿي نه سگهي. ڪڏهن اهو سليٽ يا سنگمرمر جي هڪ ڏگهي سر هوندو آهي، ڪڏهن اهو خاص ڪري وڌيڪ ترقي يافته نسلن ۾ هڪ خوبصورت صليب يا تراشيل يادگار هوندو آهي، پر ڌرتيءَ تي جتي به تدفين جو عمل ڪيو ويجي ٿو، اتي ڪنهن قسم جا پٿر، اڪيلا يا ڪوڙن ۾ هميشه تدفين جي هنڌ کي سڃاڻڻ جي ڪم ايندا آهن. وري جيئن مري ويلن جي روحن کي سندن قبرن تي تحفا ۽ قربانيون پيش ڪيون ويندي ون آهن، اتي به اهي اڪثر ڪري ان پٿر وٽ پيش ڪيون ويندي ون آهن، جيڪو مري ويل جي آخري آرامگاهه جي نشاندهي ڪندو آهي. اها هڪ حقيقت آهي ته اسان ڄاڻون ٿا ته سڄي دنيا ۾ شراب، تيل، جانور، گيهه، اَن ۽ گوشت جا نذرانا قبيلي جي سردارن يا سندن مائٽن جي قبرن تي لڳاتار پيش ڪيا ويندا آهن. انسان ۽ جانور ---- ٻنهي قسمن جي شڪارن کي روضي تي قربان ڪيو ويندو آهي ۽ سندن رَت لڳاتار قبر جي سيرانديءَ واري پٿر يا اڻ گهڙيل پٿر مٿان مسلسل لڳائي ويندي آهي، جيڪو ان هنڌ جي نشاندهي ڪندو آهي. اوپر ڪنڊ ۾ اوائلي ڪُتبي جا گهٽ ۾ گهٽ چار مشهور قسم سڃاتا وڃن ٿا ۽ انهن جي ورهاست ۽ اصليت ميجر ڪوندر طرفان هيئن بيان ڪئي وئي آهي: ”اڻ گهڙيل پٿريلا يادگار يورپ ۽ اولهه ايشياجي سمورن حصن ۾ لڌا ويا آهن ۽ اهي هندستان ۾ پڻ موجود آهن، جيڪي پنهنجي تعمير ۽ ڊيگهه ويڪر جي انداز ۾ هڪ مضبوط خانداني مشابهت رکندڙ هوندا آهن..... انهن ۾ شامل آهن : ڏگها اُڀا پٿر (MENHIRS) جن کي يادگارن جي طور تي کڙو ڪيو ويندو آهي ۽ ديوتائن طور پوڄيو ويندو آهي ۽ انهن پٿرن مٿان رت، کير، ماکي يا پاڻي ديوتا کي شراب جي نذراني طور اوتيو ويندو آهي.

آزاداڻي نموني بيٺل پٿريليون تختيون (DOLMENS)

يعني ڪنهن به دڙي يا بالا اڏاوت سان نه ڍڪيل، انهن تختين کي بغير ڪنهن شڪ جي ائين سمجهي سگهجي ٿو ته اهي قربانگاهن/ مقتل طور استعمال ڪيون ويندي ون هيون، جن تي قربانيءَ جا شڪار (جيڪي اڪثر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسان هوندا هئا) ساڙيا ويندا هئا.

پٿرن جا مخروطي ڍيـــر (CAIRNS) جيـڪـي پڻ يادگار طور ليکيا ويندا هئا ۽ ڪڏهن بينل پٿرن جي جوڙاري موجود هوندا هئا: هي پٿر بيشمار زيارتين طرفان ڏنل هوندا آهن. جن مان هر هڪ پنهنجي موجودگيءَ جي شاهديءَ طور هڪ پٿر جو اضافو ڪندو رهندو آهي: آخر ۾ پٿرن جا دائرا (CROMLECHS) جيڪي مقدس ويڙهن يا اوائلي بناچَتِ مندرن طور استعمال ڪيا ويندا هئا، جن ۾ اڪثر ڪري هڪ مرڪزي بينل پٿر يا پٿريلي سِــرَ، مجسمي يا قربانگاه طور موجود هوندي آهي.“ هن ڳالهه ۾ تمام تورڙو شڪ تي سگهي ٿو تـه هنن يادگارن مان هرهڪ ڪردار ۾ لازمي طور قبرن متعلق آهي. اُيو پٿر عام ڪُتبو آهي، جيڪو اجا تائين اسان وٽ استعمال ۾ آهي، پٿريليون تختيون هڪ ڪونين وارو مقبرو هونديونْ آهن، جيڪو ڪنهن وقت تي دڙي سان ڍڪيل هو، پر هاڻي اهو ننگو ۽ کليل هوندو آهي: پٿرن جو مخروطي ڍڳ مري ويل جي لاش مٿان گڏ ڪيل پٿرن جو هڪ ڪوڙ هوندو آهي: پٿرن جو دائرو بظاهر مقبري جي چوڌاري اڏيل هڪ وڏيڪ مقبرو هوندو آهي، جنهن جي جاءِ ان جي وچ تي بينل پٿر يا قربانيءَ جو پٿر ظاهر ڪندو آهي. ۽ انهن مقدس پٿرن مان هرهڪ بيشمار بين پٿرن جو خالق رهيو آهي. اُيو بينل پٿر(MENHIRS) پٿر جي مقدس سُئي (OBELISK) پٿر جي صليب ۽ پٿر جي مجسمي يا بُت کي جنم ڏئي ٿو؛ پٿر جي تختي، پٿر جي تابوت کي، قربانيءَ جي مندر کي ۽ اوچي قربانگاه کي جنم ڏئي ٿي، پٿرن جو مخروطي ڪوڙ ٽوپيءَ کي ۽ پڻ اهرام کي جنم ڏئي ٿو؛ پٿرن جو دائرو، مندر يا چرچ کي، سندس ڪيترين ئي اوُسرن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ۾ جنم ڏئي ٿو . ميجر ڪانڊر جي نظرن ۾، هنن يادگارن جي هر قسم کي سامي (SEMITIC) زبانن ۾ پنهنجو هڪ الڳ نالو آهي ۽ انهن جو اوائلي يهودي ڪتابن ۾ بار بار ذڪر ڪيو وڃي ٿو. اُيو بينل پٿر پراڻي عهدنامي جي مستند ڇاپي جو ”ٿنيو“ آهي، پٿر جو تختو قربانگاه آهي، پٿرن جو مخروطي ڪوڙ پٿرن جو دڙو آهي ۽ پٿرن جو دائرو جلجال ۽ هزار جي نالن سان ظاهر ٿئي ٿو. مذهب جي سادي ۾ سادي ۽ وڏ ۾ وڏ قديم منزل ۾، جيئن خالص بزرگ پوڄا وارو مذهب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، جيڪو اجاتائين نيوگني يا آفريڪي قبيلن جي ماڻهن ۾ ايئن ئي زنده آهي، جيئن مسٽر ڊف ميڪڊونلڊ ان جي طريقيت اسان لاءِ ايڏي وڏي تعريف جوڳي انداز ۾ بيان ڪري چڪو آهي، اهو خود لاش يا روح هوندو آهي، نہ ڪہ پٿر جيڪو ان جي رهائش ظاهر ڪندو آهي، اهو لاش يا روح ئي هوندو آهي جنهن جي ايڏي عزت ڪئي ويندي آهي ۽ جنهن کي زنده بچيل مائٽن جا سمورا تحفا ملندا آهن. پر اسان کي اهو بہ ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ موجوده هر مذهب پوءِ اهو ڪيڏو و بہ قديم چو نہ هجي، اڄ اهو تمام گهڻو پراڻو آهي ۽ اها ڳالهہ ڪافي فطري آهي تہ ڪيترين ئي حالتن ۾ خود پٿر کي روح يا ديوتا سمجهيو وڃڻ لڳو،اهڙي شيءِ سمجهيو وڃڻ لڳو جنهن کي قبيلي جي ماڻهن طرفان عزت احترام ڏنو ٿي ويو. حقيقت ۾ جنهن نسبت سان روح، ديوتا ۾ ارتقا ڪري ٿو، ان ئي نسبت سان ڪُتبو، پوڄمان يا بُت ۾ ارتقا ڪرڻ شروع ڪري ٿو. بهرحال جنهن صورت ۾ هڪ بُت پنهنجن معتقدن جي پوڄا حاصل ڪندو آهي، شروع ۾ اهو صرف هڪ اڻ گهڙيل پٿر هوندو آهي. هيءَ ئي اها منزل آهي، جنهن کي ان گمراهہ ڪن نالي فيٽيشت سان عيسائي ڪيو ويو آهي ۽ جنهن کي غلط نموني فرض ڪيو ويو آهي تہ اها سمورن مذهبن جي بنياد ۾ شامل آهي.

لنڊن مشنري سوسائٽيءَ جو مسٽر ٽرنر، سموئا (SAMOA) ۾ ڏني ويندڙ پٿر-پوڄا جي هن منزل جا ڪيترا ئي مثال پيش ڪري ٿو ۽ انهن مثالن ۾ مون کي اها ڳالهہ صاف نظر اچي ٿي تہ اصلي قبر جو پٿر (ڪُتبو) يا خود اُبو بينل پٿر، پوڄا جي شيءِ آهي، جنهن کي روح يا ديوتا جي رهڻ جي هنڌ طور خيال ڪيو وڃي ٿو، جنهن جي شان ۾ ان کي ڪڙو ڪيو ويو هوندو آهي. جو تہ اسان کي خبر آهي تہ سموئا ۾ قبر کي هڪ يا بہ فوٽ اوچي پٿرن جي هڪ ننڍڙي ڍڳ سان نمايان ڪيو ويندو آهي . ۽ ڊي پييسٽرس بيٽ تي قبر جي سيرانديءَ تي هڪ پٿر ڪڙو ڪيو ويندو آهي ۽ ان تي هڪ انساني سِسيءَ جو نقش اُڪريو ويندو آهي، جيڪو جيئن اسان اڳ ئي ڏسي چڪا آهيون بُت جي هڪ روپ جي ارتقا ڏانهن هڪ پهريون قدم هو. ساڳيا مثال جتي ڪتي وسن ٿا. هندستان جي ڪونڊن ۾ هر ڳوٺ کي پنهنجو هڪ مقامي ديوتا هڪ اُڀي بينل پٿر جي روپ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي، جيڪو مساوي انگريزي مثال ڪلئي نموني استعمال ڪندي، ڇپر تي هڪ وڏي وڻ هينان موجود هوندو آهي، (مقدس پٿر ۽ مقدس وڻ جي جي هن عام ميلاپ جي مڪمل اهميت، اسان جي جاچ پڙتال جي رڳو اڳلي ڏاڪي تي ظاهر ٿيندي) ڊاڪٽر ٽائلر چئي ٿو، "پيرو ۾ اُپن بيئل پٿرن کي پوڄيو ويندو هو، جيڪي گهر جي ديوتائن ۽ ڳوٺ جي بزرگ ديوتائن کي ظاهر ڪندڙ ليکيا ويندا آهن." بين لفظن ۾ اهي بزرگن ۽ قبيلي جي سردارن جا روح سمجهيا ويندا آهن. پر هڪ دفعو جڏهن وحشي ذهن ۾ پٿرن جي تقدس جو خيال مضبوط نموني ويهجي چڪو هوندو آهي، پوءِ اها ڳالهه ڪافي فطري ٿي پوندي آهي ته اهڙا بيا پٿر به، جيڪي انهن پٿرن سان مشابهت رکندڙ هوندا آهن جن کي اڳ ئي ديوتائن طور مڃيو ويندو آهي، پنهنجو پاڻ کي مقدس ليکرائڻ شروع ڪن يا پنهنجي اندر هڪ روح يا ديوتا کي وسندڙ قرار ڏين . هن منزل لاءِ وري به مسٽر ٽرنر جو سموئا قبيلو اسان کي ڪجهه عجيب مثال پيش ڪري ٿو. "بظاهرنديءَ جي پيٽ مان کنيل لَسا پٿر ڪِن ديوتائن جي نمائندن طور ليکيا ويندا آهن ۽ جتي به اهو پٿر هوندو هو، اتي ان ديوتا کي موجود سمجهيو ويندو هو. هڪ مڇيءَ سان مشابهه پٿر مهاڻن جي ديوتا طور پوڄيو ويندو. ٻيو پٿر جيڪو هڪ وَلِ سان مشابهه هوندو آهي، وَلِ جو ديوتا هوندو آهي. ٽيون پٿر جيڪو هڪ ماني ميوي جيان گول هوندو آهي، ماني ميوي جو ديوتا هوندو ۽ ائين اهو سلسلو هلندو ئي ويندو آهي. "هن ٽڪري ۾ هن تمام گهٽي محتاط ليکڪ طرفان استعمال ڪيل لفظ ' بظاهر ' اهو صاف نموني ڏيکاري ٿو ته هن پنهنجي جاڻ ۾ ڪڏهن به اهڙي نموني اتفاقاً چونڊيل پٿر نه ڏٺو آهي جنهن کي پوڄيو ويندو هجي يا ديوتا بڻايو ويو هجي ۽ تنهنڪري اهو ممڪن آهي ته اهڙن سمورن مثالن ۾ پٿر حقيقت ۾ قبر جي بڻ بڻياد وارو هجي. مان اجا تائين مسٽر اسپينسر سان سهمت آهيان ته هڪ دفعو جڏهن هڪ روح يا ديوتا جو تصور سُني نموني اوُسر ڪري ٿو، ته پوءِ اهو خيال ته اهڙو روح ڪنهن به غير معمولي يا عجيب وغريب شيءِ ۾ وسندو آهي، هڪ فطري ترقي هوندو آهي. ان ڪري مان مسٽر ٽرنر کي صحيح سمجهان ٿو ۽ اهو ته ٿي سگهي ٿو هي پٿر حقيقت ۾ صرف پنهنجي عجيب هجڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري چونديا ويندا هجن ۽ پوڄيا ويندا هجن. پر هميشہ جيئن هو صحيح نموني نتيجو اخذ ڪري ٿواهي پٿر ڪنهن ديوتا يا روح سان لاڳاپي ڪري ڪنيا ويندا آهن. وڌيڪ مثال (جيڪڏهن صحيح نموني رپورٽ ڪيا وڃن) بين هنڌن تي موجود آهن. اسڪول ڪرافٽ جو تت پيش ڪندي، ڊاڪٽر ٽائلر چئي ٿو. ” آمريڪا جي هينين نسلن ۾ ڏڪوٽھ (DAKOTAHS) قبيلي جا ماڻهو هڪ گول اڻ گهڙيل پٿر ڪٽندا آهن، ان کي رنگ ڏيندا آهن ۽ پوءِ ان کي ڏاڏي طور مخاطب ٿيندا آهن، ان کي نذرانا پيش ڪندا آهن ۽ ان جي پوڄا ڪندا آهن جيئن هو انهن کي خطري کان بچائي.“ پر هتي محض اها حقيقت تہ پٿر کي پوڄيو وڃي ٿو ۽ ساڻس بطور هڪ بزرگ جي ورتاءُ ڪيو وڃي ٿو، اهو ڏيکاري ٿي تہ ديوتائپ ڪيتري نہ بين شين مان ورتل آهي، اها ڪيڏي نہ هڪ ڏاڏي پڙ ڏاڏي جي قبر ۽ ان ۾ رهندڙ روح سان اهڙن پٿرن جي اڳوات تعلق تي پاڙيندڙ آهي.

بلڪل ساڳئي نموني اسان کي خبر آهي تہ اهڙا ملڪ بہ آهن جتي هڪ قبر عام طور تي هڪ پٿر ذريعي نہ پر هڪ ڪاٺيءَ جي ٿنڀي ذريعي سجاتي ويندي آهي ۽ انهن ملڪن ۾ جيئن مثال طور سائبيريا جي سمويدن ۾ پٿر نہ، بلڪ ڪاٺ جا ڏنڊا احترام جون وڌ ۾ وڌ عام شيون هونديون آهن. (اهڙي طرح ڪاٺ جي ڏنڊن جي پوڄا ڏکڻ آفريڪا جي دمارسن ۾ ڏٺي وئي آهي ، جن جا بزرگ قربانيءَ جي تقريبات تي اهڙن نوڪدار ٿنڀن/ڏنڊن ذريعي ظاهر ڪيا ويندا آهن جيڪي انهن لاءِ مقدس ٻڌايل وڻن يا ٻوڙن مان ڪٽيا ويا هوندا آهن، انهن نوڪدار ڏنڊن کي پهريان گوشت پيش ڪيو ويندو آهي) پر هتي پڻ اسان بزرگ-پوڄا سان چٽي قربت ڏسون ٿا ۽ بيشڪ جتي بہ اسان ”ٿڙن ۽ پٿرن“ جي گڏيل پوڄا ڏسون ٿا، اتي اسان کي ملندڙ سموريون مماثلتون اهو مڃڻ ڏانهن نين ٿيون تہ ٿڙ ۽ پٿر يا تہ اصل ۾ بزرگن جون قبرون ڏيکارن ٿا يا وري انهن جي نمائندن ۾ مجسم طور قبول ڪيا وڃن ٿا. بهرحال مقدس پٿرن جي وڏي اڪثريت ، جن جي تاريخ کان اسين چڱيءَ ريت باخبر آهيون، قبرن — قديم يا جديد، سان بلاشبہ ڳنڍيل آهي. يورپ جا سمورا مقدس پٿر، پٿرن جا دائرا پٿريليون تختيون ، ٿنڀرا يادگار يا اُڀا پٿر آهن، جن متعلق مسٽر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اينگس سمت ـــ هڪ وڏ ۾ وڌ محتاط سند صاف صاف ڏسي ٿو، ”اسان کي يقين سان اها خبر آهي تہ تدفين جا يادگار پھرئين قسم جون مـــک شيون آهن ۽ لڳ ڀڳ سمورين شين مان بظاهر اهائي واحد شيءِ آهي.“ هن سلسلي ۾ ڪيترائي ٻيا مثال اتفاقاً سامهون اچي ويندا، ان ڪري مان هن نڪتي تي في الحال وڌيڪ زور نہ ڏيندس.

مان اڳ ئي چئي چڪو آهيان تہ بت، ڪيترين حالتن ۾ شايد ڪتبي يا ڪنهن ٻئي مقدس پٿر مان ورتو ويو آهي . مان سمجهان ٿو تہ بيشمار مثالن ۾ اهو محض اصلي ٿنڀو/ٿـــلهـ (PILLAR) هوندو آهي، جنهن کي ٿوري يا گهڻي کُهري انداز ۾ هڪ انساني شڪل سان مشابهہ صورت ۾ گهڙيو ويو هوندو آهي. هي سڀ ڪيئن ممڪن ٿئي ٿو، اسان اهو جلدي سمجهي سگهون ٿا، جيڪڏهن اسان ياد ڪريون تہ خيال جي بتدريج منتقليءَ سان خود پٿر آخر ۾ اهو روح سمجهيو وڃڻ لڳندو آهي، جيڪو ان پٿر ۾ وسندو آهي. هتي هڪ دفعو وري اسان جي پولينشين گدام مان هڪ عبوري مثال پيش ڪجي ٿو. بودچ بيٽ جي عظيم ديوتا کي هڪ پٿر ۾ مجسم تيل سمجهيو ويندو آهي، جنهن کي عمده پڙن ۾ خبرداريءَ سان ويڙهيوويندو آهي ۽ سواءِ بادشاهہ جي، ان کي ٻيو ڪو بہ ماڻهو ڪڏهن بہ نہ ڏسي سگهندو آهي (شاهاڻي پادرشاهي جي هن خاص انداز کي نوٽ ڪيو) ۽ سال ۾ رڳو هڪ دفعو، عام ماڻهو ان کي ڏسي سگهندا آهن، جڏهن سڙيل ڳريل پڙ هن تان لاٿا ويندا آهن ۽ اڇلايا ويندا آهن. بيماريءَ ۾ عمده پڙن جا نذرانا ورتا ويندا آهن ۽ مقدس پٿر جي چوڌاري ويڙهيا ويندا آهن ۽ اهڙي طرح اهو موٽو ٿي هڪ تمام وڏي سائيز وارو ٿي ويندو آهي ، پر جيئن تہ اهو بُت ڏينهن رات گهرن کان ٻاهر کلي فضا ۾ پيل هوندو آهي، ان ڪري ان کي ويڙهيل پڙ جلد ئي ڳري سڙي ويندا آهن. ڪنهن جي بہ اها مجال نہ هوندي آهي تہ ديوتا کي پيش ڪيل شيون پاڻ ڪٽي، تنهنڪري پراڻا پڙ لاهي چڏڻ کان پوءِ انهن کي هڪ هنڌ ڪوڙ ڪري رکبو آهي ۽ اتي ئي ڪين سڙڻ ڪپڻ لاءِ ڇڏي ڏبو آهي.“ هاڻي هن سموري معاملي جي معقوليت فوري طور تي ظاهر ٿي پوندي. جيڪڏهن اسان اهو ياد رکون تہ اهي پٿر جيڪي قبرن تي بيٺل هوندا آهن،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عادتاً پوڄيا ويندا آهن ۽ تيل. کير ۽ رت سان رڱيا ويندا آهن.

هڪ پٿر کي ائين ليکڻ ته نه رڳو اهو ڪائيندو ۽ پيئندو آهي پر ڪيس گرميءَ ۽ ڪپڙن جي ضرورت به پوندي آهي. رڳو هڪ ٿورڙو اڳتي قدم آهي. سوچ جي ساڳي ڌارا جي هڪ قابل تعريف مثال طور بڻي ڪنهن هنڌ تي به ساڳيو نتيجو ڏيندي ، مايو ڪناري جي هڪ پٿريلي ٻيٽ -- انيسڪيا تي پٿر جي بت جي هن عجيب تفصيل کي پيتيو جيڪو روڊن جي نواب طرفان 1851 ۾ پنهنجي "پراگريس آف دي ريفرميشن اِن آئر ليند" مضمون ۾ ڏنو ويو آهي. "ڏاڪٽي ٻيٽ تي مو نيگن نالي ماڻهوءَ جي گهر ۾ هڪ پٿر جي بت کي جنهن کي آئرش زبان ۾ نيو وجي سڏيو ويندو آهي، تمام آڳاٽي زماني کان مذهبي طور محفوظ رکيو ويو آهي ۽ ان کي پوڄيو ويندو آهي. هي ديوتا ڏسڻ ۾ گهر ۾ اٽيل نرم اوني فلالين جي گهاتي ٿان جهڙو لڳندو آهي، جيڪو ان ديوتا کي جڏهن به ان جي مدد حاصل ڪئي ويندي آهي ، ان ڪپڙي مان نهيل هڪ وڳو تحفي ۾ ڏيڻ جي رواج مان ڦٽو آهي . هن ڪپڙي کي هڪ ڪراڙي عورت طرفان سِبيو ويندو آهي ، جيڪا ان جي رکوالي هوندي آهي ۽ ان جي خاص سار سنڀال هن جي ذمي هوندي آهي . هن بت جي اوائلي تاريخ متعلق ڪا به مصدق معلومات حاصل نه ٿي سگهي آهي پر هن جي طاقت اڻ مٽي سمجهي ويندي آهي. اهي بيماريءَ جي وقت ۾ هن جي پوڄا ڪندا آهن، ان کي باڏائيندا آهن ، جڏهن ڪنهن بي يارو مددگار ٻيڙي کي ڪناري تي لڳائڻ لاءِ هڪ طوفان جي تمنا ڪئي ويندي آهي ۽ وري هن جي طاقت جي استعمال کي مڇي مارڻ يا گهر ڏانهن واپس ورڻ لاءِ طوفاني لهرن کي مانو ڪري جڏڻ لاءِ دعوت ڏني ويندي آهي. جديد يورپ ۾ هي هڪ واحد مثال نه آهي. ڊاڪٽر ٽائلر چئي ٿو، " ناروي جي ڪجھ پهاڙي ضلعن ۾ گذريل صديءَ جي پڇاڙيءَ تائين هاري گول پٿرن کي سانڍي رکندا هئا، انهن کي هر خميس جي شام جو ڌوئيندا هئا، انهن کي باھ آڏو مکڻ جو مک لڳائيندا هئا، کين تازي گاھ تي عزت واحترام سان ليٽائي ڇڏيندا هئا ۽ سال جي ڪجھ وقتن تي انهن کي شراب ۾ ٻوڙي ڇڏيندا هئا ته جيئن اهي گهر ۾ بخت ۽ آرام ڪٽي اچن." صحيح بت ڏانهن پهرين عبوري وِک قبر تي اڀي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بينل پٿر کي هڪ انساني شڪل سان مشابهه بڻائڻ جي ڪنهن ڪچي ڪوشش سان ڪٽي وئي آهي. اسان کي هر قسم جا عبوري روپ جيئن هر ممي ديوتا ۽ فرسوده اپولو آهن ملن ٿا. جيستائين اسان يوناني مجسمه سازيءَ جي مڪمل آزاديءَ ۽ حسن تائين نه ٿا پهچون. يوناني پوڄا جي باري ۾ مسٽر گروٽ چئي ٿو، ”ديوتا لاءِ ڪڙو ڪيل سڌن قديم يادگار هڪ مورتي هجڻ جو مَڪر نه ٿو ڪري پر اهو اڪثر ڪري هڪ ٿنڀي، هڪ تختي، هڪ بي شڪل پٿر يا هڪ ڪنيي (قبر جي نشاندهي ڪندڙ عام رواجي شين سان مشابهت نوٽ ڪريو) ڪان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نه هوندو آهي، جنهن کي پاڙي مان سار سنڀال ۽ سجاوٽ به ملندي آهي ته وري پوڄا به.“ هن تڪري متان تبصري ۾ ڊاڪٽر ٽائلر، جنهن جي مثالن جي عظيم مجموعي ڪري مان سندس تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، چئي ٿو، ” اهي هئا اهي ڪاٺ جا ٿنڀا جيڪي يوبيا ۾ ارٽيمس لاءِ بينا هئا، ڪانيءَ جو اهو ٿنڀو جنهن پلاس اٿينيٰ کي ظاهر ڪيو ٿي؛ هائٿوز ٿي اڻ ڪٽيل پٿر، جنهن قديم انداز ۾ هيراڪليس کي ظاهر ڪيو ٿي ، ٿيهه اهڙا پٿر جن کي فيرينس ساڳئي انداز ۾ ديوتائن لاءِ پوڄيو ۽ هڪ اهڙو پٿر جنهن بوئيوٽان ميلن ۾ ٿيسپن ايروس ديوتا کي ظاهر ڪندي ايڏي عزت ماڻي .“ اهڙا ئي ايشيائي قسم جا مخروطي ٿلهه ، ايفروڊائيٽ ديويءَ جي هڪ تصور بدران بينل آهن ۽ مخروطي پٿر کي اٽيڪا ۾ اپولو جي نالي هيٺ پوڄيو وڃي ٿو. هڪ مقدس اڻ گهڙيل پٿر ٽروئيزينن جي مندر آڏو پيل آهي، جڏهن ته آرگوس ۾ هڪ ٻيو پٿر زيوس ڪيپوٽاس جي مشهور نالي سان موجود آهي.

پاسينياس چوي ٿو، ” سمورن يونانين ۾ اڻ گهڙيل پٿر، ديوتائن جي مورتين آڏو پوڄيا ويندا هئا.“ ساڳئي انداز ۾ سامين ۾ تائر وٽ ميلڪارٽ کي پٿر جي ٻن ٿنڀن جي صورت ۾ پوڄيو ويندو آهي. وچوارا روپ، جن ۾ پٿر لڳاتار هڪ چهري، هڪ سِر، ٻانهن، ٽنگن ۽ هڪ خوبصورت ۽ سٺي نموني گهڙيل جسم جو روپ اختيار ڪن ٿا، موجود باقيات ۾ اسان سيني کي ڄاتل سڃاتل آهن . پرائيپس جون جڳ مشهور مورتيون هڪ سٺو درميانو مثال آهن. پروفيسر رابر ٽسن سمٿ چئي ٿو ،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" عربستان ۾ تبالا وٽ ال لات جي پٿر تي هن جي مٽي کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ طرح جي تاج جو مجسمو ناهيو ويندو آهي." بي شڪ اعليٰ يوناني مثالن کان سواءِ باقي ٻين سمورن مثالن ۾ مجسمي جو اُپو رُخ ۽ خدو خالن ۾ ٿنيو يا پٿر واحد جو قسم هميشہ تجويز ڪيو ويو آهي. مان اهو واڌارو ڪري سگهان ٿو تہ خود اسلام ۾ بہ، جيڪو ڪنهن بہ قسم جي مورتين تي سختيءَ سان پابندي هڻي ٿو، انساني صورت وارن قبر جي پٿرن (ڪُتبن) جا ڪجهہ نشان پوءِ بہ لهي سگهجن ٿا. قاهرا ۾ مون محمد علي مسجد ۾ اهو ڏٺو تہ وائسراءِ خاندان جي مُک پٿرن جو جدا جدا ترڪي ٽوپين ۽ جهالرن سان احترام ڪيو پئي ويو.

اها ڳالهہ بہ ڏسڻ وٽان آهي تہ پٿريلي سٿيءَ جو ٻڻ ٻٽياد بنا شڪ شبهي جي يڪ سنگي يادگار يا بينل پٿر مان ورتل آهي. ان بعد ۾ جيڪو بہ تازو تقدس بحيثيت هڪ شمسي ڪرٽي جي سورج پوڄا سان تعلق ذريعي حاصل ڪيو آهي، اهو ڪنهن بہ وسيع بشرياتي کوجيءَ کان اها حقيقت نہ ٿو لڪائي سگهي تہ اهو اصليت ۾ فقط هڪ بي شڪل ڪُتبو يا قبر جي سيرانديءَ جو پٿر هو، هڪ نئين مذهب ۾ هڪ نئين تمثيلي معنيٰ ڏنل (جيئن اهو اڪثر ٿيندو آهي). بہ پٿريليون سُئيون جيڪي اڪثر ڪري مصري مندرن آڏو بينل هونديون آهن، چٽي نموني تائر ۾ ميلڪارٿ جي ٻن ٿنين جون ۽ پاڦوس، هيراپولس ۽ سليمان جي مندر جي مقدس ٿنين جي جوڙي جون مماثل آهن. ساڳئي انداز ۾ هندستاني ٽوپي ۽ احرام مخروطي پٿر جا پونيئر آهن، جيئن الجيريا ۾ نميدين بادشاهن جا پٿر جا نهيل عظيم مقبرا دڙي يا گول قبر جا وڌيڪ سڌريل مماثل آهن. ۽ مون کي هاڻي کان پوءِ ايندڙ ڳالهين لاءِ هتي ئي ميدان صاف ڪري ڇڏڻ کپي، تمام گهڻي زور سان اهو واڌارو ڪندي تہ هتي چٽيل پٿر پوڄا جي اصليت ڪنهن بہ معنيٰ ۾ لنگم پوڄا ڪي. ان جي هڪ قديم روپ هجڻ جي امڪان کي رد نہ ٿي ڪري. اُپي بينل پٿر کي بعد جي منزلن ۾ ٿي سگهي ٿو هڪ لنگم (عضوو تناسل) سان هڪ سمجهيو ويو هجي ۽ بي شڪ اڪثر ڪري اهو ائين هو بہ پر هتي جيڪڏهن وڪالت ڪيل نظريو سچو آهي تہ پوءِ لنگام يَڪ سنگي يادگار


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي بنياد ۾ شامل هجڻ بدران، لازمي طور ان جو هڪ بعد جو ۽ ان مان هڪ ورتل روپ هجڻ گهرجي ساڳئي وقت جڏهن پٿر کي خاندان جو بزرگ سمجهيو پئي ويو. اها ڳالهه غير فطري نه هئي ته اوائلي ماڻهو ڪڏهن ان کي هڪ لنگم روپ ۾ به تراشي ڇڏن. هي سڀ ڇئي ڇڏڻ کان پوءِ مان هن موضوع تي وڌيڪ ڪجهه نه چوندس، جنهن جو پٿر پوڄا جي جزو لازم سان حقيقت ۾ انتهائي ٿورڙو واسطو آهي، سواءِ ان جي ته اوائلي زماني جي ڪيترن ئي ڪُتبن تي لنگم جي شڪل قبر ۾ پوريل ان ماڻهوءَ جي نر جنس کي ظاهر ڪيو تي ، جڏهن ته ڇاتين يا هڪ تمثيل ٽڪنڊي يا هڪ باداميءَ ، هڪ عورت جي قبر کي ظاهر ڪيو تي. ڪڏهن ڪڏهن ديوتا جا ٻئي روپ ـــ سڀ کان قديم ۽ وڌ ۾ وڌ عمدو ، اڻ گهڙيل پٿر ۽ ڪامل مجسمو ساڳي برادريءَ ۾ هڪٻئي سان گڏو گڏ به وجود رکندا آهن .
سروليم هنٽر چئي ٿو، ”جگننات جي فرضي بڻ بڻياد ۾ اسان قديم باشندن کي جهنگل جي اونهاين ۾ هڪ نيري پٿر کي پوڄيندي ڏسون ٿا. پر ديوتا قديم جهنگلي نذرانن کان آخر ڪار تنگ تي پوندو آهي ۽ وڌيڪ مهذب آرين جي پچايل کاڌي جي خواهش ڪندو آهي، انهن آرين جي ميدان ۾ اچڻ سان اڻ گهڙيل نيري پٿر جي جاءِ تي هڪ اُڪريل مورتي اچي ويندي آهي. موجوده گهڙيءَ تي اوڙيسا جي هر ننڍي ڳوٺ ۾ هي ٻئي پوڄائون هڪٻئي سان گڏو گڏ وجود رکن ٿيون . عام ماڻهن وٽ سنڌن بي شڪل پٿر يا سِرون هونديون آهن، جن کي هو کليل ميدان ۾ عام رواجي ريتن رسمن سان پوڄيندا آهن، جڏهن ته ان سان گڏو گڏ هڪ آرين ديوتا جو مندر به، پنهنجي گهڙيل بُت ۽ مفصل رسمن سميت بيٺو هوندو آهي.“
هاڻي جڏهن ته ڪيترائي مقدس پٿر سڄي دنيا ۾ جتي ڪٿي موجود آهن جيڪي مري ويلن جي قبرن جي نشاندهي ڪندڙ هوندا آهن يا انهن جي روحن سان واسيل هوندا آهن. هڪ دفعو وري اها ڳالهه حيران ڪندڙ نه آهي ته سمورن پٿرن ڏانهن عزت جو عمومي احساس اُڀرڻ شروع ٿئي يعني پٿر کي محض پٿر طور، خاص طور تي جڏهن اهو وڏو عجيب يا نمايان هوندو آهي ته ڪنهن حد تائين ان ۾ اندر وسندڙ خدايت لاءِ ان کي ضرور مان ڏيڻ گهربو آهي. نه ئي اها ڳالهه حيران ڪندڙ آهي ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙن ماڻهن ۾ اهو خيال عام هجي ٿو تہ انسان پٿرن مان ڦٽي نڪتا آهن جيڪي جڏهن نئيا هوندا آهن تہ ڪين اڪثر مٽي جو پٽر، يڪسنگي يادگار، اڻ گهڙيل پٿر يا پٿر جا دائرا ڏيکاريا ويا هوندا آهن ۽ ڪين ٻڌايو ويو هوندو آهي تہ انهن پٿرن مٿان نڇاور ڪيل نذرانا سندن بزرگن لاءِ تحفا هوندا آهن. اهي هي تصور ايترو جلدي قبول ڪري وٺندا آهن جيترو جلدي اسان جا ٻار اسان سيني جي ابي آدم جي مٽيءَ مان تخليق جي يهودي ڏندڪتا کي قبول ڪندا آهن، جنهن ۾ مٽي سنگمرمر يا واريءَ جي پٿر جي هڪ ٽڪري کان تمام گهڻ قسم جي هڪ شيءِ هئي. ان طريقي سان مونکي لڳي ٿو تہ اسان تمام جلدي ۾ ماڻهن جي پٿر تي وڃڻ ۽ پٿرن جي ماڻهو تي وڃڻ جون بيشمار ڪهاڻيون سمجهي سگهون ٿا، جيڪي جهنگلي يا وحشي ماڻهن جي ديومالائن ۾ ايترو مشهور آهن.

قديم ۾ يهودي ادب پڻ پٿرن جي اهڙن مثالن سان ڀريا پيا آهن، جن لاءِ سمجهيو ٿو وڃي تہ اهي ڪنهن سمي انسان رهي چڪا هئا. نيوب ۽ لات جي زال اهڙن پٿرن جا مثال آهن جيڪي يڪدم هر پڙهندڙ جي ذهن ۾ اچي ويندا. پاسينياس اسان کي ٻڌائي ٿو تہ بوئيوٽيا ۾ ماڻهن اهو مڃيو ٿي تہ هيراڪليس جي ماءُ الڪميني هڪ پٿر ۾ تبديل ٿي وئي هئي. پرسيس ۽ گورگن جا سِر ٻيا مثال آهن، جن سان هڪجهڙائي رکندڙ برٽن جو هي خيال آهي تہ سندن عظيم پٿريلا دائرا ماڻهو هئا، جيڪي ڪهاڻي ۾ جديد عيسائي ترجمي ۾ هڪ آچر جي ڏينهن تي ناچ ڪرڻ جي ڏوهہ ۾ پٿرن ۾ تبديل ڪيا ويا هئا. (ڪهاڻيءَ کي عيسائي ٻڌائڻ بابت مون کي وڌيڪ ڪجهہ چوڻو آهي، ان وچ ۾ ڏسو ديو___ ناچ جو ساڳيو نالو جيڪو آئرلينڊ جي عظيم پٿريلن يادگارن استون هينج کي ڏنو ويو آهي) ساڳئي انداز ۾ مٿين مِسوري تي هڪ جبل بيٺل آهي جيڪو نيوب جي ڪهاڻيءَ سان هڪجهڙائي رکي ٿو. اهو ڪنهن سمي هڪ عورت هو، جيڪا مڙس جي ٻي شادي ڪرڻ جي غم سبب پٿر بڻجي وئي . مسٽر ٽرنر چئي ٿو، ”ڪي سيموئان ديوتا (يا بزرگ روح) پٿرن ۾ تبديل ٿي ويا ۽ هاڻي اهي اپولو جي اترئين پاسي ۾ بحري ڊنڊ جي پهاڙي حصي ۾ ايا بيٺا آهن.“ ٻئي پاسي جيڪڏهن ماڻهو پٿر تي ٿي پيا تہ پٿر پڻ ماڻهو بڻجي ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيا يا گهٽ ۾ گهٽ ماڻهن کي جنم ڏنو ٿي. اسان کي ان جو هڪ سنو مثال ڊڪليان جي ڪتا ۾ ملي ٿو. وري پينوپيانس جي شهر پرسان رستي جي پر ۾ پٿر پيا آهن، جن مان پروميٿين ماڻهو ناهيندو هو. مانڪي مچيل بيٽ تي پهريون ماڻهو، هڪ پٿر مان ٻاهر نڪتو هو. نئين هيبرائيڊس جا رهواسي چون ٿا ته ”انساني نسل پٿرن ۽ زمين مان ڦٽو آهي.“

مسٽر ٽرنر چوي ٿو، ”فرانس بيٽ تي مندر جي پرسان ڪناري تي ست فوٽ ڊگهي واري پٿر جي سِر ڪڙي ڪئي ويندي آهي، جنهن آڏو پوڄا لاءِ گڏ ٿيل ماڻهن طرفان نذرانا پيش ڪيا ويندا آهن ۽ اتان جي باشندن هن کي ٻڌايو ته ”سندن هڪ ديوتا پٿرن کي ماڻهو بڻايو ٿي.“ مسٽر لئنگ چئي ٿو، ”ملينيشيا ۾ معاملا ايترا ته هڪ ٻئي سان گڏيل سڏيل آهن جو اهو فيصلو ڪرڻ سولو نه هوندو آهي ته آيا هڪ پوڄا لائق پٿر هڪ مري ويل ماڻهوءَ جي روح جو آماجگاهه آهي يا اهو پنهنجو پاڻ ۾ روحاني اهميت وارو آهي يا آيا پٿر روح جو ڪو ٻاهريون حصو يا عضوو هوندو آهي.“ آخر ۾ ٻي شڪ پٿر، روح، بزرگ ۽ ديوتا وچ ۾ هڪ قسم جو عام مونجهارو دنيا ۾ هر هنڌ پٿر پوڄا ڪندڙن جي ذهن ۾ سرايت ڪيل هجي ٿو. روح ۽ پٿر ، ديوتا ۽ مورتيءَ وچ ۾ هن بتدريج ميلاپ ۾ هڪ دلچسپ نڪتومندر يا روضي تي پيش ڪئي ويندڙ نذرانن جي انداز جي بتدريج تبديليءَ ۾ ڏيکاريل آهي. مس گورڊن ڪمنگ اسان کي ٻڌائي ٿي ته ٽونگا ۾ عظيم ٽيٽري يادگار تي ڪاوا جو هڪ پيالو هڪ سڌي پٿر تي رکيل هوندو آهي. هتي ضرور اهو فرض ڪيو ويو هوندو آهي ته روح ان کي پيئڻ لاءِ خود پاڻ (رات جو) متي ايندو هوندو چوته نانگ، جنهن اينڪيسز جي روح جي نمائندگي ڪئي ٿي. ائينياس طرفان پيش ڪيل نذرانن کي چٽڻ لاءِ مقبري تان هيٺ گسڪي آيو ٿي. آهستي آهستي بهرحال جيئن پٿر ۽ روح، خيال ۾ هڪٻئي سان وڌيڪ ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيا ويا، نذرانو پوءِ خود (پٿر جي) يادگار کي پيش ڪيو وڃڻ لڳو؛ جيتوڻيڪ اوائلي منزلن ۾ قربانگاهه جي سڌي پٿر (جتي به اهڙو پٿر وجود رکندو آهي) کي انسانن جي قربانيءَ جي جڳهه طور استعمال ڪرڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سهولت شايد، هن تبديليءَ کي خود پوڄارين لاءِ بہ ڏکي ڇڏي تي. ڊاڪٽر وائيس هماليہ ۾ پٿرن جو هڪ ڪوڙ ڏٺو، جيڪو ڪولام جي معمولي راڄائن جي ياد ۾ کڙو ڪيو ويو آهي، جتي ڪجهہ پنجاهہ يا سٺ عورتون پنهنجو پاڻ کي قربان ڪري ڇڏينديون آهن. رت، خاص طور تي روح کي پيش ڪئي ويندي آهي ۽ ڪئپٽن ڪوندر چئي ٿو، ”بينل پٿرن ۽ پٿريلين تختين ۾ لڏا ويل پيالن جا ڇُگهہ، ديوتائن مٿان شراب اوتڻ جا اهڃاڻ آهن، جيڪي اڪثر ڪري انساني خون جا هوندا آهن، جن کي ڪڏهن گهڻ خدائي مذهب وارن پوڄارين طرفان انهن پٿرن مٿان اوتيو ويو هوندو آهي.“

هڪ سنو اسڪاٽلينڊي مشاهدو ڪندڙ چئي ٿو، ”مري ويلن جي يادگارن سان ڳنڍيل پٿرن تي، اڪثر پيالا لڏا ويا آهن، جهڙوڪ ڪستوينس کي ڊڪيندڙ پٿرن تي، خاص طور تي ننڍن يا ناياب قسم جي پٿرن تي، پٿريلن دائرن جي سڌن پٿرن تي ۽ ڪمرن وارين قبرن جي پٿرن تي.“ لوچ نيس تي گلين ارقوهرٽ وٽ مخروطي پٿر جي چوٽيءَ تي سليٽ پٿر جو هڪ بيضوي ٽڪر جنهن جو قبر سان تعلق هوندو آهي، پيو هوندو آهي، جنهن تي ڪئين پيالا پيا هوندا آهن. جڏهن پٿر اُيا پيل هوندا آهن تہ پوءِ ان جي مٿئين حصي کي جيڪو مُنهن يا وات کي ظاهر ڪندو آهي، رت پيش ڪرڻ جو مٿو تمام گهڻو فطري لڳندو آهي ۽ انسان طرفان مٿي جي پٿر کي هڪ بُت ۾ تبديل ڪري ڇڏڻ جي عمل ۾ هڪ نمايان قدم هوندو آهي. اسان هن ارتقا جون بہ منزلون سمويد ماڻهن جي سفري برف گاڏيءَ جي ٻن ديوتائن ۾ ڳڏوڳڏ ڏسون ٿا، جن مان هڪ پٿر جي مٿي سان هوندو آهي ۽ ٻيو صرف هڪ ڪارو پٿر هوندو آهي ۽ اهي ٻئي ڳاڙهن رَون سان ساوَن پردن ۾ ويڙهيل هوندا آهن ۽ ڪين قربانيءَ جي رت سان رڱيو ويو هوندو آهي.“ پنجن پانڊون جي نمائندگي ڪندڙ هندستاني اُبن پٿرن بابت ڊاڪٽر ٽائلر چئي ٿو، ”اها هڪ عام روايت هوندي آهي تہ هر پٿر کي ڳاڙهي رنگ سان رنگي ڇڏجي، ان طرح سان چڻ ان تي رت جو هڪ وڏو ڏبو ناهي ڇڏبو آهي، جتي جيڪڏهن اهو هڪ باصورت بُت هجي ها تہ ان جو مُنهن هجي ها.“

مان سمجهان ٿو تہ مسٽر اسپينسر هن هدايت ڪندڙ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تڪري ۾ هن رسم جي مرڪزي خيال کي ڏڪ هڻي ٿو. هو چئي ٿو، ”هڪ ڏکو ٿاهه هڪ پٿر کي ڏکي وقت ۾ مدد ڪرڻ لاءِ پوڄڻ کان اڳ ۾ ان کي ڪنهن ڳاڙهي رنگ سان رنگيندو آهي هاڻي جڏهن اسان اهو پڙهون ٿا تہ ٻودو ۽ ڏمال جا ماڻهو ڪير، ماکي، ميوي، اٽي وغيره جي نذرانن سان گڏ ڳاڙهي شيهي يا قرمزي رنگ کي بہ پيش ڪندا آهن، تہ اسان ان ڳالهہ جو شڪ ڪري سگهون ٿا تہ هي ٺئي رنگ، ڳاڙهاڻ جن جي عام خاصيت هوندي آهي، خون جا نعم البدل آهن. فرض ڪيل مقامي روح کي سپ کان پهرين، پٿر کي انساني خون سان رنگڻ ذريعي خوش ڪيو ويندو هو ۽ پوءِ ان جي بدران ڳاڙهو رنگ استعمال ڪيو ويندو هو، قديم انسانن طرفان اهو فرض ڪيو پئي ويو تہ روحن ۽ ديوتائن کي آسانيءَ سان نقلي شين ذريعي ڌوڪو ڏئي سگهجي ٿو.“ ڪهڙي بہ حالت ۾ اها ڳالهہ نوٽ ڪرڻ دلچسپ آهي تہ ڪيترن ئي هندو ديوتائن جا مُنهن روايتاً ڳاڙها رنگيل هوندا آهن ۽ هيءَ ان ساڳي قديم رسم جي باقيات آهي، جيڪا اسان ششتي (ٻارن جي محافظ ديويءَ) جي حالت ۾ ڏسون ٿا، جنهن جو صحيح نمائندو هوندو آهي انسان جي مٿي جيڏو وڏو ڳاڙهي رنگ سان رنگيل ۽ مقدس واتا وڻ هينان رکيل هڪ ڪُهرو پٿر. ساڳيون رسمون يونان ۾ ڪلا.سيڪل دور تائين زنده رهيون. مسٽر لئنگ، پاسيناس جو حوالو ڏيندي چئي ٿو، ”ڪورنٿ وٽ قديم ڊايونيسن جا سونهري چهرا هندستان يا آفريڪا جي پوڄمان پٿرن جيان سڄي جا سڄا شنگرف سان ٿڦيا ويندا آهن.“ اوائلي ڏکڻ اٽليءَ ۾ پڻ، هرميزپرائيپس ديوتا، جيڪو زمين جو حفظ ڪندو آهي، جو منهن ساڳئي نموني مِنيم سان ليپيو ويندو آهي.“ ڇا هنن حقيقتن کي ايزٽڪ ديوتائن جي آدمخور دعوتن کان ڪٽڻ ممڪن آهي، جتي تصويرن ۾ ڦٽڪندڙ انساني گوشت جا ٽڪرا هنن جي وات ۾ وڌا وڃن ٿا ۽ سندن چهرا بي ياروَمددگار شڪار ڪيل ماڻهن جي گرم خون سان رنگيا وڃن ٿا؟

پٿر پوڄا جي ارتقا ۾ چڱي خاصي دلچسپي ۽ اهميت وارو هڪ ٻيو نڪتو، مقدس پٿرن جي هجرت سان لاڳاپيل آهي. ڪتاب خروج (Exodus) جي بيان مطابق جڏهن اسرائيلين مصر ڇڏيو، هو پاڻ سان يوسف جا هڏا بہ گڏ کڻي ويا. جڏهن راحيل پنهنجي پيءُ جو خيمو ڇڏيو، هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاڻ سان گڏ پنهنجين مسافرين تي خاندان جو مقدس پٿر (تيرافن) جوراني کنيو. جڏهن انينياس برنڊز شهر تراءِ مان ڀڄي نڪتو. هن پنهنجن ٻيڙن تي پنهنجي ملڪ جا ديوتا، سندس ليئرس ۽ پيانس به سان کنيا. بيشڪ هي سموريون ڪهاڻيون هڪ جيتريون غيرتاريخي آهن پر اهي ڪهاڻيون گهڙيندڙ ماڻهن جي ان ڳالهه کي ظاهر ڪن ٿيون ته ڪين ڪهڙو ورتاءُ مڪمل طور تي فطري ۽ ممڪن لڳو ٿي. بلڪل ساڳئي انداز ۾ جڏهن پٿرن جي پوڄا ڪندڙ هڪ ملڪ کان ٻئي ملڪ هجرت ڪندا آهن ته اهي پاڻ سان گڏ پنهنجا مقدس پٿر يا گهٽ ۾ گهٽ انهن مان وڏ ۾ وڏ هلڪا يا وڏ ۾ وڏ پاڪ پٿر به ساڻ کڻي هلندا آهن. مون کي اهڙين هجرتن جي ڪيترن ئي تفصيلي مثالن لاءِ هتي جڳهه نه ٿي ملي سگهي پر برطانيه ۾ به اهڙا مثال آهن جيڪي ايترا ته گهڻا دلچسپ آهن جو مان انهن کي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهان. اسٽون هينج وٽ موجود اندريان ننڍا پٿر تمام قديم زماني وارا چيا وڃن ٿا، جن جو تعلق اهڙين پهاڙين سان آهي جيڪي سيلسبيري ميدان کي هڪ پاسي ڪمبرلينڊ کان ۽ ٻئي پاسي بيلجيم کان وڌيڪ ويجهو نه آهن. اهي وڌيڪ وڏن پٿرن سان وڪوڙيل آهن، جيڪي ٽپتري يادگارن طور ترتيب ڏنل آهن. پر اهي پاڙيسري ملڪ ۾ ڦهليل عام سارسين پٿرن مان اُڪريل آهن. مون کٽي ٻئي هنڌ اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته هي ننڍڙا آتشي پٿر، جيڪي ڪنهن به اوزار جا ڇهيل نه آهن. هڪ پناهگير قبيلي جا قديم مقدس پٿر آهن، جيڪو برطانيه ۾ ڪنڌ کان آيو. شايد زمين جي ان ويڪري پٽيءَ تي جيڪا تڏهن اتي موجود هئي. جتي هاڻي ڊوور جي آبنائي وهي ٿي ۽ اهو ته هنن اجنبين برطانيه ۾ پهچڻ شرط پنهنجن اباڻن ديوتائن کي ايمسبري جي ميدان تي کڙو ڪري ڇڏيو ۽ کين تمام وڏن ۽ تمام شاندار خاڪستري پٿرن جي هڪ دائري سان وڪوڙيندي، جيڪي ان نئين ملڪ ۾ آسانيءَ سان ملي ٿي سگهيا جنهن ۾ هو اچي آباد ٿيا هئا. انهن جي اهميت ۽ نماءَ ۾ اجا وڌيڪ اضافو ڪري ڇڏيو. ٻيو مثال ٽڪندي پٿر جو آهي. هي مقدس پٿر، مجيل روايت موجب، اصل آئرش اسڪاٽ ماڻهن جو اباڻو ديوتا هو. جنهن جي نارا وٽ شاهاڻي قبر تي اهو پٿر ڪڏهن بيٺل هو اهو پٿر هنن جي سهر ڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چڙهائيءَ دوران هنن طرفان آرجلشائر نيو ويو ۽ ڊنسٽافنيج قلعي ۾ ديوار جي هڪ ڏار ۾ رکيو ويو (جيئن ان قصي جو جديد ترجمو ٻڌائي ٿو). جڏهن اسڪاچ بادشاهن اهو پٿر هٽايو، ڪينيٿ پيو هي پٿر پنهنجي نئين هيناهين تي واقع رهائشگاهه ڏانهن ڪٺي ويو. اتان ايڊورڊ پهريون ان کي برطانيه کڻي آيو، جتي اهو ان ڏينهن کان وٺي هيل تائين ويسٽمنسٽر ايبي ۾ ان ڪرسيءَ جي هڪ حصي طور پيو آهي، جنهن تي برطانيه جا بادشاهه پنهنجي تاج پوشيءَ وقت ويهندا آهن. هنن حقيقتن يا قصن جي زبردست اهميت وڏيڪ صاف نموني تڏهن ڏسڻ ۾ ايندي جڏهن اسان يهودي يهوه جي صندوق جي مماثلتن کي غور هيٺ آڻيندا سون. في الحال اهي حقيقتون يا قصا تاج پوشيءَ ۾ ان پٿر جي استعمال جي وضاحت ڪرڻ ۾ مدد ڏ ري سگهن ٿا ۽ ان داستان جي وضاحت پڻ ته "جتي به قسمت جو پٿر ملندو آهي، ان هنڌ موجود اسڪاٽليندي ضرور راڄ ڪندا." جيڪڏهن مان ساڳئي ڪيلٽڪ نسل جي تاريخ مان ٻن ساڳين مثالن جو اضافو ڪيان. ڊاڪٽر اوڊونووان مطابق اوڊونيلس جو افتتاحي پٿر هڪ وڏي ميدان جي وچ تي هڪ دڙي تي بيٺل آهي ۽ هن مقدس پٿر تي، جنهن کي بادشاهن جي رستي جو پٿر سڏيو ويندو آهي، چوندبل سردار، اقتدار جو سفيد نشان يا بادشاهت جو لڪڻ حاصل ڪرڻ لاءِ بيهندو آهي. ڊاڪٽر پيٽري مطابق ساڳئي مقصد لاءِ استعمال ٿيندڙ هڪ گول مول پٿريلي سئي اڄ ڏينهن تائين راٿ ناريوگ ۾ بيني آهي. اهڙي طرح ايمڊونالڊ پڻ جزيرن جو تاج پهريل بادشاهه هو، جيڪو هڪ مقدس پٿر مٿان ان ڻاٿر سان بيٺو هو ته جيئن سندس قدمن جو آڏرياءُ ٿئي. هن پنهنجو پاڻ کي ائين بيهاريو هو ڇڻ هو ديوتائن — پنهنجن بزرگن، مٿان بيٺو هو.

پروفيسر رهائس اسانکي ٻڌائي ٿو ته جڏهن سچي بادشاهه، تارا پٿر مٿان پنهنجا پير رکيا ته ان پٿر وڏي آواز سان دانهن ڪئي. تاج پوشيءَ وارو پٿر ٻين ملڪن ۾ به وجود رکي ٿو. مثال طور يهودي تاريخ يا نيم تاريخ ۾ اسان کي ڄاڻ ملي ٿي ته جڏهن ابيميليڪ کي بادشاهه بڻايو ويو، اهو "شيشم ۾ ٿلهه جي سطح تي ڪيو ويو": ۽ جڏهن ييهوئاش، يهودا طرفان مسح ڪيو ويو، "بادشاهه ٿلهه سان گڏ بيٺو هو، جيئن اهو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رواج هو.“ ملن وٽ سينٽ ايمبروگيو جي چرچ سان لڳ، قديم ليمي جي وٽن هينان جيڪي ان صحن مٿان ڇانوَ ڪيون بيٺا هئا، هڪ پٿر جو نلهه بيٺو آهي، جنهن تي لومبارڊ بادشاهن ۽ جرمن شهنشاهن تاجپوشيءَ جو قسم کنيو ٿي.

هاڻي اهو بلڪل سچ آهي ته مسٽر اسڪين، سيلٽڪ اسڪاٽلينڊ تي بهترين سَند، قسمت جي پٿر جي هن ڪهاڻيءَ کي ان جي گهڻن حصن ۾ هڪ افسانو قرار ڏيندي رد ڪري ٿو؛ هو سمجهي ٿو ته اسڪون پٿر اسڪون وٽ پڪٽش برطانوي بادشاهن جو چڙو هڪ تاجپوشيءَ جو پٿر رهيو آهي ۽ اهو ڪڏهن به آئرلينڊ مان ڪنهن به صورت ۾ نه آيل آهي. پروفيسر رامسي سمجهي ٿو ته اهو اسڪاٽلينڊ جي ان ضلعي جي جبل مان پڳل ڳاڙهي ريتي پٿر جو هڪ ٽڪرو آهي. ويندي پروفيسر اهائسن (تارا پٿر جو تمام دلچسپ احوال ڏئي ٿو) کي به (ان پٿر جي) هجرت متعلق شڪ لڳن ٿا. پر سچي يا ڪوڙي هيءَ ڪهاڻي منهنجو مقصد هتي چڱي طرح پورو ڪندي، ڇاڪاڻ ته مان انکي رڳو هڪ يهودي مقدس پٿر جي مشڪوڪ سيرن سفرن کي ڏيکارڻ لاءِ استعمال ڪريان ٿو، جنهن تي اسان ٿوري ئي وقت ۾ پهچنداسين ۽ هڪ داستان يقيناً ٻئي داستان جي هميشه وڏ ۾ وڏ ممڪن/ متوازي هوندو آهي. وقت جي وهڪري ۾ جيئن مذهب اوسر ڪن ٿا ۽ خاص طور تي جيئن ڪي ٿورڙا عظيم ديوتا، ننڍن آبائي ديوتائن ۽ روحن مٿان حاوي تي وجن ٿا، پوءِ اڪثر ڪري ائين ٿئي ٿو ته پراڻي عقيدي جي مقدس پٿرن کي بعد جي سرشتي ۾ هڪ نئين مذهبي اهميت ملي وجي ٿي. اهڙي طرح اسان ڏسي چڪا آهيون ته آرگوس زيوس ڪپوٽاس جي نالي هيٺ پنهنجي پراڻي مقدس پوڄا ڪئي؛ ٿيسپينس پنهنجن مقدس پٿرن کي بعد جي يوناني پيار جي ديوتائن سان هڪ سمجهيو ۽ ميگارين هڪ ٿئين پٿر کي فيبس جو نمائندو سمجهيو. ديلوس جو اصلي مقامي مقدس پٿر ان هنڌ تي لڌو ويو آهي، جتي اهو اصل ۾ ديلين اپولو جي مجسمي جي پيرن هينان بيٺل هو. ۽ هي، مان خوش آهيان ته مسٽر اينڊريولينگ جو خيال پڻ آهي جوته هو يوناني اڻ تراشيل پٿرن متعلق هيئن چوي ٿو، ”اهي اهڙا پٿر هئا، جن تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيرا يا اپولو ديوتائن جا نالا رکيل هئا. اهي اهڙا نالا هئا. جيڪي شايد جيئن ڏي بروسز چئي ٿو، انسان نما ديوتائن جي حلقي ۾ داخل ٿيڻ (مونکي چوڻ گهرجي ته ان ۾ پيدا ٿيڻ) کانپوءِ پوڄا جي پراڻين پوڄمان شين کي ڏنا ويا هئا.“

اهڙي طرح هندستان ۾ پڻ مقامي مقدس پٿرن کي هندو ديومالا جي ديوتائن سان هڪ سمجهيو ويو آهي. ساڳئي نموني اسلام، ڪعبي (حجرِاسود) کي اپنايو آهي، جيڪو مڪي جي مقدس مقام جو عظيم ڪارو پٿر هو ۽ مصري مذهب ٿنيي يا أيي پٿر کي هڪ پٿريلي سئيءَ جو روپ ڏيندي، جيڪا ايرنڊڙ سورج ديوتا جي هڪ ڪرڻي کي ظاهر ڪندڙ هئي، هڪ نئين معنيٰ ڏني.

ڪڏهن وري قديم پٿرن جو تقدس، بعد جي عقيدي ۾ انهن کي دقيانوسي مذهب جي ڪنهن قصي يا واقعي سان ڳنڍيندي، محفوظ ڪيو ويو. اهڙي طرح ڊيلفي وٽ رکيل قديم مقدس پٿر ـــ جيڪو بيشڪ ان عظيم مندر جو اصلي استخارو آهي، جيئن اڻ گهڙيل ديلين پٿر، ديلين اپولو جو نقيب هو، جي وضاحت بعد جي يوناني عقيدي جي حوالي سان ان ديومالا سان ڪئي وئي ته اهو اهو پٿر هو جيڪو ڪرونوس، زيوس سمجهي غلطيءَ ۾ ڳهي ويو هو. هڪ اهڙي تشريح جيڪا بيشڪ ان حقيقت ڪري آهي ته هي گول مول پٿر مونيگن جي آئرش ٻت وانگر ۽ سموئن ديوتا وانگر فلالين جي ڪپڙن ۾ ويڙهيل هوندو آهي ۽ ڏندڪٿا ۾ رحيا ڪرونوس کي زيوس بدران، ٻنڌڻن ۾ ويڙهيل هڪ پٿر پيش ڪندي ڏوکو ڏنو. ٽروزينين جو مقدس پٿر ساڳئي نموني مندر آڏو پيل آهي پر انکي جيئن چئجي ته يوناني بڻايو ويو، هن ڪهاڻيءَ سان ته ان تي ٽروزينين بزرگ ويٺا هئا. جڏهن هنن اورسيتيرس کي پنهنجي ماءُ جي قتل کان پاڪ صاف ڪيو هو. جديد يورپ ۾، جيئن هرماٿهوءَ کي خبر آهي، پاڪ کوهن، پاڪ پٿرن ۽ پاڪ مقامن کي عيسائي بڻائڻ جو عمل، انهن کي ولين جي قصن سان ڳنڍي چڏڻ ذريعي ڪيو ڀيو وجي يا انهن مٿان صليب جو نشان لڳائي چڏڻ جي اجا به سادي طريقي سان ڪيو ڀيو وجي. صليب جي نشان جو ٿيڻو مُلهه آهي: ڀهريون اهو ته اهو اوائلي ديوتائن يا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

روحن کي سندن هِريل دهشتن کان بچائي ڪندي ٿو، جن کي شروعاتي عيسائي ۽ قرونِ وسطيٰ سوچ ۾ هميشہ شيطانن يا جنن طور تصور ڪيو ويندو هو: ٻيو اهو تہ اهو نئين مذهب جي بالادستيءَ کي قائم ڪري ٿو ۽ ٽيون اهو تہ پراڻي مقدس مقام يا شيءِ کي هڪ تازو تقدس بخشيندي، ان ماڻهن کي ان مندر ڏي ويندي رهڻ جي محض عادت ذريعي جنهن تي سندن ابن ڏاڏن ايڏي وقت کان پوڄا ڪئي ٿي، صليب جي پوڄا ڪرڻ ڏانهن راغب ڪيو. هن معاملي تي گريگريءَ جي سينٽ آگسٽين کي ڏنل مشهور صلاح ان ڳالهہ جو فقط هڪ واحد مثال آهي تہ سموري عيسائيت ۾ ڇا ٿي گذريو. برطانيہ ۾ ڪيترن مثالن ۾ صليب اڄا تائين پراڻن مقدس پٿرن ۾ مضبوطيءَ سان جڪڙيل ڏٺا ويا آهن، جيڪي عام طور پنهنجي اڻ گهڙيل حالت مان سجاڻڻ لائق هوندا آهن. يورپ ۾ ان جو سڀ کان عمدو مثال غالباً برٽيني ۾ موجود پلومن جو يڪسنگو يادگار آهي، جنهن جي مٿان هڪ غيراهم ننڍڙو صليب پيل آهي ۽ جنهن تي هاري (خاص طور تي ٻي اولاد) اڄا تائين پوڄا جي هڪ عظيم مقام طور ويندا آهن. انسان جي جزيري ۾ موجود نارويا جي قبل از تاريخ يادگارن کي انهن مٿان صليب جو نشان اُڪري ڪين عيسائي بڻايو ويو آهي.

ٻيا مثال جهڙوڪ ايونا جا ڪارا پٿر، جن ڪولمبس کان بہ گهڻو وقت اڳ ان ٻيٽ کي هڪ تقدس ڏنو، هر پڙهندڙ آڏو بيشڪ يڪدم ظاهر ٿيندا. ڪيترن ئي اسڪاچ جي تراشيل پٿرن متعلق اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو آهي تہ آيا اصل ۾ انهن کي صليبن طور ڪڙو ڪيو ويو هو يا اهي قبل از تاريخ جا يادگار آهن، جن کي ٻاهران عيسائي ڪيو ويو آهي. اهڙي طرح مون مختصراً اهو تجويز ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سمورا مقدس پٿر آخر ۾ نيٺ قبرن جي يادگارن مان ورتل ٿين ٿا ۽ اهو وڏو حصو، جيڪو اهي پٿر مذهب جي جوهر جو جوڙن ٿا، ظاهر ڪرڻ جي پڻ ڪوشش ڪئي آهي، يعني هرهنڌ موجود پوڄا. بهرحال يهوديت ۽ عيسائيت جي توحيد پرستانہ خدا جي بڻ بڻياد جي حوالي سان ان جي انوکي دلچسپيءَ ڪري ان جو هڪ مخصوص اطلاق آهي، جنهن ڏانهن مان خصوصي توجهہ ڏيارائڻ جي خواهش رکان ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان مثبت مثالن جي هڪ وڏي تعداد مان اهو ڄاڻون ٿا تہ سامي ۽ ٻيون اوائلي قومون پٿر پوڄاري هيون. فنيشين مذهب ۾ ٻعال جا پٿريلا ٿلهہ ڪاٺ جا نهيل مخروط اشيرا پوڄا جا مک اسم هئا. بيت ايل جو پٿر بظاهر هڪ أيو بينل پٿر هو. مصفاهہ جو پٿرن جو دائرو بغير ڪنهن شڪ شبهي جي هڪ قبر جو يادگار هو. اسانکي ٻڌايو ويو آهي تہ بني اسرائيل يشوعا جي بادشاهيءَ هيٺ ٻارهن أين پٿرن جو هڪ جلجال تعمير ڪيو؛ يهودين جي اوائلي رواجن ۾ اهڙا ٻيا مثال بعد ۾ سندن مناسب مقام تي نوٽ ڪيا ويندا. ساڳئي نموني حضرت محمد جي زماني جي عربن ۾ مڪيہ ديوتائن مان ٻہ ديوتا هئا — منات ۽ لات، هڪ پهاڙ ۽ ٻيو هڪ مقدس پٿر يا پٿر جو بُت ۽ خود ڪعبي جي حِجر أسوَد — مقامي پوڄا جي عظيم ڪاري پٿر کي پنهنجي توحيدي مذهب ۾ جسماني طور قبول ڪندي حضرت محمد طرفان انکي مجڻ ۽ اسلامي بڻائڻ لاءِ مجبور ڪيو ويو. اها ڳالهہ صاف آهي تہ مقدس پٿر عمومي طور تي سامي ماڻهن جا خاص طور تي ۽ يهودين جا پڻ پوڄا جا عام اسم هئا. پر يهودين ۾ يهوهہ — مقامي يهودي ديوتا، جي هيڪلي پوڄا جي لازم ٿي چڪي هجڻ کان پوءِ فلسطين جي مقدس پٿرن کي يهوديائي قصي ۽ قبيلائي سردارن جي آڪاڻين سان لاڳاپي ۾ آڻيندي مقدس بڻائڻ ۽ يهودي ڪرڻ، يهودي پادريءَ جي پاليسي بڻجي وئي. پروفيسر شين يسِعيا ۾ ڏنل هن ٽڪري مٿان جتي نبي پراڻي ڳهڻ خدائي عقيدي جي پڪي حاميءَ مٿان ڪيس هڪ پٿر پوڄاري ڪوني ننول ڪري ٿو، هي تبصرو ڪري ٿو، ”واديءَ جي لَسن پٿرن مان تنهنجو حصو آهي؛ اهي ئي تنهنجي قسمت آهن. انهن مٿان تو ويندي هڪ شربت جو نذرانو بہ اوتيو آهي، تو کين گوشت جو هڪ نذرانو بہ پيش ڪيو آهي.“

”مٿي ذڪر ڪيل وڏا پٿر قديم سامي نسلن جا پوڄمان (پوڄا جون شيون) هئا ۽ هڪ وڏي پئماني تي ڦهليل رواج مطابق تيل سان مکيا ويندا هئا. اهو هڪ اهڙو پٿر هو جنهن کي يعقوب پنهنجي لاءِ ويهاڻو سمجهي ڪنيو ۽ بعد ۾ ان مٿان تيل هاري انکي مقدس بڻائي ڇڏيو. اوائلي سامي ۽ رجعت پرست بت پرست اسرائيلين اهڙن پٿرن کي بيت ايل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوئيو يعني ايل (خدا جو قديم سامي نالو) جا گھر. جيھووست يھودين جي ڪوشش باوجود، جن چاھيو ٿي تہ ھنن قديم پوڄا جي شين کي قبيلائي سردارن جي تاريخ جي يادگارن ۾ تبديل ڪري ڇڏجي، انھن پٿرن ڳجھہ ڍنگ سان گھڻ خدائي مذھب وارن ماڻھن جو استعمال لڳي ٿو تہ جاري رھندو آيو. خاص طور تي تنھا جڳھن تي."

بيت ايل تي موجود پٿر جي مثال ڪانسواءِ، ھڪ بعد جو مثال بہ موجود آھي جڏھن (اسان جي ڪھاڻيءَ ۾) يعقوب ۽ لابن عھدناما ڪيا ۽ يعقوب ھڪ پٿر کنيو ۽ انکي ھڪ اُڀي ٿنڀي لاءِ تيار ڪيو. ۽ يعقوب پنھنجن ڀائرن کي چيو، "پٿر کنا ڪيو" ۽ "ھنن پٿر کنيا ۽ ھڪ ڪوڙ ناھيو ۽ ان ڪوڙ مٿان ويھي رھيا." وري ٻئي دفعي سڪم شھر وٽ ھو ايل ايلوه اسرائيل نالي ھڪ قربانگاھ کڙو ڪري ٿو، راخيل جي قبر مٿان ھڪ ٿنڀو ناھي ٿو ۽ ٻيو لوز وٽ کڙو ڪري ٿو، جتي خدا ھن جي سامھون ظاھر ٿيو.

ساڳئي نموني درآمد ڪيل ٻارھن پٿرن جي ڪھاڻي آھي، جن کي ٻارھن ماڻھو پنھنجن قبيلن جي رستي کي ياد ڪرڻ لاءِ اردن ڪان ٻاھر ڪڍي اچن ٿا. ھي سڀ ھنن اوائلي مقدس پٿرن يا مقامي ديوتائن کي قديم يھودي ڪھاڻين جي يھودي تشريح جي واقعن سان ڳنڍيندي ڪين يھودي بڻائڻ جون واضح نموني ڪوششون آھن. بھرحال يھوه جي عقيدي جي سندس پوئلڳن ۾ واحد حاوي مذھب بڻجي وڃڻ کان اڳ ۾ اھڙن پٿرن کي اوائلي زمانن ۾ بطور ديوتائن جي پوڄيو ويندو ھو، اھا ڳالھہ تہ خود يھودي ڪھاڻيءَ مان ئي ظاھر آھي، جيڪا اوائلي مذھب جي سمورن نشانن کي مٽائي ڇڏڻ ۾ مڪمل طور تي ڪامياب نہ وئي آھي. سيميوئل، اسرائيل کي ھرسال بيت ايل ـــ يعقوب جي مقدس ٿنڀي جي جڳھہ، تي توريو تڪيو، جلجال وٽ جتي يشوع جا ٻارھن پٿر کڙا ڪيل ھئا، ۽ مصفاھ وٽ جتي لابن جي عھدنامي جي ٿنڀي کي گھيريندڙ پٿرن جو دائرو کڙو ٿيل ھو. ٻين لفظن ۾ اھي اسرائيل جي مک قديم ديوتائن جا حرم ھئا. سِيموئل خود "ھڪ پٿر کنيو ۽ انکي مصفاھ ۽ شين وچ ۾ کڙو ڪيو." ۽ ان جو نالو ـــ اِبنِ عِزر يعني "مدد وارو پٿر" ئي اھو ڏيکاري ٿو تہ جنگي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مهمن تي وجهه کان اڳ ۾ اصل ۾ انکي پوڄيو ويندو هو. جيتوٽيڪ هن يهودي حاشيي يعني انهين چوندي تہ "هيل تائين خدا اسان جي مدد ڪئي آهي". حقيقي معني کي لڪائڻ ۾ وسان نہ گهٽايو آهي. اهو هڪ دفعو وري جلجال جي پٿرن جو دائرو هو، جنهن ڏانهن سيميوئل، سائول کي وڃڻ لاءِ چيو، "مان تو وٽ ساڙيل نذرانا پيش ڪرڻ ۽ سلامتيءَ جي نذرانن جون قربانيون آڇڻ ايندس." اهو مصفاه جي پٿرن جي دائري واري يادگار وٽ هو، جتي سائول کي بادشاهہ چونڊيو ويو ۽ بني عمون مٿان فتح حاصل ڪرڻ کانپوءِ سائول هڪ دفعو وري پنهنجي بادشاهت کي نئون بنون ڪرڻ لاءِ جلجال جي ان پٿرن جي يادگار تي ويو ۽ اتي انهن جلجال ۾ يهوه آڏو سائول کي پنهنجو بادشاهہ بڻايو." ۽ "اتي انهن يهوه آڏو سلامتيءَ جون قربانيون ڪيون." هي ٽڪرو هڪ تمام گهڻو هدايت ڪندڙ ۽ اهم آهي، ڇاڪاڻ تہ هتي اسان ڏسون ٿا تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪتاب جي ليکڪ جي خيال ۾ يهوه ان وقت جلجال ۾ ان پاڪ دائري جي بين مقدس پٿرن وچ ۾ رهندڙ هو.

پر بهرحال اهو ڏسو تہ جڏهن سائول کي پنهنجي پيءُ جي گم ٿيل گڏهن کي ڳولڻ لاءِ نڪري وڃڻ جو چيو ويو، تہ هن کي سڀ کان پهريان ضلفحہ وٽ راخيل جي ٽيپي ڏانهن موڪليو ويو ۽ پوءِ تبور جي ميدان ڏانهن، جتي هن کي بيت ايل وٽ خدا ڏي (نہ ڪہ يهوه ڏي) ويندڙ ٽن ماڻهن سان ملڻو هو، جن کي ظاهر آهي تہ انهن شين جي قرباني ڪرڻي هئي، جيڪي هو پاڻ سان گڏ کڻي وڃي رهيا هئا. انهن مان هڪ کي ٽي ڇيلڙا، ٻئي کي مانيءَ جا ٽي ڏڳڙ ۽ ٽئين کي شراب جي هڪ بوتل هئي."

پٿر پوڄا جا هتي ۽ اهڙا ٻيا يادگار عبراني صحيفن جي اوائلي ڪتابن ۾ جابجا پکڙيا پيا آهن، ڪڏهن کلي نموني اعتراف ڪيل ۽ ڪڏهن يهوه ازم جي هڪ سنهي پردي ۾ ويڙهيل. ٻئي پاسي اڄ ڏينهن تائين فلسطين جي ڪوتائيءَ اهو ڏيکاري ڇڏيو آهي تہ اصل فلسطين ۾ کي بہ اڻ گهڙيل پٿر جا يادگار موجود نہ آهن، جيتوڻيڪ اردن جي اوپر ۾ اهي ملڪ جي سمورن حصن ۾ عام آهن. پوءِ اسان پٿرن جي هن غائب ٿيڻ جي ڪهڙي تشريح ڪري سگهون ٿا؟ ميجر ڪونڊر سمجهي ٿو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن نج يهوه ازم، هزيڪياه ۽ يسعياهه جي دورن ۾ آخرڪار سيني کان ڪٽي ويو. يهودين ڳاٺيٽي جي ڪتاب ۾ حڪم ڏنل هدايتن مطابق ته ڪنعانين جي مذهبي نشانن کي مسمار ڪري ڇڏيو. يهودي غلبي وارن سمورن علائقن ۾ اهي سمورا بت پرستانه پٿر تباهه ڪري ڇڏيا. يهوه، عبرانين جو خدا، هڪ حاسدي خدا هو ۽ هو پنهنجي حڪمرانيءَ جي علائقي ۾ ٻئي ڪنهن به ڏارئي مقدس پٿر کي برداشت ڪرڻ وارو نه هو.

۽ خود هي يهوه اسرائيلين جو مقامي ۽ لساني ديوتا، جيڪو پنهنجي پرسان ٻئي ڪنهن به ديوتا يا مقدس پٿر کي رهندي برداشت نه ڪندو هو، ڪير هو يا ڇا هو؟ مان هن نقطي تي زور نه ڀريندس ته جڏهن يشوع مري رهيو هو ته هن قصي مطابق، ”هڪ وڏو پٿر ڪنيو ۽ انکي يهوه جي حرم پرسان بيٺل شاهه بلوط جي وڻ لڳ کڙو ڪري ڇڏيو، اهو چوندي ته ان پٿر، يهوه جا سمورا لفظ ٻڌا هئا.“ اهو دستاويز ايترو مشڪوڪ آهي، جو اهو اسانکي گهٽي تصديق نه ٿو ڏئي سگهي. پر مان رڳو اهو ظاهر ڪندس ته جنهن وقت اسان سچي يهوه پوڇا جون صاف تاريخي جهلڪيون پهريون دفعو هٿ ڪرڻ لڳون ٿا، اسان يهوه کيءَ پوءِ اها عارفاڻي شيءِ ڪير به يا ڇا به رهي هجي، جلجال ۾ ٻارهن پٿرن وٽ سندس صندوق ساڻ موجود ڏسون ٿا. اها ڳالهه بلڪل صاف آهي جيئن بائيبل جي بعد جي سهيڙيندڙن جو يقين هو ته يهوه ـــــ اسرائيل جو خدا، جنهن يهودين کي مصر مان آزاد ڪرائي ٻاهر ڪيرايو هو، جلجال ۾ پنهنجي خيمي ۾ تيستائين رهيو، جيستائين ان سرزمين جي فتح مڪمل نه ٿي وئي. پر فتح جي پڄاڻيءَ کانپوءِ اهو خيمو جنهن ۾ هو رهيو ٿي سيلا ڏي منتقل ڪيو ويو ۽ يهوه به ان سان گڏ ويو، ان حقيقت مان واضح آهي ته يشوع اتي ”يهوه ـــ پنهنجي خدا آڏو“ زمين جي ورهاست لاءِ ڪٺا وڌا، هو اڃا به اتي هو، جڏهن حنا ۽ سندس مڙس، يهوه وٽ قرباني ڏيڻ لاءِ سيلا تائين ويا ۽ جڏهن سيموئل، پادري عيلي آڏو يهوه طرفان چونديو ويو: سيلا ۾ يهوه طويل عرصي لاءِ ٽڪيو، تنهنڪري ائين لڳندو ته اهو هڪ سچو پراڻو رواج هو ـــ زماني جو هڪ رواج، عبراني تاريخن جي شروعاتن کان بلڪل اڳ.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر هن وقت موسيٰ جي پنجن ڪتابن ۾ ڏنل تفصيلن کي نظرانداز ڪندي، جيڪي لڳي ٿو تہ بعد جي تاريخ جا آهن ۽ پنهنجي سخت يهودي ايڊيٽنگ ڪري ايترا پروسي لائق نہ آهن، يهوه ڪٺي سگهڻ جي سائيز جيترو هڪ سامان شيءِ هو، جو تہ اِبن عزر وٽ فلستينن سان ڪيل مهاجنگ دوران سيلا ڪان جنگ جي محاذ تائين انکي پنهنجي صندوق ۾ ڪنيو ويوهو ۽ فلستيني ان ڪان ڊڄي ويا هئا، جو تہ انهن چيو "خدا، لشڪرگاهہ ۾ آيو آهي." پر جڏهن فلستينين اها صندوق پڪڙي ورتي، مخالف خدا ـــ ڊَجون، جيئن عبراني قصي اعلان ڪري ڇڏيو، يهوه جي منهن آڏو هيٺ ڪري پيو ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ٽٽي پيو. فلستينين طرفان ان مقدس صندوق جي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ، اها ڪجهہ وقت قريت يعريم ۾ پيل رهي، جيستائين دائود يروشلم کي يبوسين کان فتح ڪرڻ وقت ان جڳهہ تي ويو ۽ اتان خدا جي صندوق مٿي کٽي آيو، جيئن قصو ٻڌائي ٿو، "هڪ نئين ڏاند گاڏيءَ تي" ۽ انهن "يهوه آڏو (موسيقيءَ جا) سمورا ساز وڄايا ۽ دائود خود ناڇ، يهوه آڏو نچيو. يهوه کي پوءِ خيمي يا عارضي گهر ۾ رکيو ويو، جيڪو دائود هن لاءِ تيار ڪيو هو، جيستائين سليمان هن لاءِ پهريون مندر ـــ "يهوه جو گهر" تعمير ڪيو ۽ يهوه جي صندوق ان ۾ رکي وئي، "گهر جي الهامگاهہ ۾، پاڪ ترين جاءِ تي، اصل ڪروبين جي پرن هيٺ." بلڪل ساڳئي نموني مسٽر چامرس اسان کي ٻڌائي ٿو تہ جڏهن هو نيو گنيءَ ۾ پيران جي علائقي ۾ هو، خاص نموني گهڙيل پاڪ پٿر ـــ روائي ۽ بہ ڪاٺ جا نهيل بُت ـ ايپي ۽ ڪِواوا، جيڪي تمام گهٽو اڳ جا نهيل هئا ۽ جن کي تمام گهٽو مقدس ليکيو ويندو هو، حال في الحال هڪ پراڻي گهر ۾ رکيل هئا، جيستائين نئين عاليشان گهر ۾ جيڪو انهن لاءِ تيار ڪيو ويو هو، سندن منتقليءَ جا سمورا انتظام مڪمل نہ ڪيا ويا." جيئن مسٽر لئنگ چئي ٿو تہ تهذيب جي وري ٻئي مخالف ڇيڙي تي، "يونان جا معبودي پٿر اهي هئا، جيڪي تمام گهٽن قديم مندرن مان وڏ ۾ وڏ پاڪ مندرن ۾ پيل هئا، جتي اهي صنوبر يا سرو جي وڻن جي اونداهن جهنگن جي پراسرار مندرن ۾ رکيل هوندا هئا، جتي ماڻهن کي مشڪل سان ڇڏيو ويندو هو."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها ڳالھ تہ يھوہ بہ خود، اسرائيلن جي وڏ ۾ وڏ قديم رواجن ۾ ساڳئي نموني پاڪن مان وڏ ۾ وڏ پاڪ مقامن تي پنھنجي تابوت يا صندوق ۾ لڪل ھوندو ھو، مان سمجھان ٿو تہ ڪنھن بہ ھوشيار پڙھندڙ آڏو عيان آھي.

اھو سچ آھي تہ ڪتاب خروج ۾ شريعت جي دور جون بعد جون يھووائي تشريحون، جيڪي يھووائي پوڄا جي نج تي وڃڻ ۽ روحاني تي چڪي ھجڻ ڪانپوءِ سھيڙيون ويون ھيون، ھن معاملي جي سمجھاڻيءَ کي يھوہ جي ”موجودگيءَ“ کي ھميشہ غيرجسماني بڻائي ڇڏڻ ذريعي اونداھو ڪرڻ جي ھر ممڪن ڪوشش ڪن ٿيون ۽ ويندي قديم رواجن ۾ سولو ۽ وڌيڪ پراڻو فقرو ”يھوہ جي صندوق“ جي جاءِ تي. اڪثر ڪري فقري ”يھوہ جي عھدنامي جي صندوق“ کي آڻي بيھاريو ويو آھي. پر سمورن بگاڙن منجھان جيڪي سيعاھہ جي زماني جي پادري نما ڪاتبن ۽ بنديخاني مان واپسيءَ وارن مُلن، قديم ڪھاڻيءَ ۾ ڪري ڇڏيا آھن، اسان پوءِ بہ صاف نموني ڪيترن ھنڌن تي اھو ڏسي سگھون ٿا تہ يھوہ خود شروع ۾ پاڻ بنفسِ نفيس (ذاتي طور) ان صندوق ۾ موجود ھو، جنھن ھن کي ڍڪيو ٿي. ۽ جيتوڻيڪ ڪاتب (پنھنجي اوائلي پوڄا کان بظاھر شرمندہ ٿيل، جنھنڪي ھو ھاڻي ترڪ ڪري چڪا ھئا) ھڪ ڪان وڌيڪ دفعا ان ڳالھ تي زبردست احتجاج ڪن ٿا، ”ان صندوق ۾ پٿر جي ٻن تختين ڪانسواءِ ٻيو ڪجھ بہ نہ ھو، جيڪي موسيٰ ان ۾ ھو رب وٽ رکي ڇڏيون ھيون، جڏھن يھوہ بني اسرائيل سان سندن مصر مان ٻاھر نڪري اچڻ وقت عھد ڪيو ھو.“ پوءِ بہ بھرحال گھٽ ۾ گھٽ ھو ايترو ضرور مڃن ٿا تہ صندوق ۾ لڪل شيءِ يا شيون تراشيل پٿرُ يا پٿرَ ھئا ۽ اھو تہ ھن پٿرَ يا ھنن پٿرن آڏو نچڻ يا ڳائڻ، يھوہ آڏو نچڻ يا ڳائڻ جي برابر ھو. پوءِ ھن دليل کي گھٽو اڳتي نہ ڌڪيندي، اسان اھو چئي سگھون ٿا تہ ھيترو ڪجھہ انصاف سان يقيني آھي. شروعاتي ڏينھن ۾ بني اسرائيلَ ھڪ قبائلي ديوتا ـــ يھوہ پاڻ سان گڏ کڻي ھلندا ھئا، جنھن جي ھنن درميان موجودگي ھڪ خاص صندوق يا تابوت سان گھري نموني ڳنڍيل ھوندي ھئي، جنھن ۾ ھڪ پٿر جي شيءِ يا شيون موجود ھونديون ھيون. اھو تابوت آسانيءَ سان ھيڏي ھوڏي کڻي وڃي سگھڻ جي قابل ھوندو ھو ۽ جنگ جي حالت ۾ محاذ تي کڻي وڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهبو هو. هنن صندوق ۾ موجود شيءِ جي اصليت يقين سان نہ ٿي ڄاتي پر هنن ان کي زور سان "يهوه ـ سندن خدا"، قرار ڏنو ٿي، "جنهن هنن کي مصر جي سرزمين مان ٻاهر ڪڍيو هو." ان جي سچي اصليت کي هڪ عظيم قومي ديوتا ۾ روحاني طور تبديل ڪري ڇڏڻ ڪانپوءِ بہ، جيڪو وڏ ۾ وڏ لامحدود ۽ غيرجسماني روپ آهي جنهنڪي دنيا ڪڏهن ڄاتو ٿي (جيئن اسان کي اهو رسولن جي سڀ کان عمدن ۽ نج ڪتابن ۾ ملي ٿو.) بعد جي زمانن جي تصورات مستقل طور ان جي پٿر جي هڪ ٿنڀي واري پراڻي خيال ڏانهن واپس موٽي اچي ٿي. مصر مان ٻاهر نڪري اچڻ جي وڏايل چڙهايل احوال ۾ يهوه اسرائيلين آڏو ڏينهن جو بطور هڪ ڪڪر جي ٿنڀي جي ۽ رات جو بطور هڪ باهہ جي ٿنڀي جي، هلندو هو. لاوي سرشتي جي قانون مطابق هن جو قربانگاهہ ضرور اڻ تراشيل پٿر جو ٺهيل هجڻ گهرجي. اهو يهوه بطور هڪ پٿر جي هو، جنهن کي اڪثر نبي پنهنجن وڏيڪ اوچن ۽ وڌيڪ پاڪ صاف ٿيل تصورن کي ڍڪڻ لاءِ اوائلي زماني جي اڏ وساريل ٻولي استعمال ڪندي ائين تصويري طور تشريح ڪندا هئا. اهو اسرائيل جو پٿر ـــ قبيلي جو مقدس پٿر هوندو آهي، جنهن ڏانهن اهي مدد لاءِ واجهائيندا آهن. ايستائين جو جڏهن يسعياهہ قانون جو ڪوڙو پٽر قبول ڪيو ۽ ان مطابق هلڻ جو وعدو ڪيو، "بادشاهہ هڪ ٿنڀي (پٿر جي) سان گڏ اٿي بينو ۽ يهوه آڏو هڪ عهد ڪيو." حتاڪہ آخر تائين اسان ان ساڙيلي ديوتا جي پوڄا جي حقيقي اصلي ماهيت جون ڌنڌليون جهلڪيون ڏسون ٿا، جنهن ڏجوڻ کي پنهنجي سامهون ٽڪرن ۾ ٽوڙي ڇڏيو ۽ جيڪو پنهنجي قبائلي حدن اندر ڪنهن بہ ٻئي مقدس پٿر کي سالم رهڻ جي اجازت نہ پيو ڏئي سگهي. تنهنڪري ماڻ اهو نہ ٿو ڏسان تہ اسان ان ظاهر ظهور نتيجي کان ڪيئن آسانيءَ سان ڪترائي سگهون ٿا تہ يهوه ـــ عبرانين جو خدا/ديوتا، جنهن کي بعد ۾ عيسائيت جي خدا ۾ ترقي ڏيارائي وئي ۽ آسماني بڻايو ويو، اصل ۾ اسرائيل جي ماڻهن جي ابن ڏاڏن جي مقدس پٿر کان وڌيڪ ۽ نہ ان کان گهٽ ڪا بہ شيءِ هو، جيڪو بهرحال تراشيل هو ۽ شايد سڀ کان آخر ۾ ڪنهن اوائلي سامي شيخ يا سردار جو اڻ ڪٽيل يادگاري ٿنڀو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڇهون
## مقدس ڪنيا

ملٽن پنهنجي زماني جي هڪ مشهور نظم ۾ چئي ٿو،
”جڏهن اسانجن سمورن ابن ڏاڏن وڻن جي ٿڙن ۽ پٿرن ڪي پوڄيو“.

تنگ نظر شاعر جو هي جڳ مشهور ۽ مختصراً حقارت آميز فقرو حقيقت ۾ سمورن زمانن ۽ سمورن هنڌن تي ڦهليل انساني نسل جي پوڄا جي شين جي گهڻي اڪثريت جو احاطو ڪري ٿو.

اسان پٿرن جي ڇڪاس ڪري ڇڪا آهيون؛ هاڻي ٿڙن/بندن جو وارو آهي، ته انهن کي توجهه جو پنهنجو جائز حصو ملي. اهي پنهنجن پاڻرديوتائن جيان اسان کي ايترو گهڻو انتظار نه ڪرائيندا ڇو ته هڪ ته اهي بحيثيت مجموعي پنهنجو پاڻ ۾ گهٽ اهميت وارا آهن ۽ ٻيو ته انهن جي قبرن جي نشانين مان ديوتائن ۽ ٻتن ۾ اؤسر گهڻي ڀاڱي قطعي طور تي ان اؤسر سان پوروچوٽ آهي، جيڪا اسان اڳئي اُيي بيِنل پٿر يا پٿر جي يادگار جي حالت ۾ تفصيل سان معلوم ڪري آيا آهيون.

ڪنيا يا ڪاٺ جا نشان سڄي دنيا ۾ اڪثر قبر جي نشانين طور استعمال ڪيا ويندا آهن. قبر جي ٻين نشانين جيان اهي به فطري طور انهن عزتن جا حقدار بڻجن ٿا، جيڪي ان روح يا نئين ديوتا کي پيش ڪيون وينديون آهن. پر اهي مذهب جي واڌويجهه جي جزن طور اين پٿرن کان ٻن واضع سببن ڪري گهٽ اهميت وارا آهن.

پهريون : هڪ ڪنيو يا ڪاٺ جو نشان اڪثر ڪري گهٽ سماجي اهميت واري ماڻهوءَ جي قبر کي ظاهر ڪندو آهي. سردارن ۽ وڏن ماڻهن جي قبرن مٿان عام طور تي سندن شان ۾ پٿر جا يادگار ڪڙا ڪيل هوندا آهن، جڏهن ته عام خلق کي ڪاٺ جي نشانن تي ئي گذارو ڪرڻو پوندو آهي، جيئن اڄ به ڪو ماڻهو پيري ليچيز يا ڪنهن به ٻئي عيسائي قبرستان ۾ اهو ڏسي سگهي ٿو.

ٻيو: پٿر جو يادگار ڪاٺ جي يادگار کان وڌيڪ پائيدار ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مستقل هوندو آهي. هنن نڪتن مان هر نڪتي ڪي ڪونہ ڪو سبب آهي، چاڪاڻ تہ اهي سردار ۽ وڏا ماڻهو هوندا آهن، جن جا روح (Ghosts) اڪثر ڪري ديوتائن ۾ اوسر ڪندا آهن ۽ اهي پراڻي ۾ پراڻا روح، پراڻي ۾ پراڻا ديوتا. پراڻي ۾ پراڻا يادگار هوندا آهن جيڪي هميشہ وڌ ۾ وڌ مقدس ٿيندا آهن، پوءِ هنن بنهي سببن جي ڪري مذهب جي تاريخ ۾ ڪنيو، پٿر کان گهڻ اهميت وارو آهي. پوءِ بہ بهرحال انکي پنهنجي خاص اهميت آهي. جيئن مقدس پٿر آخر ۾ نيٺ ان وڏي گول مول پٿر مان ورتل هجي تو، جنهن کي قبر مٿان لاش کي ان ۾ اندر رکڻ لاءِ رکيو ويندو آهي، مان سمجهان ٿو بلڪل ائين ڪنيو ان چهنبدار لٺ ' لڪڙي مان ورتل آهي، جنهن کي مري ويل جي جسم مان آر پار گذاريو ويندو آهي، جيئن اهو قبر مان ٻاهر نہ نڪري سگهي، جيڪو اسان ٽئين باب ۾ ڏسي آيا آهيون. ساڳي رسم عيسائي برطانيہ ۾ گهمڻ ڪري واقع ٿيندڙ خودڪشين کي روڪڻ لاءِ اڃا تائين استعمال ٿئي پيئي. اهڙي ڪنيي يا لٺ کي عام طور تي قبرکان ٻاهر نڪتل ڇڏيو ويندو آهي تہ جيئن زنده ماڻهن کي هڪ روح جي پاڙيسرائپ کان خبردار ڪندو رهجي.

مان خيال ڪيان ٿو تہ ڪنيو، بهرحال تمام اڳاٽي زماني ۾ ڇڙو قبر جو نشان بڻيو ۽ جيتوڻيڪ پنهنجي تقابلي غير اهميت ڪري اهو نسبتاً گهڻ توجهہ حاصل ڪري ٿو، پر اهو هاڻي ۽ هميشہ کان ان جڳهہ جي يادگيري محفوظ ڪري رکڻ جو سيني کان وڌيڪ عام طريقو رهندو آيو آهي، جتي هڪ ماڻهو پوريل هوندو آهي. هڪ سنو مثال، جيڪو بعد جي ڪيترين ئي تبديلين مٿان بہ سني روشني وجهندو، مسٽر ويات گل طرفان، نيوگنيءَ جي پورٽ مورسبي مان ڏنو ويو آهي، هو چوي ٿو، "هڪ مري ويل ماڻهوءَ جو لاش پوريو ويو، ان جي قبر جي پاسي ۾ هڪ ڪنيو، تختي لڳائي وئي، جنهن تي مري ويل جو نيزو، ڏنبو، ۽ تيرڪمان ٻڌا ويا پر چوري روڪڻ لاءِ انهن کي ڀڳو ويو. ان قبر کان ٿورڙو پري هڪ عورت جي قبر هئي، اتي ان قبر جي ڪنيي تي ان عورت جا رڌ پچاءَ جا ٿانو، گاهہ مان نهيل پيٽي ڪوٽ وغيره ٽنگيل هئا." هو چوي ٿو ساڳيون رسمون ۽ رواج پولينيشيا ۾ لڳ ڀڳ عالمگير آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيتوڻيڪ ڪنهن يا ڪاٺ جي تختين جي پوڄا سڄي دنيا
۾ عام آهي، پر مان اهڙي پوڄا جيڪا هڪ اهڙي لٺ جي ڪئي ويندي آهي. جيڪا هڪ يقيني قبر متان ڪڙي ڪيل ڇني ويندي آهي، رڳو ٿورڙا بلڪل واضع مثال پيش ڪندس. وڏ ۾ وڏ سڌو ثبوت جيڪو مان هٿ ڪري سگهان ٿو، اهو بورو ۾ قبر جي ٿنڀي جو مثال آهي، جنهن جو مسٽر ايچ او فوربس اڳئي حوالو ڏئي چڪو آهي، پر سمويد جي قربانيءَ جي هڪ جڳهه جو هينيون احوال جيڪو بيرن نوردين اسڪيولڊس جي ڪتاب ”ووئيج آف دي ويگا“ مان اخذ ڪيو ويو آهي، يقيناً قائل ڪندڙ آهي. ويگاٽس بيٽ جي هڪ ٽڪريءَ تي هڪ سويڊش ڪوجيءَ برفاني هرڻيءَ جون کوپڙيون لڌيون، جيڪي اهڙي ته نموني ترتيب ڏنل هيون جو انهن ٻارهن سڱن جو هڪ قريبي حلقو ناهيو ٿي. انهن جي چوڌاري ٻيا هڏا پيل هئا، جيڪي رڇن ۽ برفاني هرڻن جا هئا ۽ انهن سينڻي جي وچ ۾ اهي شهزور هستيون هيون، جن کي هي سڀ عاليشان شيون پيش ڪيون ويون هيون. اهي سوين ڪاٺ جون ڏنديون هيون، جن جا متيان حصا ٻي تڪي انداز ۾ انساني چهري جي شڪل ۾ تراشيا ويا هئا، جن مان اڪثر 15 کان 20 سينٽي ميٽرن جا هئا پر انهن مان ڪي ٿي سو ستر سينٽي ميٽر ڊگها به هئا. اهي سڀ زمين ۾ پهاڙيءَ جي ڏاکڻي ايرندي حصي ۾ کپيل هيون. قربانيءَ جي جڳهه پرسان هوا رستي گهلجي آيل ڪاٺ جا ٽڪرا ۽ آتش دان جي خاڪ ڏسي سگهجن پيا. جتي قربانيءَ جو ڪاڌو تيار ڪيو ويندو هو اسانجي رهنما اسان کي ٻڌايو ته هنن دعوتن ۾ ٻتن جا وات، رت سان رنگيا ويندا آهن ۽ شراب سان آلا ڪيا ويندا آهن. ٻتن جا وات، رت سان رڱڻ واري بيان جي تصديق ان مان به ٿئي ٿي ته سمورن وڏن ٻتن جي اڪثريت تي انهن سوراخن هينان رت جا وڏا نشان ملن ٿا، جيڪي سندن وات کي ظاهر ڪرڻ لاءِ ناهيا ويا هوندا آهن“. ان کان به اڳئين زماني ۾ 1556ع ۾ اسٽيفن برو، هڪليت ۾ چپيل پنهنجي لڳ ڀڳ ساڳئي احوال ۾ لکي ٿو، ”اتي مان وري لوشاڪ سان مليم ۽ هن سان گڏ ڪناري تائين ويم ۽ هو مونکي سمويد ٻتن جي هڪ کوڙ تي وٺي آيو، جيڪي تعداد ۾ 300 هئا. اهو وڏ ۾ وڏ برو ۽ وڏ ۾ وڏ فطري فني شهپارو هو جيڪو مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڍهن ڏنوهو. انهن مان گهڻن جون اڪيون ۽ وات رت هاڻا هئا. انهن ڪي مردن، عورتن ۽ ٻارن جون بي تڪي نموني نڪتل شڪليون هيون ۽ جسم جي ٻين حصن لاءِ ناهيل سندن بتن تي پڻ رت ڇٽڪيل هو. هنن جا ڪجهه بت پراڻيون لنيون هيون، جن ۾ چاقوءَ سان به تي ڪڏا ڪيا ويل هئا. سندن برفاني گاڏين مان هڪ گاڏي پگهل هئي ۽ بتن جي ڪوڙ پرسان پئي هئي ۽ اتي مون هرڻين جي کل ڏٺي، جنهن کي پکين خراب ڪري ڇڏيو هو ۽ سندن ڪجهه بتن آڏو سندن واتن جيڏا دڪا ناهيا ويا هئا، جيڪي سپ رت هاڻا هئڻ ڪري، مون سوچيو ته اهي اهاميز هئا، جن تي هنن پنهنجيون قربانيون پيش ڪيون ٿي". اهو سچ آهي ته هنن تفصيلن مان ڪنهن ۾ به اهو واضع نموني ذڪر نه ڪيل آهي ته قربانيءَ جي جڳهه هڪ سموئيد قبرستان هو پر مان سمجهان ٿو ته ائين هو، ٿورڙو مماثلت ڪري ۽ ٿورڙو ان ڪري ته نورڊينسڪيولڊ ڪنهن ٻئي هنڌ ذڪر ڪري ٿو ته هڪ الٽي ٿيل برف گاڏي هڪ سموئيد قبرستان جي هڪ عام نشاني هوندي آهي. نورڊينسڪيولڊ طرفان نالي ماتر عيسائي اوستياڪ سائيبرين جي هڪ قبرستان جي ڏنل هينئين احوال کي پيٽيو. "لاشن کي زمين مٿان وڏن تابوتن ۾ رکيو ويندو آهي، جن تي هميشه هڪ صليب کڙو ڪيو ويندو آهن". (انهن جي ڪاٺ جي ڪٽائي ڏيکاري ٿي ته هي صليب هڪ يا ٻن ڪراس تختين سان ڪاٺ جا اڻ گهڙيل ڏنڊا هئا)، "انهن صليبن مان هڪ صليب ۾ هڪ مقدس تصوير داخل ڪيل هئي جنهن کي ان ڳالهه جو هڪ وڏيڪ ثبوت سمجهيو وڃڻ گهرجي ته ان ڪفن ۾ هڪ عيسائيءَ جو لاش موجود هوندو آهي. نه رڳو ايترو پر اسان قبر پرسان هڪ بوٽي تي ان مري ويل ماڻهوءَ جا ڪپڙا هڪ ڳنڙيءَ سميت لٽڪيل ڏٺا، جنهن ۾ هن جو ڪاڏو، مڪيه طو تي سڪل مڇي رکيل هئي. وڏيڪ امير ماڻهن جي قبرن تي سندن مائٽ ڪاڏي سان گڏ ڪجهه پئسا به رکي ويندا آهن، ته جيئن ٻي دنيا ۾ داخل ٿيڻ وقت مري ويل ماڻهو پئسن کان صفا خالي نه هجي". ساڳئي قسم جي مثالن کي پورو ڪندي. مونکي اهو اضافو ڪرڻ کپي ته ويڳاٽس ٻيٽن تي قربانيءَ جي هنڌن تي پڻ پئسا رکيا ويندا هئا. نورڊينسڪيولڊ هڏن جي ڪوڙ. برفاني هرڻين جي ڪوپڙين ۽ سامونڊي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن کي ڪنهن سمي سانديو ويندو هو ۽ سندن پيار محبت سان خيال ڪيو ويندو هو، مان سمجهان ٿو تہ دنيا جا اڪثر گهريلو ديوتا ......... رومين جا ليئرس ۽ پيناتس، پيرووين جا هئاڪاس ۽ سامين جا تيراقم اتان ورتل آهن.

هڪ دفعو وري مان اهو مڃڻ لاءِ بلڪل تيار آهيان تہ جيئن مقدس پٿرن جي حالت ۾ هوتہ جڏهن هڪ دفعو ڪن مخصوص ڪاٺ جي ٽنين يا لڪڙن جو تقدس عام طور تي مڃيو وڃڻ لڳو تہ پوءِ اهو فرض ڪرڻ تہ ڪوبہ من ماني نموني ڪڙو ڪيل ٽنيو، ان ۾ وسندڙ روح يا غيبات جو مقبرو يا گهر بڻجي سگهي ٿو، رڳو احساس جي هڪ سادي تبديلي ئي هئي. اهڙي طرح اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو تہ برازيل جي قبيلن ”زمين ۾ ڪاٺ جا ٽنيا کوڙي ڇڏيا ۽ انهن آڏو نذرانا ڏنا، تہ جيئن هو پنهنجن ديوتائن يا جنن کي خوش ڪري سگهن“. ساڳي طرح اسان کي پڪ ڏياري وڃي ٿي تہ اچي نيل جي ڊنڪاس باشندن ۾، ”تبليغين هڪ پوڙهي مائيءَ کي پنهنجي جهڳي ۾، زمين ۾ پوکيل هڪ ننڍڙي ٿلهي ٿڙ آڏو پنهنجو پهريون ڪاڌو آڇيندي ڏٺو“. پر هنن مثالن مان ڪنهن ۾ بہ لازمي طور اهو ڏيکارڻ لاءِ ڪابہ اهڙي شيءِ ڪانهي تہ اهو هنڌ جتي اهو ڏندو کوڙيو ويو لاش کي پورڻ جو هنڌ نہ هيو، جڏهن تہ ٻئي مثال ۾ اهو ممڪن آهي، ڇو تہ جهڳن واريون قبرون آفريڪا ۾ تمام گهٽيون عام آهن. مان رڳو هڪ وڌيڪ مثال، ان متعلق ۽ ان کي واضع ڪندڙ اهميت ڪري پيش ڪندس. سوسائيٽي ٻيٽن ۾ اڻ گهڙيل ڪاٺين کي مقامي ڪپڙا پارايا ويندا آهن (مونيگن جي بت وانگر) ۽ مٿن تيل مليو ويندو آهي، هڪ ديوتا جي رهڻ جي هنڌ طور انهن آڏو پوڄا ۽ قرباني پيش ڪئي ويندي آهي.

سامي قومن ۾ جيڪي يهوديت ۽ عيسائيت سان سندن وراثتي تعلق ڪري اسان لاءِ هميشہ دلچسپ رهيون آهن، ٽنين جي پوڄا عام طور ڪاٺ جي هڪ عجيب ڏندي جنهن کي ”يسيره“ سڏيو وڃي ٿو، جي پوڄا جو روپ اختيار ڪيو. هي يسيره (ashera) ڪهڙي قسم جي شيءِ هئي، اهو اسان بائيبل جي شريعت جو دور ڪتاب جي هن حڪمنامي مان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جتي ماڻهو پنهنجن مري ويلن جا لاش سانديي رکندا آهن،
اتي مورتيون گهڻي ڀاڱي نہ ايرنديون آهن پر جتي مري ويل جي خوف، لاش جي تدفين يا ان کي ساڙي ڇڏڻ جي رسم کي جنم ڏنو آهي، اتي اها ڳالهہ معقول لڳندي آهي تہ پيار جا احساس، جن سوچ جي پهرين منزل تي ممڪ آڏو تحفا ۽ پيار پيش ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو، بدليل حالتن ۾ ڪو نہ ڪو ساڳيو مادي اظهار ضرور هٿ ڪري وٺن. اسان خود هڪ فوٽو، هڪ تصوير، هڪ مري ويل ٻار جا رانديڪا سانديندا آهيون ۽ ڪين عزيز سمجهندا آهيون. اهڙي طرح وحشي ماڻهن ۾ ڪچا ڦڪا خاڪا ضروري ٿي پوندا آهن. اهي پنهنجن نظرن کان پري اصل لاش کي تہ سلامتيءَ سان پوري ڇڏيندا آهن پر ان جي نمائندگي ڪرڻ لاءِ هو ڪاٺ جو ڪو ڪچو نقل ناهيندا آهن. اهڙي طرح اهو معلوم ڪرڻ ۾ اسان کي حيراني نہ ٿي ٿئي تہ هڪ پاسي مارياڻہ ٻيٽن وارا باشندا پنهنجن مري ويل بزرگن جي سڪي ويل لاشن کي پنهنجن جهڳن ۾ گهريلو ديوتائن طور رکي ڇڏيندا آهن ۽ سندن کوپڙين مان ڪين رهنمائي ملڻ جي اميد رکندا آهن ۽ ٻئي پاسي نيوزيليند جا باشندا، ”مري ويل ماڻهن جا يادگار بوتا تدفين جي جڳهہ پرسان کڙا ڪري ڇڏيندا آهن، انهن سان پيار محبت سان ڳالهائيندا آهن، جڻ اهي اڃا تائين جيئرا هجن ۽ انهن مٿان ڪپڙا وجهندا آهن، جڏهن بہ اهي اتان گذرندا آهن“، جڏهن تہ اهي پڻ پنهنجن گهرن ۾ ڪاٺ جا ننڍا اڪريل خاڪا/مورتيون سانديي رکندا آهن، جن مان هر هڪ، سندن ڪنهن نہ ڪنهن بزرگ ڏانهن منسوب ٿيل هوندي آهي. ساموندي ڪناري وارا شيدي باشندا قبرن تي ڪئين مٿيءَ جون نهيل مورتيون رکي ڇڏيندا آهن. ڪي پيوئنس قبر جي پر جي وجڻ ڪانپوءِ هڪ بت جي چوڏاري گڏ ٿيندا آهن ۽ ان کي ڪاڏي جون شيون پيش ڪندا آهن. جاوا جا باشندا هڪ مورتيءَ کي مري ويل جا ڪپڙا پارائيندا آهن. ويسٽ انڊيز جي ڪيربس متعلق پڻ اسانکي خبر پوي ٿي تہ اهي ننڍڙيون مورتيون تراشيندا آهن، ان شڪل ۾ جنهن ۾ هو سمجهندا آهن تہ روح هنن آڏو ظاهر ٿيا هوندا آهن ۽ ڪن انساني تصويرن مٿان بزرگن جا نالا سندن ياد ۾ رکيل هوندا آهن. اهڙين ننڍڙين مورتين منجهان جيڪي ظاهر آهي تہ مري ويل جسم بدران استعمال ٿيڻ لڳيون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ۾ پوت قربانيءَ جي رت وڏي لالچ سان پيئڻ تا ۽ جميل رت جا نذرانا. يونان ۾ هيرن کي پيش ڪئي ويندڙ نذرانن جو هڪ خاص جز هوندا آهن اهو ته رت. مقدس پٿرن کي پيش ڪئي ويندي آهي. اسان اڳئي ڏسي آيا آهيون ۽ اسان ڏٺو سين ته اتي به جيئن هتي آهي. انکي ( يعني رت کي) بت جي وات کي ظاهر ڪندڙ حصن مٿان خاص طور تي ٿڦيو ويندو هو. ديوتائن کي خون جا نذرانا ڏيڻ يا قربانگاهن تي رت هارڻ ايترا عام آهن جو اهي اسانجي خاص توجهه نه ٿا ڇڪن ۽ اسان موضوع جي ان حصي ڏانهن وري واپس ايندا سين، جڏهن اسان قرباني ۽ عيسائين جي مذهبي رسم جي اهم سوالن تي غور ڪنداسون. مان هتي رڳو اهو چوندس ته ميمونائيڊس مطابق، سيبينس، رت کي ديوتائن جي خوراڪ سمجهندا هئا. جڏهن ته عبراني يهوه زبور 50 ۾ برهميءَ سان پڇي ٿو. ”ڇا مان ڏاندن جو گوشت کاوان يا ٻڪرين جو خون پيئان؟“

ڪاٺ جي ٿنين جي پوڄا جي وڌيڪ واضع مثالن ڏانهن هلندي جتي اسان ان ڳالهه تي مشڪل سان شڪ ڪري سگهون ٿا ته ڪاٺ جو هڪ ٿنيو هڪ مري ويل ماڻهوءَ کي ظاهر ڪندو آهي، ڪئپٽن ڪوڪ اهو ڏٺو ته سوسائٽي ٻيٽن ۾ ”لاشن کي پورڻ جي هنڌ تي ڪاٺ جا اڪريل خاڪا يا مورتيون محض يادگار نه سمجهيا ويندا هئا پر قيام گاهه سمجهيا ويندا هئا. جن ۾ مري ويلن جا روح آرام پذير هوندا هئا. انڪري ايلس، پولينيشين متعلق عام طور تي اهو مشاهدو ڪري ٿو ته مقدس شيون يا ته ڇڙو ٿڙ ۽ پٿر هوندا آهن يا ڪاٺ جون اڪريل مورتيون هونديون آهن، ڇهن ڪان اٺ فوٽ ڊگهيون ۽ اوترا انچ هيٺ. قديم اراڪينين وري هڪ مقبري مٿان هڪ سڌي ڪاني هٽي ڇڏي ٿي، جيڪا انساني چهرو ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪچي ڦڪي نموني اڪريل هئي.“ نيوزيلينڊ ۾ قبيلي جي سردار جي موت کان پوءِ 20 کان 40 فوٽ اوچيون ڪاٺ جون مورتيون بطور يادگارن جي ناهيون وينديون هيون.

ڊاڪٽر ڪادرنگٽن چئي ٿو ته ”ڪيترن ئي نيوزيلينڊ ۽ پولينيشن ديوتائن جا وڏا وات ۽ لڙڪندڙ زبانون، وات کي رت ۽ ٻين نذرانن سان رنگڻ جي عادت ڪري آهن“.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهوڙي جي چاڙين کي بيان ڪرڻ ڪانپوءِ يلمال تي موجود هڪ ٻي قربانيءَ جي جڳهه متعلق هيئن چوي ٿو، "هڏن جي ڍڳ وچ ۾ ڪاٺ جا چار ايا ٽڪرا بينل هئا. ٻه ٽڪرا هڪ ميٽر لمبا هئا، جن ۾ ڪانچا نڪتل هئا. باقي ٻه جيڪي واضع نموني قربانيءَ جي ان هنڌ جا صحيح بت هئا لڙهي آيل ڪاٺ جي پاڙن جا نهيل هئا. جن تي اکين ۽ وات ۽ نڪ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اڪر جو ڪم ٿيل هو. ڪاٺ جي ٽڪرن جا اهي حصا جيڪي اکين ۽ وات کي ظاهر ڪرڻ لاءِ مخصوص ڪيل هئا، تازو ئي رت سان رڱيا ويا هئا ۽ هڏن جي ڪوڙ وٽ اجا تائين تازي ماريل برفاني هرڻ جو اوجهه پيو هو."

حقيقت ۾ مونکي هڪ ٻئي ذريعي وٽان خبر پئي آهي، ته "سمويد ماڻهو، پنهنجن مري ويلن جي ڪاٺ جي مورتين کي ڪاڏو ڪارائيندا آهن." جڏهن ته ليڪڪ ارمان جو ذڪر مثال ساڳئي نتيجي جي تصديق ڪرڻ ۾ وڌيڪ مدد ڪري ٿو. هن ذهين ليکڪ مطابق اوپر سائيبيريا جي اوستياڪن ۾ هڪ تمام دلچسپ رسم ڏٺي وئي آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر ٽائلر چئي ٿو، "اسان مري ويل ماڻهوءَ جي مورتيءَ کان حقيقي بت تائين جي تبديلي ڏسون ٿا". جڏهن ڪو ماڻهو مري ويندو آهي، هو ان جي نيم زير زمين جهڳي ۾ ڪاٺ جي هڪ ڪچي مورتي ناهي ڇڏيندا آهن، جيڪا هر دعوت تي نذرانا وٺندي آهي ۽ انکي تعظيمون پيش ڪيون ويندون آهن. جڏهن ته ان جي بيوه لڳاتار ان مورتيءَ کي ڀاڪر پائي ويٺي هوندي آهي ۽ انکي پيار ڪندي رهندي آهي. بطور هڪ عام اصول جي هنن مورتين کي ٽن يا ان کان وڌيڪ سالن جي پڄاڻيءَ تي پوريو ويندو آهي پر ڊاڪٽر ٽائلر چئي ٿو. "ڪڏهن شمن (مقامي جادوگر) جي مورتي هميشه لاءِ ڪڙي ڪئي ويندي آهي ۽ اها هميشه بطور هڪ وليءَ جي اتي رهندي آهي". وليءَ لاءِ مان چوندس "ديوتا" ۽ اسان اها تبديلي هڪدم ڏسون ٿا. اهڙي سائيبيرين ڪانوڙي بتن تي مکيل رت جي سلسلي ۾ اهو ضرور ياد ڪرڻ گهرجي ته رت جا پيالا مري ويل کي پيش ڪيا ويندڙ عام نذرانا آهن ۽ ڊاڪٽر رابرٽسن سمٿ پاڻ. جيڪو هن معاملي ۾ هڪ همدرد شاهد نه آهي. يوتن کي پيش ڪئي ويندڙ رت جي نذرانن کي ديوتائن کي پيش ڪئي ويندڙ رت جي نذرانن سان ڀيٽيو آهي. مثال طور آڊيسي جي يارهين



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

معلوم ڪريون ٿا. ”توهان يهود جي قربانگاهه پرسان ڪنهن به قسم جي ڪاٺ جو يسيره نه کوڙجو“. هي منع نامو واضح طور تي ڪنهن ڪتيل پٿر يا تراشيل مورتيءَ خلاف منع نامي جي برابر آهي. پر سامين عام طور تي بطور هڪ اصول جي هڪ اڻ گهڙيل پٿر جي قربانگاهه تي پوڄيو ٿي، جنهن جي پرسان هڪ يسيره هڪ سائي وڻ هينان کڙي ڪيل هوندي آهي. انسانذات جي عظيم مقدس شين منجهان سموريون ٽئي شيون، هتي هڪ ئي وقت گڏ موجود آهن. ساڳيو ميلاپ هندستان ۾ ايڏو غيرعام نه آهي، جتي مقدس پٿر ۽ ڪاٺ جي مورتي اڪثر ڪري ساڳئي مقدس پپر جي وڻ جي ڇانو هينان بيٺا هوندا آهن. پروفيسر رابرٽسن سمٿ چئي ٿو، ”يسيره هڪ مقدس نشاني آهي، ديوتا جو هنڌ آهي ۽ جيئن جي هوفمين تجويز ڪيو آهي، شايد ان جي نالي جي معنيٰ ئي ديوتا جي موجودگيءَ جي نشانيءَ کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نه آهي“.

اهي ماڻهو جيڪي مونسان هن ڪتاب ۾ هيستائين گڏ هليا آهن، گهڻي قدر بهرحال اهو نتيجو ڪيندا ته ان (ٿنڀي) جو مطلب اصل ۾ اها جڳهه ظاهر ڪرڻ هو، جتي هڪ بزرگ دفن ٿيل هوندو آهي. وري پروفيسر سمٿ چئي ٿو، ”هر قربانگاه کي پنهنجي يسيره هوندي آهي، حتاڪ اهڙن قربانگاهن کي به جيڪي عبراني مذهب جي نبين کان اڳ وارن مقبول روپن ۾، يهيوه ڏانهن منسوب ڪيل هئا“.

مان قبر جي ٿنڀي مان پئدا ٿيل ٿورين يا گهڻين پري وارين شين مٿان وڌيڪ نه ڳالهائيندس، مان رڳو ايترو مختصراً چوندس ته منهنجي خيال ۾ سمورا ڪاٺ جا بت يا مورتيون، سڌي يا اڻ سڌي طرح قبر جي سيرانديءَ جي ڏنڊي يا اجا به وڌيڪ قديم قبر جي ڪنيي مان ورتل آهن. البت ائين ناهي ته مان اهو فرض ڪريان ٿو ته هر ڪاٺ جي مورتي لازمي طور ڪڏهن خود پاڻ هڪ قبر جو ياد ڳار رهي هوندي. فلورينس جي سان گيو واني ۾ ڊوناٽيلو جي مئگدلين، سڙڪ جي ڪناري جي نيري پڙ واري مقبري ۽ ستارن سان جهرمر ٿيل مئڊونا کي يقيناً اهڙو ڪو به فوري بڻ بنياد ڪونهي، پر مونکي اهو پورو يقين آهي ته ڪاٺ جي مورتين کي ناهڻ ۽ انهن جي پوڄا ڪرڻ جي عادت ان طريقي سان ڦٽي، جيڪو مان ڏسي آيو آهيان.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ستون

## مقدس وڻ

مقدس وڻ ديوتائن ۽ خدا جي نسبنامي جي سڌي رستي ۾ مقدس پٿر ۽ مقدس ٿنڀي جي مقابلي ۾ جن تي اسان هاڻي غور ويچار ڪري رهيا آهيون ايترو واضح نمونو نه بيٺل آهي. تنهن ڪري مان هن ڏکي ابتدائي تحقيقات ۾ جاڻي واڻي ان کي نظر انداز ڪري ويندس، جيڪڏهن مان ائين سلامتي سان ڪري سگهان ۽ اسرائيل جي خدا ۽ توحيد پرستيءَ جي عروج جي مخصوص غورويچار ڏانهن هڪدم وڌي سگهان. پر وڻ پوڄ به انساني پوڄا جي ٻن ٻين مکيه شين سان ايترو ته ويجهڙائپ سان ڳنڍيل آهي جو مان ان ڳالهه ۾ مشڪل ڏسان ٿو ته مان انکي ساڳئي تعلق ۾ هتي غورويچار هيٺ آڻڻ کان ڪيئن ٿو ٽاڻي سگهان، ڇوته خاص طور تي آخر ۾ صليب جي وڻ ۽ پڻ سچي انگور جي وڻ ۽ عيسائي عقيدي ۽ عيسائي تمثيل جي ڪيترن ئي ٻين جزن جي حوالي سان ان جا اهم اثرات آهن.

تنهنڪري اڳتي هلندي مان ان کي هڪ ننڍڙو باب ڏيان ٿو، اها تمهيد ڏيندي ته مان هن موضوع تي تمام گهٽي تفصيل سان اڳئي ڪيٽلس جي اتيس جي پنهنجي منظوم ترجمي سان ڳنڍيل ضميمي بحث "وڻ پوڄا جي بڻ بڻياد تي" ۾ بحث ڪري آيو آهيان.

مقدس وڻن جي پوڄا سڄي دنيا ۾ لڳ ڀڳ اوتري ئي وسيع نموني ڦهليل آهي جيتري مئلن جي، مميز جي، تبرڪن جي، قبرن جي ، مقدس پٿرن جي، مقدس ٿنڀن جي ۽ پٿر جي يا ڪاٺ جي بتن جي. وڻ پوڄا جي موضوع تي وڏيون اختياريون آهن من هاربٽس جو بام ڪلٽس ۽ مسٽر جي جي فريزر جو ڪتاب "گولڊن بو". هنن ٻنهي ڏاهن ۽ ذهين ليکڪن مان بهرحال ڪنهن به تدفين جي رسمن مان پوڄا جي سڄي بڻ بڻياد کي مڪمل طور تي نه ڏٺو آهي. تنهن ڪري اهو ضروري ٿي پيو آهي ته هتي وري ان ساڳئي بنياد جو اسان کي مليل مذهب جي بنياد جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لاش نظرئي ۽ روح نظرئي جي نقطہ نظر ڪان مختصراً جائزو ونجي.

مان هنن ليکڪن جي قيمتي نتيجن ۾ ڪجهہ واڌارو ڪرڻ جي اميد ڪندس ۽ پڻ اتفاقاً اهو ڏيکاريندس تہ پوچا جون سموريون شيون گڏجي يڪمشت نموني اسان کي مري ويل جي مذهب ڏانهن، سندن مشترڪ شروعاتي نقطي طور واپس وٺي وڃن ٿيون. هن سلسلي ۾ اسان کي مختلف ڏند ڪٿائن ۾ وڃڻ - روحن جي ورتاءَ جي چند مثالن کي (اسانجي پراڻي روايت جي برخلاف) سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ ۽ انهن جو جائزو وٺڻ کان شروعات ڪرڻ گهرجي. ورجل ٽين اينيڊ ۾ اسان کي ٻڌائي ٿو تہ ڪيئن هڪ خاص موقعي تي ائينياس هڪ قبر جي دڙي تي قرباني ڪري رهيو هو، جيڪو ڏاگ ووڊ ۽ ميندي‌ءَ جي ٻوٽي جي ٻوڙن سان ڍڪيل هو. هن انهن مان ڪن کي پاڙون پٽڻ جي ڪوشش ڪئي تہ جيئن قربانگاه کي پنن وارين شاخن سان ڍڪي ڇڏي جيڪا ان وقت جي روايت هئي. هن جيئن ائين ڪيو تہ پهرين جهاڙي جيڪا هن پٽي پنهنجي اندران رت جا ڦڙا ڪيندي هن کي حيران ڪري ڇڏيو، جيڪا هيٺ زمين تي وهڻ لڳي ۽ ان مٽان ڪري. هن وري ائين ڪيو پر وري بہ ان ٻوٽي انساني رت ڪڍيو، ٽئين ڀيري ائين ڪرڻ سان قبر مان هڪ ڪراهڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو ۽ ان آواز ائينياس کي اها پڪ ڏني تہ جنهن هٽ گاڏي‌ءَ تي هو بيٺو آهي، ان سندس قتل تي ويل دوست پولي ڊورس جي باقيات کي ڍڪيو ٿي. هاڻي هن مثالي ۽ تمام گهڻي وضاحت ڪندڙ ڏندڪا ۾ جيڪا بيشڪ هڪ قديم ۽ جڳ مشهور ڪهاڻي آهي جنهن کي ورجل طرفان پنهنجي عظيم شاعري‌ءَ ۾ داخل ڪيو ويو آهي، اسان ڏسون ٿا تہ وڻ جيڪو هڪ قبر مٿان ڦٽي پيو ٿو، خود ان مري ويل ماڻهوءَ جي روح جو نمائندو ۽ مجسم سمجهيو وڃي ٿو. بلڪل ساڳئي نموني جيئن ٻئي هنڌ ان نانگ کي جيڪو اينچائسس جي مقبري تي ريڙهيون پائي ٿو، ان هيري جو با جسم روح سمجهيو ويندو آهي ۽ جيئن چٻرن ۽ چمڙن کي جيڪي قبرن وارن غارن ۾ بسيرو ڪندا آهن، دنيا جي سمورن حصن ۾ مري ويلن جا روح سمجهيو ويندو آهي. رت وهائيندڙ يا ڳالهائيندڙ وڻن يا ٻوٽن جون ساڳيون ڪهاڻيون، ٻئي هنڌ بہ وافر مقدار ۾ موجود آهن. آبري پنهنجي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب "رمينس آف جينٽيلسمي" ۾ چئي ٿو: "جڏهن شاه بلوط جو وڻ ڪيرايو ويندو آهي، اهو هڪ قسم جون چيخون ۽ رڙيون ڪندو آهي. جنهن کي هڪ ميل پري کان ٻڌي سگهبو آهي. جڻ ڪ اهو ان شاه بلوط جو ذهن هجي جيڪو آه و زاري ڪندو هجي. اي وائلڊ اهي رڙيون ڪيترا دفعا ٻڌيون آهن". بستيان چئي ٿو: "ڪي هندستاني هڪ خاص ٻوٽي کي وڍڻ جي جرئت نه ڪندا آهن. جو ته ان مان ڳاڙهو رس نڪرندو آهي، جنهن کي هو ان جو رت سمجهندا آهن". جڏهن مان ڪئناڊا ۾ هڪ ننڍڙو چوڪر هيس، مونکي پاڻ اهو ٻڌندي ياد اچي ٿو ته جتي به جهنگ ۾ عام آمريڪي بلڊ روٽ ٻوٽو ڦٽو تي اتي ڪڏهن هڪ ريڊ اندين پوريو ويل هوندو آهي ۽ جڏهن ان ٻوٽي مان گل پٽڻ تي ان جي شاخن مان رس جا ڳاڙها قطرا وهڻ لڳندا آهن. ته ان کي مري ويل ماڻهوءَ جي رت سمجهيو ويندو آهي.

مسٽر ٽرنر چئي ٿو، "سموئا ۾ فجي جي بادشاه ٽئيفتي جو خاص رهڻ جو هنڌ وڏن ۽ پائيدار افزيليا وڻن جو هڪ جهڳٽو هو. ڪنهن کي به ان عمارتي ڪاٺ کي ڪٽڻ جي جرئت نه هئي. پيولو ڪان آيل هڪ پارٽيءَ طرفان هڪ دفعي اهڙي جرئت ڪرڻ جي ڪهاڻي ٻڌائي ويندي آهي. جنهن جو نتيجو اهو نڪتو ته ان وڻ مان رت اڙهو ۽ مقدس شين جي بي حرمتي ڪندڙ اهي سمورا اجنبي ماڻهو بيمار ٿي پيا ۽ مري ويا". مينهارٽ چئي ٿو، "1855 تائين ٽائرول ۾ نئوڊرس وٽ هڪ مقدس مخروطي وڻ لارچ هوندو هو، جنهن لاءِ سمجهيو ويندو هو ته جڏهن به انکي ڪٽيو ويندو هو ته اهو رت روئيندو هو". اهو درست آهي ته هنن مثالن مان ڪن ۾ اسان واقعي به اهو نه ٿا ڄاڻون ته وڻ، ڦيرن جي دڙن تي ڦٽا پر هي نڪتو پولي ڊورس جي ڊاگ ووڊ وڻ متعلق خاص طور تي ڏنو ويو آهي ۽ غالباً سموئن مثال ۾ لاڳو ڪيو ويو آهي، جيئن مان ان لقب مان اندازو لڳايان ٿو، جيڪو ان روح کي بطور فجيءَ جي بادشاه جي ڏنو ويو آهي.

ٻين مثالن ۾ بهرحال اهڙي ڪنهن شڪ جو وجود نه ٿو رهي. اسانکي تڪڙ ۾ ٻڌايو وڃي ٿو ته اهي مري ويلن جا روح هوندا آهن، جن لاءِ سمجهيو ويندو آهي ته ڳالهائيندڙ يا رت وهائيندڙ وڻن ۾ واسو ڪري ويا آهن. مسٽر فريزر چئي ٿو، "ڏکڻ آسٽريليا جو ڊييري قبيلو ڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽن کي تمام گهڻو مقدس سمجهندو آهي. جن کي سنڌن بدليل ابا ڏاڏا فرض ڪيو ويندو آهي، ان ڪري هو انهن وٽن کي ڪونه ڪپيندا آهن ۽ نون آباد ڪارن طرفان انهن وٽن کي ڪٽڻ تي احتجاج ڪندا آهن“. هاڻي ڪيئن وڻ ۽ روح يا بزرگ وچ ۾ هي تعلق وڌيو آهي؟ مان تصور ڪريان ٿو ته اهو گهڻي قدر ساڳئي طريقي ۾ وڌيو آهي، جيئن مقدس پٿر يا مقدس ڪنيي ۽ مري ويل سردار وچ ۾ تعلق وڌيو آهي، جيڪو ان جي هينان پوريو پيو هوندو آهي. قبر مٿان جيڪا به شيءِ ڦٽي تي يا ڪڙي تي بيهي ٿي، اها به يقيني طور تي انهن عزتن جي حقدار بڻجي ويندي آهي، جيڪي ان قبر ۾ رهندڙ روح کي پيش ڪيون وينديون آهن، اهڙي نموني ئي جڏهن هڪ نانگ يا ڪنهن ٻئي جانور کي هڪ قبر مان ٻاهر نڪرندي ڏٺو ويندو آهي ته فوراً وحشي ماڻهن ۾ حتاڪه اڌ مهذب ماڻهن طرفان به انکي ان قبر ۾ پيل مئل ماڻهوءَ جو روح يا نمائندو سمجهيو ويندو آهي. پر ڇا وڻ قبرن مان ڦٽندا آهن؟ بيشڪ ها. پهريان ائين ته اهي محض اتفاق سان ڦٽي سگهن ٿا، جيئن اهي ٻئي ڪنهن هنڌ به ڦٽي سگهن ٿا، وڌيڪ قبر واري هنڌ تي ان ڪري به ڦٽي سگهندا آهن ته اتي مٽيءَ کي کيڙيو ۽ ڇوريو پوريو ويو هوندو آهي. ٻيو اهو ته هن ڳالهه مان مٿي سڄي دنيا ۾ مائٽن يا قبيلي جي ماڻهن جي قبرن مٿان وڻ يا ٻوٽا پوکڻ هڪ عام ڳالهه هوندي آهي. جيتوڻيڪ هن نڪتي جي سڌي شاهدي ملڻ ڏکي آهي پر ٿورڙي سڌي شاهدي ملي ٿي. الجيريا ۾ مون اهو ڏٺو ته عرب عورتون جمعي جي ڏينهن پنهنجن ويجهن عزيزن جي قبرن تي گل ۽ ٻوٽا پوکڻ وينديون هيون. مون مسٽر آر ايل اسٽيونسن کان اهو معلوم ڪيو ته سموئا ۽ فجي ۾ پڻ ساڳئي نموني قبرن تي وڻ پوکيا ويندا آهن. تهيتين قبيلي وارا قبرن تي ننڍا ٻوٽا رکندا آهن، رومن ڪئٿولڪ ملڪن ۾ قبرستانن ۾ ٻوٽن کي پوکڻ جو عمل اڪثر گورڊيس مارٽس جي رسم تي ڪيو ويندو آهي، هڪ اهڙي رسم جيڪا ان عمل لاءِ هڪ قديميت جي دعويٰ ڪري ٿي، ڇو ته جيتوڻيڪ ائين ظاهر ڪرڻ ڪئٿولڪ درميان هڪ عزت جي ڳالهه هوندي آهي ته هيءَ رسم نسبتن تازي بڻ بڻياد واري آهي. جيڪا يقيناً هڪ مخصوص پادريءَ طرفان هڪ مخصوص وقت تي شروع ڪئي وئي، پر ان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻين هنڌن تي موجود ساڳين رسمن سان پيٽ اسانکي ڏيکاري ٿي ته اها حقيقت ۾ قبر پوڄا جي هڪ تمام ئي قديم روپ جي هڪ زنده نشاني آهي. يوناني- رومن آثار قديمه ۾ اها ڳالهه يقيني آهي ته وڻن کي مري ويلن جي قبرن جي چوڌاري پوکيو ويندو هو ۽ اهو ته پنن واريون شاخون تدفين جي مجيل رسمن جو حصو هيون. هن سلسلي ۾ هڪ دفعو وري مان پولي ڊورس جو حوالو ڏيندس. سکٽونيس وري اسانکي ٻڌائي ٿو ته ڪيئن نه مقدس آگسٽس جي قبر تي خيال سان وڻ پوکيا ويا. ڪونٽر ڏيندڙ وڻ مصر جي سپ ڪان وڌيڪ مقدس وڻن مان هڪ هو ۽ مصري يادگار پنهنجي عام رواجي صاف دليءَ سان اسانکي هڪ پٿر جو تابوت ڏيکارن ٿا، جنهن مان اڪيشيا جو ٻوٽو هن باراڻي متي سان ٻاهر نڪري ٿو: ”اوسيرس ٻاهر ڦٽي ٿو“. تازي چين، جاپان جنگ دوران هڪ واقعو ٿيو جيڪو ڏيکاري ٿو ته ڪيئن نه هن قسم جا نڪتا، رواجي تفصيلن ۾ تڪڙن ليکڪن کان آسانيءَ سان نظر انداز ٿي سگهن ٿا. لنڊن جي هڪ باتصوير اخبار، پورٽ آرٿروٽ مري ويل جپانين جي تدفين جو احوال ڇپيو ۽ هر قبر تي ڪٺي ڪيل عام سيرانديءَ جي پٿر جو ذڪر ڪري ڇڏڻ ڪان پوءِ، اهو لکيو ته ٻي ڪنهن به شيءِ قبر جي هنڌ جي نشاندهي نه ٿي ڪئي. پر ان جي برعڪس ان خبر سان گڏ ڇپيل قبر جي لکت جيڪا ان قبر جي فوٽوءَ تان ورتل هئي، اهو ڏيکاريو ٿي ته هر ننڍڙي قبر تي هڪ ننڍڙو وڻ پڻ لڳايو ويو هو. مسٽر وليم سمپسن کان مونکي خبر پئي ته پيڪن پرسان بادشاهن جا مقبرا پري کان ئي سنڌن صنوبر جي وڻن جي بلند جهڳٽن ڪري سڃاڻڻ ۾ ايندا آهن.

مان سمجهان ٿو ته سدا بهار وڻ قبرن يا قبرن جي دڙن تي خاص طور تي پوکيا ويندا آهن، ڇاڪاڻ ته اهي پنهنجي ساوڪ سڄي سياري دوران برقرار رکندا آهن ۽ اهڙي طرح اهي پنهنجي اندر وسندڙ روح جي تازگي ۽ سرگرميءَ جو جڻ لڳاتار ثبوت ڏئي رهيا هوندا آهن. پنهنجي ڪتاب ”گولڊن بو“ ۾ مسٽر فريزر اهو ڏيکاري چڪو آهي ته ڪرسمس سجاوٽ لاءِ استعمال ٿيندڙ سدابهار وڻ جو خاص تقدس ان حقيقت ڪري آهي ته اهو وڻ جي روح کي پنهنجي اندر صحيح سلامت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکندو آهي، جڏهن تہ ان کي وکوڙيندڙ شاخون سکل ۽ زندگيءَ کان خالي بيٺيون هونديون آهن. مثال طور ڏاکڻي انگلينڊ ۾ سموريون گول قبرون تمام قديم اسڪاچ صنوبر جي وڻن سان ڍڪيل آهن ۽ جيئن تہ اسڪاچ صنوبر توبڊ جي ڏکڻ ۾ اتان جو مقامي وڻ نہ آهي. اها ڳالهہ خاص طور تي يقيني آهي تہ هي پراڻا صنوبر جا وڻ انهن پراڻن صنوبر ن جا پونيئر آهن، جن کي انساني هٿن قبل از تاريخ جي سردارن جي ساڙيل ۽ پوريل لاشن مٿان ڪڙي ڪيل قبرن تي پهريون دفعو پوکيو هو.

مختصر هي تہ اسڪاچ صنوبر انگلينڊ ۾ قبرن جو مقدس وڻ آهي. اترئين يورپ ۾ بهرحال، بطور هڪ اصول جي، يو (هڪ سدابهار بوٽو) اهو وڻ آهي، جنهن کي خاص طور تي قبرستانن ۾ پوکيو ويندو آهي ۽ اهڙن ڪئين سدابهار بوٽن کي انگلينڊ ۽ جرمنيءَ جي مختلف حصن ۾ هڪ مخصوص تقدس مليل آهي.

ڊورڪنگ پرسان نوربري باغ ۾ موجود تمام قديم يو سدابهار وڻن جو وڏو سلسلو "ڊروڊس جهڳٽي" جي نالي سان سڃاتو ويندڙ تمام گهڻي وقت کان، تمام قديميت وارو هڪ مقدس جهنگل ليکيو پئي ويو آهي. ڏاکڻي يورپ ۾ سدابهار وڻ، سرو، يو وڻ کي بطور سدابهار وڻ جي هٿائي ٿو، جيڪو مقبرن ۽ قبرستانن سان گهڻي ڀاڱي ڳنڍيل هوندو آهي. پرووينس ۽ اٽليءَ ۾ بهرحال هولمي شاه بلوط قبرستانن جو لڳ ڀڳ ساڳئي نموني رسمي مستقل باشندو آهي. مسٽر لجارڊ پنهنجي قابل مضمون "سر لي کلي ڊوسائپس" ۾ يونانين، ايٽرسڪانين، رومين، فنيشين، عربن، پرشين، هندن، چينين ۽ آمريڪي قومن ۾ سدابهار وڻن جي هن پوڄا جي گهڻن ثبوتن کي ڪٺو ڪري پيش ڪيو آهي.

مقدس وڻن جو خاص ڪري جڏهن اهي اڪيلا بيٺا هوندا آهن، ڪيترن لحاظن کان انهن ساڳين تقريبن سان آڌرياءِ ڪيو ويندو آهي، جيڪي لاشن، مميز، قبرن، مقدس پٿرن، مقدس ڪنين ۽ اڪريل بتن يا مجسمن لاءِ بہ استعمال ڪيون وينديون آهن. بين لفظن ۾ روح يا ديوتا کي پيش ڪيل نذرانا، ان وڻ کي بہ پيش ڪري سگهبا آهن، جيڪو قبر تي ڦٽندو آهي، بلڪل ائين جيئن واسو ڪندڙ روح جي نمائندگي ڪندڙ ڪنهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٻي مجيل شيءِ کي پيش ڪيا ويندا آهن. ان کان علاوه مقدس وڻ بيشڪ ٻين بزرگاڻي يادگارن، مقدس پٿر ۽ بت سان وڏ ۾ وڏ ممڪن ويجهي تعلق ۾ لڏا ويا آهن. سر وليم هنٽر چئي ٿو، ”هڪ بنگالي ڳوٺ کي عام طور تي پنهنجو هڪ مقامي ديوتا هوندو آهي، جنهن کي هو هڪ اڻ گهڙيل پٿر يا هڪ ٿڙ يا ڳاڙهي شيهي سان رڱيل هڪ وڻ جي روپ ۾ پوڄيندا آهن“. آخري روپ شايد انسان يا جانور شڪارن جي رت جو نعم البدل هو، جنهن سان انکي ڪڏهن رڱيو ويندو هو، ڪڏهن هڪ وڻ هينان رکيل مٽيءَ جو هڪ گولڙو هڪ ديوتا جو فرض نڀائيندو هو ۽ ان جي سارسنڀال ڪندڙ پروهت جو، جڏهن اهڙو ڪو پروهت هوندو آهي. عام طور تي نيم هندو گهٽ ذاتين مان ڪنهن هڪ سان تعلق هوندو آهي. اڻ گهڙيل پٿر اڻ آريائي پوڄمان يا معبود (وحشي ماڻهن طرفان پوڄا ڪئي ويندڙ هڪ غير جاندار شيءِ) کي ظاهر ڪندو آهي ۽ لڳي ٿو ته وڻ پنهنجو تقدس ان اڻ آريائي عقيدي مان حاصل ڪري ٿو ته ”اهو روحن يا ديوتائن جو آماجگاه ٿيندو آهي“. چوڻ جو مطلب اهو آهي ته اسان کي بزرگ پوڄا پنهنجي ڪليل اوائلي مقامي اوسر ۾ هتي ملي ٿي.

مقدس وڻ جو اصلي بتن يا مري ويل بزرگن جي مورتين سان تعلق هينئين تڪري ۾ سني نموني ڏسي سگهجي ٿو جنهن جو مان ڊاڪٽر ٽائلر طرفان حوالو ڏيان ٿو: ”سائيبيريا جي هڪ سرد صحرا تي صنوبر وڻن جو هڪ جهڳٽو، هڪ ٻيلي جي ڪنڌ ۾ ننڍن وڻن جو سلسلو، ترانين قبيلي جو حرم هوندو آهي. گرم اوني ڪوٽن ۾ خوش لباس بت، هر بت ڪپڙي يا ٽين سان ويڙهيل پنهنجي عظيم وڻ هينان رکيل، هتي هتي وڻن ۾ هرڻن ۽ ٻين جانورن جون ٽنگيل کلون، ڪٽليون، چمچا، سڱ ۽ گهريلو استعمال جون ٻيون شيون، ديوتائن کي بطور نذرانن جي آڇيون ويندڙ اهو هڪ سائيبرين ننڍن وڻن جي پاڪ جهڳٽي جو تفصيل آهي، اهڙي ڏاڪي تي.جڏهن ذاري تهذيب ان جي ڪچين ڦڪين پراڻين رسمن کي ترڪ ڪري ڇڏڻ تي زور پريندي، ان سان لاڳاپو شروع ڪيو. هنن قبيلن سان نسلي طور ڳنڍيل هڪ نسل جيڪو جيتوٽيڪ اعليٰ ثقافت تائين ترقي ڪري ويل هو، اترئين يورپ ۾ وڻ پوڄا جون نمايان نشانيون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برقرار رکيون. اسيٽونين ضلعن ۾ هاٽوکي صديءَ ۾ هڪ مسافر هڪ گهر پرسان هڪ ڏکيل هنڌ ۾ اڪثر ڪري هڪ مقدس وڻ جيڪو عام طور هڪ قديم ليمي جو وڻ، شاه بلوط يا ايش وڻ هوندو آهي، اڻ چهيل بينل ڏسي سگهندو آهي ۽ پراڻيون يادگيريون زماني ڏانهن منتقل ڪيون وينديون آهن، جڏهن اِن وڻ جي پاڙن وٽ هڪ ڪنل جانور جو پهريون خون چڙڪيو ويندو آهي ته جيئن مال ۾ خوشحالي اچي يا جڏهن هڪ دل جهڙن پنن واري پاڪ وڻ هينان پٿر تي هڪ نذرانو رکيو ويندو آهي، جتي پوڄاري پنهنجن اگهاڙن گوڏن ڀر جهڪي اوير ڪان اولهه ۽ اولهه کان اوير ڦرندي جنهن پٿر کي چمندو آهي، اتي چوندو آهي ته "هي ڪاڏو نذراني طور قبول ڪر".

اڳوات ڏنل ثبوت ڪانپوءِ مان نه تو سمجهان ته ان ڳالهه ۾ ڪوبه معقول شڪ تي سگهي ٿو ته وڻ ۽ پٿر جو اتحاد جيڪو هتي اسان کي ملي ٿو، هڪ بزرگاڻي روح کي قرباني هوندو آهي.

ڪن مثالن ۾ اهو ذڪر ڪيو ويو آهي ته مقدس وڻن جي ٿڙن کي ڪڏهن ڪڏهن ڪپڙن سان ڍڪيو ويندو آهي، جيئن اسان مقدس پٿرن، مقدس ڪنين، بتن ۽ تبرڪات جي سلسلي ۾ ڏسي چڪا آهيون. هن رسم جو هڪ وڏيڪ مثال قديم پروشين طرفان پوڄي ويندڙ روموويءِ جي پاڪ شاه بلوط جي وڻ جي احوال ۾ ڏنل آهي، جنهن تي يسيره جيان ڪپڙا لڙڪايا ويندا آهن ۽ ڪيس ديوتائن جي ننڍڙين لڙڪندڙ مورتين سان سجايو ويو هوندو آهي. آئرلينڊ جا پاڪ وڻ اڄا تائين ڪپڙن جي ٽڪرن جي نذرانن سان ڍڪيل آهن. ٻيا مثال هاڻي ڪانپوءِ ايندڙ سلسلن ۾ ڏنا ويندا.

هڪ دفعو ٻيهر جهڙي نموني پٿرن کي بزرگن طور سمجهيو وڃڻ لڳو، بلڪل ساڳئي طريقي سان مقدس وڻن کي به ائين سمجهيو وڃڻ لڳو. اهڙي طرح گالٽن، ڏکڻ آفريڪا ۾ چئي ٿو، "اسان هڪ شاندار وڻ وٽان گذريا سي، اهو سموري ڊمارس جو ابو هو، وحشي ماڻهو ان جي چوڌاري وڏي خوشيءَ سان نچيا ٿي". ڪئين هندستاني قبيلا پنهنجو پاڻ کي وڻن جا پٽ سمجهندا آهن. ڪيترائي ٻيا مثال مسٽر هربرٽ اسپينسر ۽ ڊاڪٽر ٽائلر طرفان ڏنا ويا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان نٿو سمجهان تہ هتي انهن جو ورجاءِ اسان جي دليل لاءِ ضروري آهي. مونکي اميد آهي تہ هن ٽڪري خلاصي مان اهو صاف نظر ايندو تہ مقدس وڻن جي پوڄا متعلق سموريون حقيقتون، قبرن، مميز، بتن، مقدس پٿرن، مقدس کنين ۽ وچڙي ويل روحن جي بين نشانين جي پوڄا متعلق حقيقتن سان بلڪل برابر بيٺيون آهن. بي شڪ اسان کي اهڙي وابستگيءَ جو ڪڏهن سڌو سنئون ثبوت بہ هوندو آهي. اهڙي طرح مسٽر ٽرنر سوائي جي بيٺ ۾ هڪ خاص هنڌ تي موجود هڪ مقدس وڻ جي باري ۾ چئي ٿو، جنهن پناهہ جي شهرن جيان يا هڪ قرون وسطيٰ جي چرچ جيان، هڪ حرم جا حق ماڻيا ٿي،”اهو چيو ٿو وڃي تہ پيپولو جي هڪ جتي جو بادشاہ جنهنکي اتوتا سڏيو ويندو آهي، ان جڳهہ تي ڪنهن سمي رهندو هو. هن جي مرڻ کانپوءِ اهو گهر ڊهي ويو پر ان وڻ کي. قائم دائم رکيو ويو، بطور ان وچڙي ويل بادشاہ جي نمائندي جي ۽ هن جي ياد جي تعظيم ۾ ان کي هڪ زنده ۽ شاهاڻي محافظ جو نعم البدل بڻايو ويندو آهي“. هن راءِ جي روشنيءَ ۾ اسان مسٽر ٽرنر جي بين اهڙن بيانن جي ساڳئي مفهوم ۾ يقيناً تشريح ڪري سگهون ٿا، مثلاً جيئن هي بيان تہ ”هڪ بئي هنڌ تي هڪ مني خوشبو ڪيندڙ وڻ کي هڪ گهريلو ديوتا جو گهر سمجهيو ويندو هو ۽ ڪابہ خوشبودار شيءِ ان خاندان کي هٿ لڳندي هئي تہ اها ان وڻ کي نذراني طور پيش ڪئي ويندي هئي“. يا وري هي بيان ”خاندان جي ديوتا کي هڪ بئي وڻ ۾ رهندڙ فرض ڪيو ويندو هو ۽ لحاظہ ان وڻ مان هڪ پن پٽڻ يا هڪ ٽاري چنڻ جي ڪنهن بہ جرئت نہ ٿي ڪئي“. جيئن اسان هڪ پوئين باب ۾ ڏسي آيا آهيون تہ خانداني ديوتا حقيقت ۾ خانداني روح هوندا آهن، جن کي ديوتائن ۾ ترقي ڏني وئي هوندي آهي.

مقدس وڻن جي جديد احوالن ۾، ان حقيقت مٿان عموماً وڏيڪ زور ڀريو ويندو آهي تہ اهي وڏا ۽ سٺي نموني وڌيل، اڪثر ڪري تمام گهڻو نمايان هجن ۽ اهڙي اوچائيءَ تي موجود هجن جتي اهي نشانين طور ڪم اچن. انڪري اهو اڪثر ڪري فرض ڪيو ويندو آهي تہ انهن کي سندن قد بت ۽ اوچي بيهڪ جي ڪري پوڄا لاءِ منتخب ڪيو ويو هوندو آهي. بهرحال مان سمجهان ٿو تہ هي ڳاڙهيءَ کي گهوڙي اڳيان ٻڌڻ جي مثال



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وانگر آهي، اهو ائين آهي، جڻ ڪو ماڻهو ائين چوندو هجي ته سينٽ پيٽر ۽ ويسٽ منسٽر ايبي، ڪرناڪ جي مندر يا حضرت عمر جي مسجد، پنهنجو تقدس سندن وڏين ايراضين ڪري حاصل ڪيو آهي. ان ڳالهه جو هر سبب موجود آهي ته ڇو هڪ مقدس وڻ غير معمولي طور تي وڏو ۽ نمايان طور وڌڻ گهرجي.

قبرن جا دڙا اڪثر ڪري تورين يا گهٽين بلند اوچائين تي اڏيا ويندا آهن، جتي اهي عام توجهه ڇڪي سگهندا آهن. زمين تي محنت ڪري ان ڪي مٿي ڪڙو ڪيو ويندو آهي، انڪي جهاڙين ڪان صاف ڪيو ويندو آهي ۽ رت ۽ ٻين نذرانن سان ان ڪي شاهوڪار ڪيو ويندو آهي. مقدس هئڻ ڪري وڻ سان پيار ڪيو ويندو آهي، ۽ ان جو خيال رکيو ويندو آهي. ان ڪي ڪڏهن به ڪٽيو نه ويندو آهي ۽ تنهنڪري قدرتي طور اڪثر مثالن ۾ اهو وڏي وڏو ۽ سٺي نموني اوسر ڪيل وڻ تي ويندو آهي. انڪري مان سمجهان ٿو ته وڻ عام طور تي وڏو هوندو آهي ڇاڪاڻ ته اهو مقدس هوندو آهي، نه ڪ اهو مقدس ان ڪري هوندو آهي ته اهو وڏو هوندو آهي. ٻئي پاسي جتي تدفين جي هڪ جڳهه لاءِ هڪ اڳوات ٺئي مڪمل طور تي وڏيل وڻ جي چونڊ ڪئي ويندي آهي، اتي هڪ وڏي ۽ نمايان وڻ ڪي چونڊڻ بي شڪ هڪ فطري ڳالهه هوندي آهي. اهڙي نموني مان ان وڻ بابت پڙهان ٿو، جنهن هينان ڊاڪٽر لونگ استون جي دل، سندس مقامي نوڪر طرفان پوري وئي هئي، ”اهو پسگردائيءَ ۾ وڏي ۾ وڏو وڻ آهي“.

هن سوال کي ڪشادي نموني ڏسبو ته معاملو هن طرح سان بيهندو. اسان ڄاڻون ٿا ته ڪيترن ئي مثالن ۾ وحشي ماڻهو پنهنجن مري ويلن کي وڏن وڻن جي ڇانو هيٺ پوريندا آهن. اسان کي خبر آهي ته اهڙن وڻن کي بعد ۾ مقدس سمجهيو وڃڻ لڳندو آهي ۽ انهن جي رت، پٿرن ۽ نذرانن سان پوڄا ڪئي ويندي آهي. اسان کي خبر آهي ته ننڍڙا ٻوٽا يا وڻ سمورن ملڪن ۾ اڪثر ڪري قبرن تي پوکيا ويندا آهن. اسان ڄاڻون ٿا ته هڪ قبر تي يا ان منجهان جيڪو ڪجهه ٻاهر ڦٽي نڪرندو آهي، ان کي ان قبر ۾ پوريل روح جو نمائندو سمجهيو ويندو آهي. تنهن ڪري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مفروضو ڪنهن بہ خاص مقدس وڻ جي قبر واري بڻ بڻياد جي حق ۾ آهي ۽ ان جي ابتڙ ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ جي ذميواري ان ماڻهوءَ مٿان آهي، جيڪو ڪجهہ وڌيڪ ڳجهي ۽ گهٽ ڪليل وضاحت پيش ڪري ٿو.

ساڳئي وقت هتي مان اها ڳالهہ مڃڻ لاءِ بہ بلڪل تيار آهيان، جيئن ان کان اڳين مثالن ۾ مڃيندو رهيو آهيان، تہ جڏهن ڪجهہ وڻن جي مقدس هجڻ جو خيال ماڻهن ۾ عام ٿي چڪو هوندو آهي، پوءِ ڪيترائي وڻ خالص تعلق ڪري، پنهنجو الڳ تقدس ماڻڻ شروع ڪندا آهن. بي شڪ هيءَ حالت هندستان ۾ پيپل جي وڻ سان ۽ ٻين مختلف ملڪن ۾ ٻين مختلف وڻن سان آهي. بلڪل ساڳي ڳالهہ پٿرن سان ٿي آهي. جيتوڻيڪ مان مڃان ٿو تہ مندر يا پوڄا گهر، مقبري يا ان جي پوشن منجهان ڦٽي نڪتل آهي، ان ڪري مان ان ڳالهہ کان انڪار نہ ٿو ڪريان تہ چرچ هاڻي مقبرن کان الڳ طور تي تعمير ڪيا وڃن ٿا، جيتوڻيڪ انهن کي هميشہ هڪ خدا جي عبادت ڏانهن منسوب ڪيو ويو هوندو آهي، جيڪو واضع طور تي هڪ مخصوص ديوتا بڻايل شخصيت هوندو آهي.

ٻيو نڪتو جنهن جو مونکي ضرور مختصراً ذڪر ڪرڻ گهرجي، مقدس وڻن جي جهڳٽي جو آهي. اهي اڪثر ڪري اهي وڻ هوندا آهن جن کي مقدس منع ڪيل مقام تي پوکيو ويو هوندو آهي جيڪو هڪ قديم مقبري يا مندر جي چوڌاري موجود هوندو آهي. قبا يا مسلمان اوليائن جا ننڍڙا گنبذ نما روضا جيڪي اتر آفريڪا ۾ ايڏا عام آهن، سڀ اهڙي ٻا ديوار جهنگلي سان وڪوڙيل آهن، جن ۾ سجاوٽي يا ٻين وڻن کي پوکيو ويو هوندو آهي. ٻيا مثال وادي دجلہ و فرات جي ڄاتل سڃاتل مقدس وڻن جا آهن، جنهن تي اينڊڙ باب ۾ وڌيڪ ڳالهايو ويندو. بليده ۾ بوئس سئڪري اهڙن مقدس وڻن جو هڪ چڱو خاصو جهڳٽو آهي، جنهن جي وچ تي هڪ قبو موجود آهي. مصري ۽ يوناني مندر جي چوڌاري هڪ ساڳيو مقدس وڻن جو جهڳٽو موجود هوندو آهي. مان ان تي زور نہ ٿو ڀريان تہ اهي هميشہ لازمي طور تي اصلي مقبرا هئا پر اهي بهرحال خالي قبرون ضرور هيا.

جڏهن ماڻهو هڪ دفعو ان خيال جا عادي ٿي ويا تہ ڪجهہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عربستان ۾ رڪارڊ تي موجود وڻ ۾ وڌ نمايان مثال.

نيجران جي مقدس کجيءَ جي وڻ جو آهي. ان جي هڪ سالياني جشن ۾ پوڄا ڪئي ويندي هئي. جڏهن ان تي "غمدا ڪپڙا ۽ عورتن جا ڳهه لڙڪايا ويندا هئا." مڪي شريف ۾ پڻ هڪ ساڳيو وڻ موجود آهي. جتي ماڻهو هرسال ويندا آهن ۽ ان تي هٿيار، ڪپڙا، شترمرغ جا آنا ۽ ٻيا نذرانا ٽنگي ايندا آهن. نڪلا ۾ هڪ مقدس کنور جي وڻ لاءِ اهو فرض ڪيو ويندو هو تہ ان ۾ هڪ ديوي رهي ٿي. جديد عرب اهڙن مقدس وڻن تي اجا تائين گوشت جا ٽڪرا ٽنگي ايندا آهن، ڪين قربانيون ڏيندا آهن ۽ سوٽي ڪپڙن جا ننڍا ٽڪرا ۽ رنگين مٽيا ڏيندا آهن. فنيشين ۽ ڪنعانين لاءِ ڦيلوبيبليس چئي ٿو تہ وڻن کي انهن قديم زمانن ۾ ديوتائن طور عزت ڏني ويندي هئي ۽ ڪين شراب جا نذرانا ۽ قربانيون آڇيون ويندڙيون هيون. ڊاڪٽر رابرٽسن سمٿ ڪيترائي مثال ڏئي ٿو. عيسائيت، شام ۾ مقدس وڻن لاءِ موجود تعظيم کي ختم نہ ڪري سگهي آهي، جتي بيماريءَ وقت اجا تائين انهن جي پوڄا ڪئي وڃي ٿي ۽ انهن مٿان ڪپڙن جا ٽڪرا لٽڪايا وڃن ٿا. فلسطين جا مسلمان پڻ تمام اوائلي قديميت وارن مقدس وڻن جي عزت ڪندا آهن.

يهودي صحيفن ۾ وڻ پوڄا لڳاتار ظاهر ٿيندي رهي ٿي ۽ پروفيسر رابرٽسن سمٿ ان کي ڪلئي نموني منهن ڏنو آهي، جيڪو عقيدن جي هن مجموعي سان ٻرندڙ ٻوٽي ۾ يهود جي قصي کي ڳنڍڻ کان انڪار نہ ٿو ڪري. اوائلي يهودي عقيدي جا مقامي قربانگاهہ اڪثر "ساون وڻن هينان" قائم ڪيا ويندا هئا. هن موضوع تي مان پڙهندڙ کي ڊاڪٽر سمٿ جي پنهنجي دلچسپ مقالي ڏانهن رجوع ڪرائيندس، جيڪو هن پنهنجي ڪتاب "دِي رليجن آف سيمائيٽس" جي صفحي 193 تي ڏنو آهي.

جيستائين ساوڪ ۽ خاص طور تي ڪاڏي جي ٻوٽن جهڙوڪ اَن ۽ ڪارڪن جي عمومي مقدس پٽي جو تعلق آهي، مان هن اهم موضوع کي تيستائين ملتوي ڪيان ٿو، جيستائين اسان ڪاشتڪاريءَ جي ديوتائن ۽ انهن تصورن جي عجيب مجموعي ڪي، جن آهستي آهستي مذهبي عقيدي رسم طور ديوتائن کي ڪائڻ ڏانهن نيو، غور هيٺ آڻڻ لاءِ نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تا پهچون. هڪ اهڙي موضوع ۾. جيڪو ايترو وسيع ۽ ايترو گهرو آهي جيترو انساني مذهب هڪ وقت تي هڪ نڪتي کي کڻڻ ۽ ان جي مختلف حصن کي تجزياتي نويڪلائيءَ ۾ منهن ڏيڻ ضروري تي پوي ٿو. اسان هاڻي دنيا جي لڳ ڀڳ سمورين مک مقدس شين ـــــ لاش، مَمي، بُت، مقدس پٿر، مقدس کنيي، مقدس وڻ يا وڻن جي جهڳٽي، جو طبقن جي لحاظ کان معائنو ڪري چڪا آهيون: پر مقدس شين جو هڪ بيو ٽولو جيڪو تمام عام طور تي مڃيو وڃي ٿو، بہ آهي جنهن کي مان الڳ نموني چڪاس ڪرڻ جو نہ سوچيو آهي پر جنهن کي باب جي آخر ۾ ڪجھ الفاظ ارپيا ويندا. منهنجو مطلب آهي مقدس ڪُوھ. پهرين نظر ۾ ائين لڳي سگهي ٿو تہ جڻ انهن کي موت يا تدفين سان ڪوبہ ممڪن رشتو نہ آهي پر ائين چوڻ عجيب آهي تہ اهڙي توقع فريبي آهي. ڪوهن کي پڻ تدفيني شين جي وسيع حلقي ۾ آڻڻ جوبہ ڪو سبب لڳي ٿو مثال طور ايڪري وٽ ڳَئونءَ جي ڪوھ جي زيارت عيسائين، يهودين ۽ مسلمان زيارتين طرفان ڪئي ويندي آهي: ان ڪري اهو عظيم قديم تقدس جي هڪ شيءِ آهي: پر هن نڪتي جو مشاهدو ڪيو: ان جي پرسان هڪ مقدس مقبرو آهي، ”شايد قديم يادگار جو جديد نمائندو.“ هر مصري مندر کي ساڳئي انداز ۾ پنهنجي مقدس ندي هوندي آهي. جديد شام ۾، ”ولين جي قبر پرسان هميشہ حوض ڏٺا ويا آهن ۽ سمجهيو ويندو آهي تہ انهن ۾ ڪا هڪ پري وسندي آهي. هڪ بار لاءِ اهو سمجهيو ويندو آهي تہ اهو هڪ پرين طرفان بدلايل بار هوندو آهي ۽ انکي هيٺ تلاءَ ۾ ضرور لاهڻ گهرجي.“

انگلينڊ ۽ آئرلينڊ ۾ پاڪ ڪوهن بابت عقيدي جي هڪجهڙائي ۽ انهن جو هڪ وليءَ جي نالي سان عام تعلق، ائين لڳندو تہ انهن لاءِ هڪ ساڳيو بڻ بڻياد تجويز ڪندو. مقدس نديون عام طور تي مقدس چشمن مان ڦٽنديون آهن، جن جي پرسان هڪ مندر بيٺل هوندو آهي. ادونس ندي، اڦيڪا جي روضي وٽان شروع ٿئي ٿي ۽ ادونس جي قبر، جنهن لاءِ هاڻي ڪانپوءِ گهٽو ڪجھ چيو ويندو، ان مقدس وهڪري جي منهن وٽ بيٺل آهي، جيڪو هن جي رت سان ريٽو ٿيل هوندو آهي. مقدس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ندي بيلس کي پڻ پنهنجو مخصوص يادگار يا ادونس مقبرو هوندو آهي. پر مونکي اهو ضرور اضافو ڪرڻ کپي تہ مقدس ندين کي ساڳئي نموني پنهنجا ساليانا ديوتائي شڪار هوندا آهن، جن جي باري ۾ اسان کي پنهنجي جاچ پڙتال جي بعد جي منزل تي گهٽو ڪجهہ چوڻو آهي ۽ جن ڪان غالباً جزوي طور انهن پنهنجو تقدس حاصل ڪيو آهي. پوءِ بہ انهن جو مقدس پڻو جزوي طور ۽ اصل ۾ انهن مقبرن ڪري هو جيڪي انهن جي منهن وٽ موجود هئا، هيءَ ڳالهہ مان سمجهان ٿو ڪنهن بہ معقول شڪ جي اجازت نہ ٿي ڏئي.

مقدس ڪوهہ ۽ مقدس پٿر جي برابري هن حقيقت ذريعي ڏيکاريل آهي تہ جڏهن تہ هڪ عورت کي، جنهن جي پاڪيزگيءَ تي شڪ ڪيو ويندو آهي، پنهنجي معصوميت ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ مقدس چشمي مان پاڻي پيئڻو پوندو آهي، مڪي ۾ ڪعبي تي هن کي ستر قسم کڻڻا پوندا آهن. وري مقدس ڪوهن ۽ چشمن کي قربانين جي بلڪل ساڳين عملن سان پوڄيو ويندو هو ۽ پوڄيو ويندو آهي، جن سان پوتن ۽ مورتين کي پوڄيو ويندو آهي. اڦاڪا وٽ، زيارتي مقدس تلاءَ ۾ سون ۽ چانديءَ جا جواهر ۽ ڪپڙي جا چار بين قيمتي شين سان گڏ اڇلائيندا آهن. وٽن جو هڪ مقدس جهڳٽو مقدس چشمي سان ڳنڍيل هڪ شيءِ هوندو آهي. يونان ۾، بوٽيچر مطابق، اهي ورلي هڪٻئي کان جدا هوندا هئا. مقدس تيريبنٿ جي ساليانې ميلي تي يا مامري وٽ ابراهيم جي وڻ ۽ ڪوهہ تي، غيراهلِ ڪتاب سياحن وڻ جي پرسان قربانيون پيش ڪيون ۽ ڪوهہ ۾ شراب جا نذرانا ڪيڪن، سڪن، لوبان جهڙي ڪئونر ۽ خوشبودار دونهين سان اڇلايا.

هنن سيني کي اسان بزرگاڻين قبرن جي ڪنين کي آچيل اوستياڪ ماڻهن جي نذرانن سان پيتي سگهون ٿا. ڪروا جي مقدس پاڻين وٽ، ماني، ميوو ۽ بيا ڪاڌا، چشمي جي پرسان رکيا ويندا آهن. مڪي ۾ ۽ شامي صحرا ۾ استيجين چشمي وٽ ساڳيا تحفا مقدس پاڻيءَ ۾ اڇلايا ويندا آهن. هنن مثالن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ۾ اسان کي خبر آهي تہ مقدس ڪوهہ، هڪ اصلي تدفين سان لاڳاپيل هو: چاڪاڻ تہ اڦاڪا ـــ شام جي پاڪ ترين مقبري تي مقامي بعال يا ديوتا جو مقبرو، مقدس چشمي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پرسان ڏيڪاريل آهي.

ڊاڪٽر رابرٽسن سمٿ هن حقيقت مٿان تبصرو ڪندي عجيب انداز ۾ چئي ٿو، ”هڪ دفن ڪيل ديوتا هڪ اهڙو ديوتا هوندو آهي جيڪو زمين جي اندر رهندو آهي.“ ائين چوڻ وڌيڪ سچو ۽ وڌيڪ فلسفياڻ ٿيندو تہ اهو ديوتا جيڪو زمين جي هينان رهندو آهي، هڪ دفن ٿيل ماڻهو هوندو آهي. مان ڪارنش ۽ آئرش ڪوهہ جي روحن ڪي پيش ڪئي ويندڙ نذرانن کي ياد ڪرڻ جي ضرورت نہ ٿو سمجهان، جيڪي هاڻي گهڻي حد تائين ميخن ۽ سُين ۾ سُسي چڪا آهن.

مجموعي طور تي جيتوڻيڪ مقدس چشمن ۽ ندين جي مڪمل پيدائش کي هٿرادو ديوتا گهڙڻ جي عمل، هڪ اهڙو موضوع جنهنکي مان اسانجي تشريح جي بعد جي حصي لاءِ مخصوص ڪيان ٿو، کي پهريان کان ڏيان ۾ رکڻ ڪانسواءِ سمجهڻ ناممڪن آهي. مان نہ ٿو سمجهان تہ اسان اهو فرض ڪندي ايڏو گهڻو غلط ويندا سي تہ مقدس ڪوهہ اڪثر ڪري مقدس وڻ، مقدس پٿر يا قربانگاهہ ۽ مقدس مقبري سان گڏ وجود رکي ٿو ۽ اهو تہ اهو پنهنجو تقدس آخر ۾ نيٺ، گهٽ ۾ گهٽ اصلي طور پنهنجي پَر ۾ پوريل هڪ مقدس لاش ڪري ماڻي ٿو: جيتوڻيڪ مونکي ان ڳالهہ ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي تہ هي تقدس ڪيترن مثالن ۾ هڪ نئين شڪار ديوتا جي ساليانِي قربانيءَ سان زنده رکيو ويندو آهي، جيڪو اهڙي قسم جو هوندو آهي جنهن جي پيدائش هاڻي ڪانپوءِ اسان کي روڪي ڇڏيندي. اهڙي طرح، آخري چنڊڇاڻ ۾ اسان ڏسون ٿا تہ دنيا جون سموريون مقدس شيون يا تہ خود مري ويل ماڻهو آهن، جيئن لاش، ممي، پوت يا ديوتا يا وري مقبرو جتي اهڙا ماڻهو پوريل هوندا آهن يا وري مَندر، روضو يا جڳهہ جيڪا قبر کي ڍڪيندي آهي يا وري قبر مٿان بيٺل ۽ پوت جي نمائندگي ڪندڙ قبر جو پٿر، قربانگاهہ، مورتي يا بُت هوندو آهي يا وري اهو ڪنيو، مجسمو يا گهريلو ديوتا هوندو آهي، جنهن کي انهن جي نائب طور تشڪيل ڪيو ويندو آهي يا وري اهو وڻ هوندو آهي، جيڪو قبر جي دڙي مٿان ڦٽندو آهي يا وري اهو ڪوهہ، تلاءُ يا چشمو ـــــ فطري يا مصنوعي هوندو آهي، جنهن جي پَر ۾ مري ويل ماڻهو دفنايو ويو هوندو آهي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب انون

# مصر جا خدا / ديوتا

اسان ديوتائن جي ماهيت ۽ بڻ بڻياد جو پنهنجو ابتدائي جائزو بحيثيت مجموعي، هاڻي مڪمل ڪري چڪا آهيون. اسان ڏسي چڪا آهيون تہ ڪيئن ماڻهن پهريان هنن طاقتور ۽ نظر نہ ايندڙ هستين جي معروضي وجود ۾ ايمان رکڻ شروع ڪيو، ڪيئن هنن انهن ڪي پرجلال صفتن سان نوازڻ سکيو ۽ ڪهڙي نموني هنن انهن جي مميز يا گول مول پٿرن، پٽر يا ڪاٺ جي بتن، وڻن يا ٽنين، ڪوهن، ندين ۽ چشمن جي مختلف روپن هيٺ پوڄا ڪرڻ شروع ڪئي. ٿورن لفظن ۾ هي تہ اسان مختصر نموني گهڻ خدا پرستي يا شرڪ (Polytheism) جي بڻ بڻياد تي پهچي چڪا آهيون. اسان ڪي هاڻي پنهنجي بئي سوال ڏانهن هلڻ گهرجي تہ ڪيئن انسان گهڻن خدائن ۾ ايمان رکڻ کان هڪ واحد خدا، سمورين شين جي خالق ۽ رکوالي ۾ ايمان رکڻ ڏانهن ترقي ڪئي؟ اسانجو مقصد هاڻي توحيد پرستيءَ (Monotheism) جو بڻ بڻياد ڳولڻ آهي. پر توحيد پرستي، پاڻ ڪي مڪمل طور تي عبرانين جي، عظيم خدا تي بيهاري ٿي. تنهنڪري هاڻي اسانکي ان ڪي مخاطب ٿيڻ گهرجي. ڇا هو بہ، جيئن مان اڳ ۾ ان جو اشارو ڏنو آهي، هڪ مقدس پٽر ۾، ڪنهن قبل از تاريخ جي قبائلي سردار جي يادگار ۽ نمائندي ۾ ورهائجڻ لائق آهي؟ ڇا اسان عيسائيت جي ديوتا جو بڻ بڻياد ٿلاش ڪري سگهون ٿا، جيستائين اسان نيٺ هنڪي اوائلي زماني جي هڪ وسري ويل سامي روح ۾ ڏسون ٿا.

مڪ عبراني ديوتا- يهوه، جڏهن اسان سندس ماڻهن طرفان هن جي قديم پوڄا جي هڪ هلڪي جهلڪ پسون ٿا، هو مقابلو ڪندڙ ڪيترن ئي ديوتائن منجهان هڪ ديوتا هو، جن مان اڪثر ڪي، ائين ڏسڻ ۾ ايندو تہ سندن پوڄارين طرفان پٽر يا ڪاٺ جي ٿنين جي نظر ايندڙ روپ ۾ تبديل ڪيو ويو هو ۽ انهن ڪي شام جي ڏکڻ، اولهہ پهاڙي علائقي ۾ سندن مائٽ قبيلن جي هڪ ننڍڙي مجموعي طرفان پوڄيو ويندو هو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

متحده ملڪن جنهن ۾ هو رهيو ٿي. پنهنجو پاڻ کي بني اسرائيل طور ڄاتو ٿي. انهن يهود کي پنهنجو مک ديوتا سمجهيو ٿي. جيئن يونانين زيوس کي سمجهيو ٿي يا اوائلي ٽيوٽن پنهنجي قومي هيرو- ووڊن کي سمجهيو ٿي. پر انهن ۾ موجود هڪ عالمگير روايت ان حقيقت جي شاهد هئي ته اهي ڪڏهن مصر- قيد جي گهر. ۾ هڪ غلام حالت ۾ رهيا هئا. هي روايتي عقيدو ايترو ته پڪو پختو ۽ يقيني هو جو اسان مشڪل سان انکي سواءِ سچ جو هڪ پيغام رکندڙ جي. ٻيو ڪجهه سمجهي ٿي نه ٿا سگهون ۽ نه رڳو ڪيونن ۽ هاٽوڪي ڏور جا ٻيا سامي عالم ان کي اصلي قرار ڏين ٿا پر مصري ماهر پڻ مجموعي طور تي ان جي چڱي چوکي سچي هجڻ ۽ نقوش مقدس ادب سان مڪمل طور تي سهمت هجڻ کي مڃن ٿا. مصر ۾ هي عارضي قيام سامي اجنبين مٿان ڪجهه نه ڪجهه اثر ڇڏڻ ۾ ناڪام نه پيو ٿي سگهي، تنهنڪري مان عبراني خدا بابت پنهنجي تلاش مصري يادگارن کان شروع ڪندس. اهو مڃيندي ته هو (عبراني خدا) لازمي طور تي سمورن اعتبارن کان سچو سامي طرز جو هڪ ديوتا هو، مان سمجهان ٿو ته ٿورڙو اڱوات انهن ماڻهن بابت معلوم ڪرڻ اسان لاءِ پلو ٿيندو جن درميان هن جا معتقد ايترو ڊگهو عرصو رهيا، خاص طور تي ان ڪري ته مصري عقيدن جي تاريخ شايد اسان کي هڪ عظيم قومي مذهب جي واڌ ۽ اوسر جو سڀ کان سنو تاريخي مثال پيش ڪري ٿي. ”

مصر جي خدائن جي ارتقا ۾ بي شڪ انساني ذهن جي تاريخ سان هڪ عجيب دلچسپي جڙيل آهي. دنيا ۾ ٻيو ڪٿي به اسان مذهبي خيالن جي تمام سادي ۾ سادي شروعاتن کان تصوف ۽ فلسفياڻي مذهبيت جي تمام اعليٰ سطحن تائين جي اهڙي لڳاتار اوسر نه ٿا ڳولي سگهون. اهو سچ آهي ته وحشي مذهب به آهن، جيڪي هن عمل جون اوائلي ترين منزلون اسان کي صاف نموني ڏيکارن ٿا، جنهن ۾ سادو سودو بزرگاڻو روح غير محسوسانه انداز ۾ هڪ مافوق الفطري ديوتا جي هڪ وڏيڪ طاقتور روپ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو: ڪيترائي اعليٰ قسم جا مهذب عقيدا موجود آهن جيڪي اسان کي وڌيڪ اعليٰ، ڪائنات جي هڪ واحد عظيم حاڪم جي حتمي تصور کي ان جي ارتقا ڪيل روپ ۾ ڏيکارن ٿا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اسان وٽ اهڙو ٻيو ڪوبہ جاتل مذهبي سرشتو ڪونهي، جنهن ۾ اسان کي هڪ ئي وقفي ڪانسواءِ سڄي ارتقائي تحريڪ ايترو آسانيءَ سان ملي سگهي. جنهن مطابق اوائلي خيال ڏيري ڏيري پوءِ جي خيالن ۾ ڦهلجي ۽ آسماني ٿي ويا. ٻين عظيم تاريخي مذهبن جو بڻ بڻياد، افساني جي ڏنڌلي ڪوهيڙي ۾ اسانجي اکين کان اوجهل ٿي وڃي ٿو. سمورن مهذب ملڪن مان ڇڙو مصر ۾ ئي اسان جو رڪارڊ پوئتي پراڻهين زماني تائين وڃي ٿو، جڏهن مذهبي تصور اجا عام جهنگلي سطح تي هو ۽ ان کي اسان لاڳيتو اڳتي ڪٿي اچون ٿا. تمام اڳتي وڌيل سطح تائين، جتي اهو پنهنجي امتزاجي تحريڪ ۾ نج وحدانيت جي آخري منزل حاصل ڪري ٿو. ارتقائي نقطہ نظر کان ڏٺو وڃي تہ پوءِ ان حقيقت کان وڌيڪ چٽي ٻي ڪا ڳالهہ نٿي ٿي سگهي تہ اوائلي مصري مذهب پاڻ کي مڪمل طور تي ٻن مک بنيادن- بزرگ پوڄا ۽ خانداني نشانن جي پوڄا (ٽوٽم ازم) تي بيهاري ٿو.

مان هنن مان پهرين کان شروعات ڪندس، جنهن لاءِ سموري مماثلت اسان کي سيڪاري ٿي تہ ان کي سڀ کان اوائلي سمجهڻ گهرجي ۽ لامتنهائي طور تي سڀ کان وڌيڪ اهم ۽ مان ان ۾ اهو واڌارو ڪري سگهان ٿو تہ اهي رڳو مصري ثبوت ذريعي پرکينديءَ، پڻ ٻئي جزا آهن جيڪي نيل واديءَ جي سمورن مذهبي تصورن جو بنياد آهن ۽ ساڳئي نموني اهو جزو، جيئن اسان هاڻي کان پوءِ ڏسنداسين قومي ديوتائن مان وڏ ۾ وڏ اهم ديوتائن جن ۾ اوسيرس، تاهہ، کيم ۽ امين (Amen) ۽ شايد انهن جون جوڙيوال ديويون، بہ شامل آهن. لاءِ سڌو سنئون ذميوار آهي.

حقيقت ۾ ڏرتيءَ تي، شايد چيني مذهب کان سواءِ ڪوبہ اهڙو ٻيو عظيم نسلي مذهب ڪونهي، جنهن ۾ مري ويل ماڻهوءَ جي بنيادي اهميت فوري طور تي ايتري واضع آهي جيتري فرعوني مصر جي قديم مذهب ۾ آهي.

مصري مذهب پاڻ کي مقبري مٿان بيهاري ٿو. ان حقيقت ۾ شڪ ڪرڻ نا ممڪن ٿي پوي ٿو، جڏهن ماڻهو برپٽ جي ڪچين جي وٽن جي نالي ماتر ڇانو هيٺ سڄ جي اس ۾ وهتل وڏن مٽيءَ جي ڪوڙن درميان بيٺل هجي، جيڪي ٽيبيز ۽ ممفيز جي ڳلين کي ظاهر ڪندا هجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نيل جي سمورن يادگارن تي پوڄا جي سڀ کان وڌيڪ عام شيءِ ڪنهن بہ شڪ کان سواءِ ممي آهي. ڪڏهن اها هڪ برزگ يا هر قبائليءَ جي نجي ممي آهي. ڪڏهن اهي تمام پراڻي قديميت واريون عظيم ديوتائي مميون آهن، جن کي پوءِ جي زماني جي امتزاجي تصوف ۾ سورج ديوتا ۽ ٻين مجازي ديوتائن سان ضم ڪيو ويو آهي، پر فنون لطيفہ جي سمورن زمانن ۾- ٿيبيز وٽ ٽڪرا ٽيل ريميزيم تي يا اڃا تائين ڊينڊ راهہ جي اڻ هليل ٿاليمڪ ٿنين تي، آخر ۾ نيٺ انهن هميشہ واضع ۽ ڪلي نموني مميز جي ئي نمائندگي ڪئي آهي. جيڪڏهن ڪڏهن ڪٿي اهڙو ملڪ هو، جتي مئلن جي پوڄا پنهنجي انتها تي پهچائي وئي هئي، تہ اهو ملڪ نمايان طور تي ۽ فيصلائتي نموني مصر هو.

مسٽر لوفتي چئي ٿو، "پراڻي ۾ پراڻا مجسما هڪ مري ويل بزرگ يا مائٽ جي قبر تي پوڄا جي عملن کانسواءِ پوڄا يا قربانيءَ جا ڪي بہ عمل نہ ٿا ڏيکارن". هيءَ ڳالهہ مڪمل طور تي ان ڳالهہ سان سهمت آهي جيڪا اسان ڪنهن ٻئي هنڌ مذهب جي آغاز متعلق ڄاڻون ٿا ۽ ان زبردست اهميت سان پڻ سهمت آهي جيڪا هميشہ مصري تاريخ جي سموري طويل عرصي دوران مميءَ کي محفوظ ڪري رکڻ سان جڙيل آهي. هڪ مصري ماڻهوپنهنجي اعليٰ تهذيب باوجود، مري ويلن متعلق هميشہ رسم رواج جي پهرين يعني لاش محفوظ ڪري رکڻ واري منزل تي ئي رهيو آهي. تنهن ڪري هن آڌو موت کانپوءِ زندگي، ڌرتيءَ تي موجود زندگيءَ کان تمام گهٽي اهم هئي، هن کي ان ڳالهہ جو ايڏو گهڻو احساس هو جو هو پنهنجي زندگيءَ دوران ان لاءِ اڻ کٽ تياريون ڪري ڇڏيندو هو ۽ خود پاڻ پنهنجي ابدي گهر طور هڪ مقبرو تعمير ڪري ڇڏيندو هو. قبر، رهڻ جي هڪ جڳهہ هوندي هئي، جتي مميءَ کي پنهنجي وجود جو ڪجھ حصو گذارڻو هوندو هو ۽ ويندي نجي ماڻهن جي مثال ۾ بہ (جيئن قاهره ۾ سقاراهہ وٽ توح جي مشهور رنگين قبر آهي، جنهن کي هر سياح پنهنجي سفر دوران ضرور ڏسندو آهي) ان کي تصويرن ۽ مجسمن سان شاندار نموني سجايو ويندو آهي. مقبرن سان ڳنڍيل مردي خاني جي ڪوٺڙين يا ملحقہ گرجا گهرن ۾ مري ويل جا مٽ مائٽ ۽ قبرستان جا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پادري، ڪن مقرر ڏهاڙن تي مري ويل جي شان ۾ ڪن تقريبات جو اهتمام ڪندا آهن. ۽ اندر موجود ممي ۽ کي خاص تحفا پيش ڪندا آهن. "نذرانن جون ميزون، جيڪي بي شڪ انهن ڪوٺڙين جي فرنيچر جو حصو هونديون آهن، ديوران تي ظاهر ڪيل هونديون آهن، جيڪي گوشت، ميوو، ماني ۽ شراب جي تحفن سان پريل هونديون آهن. جن کي اتي استعمال لاءِ حقيقت ۾ پيش ڪرڻو هوندو آهي". ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ هنن رسمن اوائلي مصر جي عملي مذهب جي مکيہ خاصيت جوڙي تي.

مصري مقبرو عام طور تي مصنوعي طور تي نقل ڪيل غار جي هڪ باقيات هو. ٻاهريون خانو، جنهن ۾ نذرانن پيش ڪرڻ جون تقريبات ڪيون ويندي ون آهن، قبر جي، پوري طرح تيار تي وجڻ ڪانپوءِ، مري ويل جي مائٽن جي رسائيءَ لاءِ رکو اهو ئي هڪ حصو هوندو آهي. پنهنجي پٿر جي تابوت ۾ لڪل ممي خود، هڪ گهٽيءَ جي پڇاڙيءَ تي جنهن ۾ مري ويل جا بوتا يا مجسما پيا هوندا آهن هڪ ڪڏ جي تري ۾ پئي هوندي آهي.

ايم. مہ سپيرو چئي ٿو، "هي بوتا لاتعداد انداز ۾ نهيل هوندا آهن، تہ جيئن جيڪڏهن ممي خود حادثاتي طور ختم تي وجي تہ پوءِ بہ ڪا (روح يا ان جو ٻهروپ) رهڻ جي هڪ محفوظ جڳهہ هٿ ڪري سگهي. سامونڊي ڪناري وارن شيدين طرفان قبر مٿان رکيل بيشمار ننڍڙيون مورتيون ان سان پيٺايو. اهو بهرحال مقبري جو ٻاهريون خانو هوندو آهي جيڪو ان ٽنيي کي پناهہ ڏيندو آهي، جنهن تي ڪتبو لکيل هوندو آهي ۽ جنهن ۾ قربان ڳاهہ يا نذراني جي ميز پڻ پيل هوندي آهي، ان قربان گاهہ مان نڪرندڙ دونهون، گهٽيءَ ۾ پيل مجسمن تائين ان کي الڳ ڪندڙ ديوار ۾ هڪ سوراخ معرفت پهچايو ويندو آهي. هيٺ، پرانهين ڪوهہ ۾ ممي بنفس نفيس پنهنجي ابدي رهائشي هنڌ ۾ آرام پذير هوندي آهي، ڪنهن بہ خلل يا بي حرمتيءَ جي ڪنهن بہ امڪان کان آزاد".

مسٽر رينوف چئي ٿو، "سڀ کان گهڻي اهميت مقبري جي دائميت، مذهبي تقريبن جي جاري رهڻ ۽ رستي کان گذرندڙن جي دعائن کي ڏني ويندي آهي". اجا اڳتي هڪ نهايت ئي عام فارمولا هوندو آهي،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو اهو بيان ڪندو آهي ته ان شخص جنهن ڪتبو ڪڙو ڪيو. ان ڪي پنهنجن ابن ڏاڏن جي يادگيريءَ طور ناهيو هوندو آهي. جيڪي زيرين دنيا ۾ هوندا آهن: هن اهو تعمير ڪري ڇڏيو، جنهن ڪي هن نا مڪمل ڏٺو ۽ جيڪو مرمت لائق نه هو، اهو نئون ورتو“.

بيني حسن وٽ هڪ عظيم مقبري تي اڪريل تحرير ۾، ان جو پايو وجهندڙ چئي ٿو، ”مون هي پنهنجي پيءُ جو نالو روشن ڪرڻ لاءِ ناهيو آهي، مون ملحقه پوڄا گهر، هن جي ڪَا (روح) لاءِ تعمير ڪيا آهن، مون مجسما پاڪ جڳهه تائين پهچائي ڇڏيا آهن ۽ انهن ۾ سندن نذرانا، نج تحفن جي صورت ۾ ورهائي ڇڏيا آهن. مون اتي هڪ پادري مقرر ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کي مون زمين ۽ تحفن جي صورت ۾ چندو ڏئي ڇڏيو آهي. مون هينين دنيا ۾ سمورين دعوتن (جيڪي پوءِ تفصيل سان ڳڻايل هونديون آهن) لاءِ قبر جي نذرانن جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي، جيڪڏهن ائين ٿئي جو پادري يا ٻيو ڪو ائين نه ڪري ته پوءِ هو زنده نه رهندو ۽ هن جو پٽ هن جي گاديءَ تي نه ويهندو“. هي سڀ پادرائپ جي ٻڌڻ ٻڌياد جي نقطي نگاهه کان تمام گهڻو معلومات وڌائيندڙ آهي. هنن اوائلي مذهبي نذرانن کي ڪيتري وقت تائين مان ڏيڻ جاري رهيو، مسٽر رينوف طرفان هڪ معلوماتي تڪري ۾ ڏيکاريو ويو آهي. بادشاهن، جن اوائلي سلطنت ۾ احرام تعمير ڪرايا، پنهنجن روحن يا مميز کي نذرانن پيش ڪرڻ جي وقتاً فوقتاً رسمن ملهائڻ جي مقصد سان اتي هڪ ديني پيشوائيءَ جي آفيس قائم ڪئي، لووري ۾ هڪ تختي ڏيکاري ٿي ته هڪ خاص ماڻهو جيڪو 26 شاهي گهراڻي جي دور ۾ رهندو هو، خوفو (Khufu) جو پادري هو، عظيم احرام تعمير ڪرائيندڙ جنهن پنهنجي وقت کان ٻه هزار سال پهرين اها آفيس وقف ڪري ڇڏي هئي. دراصل اسان وٽ هن جي ڪجهه پونيئرن جا مقبرا به آهن، جن خوفو جي موت کان فوراً پوءِ اها ساڳي آفيس والاري. ان ڪري گهٽ ۾ گهٽ هن مثال ۾ مري ويل بادشاهه جي پوڄا، ڪنهن نه رخني ڪانسواءِ ڪئين هزار سالن تائين جاري رهي.

ايم ميسپيرو چئي ٿو، ”جيڪڏهن نجي قبرن جي مثال ۾ اسان اهڙي پائدار پوڄا جو ڪو ثبوت نه ٿا ڳولي سگهون، ته اهو ان ڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي جو عام رواجي مقبرن ۾ تقريبات، خاص پادرين طرفان نه پر مري ويل شخص جي ٻارن يا پونيئرن طرفان ادا ڪيون وينديون هيون. اڪثر ڪري چند نسلن جي پڄاڻيءَ تي لاپرواهيءَ، هٿجي وڃڻ، تباهيءَ يا ان خاندان جي صفحه هستيءَ تان مٽجي وڃڻ ڪري، اهو عقيدو ختم ٿي ويو ۽ مري ويل جي ياد صفا ختم ٿي وئي“.

هن سبب ڪري، جيئن هر ٻئي هنڌ بزرگ ـ پوڄا ڪندڙن ۾ آهي، مصرين طرفان هڪ پٽ حاصل ڪرڻ کي زبردست اهميت ڏني ويندي هئي، جيڪو واجب خانداني رسمون ادا ڪري يا اها خاطري ڪري ته هن ڪان پوءِ اهي رسمون ٻين ماڻهن طرفان ادا ڪيون وينديون. هنن رسمن رواجن کي ادا ڪرڻ جي فرض تي سمورن قولن يا اخلاقي متنن ۾ ڀرپور نموني زور ڀريو ويو آهي، جڏهن ته ٻئي پاسي اها خواهش ته هڪ ماڻهوءَ کي ڪو پٽ نه هجي جيڪو هن لاءِ اهي رسمون ادا ڪري سگهي، سمورين اوائلي مصري بد دعائن مان وڏ ۾ وڏ پوائتي آهي. جيڪڏهن ويندي عام خلق کي به احتياط سان محفوظ ڪيو ويندو هو، جيڪڏهن ويندي درٻار يا مندر جا هيٺيان عملدار به قيمتي مقبرن ۾ نفاست سان رنگ ٽيل ۽ نهايت عمدگيءَ سان مجسما ٺٽيل، پيا هوندا هئا، ته پوءِ اها ڳالهه جلدي مڃي سگهجي ٿي ته طاقتور فتحون ماڻيندڙ شاهي گهراڻن جا عظيم بادشاه خود پنهنجين ممين لاءِ خاص آب و تاب واريون ۽ زبردست شان واريون ابدي رهائشگاهون ڪڙيون ڪندا ۽ هنن ائين ئي ڪيو. هيٺين مصر ۾ انهن جا مقبرا قبرن مٿان ڏڙا يا احرام آهن، مٿين مصر ۾ اهي مصنوعي غارون آهن. نيل نديءَ جي الهندي ۽ قاهره جي ڏکڻ ۾ اداس صحرائي ضلعو ڪيترن ميلن تائين ڦهليل لڳاتار ممقيز جو قبرستان آهي- مئلن جو هڪ وسيع ۽ مٽيءَ ۾ ملندڙ شهر، جنهن جا مک يادگار احرامن جو حيرت انگيز سلسلو ۽ ٽئين، چوٿين، پنجين ۽ ڇهين شاهي گهراڻي جي بادشاهن لاءِ قطار ۾ بيٺل بي ادبي ڪيل مقبرا آهن. اتي تمام وڏي سائيز جي پٿر جي ڏڙن- وڏيڪ احتياط سان تعمير ڪيل قبرن جي ڏڙن يا پٿرن جي دائرن هيٺان پراڻي سلطنت جا فرعون قبرن ۾ امن سان ستا پيا آهن، جن تي بعد جي زمانن جي تصور جي صوفياڻن ديوتائن يا مقدس جانورن جا ڪي به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نشان چٽيل نہ آهن. پر اجا بہ وڏيڪ اهم ۽ بي انتها وڏيڪ خوبصورت ٿيبيز جي بادشاهن جا پهاڙ ٽڪيل مقبرا آهن، جن جو واسطو ارڙهين، اڻويهين ۽ ويهين شاهي گهراڻي جي عظيم شهنشاهن سان آهي، جڏهن مذهب پنهنجي مڪمل عارفاڻي اوسر حاصل ڪري چڪو هو. انهن مقبرن جا عاليشان زير زمين هال وڏ ۾ وڏ سچي ۽ وڏ ۾ وڏ اصلي معنيٰ ۾ هڪ حقيقي مئلن جو شهر- مميز جو شهر ناهن ٿا، جتي هر بادشاه کي شاهاڻي شان جي هڪ ابدي محل ۾ رهڻو هو، جنهن کي مختلف رنگن جي تصويرن سان سجايو ويو هو ۽ جنهن کي سرڪاري آفيسرن جي ڪٽرين ئي حويلين سان پريو ويو هو، جن کي هن هينين دنيا ۾ بہ اجا بادشاهہ وٽ حاضري پرڻ لازمي هئي. ڪي ديواري تصويرون اهو بہ تجويز ڪرڻ لڳنديون تہ غلامن يا قيدين کي پنهنجي آقا کي سندس ابدي گهر ۾ خدمت ڪرڻ واسطي مقبري تي قربان ڪيو ويندو هو، جيئن هن جي درٻارين مدينت- هبو جي دنيوي محلن ۾ يا لگزور جي وراندن ۾ هن جي خدمت چاڪري ڪئي هئي.ڪنهن بہ قيمت تي ڪنهن غير جانبدار ماڻهوءَ لاءِ موجوده يادگارن جو معائنو ڪرڻ جيڪي نيل جي خاڪي صحرائي پهاڙن سان قطار ۾ بيٺل آهن، پنهنجي لاءِ اهو ڏسڻ ڪانسواءِ بلڪل ناممڪن آهي تہ ممي جتي ڪٿي پوڄا جي مرڪزي شيءِ آهي، تہ ماڻهن جو سمورو عملي مذهب قبر ڪان مُتي زندگيءَ جي تسلسل جي هن هر هنڌ ڦهليل احساس تي بيٺل هو ۽ بزرگن جي قبرن کي واجبي عزت ۽ قبرن جا نذرانا پيش ڪرڻ جي ضرورت تي بيٺل هو. مصر ۾ هر شيءِ هن واحد نتيجي ڏانهن اشارو ڪري ٿي، حتاڪ عظيم مقدس رسم، مئلن جو ڪتاب آهي ۽ خود ان لفظ جي جنهن ذريعي مري ويلن کي اڪثر بيان ڪيو ويندو آهي، معنيٰ آهي، ”جيئرو“ جيڪو ماڻهن جي ان پڪي عقيدي مان ڦٽل آهي تہ مري ويل حقيقت ۾ هڪ ابدي زندگيءَ جو مزو وني رهيا هوندا آهن. مورس جينوئا ويتي- مصري مذهبي متن جو مختصرتت آهي. موت سندن لاءِ هڪ عظيم ابتدا هئي، جنهن لاءِ هنن سيني تياري تي ڪئي ۽ مئل ماڻهو هنن جي وڏ ۾ وڏ محنتي عوامي ۽ ذاتي پوڄا جون حقيقي شيون هئا. ان کان علاوه خود مقبرن ۾ اسان مذهبي جذبي جي لاش- پوڄا کان ديوتا- پوڄا تائين جي ڏيري ڏيري اوسر ڏسي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهون ٿا. اهڙي طرح پراڻي سلطنت (پنجين شاهي گهراڻي) سان واسطو رکندڙ سڪاره جي مقبرن ۾ اهي سموريون موت کان پوءِ جي زندگيءَ جون تمثيلي چترڪاريون لڳ ڀڳ سڀيون غائب آهن. جيڪي بعد جي زماني جي تصوف سان لڳ آيون.

مئلن جي ڪتاب مان حوالا ٿورڙا مختصر آهن. عظيم ديوتائن ڏانهن ورلي ڪو اشارو ڪيل آهي. وري بيني- حسن (ٻارهين شاهي گهراڻي) جي مصنوعي غارن ۾ تصويرون اڪثر مري ويلن جي زندگيءَ جا منظر ظاهر ڪن ٿيون ۽ انهن مان عارفاڻيون نشانيون ۽ ديوتا اجا تائين غير حاضر آهن. سزا ۽ جزا جو متو اجا تائين نسبتاً التوا ۾ پيل هجي ٿو. اهو رڳو ٿيبيز ( ارڙهين شاهي گهراڻي) وٽ، بادشاهن جي مقبرن ۾ آهي جو مئلن جي ڪتاب جا سڄا باب، تفصيل سان نقل ٿيل آهن ۽ ديوارون "وڏن ۽ عجيب عجيب ديوتائن جي هڪ پوري فوج" سان نقشيل آهن.

اهو اعتراض ڪيو ويندو، "پر مصرين وٽ پنهنجن بزرگن کان الڳ به عظيم ديوتا هئا ـــ قومي، مقامي يا عام ديوتا، جن جا نالا ۽ صورتون اسان کي سمورن يادگارن تي چٽيل ملن ٿا". بلڪل سچ. اهو چوڻو آهي ته هنن وٽ اهڙا ديوتا به آهن. جن کي ديوتا بڻايل بزرگن ۾ فوري طور يا يقين سان نه ٿو پڇي سگهجي، اهڙا ديوتا جن جي طاقت ۽ سگهه آخر ڪار تمام گهٽي ڦهلجي وئي ۽ بعد جي زمانن ۾ اهي ايترو ته تبديل ٿي ويا جو سڃاڻڻ مهال ٿي پيا. پر پوءِ به اها ڳالهه پڪي آهي ته اسان هنن عظيم ديوتائن جو مختلف حڪمران خاندانن يا غالب شهرن جي ديوتا بڻايل بزرگن تائين پوئتي سراغ نه ٿا لڳائي سگهون ۽ هڪ يا ٻن وڏ ۾ وڏ اهم مثالن ۾ اهڙي هڪ بڻ بڻياد جون تجويزون تمام ٿورڙيون آهن، شروع ڪرڻ لاءِ مان هڪ مخصوص مثال ڏيان ٿو. مصري ديوتائن ۾ اوسيرس کان وڌيڪ اهم ۽ وڌيڪ عالمگير سطح تي ڦهليل ٻيو ڪوبه ديوتا ڪونهي. قومي مذهب جي بعد جي صورتن ۾ هن کي مري ويلن جي جج ۽ هيٺين دنيا جي بادشاهه ۾ ترقي ڏني وڃي ٿي. "اوسيرس طرفان انصاف ڪيو ويندو" يا جيئن بعد جا تشريح ڪندڙ چون ٿا. "هڪ عادل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اوسيرس“ هيءَ هر لاش جي دعا هوندي آهي. جيڪا هن جي ڪتبي تي لکيل هوندي آهي ۽ اوسيرس سان سڄاڻپ ڪي سمورن خوش ۽ وفادار مئلن لاءِ هڪ انعام طور ڏنو ويندو آهي. هاڻي اوسيرس، پنهنجين سمورين مورتين ۽ اندازن ۾ محض هڪ ممي آهي. هن جي ڪتاپڪ سان آخر ۾ بي انت انداز ۾ وڌي وئي ۽ اسس ۽ هورس سان هن جا تعلقات انهن سخت دشمن قصن جي اڻکٽ سلسلي جو مرڪز جوڙن ٿا، جيڪي فنون لطيفه ۽ ادب ۾ بار بار دهرايا پئي ويندا رهيا آهن. جيڪڏهن اسان يادگارن بدران ڏند ڪٿا کي پنهنجي رهنما طور ڪنيو ته پوءِ اسانکي هن کي ٻيا به ڪئين ٻڻ ٻٽياد ڏيٺا پوندا. هن کي اڪثر ٻين ديوتائن خاص ڪري امين (Amen) سان مشابهه ڪيو ويو آهي، ۽ نئين سلطنت جي يادگارن ۾ هن جي شخصيت کي ٻين کان ڌار ڪرڻ خاص طور تي ڏکيو آهي، جڏهن راع (Ra) سورج ديوتا، ٻين ڪيترن ئي ديوتائن سان سخت الجهيل انداز ۾ گڏ مڏ ٿي ويو، پر جيڪڏهن اسان هڪ تمام ئي قديم مذهب جون هي بعد جون پيچيدگيون نظر انداز ڪيون ۽ مصري تاريخ ۽ مذهب جي خصيص ترين ٻڻ ٻٽياد ڏانهن پوئتي موٽي وڃون ته مان سمجهان ٿو ته اسان اهو ڏسنداسون ته هي عارفاڻو ديوتا، جنهن کي اڪثر سج يا مري ويل جي گهر سان بي قابو تمثيل ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي، پنهنجين پهرين شروعاتن ۾ ان کان وڌيڪ يا گهٽ ٻيو ڪجهه به نه هو، جيڪو تصويرون ۽ مجسماهن کي ڏيکارن ٿيون، يعني هڪ تعظيم ڪيل ۽ پوڄا ڪيل ممي، ابيدوس جي ٿيسس جي ڪنهن شهر يا ننڍي ضلعي جو هڪ تمام ئي قديم سردار يا بادشاهه!

مان ان ڳالهه کان انڪار نه ٿو ڪيان ته اوسيرس بعد جي زمانن ۾ هن کان به گهڻو وڌيڪ ٿي ويو. نه ئي مان ان کان انڪار ٿو ڪيان ته هن جو نالو سمورن خوش ۽ متقي مئلن لاءِ هڪ نشانيءَ طور قبوليو ويندو هو. ان کان علاوه اسان اڳلي منزل تي اهو ڏسندا سين ته آخر ۾ نيٺ هن کي هڪ ساليانو قتل ڪيل اناج- ديوتا طور سڃاتو ويندو هو. حتاڪ مان اهو به مڃيندس ته اتي ٿي سگهي ٿو هڪ کان وڌيڪ اصلي اوسيرس ديوتا به موجود هجن- اهو لفظ شروع ۾ ٿي سگهي ٿو ائين


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمومي نالو هجي، نہ ڪہ خصوصي پر مان اجان تائين اهو مجان ٿو تہ ثبوت اسان کي سيني ڪان عظيم ۽ مک اوسيرس کي بطور ابيدوس جي هڪ مري ويل سردار جي ڏيکاري ٿو.

اسان کي اهو ضرور ياد رکڻ گهرجي تہ رڳو مصر ۾ تاريخ، بي انتها قديميت ڏانهن وڃي ٿي ۽ پوءِ بہ اها اسان کي پنهنجي ابتدا ۾ ئي اڳوات هڪ اڳتي وڌيل تهذيب ۽ هڪ سڌريل تصويري، تحرير ڏيکاري ٿي. ان ڪري مصر جي پراڻي ۾ پراڻي جاتل رياست بہ لازمي طور توجهہ ۽ ثقافت ۾ سست واڌ جي هڪ وسيع دؤر کي اڳوات فرض ڪري ٿي. متين يا هينين مصر جي هڪ بادشاهہ هيٺ ڪڏهن گڏ ٿيڻ کان بہ اڳ، اتي ضرور نيل جي ڪناري سان مٿيءَ مان نهيل اٽڪٽ ڳوٺ ۽ ڪجهين سان ڳڪيل معمولي رياستون رهيون هونديون، جن مان هر هڪ کي پنهنجو مقامي سردار يا بادشاهہ هوندو ۽ هر ڳوٺ پنهنجي مقامي مري ويل حڪمران جي پوڄا ڪندو هوندو. ڳوٺ جو شيخ، جيئن اڄ ڪلهہ اسان کي هن کي سڏڻ گهرجي، ان زماني ۾ هنن جو بي نام فرعون هو ۽ هن جي بزرگن جون مميون، سندن ديوتا ۽ ديويون هئا. هر قبيلي کي پنهنجو هڪ مخصوص نشان پڻ هو، جنهن بابت مونکي تورو اڳتي هلي وڌيڪ ڳالهائڻو آهي. ۽ هنن نشانن جي مقامي سطح تي ديوتائن جيان پوڄا ڪئي ويندي هئي ۽ امڪان آهي تہ ان پوڄائي بعد ۾ مصري حيوان- پوڄا ۽ جانورن جي مٿن وارن ديوتائن کي جنم ڏنو. آخر ۾ نيٺ مصري مذهب تي هن اصلي قبائلي روپ جون چٽيون نشانيون موجود هيون. مصري ديوتائن جي ايتري گهٽي اڪثريت لڳي ٿو ان ڪري آهي تہ ملڪ جي وحدت کان پوءِ انهن سمورن ديوتائن کي هڪ قومي ديو مالا (Pantheon) ۾ اپنايو ويو. مقامي ديوتائن ۽ مقامي نشانن جي بهرحال پنهنجن اصلي هنڌن تي خصوصي طور تي پوڄا جاري رهي. اهڙي طرح شهوتي امين خيم ٿيبيز ۾ خصوصي طور تي پوڄيو ويندو هو، جتي هن جي تصوير غير پسنديده روانيءَ سان هر مندر تي موجود آهي؛ اپيس، ميمفس ۾ خاص طور تي مقدس هو، پشت بباستس ۾، انوبس، سيخم ۾ ، نيٿ. سائس ۾. راع، هيليو پولس ۾ ۽ خود اوسيرس، ابيدوس، پنهنجي قديم رهائشي شهر ۾: مصري روايت بہ لڳي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو تہ اهڙي صورتحال جي هڪ ذنذلي ياد محفوظ ڪري رکي آهي، جو تہ اها پر زور دعوي ڪري ٿي تہ منيس. پهرئين شاهي گهراڻي جي پهرئين بادشاه. گڏيل مصر جي مشهور اوائلي شهنشاهہ جي زماني کان اڳ ديوتائن جون پيڙهيون ملڪ تي حڪمراني ڪنديون هيون. ٻين لفظن ۾ اهو مڃيو ٿي ويو تہ ديوتا اصل ۾ مقامي نسبن جا بادشاهہ هئا. جن مصر جي هڪ ٿي وچڻ کان اڳ نيل واديءَ جي مختلف صوبن تي حڪمراني ٿي ڪئي.

اوسيرس جي مثال ۾، جيڪي شاهديون اسان کي ان رخ ۾ وني وڃن ٿيون، لڳ ڀڳ اجهل آهن. اها ڳالهہ يقيني آهي تہ اوسيرس اصل ۾، ٿيس يا ٿينس، ابيدوس پرسان هڪ ڳوٺ جو هڪ مقامي ديوتا هو، جتي مٽيءَ جو هڪ وڏو دڙو اجا تائين هڻ عظيم ديوتا جي آرام گاهہ جي نشاندهي ڪري ٿو. ابيدوس شهر، حارث جي اوائلي لڪتن ۾ ابد-اوسيرس جي هٺ، جي نالي سان بيان ڪيل آهي ۽ ان هنڌ اجا تائين موجود يادگارن ۾ اوسيرس هر هنڌ مڪ ديوتا طور ظاهر ڪيل آهي. جنهن کي بادشاهہ ۽ پادري مناسب نذرانا پيش ڪن ٿا. پر اها هڪ اهم حقيقت آهي تہ مينس- متحده بادشاهيءَ جو پايو وجهندڙ بہ ساڳئي هنڌ پيدا ٿيو هو. ۽ اها ڳالهہ اهو امڪان تجويز ڪري ٿي تہ اوسيرس ٿي سگهي ٿو تہ مينس جي بزرگن مان وڏ ۾ وڏ مقدس ۽ سڀ کان وڌيڪ عزت ڪيو ويندڙ بزرگ هجي. هيءَ تجويز وڌيڪ وزن ان حقيقت مان بہ وني ٿي تہ اوسيرس کي هميشہ هڪ مميءَ طور ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ اهو تہ هن کي مٿي تي هڪ عجيب ٽوپي پهريل هجي ٿي. بلڪل ساڳي ٽوپيءَ جهڙي جيڪا مٿين مصر ۾ تاريخي وقتن ۾ تاج طور استعمال ڪئي ويندي هئي. هو پنهنجن هٿن ۾ ڪُنڊو ۽ ڪوڙو پڻ جهليو بيٺو آهي، جيڪي پڻ بادشاهي نشانيون آهن- ڪُنڊو ان لاءِ تہ هو پنهنجي قوم جي ڌنار جيان رهنمائي ڪري. ڪوڙو ان لاءِ تہ گناهہ ڪندڙن کي سزا ڏجي ۽ دشمنن کان بچاءُ ڪري سگهجي تنهنڪري هن جو تصور هڪ ممي بڻايل بادشاهہ کان نہ وڌيڪ آهي ۽ نہ گهٽ آهي. ڪڏهن ڪڏهن هو شاهي شتر مرغ جا پر پڻ پائي ٿو. يقيناً ڏند ڪٿائي ماهرن جي انڌي فرفتگيءَ کانسواءِ ٻي ڪابہ شيءِ هنن کان اهو سڌو سنئون نتيجو نظر انداز نہ ٿي ڪرائي سگهي تہ اوسيرس مصر جي ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ حڪمران هيٺ متحد ٿيڻ کان اڳ وارن ڏينهن ۾ ابيدوس جو هڪ ممي بڻايل سردار هو ۽ اهو تہ هو پنهنجي پونيئرن طرفان خصيص رياست ۾ پوڄيو ويندو هو. بلڪل ساڳئي نموني جيئن اسان کي خبر آهي تہ بين شاهاڻين ممين کي بئي هنڌ پنهنجن خاندانن طرفان پوڄيو ويندو هو.

بهرحال اوسيرس نہ رڳو بطور هڪ بادشاهہ ۽ هڪ مميءَ جي ظاهر ڪيو ويو آهي، پر اسانکي پلوترڪ (يا گهٽ ۾ گهٽ ڊي اوسرائيڊ رسالي جي ليکڪ طرفان، جنهن تي هن جو نالو پيل آهي) طرفان واضع انداز ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اوسيرس جو مقبرو ابيدوس ۾ موجود آهي ۽ وڏ ۾ وڏ شاهوڪار ۽ طاقتور مصري هن جي پرسان واري قبرستان ۾ دفن ٿيڻ جا خواهشمند هوندا آهن تہ جيئن هو بہ جڻ ان ساڳي قبر ۾ رهن، جتي سندن ملڪ جو عظيم ديوتا ستو پيو آهي. هي سڀ ڪجهہ مڪمل طور تي سمجهہ ۾ ايندڙ ۽ فطري آهي، جيڪڏهن اسان اهو فرض ڪريون تہ هڪ ٿينائيٽ شاهي گهراڻي پهريان سڄي مصر کي فتح ڪيو ۽ ان پنهنجي مقامي بزرگ ديوتا جي پوڄا کي سڄي ملڪ تائين ڦهلائي ڇڏيو ۽ وقت گذرڻ سان جڏهن هن پوڄا قومي اهميت اختيار ڪري ورتي، پوءِ اهو مقامي ديوتا، مشترڪ ديومالا ۾ سڀ کان مک ديوتا ٿي ويو.

مان هن خيال تي آزادانہ نموني پهتم، ان کان اڳ جو مونکي اها خبر پئي تہ مسٽر لوفٽي مونکان اڳ ۾ ان تي پهچي چڪو هو، پر هن جي ناياب ۽ دلچسپ اسڪارابس تي مضمون ۾ مان ڏسان ٿو تہ هو ساڳين نتيجن تي پهچي چڪو آهي.

"مونکي ان ۾ ڪنهن بہ قسم جو ڪو شڪ ڪونهي تہ اوسيرس ۽ هوريس جا نالا قديم حڪمرانن جا نالا آهن. مان سمجهان ٿو تہ مستند تاريخ شروع ٿيڻ کان گهڻو اڳ اسار ۽ هن جي زال اسيت مصر ۾ حڪمراني ڪئي، شايد مٿين نيل جي ڪشادي واديءَ ۾، جيڪا هاڻي گرجيهہ ۽ بربي جو هنڌ آهي". (بلڪل اتي جتي مان اوسيرس جي رياست سمجهان ٿو) انهن جو پٽ، هوريا هورس هو- مٿين ۽ هيٺين مصر جو پهريون بادشاهہ ۽ هور سيشو هورس جو جانشين هو، بعد جي تاريخ نويسن طرفان انهن جو مبهم نموني ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. مان ڄاڻان ٿو تہ هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خيال سان هن موضوع جا سمورا شاگرد سهمت نہ آهن ۽ گهڻي سگهيا ۽ اختراع اهو ثابت ڪرڻ تي صرف ڪيا ويا آهن. تہ اسار ۽ اسيت ۽ هورس تاهہ ۽ انيپ فطرت جي قوتن جا اظهار آهن. اهي قديم شهزادن ڏانهن اشارو نہ تا ڪن پر قديم اصولن ڏانهن ۽ اهو تہ هورس ۽ سندس پونئير ديوتا آهن ۽ اهي ڪڏهن بہ انسان نہ هئا. پر سڀ ڪان پراڻن ڪتبن ۾ اسان اهڙو تصوف نہ تا ڏسون، جيڪو ارڙهين شاهي گهراڻي جي زماني کان تالمين ۽ رومي شهنشاهن جي زماني تائين صحيفن ۾ ڏيکاريل آهي. مختصر هي تہ مسٽر لوفٽي عظيم ديوتائن جي بڻ بڻياد جو هڪ اهڙو نظريو جوڙڻ وجي تو، جيڪو بلڪل ساڳيو منهنجي نظريي جهڙو آهي، جنهنجو مان هتي بچاءُ ڪري رهيو آهيان.

اهو ڏسڻ بلڪل سولو آهي تہ ڪيئن اوسيرس، وقت سان گڏ لڳ ڀڳ اڻتر نموني مئلن جو بادشاهہ ۽ زيرين علائقن جو اعليٰ ترين جج بڻجي وجي تو. چاڪاڻ تہ شاهاڻي نسب جي وڏ ۾ وڏ مقدس بزرگن منجهان هجڻ ڪري، هو فطري طور اهڙو هوندو جنهن ڪي بادشاهہ واري واري سان راضي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا ۽ جنهن سان پنهنجي ابدي گهر ۾ ملڻ لاءِ هو آتا هوندا. جيئن ڏند ڪتا ڦهلي ۽ جيئن عارفاڻيون تشريحون اچڻ لڳيون، ديوتائن کي سج يا ٻين فطري قوتن سان سڃاتو وڃڻ لڳو، اوسيرس پوڄا جي اصلي معنيٰ آهستي آهستي ڏنڌلي بڻجندي وئي. پر آخر تائين اوسيرس خود، سمورن بگاڙن باوجود، بطور هڪ ممي جي ظاهر ڪيو وجي تو ۽ حتاڪ جڏهن هن کي بعد جي بيجامد اخلت ڪندڙ ديوتا- امين سان سڃاتو وجي تو، پوءِ بہ هو اڃا پنهنجون مميءَ واريون پٽيون پاتل هجي تو، ۽ اڃا تائين پنهنجي قديم بادشاهت جو ڪُندو، ڪوڙو ۽ شاهي لڪڻ ساڻ کيل هجي تو.

بهرحال اهو اعتراض ڪري سگهجي تو تہ اوسيرس جا ڪيئي روپ هئا ۽ ڪيترا مقامي ديوتا هئا، جن تي ساڳيو نالو رکيل هو. هن کي ابيدوس ۾ پوريو ويو هو پر هن کي برابر نموني ممفيز ۾ پڻ دفنايو ويو هو ۽ قليءَ ۾ پڻ. هيءَ حقيقت ٻين مذهبن جي مقامي مريمن ۽ مقامي اپولن سان هوبهو مماثلت رکندڙ آهي ۽ ڪنهن بہ ماڻهوءَ رحمت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيل ڪنواري مريم جي انساني حقيقت تي شڪ نہ ڏيکاريو آهي، ڇا ڪاڻ تہ مختلف مقدس ماڳن تي يا مختلف گرجا گهرن ۾ ڪيتريون ئي مختلف مريمون موجود آهن. اسان جي لوريٽو جي خاتون ساڳي آهي جيڪا اسانجي لورڊس جي خاتون آهي. نصرت جو يسوع مسيح جيتوڻيڪ بيت اللحم ۾ ڄائو هو، ۽ يوسف جو پٽ هو پر هو دائود جو ۽ خدا جو بہ پٽ هو. شايد اوسيرس هڪ اسم عام هو، شايد هڪ تورڙو مختلف اوسيرس، بعد جي مصر جي مختلف شهرن ۾ پوڄيو ويندو هو، شايد هڪ مقامي ممي- ديوتا، ڪنهن ناپيد مقامي نسب جو بزرگ جنهن غلطيءَ سان ابيدوس جي عظيم ممي- ديوتا جو نالو ۽ مراعتون خاص ڪري بعد جي تصوف جي اثر هيٺ هڙپ ڪيا. ان ڪان علاوه جڏهن اسان ديوتائن ڪي گهڙڻ جي موضوع تي غور ڪرڻ شروع ڪندا سون، اسان ڏسندا سون تہ اوسيرس جي ساليانی انساني روپ اختيار ڪرڻ جي تقريب وقت تي سگهي ٿو سندس جسم ڪي ٽڪرا ٽڪرا ڪيو ويندو هجي ۽ انکي مصر جي سمورن قبيلن درميان ورهايو ويندو هجي. منهنجي هاڻوڪي مقصد لاءِ اهو ڪافي آهي جيڪڏهن مان مختصراً ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪيان تہ بزرگ- پوڄا، اوسيرس ـــــ شاهاڻي مميءَ جي عقيدي جي عروج ۽ ڦهلاءَ جي، هورس، اسس، ٿوٿ ۽ اوسيرين ڦيري جي ٻين ديوتائن جي عقيدي جي عروج سميت، گهڻي حد تائين وضاحت ڪري ٿي. مان اهو بہ واڌارو ڪندو هلان تہ اوسيرس پوڄا جي، ڏيري ڏيري واڌ خود يادگارن ۾ بہ واضع نموني ظاهر ٿيل آهي. قديم ترين زماني جي سادن اُين ڪُتبن ۽ يادگارن تي ورلي ڪنهن بہ ديوتا جا نالا ڏيکاريل هوندا آهن پر انهن تي پوڄاري، پنهنجن بزرگن جي مقبري تي نذرانا پيش ڪندي ڏيکاريل هوندا آهن. ساڳئي نموني اوائلي زماني جي مقبرن جي ديوارن تي ظاهر ڪيل منظر، بعد جي زماني جي عظيم ديوتائن ڏانهن ڪوبہ حوالو نہ ٿا ڏيکارن پر اهي ڪردار ۾ صرف گهريلو ۽ زراعتي آهن، جيئن ان جو مشاهدو سڪاراهہ ۽ ويندي ڪنهن حد تائين بيني- حسن ۾ بہ ڪري سگهجي ٿو.

ڇهين شاهي گهراڻي جون يادگارون اوسيرس جو ذڪر وڌيڪ تيزيءَ سان ڪرڻ شروع ڪن ٿيون. جنهن ڪي هاڻي مري ويلن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جج ۽ هينين دنيا جو مالڪ قرار ڏنو ويجي ٿو ۽ هن زماني جي ٻؤلڪ ميوزيم ۾ رکيل هڪ پٿر جي تختيءَ تي پهريون دفعو اهو فقرو ظاهر ٿئي ٿو، جيڪو بعد ۾ ايترو عام ٿي ويو، ”اوسيرس طرفان انصاف ڪيل!“.

ٻارهين شاهي گهراڻي هيٺ، قصو وڏيڪ نمايان ٿي وڃي ٿو، هڪ سچ ۽ چنڊ جو ڪردار خودڪار رد عمل ذريعي اوسيرس ۽ اسس کي ڏنو وڃي ٿو ۽ راع سچ جو نالو گذشته ڪيترن ئي الڳ ۽ آزاد ديوتائن جي نالن سان ڳنڍيو وڃي ٿو. خيم ٿيبيڊ جو جنسي ديوتا ٻه هاڻي وڏيڪ اهميت ماڻي ٿو، جيئن اها ڳالهه ٿيبن شهزادن جي پيڙهيءَ ۾ بلڪل فطري آهي ۽ چم- هڪ مقامي ممي- ديوتا کي هميشه سندس پٽيون ٻڌل ڪپڙن ۾ ظاهر ڪيو وڃي ٿو ۽ پوءِ ڪيس يقيني طور امين سان ۽ غالباً بعد ۾ ابيدوس جي ممي ديوتا سان رل مِل ڪيو وڃي ٿو. پر اوسيرس هن زماني ڪانپوءِ نمايان طور تي صف اول جي ديوتا ۾ ترقي ڪري وڃي ٿو. ”دوست ۽ خاندان هن کي، نه ڪه مري ويل کي پنهنجيون قربانيون آڇيندا آهن، هن لاءِ هڪ عدالت ناهي ويندي آهي. ٿوٿ- رڪارڊ رکندڙ (ابيدوس جو توتم ديوتا) انوبت- نهاريندڙ، راع- مجسمه سچ ۽ ٻيا روح لاءِ ٿيندڙ انصاف ۾ مدد ڪندا آهن“. مري ويل جو نالو پوءِ هميشه هن فقري سان ڳنڍيل هوندو آهي، ”اوسيرس طرفان انصاف ڪيل!“. اتڪل ساڳئي وقت تي مري ويلن جو ڪتاب هينين دنيا جي اڳتي وڌيل تصور ۽ ان جي عرفاني ترقيءَ جي سطحن جي پيچيده ترتيب سميت پنهنجي مڪمل روپ ۾ وجود ۾ آيو.

ارڙهين شاهيّ گهراڻي تحت هي قصو اجا وڏيڪ گهرو ٿي وڃي ٿو: ديوتائن جي سڄاڻپ اجا وڏيڪ پيچيده ٿيندي وڃي ٿي. امين ۽ راع ، ٻين ديوتائن جي بيشمار روپن ۾ ڏٺا ۽ لڌا وڃن ٿا ۽ مخفي وحدانيت يا بعد جي فلسفياڻه پادرشاهيءَ جي گهڻ- خدائي فطرت- پوڄا جو بنياد وڌو وڃي ٿو. اهو اوڻويهين شاهي گهراڻي هيٺ ٿيو جو مقامي ٽن جي جوڙي يا ٽالٿن جي مذهب پنهنجو مڪمل روپ اختيار ڪيو ۽ مصري مذهب جي صوفياڻه تشريح صاف صاف سامهون اچڻ لڳي. عظيم اوسيري ڏند ڪٿا وڏيڪ گهرائيءَ سان عارفاڻه طور واضع ڪئي وڃڻ لڳي ۽ حتاڪ ڏاند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اپيس – ممفيس جو علامتي ديوتا، اوسيرس جي هڪ خاص مجسم طور مجيو وڃڻ لڳو، جيڪو اهڙي طرح امين سان گڏ لڳ ڀڳ سموري قومي ديومالا جو پراسرار اختصار تي ويو. آخر ۾ اسان ڏسون ٿا ته ڏند ڪٿا نج تصوف ۾ تبديل ٿي وڃي ٿي، اوسيرس هڪ ئي وقت تي اسس جو پيءُ، ياءُ ، مڙس ۽ پٽ ٿي وڃي ٿو ۽ پڻ خود پنهنجي بار هورس جو پٽ ٿي وڃي ٿو. لڳ ڀڳ اٿينيشين ملاوٽ واري ابهام ۽ ترپٽي وارا جملا اسان کي اها ڄاڻ ڏين ٿا ته ڪيئن پٽ، پيءُ مان پئدا ٿئي ٿو ۽ پيءُ پنهنجي پٽ مان، "ڪيئن راع، عوسيرس جو روح آهي ۽ عوسيرس راع جو روح آهي" ۽ ڪيئن هورس هن جو بار ، جادوءَ جي قيٽن سان مئل مان وري زنده ٿيل، سيت- اوندهه جي شهزاديءَ مٿان فتحمند ٿئي ٿو ۽ اوسيرس جي حيثيت ۾ پنهنجي پيءُ جي تخت تي ويهي ٿو، جنهنکي هن وري جيئاريو ۽ سندس جو بدلو ورتو آهي. هتي جيئن بئي هنڌ، ڏند ڪٿا، ديوتا جي تشريح هجڻ بدران سواءِ ان راءِ کي اونداهو ڪرڻ جي بيو ڪو ڪم نه ٿي ڪري.

بهرحال هڪ مري ويل ۽ ممي ٿيل ڳوناٽي سردار جي هڪ گهڻ خدائي ديوتا ۾ بتدريج واڌ ٿي سگهي ٿو عجيب لڳندي هجي، پر اها ڪنهن به طرح سان ان کان وڌيڪ غير معمولي نه آهي جيئن هڪ گليل جي هاريءَ جي هڪ ابدي ۽ قادر مطلق خدا جي بئي جسم ۾ بتدريج واڌ آهي. نه ئي اوسيرس جي مرڻ ۽ وري زنده ٿي اٿڻ جي ڏند ڪٿا (جنهن تي هن باب ڪانپوءِ غور ڪيو ويندو) هن جي انساني وجود جي حقيقت جي ان کان وڌيڪ مخالفت ڪري ٿي، جيتري يسوع مسيح جي موت ۽ وري زنده ٿي اٿڻ جي تاريخ، نصرت جي يسوع جي انساني وجود جي ڪري ٿي. بيشڪ ارتقا جي ڏڪيائي بلڪل به ايڏي وڏي ناهي، جيڪڏهن اسان هيءَ وڌيڪ حقيقت غور هيٺ آڻيون ته ديوتا پڻي جي تصور جي مڪمل طور تي اسري چڪي هجڻ ڪانپوءِ به بادشاهه اجا تائين ديوتائن جي سياءَ جهڙو رهيو، سندس پٽ ۽ پونيئر جيڪو خود هڪ مقدس شخصيت هوندو آهي، انهن ڪان صرف ان ڳالهه ۾ الڳ هوندو آهي ته هن کي اجا تائين ابدي زندگي حاصل نه ٿي سگهي هوندي آهي، جنهن زندگيءَ جي نشانيءَ طور اڪثر هنن کي مجسمن ۾ پنهنجي من پسند چشم و چراغ ڏانهن مهربان نظرن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان پيش ايندي ڏيکاريو ويو هوندو آهي.

مسٽر لي پيج رينوف چئي ٿو ”مصر جو حڪمران بادشاهه، سورج- ديوتا جو زنده نقش ۽ سندس خليفو هو. هن ۾ ديوتائيت جا اوصاف موجود سمجهيا ويندا هئا ۽ ان جي قديم ترين زمانن ۾ اسان وٽ ان جو يادگار ثبوت موجود آهي“. ۽ بلڪل فطري طور چا ڪاڻ ته قديم زمانن ۾ ديوتائن مصر مٿان حڪمراني ڪئي هئي، جن جو جانشين بادشاه هو ۽ مينز کان اڳ بادشاهن کي معنيٰ خيز انداز ۾ هورس جيّ جا نشينن طور ڄاتو ويندو هو. ايترو دير جيترو ٿالميز جو زمانو هو اسان ڏنو ته مينز ۽ وڏ ۾ وڏ قديم شاهي گهراڻن جي بين فرعونن جا پادري هوندا هئا. احرامن جي بادشاهن، سوني هورس جو لقب حاصل ڪيو، جيڪو سندن پونئيرن طرفان بعد ۾ نقل ڪيو ويو ۽ ڇفرا کان پوءِ حڪمراني ڪندڙ بادشاه راع جي پٽ ۽ عظيم ديوتا طور سڃاتو ويندو هو. امينوفس ٻيون، پنهنجي زندگيءَ دوران ”راع جيان پلو ديوتا آهي، امين جو مقدس ٻج، پٽ جيڪو هن کي ڄائو“، ۽ سمورن يادگارن تي بادشاه ساڳئي مافوق الانساني قدڪاٺ جو جيئن خود ديوتا هوندا آهن، ظاهر ڪيو وڃي ٿو: هو هنن سان برابريءَ واري حيثيت ۾ گفتگو ڪري ٿو، اهي هن جو هٿ وٺي ڪيس پنهنجن ڳجهن حرمن ۾ وٺي وڃن ٿا يا هن کي خاندان جي دوستن جيان شاهاڻي حڪمراني يا ابدي زندگيءَ جون نشانيون پيش ڪن ٿا: پراڻو انعام يافته هن کي اهو ساڳيو مرتبو نوازيندو آهي، جيڪو خود هن کي زمين تي ماڻيل هوندو هو. هو ڪيس ڀاڻ سان ٻئي وجود جون شوڪتون ونڊڻ لاءِ اڳتي آڻيندو آهي“.

تنهنڪري مان هي نتيجو ڪڍان ٿو ته وڏن مصري ديوتائن جو هڪ وڏو حصو- قومي يا مقامي ديوتا، انهن ديوتائن جي ابتڙ جيڪي هر خاندان طرفان سندن قبرستان ۾ پوڄيا ويندا آهن، اوائلي بادشاهه هئا، جن جون ڏند ڪٿائون بعد ۾ قصن ۾ وڌايون ويون، فطرت- پوڄا ۾ معقول بڻايون ويون، ۽ پادراڻي سنيال ذريعي اڪٽ تمثيلي يا مخفي تخيلن سان سڃايون ويون. پر آزاديءَ جي تمام تازي زماني تائين، ديوتا يورجيٽس ۽ ديوي بيرينس جا ڪتبا يا ايسس طرفان ديوتا فلاڊيلفس کي تخ پيارڻ جون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تصويرون جيڪي اهي قلبيءَ وٽ آهن. ڏيکارن ٿا تہ مصري ذهن آڏو انسان ذات ۾ ديوتاپڻي وچم ويڇو تمام گهڻو ٿورڙو هو ۽ اهو تہ ديوتائن جو اصلي ماڻهو پڻو هڪ اهڙو خيال هو جيڪو پادرين ۾ ماڻهن لاءِ ڪافي چاتل سجاتل هو.

بهرحال ديوتائن جو هڪ ٻيو طبقو بہ هو. جن لاءِ اسان ٿورڙو گهڻ يقين وارا ٿي سگهون ٿا، اتي جانور-ديوتا ۽ جانورن جي مٿن وارا ديوتا بہ آهن. جيڪي مختلف ڳوٺن جي نشانن منجهان ڦٽا. پروفيسر سيسي چئي ٿو، "اهڙا جانور ديوتا اسانکي تمام پرانهين قبل از تاريخ جي زماني ڏانهن وٺي وڃن ٿا، جڏهن مصر جو مذهبي عقيدو يا ائين چئون تہ مصر جو رواج اجا تائين ٽوٽيمزم (نشانين جو عقيدو) هو". پر نشانين جو عقيدو ديوتائن جي ارتقا جي مک ڏاري سان ڪهڙي تز رشتي ۾ ٻينل هو، ان لاءِ مونکي پنهنجي ذهن ۾ ايتري پڪ ڪانهي جيتري مسٽر هربرٽ اسپينسر کي آهي. اهو مونکي ممڪن لڳي ٿو تہ نشان پنهنجي اصليت ۾ محض هڪ خوشقسمت درندو يا هڪ خاص قبيلي جو ٻلو (Badge) رهيو هجي (ٻڪري يا هرڻ وانگر) ۽ اهو تہ پهريان ڪيس پٽريون هنيون ويون، گهر ۾ پاليو ويو ۽ انکري ڪنهن حد تائين سندس عزت ڪئي وئي، آخر ۾ اهو ٿي سگهي ٿو تہ خيالن جي هڪ مونجهاري منجهان ايترو وڌي ويو هجي جو ساڳيون مقدس عزتون ماڻڻ لڳي. جيڪي بزرگن جي روحن کي آڇيون ويندون هيون ۽ جن مان ديوتا پيدا ٿيا. پر مسٽر فريزر ٽٽيمزم جي روح جي متي مان جدا ٿي سگهندڙ هڪ بهتر اصليت تجويز ڪئي آهي جيڪا اڄ ڏينهن تائين هن مبهم موضوع جي وڌ ۾ وڌ بهتر وضاحت آهي. جيئن بہ هجي جيڪڏهن نشانن کي ديوتائن ۾ رڳو ڏيري ڏيري ترقي ڪرائي وئي، تہ پوءِ اسان مسٽر رينوف جي هن فقري کي آسانيءَ سان سمجهي سگهون ٿا تہ سڪاراه وٽ اپيز ڏاندن جي مقبرن جا ڊگها سلسلا اهو ڏيکارن ٿا تہ "شروعاتي زمانن جي پيٽ ۾ بعد جي زمانن ۾ مقدس جانورن لاءِ اٿمئي انداز ۾ ايڏو گهڻو احترام موجود هو"

چا مان ان ۾ هي واڌارو ڪري سگهان ٿو تہ ٽوٽمس جي پوڄا، جيڪا مسٽر فريزر جي تجويز ڪيل صرف ديک بال کان الڳ آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غالباً قبر جي ٿنيي يا تختيءَ تي مري ويل جي ٽوٽم جانور کي اڪرڻ جي رسم مان ڦٽي آهي؟ ٽوٽم ديوتائن جو سچو بڻ بنياد ڇا به هجي، پوءِ به مان نه ٿو سمجهان ته ٽوٽمزم ڪنهن به طرح سان هڪ ديوتا جي تصور جي، روح، مري ويل ماڻهوءَ يا ديوتا بڻايل بزرگ مان ارتقا جي عام اصول خلاف ٿي بيهي ٿو، جو ته رڳو بزرگ پوڄا مان هڪ ديوتا جي تصور جي نهي جڙي راس ٿي وڃڻ ڪانپوءِ ئي ۽ هڪ قبر تي هڪ مميءَ يا روح کي روايتي نذرانا پيش ڪرڻ مان پوڄا جي پئدا ٿي چڪي هجڻ ڪانپوءِ ئي ڪنهن به بي شيءِ کي ڪنهن به امڪان ذريعي ديوتا تائين ترقي ڏئي پئي سگهجي. بئي پاسي نه ئي جيئن مان اڳ ۾ چئي چڪو آهيان، مان مڪمل طور مسٽر اسپينسر سان اتفاق ڪرڻ لاءِ پاڻ کي جهڪيل سمجهان ٿو ته هر انفرادي ديوتا لازمي طور ڪڏهن هڪ خاص مري ويل ماڻهو هو.

اهو مونکي يقيني لڳي ٿو ته انساني ذهن ۾ ديوتا جي تصور جي مڪمل طور تي مضبوط ٿي وڃڻ ڪانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪي اهڙا ديوتا به مڃيا وڃڻ لڳا، جيڪي سدا سنوان مجرد تصورن مان، فطري شين مان يا ڏند ڪٿا گهڙيندڙ ماڻهن جي خالص اوچتن اظهارن مان گهڙيا ويا. تنهن ڪري مان نه ٿو سمجهان ته مصر يا ڪنهن بئي هنڌ ٽوٽم ديوتائن جي هڪ طبقي جو وجود لازمي طور ديوتائن جي بڻ بنياد جي اسان جي مک نظرئي سان ڪنهن به انداز ۾ متصادم آهي.

جيئن به هجي، اها ڳالهه ڪنهن به قيمت تي چئي آهي ته خود ٽوٽيمزم اوائلي مصر ۾ هڪ تمام قديم ۽ وڏي پئماني تي ڦهليل ادارو هو. مسٽر فريزر طرفان ٽوٽم جي هيءَ وصف ٻڌائي وئي آهي، "ٽوٽم مادي شين جو هڪ طبقو آهي، جنهنکي هڪ وحشي انسان وهم پرستاڻي عزت ڏيندو آهي. اهو مڃيندي ته هن ۽ ان طبقي جي هر رڪن درميان هڪ نزديڪ ۽ بلڪل ئي خاص رشتو موجود آهي". سر مارٽن ڪونوي چئي ٿو، "آفريڪا، آسٽريليا ۽ بئي هنڌ، باقي بچيل ٽوٽم قبيلن جو مشاهدو اسانکي ڏيکاري ٿو ته ٽوٽم جا هڪ يا هڪ کان وڌيڪ نمائندا قبيلي طرفان پاليا يا قيد ۾ زنده رکيا ويندا آهن". مسٽر فريز اسان کي ٻڌائي ٿو، "ڏکڻ آسٽريليا ۾ نرنييري قبيلي ۾، نانگ خاندان جا ماڻهو ڪڏهن نانگ پڪڙيندا آهن،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن جا ڏند ڪڏي ڇڏيندا آهن يا سندن وات سبي ڇڏيندا آهن ۽ ڪين پالتو جانور طور رکي ڇڏيندا آهن: سموئا جي ڪبوتر خاندان ۾. هڪ ڪبوتر کي احتياط سان رکيو ۽ ڪارايو پياريو ويندو آهي. جاوا ۾ ڪيلونگ قبيلي ۾، جنهن جو ٽوٽم هڪ ڳاڙهو ڪتو هوندو آهي. هر خاندان بطور هڪ قانون جي، هنن جانورن مان هڪ پاڻ وٽ سنڀالي رکندو آهي. جنهن کي اهي ڪنهن بہ صورت ۾ ڪنهن بہ ٻئي ماڻهوءَ طرفان ڌڪ هڻڻ يا غلط استعمال ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندا آهن“. ساڳئي نموني ڪجهہ مصري قبيلن مقدس ڏانڊ، ٻليون، مانگرمڇ، ڪبوتر، بگهڙ، ڪاريهرنانگ، ڪرڙيون، ابس پکي، زهريلا نانگ ۽ پونئرا پاليا تي. هنن مقدس جانورن مان گهڻن جون مميون ۽ ٻين جون ننڍڙيون مورتيون، انهن خاص جڳهن جي پسگردائيءَ ۾ عام آهن، جتي انهن جي خاص طور تي پوڄا ڪئي ويندي هئي.

بهرحال نئين مصري ديومالا ۾ ديوتا يا نيم ديوتائن جو هڪ ٽيون طبقو بہ آهي، جنهن کي مسٽر اينڊريولئنگ ڪتاب ”يوٽريپي ٿوهيرو ڊوٽس“ جي لائق تعارف ۾ تمام گهڻي اهميت ڏني ٿو. اهي بي قابو يا بي قابو لڳندڙ ديوتا- فطري ديوتا آهن، جيڪي سمورين معقول يا عارفاڻين ڏند ڪٿائن ۾ ايڏو وڏو ڪردار ادا ڪن ٿا. اهي بلاشڪ نٽ ۽ سيب- ذاتي بهشت ۽ ڌرتي آهن، جن کي انهن نالن سان ايڏو اوائل کان سڏيو وڃي ٿو، جيڏو برٽش ميوزيم ۾ رکيل چوٿين شاهي گهراڻي جي مينڪئورا جي تابوت مٿان لکيل ڪتبو آهي. اهڙا ديوتا شايد (جيتوڻيڪ تمام گهٽ يقيني طور) ڪونس- اپرنڊڙ سج سان سجاتا ويندڙ ۽ ٿم- سج جي رات ۾ لهي وڃڻ سان مشابهہ آهن. پر هنن بلڪل واضح بي قابو ديوتائن مان، سواءِ راع ديوتا جي ٻيو ڪوبہ ماڻهن جي اصل ۽ عملي پوڄا ۾ ڪو وڏو ڪردار ادا نہ ڪندو آهي. وڏي ورهاست اختيار ڪندي جيڪا مون ٻئي باب ۾ جوڙڻ جي محنت ڪئي هئي، اهي اهڙا ديوتا آهن، جن لاءِ ڳالهائي سگهجي ٿو، نہ ڪ اهڙا ديوتا جن کي پوڄجي. يعني اهي مذهبي هستين بدران ڏند ڪٿائي تصور آهن، انهن جا نالا مقدس ڪتابن ۾ اچن ٿا پر سندن نقش ناياب آهن ۽ سندن مقبرا اڻجاتل: اعليٰ ترين پوڄا جون اصل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شيون، هنن مجرد بيقابو تصورن کان بلڪل ٻيون آهن. اهي آهن:
اوسيرس، ايسس، هورس، انوبس، خيم، پشت ۽ اٿور.

ٽٽ جون عجيب غريب يا تمام وڏيون ڪپيل تصويرون،
جن ۾ هوءَ هڪ عورت طور ظاهر ڪيل آهي، جيڪا ڌرتيءَ تي ڪنهن ڇپر
جيان پنهنجيون ڄنگهون ۽ ٻانهون ڏگهيري ٿي، جيئن اها ڏيندراهه وٽ
آهي، مان سمجهان ٿو ته مخصوص نموني نه سهي پر تقريباً ٿالمڪ زماني
سان واسطو رکن ٿيون، جڏهن برجن جا ۽ آسماني تصور مصرين طرفان،
يونان ۽ ايشيا کان آزادائي نموني اڌارا ورتا وياهئا. ٽٽ ۽ سيب، بطور
ديوتائن جي، نه ڪ ڏند ڪٿائن جي، مصر ۾ بلڪل نوان خيال آهن. ويندي
سج- ٿالهي، راع خود، بعد جي ترقي ڪيل مذهب ۾ جيئن هو اهم ٿي
وڃي ٿو، پنهنجي بڻ بنياد ۾ مشڪل سان هڪ الڳ ديوتا آهي: هو هڪ
اضافي شيءِ يا ديوتاپڻي جي هڪ نشاني آهي، جنهنڪي مختلف ٻين
ديوتائن سان ڳڏائي ڳنڍيو ويو آهي. هڪ بادشاهه کي سج سڏڻ، درباري
خوشامد جو هڪ عام فقرو آهي.اهو بطور امن، راع جي يا عوسيرس جي
هوندو آهي، جو سج وڏ ۾ وڏ اصلي پوڄا حاصل ڪندو آهي، هن جو نالو
ديوتائن جي نالن سان ائين ڳنڍيو ويندو آهي جيئن ان کي بادشاهن جي
نالن سان ڳنڍيو ويندو آهي. پوءِ ان کي مختصراً پيش ڪندي مان چوان ٿو
ته فطرت پوڄا جو عنصر، مصري مذهب ۾ بعد جو اضافو يا وڌايل جزو
آهي، ته اهو صحيح معنيٰ ۾ مذهبي بجاءِ هميشه ڏند ڪٿائي يا وضاحتي
رهيو آهي ۽ اهو ته اهو ٿورڙو به اسانجي عام نتيجي سان مداخلت نه ٿو
ڪري ته حقيقي مصري ديوتا بحيثيت مجموعي بڻ بنياد ۾ يا ته بزرگاڻ
هئا يا ٽوٽمسٽڪ (جانورن جون نشانيون) هئا. اسان جي سامهون موجود
ثبوت تي تلهي ليکي غورويچار ڪندي، اسان انصاف سان اهو نتيجو اخذ
ڪري سگهون ٿا ته مصر جو اوائلي ترين مذهب، نج بزرگ پوڄا تي بيٺل
هو، جيڪو ٽوٽيمزم جي هڪ شڪي مذهبي عنصر سان پيچيده بڻيل هو.
ان مذهب هڪ يا ٻئي ذريعي سان پنهنجو پاڻ کي بعد ۾ ملڪ جي سچي
روحاني پوڄا سان نزديڪيءَ سان اٽي ڇڏيو. بعد جا ديوتا غالباً اوائلي
قبائلي بادشاهن جا ديوتا بڻايل بزرگ هئا، جن جي ڪڏهن بطور ممين جي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سڌي پوڄا ڪئي ويندي هئي ۽ ڪڏهن انهن کي شايد سندن ٽوٽم جانورن ذريعي ظاهر ڪيو ويندو هو يا اڳيان بعد ۾ جانورن جي سِسين وارين انساني شڪلين سان ظاهر ڪيو ويندو هو.

هنن عظيم ديوتائن مان لڳ ڀڳ هر هڪ، هڪ مخصوص هنڌ تي محدود ٿيل آهي. "ابيدوس جو مالڪ"، "سينم جي معشوق"، "ٿيبيس جو صدر"، "هرموپولس جو رهواسي".

مٿين صورتحال هڪ فطري ڳالهه ٿئي ها جيڪڏهن اهي مقامي طور ديوتا بڻايل شهزادا هجن ها، جن کي آخر ۾ قومي ديومالا ۾ شامل ڪيو ويو.

اوائلي زماني جا جيڪي به يادگار اسانوٽ موجود آهن، انهن ۾ بزرگ پوڄا پنهنجي بعد جي ڪنهن به زماني کان وڌيڪ نج وڌيڪ سادي ۽ ڪنهن به تمثيل کان وڌيڪ آزاد يا عظيم ديوتائن جي عقيدي کان وڌيڪ آزاد هئي. بهرحال عقيدي ۽ ديومالا جي بتدريج ارتقا سان، قصا ۽ ڏند ڪٿائون وڌڻ لڳيون، هڪ ٻئي ۾ ضم ٿي وڃڻ جي رجحان پاڻ کي هر هنڌ ظاهر ڪرڻ شروع ڪيو، سجاڳيون وڌڻ لڳيون. تصوف عام ٿيو ۽ مخفي عقيدو هڪ مبهم گهڻ خدائي توحيد پرستيءَ ڏانهن جهڪاءُ سان اصلي عقيدي جي وڌيڪ موٽن ۽ بيوقوف حصن کي معقول بڻائڻ ۽ ان کي واضع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. اهي هن آخري فلسفياڻي منزل جون نفاستون ۽ تفسيرون هيون، جيڪي باترتيب مضمونن ۾ بطور مصري مذهب جي سچن متن جي گهٽي حد تائين بجليءَ جي هڪ لهر ڊوڙائي ڇڏن ٿيون، ۽ جن کي ڪيترن ئي جديد کوجين غلطيءَ سان مقامي سوچ جي اوائلي ترين پئداوار برابر ليکيو آهي. خدا جي وحدانيت ۽ هورس، ايسس ۽ اوسيرس جي سچ ڏند ڪٿائن جا خيال واضح طور تي بعد جون ترقيون يا اصلي مذهب ۾ اضافا آهن ۽ پادراڻي تشريح جي مخفي جوهر سان صريحاً غداري ڪن ٿا. پر آخر تائين، مري ويل جي پوڄا ۽ ان تي ٻيڻل ڪچو گهڻ خدائي عقيدو، قديم مصرين جو سچو مذهب هو، جيئن اسان ان کي سمورن يادگارن ۾ اظهاريل ڏسون ٿا.

هيءَ هئي اها مذهبي دنيا جنهن ۾ بني اسرائيل، جيڪڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان پراڻي ۾ پراڻا سامي رواج مڃون ٿا ته، پنهنجي قومي تاريخ جي هڪ تمام ئي پراڻهين زماني تي فرات نديءَ جي پريان ڪان پنهنجو خدا- يهوه ۽ بيا ڪٺي آيو ۽ اهوئي اهو مذهب هو. پنهنجي وڏيڪ مڪمل ۽ وڏيڪ عارفاڻي روپ ۾، جيڪو ٿالمڪ ۽ رومن مصر ۾ عمل ۾ هو ۽ سيڪاريو پئي ويو، اهڙي گهڙيءَ تي جڏهن عيسائي عقيدو، يسوع مسيح نالي هڪ شخص جي تاريخي مرڪز چوڌاري پاڻ کي اجا مس ڦيرائڻ شروع ڪري رهيو هو ۽ جنهن کي هن صليب تي چاڙهي ڇڏيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان ٻاهر نڪتو. جن جي مذهب ۾ اڻڪٽ ديومالا ۽ جانور پوڄا جي هڪ هيناهين صورت شامل هئا. هڪ نج هڪ-خدائي مذهب امڪاناً ايجاد ڪري ڇڏيو هو. مڪمل طور تي انساني فطرت جي هر ڄاتل نفسياتي قانون جي ابتڙ آهي. اهي حقيقي منزلون. جن ذريعي وحدانيت جو متو پاڻ کان اڳ موجود گهڻ خدائي متي مان سامي قبيلن جي هڪ واحد ننڍڙي گروهه ۾ ڦٽي نڪتو. ٻڇ ۽ جرمن عالمن طرفان اڳ ئي سني نموني جانچيون ويون آهن.

هن ڪتاب ۾ مان جيڪو ڪرڻ چاهيان ٿو، اهو آهي هن موضوع کي اسانجي وسيع علم الانساني نقطہ نظر کان وري غور هيٺ آڻڻ ۽ اهو ڏيکارڻ ته ڪيئن خود عظيم يهودي ديوتا ۾ اسان بزرگ ديوتا جا ڏنڊلا پر مستقل نقش ڏسي سگهون ٿا. جيئن ڪنهن شيشي جي گلاس ۾ ڏسي سگهبا آهن.

يهودي تاريخ جي نسبتاً بعد جي زماني تائين جيئن هاڻي اسان ڄاڻون ٿا يهوه، اسرائيلي ديوتائن جي هڪ چڱي خاصي ٽولي منجهان هڪ ۽ سيني کان اعليٰ ديوتا هو. پنهنجن هم رتبن مان سڀ کان اول. جيئن هيلاس جي ديوتائن ۾ زيوس، مصر جي ديوتائن مان عوسيرس يا امين. پراڻي ٽيوٽونڪ ديومالا جي ديوتائن مان ووڊن يا ٿنور! ايترو دير تائين، جيترو حزقياه جي صدي، اسرائيلين ۽ يهودين جي وڏي خلق جو مذهب اجا تائين هڪ وسيع پر اڻچٽو گهڻ خدا پرستيءَ وارو هو. ديوتا ايترا بيشمار ۽ ايترا مقامي لڳن پيا، جيترا مصر ۾. ڇهين صديءَ ۾ سندن نبي يرمياه چئي ٿو، ”او يهوده! توهانجي شهرن جي تعداد مطابق توهانجا ديوتا خدا آهن“.

اهو رڳو مذهبي امتزاج جي هڪ سست طريقي سان يهوه پوڄا ۾ سمورن بين متضاد عقيدن جي ضم ٿيڻ سان ٿيو جو اسرائيل نيٺ خالص وحدانيت جي متي جو پنهنجو هڪ مڪمل تصور حاصل ڪيو اهو تصور آخرڪار عوام تائين سندن قيد و بند مان واپسيءَ تائين نه پهتو. حتاڪ ان تصور کي رڳو چند سرگرم خالص يهوه پوڄارين طرفان قومي آزاديءَ جي آخري ۽ بابل مان نيڪاليءَ کان فوراً اڳ جي خطرناڪ ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشڪوڪ سالن ۾ پنهنجو مقصد ٺاهيو ويو. هن عجيب بتدريج انقلاب جي اندروني ماهيت کي سمجهڻ لاءِ اسان کي مختصر نموني پهريان پراڻي عبراني گهڻ خدائي متي جي عام ڪردار کي ۽ پوءِ خود عظيم لساني ديوتا ــ يهوه جي اصلي عقيدي کي ڏسڻو پوندو. مصر ۾ طويل عرصي تائين رهڻ باوجود يهودين جو قومي مذهب جڏهن اسان پهريون ان جي خاصيتن کي بعد جي تشريحن جي پردي منجهان ڏنڏلي نموني ڏسڻ شروع ڪيون ٿا، تقريباً سمورن جديد تفتيش ڪندڙن طرفان سامي ۽ اصليت ۾ مقامي قرار ڏنو ويو آهي. انکي عام طور تي عقيدي جي ٽن مکيه صورتن جو امتزاج سمجهيو وڃي ٿو: خانداني ديوتائن يا تراخيم جي پوڄا، مقدس پٿرن جي پوڄا، ۽ ڪجهه وڏن ديوتائن جي پوڄا ، جن مان ڪجهه مقامي ، ڪجهه شايد اڌارا ورتل هئا. انهن مان ڪجهه جانورن جي روپ ۾ پوڄيا ويندا هئا ۽ ڪي وري پنهنجين حاصل ڪيل خاصيتن ۾ بظاهر بي قابو يا شمسي هوندا هئا. جيتوڻيڪ اسان لاءِ هي ٽئي هڪ شيءِ آهن، پرمان هنن جو هتي ان ئي حسب معمول ترتيب ۾ معائنو ڪندس.

مان سمجهان ٿو ته اسان تراخيم جي عقيدي کي هڪ وسيع علم الانساني نقطہ نظر کان غور هيٺ نہ ٿا آڻي سگهون، سواءِ انجي تہ اهو اسان کي معلوم سمورن بين خانداني عقيدن جي برابر لڳي ٿو. بين لفظن ۾ هيئن چئجي تہ اهو خالص اڻ ملاوت ڪيل گهريلو بزرگ پوڄا آهي.ڪيونن چئي ٿو،”ان نالي سان وڏيون ۽ ننڍيون مورتيون ظاهر ڪيون ويندڙيون هيون، جن کي بطور گهريلو ديوتائن جي پوڄيو ويندو هو ۽ جن مٿان خاندان جي خوشيءَ جو دارومدار سمجهيو ويندو هو“. يعقوب جي لابن مان ڀڄڻ جي قصي ۾ اسان کي ٻڌايو ويو آهي تہ ڪيئن راخل پنهنجي پيءُ جو ناڪر (تراخيم) چورايو ۽ جڏهن ڪاوڙيل سردار ڀاڄوڪڙن مٿان غالب پئجي وڃي ٿو، هو هنن کان پڇي ٿو تہ هنن ڇو سندس گهريلو ديوتا چورايا آهن. ميڪاه بابت اسان کي خبر پوي ٿي تہ هن پنهنجي تراخيم جون مورتيون ٺاهيون ۽ پنهنجن پٽن مان هڪ کي پنهنجي خاندان جو پادري ٿيڻ لاءِ متبرڪ قرار ڏئي الڳ ڪري ڇڏيو. هھڙي گهريلو ۽ نجي پادرائپ هوبهو ساڳي آهي، جيڪا اسان بزرگاڻي پٽرن جي پوڄا ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هرهنڌ ڏسون ٿا: حتاڪ بعد جي يهودي تصحيح شده نسخن جي ڏنڏ منجهان گذرندي به اسان هنن خانداني ديوتائن جي اوائلي پوڄا جون ڪئين جهلڪيون ڏسون ٿا، جن مان هڪ جو واسطو ميڪل، سائول جي ڌي، ۽ دائود جي گهرواريءَ سان ٻڌايو وڃي ٿو. جڏهن ته هوسياهه انهن کي ڪانين جي ڊير ڏانهن اشارو ڪري ٿو. ذڪريا انهن کي ٻت سمجهي ٿو جيڪي ماڻهن کي ڪوڙ ٻڌائن ٿا. اها ڳالهه صاف آهي ته تراخيم هرگهر ۾ وڏي عزت ۽ سنڀال سان سانديو ويندو هو، انهن کي خاندان طرفان مقرر وقفن تي قربان ڪيو ويندو هو ۽ انهن سان شڪ يا مصيبت جي سمورن موقعن تي عمدي مذهبي پوشاڪ پهريل هڪ گهريلو پادري مشورو ڪندو هو. پوءِ مان سمجهان ٿو ته جيڪڏهن اسان هنن ڳالهين کي ڪنهن ٻئي هنڌ جي خانداني عقيدن سان گڏ گڏ رکون ته پوءِ اسان هي نتيجو ڪڍي سگهون ٿا ته يهودي مذهب ٻين سمورن مذهبن وانگر عمومي بزرگ پوڄا جي حتمي بنياد تي بيٺل هو. بيشڪ ان ڳالهه کان انڪار ڪيو پئي ويو آهي ته بزرگ پوڄا نجءِ سادي سامي نسلن ۾ ڪڏهن موجود به هئي . هن انڪار جو چٽو رد، مسٽر لينورمنٽ طرفان ڏنو ويو آهي، جيڪو يمن جي تدفيني يادگارن مٿان هيئن راءِ زني ڪري ٿو، "هتي پوءِ اسان فيصلائتي نموني مري ويل بزرگن يا ارپنا لکندڙن جي مائٽن جو هڪ پورو سلسلو به دفعا دهرايو هوندو آهي . سندن نالن سان گڏ سندن لقب به شامل هوندا آهن، جيڪي زندگيءَ دوران هنن ماڻيا هوندا آهن. انهن کي سندن پونيئرن طرفان ساڳئي نموني ۾ ٻاڌايو ويندو آهي. جيئن ديوتائن کي اهي بلا مقابلا سندن نسل جي ماڻهن جي عقيدي ۾ ديوتا بڻايل ماڻهو، هڪ خانداني پوڄا جا اسم ۽ ديوتا، جن هوندا آهن".

هن کانپوءِ اسانکي ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه ٿيڻ گهرجي ته تراخيم اهڙن خانداني ديوتائن يا بزرگائي ارواحن جون مورتيون هئا بهرحال اها ڳالهه حيرت ۾ وجهندڙ نه آهي ته هي گهريلو ديوتا، ماڻهن جي تاريخ ۾ تمام ٿورڙو ڪردار ادا ڪن ٿا . جيئن اسان کي اها خبر عبراني روايتن جي بعد جي يهودي ترجمي مان پوي ٿي. انهن جي ڪتابن ۾ ڪٿي به، ويندي وڏ ۾ وڏ موافق حالتن تحت به قومي پوڄا جي عظيم ديوتائن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايمان ڏانهن بيشمار اشارا رکن ٿا. غارن ۾ لاش دفنائڻ ۽ تصويرن سان سجايل غارن ۾ تدفين جي عادت. مڇپيلاهه جي خريداريءَ جي قصي سان جڙيل اهميت. اهو عام فقرو ته فلاڻو ڪ فلاڻو چڱو مڙس "پنهنجو ماڻهن سان گڏيو". يا "پنهنجن ابن سان گڏ آرامي ٿيو". يوسف کي محفوظ ڪري رکڻ ۽ هن جا هڏا مصر کان فلسطين ڏانهن کڻي وڃڻ: سائول ۽ سيميوئل جي جن جو قصو ۽ شيول — مري ويل جي هنڌ جو سڄو تصور —— هي سڀ شيون ساڳي طرح ڏيکارن ٿيون ته هن سلسلي ۾ يهودين جو عقيدو ، اهم ڳالهين ۾ پنهنجي چوڌاري موجود قومن جي عام عقيدي کان ايڏو گهڻو مختلف نه هو. تراخيم سان ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل مقبرن يا قبرن تي ٿيندڙ مخصوص پوڄا آهي. پروفيسر رابرٽسن سمٿ چئي ٿو، "سڄو اتريون سامي علائقو مقدس مقبرن، اِيٿوپين بادشاه (ميمنان) شامي ديويءَ جي ڏي (سمي راميس) دڙن ۽ اهڙي قسم جي شين سان پريو پيو آهي ۽ اهڙي هر هنڌ تي هڪ ديوتا يا نيم ديوتا کي هڪ زيرِزمين آماجگاه هوندو آهي". هيءَ برابر خالص بزرگ پوڄا آهي.اوائلي اسرائيل جي پوڄا لائق شين جي فهرست ۾ ٻي شيءِ آهي مقدس پٿر ، جنهن بابت مان اڳ ۾ ئي ان موضوع تي مخصوص ڪيل باب ۾ گهڻو ڪجهه چئي آيو آهيان پر ان موضوع جي سامي ميدان ۾ خاص مقام هجڻ ڪري هتي ڪجهه وڌيڪ لفظن جو اضافو ڪرڻ مناسب لڳي ٿو. اهو هاڻي گهڻو عام طور مڃيو ٿو وڃي ته قديم سامي مذهب ۾ پٿر پوڄا هڪ حد کان وڌيڪ وڏو ۽ اهم ڪردار ادا ڪيو. اهو ڪيڏو اهم ڪردار هو ان جو اسان ڪيترين ئي شاهدين مان آسانيءَ سان پتو لڳائي سگهون ٿا، پر ان حقيقت کان وڌيڪ بيو ڪٿان به نه ، ته ويندي حضرت محمد خود اسلام مان ، جيڪو سمورن جاتل توحيدي مذهبي سرشتن مان وڌ ۾ وڌ توحيدي آهي، مڪي ۾ موجود ڪعبةالله جي ڪاري پٿر (حجرِاسود) کي خارج ڪري ڇڏڻ ۾ ڪامياب نه ويو. پروفيسر رابرٽسن سمٿ چئي ٿو، "عربستان ۾ قربانگاه يا ڪتيل پٿر اڻ جاتل آهي ۽ ان جي جاءِ تي اسان کي ملي ٿو کهڙو ٿنيو يا پٿرن جو دائرو، جنهن جي پرسان قربانيءَ جي شڪار کي ڪٺو ويندو آهي ۽ ان جي رت پٿر مٿان يا ان جي تري ۾ هاري ويندي آهي". پر اسرائيل ۾ اهو با



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صورت پٽر روح يا ديوتا جو وڏيڪ عام نشان لڳندو آهي. اسان اڳ ۾ ئي ڏسي آيا آهيون تہ اهڙو هڪ مقدس پٽر اوائلي يهودين وٽ بطور "بيت ايل" جي سڃاتو ويندو هو. جنهن جي معنيٰ آهي "ديوتا خدا جو گهر" جيڪو ان عام عقيدي مان ورتل آهي، تہ ان ۾ هڪ ديوتا يا روح جو بسيرو هوندو هو. سامين ۾ بهرحال پٽرن جي پوڄا جي ايڏي گهٽي مقبوليت اڃا وڏيڪ ان عجيب صورتحال مان بہ ظاهر ٿئي ٿي تہ هي لفظ يونانين ۽ رومين طرفان (ٿورڙي بدليل روپ ۾) اهڙي پٽر کي ظاهر ڪرڻ لاءِ، جنهن ۾ ديوتائن جو بسيرو هوندو آهي، اڌارو ورتو ويو هو. اهڙن ديوتائن ڏانهن حوالا، يهودين جي ڪتابن ۾ بيشمار ملن ٿا، پوءِ جيتوڻيڪ انهن کي ڪڏهن بت پرستانہ مورتيون سمجهي نديو ويو آهي ۽ ڪڏهن انهن کي قومي هيرن سان ۽ بعد جي يهوه پوڄا سان ڳنڍيندي يهوه ازم جي هڪ سنهي تهہ سان ڍڪيو ويو آهي.يعقوب جي خواب جي قصي ۾ اسان کي هڪ مثال ملي ٿو، جنهن ۾ هڪ مقدس پٽر کي مسح ڪيو ويجي ٿو ۽ ان ۾ ڳالهائيندڙ جي مال جوڏهون حصو بطور نذراني جي ڏيڻ جو وعدو ڪيو وڃي ٿو ۽ وري هڪ ٻئي موقعي تي اسان کي خبر پوي ٿي تہ يعقوب پٽر جو هڪ ٿنڀو کڙو ڪيو ۽ هن ان مٿان شراب نذراني طور اوتيو ۽ پوءِ ان مٿان تيل اوتيو."

بلڪل ساڳي طرح، جيئن هندستان ۾ لنگا جي وڏي عضوو تناسل پوڄا ۾ ٿيندو آهي (جنهن کي عام طور لنگم پوڄا سڏيو ويندو آهي)،ان ۾ هڪ گول مول ٿنڀي مٿان جنهن جو مٿيون حصو گول ٿيل هوندو آهي ۽ جنهنکي عالمي طور تي پنهنجي ماهيت ۾ هڪ عضووِ تناسل/مرداڻو عضوو (phallus) سمجهيو ويندو آهي، پنجن مقدس مسح ڪيون ويندڙ پاڻيان ـــ پاڻي، کير، گيهہ، تيل ۽ شراب مان ڪا هڪ اوتي ان جي پوڄا ڪئي ويندي آهي.

بين بہ ڪيترن ئي هنڌن تي بين مقدس پٽرن لاءِ ساڳيون رسمون ادا ڪيون ويندون آهن ۽ ڪيترن ئي مثالن ۾ انهن پٽرن کي ڏنل عضوو تناسل جيتري اهميت ان حقيقت مان صاف ظاهر ٿيل هوندي آهي تہ سنڍ عورتن طرفان اولاد جي نعمت حاصل ڪرڻ لاءِ انهن پٽرن جي پوڄا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرڻ هڪ عام رواجي ڳالهه هوندي آهي. جيئن هندو ڙالون مهاديو جي پوڄا ڪنديون آهن ۽ جيئن اسان جي ڪتابن ۾ ڪيترين ئي يهودي عورتن جو يهوه کي پوڄڻ جو ذڪر ڪيل آهي (جيڪو هاڻي ڪانپوءِ نوٽ ڪيو ويندو). يهودي ادب ۾ ذڪر ڪيل مُک پٿر ديوتائن جي هڪ مختصر فهرست هن موضوع جي اهميت کي واضح ڪرڻ ۾ مدد ڪري سگهي ٿي. ۽ هلندي هلندي اهو نوٽ ڪيو ويندو تہ مقدس پٿرن جو ذڪر اڪثر ڪري مقدس وڻن سان تعلق ۾ ڪيو وڃي ٿو. جنهن ڪان اسان اڳي ئي واقف آهيون. سچم جي پسگردائيءَ ۾ شاهہ بلوط جو وڻ "رسولن جو شاهہ بلوط" يا "قسمت جو حال ٻڌائيندڙن جو شاهہ بلوط هو، جنهن جي پرسان هڪ پٿر پيل هو جنهن جي پاڪائي مختلف نمونن سان بيان ڪئي وئي آهي، جيئن مثلاً هڪ هنڌ اهو ابراهيم جو قربانگاهہ آهي. ٻئي هنڌ يعقوب جو قربانگاهہ ۽ ٽئين هنڌ يشوع جو هڪ يادگار آهي. پر حقيقت ڏيکاري ٿي تہ ان ڏانهن قربانيءَ لاءِ رجوع ڪيو ويندو هو ۽سندس پرستار ان ڪان استخاره ڪيرائيندا هئا يا جواب حاصل ڪندا هئا. چوڻ جو مطلب اهو آهي تہ اهو هڪ تدفيني يادگار هو. حيبران پرسان "ممري جو شاهہ بلوط" بيٺل آهي ۽ ان جي هينان هڪ مقدس پٿر پيل آهي، جنهن کي ابراهيم جو قربانگاهہ سمجهيو وڃي ٿو ۽ جنهن تي دائود جي زماني ۾ قربانيون پيش ڪيون وينديون هيون. ٻيرشيبا جي پرسان اسانکي اجا هڪ ٻيو وڻ تمارسڪ ملي ٿو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو تہ ابراهيم طرفان پوکيو ويل آهي ۽ هڪ قربانگاهہ يا پٿر جو ٿنيو ملي ٿو، جنهن کي اسحاق ڏانهن منسوب ڪيو وڃي ٿو. جلجال وٽ قائم ڪيل خيمي ۾ "ٻارنهن پٿر" موجود هئا، جن لاءِ ڪڏهن چيو ٿو وڃي تہ" تراشيل مورتيون" هئا پر ڪڏهن انهن جي تشريح اردن جي گذرڻ وقت يهوه جي مدد جي يادگار طور بہ ڪئي وڃي ٿي. ٻيا مثال آهن: ابن عزر" مدد ڪندڙ پٿر" ۽ توبلت "نانگ پٿر" ۽ "وڏو پٿر"، جنهن تي بيت شميش وٽ قربانيون پيش ڪيون وينديون هيون ۽ ٻيو جبيان وٽ موجود عظيم پٿر، جيڪو پڻ بيشڪ هڪ اوائلي يهودي ديوتا هو.

۽ هاڻي اسان اوائلي يهودي مذهب جي ٽئين ۽ وڏي ۾ وڏ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏکي ورهاست ڏانهن اچون ٿا ـــ وڏن ديوتائن جي عقيدي ڏانهن، جن سمورن کان آخرڪار حاسدي يهوه خود ڳوءِ کٽي ويو. هنن ديوتائن جي شخصيت تمام گهڻي مبهم آهي، ٿورو اسانجن موادن جي اصليت ڪري، جن مڪمل طور تي يهودي ذريعن مان ورتل هجڻ ڪري 'ڪوڙن ديوتائن' کي لڪائڻ جي پوري ڪوشش ڪئي آهي پر ٿورو مان سمجهان ٿو ان ڪري به ته وحدانيت جي نظرئي کي پئدا ڪرڻ جي عمل ، مختلف عقيدن کي ڳنڍائڻ جي تحريڪ، انهن سمورن ديوتائن جون تقريباً سموريون ڳنڍيل خاصيتون خود يهوه ۾ ضم ڪري ڇڏيون جيڪو آخرڪار سمورن ديوتائن کي مڪمل نموني جذب ڪندڙ مرڪب بڻجي ويو. پوءِ به بهرحال اسان اهڙن وڏن ديوتائن ڏانهن هڪ يا ٻه ڏنڌلا حوالا محض سندن نالن ذريعي يا ان صورت ذريعي ڏئي سگهون ٿا، جن هيٺ انهن جي عام طور تي پوڄا ڪئي ويندي هئي. بزرگ پيڙهيءَ جي ڏاهپ بي شڪ اهڙن ديوتائن مان پهريان بعال ۽ موليڪ جا جاتل سڃاتل نالا ڳڻائي ها پر هن وقت اهڙو ڳاٽيتو بمشڪل ممڪن آهي. اسان هاڻوڪن يهودي صحيفن جي بعال ۾ هڪ واحد وڏو ديوتا وڏيڪ نه ٿا ڏسي سگهون ، ان بدران ان لفظ کي اسانکي بطور هڪ عام بنياد جي "آقا" يا "مالڪ" جي ليکڻ گهرجي جيڪو هر الڳ ديوتا جي پنهنجي رهڻ جي هنڌ سان تعلق کي ظاهر ڪندڙ آهي. بين لفظن ۾ بعالم لڳي ٿو ته سامي علائقي جا مقامي ديوتا يا ديوتا بڻايل سردار هئا، بي شڪ هر مخصوص گهراڻي جي ننڍن ديوتائن جي مقابلي ۾ اهي مثل بادشاهه يا خاندانن جو بنياد وجهندڙ هئا. تنهنڪري اها ڳالهه نا ممڪن نه آهي ته انهن کي مقدس پٿرن سان هڪ سمجهيو ويندو هو، جن تي اسان غور ڪري ٿي رهيا آهيون ۽ ڪاٺ جي اشيرا جهڙو سمجهيو ويندو هو. بعال جي باري ۾ اڪثر ڪري غير معين طور تي، ڪنهن به درست نالي ڪانسواءِ ڳالهايو وڃي ٿو، گهڻي ڀاڱي جيئن ڊيلوس وٽ ماڻهن "خدا" بابت ڳالهايو، اٿينس ۾ "ديويءَ" بابت ڳالهايو ۽ هاڻي پدوئا وٽ "اِل سانتو" بابت ڳالهايو، جن جي معنیٰ ترتيبوار هئي، اپولو، اٿيني ۽ سينٽ انٿوني. اهڙي طرح ميلڪارت ٽائر جو بعال آهي، ايسٽارٽ، بائبلوس جو بعال آهي، اهڙي نموني لبنان جو، هرمن جبل جو، پيور جبل وغيره جو به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بعال هو.شهرن جي نالن ۾ ڪجهه مخصوص بعالن جا نالا اسان لاءِ محفوظ ٿيل آهن. جيئن مثلاً بعال ـ تمر ڪجين جو آقا. بعال ـ گد. بعال ـ بيرٿ. بعال ـــ ميون ۽ بعال ـ زيفون. پر يهودي صحيفن ۾ بطور هڪ اصول جي هنن ڪوڙن ديوتائن، جي يادگيريءَ کي ختم ڪرڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي وئي آهي ۽ رڳو يهوه کي اوائلي ترين زماني کان هڪ سچو شهزادو ۽ اسرائيل جو حڪمران ظاهر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

جيستائين موليڪ جو واسطو آهي، ان لقب جي معنيٰ صرف ”بادشاهه“ آهي ۽ ان کي ٿي سگهي ٿو هڪ کان وڌيڪ ديوتائن متان لاڳو ڪيو ويو هجي. ڊاڪٽر رابرٽسن سمٿ اها راءِ رکڻ کان نه ٿو ڪيٻائي ته اهو خاص موليڪ جنهن کي يهودين طرفان سندن قيد خاني کان اڳ ٻارن جي انساني قرباني پيش ڪئي ويندي هئي، خود يهوه ئي هو. هو سمجهي ٿو ته اهو اهو قومي ديوتا هو، جنهن آڏو هي شعله فشان رسموز توفت يا پائروٹ مندر جي بلڪل هينان موجود نديءَ تي ادا ڪيون وينديون هيون. اهڙي طرح اسان کي يهودين جي هنن يهوه کان علاوه جي وڏن ديوتائن جا وڏ ۾ وڏ غير واضح تفصيل يهودين جي بابل ۾ قيد واري زماني کان پهريان ملن ٿا. جيڪا ڳالهه يقيني لڳي ٿي، اها هيءَ آهي ته مقامي ديوتائن جو هڪ چڱو خاصو تعداد، خاص حرمن ۾ هتي هتي پوڄيو ويندو هو: هر حرم لڳي ٿو ته هڪ مقدس وڻ يا مقدس وڻن جي جهڳٽي هينان بيٺل هڪ قربانگاهه يا پٿر جي مورتيءَ جو ۽ هڪ اشيرا جو نهيل هوندو هو. ڪيموش ـــ موئاب جي ديوتا ۽ دجون ـ فلستينين جي ديوتا جا نالا اسان وٽ مڪمل آزاديءَ ۽ صفائيءَ سان پهتا آهن جڏهن ته يهوه ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن به مقامي يهودي ديوتا پنهنجو نالو پوئتي نه ڇڏيو آهي جو هاڻي ان کي يقين سان الڳ سڃاڻي سگهجي. ساڳئي نموني مان شروع ۾ چوان ٿو ته بعالم جي پوڄا، اسرائيل جي اندر توڙي ٻاهر خاص ڪري اُين مخروطي پٿرن جي صورت ۾ ڪئي ويندي هئي، جيڪي سمورن حرمن ۾ وڏ ۾ وڏ مقدس شيون هوندا هئا ۽ هنن پٿرن لاءِ عام طور تي اهو مڃيو ويندو آهي ته اهي پنهنجن پوڄارين لاءِ هڪ عضوو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تناسل واري اهميت رکندڙ آهن.

ڪجهہ ليکڪن اجا وڌيڪ اهو ڏيکارڻ جي زحمت ڪئي آهي تہ يهودين جي اوائلي پوڄا ۾ ڪجهہ جانور ديوتا بہ داخل ٿيا. مون کي پڪ نہ آهي تہ هنن جا دليل مطمئن ڪندڙ آهن پر مکمل پڻي خاطر، اوائلي اسرائيل جي مبهم ۽ حيران ڪن ديوتائن جي هن مختصر جائزي ۾ مان بہ وڏ ۾ وڏ امڪاني مثال شامل ڪندس. انهن مان هڪ ديوتا هڪ نوجوان ڏاند جي صورت ۾ آهي، جنهن جي دان ۽ بيت ايل ۾ خاص طور تي پوڄا ڪئي ويندي هئي، جيئن ممفيز ۾ ايپس ڏاند کي پوڄيو ويندو آهي ۽ آن يا هيليو پولس ۾ نيوس ڏاند کي. هيءَ ڏاند پوڄا - بعد جي روايتن ۾. خروج جي زماني تائين ڏکي وئي آهي. جڏهن اسرائيل پنهنجي لاءِ بيابان ۾ هڪ 'سونو گابو' ناهيو. چا هي ڏاند شکل ديوتا، خود يهوه هو يا يهوه جي گهڻ صورتي روپن مان هڪ روپ هو؟ اهڙو خيال ڪئيونن جو آهي، جيکو واضح انداز ۾ چئي ٿو، "يهوه کي هڪ جوان ڏاند جي صورت ۾ پوڄيو پئي ويو. ان ڳالهہ ۾ ڪو بہ شڪ نہ ٿو ڪري سگهجي تہ ڏاند گابي جي پوڄا حقيقت ۾ يهوه جي بنفس نفيس پوڄا هئي" ۽ يقيناً انين صديءَ جي پيغمبراڻين لکيتن ۾ اسان واضح نموني اهو ڏسي سگهون ٿا تہ ڏاند جي پوڄارين پنهنجو پاڪي ديوتا يهوه کي پوڄيندي سمجهيو ٿي، جنهن هنن جي ماڻهن کي مصر جي سرزمين مان ٻاهر آندو هو. پوءِ بہ بهرحال هڪ ڌارئي ماڻهوءَ لاءِ ههڙي موضوع تي وڏن سامي عالمن کان اختلاف ڪرڻ خطرناڪ ٿي سگهي ٿو. مان پوءِ بہ ائين سوچڻ جي همت ڪيان ٿو تہ اسان هاڻي ڪانپوءِ اهو نتيجو اخذ ڪرڻ ۾ عقلمندي ڏسي سگهون ٿا تہ اصل ۾ ائين نہ هو: تہ اهو ديوتا جنهن جي ڏاند ، گابي جي روپ ۾ پوڄا ڪئي ويندي هئي ، ڪو ٻيو ديوتا هو، جيئن موليڪ جنهن لاءِ اسان ڄاڻون ٿا تہ هڪ ڏاند جي مٿي سان ظاهر ڪيو ويندو هو ۽ اهو رڳو بعد جي امتزاجي عمل ذريعي ٿيو جو هي ڏاند ديوتا آخر ۾ يهوه طور سڃاتو وڃڻ لڳو، جيئن هڪ بلڪل ئي مختلف اصليت وارو ديوتا (جيڪو ائين لڳي ٿو) نيوس هيلوپولس وٽ راع جو اوتار ليکيو وڃڻ لڳو، جيئن ايپس، ممقيس وٽ تاهہ جو اوتار ۽ اڄا بعد ۾ عوسيرس جو اوتار ليکيو وڃڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳو. ٻئي پاسي اسانکي اهو ٻہ ياد رکڻ گهرجي تہ جيئن مستر فريزرڏيکاري چڏيو آهي تہ هڪ مقدس جانور اڪثر ڪري ان ئي ديوتا جو نمائندو ۽ مجسم سمجهيو ويندو آهي، جنهن تي ان کي عادتاً قربان ڪيو ويندو آهي. هتي وري اسان زمين کي کوٽيون تا جيڪا تسلي بخش انداز ۾ رڳو اسان جي گهڻ صورتي دليل جي آخري منزل تي پري ويندي. هڪ بيو جانور ديوتا، جنهن جي پڻ هڪ ڌاتوءَ جي مورتيءَ جي صورت ۾ پوڄا ڪئي ويندي هئي، نانگ هو، جيڪو اسانجي زبان ۾ پتل جي نانگ طور سڃاتو ويندو آهي ۽ جنهن کي اوائلي روايتن جي يهودي مصنفن طرفان برپٽ ۾ موسىٰ سان ڳنڍيو ويو آهي. نانگ جي پوڄا ڇيو ٿو وڃي تہ حزقياه جي ڏينهن تائين بنا روڪ ٽوڪ جي جاري رهي جڏهن يهوه جي خالص پوڄا جي اثر هيٺ، جيڪو تڏهن مقبول ٿي رهيو هو، ان مورتيءَ کي هڪ ڪافراڻي شيءِ سمجهندي، ٽڪرا ٽڪرا ڪري ٽوڙيو ويو هو. هلندي هلندي ان ڳالهہ ڏانهن اشارو ڪرڻ بمشڪل ضروري آهي تہ نانگ، مصر ۾ سڀ کان وڌيڪ مقدس جانورن منجهان هڪ هو. پوءِ اهي ئي يهوه ازم جي ڏنڌلي پردي مان نظر ايندڙ ان غير يقيني ديومالا جا ڏنڌلا اوصاف آهن جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ انين صديءَ جي لڳ ڀڳ يهوه پنهنجو پاڻ کي وڌ ۾ وڌ اهم ديوتا طور ڏنو . مان چوان ٿو وڌ ۾ وڌ اهم ڇا ڪاڻ تہ اسانجن رڪاوٽن مان اهو واضح آهي تہ ڪيترن ئي زمانن تائين يهوه جي پوڄا ۽ بعالم جي پوڄا ڪنهن بہ شعوري دشمنيءَ ڪانسواءِ گڏوگڏ جاري رهي.

۽ خود هي پاڪ يهوه ڪهڙي قسم جو ديوتا هو، جنهن کي يهودين تمام اوائلي زماني کان زوردار نموني سان ۽ بين سيني کان مٿي، "اسرائيل جو خدا" مڃيو ٿي؟

جيڪڏهن ڪڏهن هن کي هڪ سوني ڏاند طور تصوز ڪيو ويو هو، جيڪڏهن ڪڏهن هن کي روشني، باهہ يا سج جو ديوتا قرار ڏنو ويو هو، مان سمجهان ٿو تہ اهي تصور ضرور اوصافن جي منتقليءَ ۽ ماڻهن جي مونجهاري جو نتيجورهيا هوندا، جهڙي نموني اسان اهي مصر جي وڌيڪ تازي عارفاڻي مذهب ۾ ايترو عام جام ڏسي سگهون ٿا. يهوه


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي تازي ديوتا پٽي جي شروعاتي ڏينهن ۾ پنهنجي ماهيت ۾ ضرور ڇا رهيو هوندو. مان سمجهان ٿو ته پراڻي روايتي قصي جي ڪجهه ٽڪرن کي پاڻ ۾ گڏائڻ سان اسان ان جو بهتر نموني فيصلو ڪري سگهون ٿا، جيڪي هن جي ڪردار ۽ ڪمن کي صاف نموني ظاهر ڪن ٿا. يهودي نسل سان يهوه جي اوائلي ترين ناتن جي قصائي احوال ۾، اسانکي ٻڌايو ويو آهي ته حران ۾ هي نسلي ديوتا، ابراهيم آڏو ظاهر ٿيو ۽ هن سان وعدو ڪيو ته هو هن مان 'هڪ عظيم قوم' ناهيندو. بعد ۾ ابراهيم اولاد جي اڻ هوند جي شڪايت ڪري ٿو، يهوه کي چوي ٿو، "تو مون کي ڪو ٻه ٻج نه ڏنو آهي." پوءِ يهوه هن کي ٻاهر وٺي آيو ۽ چيائينس "هاڻي آسمان ڏانهن نهار ۽ ستارا ڳڻي ٻڌاءِ، اوترائي تنهنجا ٻج/ اولاد ٿيندا." بار بار اسان ابراهيم کي اولاد ٿيڻ جا ساڳيا وعدا ڏسون ٿا. "مان تو کي حد کان وڌيڪ انداز ۾ وڌائيندس". "تون ڪيترن ئي قومن جو ابو ٿيندين"؛ "مان تو کي حد کان وڌيڪ اولاد وارو ڪندس." "تو مان بادشاهه پيدا ٿيندا" ساڳئي نموني سائره لاءِ پڻ چيو ويو آهي: "هوءَ قومن جي امڙ ٿيندي، قومن جا بادشاه هن جي اولاد ٿيندا." ۽ اسماعيل لاءِ "مون هن کي نوازي ڇڏيو آهي ۽ هن کي اولاد وارو ڪندس ۽ هن کي حد کان وڌيڪ انداز ۾ وڌائيندس؛ هو ٻارنهن شهزادا ماڻيندو ۽ مان هن کي هڪ عظيم قوم بڻائيندس." وقتاً فوقتاً هي رحمتون ابراهيم، اسحاق ۽ هنن جي سموري خاندان لاءِ بار بار دهرايون وڃن ٿيون: "مان توهانجي اولاد کي آسمان جي ستارن جيترو ۽ سمنڊ جي ڪناري تي پيل واريءَ جيترو وڌائيندس ۽ توهانجي اولاد پنهنجن دشمنن جا دروازا جهليندي." هنن ٽڪرن مان هر هڪ ۾ ۽ ڪيترن بين ۾، جن جو حوالو ڏيڻ جي ضرورت ناهي، پر اهي هر پڙهندڙ آڏو آسانيءَ سان اچي ويندا، يهوه کي خاص طور تي بطور هڪ واڌ جي، نسل جي، جهجهائپ جي، افزائش نسل جي ديوتا جي ظاهر ڪيو ويو آهي. ان نموني اسان خاص موقعن تي پڻ اڪثر نمايان طور تي هن جي پوڄا ٿيندي ڏسون ٿا. هو اهو ديوتا هو، جنهن جي سُنڍ عورتن پوڄا ڪئيءَ خانداني بزرگن جي مذهب کي زنده رکندي جنهن وٽان هنن هڪ پٽ جي خاص رحمت ٿيڻ جي اميد ڪئي، هي لاڙو بعد جي زماني جي شاعريءَ ۾ به



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم دائم رهيو: ”هو بي اولاد عورت کان بہ گهر هلائي ٿو“. اهو زبور جو شاعر پهوه لاءِ چئي ٿو. ”۽ ڪيس ٻارن جي هڪ خوش ماءُ بڻائي ٿو“. ۽ پهوه قصي جي شروعات کان وٺي پڄاڻيءَ تائين اسان نسلي ديوتا جي هيءَ ساڳي خصلت گهٽي حد تائين بي گناهه ثابت ٿيل ڏسون ٿا. جڏهن ساره پوڙهي ۽ سالن کان وينل هجي ٿي، پهوه هن وٽ اچي ٿو ۽ هوءَ اسحاق کي پيدا ڪري ٿي. پوءَ وري اسحاق ”پهوه کان پنهنجي زال لاءِ دعا گهري ڇا ڪاڻ تہ اها سنڍ هئي؛ ۽ پهوه هن جي دعا قبول ڪئي ۽ ربقہ هن جي زال پيٽ سان ٿي“. وري جڏهن پهوه ڏٺو تہ ليہ کان نفرت ڪئي وڃي ٿي، هن هن جي ڳپيرڻ کولي ڇڏي پر راخيل بي اولاد هئي. هڪ دفعو وري سئمسن جي پئدائش بابت اسانکي ٻڌايو وِيو آهي تہ ” منوها جي گهر واري سنڍ هئي ۽ ڪيس ڪو اولاد نہ هو“ پر پهوه جو فرشتو ان عورت وٽ آيو ۽ ڪيس چيائين،” ڏس، هاڻي تون سُنڍ آهين ۽ ڪو بہ ٻار نہ ٿي پئدا ڪري سگهين پر تون پيٽ سان ٿيندينءَ ۽ تو کي هڪ پٽ ڄمندو.“ ۽ حنہ جي باري ۾ اسانکي اجا وڌيڪ نمايان طور تي ٻڌايو وڃي ٿو تہ پهوه ” هن جي ڳپيرڻ بند ڪري ڇڏي هئي.“ تنهنڪري شيلوه وٽ پهوه جي مندر ۾ هن پهوه کي عرض ڪيو تہ هيءَ بدنامي هن مان ڪڍي وٺي ۽ ڪيس هڪ ٻار ڄمي.“ ’پهوه هن کي ياد ڪيو ۽ هن سيميوئل کي جنم ڏنو. ۽ ان ڪانپوءِ وري پهوه حنہ وٽ آيو ۽ هوءَ پيٽ سان ٿي ۽ هن ٽي پٽ ۽ ٻہ نياڻيون پئدا ڪيون.“ ڪيترن ٻين ٽڪرن ۾ اسان کي هوبهو ساڳي امتيازي خصوصيت ملي ٿي؛ پهوه کي هر شيءِ کان مٿي، واڌاري جو ۽ اولاد ڏيڻ جو ديوتا قرار ڏنو وڃي ٿو. ” ٻار، پهوه طرفان هڪ ورثو آهن“، اهو هڪ مشهور بيت جو تمام بعد جو هڪ ليکڪ چئي ٿو، ”ڳپيرڻ جو ميوو هن طرفان انعام آهي“. ”تنهنجي زال تو لاءِ ميوه دار انگور جي ول ٿيندي“. اهو پهوه شاعر جي واتان، پنهنجي شيدائيءَ کي چئي ٿو. ”تنهنجا ٻار، تنهنجي ميز چوڌاري زيتون جي وڻن جيان هوندا“،”اهو ماڻهو خوش هوندو آهي، جنهن جو ترڪش انهن ٻارن سان پريل هوندو آهي.“ اهو هڪ ٻيو زبور جو شاعر چئي ٿو. ”اهي دشمنن سان دروازي تي ڳالهائيندا.“ بار بار اهو وعدو دهرايو وڃي ٿو تہ ابراهيم جو، يوسف جو يا اسماعيل جو اولاد ايترو بيشمار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيندو جيترو آسمان جا ستارا يا سمنڊ جي واري.يهوه جي مک مراعت بظاهر واڌ جو تحفو آهي، جيڪو اڪثر ڪري مال ۽ ڳڌهن تائين ڦهليل هجي ٿو پر جنهن ۾ گهڻ پٽ ۽ ڌيئرون هميشہ شامل هجن ٿا. شريعت جو ليکڪ چئي ٿو، ”جيڪڏهن اسرائيل يهوه جي فرمانبرداري ڪري ٿو تہ يهوه توهان کي ، توهانجي پيٽ جي ميوي ( ڪاڌي) ۾، توهانجي مال متاع جي ميوي ( ڪاڌي) ۾، توهانجي زمين جي ميوي (ڪاڌي) ۾ خوشحال بڻائيندو پر جي هن جي فرمانبرداري نہ ڪندو تہ”توهانجي پيٽ جو ميوو (ڪاڌو)، ۽ توهانجي زمين جو ميوو (ڪاڌو) توهانجي ڳئن جي اولاد ۽ توهانجي ٻڪرين جا ڌڻ ، ملامت ڪيل هوندا.“

هاڻي سڄي دنيا ۾ هر ٻئي هنڌ ساڳئي انداز ۾ اسان عضوو تناسل وارن ديوتائن (Phallic gods) جو هڪ مخصوص طبقو ڏسون ٿا، جن کي افزائش نسل يا اولاد ڏيندڙن طور خصوصي طور تي تصور ڪيو ويندو آهي، ۽ جن کي خصوصي طور تي ٻي اولاد عورتن طرفان، جيڪي ٻارن جون خواهشمند هونديون آهن، نذرانا پيش ڪيا ويندا آهن. ۽ هتي مشاهدو ڪرڻ لاءِ هي نڪتو آهي تہ هي ديوتا اڪثر ڪري (شايد هڪ ماڻهو ايترو بہ چئي سگهي تہ هميشہ) پٿر جي ٿنڀن يا سنگ واحد جي صورت ۾ هوندا آهن. هندستان جو عملي عظيم ديوتا ــ اهو ديوتا جنهن جي ماڻهو حقيقت ۾ پوڄا ڪندا آهن، مها ديو آهي؛ ۽ مها ديو جيئن اسان ڄاڻون ٿا، پٿر جو هڪ گول مول ٿنڀو آهي، جنهن کي لنگم پوڄا آڇي ويندي آهي ۽ جنهن کي ٻي اولاد عورتون، اولاد لاءِ ٻاڏائينديون آهن. اولهہ يورپ ۾ بہ مقدس پٿر آهن، جن تي هاڻي صليب چاڙهيو ويو آهي، جن تي ٻي اولاد عورتون اچا تائين خدا ۽ مريم يا ڪنهن مقامي وليءَ کي اولاد لاءِ ٻاڏائينديون آهن. اهو مجيو ٿو وڃي تہ جڏهن تہ مقدس پٿريلي سئي ( Obelisk) هڪ نقطہ نظر کان (بعد جي نظرئي مطابق) سج جو هڪ ڪرڻو آهي، ٻئي نقطہ نظر کان (اوائلي ٻڻ ٻڻياد وارو) اها ”فطرت جي افزائشي قوت جي نشاني آهي“، جيڪا ڳالهہ هيئن چوڻ جو صرف هڪ ٻيو انداز آهي تہ اها عضوو تناسل واري خاصيت جو هڪ بزرگاڻو پٿر آهي. ٿورن لفظن ۾ ان تعلق متان وڌيڪ گهڻو زور نہ ڏيندي، اسان عمومي طور تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو نتيجو ڪڍي سگھون ٿا تہ اُيو تنيو، اوائلي زماني ۾ ئي نہ رڳو مري ويل جو هڪ يادگار ۽ روح يا ان پتر ۾ رهندڙ ديوتا جو نڪاٽو سمجھيو وڃڻ لڳو هو پر اهو ڪنهن پر اسرار ۽ مخفي انداز ۾ مرد ۽ افزائشِ نسل جو هڪ نمائندو پڻ سمجھيو وڃڻ لڳو هو.

جيڪڏهن اسان ياد ڪريون تہ پتر جو تنيو اڪثر ڪري بزرگ يا والد سان سڄاتو ويندو آهي، هن خيال جو سبب سمجھڻ شايد ايترو مشڪل نہ ٿيندو. "هنن پترن مان اسان سڀ ورتل آهيون"، قديم پوڄاري ائين سوچيندو آهي، "هي اسانجا ابا آهن، تنهنڪري اهي اسانکي ٻار ڏيندڙ، اسانجن سمورن نسلن جا پئدا ڪندڙ ۽ حاصل ڪندڙ افزائش جو اصول ۽ درست ديوتا آهن، جن جي اولاد لاءِ پوڄا ڪجي." ان ڪان علاوه انهن مان ڪيترا جيڪي انسان طور يا گهٽ ۾ گهٽ مٿئين حصي ۾ انسان طور ظاهر ڪيل هوندا آهن، وقت سان گڏ سڌو عضوِ تناسل جيئن پرائپس — افزائش جو ديوتا آهي، ٿي ويندا آهن، ٿورو صرف وحشي پٽي ڪري پر ٿورو مري ويل جي جنس جي هڪ نشانيءَ طور پڻ ۽ اسان هن آسان تبديليءَ جي فطري پٽي کي ڏسي سگھون ٿا. يونانين جي هرميز ديوتائن ڪان ڪيترن هاٽوڪن وحشي نسلن جي اگهاڙن عضوو تناسل وارن ديوتائن تائين اسان هر هنڌ مقدس پتر ۽ پدريت جي خيال وچ۾ هن مستقل تعلق جون نشانيون ڏسون ٿا. جتي پتر هڪ عورت جي قبر کي ظاهر ڪري ٿو، اتي ديوتا کي ظاهر آهي تہ هڪ ديويءَ جي روپ ۾ تصور ڪيو ويندو آهي پر ساڳين نتيجن سان. هيرو ڊوٽس شام ۾ عورت جي جنسي عضون سان اُڪريل اُيا مجسما ڏٺا. اهڙي طرح ايو پتر جو ديوتا هر هنڌ موجود آهي ۽ هميشہ اولاد ڏيڻ جي هڪ ديوتا طور ليکيو ويندو آهي. پر ڇا پتر جي تنيي جو هي خيال فلسطين ۽ سامي قومن تائين پهتو؟ شاهدي ملي ٿي تہ اهو هيرو ڊوٽس جي خيال ڪان علاوه پهتو. ميجر ڪونڊر، جنهن جي نج آثار قديمہ (علم لسانيات جي ابتڙ) جي سمورن سوالن تي راءِ حد ڪان وڌيڪ احترام لائق آهي، ڪنعاني وقتن بابت چئي ٿو، "مخروطي پتر سڄي شام ۾ افزائش مٿان حڪمراني ڪندڙ ديوتائن جو نشان هو ۽ پيالن جا ڪُڏا، جيڪي انهن پترن ۽ پتريلين تختين تي ناهيا ويا هوندا آهن، انهن مٿان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدس پاڻيانيون اوتڻ کي ظاهر ڪندڙ هوندا آهن، جيڪا اڪثر ڪري انساني رت هوندي آهي، جنهنکي اوائلي پوڄارين طرفان انهن پٿرن مٿان ڪڍهن هاريو ويو هوندو آهي.“ هو انهن يادگارن کي هندستان جي لنگم پوڄا سان ڳنڍي ٿو ۽ وڌيڪ چئي ٿو ته ڊاڪٽر چئپلن گليلي جي سمنڊ پرسان اڄا تائين زنده اهڙو هڪ مذهب ڳولي لڌو.

ليوسيان، هيرا پولس جي مندر تي موجود ٻن وڏن ٿنڀن کي عضوو تناسل ڪوٺي ٿو. فنيشينس متعلق ميجر ڪونڊر چئي ٿو، ”مندرن ۾ پوڄيو ويندڙ مک نشان هڪ ٿنڀو يا مخروط هو، جيڪو بيشڪ اڻ گهڙيل مخروطي پٿرن مان ورتل هو، جن جي اوائلي وحشي قبيلن جهڙوڪ دراوڙن، عربن، ڪيلٽن ۽ هوتنتوس طرفان پوڄا ڪئي ويندي هئي“.

ته يهوه خود پنهنجي اوائلي ترين روپ ۾ اهڙو هڪ پٿر جو ديوتا هو، مان سمجهان ٿو، ان سلسلي ۾ ثبوت ، جيتوڻيڪ شايد بلڪل ئي حتمي نه آهي، پر گهڻ ۾گهڻ چئجي ته بي حد تجويز ڪندڙ ضرور آهي. مون ان ڏانهن گذريل باب ۾ اڳ ئي ڌيان ڇڪرائي ڇڏيو آهي ۽ ان کي هتي وري ٻيهر مڪمل طور تي دهرائڻ جي ضرورت نه آهي پر ايڪڙ ٻيڪڙ اضافا بي ملهائتا نه هوندا. هڪ نسل جنهن جا ديوتا تقريباً عالمگير نموني مقدس پٿرن ذريعي ظاهر ڪيل هجن، ان ۾ ان عمومي امڪان کان علاوه ته ان جو ڪو خاص ديوتا به ائين ئي ظاهر ڪيل هوندو، جيستائين ان جي ابتڙ ڳالهه ثابت نه ٿي ڪئي وڃي، بعد جي سموري ٻولي ۽ ان اصلي پٿر جي ديوتا جي ختم ٿي چڪي هجڻ کان پوءِ جي لکيل سموري شاعريءَ جو ثبوت موجود آهي، جنهن مان يهوه اڄا تائين گهڻ ۾گهڻ هڪ تمثيلي معنىٰ ۾ عوامي طورهڪ پٿر يا پهاڙ ڪري ليکيو ويندو هو. ڪتاب شريعت جو ليکڪ، موسىٰ جي واتان هڪ گيت ۾ چئي ٿو“ هو (يهوه) هڪ چٽان/ پهاڙ آهي“. ’مان يهوه جو نالو ڇيپيندس‘، پنهنجي ديوتا ڏانهن عظمت منسوب ڪندس. ”يهوه زنده آهي ۽ منهنجي جبل تي رحمت هجي“. اهو هڪ ٻيو حمد چئي ٿو، جيڪو هڪ بعد جي ليکڪ، سيميوئل جي ٻئي ڪتاب ۾ دائود لاءِ گهڙيو آهي. ” منهنجي نجات جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جبل جو ديوتا شل سرفراز هجي". ۽ زبور ۾ اهو نقش بار بار اچي ٿو، "يهوه منهنجو جبل ۽ منهنجو قلعو آهي". يهوه ڪانسواءِ ٻيو ڪير ديوتا آهي، اسان جي ديوتا ڪانسواءِ ٻيو ڪير جبل آهي؟ "هن منهنجا پير هڪ جبل تي رکيا ۽ منهنجو پنڌ بحال ڪيو". "مون کي جبل ڏانهن وٺي هل، جيڪو مون کان بہ عظيم آهي".

"يهوه منهنجو بچاءُ آهي ۽ منهنجو ديوتا منهنجي پناهہ جو جبل آهي". "او اچو، اسان کي يهوه لاءِ ڳائڻ کپي، اسان کي پنهنجي نجات جي جبل ڏانهن هڪ خوشيءَ جو آواز موڪلڻ کپي." پر اوائلي عبرانين آڏو سندن ديوتا يهوه صرف هڪ شيءِ ـــ پٿر جو ٿنيو يا ڪا ٻي شيءِ هو، جيڪا تابوت يا صندوق ۾ محفوظ ٿيل هئي، جيڪا شيلوه وٽ ڪافي عرصو پيل رهي ۽ جنهنکي پوءِ يروشلم ۾ مندر ۾ هڪ عمارت جي ديوارن وچ ۾ (جيئن بعد جي تشريح ۾ آهي) روضي طور رکيو ويو. قاضين، سيميوئل ۽ بادشاهن جي ڪتابن ۾ موجود سموريون اوائلي روايتون اسانکي بلڪل صاف نموني ڏيکارن ٿيون تہ يهوه خود صندوق ۾ رهندڙ سمجهيو ويندو هو۽ جنهنکي هن سان گڏ هن جي سمورن سفرن دوران هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ کنيو هلبو هو. ابن عزر وٽ فلستينين سان جنگ جو قصو، دجون جو حريف ديوتا يهوه آڏو ڪرڻ، اسرائيلي ماڻهن وٽ واپس اچڻ کانپوءِ صندوق جا ياڳ، دائود طرفان ان کي يروشلم ڪڻائي وڃڻ، سليمان طرفان آخري تاجپوشي ڪرڻ، اهي سڀ ڳالهيون نمايان طور تي ڏيکارن ٿيون تہ يهوه بنفسِ نفيس صندوق ۾ اندر هڪ فرشتي جي محافظيءَ ۾ رهيو ٿي.

"ڪير هن تمام مقدس ديوتا يهوه جي ڇهري سامهون بيهڻ لائق آهي؟بيت شمس جا ماڻهو پڇن ٿا، جڏهن هنن ان مقدس رهائش گاهہ اندر نهارڻ جي جرئت ڪئي تہ ساڙيلي ديوتا جنهن صندوق جي اندرئين ۾ اندرئين حرم جي اونداهيءَ ۾ رهڻ پسند ڪيو ٿي، هنن کي ماري ڇڏيو. هن سلسلي ۾ ٻن اهم حقيقتن کي نوٽ ڪرڻ سٺي ڳالهہ ٿي سگهي ٿي. بلڪل اهڙي هڪ صندوق مصر ۾ مقدس شين يا ديوتائن جي مورتين کي رکڻ لاءِ استعمال ڪئي ويندي هئي. ۽ وڏيڪ اهڙي زماني ۾ جڏهن بني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسرائيل مصر ۾ ڏن پريندڙ هوندا هئا. هڪ تيبان گهراڻي ملڪ مٿان حڪمراني تي ڪئي ۽ عظيم ٿيبان عضوو تناسل واري ديوتا ـــ خيم جي پوڄا، مصري تسلط جي هر حصي ۾ وڏي پئماني تي ڦهليل هئي.

ڇا هڪ لنگا يا ٻئي ڪنهن پٿر جي ٿنڀي جو ڪڏهن مقبرو يا مندر بڻائڻ جو ڪو ثبوت آهي، جيئن هڪ حرم جي عظيم ديوتا جي صورت ۾ هجي تو؟ ها بلڪل، ميجر ڪانڊر اهڙا ثبوت اڳ ئي مهيا ڪري ڇڏيا آهن ۽ وڌيڪ ٻيا ثبوت ٻين مختلف ذريعن مان اچڻ وارا آهن. مخروط جيڪو قبرص ۾ ايفرودائيت کي ظاهر ڪندو آهي، ساڳئي نموني هڪ مندر جي مک شيءِ طور زيارت گاهه ۾ رکيو ويو، جيئن سمورن مصري مميز جا مجسما مقبرن جي صورت ۾ آهن. ميجر ڪونڊر چئي ٿو، ”ثالثي پٿر بعد ۾ هڪ مقبرو ٿي وڃي ٿو، جنهن ۾ هڪ مخروط يا مجسمو بيٺل هوندو آهي“. هن تعلق جي اهميت هڪدم ڏسڻ ۾ ايندي، جيڪڏهن پڙهندڙ ياد ڪري ته ڪيئن مان مقدس پٿرن واري باب ۾ ٻٽ جو قديم أيي پٿر مان بڻ بڻياد ڏيکاريو هو. ميجر ڪونڊر وري هڪ دفعو چئي ٿو، ”هندستان ۾ ڪانڌ ۽ ٻيا اڻ آريا قبيلا خام پٿرن جا اهڙا مندر ٺاهيندا آهن، انهن کي ڳاڙهي رنگ سان رنگيندا آهن ـــ جيڪا مخروطي پٿر ۽ مقدس مخروط يا ٿنڀي کي قربان ڪيل جانورن، (جيڪي ڪڏهن انسان به هوندا هئا) جي رت ملڻ جي پراڻي رسم جي باقيات هوندي آهي“. هندستانين ۾ ٿنڀو هڪ لنگم هوندو آهي ۽ فينيشينس ۾ اها ئي ان جي بظاهر معنىٰ هئي. ۽ يوناني شهرن ۾ اسان کي پاسينيلس کان خبر پوي ٿي ته وڏ ۾ وڏ عظيم الشان يوناني مندرن جي وڏ ۾ وڏ عاليشان اندروني حصي ۾ هڪ اڻ ڪٽيل پٿر ساڳئي نموني زيارت لاءِ رکيل هوندو آهي.حقيقت ۾ اها ڳالهه هڪ قانون هئي ته شاندار مندرن ۾ هڪ پٿر، پوڄا جي مک شيءِ هجي. يهوه جي پوڄا ۾ هڪ وڌيڪ عجيب امتيازي خصوصيت نوٽ ڪرڻ گهرجي. نه رڳو هو انساني قربانين مان لطف اندوز ٿيو ٿي پر هن خاص طور تي پهرئين ڄاول ٻار جو نذرانو پڻ طلبيو ٿي ۽ هن ماڻهوءَ جي هر هڪ ٻار لاءِ هڪ جدا ۽ چڱو چوکو ڀُنگ گهريو ٿي، جنهن کي هن پنهنجن خاص شيدائين درميان رهڻ جي اجازت ڏني ٿي. انساني قربانين جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت تي زور پرڻ جي مونکي مشڪل سان ڪا ضرورت آهي: اهي قربانيون سموري سامي پوڄا جو هڪ اڻٽٽ حصو آهن ۽ يهوه جي مذهب ۾ انهن قربانين جي هجڻ کي سمورن غير تعصبي عالمن طرفان عالمگير نموني مڃيو ويو آهي. اگاج جو مثال جنهن کي سيميوئل، يهوه جي سامهون ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ يفتيلس جي ڌيءَ جو مثال، جنهنکي هن جي پيءُ پنهنجي فتح تي بطور شڪراني جي نذراني جي قربان ڪري ڇڏيو، جيتوڻيڪ تنقيدي نقط نظر کان اها ڳالهه نيڪ نيڪ تاريخي نه به هجي، هي مثال يهوه جي پوڄارين جو، جن انهن کي بيان ڪيو، مزاج ۽ عادت ڏيکارڻ لاءِ بلڪل ڪافي ثبوت آهي: ساڳيو حال اسحاق جي قربانيءَ واري قصي جو آهي، جيڪو رڳو آخري لمحي تي بچايو ويو ته جيئن افزائش جو ديوتا هن کي ڪيترن هزارن ماڻهن جو پيءُ بڻائي سگهي. وري دائود يهوه جي ڪاوڙ کي، سائول جي ستن پٽن جي قرباني ڏيڻ سان ٿڌو ڪري ٿو، ۽ ميڪاهه نبي پڇي ٿو.” ڇا مان پنهنجو پهريون ڄاول ٻار پنهنجي گناه لاءِ پيش ڪيان، پنهنجي روح جي گناهه لاءِ پنهنجي جسم جو ميوو؟ هي هڪ اهڙو ٽڪرو آهي. جنهن مان ثابت ٿئي ٿو ته ميڪاهه جي زماني ۾ وڏي ٻار جي اهڙي قرباني، مروج يهوه پوڄا جو هڪ عام واقعو هوندي هئي.

انساني قربانيءَ کان طوطهر/ ختني تائين جي تبديلي ان کان گهڻ وحشتناڪ آهي، جيتري اها پهرين نظر ۾ لڳندي. هڪ وچٿري قربانيءَ جو قسم پنهنجي پهرئين ڄاول ٻار کي يهوه لاءِ وقف ڪري ڇڏڻ هوندو آهي: يهوه انکي پنهنجو شڪار نه بڻائيندو آهي پر پنهنجو هڪ غلام ۽ مريد ڪري رکندو آهي، ان واڌاري جو پهريون ميوو، جنهن جي ضمانت ڏيڻ هن جو خاص ڪم هوندو آهي. مختلف قانونن ۾ يهوه ماڻهوءَ ۽ جانور جي پهرئين ڄاول ٻار ـــ ڪڏهن سمورن ٻارن مٿان، ڪڏهن صرف نر ٻار مٿان، پنهنجي دعوىٰ ڪندو آهي. جانورن کي قربان ڪيو ويندو آهي: پٽن کي گهڻ ۾ گهڻ بعد جي زمانن ۾ يا ته نذرانئيت (يهودي مُلان) بڻايو ويندو آهي يا هڪ نذراني يا پئسن جي پُنگ سان ڇڏايو ويندو آهي. پر اسان ان ڳالهه ۾ شڪ نه ٿا ڪري سگهون ته تمام اوائلي زمانن ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پهرئين ڄاول ٻار کي يهوه جي سامهون کنو ويندو هو. موسيٰ ۽ صفوره جي عجيب قصي ۾ اسانکي هڪ عجيب و غريب لوڪ ڪهاڻي ملي ٿي جيڪا هن رسم کي اڻ سڌيءَ طرح ختني (طوهر) جي رسم سان ڳنڍي ٿي. يهوه موسيٰ کي مارڻ تي گهريو، بظاهر ان ڪري تہ هن پنهنجو ٻار قربانيءَ لاءِ پيش نہ ڪيو هو، پرصفوره هن جي گهرواري هڪ پٿر جو چاقو ڪٽي ٿي، ان سان هوءَ پنهنجي ٻار جو ختنو ڪري ٿي ۽ ان رتوهاڻي نذراني کي يهوه جي قدمن ۾ اڇلائي ٿي، جيڪو پوءِ هن جي مڙس کي ڇڏي ڏئي ٿو. ابراهيم طرفان ان رسم جو پايو وجهڻ جي بعد جي احوال بدران هيءُ ئي ختني جي بڻ بڻياد جو سچو پراڻو وضاحتي قصو لڳي ٿو ـــــ هڪ اهڙو قصو، جيڪو انهن قصن سان مماثل آهي جيڪي اسان رومن ۽ ٻي اوائلي تاريخ ۾ ڪجهہ قديم رسمن يا قانوني فارمولن کي ظاهر ڪندي يا واضح ڪندي ڏسون ٿا. ختنو/طوهر حقيقت ۾ يهوه کي (بطور پئدائش جي ديوتا جي) هڪ خوني قرباني پيش ڪرڻ لڳي ٿو: هڪ اهڙي قرباني، جيڪا لازمي طور هڪ ڍُنگ جي نوعيت واري آهي ۽ تنهنڪري انهن سمورن بين جسماني بگاڙن سان پيٽ لائق آهي، جن جو بڻ بڻياد مسٽر هربرٽ اسپينسر پنهنجي مضمون ”سيريمونيل انسٽيٽيوشنس“ ۾ ايترو سٺي نموني ڏيکاري ڇڏيو آهي. ساڳئي وقت هن قربانيءَ جي اصليت يهوه جي ڪردار مٿان بطور هڪ واڌ جي ديوتا جي روشني وجهڻ ۾ مدد ڪري ٿي؛ بلڪل ساڳئي نموني جيئن ڳوڙهن جومرض، جنهن ۾ فلسطيني، يهوه ۽ هن جي صندوق کي پڪڙڻ لاءِ ونجي ويا جيڪا ڳالهہ ان انتقام جي نوعيت ڏيکاري ٿي، جنهن جي فطري طور هڪ پئدائش جي ديوتا مان توقع ڪري سگهجي پئي. سي ڪان آخر ۾ اهو سوال تہ بعد جي يهودي ليکڪن اهو ڪيئن مڃيو تہ صندوق ۾ لڪل شيءِ، هڪ عضوو تناسل وارو پٿر نہ هو پر ذهن احڪامن جو هڪ نقل هو، جيڪي چيو وڃي ٿو يهوه موسيٰ کي ڏنا هئا؟ اهو فيصلو ڪرڻ ڏکيو ٿيندو. پر هتي گهٽ ۾ گهٽ ان موضوع تي هڪ خلاصو موجود آهي، جنهن کي مان پيش ڪيان ٿو. بعد وارا يهودي جڏهن سندن يهوه بابت خيال تمام گهڻو قهلجي چڪا ۽ آسماني ٿي ويا، پنهنجي پراڻي پٿر پوڄا کان بظاهر شرمنده ٿيل هئا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن اهي پنهنجي قيد ڪانپوءِ ايترا آثار قديم جا ماهر تي ويا هئا جو اهو ڄاڻي پئي سگهيا تہ اهڙي ڪنهن پٿر حقيقت ۾ ڪڏهن ڪو وجود رکيو ئي نہ هو. تہ پوءِ هنن لاءِ اهو فرض ڪرڻ ڪان وڌيڪ ٻي ڪهڙي ڳالهہ فطري هئي تہ جنهن پٿر لاءِ هنن ٻڌو هو تہ ان صندوق ۾ رکيل آهي، 'ڏهن احڪامن'، يهوه جي عهدنامي جو هڪ نقل هو؟ ان ڪري ئي شايد بعد ۾ يهوه جي صندوق جي پراڻي ۽ وڌيڪ درست فقري جي جاءِ تي "عهدنامي جي صندوق" جو فقرو آندو ويو. هڪ وڌيڪ تجويز، جيڪا اڃا وڌيڪ خالص انوماني لڳي ٿي، احرامي سرن وارا مخروط، جن تي مري ويل لاءِ ڪتبا لکيل هوندا هئا، فنيشينس طرفان قبرن لاءِ ڪتب آندا ويندا هئا. اهو بلڪل ممڪن آهي تہ اصلي يهوه اهڙو هڪ قديم ٿنڀو هجي، جنهن تي ڪجھ اوائلي قسم جون تحريرون چٽيل هجن ، جن کي بعد ۾ "ڏهن احڪامن" جي مساوي يا انهن جون نشانيون سمجهيو ويو هجي. پوءِ سمورن ثبوتن کي ڪنو ڪندي جيستائين اسان هاڻي انهن کي حاصل ڪري سگهون ٿا ۽ انهن کي ٻئي هنڌ موجود ثبوت سان ڀيٽي وسيع بشرياتي پئماني تي واضح ڪري سگهون ٿا، مان اهو چوندس تہ هيٺيون تجويزون ڪافي سٺي نموني ممڪن لڳن ٿيون. اسرائيل جو اصلي مذهب هڪ ڳڏيل سڏيل گهڻ خدائي هو، جنهن ۾ ڪيترائي مختلف قسمن جا ديوتا هئا ۽ اهو ٻين سمورن مذهبن جيان گهريلو ۽ قبائلي بزرگ پوڄا تي ٻڌل هو. هنن جا ڪي ديوتا ٽورو يا گهڻو ڏنڏلي نموني انساني شڪل وارا هئا. پر انهن جي اڪثريت مقدس پٿرن، مقدس وڻن يا ڪاٺ جي مخروطن جي صورت ۾ پوڄي ويندي هئي. هنن ديوتائن جو وڏو حصو سامي قسم جو هو ۽ بني اسرائيل ۽ سندن پاڙيسرين ۽ هم قبيلائين لاءِ مشترڪ هو. بهرحال يهودي پوڄا جي ڪردار ۾ مصر ۾ بظاهر ٿورڙي تبديلي آئي يا هر صورت ۾ مصري اثرات لڏپلاڻ جي زماني وقت هڪڙن ديوتائن جي ٻين ديوتائن مٿان ترجيح کي جنم ڏنو. خاص طور تي هڪ ديوتا، يهوه جي نالي سان، بني اسرائيل لاءِ گهڻي ڀاڳي مخصوص ٿي ويو، اهو سندن نسلي ديوتا هو ۽ تنهنڪري سموري ممڪنات ۾ هڪ اوائلي قبائلي بزرگ يا اهڙي بزرگ جي نمائندگي ڪندڙ هڪ پٿر هو. قصا غالباً پنهنجي هن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتيجي ۾ صحيح آهن تہ هن ديوتا جي اڳوات ئي بني اسرائيل طرفان مصر ۾ سندن رهائش کان اڳ پوڄا ڪئي ويندي هئي: هي قصا هن مذهب جي زبردست واڌاري ۽ ڦهلاءَ کي خروج جي زماني ڏانهن منسوب ڪرڻ ۾ تقريباً يقيني طور تي درست آهن. بني اسرائيل گهٽ ۾ گهٽ خروج جي تاريخ کانپوءِ اڳتي، پنهنجين سمورين مسافرين دوران هن ديوتا کي يا هن جي ڪچي مورتيءَ کي هڪ تابوت يا صندوق ۾ رکي ساڻ هلندا هئا. اهڙي نموني ڪٺي هليل شيءِ غالباً هڪ مخروطي پٿريلو ٿنيو هئي، جيڪو اسانجي ويچار مطابق تي سگهي ٿو تہ ڪنهن ديوتا بڻايل بزرگ جي قبر جو پٿر رهيو هجي ۽ هي بزرگ يهوه، يا تہ هڪ مخصوص نالو هو يا هڪ تشريحي ڪتبو هو. جيتوڻيڪ خود نالو، جيئن ڪولينزو تجويز ڪري ٿو، ڪنعاني هو ۽ اڳوات ئي هڪ مقامي ديوتا سان تعلق رکندڙ هو، ان جو صندوق جي مقدس پٿر مٿان اطلاق، هڪ نسل يا ملڪ جي ديوتائن کي ٻئي نسل يا ملڪ جي ديوتائن سان سڃاڻڻ جي عام رجحان جو محض هڪ وڏيڪ مثال هو. خود پٿر هميشہ مصري پراسراريت ۾ لڪل رهيو ۽ ڪنهن بہ نجي ماڻهوءَ کي ان کي ڏسڻ جي اجازت نہ هوندي هئي. قربانيون — ٻنهي قسمن جون انساني ۽ ٻيون، هن کي پيش ڪيون وينديون هيون، جهڙي نموني ٻين ديوتائن کي پيش ڪيون وينديون هيون جيڪي هن جا ساٿي ۽ بعد ۾ نفرت ڪيل حريف هئا. پٿر کي ٻين ٿنيي صورت مقدس پٿرن جيان پئدائشي قوت جو نشان سمجهيو ويندو هو. ختنو، يهوه ڏانهن قربانيءَ جي هڪ علامت هو، پهريان بيشڪ رضاڪارانہ طور يا هڪ ٻنگ جي طريقي طور ادا ڪيل پر پوءِ يهوه پوڄا جي واڌاري ۽ مخصوص پٽي سان يهوه جي 'چونڊيل قوم' جي هڪ نمايان رسم طور. هن سخت نسلي ديوتا مان، هڪ وحشي قبيلي جي محض مقدس ٿنيي مان بعد جي يهوديت جي مالڪ خدا ۽ عيسائيت جي مالڪ خدا جو تصور آهستي آهستي پئدا ڪيو ويو، جيڪو هڪ قوت ابدي، سڀڪجھ ڄاڻڻ وارو، قادر مطلق، پاڪ پر جلال، آسماني ۽ مافوق البشر ديوتا آهي جنهن جو انساني دماغ ڪڏهن تصور ڪري سگهيو آهي. ڪهڙي امتزاجي عمل ۽ اخراج جي ڪهڙي روحاني تصوف ۽ قومي جوش جي ڪهڙي اخلاقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش ۾ تصوراتي آدمي جي سست ارتقائي عمل ذريعي ايڏو طاقتور خدا آخر ڪار ايڏي غيرهونهار بڻ بڻياد مان ڦٽي ٻاهر نڪتو، ان جي جاچ ڪرڻ ۾ انڪي بيان ڪرڻ اسانجن ايندڙ بابن جو مقصد هوندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ڏهون

## وحدانيت جي نظرئي جو اُڀرڻ

اسان ڏسي چڪا آهيون تہ يهودي اصل ۾ گهڻ خدا پرست هئا ۽ سندن نسلي ديوتا يهوه لڳي ٿو تہ هنن طرفان اوائلي زمانن کان گول مول پٿر جي ٿنڀي جي هڪ مادي روپ ۾ پوڄيو پئي ويو. يا وڌيڪ فطري انداز ۾ ڳالهائجي تہ جنهن شيءِ جي هنن پوڄا ڪئي،ان کي هنن ديوتا قرار ڏنو ۽ انکي يهوه سڏيو. ٻيو سوال جيڪو اسانکي ٽڪرائي ٿو، اهو آهي تہ اسرائيل هن معمولي شروعات کان، بعد جي زماني جو نج وحداني نظريو ڪيئن حاصل ڪيو؟ يهودي نسل جي صورتحال يا حالتن ۾ اهڙو ڇا هو جنهن بعد جي يهودين کي پنهنجن ٻين سمورن ديوتائن کي ڇڏي ڇڏڻ تي مجبور ڪيو ۽ پنهنجي اوائلي قومي مقدس پٿر مان سڀ کان پر جلال، ڪٽر ۽ قادرِمطلق ديوتا جيڪو انسانذات جاتو آهي، ناهي ڇڏڻ تي مجبور ڪيو؟

مان سمجهان ٿو تہ هن ڳري سوال جو جواب جزوي طور تي سامي ذهن جي هڪ مخصوص عام لاڙي ۾ ۽ جزوي طور تي عيسائي دور کان اڳ نائين، اٺين، ستين، ڇهين، ۽ پنجين صديءَ دوران اسرائيلي قبيلن جي مخصوص سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ ملي ويندو.يا مسئلي جي مجوزه حل کي اڳ ۾ ئي هڪ اجا وڌيڪ آسان شڪل ۾ رکندي يهودي توحيد پرستي ڪنهن حد تائين سمورن ديوتائن کي پاڻ ۾ گڏائڻ جو نتيجو هئي؛ جنهن ۾ هر هڪ جا اوصاف ۽ خصلتون، ٻئي ۾ ضم تي ويا، رڳو نالا الڳ الڳ رهيا. ۽ ڪنهن حد تائين اها شديد قومي حب الوطنيءَ جو نتيجو هئي، جنهن جو نسلي ديوتا يهوه فوري نتيجو، اظهار ۽ آرزو ڪيل اميد هئي. يهوه اسرائيل لاءِ وڙهيو ۽ رڳو يهوه تي ڀروسي ڪرڻ سان اسرائيل، مصر ۽ اشورا کان پاڻ کي بچائي سگهندو؛ اها ڳالهہ اڄ اسانکي انداڌند تعصبانہ لڳي ٿي ۽ صورتحال جي سمورين حقيقتن طرفان صريحاً غلط ثابت ٿيل، جيڪا اها آخرڪار هئي، پوءِ بہ بهرحال ان يهودي محب و



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طنن جو هڪ مرڪزي خيال جوڙيو تي ۽ آهستي آهستي ان جو نتيجو پهريان هڪ مخصوص ۽ بعد ۾ هڪ سچي هڪ خدائي يهوه مذهب جي مضبوط بحاليءَ جي صورت ۾ نڪتو. اها ارنيسٽ رينان جي شاندار بظاهر متنازعہ پر حقيقت ۾ صحيح ڳالهين منجهان هڪ آهي تہ سامي ذهن فطري طور وحدانيت پرست ٿيندو آهي. در حقيقت يهودي ذهن هر هنڌ ساڳيو گهڻ خدائي مذهب پئدا ڪيو آهي، جيئن هر هنڌ انسانن جي هر ٻئي ٽولي طرفان پئدا ڪيو ويو آهي. پوءِ بہ بهرحال رينان جي منجهائيندڙ دليل ۾ سچ جي هي ڳر موجود آهي: سامي ماڻهو گهٽ ٻين ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڏيڪ سولائيءَ سان پنهنجن ديوتائن جو صفتون، ٻين ديوتائن ۾ ضم ڪندا آهن. اهو حقيقت ۾ ڪنهن بہ اعتبار کان هڪ خالص سامي گڻ نہ آهي. اسان مصري مذهب جي اپياس دوران اهو اڳ ئي ڏسي آيا آهيون تہ ڪيئن ديوتائن جا سمورا روپ ۽ ڪم آخرڪار هڪ سخت الجهيل ملاوت، ديوتائن جي هڪ ڪچڙيءَ ۾ مرجهائجي ويا، جنهن مان راع ۽ تم جي، امن ۽ عوسيرس جي، نيٽ ۽ اسيس جي، تاه ۽ اپيس جي اصلي شخصيتن کي يقين سان الڳ الڳ ڪرڻ عملي طور ناممڪن ٿي پيو. حتاڪ هيلاس جي نسبتاً جامد ۽ انفرادي ديومالا ۾ بہ اها ڳالهہ ڪافي اڪثر ٿئي ٿي جو مختلف ديوتائن جي جدا هجڻ کي شخصيت ۽ مراعت ـ ٻنهي جا مونجهارا لڪائي ڇڏن ٿا. ايفروڊائيٽ ۽ هيراڪليس پنهنجن مجسمن ۾ گهڻ روپي آهن. پر سامي مذهب ۾ گهٽ ۾ گهٽ ان جي آخري منزل ۾، جتي اسان جو هنن سان مهاڏو ٿئي ٿو، مختلف ديوتائن جا مهاندا ايڏا تہ ڌنڌلا ۽ اڻ چٽا ٿيل هجن ٿا، جو محض انهن جي نالن ڪانسواءِ مشڪل سان ڪا ٻي شيءِ يقين سان سڃاڻي سگهجي ٿي. ٻيا ڪي بہ ديوتا ايڏا پراسرار ۽ ايڏا مبهم نہ آهن. هن ديومالا جو مثال ايل-شدائي جي اها مڌم مورتي آهي جيڪا يهودي پوڄا جي اها اوائلي ۽ خوفناڪ شيءِ آهي جنهن جي اوصافن ۽ ماهيت متعلق اسان مثبتاً ڪجهہ بہ نہ ٿا ڄاڻون پر جيڪا سموري يهودي سوچ جي پس منظر ۾ انسان جي روح مٿان فطرت جي اجهل ۽ شهزور قوتن جي بي نام ۽ ڏڪائيندڙ خوف جي صورت آهي. سامي مذهبي تصورن جو هي ابهام ۽ پراسراريت لڳي ٿو ڪنهن حد تائين سامي تهذيب



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي غير فنڪاراڻي سياءَ تي دارومدار رکن ٿا. سامي ماڻهو ورلي پنهنجي ديوتا جي صورت اُڪريندو آهي. رومن مشاهدو ڪندڙن اها ڳالهہ حيرت سان نوٽ ڪئي تہ ڪارميل جي مقبري ۾ ڪوبہ بُت نہ هو. پر ان سامي نسل ۾ گهر ڪيل خصلتن تي پڻ دارومدار رکيو ٿي. اُداس، غور و فڪر ڪندڙ، مغرور، سنجيده پر عجيب نموني خيالي پلاءَ پچائيندڙ: اڄ جو عرب شايد اسانکي اوائلي سامي مذهبي سوچ جي اڻ چٽي ماهيت جو ڪو سراغ ڏئي. اتي شيول کان وڌيڪ پوائتي هينئين دنيا موجود نہ هئي: اتي الوهم کان وڌيڪ هلڪو خوفائتو ديوتا ڪو نہ هو، جيڪو يهودي صوفياڻي چڪر جي اوائلي ڪهاڻين ۾ تري ٿو. انهن جا چڙا نالا بہ مشڪل سان اسانکي ڄاڻل آهن، اهي اسان وٽ محض هھڙن تشريحي لقبن ذريعي جيئن ابراهيم جو خدا، اسحاق جي دهشت، زبردست طاقت، سڀ کان اعليٰ ديوتا بعد جي يهودياڻي ڪٽ ڪوٽ جي پردي منجهان پهچن ٿا. حقيقت ۾ سچو يهودي ڪيترن بين وحشي ماڻهن جيان پنهنجي ديوتا جي اصلي شڪل نهارڻ کان يا هن جو صحيح نالو وڏي آواز سان ونڻ کان لڳي ٿو تہ ڊنل هوندو آهي. هن جو ديوتا هڪ صندوق جي اونداهيءَ ۾ يا هڪ اندرئين خيمي يا حرم جي اونهي اداسيءَ ۾ لڪل هو: اُچار جيڪي هن جي پوڄا جي شيءِ ڪي ظاهر ڪن پيا، ڪڏهن بہ مڪمل نموني نہ چيا ويندا هئا ، سواءِ وڏ ۾ وڏ مذهبي رسم وارن موقعن تي پر ڪنهن تشريحي لقب سان ٽٽايا يا مدغم ڪيا ويندا هئا. ايستائين جو ويندي خود يهوه جو اڻ اچارجندڙ لقب، اسان جن دستاويزن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ هڪ بعد جو نالو هو، جنهنکي خروج دوران هڪ قديم ديوتا مٿان رکيو ويو: جڏهن تہ بعال ۽ موليڪ جي حريف لقبن جي معنيٰ آقا ۽ بادشاه کان وڌيڪ ٻي ڪجهہ بہ نہ آهي. هڪ حد کان وڌيڪ تعظيم سامي ماڻهوءَ کي پنهنجي ديوتا جي ذاتي ظهور يا سچي نالي متعلق ڪجهہ بہ ڄاڻڻ کان منع ڪيو ٿي، سو تنهنڪري تقريباً سمورن ديوتائن جا مهاندا هڪ جيتري نموني غير يقيني ۽ غيرشڪلي رهجي ويا. پر مختلف سامي ديوتائن جي شڪلين ۽ ڪمن درميان صحيح نموني فرق ڪرڻ جي ڏکيائيءَ کان علاوه جيڪا انهن جي پوڄارين بہ شروع کان ضرور محسوس ڪئي هوندي، ترقي ڪيل عقيدي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هڪ ٻي اضافي ڏڪيائي ٻي قابو تصوف ۽ فطرت پوڄا جي بزرگ روحن جي بطور ديوتائن ۽ ديوين جي، قديم عقيدي مٿان غالب پوڻ ڪري پيدا ٿي. بلڪل جيئن راع سج، بعد جي زمانن ۾ تقريباً هر مصري ديوتا سان سجاتو وڃڻ لڳو، اهڙي طرح شمسي خيال ۽ شمسي ڏند ڪٿائن آخر ۾ تقريباً هر سامي ديوتا جي الڳ شخصيت کي متاثر ڪيو. ان جو نتيجو اهو نڪري ٿو تہ سمورا ديوتا، آخر ۾ عملي طور هڪٻئي کان الڳ سڃاڻڻ لائق نہ ٿا رهن: هڪڙو، ايتروتہ ٻئي جهڙو ٿي وڃي ٿو جو مختلف تشريحون ڪندڙ وڏي وڌ مختلف سڃاڻپون ڪن ٿا ۽ ائين ڪرڻ ۾ اهي (ڏندڪٿائي نقطہ نظر کان) مضبوط شمسي يا ٻي قابو خانداني هڪجهڙائيءَ ڪري بظاهرحق بجانب بہ آهن، جيڪا سڀني ديومالا ۾ان جي بعد جي منزلن ۾، موجود هجي ٿي. ان ڳالهہ ۾ پراڻي اسڪول جي ڏاهن بہ شڪ ڪيو آهي تہ آيا يهوه خود پنهنجي وڏي دشمن بعال جو روپ تہ نہ آهي، آيا اهي ٻئي هيٺ پاڙ ۾ ساڳيا تہ نہ آهن، هڪ گهڻ نامي سورج ديوتا جا محض مختلف روپ! اسان آڏو، جيڪي هر بعال ۾ هڪ نمايان مقبري جو الڳ روح ديوتا ڏسون ٿا، اهڙي شناخت واضح نموني نا ممڪن آهي.

خود بعالم يا يهوه جي پوڄارين آڏو بهرحال هي پيچيده ڏند ڪٿائي مسئلا ڪڏهن بہ سامهون نہ آيا. نالي ۽ پاڪ جڳهہ جو فرق خصلت يا سياءَ جي ضروري سڃاڻپ جي باوجود هنن لاءِ بلڪل ڪافي هو. اهي هڪٻئي کي هڪ وضاحتي لقب لاءِ قتل ڪري ڇڏيندا يا پنهنجي لاءِ موت قبول ڪندا پر هڪ مخالف قربانگاهہ تي قربانيون پيش نہ ڪندا. پوءِ بہ بهرحال مختلف اثرن هتي، جيئن ڪنهن ٻئي هنڌ امتزاجي عمل جي هڪ بتدريج چرپر وجود ۾ آڻڻ لاءِ سازش ڪئي: ٻين لفظن ۾ ڪيترن ئي الڳ الڳ ديوتائن جو هڪ ديوتا ۾ ضم ٿي وڃڻ، ڪيترن ئي اصل ۾ جدا جدا ديوتائن جي هڪ آخري سڃاڻپ. هي ڪهڙا اثرات هئا، اسانکي هاڻي مختصراً انهن تي غور ڪرڻ گهرجي. سڀ کان پهريان اسانکي ياد رکڻ گهرجي تہ جڏهن تہ مصر ۾ ان جي خشڪ ۽ خصوصي طور تي حفاظت ڪندڙ موسم ڪري مميز، بُت مقبرا ۽ مندر ڪيترن زمانن تائين اڻ تبديل ٿيل ۽ محفوظ ٿيل رهي سگهن پيا پر ٻين تقريباً سمورن ملڪن ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برسات، هوا ۽ وقت انساني دستڪاريءَ کي ختم ڪندڙ طاقتور قوتون تين ٿيون. اهڙي طرح جڏهن تہ مصر ۾ مري ويل بزرگ جو عقيدو ان حالت ۾ ڪيترين ئي صدين تائين اعترافاً ۽ ڪليل نموني زنده رهي ٿو، پر بين گهڻن ملڪن ۾ پوڄا جي اصل ذاتي شين کي وڌ ۾ وڌ وساري ڇڏڻ جو رجحان آهي؛ مبهم ديوتا ۽ ارواح، تاريخي ماڻهوءَ جو مقام آهستي آهستي هڙپ ڪندا آهن، رسمون آخر ۾ خاص ماڻهن بدران مقامن سان جڙي ويندون آهن. مقبرو غائب ٿي سگهي ٿو پر پوءِ بہ مقدس پٿر جي پوڄا روايتي عزت و احترام سان ڪئي ويندي آهي. مقدس پٿر غائب ٿي سگهي ٿو پر پوءِ بہ مقدس وڻ کي هر سال قربان ڪيل ماڻهن جي رت سان آبيارو ويندو آهي. وڻ خود ختم ٿي سگهي ٿو پر ان جي ٿڙ کي هر سال خوش و خرم لباس سان سينگاريو ويندو آهي. اهو ٿڙ بہ ڳري ختم ٿي سگهي ٿو پر پوءِ بہ ڪاٺي جا تحفا يا پڙن جا نذرانا ان مقدس چشمي ۾ اڇلايا ويندا آهن جيڪو ان وڻ پرسان ڪڏهن وهيو ٿي. اهڙي طرح اهو هنڌ خود پاڪ ٿيڻ لڳو جيڪو اسانکي بعد جي فطرت پوڄا جو هڪ واضح ۽ ڪليل ذريعو ڏئي ٿو.

اهي ديوتا يا ارواح جيڪي انهن مندرن ۾ رهيا ٿي، زمانن جي وٿيءَ .ڪانپوءِ فطري طور هڪٻئي جهڙا ليکيا وڃڻ لڳا. آخر ۾ رڳو اهو ديوتاپڻو ئي هوندو آهي جيڪو گهڻي عرصي تائين سندن انفرادي خصلتن مان وچي بچندو آهي. سندن نالا اڪثر ڪري اڻڄاتل رهجي ويندا آهن، اهي صرف لبنان جي مالڪ، مائونٽ پيور جي بعال طور ياد ڪيا ويندا آهن. ان ۾ حيرت جي ڪا ڳالهہ ناهي تہ ڪجهہ عرصي ڪانپوءِ اهي عملي طور ساڳيا سمجهيا وڃڻ لڳا، جڏهن تہ ساڳيون ڏند ڪٿائون ايندڙ نسلن طرفان اڪثر انهن مان ڪيترن ديوتائن سان ڳنڍيون ويندڀون آهن. حقيقت ۾ اسانکي خبر آهي تہ نوان نالا ۽ ويندي ڏاريا مداخلت ڪندڙ نالا، اڪثر اصلي نالن جي جڳهہ وٺندا آهن جڏهن تہ ديوتا خود اجا تائين ساڳي بي صورت پٿر جي طور تي ساڳين ڏسيل رسمن سان، ساڳين گندن يا عاليشان مندرن ۾ پوڄيو پئي ويندو آهي. اهڙي طرح ميلڪارٿ تائر جو بعال بعد جي ڏهاڙن ۾ هيراڪليس جي يوناني نالي هيٺ پوڄيو وڃڻ لڳو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اهڙي طرح ببلوس وٽ بہ مقامي ديوتا، جيڪي پهريان شامي ديوتائن ـــ ادونس ۽ عيستارتي جهڙا سمجهيا ويندا هئا، بعد ۾ مصري ديوتائن ـــ اوسيرس ۽ ايسس سمجهيا وڃڻ لڳا. پوءِ بہ ان علائقي جون ڏند ڪٿائون اسانکي ڏيکارين ٿيون تہ ان سموري عرصي دوران سچي پوڄا، هڪ مقدس وڻ جي مئل ٿڙ کي پيش ڪئي ويندي هئي، جنهن لاءِ چيو ويندو هو تہ هڪ ديوتا جي قبر مان ڦٽو هوندو آهي، ٻين لفظن ۾ هڪ قديم قبيلائي سردار جي قبر مان. ان سان ڪو فرق نہ ٿو پوي تہ ڏند ڪٿائون ڪيترو گهڻو تبديل ٿين ٿيون، هي مقامي مذهب هميشہ مستقل رهندا آهن: مقدس پٿرن کي هتي بطور جنن طرفان واسيل هجڻ جي، بيان ڪيو ويندو آهي. ۽ هُتي عيسائي شهيدن جي يادگارن طور: مقدس کُوه هِتي نمف ديويءَ يا هيرو ڏانهن منسوب ڪيا ويندا آهن ۽ هُتي ولي يا پريءَ لاءِ نذرانا وصول ڪندا آهن. ائين انگلينڊ ۾ لافاني پوڄا وارا پاڪ شاه بلوط، سيڪسن هيِتندم ۾ 'ٿور جا شاهہ بلوط' ٻڌياءِ قرون و سطيٰ جي عيسائيت ۾ 'انجيل جا شاهہ بلوط' ٻڌيا.

آخر ۾ پوڄا جي تازين منزلن ۾ مذهب جي ڏند ڪٿائي بنياد يا نظرئي ۾ آسماني جسمن ۽ فطرت جي عظيم قوتن کي داخل ڪرڻ جي هڪ ڪوشش هميشہ ڪئي وئي آهي. هر بادشاهہ، سورج جي اولاد هوندو آهي ۽ تنهنڪري هر عظيم ديوتا پنهنجي ذات ۾ لازمي طرح هڪ سج هوندو آهي. هنن فقرن مان اٽڪٽ ڏند ڪٿائون ڦٽن ٿيون، جن کي ڏند ڪٿائون گهڙيندڙ غلطيءَ سان مذهب جون مرڪزي حقيقتون ۽ وسيلا سمجهي وينا آهن. پر اهي اهڙي قسم جون شيون ناهن. تصوف ۽ اشاريت، قديم نہ تا ٿي سگهن: اهي بعد جي زمانن جي سڙيل مذهبي ڏاهن طرفان روايتي مذهب جي ڪچن خيالن ۽ اجا بہ وڌيڪ ڪچين رسمن ۾ اندر لڪل معنيٰ کي سمجهڻ جون معنيٰ خيز ڪوششون آهن. مان هن ڳالهہ جو اضافو ڪندو هلان تہ ڊاڪٽر رابرٽسن سمٿ جا عالماڻا ۽ قابل ڪتاب اهڙي طرح سندس مستقل مزاج عزم ڪري فطرت پوڄا کي قديم سمجهڻ باعث لڳاتار خراب ٿي ويا آهن. فطرت پوڄا حقيقت ۾ بعد ۾ ورتل آهي پر هن طرفان انکي اوائلي ترين شروعاتي نقطو سمجهيو ويو آهي، جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ اها حقيقت ۾ اعلیٰ ترين ۽ تازه ترين پئداوار آهي.

واضح طور تي جڏهن سمورا ديوتا پنهنجن ٻاهرين ۽ ورتل اوصافن ۾ تورو يا گهٽو سچ وارا ٿي چڪا هجن ٿا، پوءِ سڄاٽپ ۽ بين الاقواميت جو عمل نسبتاً آسان ٿئي ٿو. اهڙي طرح يهودي مذهب ۾، قديم عقيدي مٿان فطرت پوڄا جي حاوي ٿيڻ ذريعي آيل امتزاجي عمل توحيد پرستيءَ جي بعد جي مڃتا لاءِ ضرور رستو صاف ڪري ڇڏيو هوندو، جيئن اسان ڄاڻون ٿا تہ ان مصر جي مخفي مذهب ۾ سمورن ديوتائن کي ايترو هڪٻئي جهڙو ڪري ڇڏڻ ذريعي ڪيو، جو پوڄارين کي رڳو پنهنجي ديوتا جو نالو تبديل ڪرڻو پيو، نہ ڪہ ضروري تصور جون خاصيتون. اسانکي پهريان ڏسڻ کپي تہ ڪيتري حد تائين هن امتزاجي عمل، يهوه ـــ صندوق ۾ محفوظ ڪيل عضووِ تناسل جي شڪل جهڙي پٿر ديوتا، جي بعد جي تصور کي متاثر ڪيو ۽ پوءِ اسانکي بعد ۾ اهو معلوم ڪرڻ کپي تہ ڪيئن اشوري جارحيت خلاف محب وطن رد عمل ان پٿر کي آخر وحداني يهوه پوڄا جي اُيرنڌڙ عمارت مٿان رکي ڇڏيو. اڪثر اها دعوىٰ ڪئي ويندي آهي تہ يهوه کي اسرائيل ۾ ڪيترن ئي هنڌن تي هڪ سوني ڳابي جي روپ ۾ پوڄيو ويندو هو. ائين چئجي تہ جن يهودين هڪ ڏاتوءَ جي ڳابي جون مورتيون ناهيون، پنهنجي لاءِ اهو سمجهيو تي تہ هو پوءِ بہ يهوه جي پوڄا ڪري رهيا آهن . ويندي انين صديءَ جا رسول ڳابي/ ڏاند جي پوڄا کي يهوه پوڄا جو هڪ روپ ليڪن ٿا، جيتوڻيڪ اهو پوڄا جو اهڙو روپ نہ هو، جنهنکي هو ذاتي طور پنهنجي منظوري ڏئي سگهن. پر ڳابو پنهنجي اصليت ۾ غالباً صندوق ۾ موجود پٿر کان هڪ الڳ ديوتا آهي۽ جيڪڏهن ان جي پوڄا کي اسرائيل جي پهاڙ پوڄا سان سڄاتو ويندو هو، تہ اهو رڳو امتزاجي تصوف جي بعد جي هڪ ٽڪري ذريعي تي سگهي پيو. شايد هتي ناتو، جيئن اپيس جي مثال ۾ هو، ڳابي جي فطري تخليقي قوت جي تمثيل بڻائڻ جي پادراڻي مڃتا هو: هڪ اهڙو خيال جيڪو اهڙي ديوتا لاءِ خاص طور تي مناسب هوندو، جنهن جو وڏي ۾ وڏو ڪم، اولاد ڏيڻ جي عمل کي همٿائڻ هو. پر ڪنهن بہ حالت ۾ اسان هن بعد جي ڳابي پوڄا ۾ مقدس پٿر جي پراڻي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوڄا کان مڪمل طور تي الڳ هڪ وڏايل عنصر ڏسون ٿا. ائين جيئن راع جي پوڄا، اصليت ۾ نيوس جي ٽوٽم پوڄا کان مڪمل طور تي الڳ آهي يا جيئن امين جي پوڄا خيم ۾ عوسيرس جي پوڄا کان مڪمل طور تي الڳ آهي. پتر ديوتا ۽ ڏاند ديوتا آخر ۾ نيٺ هڪ ديوتا ۾ ضم ٿي وڃن ٿا، گهٽي پاڳي ائين جيئن تمام پوءِ جي تاريخ ۾ يسوع مسيح نالي هڪ ماڻهو، يهودي ديوتا ۾ ضم ٿي وڃي ٿو ۽ جديد عقيدن ۾ پراڻي ديوتا کان وڌيڪ تعظيم ماڻي ٿو، جنهن کي هو عملي طور هٽائي ڇڏي ٿو. خود يروشلم جي مندر ۾ ڏاند/ڳابي پوڄا جي نشانين جي بظاهر اجازت ڏنل هئي. قربانگاهه کي جنهن مٿان روزاني جي قرباني ساڙي ويندي هئي، چار سڱ هئا ۽ دربار ۾ "پتل جو سمنڊ" ٻارهن ڳابن جي مورتين مٿان بيٺل هوندو هو. جڏهن اسان اهو ياد ڪريون ٿا ته موليڪ کي هڪ ڏاند جو مٿو هو، تڏهن اسان کان هنن نشانين ۾ ان بتدريج امتزاجي عمل جو هڪ اهڃاڻ ڏسڻ مشڪل سان ڳسي سگهي ٿو، جيڪو سمورن مهذب ملڪن ۾ سمورين ترقي ڪيل ديومالائن مٿان مستقل طور تي اثر ڪري ٿو.

وڌيڪ اهميت واريون يهوه کي بعد ۾ سج سان سڃاڻپ ڪرائڻ واريون فرض ڪيل نشانيون ۽ هن جو بطور هڪ بدليل ۽ ڪايا پلٽيل سورج ديوتا جي ظاهر ٿيڻ واريون شيون آهن. اها ڳالهه پهريان تي سگهي ٿو ته عجيب لڳي ته هڪ مقدس پتر طرفان اهڙو هڪ ڪردار ڪڏهن حاصل به ڪري سگهجي پيو، پر ڇا اسان کي مصري پتر جي سُئيءَ جي بلڪل ساڳي تاريخ ياد ناهي؟ جيڪا ساڳئي انداز ۾ سڀ کان پهريان ۽ اول اُڀي ٿنڀي يا سنگ واحد کي ظاهر ڪندي آهي، يعني قديم قبر جي پتر کي پر ثانوي طور ۽ ڪنهن ٻي شيءِ مان ورتل هجڻ طور هڪدم تخليقي مٽي ۽ سج جي هڪ ڪرٽي کي. اسانجي ڳولا ۾ اسانجي رهنمائي ڪرڻ لاءِ موجود هن روشن مماثلت سان اسانکي اهو سڃاڻڻ ۾ گهٽ تڪليف ٿيندي ته يهوه جي بعد جي اوصافن ۽ تشريح کي ڪيئن هڪ شمسي ڪردار ڏنو ويو هوندو. پوءِ جيئن اسان ڏٺو پنهنجن اوائلي پوڄارين آڏو يهوه صرف صندوق ۾ پيل هڪ پتر هو. هو اتي ظاهر ظهور رهيو ٿي ۽ جتي به صندوق ويندي هئي، يهوه به ان سان گڏ اتي ويو ٿي. پر بعد جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يهودين ـــ جيئن انين صديءَ وارن، يهوه جي رهڻ جي هنڌ جو هڪ تمام نئي مختلف تصور حاصل ڪري ڇڏيو هو. فلڪياتي ۽ آسماني تصورن (جيڪي بي شڪ اصليت ۾ اڪيدين هئا) سندن ڪچن قديم تصورن کي زبردست نموني بدلائي ڇڏيو هو. اموس ۽ سچي اسياهہ آڏو يهوه مٿي ڪليل آسمان ۾ رهي ٿو ۽ هو 'ميزبانن جو يهوه' آهي، آسمان جي چمڪندڙ فوج جو اڳواڻ، ستارن جي دنيا جو بادشاهہ. "انهن آسماني جسمن ۽ آسماني رهاڪن مٿان يهوه حڪمراني ڪري ٿو". اهي هن جي چوگرد موجود آهن ۽ هن جا حڪم بجا آڻن ٿا، بهشت جا ميزبان هن جا پيغامبر آهن ـــ اسانجي جديد مذهب جي وڏيڪ مشهور ٻوليءَ ۾ 'خداوند جا فرشتا'، "يهوه جا نوڪر". ميڪاه آڏو، آسمان "يهوه جي پاڪائيءَ جو مندر آهي". "مٿي موجود خدا" اهو وضاحتي فقرو آهي، جنهن سان نبي هن ڏانهن اشارو ڪن ٿا. هنن سمورين ڳالهين ۾ حقيقت ۾ اسان اوائلي ۽ ساده ذهن اسرائيلين جي تصور کان هڪ تمام نئي مختلف تصور تائين پهچي وڃون ٿا، جيڪي پنهنجي ديوتا کي پاڻ سان گڏ هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ هڪ ڏاند گاڏيءَ تي کڻي هليا ٿي.

ان کان علاوه روشني ۽ باهہ، هنن بعد جي ڏاهن طرفان مستقل طور تي يهوه جون نشانيون قرار ڏنيون وڃن ٿيون ۽ ويندي اوائلي قصن ۾ ڪنڪوٽ ڪرڻ وقت اهي اهڙا نوان خيال انهن ۾ داخل ڪن ٿا، جيئن 'يهوه جو جاهہ و جلال'، صندوق کي روشن ڪري ٿو، يا يهوه ٻرندڙ ٻوٽي ۾ ظاهر ٿئي ٿو يا ٻنهي خيالن ـــ پراڻي ۽ نئين کي ملائيندي، يهوه باهہ جي ٿنڀي ۾ هجي ٿو، جيڪو بني اسرائيل جي خانہ بدوش ٽولي جي بيابان ۾ رهنمائي ڪري ٿو. يهوه لاءِ چيو وڃي ٿو تہ آسمان مان باهہ موڪلي ٿو: هنن اظهارن ۾ هڪ دفعو ٻيهر اسان هڪ ٻي قابو ديوتا جو اڳتي وڌيل تصور ڏسون ٿا، جنهن جو آواز گجگوڙ آهي، ۽ جنهن جو هٿيار آسماني بجلي آهي. هي سڀ هڪ ديومالا ۾ مک ديوتا جون ڄاتل سڃاتل اوسرون آهن. ذڪريا پنهنجي بيت ۾ چئي ٿو "پوئين مينهن جي موسم ۾ يهوه کان گهرو تہ مينهن وسائي: يهوه جو بجلي ٿو چمڪائي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايسياھ چئي ٿو، ”اسرائيل جي روشني ھڪ باھ ھوندي“ ۽ ”ھن (يھوه) جي پاڪ روشني ھڪ شعلو ھوندي“. ”ڏسو، يھوه جو نالو پريان ڪان اچي ٿو؛ ھن جي ڪاوڙ ساڙي ٿي ۽ دونھون شديد نموني مٿي اڏي ٿو، ھن جا چپ نفرت سان پريل آھن ۽ ھن جي زبان ھڪ يسم ڪندڙ باھ جيان آھي“. ھنن ۽ اھڙن سوين بين ٽڪرن ۾ جن جو حوالو ڏئي سگھجي ٿو، اسانکي لڳي ٿو تہ اسان يھوه کي گھٽي حد تائين بطور ھڪ سورج ديوتا جي تصور ڪيل ڏسون ٿا ۽ ھڪ شعلہ فشان موليڪ جي تقريباً سمورين خصلتن ۾ ويڙھيل ڏسون ٿا. ھڪ دفعو وري، جيتوڻيڪ ان جي ٿوري اميد آھي، لڳي ٿو تہ بعد جي يھوه پوڄا پنھنجي اندر ڪجھہ فلڪياتي عنصر ضم ڪري ڇڏيا ھئا، جيڪي اصل ۾ ان لاءِ ڪافي اوپرا ھئا، ۽ بين ديوتائن جي پوڄا سان واسطو رکندڙ ھئا. اھڙو ھڪ مثال سبات جي قائم ٿيڻ جو آھي، جيڪو ھاجو رسائيندڙ ديوتا ڪيون يا زحل جو بدقسمت ڏينھن ھوندو آھي، جنھن تي ڪنھن بہ قسم جو ڪم ڪرڻ نيڪ شگن نہ ليکيو ويندو آھي ۽ تنھنڪري وھمي سامي ماڻھو پنھنجي سڄي ھفتي جي محنت ۽ مشقت کان فارغ ٿي ان ڏينھن آرام ڪندو آھي.

قمري مھيني (آسمان جي شھزادي عشتارتي جو مقدس وقت) جي ستن ڏينھن وارن جيڪي ستن سيارن جي ديوتائن ڏانھن وقف ٿيل ھوندا آھن، چئن ھفتن ۾ ورھاست ظاھر آھي تہ بي قابو ۽ فلڪياتي ديوتائن جي ساڳي بعد جي پوڄا سان واسطو رکي ٿي يا اجا بہ انھن ديوتائن جي پوڄا سان، جن سان ھي آسماني شيون اڪيدين اثر ھيٺ، آخر ڪار سجاتيون ويندون ھيون. خالص يھوه پوڄا جا شروعاتي رسول سبات ۽ فلڪياتي جشنن جي اھڙن مشاھدن کي ڪافراڻو قرار ڏيڻ جو اعلان ڪن ٿا، ”توھانجو سبات ۽ توھانجا نوان چنڊ منھنجي لاءِ ھڪ نفرت آھن“. ۽ اموس مطابق خود ڪيون، صحرا ۾ پنھنجن ديس واسين طرفان پوڄي ويندڙ مڪ ڪافراڻي شيءِ ھو. بعد ۾ بھرحال يھوه پارٽي سبات معاملي تي وھم پرستي جي لھر کي ٽوڙڻ ۾ پنھنجو پاڻ کي بيوس ڏٺو؛ تنھنڪري نئون طريقہ ڪار ضروري ھو. ھنن ھڪ ھوشيار سمجھوتو گھڙي ورتو. سبات کي توحيدي يھوه پوڄا ۾ سڄي جو سڄو قبول ڪيو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو ۽ ان کي قائم ڪرڻ ۽ ان جي مقدس ڪردار لاءِ هڪ ڏند ڪٿائي سبب ڏنو ويو. جنهن انکي نسلي ديوتا جي پوڄا سان براءِ نام ڳنڍي ڇڏيو. پادراڻي تخليق ڪائنات جي ماهرن چيو ته ان ڏينهن تي يهوه، ڪائنات کي تخليق ڪري ڇڏڻ جي پنهنجي محنت کانپوءِ آرام ڪيو.

انهن بتدريج تبديلين جو ائين مختصر نموني خاڪو پيش ڪري ڇڏڻ کانپوءِ جيڪي خود يهوه جي تصور ۾ انهن زمانن دوران آيون، جڏهن اسرائيل جي منسلڪ ملڪن ۾ هن جي برتري آهستي آهستي قائم ٿي رهي هئي؛ هاڻي اسانکي حتمي مسئلي تي حملو ڪرڻ کپي. ڇو يهوه جي خاص پوڄا آخر ڪار خالص ۽ وحداني بڻجي وئي؟ شروع ڪرڻ وقت اسانکي اهو ياد رکڻ گهرجي ته قومي وجود جي شروع کان وٺي ئي يهوه کي صاف نموني سمورن ماڻهن طرفان هڪ نسلي ديوتا، اسرائيل جو خاص ديوتا سمجهيو ويندو هو. ان کان علاوه اهو فرض ڪرڻ جو به سبب آهي ته اسرائيلين يهوه کي پنهنجو سڀ کان اعلىٰ ترين ديوتا ڇو قرار ڏنو تي. اڪثر ديومالائون آخرڪار هڪ مڃيل مذهبي موروثيت تي توڙ ڪنديون آهن. جنهن ۾ هڪ يا ٻيو ديوتا آهستي آهستي پهرين جڳهه حاصل ڪندو آهي. اهڙي طرح هيلاس ۾ زيوس جي برتري ڪنهن به شڪ کانسواءِ هئي؛ ساڳئي نموني روم ۾ جيو پيٽر جي برتري هئي. ڪڏهن ڪڏهن پڪ ڪرڻ لاءِ، جيئن اسانجن جرمن بزرگن درميان، اسان ٻن متحارف ديوتائن وچ ۾ شڪ جي گنجائش ڏسندا آهيون؛ ٻنهي مک ديوتائن مان ڪنهن هڪ کي صحيح ترجيح ڏيڻ ڏکيو تي پوندو آهي. انگريزن ۾ ووڊن کي ٿونر تي برتري هئي، اسڪينڊينوين ۾ ٿور کي اوڊن تي فوقيت حاصل هئي. ساڳئي نموني اسرائيل ۾ بظاهر اهڙو وقت به ٿي گذريو جڏهن لافانين جي صدارت يهوه ۽ هڪ يا ڪنهن ٻئي مقامي بعال وچ ۾ لٽڪي پئي، پر آخر ۾ ۽ شايد شروع کان، ماڻهن جي حمايت مکيه طور تي صندوق جي مقدس پٿر سان هئي. هو اسرائيل جو خدا هو ۽ هو يهوه جا چونديل بندا هئا.

طوهر / ختني جي رسم فوري طور تي هن واحد اعلىٰ ديوتا ڏانهن ضرور ماڻهن جي هن عام جان نثاريءَ جي نشاني ۽ ڪجهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب ۽ ڪجهہ نتيجو ثابت ٿي هوندي. بي شڪ پهريان صرف پهريون جاول ٻار يا يهوه کي خصوصي طور تي اربيل ٻيا ماڻهو. هن رسم مان گذرندا هئا، جيڪا هنن کي ايڏو صاف نموني افزائش جي ديوتا جي پوڄارين طور نمايان ڪري بيهاريندي هوندي. پر جيئن وقت گذريو خالص يهوه پوڄا جي فتح کان گهڻو وقت اڳ، ائين لڳو ٿي تہ هر نر ٻار کي قومي ديوتا آڏو نذراني طور پيش ڪرڻ جي رسم عالمگير بڻجي چڪي هئي. ايترو اول جيترو دائود جي اونداهي حڪمرانيءَ وقت، فلستينن ڏانهن اسانجن قصن ۾ نفرت ڀريل انداز ۾ "اڻ طهريلن" طور اشارو ڪيو ويو آهي. بني اسرائيل نسل جي سمورن مردن جي قومي ديوتا کي ههڙي عالمگير ارپنا، هن جي آخري فتح کي يقيني بڻائڻ لاءِ لازماً گهڻو ڪجهہ ڪيو هوندو.

جيڪڏهن اسان فلستين ۾ اسرائيلين جي حالتن تي نظر وجهون تہ اسان اهو آسانيءَ سان ڏسنداسون تہ ڪيئن مذهبي ٻڌي ۽ شديد قومي حب الوطني ـ ٻنهي جي پرورش سندن زمين جي قبضي جي اصليت مان ٿي؛ ۽ اهو پڻ تہ چو هڪ اهڙو ديوتا جنهن کي مڪيہ طور تي پئدائش جي ديوتا طور تصور ڪيو ويندو هو. سندن قومي ديومالا جو وڏ ۾ وڏ اهم رڪن بڻجي ويو. سندن صورتحال، هينئين شام ۾ سندن زندگيءَ جي پهرين چند صدين دوران پيلو پونيس ۾ ڊورين جي صورتحال سان پيٽي سگهجي ٿي؛ اهي هڪ دشمن سرزمين ۾ هڪ ننڍڙي فوج هئا، جيڪا اڌ فتح ڪيل علائقن ۽ گهيرو ڪندڙ دشمنن سان مسلسل وڙهي رهي هئي؛ پنهنجن اندروني دشمنن جي بغاوتن کان مشڪل ۾ آيل هاٿي پنهنجي ساموندي سرحد تي دشمن فلستينين طرفان وري پاڻ باندي بڻجي ويل ٿورا ۽ ڪچا ويڙهاڪ، جيڪي اهڙن رت پياڪ اڳواڻن جيئن يشوعا جي سربراهيءَ هيٺ ان سرزمين مٿان اچي ڪڙڪيا، پنهنجي ڪاميابيءَ جي اميد رڳو پنهنجي تعداد جي تڪڙي ۽ مستقل واڌاري ذريعي ۽ جيترو ممڪن ٿي سگهيو پئي. انهن اندروني جهڳڙن کان بچڻ ذريعي ڪري سگهن پيا، جيڪي هميشہ قومي بيعزتيءَ جو پيش خيمو ٿين پيا. اسرائيل ۾ "هڪ ماءُ بڻجڻ" هر يهودي عورت جي وڏي ۾ وڏي خواهش هوندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. ان ڪري اها ڳالهہ فطري هئي تہ پيدائش جو هڪ ديوتا، مقامي ديوتائن مان مُک ديوتا بڻجي وڃي ۽ جيتوٽيڪ سمورا پتر ديوتا شايد عضوِتناسل جهڙا هئا، پوءِ بہ يهوه بطور هڪ نسلي اڳواڻ جي لڳي ٿو تہ اسرائيل کي سيني کان وڏيڪ اولاد ڏيندڙ قرار ڏنو ويو. اهو پڻ واضح لڳي ٿو تہ يهوه جي عام پوڄا، ٽڙيل پکڙيل ۽ حريف قبيلن درميان سڀ کان اول بڏيءَ جو واحد مضبوط جوڙ هو، جيڪي بعد ۾ اسرائيلي قوم ۾ تبديل ٿي ويا هئا. ديوتا ۽ قبيلي جي هيءَ بڏي پروفيسر رابرٽسن سمٿ طرفان سموري سامي پوڄا جو هڪ عام گڻ ليکيو ويو آهي. يهوه جي صندوق لڳي ٿو تہ شيلوه تي سندس گهر ۾ يهودي حب الوطنيءَ جي گڏجاڻيءَ جو عام هنڌ ناهيو ٿي، جيئن اولمپيا جي حرم، بعد ۾ يوناني بڏيءَ جي بڏندڙ احساس لاءِ هڪ مرڪز جوڙيو ٿي. صندوق کي يهودي فوج جي اڳيان کڻي هلڻ لاءِ باهر ڪڍيو ويندو هو تہ جيئن اسرائيل جو ديوتا پنهنجن پوڄارين لاءِ وڙهي سگهي. تنهنڪري بظاهر تمام ئي اوائلي زماني کان يهوه کي، اصلي معنيٰ ۾، جنگين جو ديوتا قرار ڏنو ويندو هو، هڪ اهڙي قوت جنهن مٿان اسرائيل پاڻ کي پنهنجن دشمنن کان بچائڻ لاءِ خصوصي طور تي پروسو ڪري ٿي سگهيو. جيئن قصا اسانکي ٻڌائن ٿا تہ جڏهن دائود جي زماني ۾ قومي بڏي وجود ۾ آئي؛ جڏهن غلام بڻايل ماڻهو نيٺ هڪ مضبوط وحدت ۾ ضم ٿي ويا؛ جڏهن ڪنعاني قوميت جون آخري نشانيون بہ يبوسين مٿان آخري فتح ماڻڻ سان ٻهاريون ويون ۽ جڏهن يروشلم کي هڪ متحده اسرائيل جي گاديءَ جو هنڌ بڻايو ويو، تہ پوءِ هي احساس پنهنجي حد ۽ شدت ۾ ضرور وڌي چڪو هو. دائود طرفان يهوه کي يروشلم وٺي اچڻ ۽ سليمان طرفان (جيڪڏهن هي حقيقتون تاريخي آهن تہ) هن جو مندر تعمير ڪرڻ هن کي بني اسرائيل جي وڏي ۾ وڏي ديوتا بڻجڻ ۾ ضرور مدد ڪئي هوندي. ۽ جيتوٽيڪ سليمان بين يهودي ديوتائن جا پڻ مندر اڏرايا جيڪي ڪجهہ صدين تائين قائم رهيا، اسان کي اهو يقين ٿي سگهي ٿو تہ عظيم مرڪزي مندر جي ڪلڻ جي تاريخ کان وٺي يهوه، بني اسرائيل جي علحدگيءَ کانپوءِ گهٽ ۾ گهٽ ڏاکڻي بادشاهت جو مک ديوتا رهيو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال يهوه پوڄا جي هڪ خاصيت اهڙي هئي، جنهن ان
کي آخر ڪار هڪ خالص مذهب بڻجڻ ۾ خاص طور تي مدد ڪئي ۽ اهڙي طرح هڪ خالص وحداني مذهب ۾ ان جي آخري اوسر لاءِ رستو صاف ڪيو. يهوه خاص طور تي هڪ ”حاسدي ديوتا“ طور سڃاتو ويندو هو؛ هيءَ هن جي طبيعت ۾ اوائلي خصلت هئي ۽ جنهن تي اڪثر زور پريو ويو آهي. اسانکي خبر ناهي ته ڪڏهن يا ڪٿي مشهور ’ڏهن احڪامن‘ جو پهريون دفعو اعلان ڪيو ويو هو پر اهو مڃڻ لاءِ اسان وٽ هر سبب آهي ته اهي گهٽ ۾ گهٽ تمام قديم زماني وارا آهن. هاڻي يهوه جي هنن امر اخلاقي اصولن ۾ سڀ کان مٿي هن جي سامهون ڪنهن به ٻئي ديوتا کي بيهارڻ جي پابندي بيٺل آهي. بيشڪ اصل ۾ پابنديءَ جو مطلب بلڪل اهو هو، جيڪو ان ۾ بيان ڪيل آهي، ته يهوه پنهنجي مندر جي ٻئي ڪنهن به ساٿي ديوتا سان ڀائيواري ڪرڻ برداشت نه ڪندو؛ جتي به هو رهندو، اڪيلو رهندو، مندر جي ڪن به ٻين ساٿي ڀائيوارن ڪانسواءِ، جيئن يوناني انهن کي سڏيندا آهن. اهڙي طرح اسان ڄاڻون ٿا ته يهوه جي صندوق پرسان ڪو به اشيرا زمين م نه کوڙيو هوندو آهي ۽ اهو ته جڏهن دجون ڀاڻ کي، اسرائيل جي پهاڙ جي بلڪل سامهون ڏنو، ته اهو ٽڪرا ٽڪرا ٿي پٽجي پيو ۽ عظيم يهودي ٽنيي جي خوفناڪ موجودگيءَ سامهون نه بيهي سگهيو. پوءِ هن حاسدي ديوتا طرفان پهريان ان کان وڌيڪ جو مطالبو نه ڪيو ويو؛ هن پنهنجن پوڄارين کان اهو گهريو ته هو هن کي سمورن هيچ ديوتائن جي صحبت کان الڳ رکن ۽ ڪنهن به ننڍڙي يا مخالف ديوتا کي هن جي حدن ۾ داخل ٿيڻ نه ڏين.

آهستي آهستي بهرحال جيئن يهوه پوڄا وڌيڪ گهري ٿيندي وئي ۽ ديوتا پڻي جو تصور وڌيڪ ويڪرو ۽ وڌيڪ اعلیٰ ٿي ويو، يهوه پوڄارين حاسدي ديوتا جي قديم حڪم جي هڪ وڌيڪ سخت تشريح ڪرڻ شروع ڪئي. اهو فرض ڪيو ويو ته هر ظهريل ماڻهو ـــــ يهوه کي ظاهراً اپيل هر ماڻهو، پنهنجي سموري مذهبي خدمت چڙو يهوه ڏانهن ئي وقف ڪري ڇڏي. حقيقت ۾ ڪنهن به ماڻهوءَ اجا تائين ان ۾ شڪ نه ٿي ڪيو ته ٻين ديوتائن به وجود رکيو ٿي پر انتهاپسند يهوه پوڄارين قومي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آزاديءَ جي پوين ڏينهن ۾ پنهنجي ايمان جي هڪ جُز طور اُهو مجيو ته کنهن به سچي اسرائيليءَ کي کنهن به طريقي سان انهن ٻين ديوتائن کي عزت نه ڏيڻ گهرجي. اهڙي طرح يهوه جي پوڄارين ۽ بعالم جي پوڄارين وچ ۾ هڪ اندروني مذهبي تنازعو ڪڙو ٿي ويو، جنهن ۾، جيئن توقع ڪري سگهجي پئي، ته قومي ديوتا جي پوڄارين جو پاسو ڳرو هو. خالص يهوه پوڄا اڻ ڪانپوءِ انتهاپسند يهوه پرستن جو مثالي تصور بڻجي وئي، اهي ٻين سمورن ديوتائن کي 'بت' قرار ڏيڻ لڳا جن کي سندن مورتين سان سجاتو ويندو هو؛ انهن چڙو يهوه کي بطور هڪ زنده ديوتا جي گهٽ ۾ گهٽ اسرائيلي قوم جي حدن اندر ڏسڻ شروع ڪيو.

بيشڪ هن نتيجي ۾ يهوه جي پادرين جي هڪ ٻي قديم پابنديءَ جو وڏو حصو هو. پادرشاهيءَ يهوه جي مورتين کي ناهڻ يا وڏائڻ کي غير قانوني قرار ڏئي ڇڏيو. رڳو صندوق ۾محفوظ تيل هڪ مقدس پٿر کي پوڄيو ٿو هو ۽ اهڙي طرح هن نسلي مذهب جي سچي مذهبي روح کي شيلوهه يا ان ڪانپوءِ يروشلم ۾ مرڪوز ڪرڻ ذريعي هو قومي ٻڌيءَ کي مضبوط ڪرڻ ۾ گهٽي حد تائين ضرور ڪامياب ويا هوندا. سخت گير يهوه پرستن، اترئين بادشاهت ۾ ڏاند جي مورتين جي ڪئي ويندڙ پوڄا کي ناپسنديدگيءَ جي نظر سان ڏٺو ٿي، جيتوڻيڪ انهن کي پڻ (گهٽ ۾ گهٽ بعد جي ڏهاڙن ۾) يهوه جي نمائندن طور ليکيو پئي ويو. هنن جو خيال هو ته ابراهيم جو سچو خدا رڳو يروشلم ۾ موجود صندوق ۾ ئي ملي سگهي ٿو ۽ اهو ته اسرائيل جي ان پٿر کي انساني يا حيواني شڪل ڏيڻ سندن ديوتا جي شان خلاف خود هڪ وڏو ڏوهه هو. تنهنڪري اتان ئي "بت پرستيءَ" کان خاص يهودي نفرت ڦٽي، هڪ اهڙي نفرت جيڪا سامي ماڻهن کان علاوه ٻين کهڙن به ماڻهن طرفان ڪڏهن به برابر انداز ۾ ونڊي ورهائي نه وئي آهي ۽ جنهن کي اونهيون پاڙون هيون، بظاهر انهن ماڻهن جي غير فنڪاراڻه ڏاهپ ۾ ۽ سامي سوچ جي زبردست مابعد الطبعياتي ۽ خوابي ڪردار ۾. حقيقت ۾ سامي مندرن جو نسبتاً خالي پڻو هڪ يونانيءَ لاءِ هميشه هڪ رڪاوٽ هو، جنهن وٽ انساني شڪل وارن ديوتائن جون بيشمار ۽ نهايت عمده مورتيون موجود هيون. وڌندڙ خالص ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

غير مادي يهوه پوڄا کي سموري قوم لاءِ نج وحدانيت پرستيءَ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ هاڻي جيڪو ڪجهه اسرائيل ۽ اسرائيل جي ديوتا جي وجود متان ڪجهه خطرناڪ ٻاهرئين حملي جي بچاءَ ۾ گهربل هو، اهو هو زبردست قومي جوش لاءِ هڪ محرڪ! هيءَ آخري جنبش، اشورا جي جارحيت ۽ بعد ۾ بابل جي جارحيت سان ملي وئي. ڪئين سالن تائين ٻنهي ننڍڙين اسرائيلي بادشاهتن، مصر ۽ وادي دجلہ وفرات جي طاقتور سلطنتن وچ ۾ هڪ خود مختياري برقرار رکي هئي. انين صديءَ ۾ اها ڳالهہ يقيني ٿي وئي تہ هو هوشيار فنِ سفارت ۽ شائستہ غلاميءَ جي هِريل راند هاڻي وڌيڪ نہ ٿي ڪيڏي سگهيا: اسرائيل جو وجود ئي خطري ۾ هو ۽ يهوه جا جنوني پوڄاري، جوش جي ان يادگار وجدان ۾ داخل ٿيا، جنهن ڪي اسانِ سٺي نموني ’نبين جو زمانو‘ سڏي سگهون ٿا ۽ جنهن حملہ آورن جي هٿيارن جي مخالفت ڪرڻ جي بيتاب ڪوشش ۾، هڪ اعلىٰ ترين يهوه جي غيرسرگرم رڪاوٽ جي شان ۾ يهودي ادب جا اوائلي شاهڪار پئدا ڪيا. نبي چون ٿا، پراڻي زماني ۾ جڏهن يهوه، اسرائيل جي فوجن جي اڳواڻي ڪئي، تڏهن سندن دشمنن جي گهوڙن ۽ گاڏين ڪا بہ حيثيت نہ ٿي رکي؛ جيڪڏهن هن بحران ۾ اسرائيل مصر طرفان مدد يا اشورا سان اتحاد ڪرڻ جي سوچ ختم ڪري ڇڏيندو يعني اسرائيل پنهنجن بين سمورن ديوتائن کان جان ڇڏائيندو ۽ رڳو يهوه تي ڀروسو ڪندو تہ پوءِ يهوه اشورا جي طاقت کي ٽوڙي ڇڏيندو ۽ بابل کي پنهنجي چونديل قوم آڏو ختم ڪري ڇڏيندو. اها آهي اها ٻولي جيڪا ايسياهہ هڪ وڏي قومي خطري جي بحران ۾ استعمال ڪرڻ جي جُرات ڪئي. هاڻي اهو اسانکي عجيب لڳي ٿو تہ ڪي بہ ماڻهو پنهنجو پاڻ کي اهڙي جنوني بيوقوفيءَ جي هڪ عام حالت ۾ اڇلائي ڇڏيندا، تنهن هوندي بہ اهو سچ آهي تہ هي غيرمعمولي صلاحڪار ٻنهي اسرائيلي بادشاهتن ۾ حاوي رهيا ۽ اها گهڙي جڏهن قومي وجود ئي تمام گهڻو خطرناڪ نموني داءَ تي لڳل هو، يهوه پرست پارٽيءَ طرفان هڪ مذهبي اصلاح جي سرتوڙ ڪوشش ڪرڻ لاءِ ان گهڙيءَ جو انتخاب ڪيو ويو.

افرائيم جي شڪست، يهوداہ ۾ مذهبي جنونين جي هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪٽر اعتقاد کي وڌيڪ تيز ڪري ڇڏيو تہ خالص يهوہ پوڄا ئي اسرائيل جي مشڪلاتن جي هڪ واحد ممڪن دوا (اڪسير) آهي. هڪ اقليت ۽ هڪ لچڪيدار نوجوان بادشاهہ جو فائدو وٺندي، اهي نيم راضي ماڻهن مٿان خالص يهوہ ازم ٿاڦڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا. شريعت جي ڪتاب ۾ جيڪو خمسہِ موسيٰ (موسيٰ جي پنجن ڪتابن) جو پهريون جراثيم هو، يروشلم جي مندر جي پادرين طرفان ڪيل وقتائتي جعلسازيءَ ڪان سِتت ئي پوءِ نج يهوہ پوڄا جي. عارضي فتح عمل ۾ آئي. هن يادگار دستاويز ۾ يهوہ جي خالص پوڄا لاءِ ڪوڙي نموني چيو ويو آهي تہ اها قومي وجود جي تمام ئي قديم زمانن کان قائم ڪيل آهي. اسانکي ٻڌايو ويو آهي تہ يسعياهہ، قانون جي جعل سازي ڪيل دستاويز جي پيچڪڙين کان خوفزده ٿيندي، هڪدم پنهنجو پاڙڪي 'بت پرستيءَ' جي هر شڪل کي پرتشدد طريقن ذريعي پاڙان پٽي ڇڏڻ لاءِ تيار ڪري ڇڏيو. هو يهوہ جي گهران، "بعال لاءِ ۽ اشيرا لاءِ ۽ آسمان جي ميزبان لاءِ ٺاهيل ٿانوَ ڪڍي آيو ۽ هن اهي يروشلم کان ٻاهر ڪدران جي زمينن ۾ ساڙي ڇڏيا". هن "يهوده جي شهرن ۾ بين ديوتائن جا سمورا مندر ۽ پاپائتيون ختم ڪري ڇڏيون ۽ انهن ماڻهن کي ڪچلي ڇڏيو جن بعال، سج، چنڊ، سيارن ۽ آسمان جي سڄي ميزبان لاءِ لوبان ٻاريا ٿي". هو يهوہ جي مندر مان يشيرا کي پڻ ڪڍي آيو ۽ انکي ساڙي خاڪ ڪري ڇڏيائين ۽ "اهي گهوڙا ڪڍي ويو، جيڪي يهوده جي بادشاهن سج کي ڏنا هئا ۽ سج جي گاڏين کي ٻاهہ سان جلائي ڇڏيو". ۽ انهن مندرن کي نيست و نابود ڪري ڇڏڻ ذريعي جن لاءِ چيو ويو آهي تہ سليمان طرفان ڪيموش، ملڪام ۽ ايشتوريٿ لاءِ تعمير ڪرايا ويا هئا، هن خالص ۽ فاتح يهوہ پوڄا کي ئي اسرائيل جي واحد مجيل مذهب طور باقي بچايو.

بهرحال هي سيڪجهہ ڪنهن ڪم جو نہ هو. مذهبي جنونيت ننڍڙي رياست کي سندس طاقتور پاڙيسرين جي جارحانہ ٻانهن کان نہ ٿي بچائي سگهي. يوسياهہ جي اصلاح جي ويهن يا ٽيهن سالن اندر، بابل واسين ٿي پيرا يروشلم کي فتح ڪيو ۽ تباهہ ڪيو. يهوہ جو مندر ساڙيو ويو، مک زيور ڪنيا ويا ۽ تباهہ ٿيل مقام اُجڙيل رهيو. ان ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهندڙ مکيہ باشندا، بابل ڏانهن نيا ويا ۽ يهوده جي بادشاهت ڪجهہ وقت لاءِ هڪ آزاد وجود کان محروم ٿي وئي. پر هن تباهيءَ ۾ خود يهوه جو ڇا ٿيو؟ سندس سمورين پاڪ شين جي هن عام تباهيءَ ۾ صندوق ۾ موجود مقدس پٿر ـــ اسرائيل جو پهاڙ ڪاڏي ويو يا ڪاڏي ڪري پيو؟ اهو ڇوڻ عجيب لڳي ٿو تہ يهودي تاريخدان اسانکي اهو ٻڌائڻ کان ڪڏهن بہ بس نہ ٿو ڪري تہ يروشلم ۾ بابل واسين طرفان مچايل تباهيءَ جي دردناڪ تفصيل ۾ هر ٿانو، بيلچي ۽ برتن جو ڳاڻيٽو ٿيل آهي پر 'خدا جي صندوق' جو هڪ دفعو بہ ذڪر ٿيل نہ آهي. شايد تاريخنويس، پنهنجي ملڪ جي ديوتا جي اها آخري بيعزتي ٻڌائڻ کان لنوايو ٿي؛ شايد تعظيم جي هڪ احساس، هن کي اهو لکڻ کان روڪي ڇڏيو؛ يا شايد هن ڪجهہ بہ نہ ٿي ڄاتو تہ سندس بزرگن جي پيار ڪيل ۽ زمانن کان عزت ڏنل پٿر جي ٿنڀي سان آخرڪار ڇا ٿيو. اهو پڻ ممڪن آهي تہ سندس ديوتا جي مذهب جي بعد جي ۽ وڌيڪ خيالي ٺاهيل تصور سان، هن خود صندوق کي يهوه جي رهڻ جو هنڌ سمجهڻ ڇڏي ڏنو هجي ۽ ان حقيقت کان اڻ واقف هجي تہ سندس قبائلي ديوتا مندر جي سڀ کان اندرئين روضي ۾ هڪ کُهري ڪٽيل ٿنڀي جي صورت ۾ ظاهر ٿيل هو. اهو جيئن بہ هجي، پر خود يهوه جو اصلي مقدر اسان لاءِ هاڻي ناقابل گذر اوندهہ ۾ غائب ٿي ويل آهي. غالباً حملو ڪندڙن، جن "يهوه جي گهر جا خزانا لٽيا ۽ سون جا سمورا ٿانو ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيا، جيڪي سليمان اسرائيل جي بادشاهہ ٺهرايا هئا"، هڪ فتح ڪيل قوم جي ڪچي مقدس پٿر لاءِ گهٽو خيال نہ ڪيو هوندو. اسان اهو اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ انهن يهوه کي هڪ هزار ٽڪرن ۾ ٽوڙي ڇڏيو هوندو ۽ هن کي پيجي خاڪ ڪري ڇڏيو هوندو، جيئن يوسياهہ بعالم ۽ اشيرا سان ڪيو هو، جيئن هن جون نشانيون ئي وڌيڪ سڃاڻي يا پوڄي نہ سگهجن. ڪنهن بہ طرح اسان ان وقت ڪانپوءِ خود يهوه جي باري ۾ سندس هڪ مادي وجود طور يا صندوق جنهن ۾ هو رهيو ٿي، متعلق وڌيڪ ڪجهہ بہ نہ ٿا ٻڌون. سندس اڪيلو روح هن جي چونڊيل ماڻهن جو بچاءُ ۽ حفاظت ڪرڻ لاءِ اڻ ڏٺل نموني باقي وڃي بچيو. پوءِ بہ حيرت سان چوڻو ٿو پوي تہ خود يهوه جو بطور هڪ نظر ايندڙ ۽ محسوس ٿي سگهندڙ ديوتا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي هي تاريخ جي صفحي تان آخري دفعو غائب ٿي وڃڻ، سندس عقيدي ۽ تقدس جي صريحاً شڪست جي نشاني ثابت ٿيڻ بدران يهوه پوڄا جو بطور هڪ روحاني، هڪ وحداني ۽ هڪ عالمگير مذهب جي، نهي پوڻ ٿي هو. بلڪل ان گهڙيءَ تي جڏهن يهوه جو وجود ۾ رهڻ ٿي ختم ٿي ويو، يهوه جو مذهب پنهنجي اعليٰ ترين ۽ مڪمل ترين اوسر ڪي پهچڻ شروع ٿيو. باندي بڻجڻ کان بہ اڳ، جيئن اسان ڏسي آيا آهيون، رسولن ۽ سندن پارٽي، يهوه جي عظمت، يهوه جي پاڪائي، يهوه جي اڻ رسائيءَ واري طبيعت، يهوه جي انسان کان بالاتر جلال ۽ قدرت ڪامله جو هڪ گهٽي ۾ گهٽو تعريف ڪيل ۽ روحاني تصور ناهڻ شروع ڪيو هو. پر هاڻي جيئن تہ خود مادي يهوه، جنهن سندن خيالن کي محدود ۽ بندڪري رکيو هو، هميشہ لاءِ غائب ٿي چڪو هو، هي هڪ عظيم اڻ ڏٺل خدا جو روحاني تصور حيرانڪن نموني ويڪرو ۽ گهرو ٿي ويو. پنهنجي مذهب ۽ يهوه جي تڪڙي حڪم ذريعي پنهنجي چونديل ديوتا جو ڪو بہ تصور/مورتي ناهڻ کان منع ڪيل، بابل ۾ موجود يهودين آهستي آهستي پنهنجي لاءِ هڪ اعليٰ ترين حڪمران جو تصور پيدا ڪيو، جيڪو مادي بندڻن کان مڪمل طور تي آزاد ٿيل هو، جنهنکي ڪنهن بہ تخيل، مورت، نمائندي يا نشان کانسواءِ پوڄيو وڃڻو هو، هو آسمانن ۾ رهندڙ هو، انسانن کي نظر نہ ايندڙ، ايترو مٿي ۽ خالص جو انساني اک هن کي نهاري نہ سگهي. صندوق ۾ موجود مخروطي پٿر پنهنجي جاءِ هڪدم هڪ غيرجسماني، پراسرار ۽ قادر مطلق هستيءَ کي ڏئي ڇڏي. اهو قيد دوران پڻ ٿيو تہ خالص توحيد پرستي پهريون دفعو اسرائيل جو عقيدو بڻي. ان ڳالهہ تي متفق ٿيل تہ يهوه جي بي وفائي ئي سندن گذشتہ سمورين بدقسمتين جو سبب هئي، پنهنجي جلاوطنيءَ دوران يهودي اڳي کان بہ وڌيڪ ان ديوتا سان وڌيڪ گهرائيءَ سان ڳنڍجي ويا، جنهن سندن قومي ايڪتا ۽ قومي وجود جي نمائندگي ٿي ڪئي.

هنن وقت ۾ ٻن نسلن گذري وڃڻ کانپوءِ يوديا ڏانهن وري واپسي ڪئي، ان پختي عزم سان تہ سندن سموري خوشي مثالي خالص پٽي سان هڪ مذهب قائم ڪرڻ تي دارومدار رکي پئي، جيڪو سندن ابن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاڏن جو ڪڏهن به مذهب نہ رهيو هو. يهوه پوڄا جو هڪ نئون روپ، انهن يهودين درميان هڪ جنون بڻجي ويو. جيڪي بابل جي ندين ڪناري نراس وينا هئا. انهن جوشيلن مان ٿورڙن، جيڪي آخر ڪار يروشلم موٽي آيا، خود ڪڏهن ان پٿر ديوتا کي ڄاتو ٿي جيڪو ان صندوق ۾ لڪل پيو هو: اهو آسماني بڻايل يهوه هو، جنهن مٿي آسمان ۾ ستارن وارن ميزبانن وچ ۾ حڪمراني ٿي ڪئي، جنهنکي هنن اسرائيل جي بحاليءَ لاءِ هڪ اجنبي سرزمين ۾ پنهنجون اميدون آڇيون ٿي. ان مندر ۾، جيڪو هنن ان مقدس هنڌ تي تعمير ڪيو، جتي سنڌن تصورن جي نين غيرحقيقي ڳالهين جنم ورتو، يهوه پاڻ ذاتي طور وڏيڪ موجود نہ هو. اهو زياده گهڻو هن جو گهر نہ هو، جيئن هن جو پراڻو گهر هو، جنهنکي بابلي جارحن مسمار ڪري ڇڏيو هو: اها اهڙي جڳهہ هئي جتي آسمان ۾ موجود عظيم ديوتا کي قرباني پيش ڪئي ويندي هئي ۽ پوڄا آڇي ويندي هئي. هي نئون مذهب خالصتاً روحاني هو: يهوه فتح ماڻي چڪو هو پر رڳو پنهنجين نيارين ذاتي خاصيتن کي وڃائي ويهڻ سان ۽ بحران مان جڙڻ بطور خالي روپ جي يا عام طور تي خالص ديوتا جي عمومي تصور جي، ٻاهر نڪري اچڻ سان.

هيءُ ئي اها شيءِ آهي جيڪا وحدانيت پرستيءَ کي ان جي خاص طاقت ڏئي ٿي ۽ انکي هر هنڌ پنهنجو رستو آسانيءَ سان ناهڻ جي قابل بڻائي ٿي، جو تہ وحدانيت پرستي اهڙو مذهب آهي، جنهن کي ان جي واحد مرڪزي جُزي تائين سسايو/گهٽايو ويو آهي: ان ۾ ڪجهہ نہ هجي ٿو، سواءِ ان جي جيڪو سمورن ديوتائن بابت هر پوڄاري اڳ ئي پوري طرح سان مڃيندو آهي، جنهن ۾ هر غير ضروري پيچيدگي يا انفراديت درست ڪيل ۽ آسان بڻايل هوندي آهي. ان جي سادگي انکي سمورن ذهين دماغن لاءِ پرڪشش بڻائي ٿي: ان جي هڪجهڙائپ ان کي ديومالا جو سولي ۾ سولو ۽ وڌ ۾ وڌ سستو روپ بڻائي ڇڏي ٿي، جيڪو هڪ ماڻهو پنهنجي لاءِ تشڪيل ڪري سگهي ٿو. هنن نون خيالن جي اثر هيٺ، گهڻو وقت گذرڻ کان اڳ اسرائيل جي سمورين تاريخن ۾ ڪٽ ڪوٽ ڪئي وئي ۽ ڪين يهوه پرست شڪل ۾ لکيو ويو. خمسہِ موسيٰ ۽ پراڻن تاريخي ڪتابن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو ويس پاتو، جنهن ۾ انهن کي اسان هاڻي ڏسون ٿا. قيد خاني کان واپسيءَ جي گهڙيءَ کان وٺي توحيد پرست تصور مسلسل وڌندو ٿي رهيو. بي شڪ پهريان ڇهين صديءَ جي يهودين طرفان بہ عام طور تي يهوه کي محض اسرائيل جو هڪ لساني ديوتا سمجهيو ويندو هو. پر وقت سان گڏ اوائلي شاعراڻن رسولن مان چند جي وڏيڪ اعلىٰ ۽ ڪليل تصور عوامي مجتا ماڻڻ شروع ڪئي ۽ يهوه کي حقيقت ۾ سڄي دنيا جو واحد سچو خدا قرار ڏنو ويو ـــ ڪجهہ ڪجهہ اهڙي خدا جهڙو، جنهنکي اڄ اسلام ۽ عيسائيت مڃن ٿا. اڄا تائين اهو تمام ويجهڙائيءَ سان يهودي ماڻهن سان ڳنڍيل هو، جن معرفت ٿي رڳو غير اهل ڪتاب ماڻهن کي هن جي عظمت وقت سر معلوم ٿيڻ جي توقع هئي. اهو پنج صديون پوءِ يوناني يهودي سليسين لاءِ مخصوص ٿيل هو تہ هو خالص عالمگير وحدانيت پرستيءَ جو آخري مثالي تصور مڪمل ڪري ۽ ملڪ کان ٻاهر عالمي انسانذات جي اڪين آڏو ڪئٿولڪ چرچ کي پنهنجو زميني شاهد ٻڌائيندي سمورين قومن آڏو خدا جي هيڪڙائيءَ جو اعلان ڪن: هن عظيم ۽ بحيثيت مجموعي عالمگير تصور لاءِ اسان سمورن ماڻهن کان وڌيڪ پال آف ٽارسس جا تورائتا آهيون.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب يارهون

## انساني خدا/ديوتا

اسان هاڻي هڪ خاص معنيٰ ۾ ديوتائن ۽ خدا جي ارتقا جو سراغ لڳائي پنهنجي خواهش پوري ڪري چڪا آهيون. اسان ڏيکاري چڪا آهيون ته ڪهڙ خدا پرستي ڪيئن وجود ۾ آئي ۽ ڪيئن ان مان ماڻهن جو هڪ خاص ذڙو اوائلي اسرائيلي فطري ڏاڪن ذريعي آهستي آهستي توحيد پرست تصور تائين اسري ويو. تنهنڪري ائين لڳي سگهي ٿو ته جڻ اسان جيڪا منزل پنهنجي سامهون رکي هئي، اها هاڻي بلڪل پوري ٿي چڪي. پوءِ به بهرحال ڪيترائي پيچيده ۽ ڏکيا سوال اڃا تائين اسانجي سامهون بيٺا آهن. اسان جو مسئلو اڃا تائين مشڪل سان ڪو اڌ حل ٿيو آهي. اسان کي اڃا پڇڻو آهي ته ڪيئن هي خالصتاً مقامي ۽ قومي يهودي ديوتا، مهذب دنيا کي فتح ڪرڻ لاءِ اڳتي وڌيو؟ ڪيئن هينئين شام جي هڪ لڪل ڪنڊ مان حقير سمجهيا ويندڙ ۽ وحشي ڏن پريندڙن جي هڪ ننڍڙي قبيلي جو ديوتا آهستي آهستي بابل ۽ سوسا، هيلاس ۽ اٽليءَ جي وڏن فتحون ڪندڙ ديوتائن کان بچندو آيو؟ ۽ وري اسانکي وڌيڪ اهو معلوم ڪرڻو آهي ته چو جديد قومن جي اڪثريت جنهن ناليءِ ۾ توحيدپرستيءَ کي اختيار ڪيو آهي، پوءِ به پنهنجي ديوتا کي ٽن شخصيتن پيءُ، پٽ ۽ روح جي ڪنهن صوفياڻي طور تي سمجهه ۾ نه ايندڙ انداز ۾ ورهايل تصور ڪري ٿي؟ مختصر اهو ته مان هڪ ديوتا جي تصور کي قديم مميءَ يا ثانوي روح کان قديم يهودين جي واحد اعليٰ ترين خدا تائين پيرو کڻڻ کان مطمئن نه آهيان؛ مان اها خواهش پڻ رکان ٿو ته هن سڌريل تصور جو پيرو کڻان، جيستائين اهو آخرڪار جديد عيسائيت جي ته صورتي خدا ۾ ضم نه ٿو ٿي وڃي. عيسائي مذهب، جنهن سان اسانکي پوءِ نبرڻو آهي، بنيادي طور تي پاڪي هڪ ماڻهوءَ جي شخصيت تي بيهاري ٿو، جنهن جو نالو آهي ”عيسيٰ“ عام طور تي ڪيس ”يسوع مسيح“ سڏيو ويندو آهي، يعني ”مسح ٿيل“.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن وڏ ۾ وڏ مقدس ۽ ديوتا بڻايل شخص لاءِ جديد عيسائيت اها دعويٰ ڪري ٿي ۽ تمام اوائلي زماني کان دقيانوسي عيسائين طرفان اها دعويٰ ڪئي وئي آهي ته اصل ۾ محض هڪ ماڻهو نه هو، جنهنکي بعد ۾ ديوتا/خدا بڻايو ويو پر هو ته پهريان کان ئي خدا يعني يهودي يهوه، جي پٽ طور ڄائو هو: ته هو هڪ ڪنواري ماءُ مان معجزاڻي طور پيدا ٿيو هو، ته هن کي صليب تي ٽنگيو ويو ۽ پوءِ دفن ڪيو ويو، ته هو ٽئين ڏينهن تي قبر مان وري جيئرو ٿي اٿيو، ته هو هاڻي هڪ الاهي ۽ عارفاڻ طور تي (خدائن جي) گڏيل تثليث ۾ هڪ زنده ۽ نمايان شخص آهي. مان ايندڙ بابن ۾ اهو ڏيکارڻ جو سوچيو آهي ته ڪيتري حد تائين هي سمورا تصور ان دنيا ۾ اڳوات ئي ڄاتل سڃاتل هئا، جنهن ۾ عيسائيت نافذ ڪئي وئي هئي ۽ ڪيتري وڏي حد تائين هي نئون مذهب پنهنجي تڪڙي ڪاميابيءَ لاءِ ان حقيقت جو ڳيجهو هو ته اهو رڳو انهن سمورن مک تصورن جو خلاصو يا خيالي شڪل هو، جيڪي يونوچ تهذيب جي مکيه مذهبن لاءِ اڳوات ئي عام هئا. ان گهڙيءَ جڏهن رومن سلطنت دنيا کي آفاقي بڻائي رهي هئي، عيسائيت ماڻهن جي پوڄا ۾ جن ۾ اها ڦٽي، جو ڪجهه به مرڪزي، عام ۽ عالمگير هو، پنهنجي اندر ڪٺي ونڻ سان مذهب کي بين الاقوامي بڻائڻ شروع ڪيو. اسان اوتار بڻائڻ جي سوال سان شروع ڪنداسون، جيڪو عيسائي تصور جي بلڪل پاڙ ۾ پيو آهي.

مون اڳ ئي چٽي چڙيو آهي ته قديم مصر ۽ ٻئي هنڌ، "خدا/ديوتا مري ويل بادشاه هو، بادشاه جيئرو خدا/ديوتا هو." هي واقعي ۽ قطعي طور تي سچ آهي. ڇاڪاڻ ته اوائلي بادشاه ديوتا هوندا آهن، ان ڪري موجوده بادشاه ـــ سندن يونيئر قدرتي طور تي پڻ پيدائشي لحاظ کان ديوتا هوندا آهن: سندن خون، ديوتائي هوندو آهي: اهي محض عام رواجي فاني ماڻهن کان سواءِ ۽ پڻ حيثيت ۾ مختلف هوندا آهن. جيستائين اهي جيئرا هجن ٿا، اهي ذرتيءَ مٿان ديوتا هجن ٿا: جڏهن اهي مري وڃن ٿا، پنهنجن بزرگن جي ديوتائن جي برادريءَ ۾ وڃي شامل ٿين ٿا ۽ ساڻن گڏ هڪ خوش ۽ شاهاڻي لافانيت ۾ حصيداري ڪن ٿا. مصر ۾ اخذ ڪيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نتيجو تہ ديوتائن جو اولاد پاڻ بہ ضرور ديوتائي هوندو آهي، گهڻن ٻين ملڪن ۾ پڻ اخذ ڪيو ويو، خاص طور تي انهن ملڪن ۾ جتي ساڳين وڏين اقربائپروورين، تمدن جي هڪ شروعاتي سطح تي پاڻ کي قائم ڪري ڇڏيو هو. اهڙي طرح، پيرو ۾ انڪاس ديوتا هئا: اهي سج جو اولاد هئا ۽ جڏهن اهي مري ويا اهو چيو ويو تہ سندن پيءُ — سج انهن کي پاڻ وٽ گهرائي ورتو آهي. ميڪسيڪن بادشاهہ پڻ فطرت جي قوتن مٿان مڪمل ضابطي سان ساڳئي نموني ديوتا هئا، انهن پنهنجي تقرر وقت سج کي روشن رکڻ، برسات وسائڻ، ندين کي وهائڻ ۽ ڌرتيءَ مان هر مند ۾ فصل پيدا ڪرائڻ جو وعدو ڪيو هوندو آهي. هو انهن سمورين ڳالهين جو وعدو ڪيئن تي ڪري سگهيا، پهريان اسان کي سمجهڻ ۾ ڏورو ڏکيو لڳندو پر اسانجي جاچ پڙتال جي بعد جي منزل تي اهو بهتر نموني سمجهڻ لائق تي ويندو، جڏهن اسان ڪيتي ٻاڙيءَ جي ديوتائن تي غور شروع ڪنداسون. هن وقت بہ جيڪڏهن اسان ياد ڪريون تہ بادشاهہ سج جو اولاد هوندا آهن ۽ اهو تہ مقدس وڻ، مقدس وڻن جا جهڳٽا ۽ مقدس ڪوهہ، سندن بزرگن سان ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل هوندا آهن، اسان اهڙي هڪ ذهني ناتي جي شروعات لاءِ ڏکو هٽي سگهون ٿا.

اهڙي طرح چيني شهنشاهہ، آسمان جو پٽ هوندو آهي، هو پنهنجن ماڻهن آڏو خشڪ ساليءَ يا فطرت جي ٻي ڪنهن آفت لاءِ جوابده هوندو آهي. مسٽر فريزر چئي ٿو، جنهن جو مان اينڊڙ گهٽين حقيقتن لاءِ تمام گهڻو ٿورائتو آهيان، آرسيڪڊ هائوس جي پارٿين بادشاهن پنهنجو پاڻکي سج ۽ چنڊ جو ڀاءُ قرار ڏنو تي ۽ کين ديوتائن طور پوڄيو ويندو هو. اهڙا ٻيا بيشمار مثال مسٽر فريزر طرفان ڏنا ويا آهن، جيڪو انسان ديوتائن ۾ هن تمام گهٽي ڦهليل عقيدي جي مڪمل اهميت ڏانهن اشارو ڪندڙ پهريون ماڻهو هو. هن تمام ئي اهم موضوع مٿان اينڊڙ بحث ۾ مان گهٽي حد تائين هن جي پيروي ڪندس، جيتوڻيڪ مان اڪثر حقيقتن کي ان کان ٿورڙي مختلف تشريح ڏيندس جيڪا هونئن هو صحيح قرار ڏئي ٿو. منهنجي لاءِ ديوتائيت هميشہ قديم مري ويل ماڻهوءَ مان ڦٽني تي، جڏهن تہ مسٽر فريزر لاءِ اها اصليت ۾ روحاني يا حيواني آهي. هنن انساني ديوتائن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کان علاوه، جيڪي ديوتا ٻٽايل بزرگن مان پيدا ٿيڻ ڪري ديوتا هوندا آهن. ديوتائن جو هڪ ٻيو قسم بہ هوندو آهي جيڪي اتساهہ يا روح جي آڪيري واهيري ڪري ديوتا هوندا آهن يعني ڪنهن ڀوت يا ديوتا ڪري جيڪو عارضي طور يا هميشہ لاءِ هڪ زنده ماڻهوءَ جي جسم ۾ رهندو آهي. اهڙي ديوتائي قبضي جو جراثيم تصور اسان مرڳهي. سڪرات، خواب ۽ پاڳل پڻي جي حقيقتن ۾ ڏسي سگهون ٿا. بگڙي ويل اعصابي حالت جي هنن مثالن ۾، قديم انسان کي ائين لڳندو آهي، جيئن صحيفن جي زمانن وارن يهودين کي اجا تائين لڳو تہ ان شخص ۾ ڪو روح داخل ٿي ويو آهي يا ان کيس پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيو آهي، جيڪو هن ۾ اندر جسماني طور بسيرو ڪندو آهي. اهو روح ان ماڻهوءَ کي هيٺ اچلائي سگهي ٿو يا هن جي واتان عجيب اڻ ڄاتل زبانن ۾ ڳالهائي سگهي ٿو؛ اهو هن جي شان ۾ اضافو ڪري سگهي ٿو تہ جيئن هو حيرت انگيز طاقت جا عجيب ڪرتب ڪري سگهي يا هن کي پنهنجي بي عزتي ڪندڙ پستيءَ جي هڪ حالت ۾ ذليل ڪري سگهي ٿو. روزي رکڻ ۽ مذهبي ترڪ دنيا معرفت، مرد ۽ عورتون هيءَ حالت مصنوعي طور تي بہ حاصل ڪري سگهن ٿا، جڏهن ديوتا هنن معرفت ڳالهائيندو آهي، جيئن هن ڊيلفي ۾ پٿيا جي واتان ڳالهايو هو ۽ روزو رکڻ عمومي طور تي ديوتا پهتل ماڻهن، پادرين، ٻاون، تارڪ الدنيا ۽ وجدانين جي مذهبي مشقن مان هميشہ هڪ هوندو آهي. جتي ماڻهن سکي ڇڏيو آهي تہ نشو پيدا ڪندڙ مشروبات ڪيئن ٺاهجن يا ٻوٽن مان اهڙيون رسون ڪيئن ڪڍجن، اهي عالمگير نموني اهڙن ٻوٽن جي اثرات کي هڪ اتساهہ ڏيندڙ روح جي ذاتي عمل جي خصلت سمجهندا آهن ـــ هڪ اهڙو خيال جيڪو ويندي مهذب زمانن ۾ بہ ايڏو مستقل رهندو پيو اچي جو اسان عادتاً شرابي مشروبات کي، "روح/اسپرٽ" چوندا آهيون. جسم ۾ اندر رهندڙ ديوتا جي موجودگيءَ کي حاصل ڪرڻ جا هي ٻئي طريقا عام طور تي وحشي ۽ نيم مهذب ماڻهن طرفان عمل ۾ آندا ويندا آهن. جڏهن اسان اهو ياد ڪريون ٿا تہ اسان ڪيئن اڳ ئي اهو ڏٺو آهي تہ ابن ڏاڏن جا روح وقتاً فوقتاً انهن ڪوپڙين ۾ لهي ايندا آهن جيڪي ڪڏهن هنن جون هونديون هيون يا ان مٽيءَ يا ڪاٺ جي مورتين ۾ اچي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندا آهن جيڪي انهن کي ظاهر ڪنديون آهن ۽ اتي استخاره ڏيندا آهن، تڏهن اهو ڏسندي اسان حيران نہ ٿينداسين تہ اهي اهڙي طرح ڪڏهن هڪ انساني جسم ۾ بہ داخل ٿي سگهن ٿا ۽ هن جي چپن مان نيڪي يا بديءَ لاءِ ڳالهائي سگهن ٿا. مون هن ڪتاب ۾ (روحن يا ڀوتن) جي هن منتقلي قوت ۽ هرهنڌ موجودگيءَ تي تمام ٿورڙو بحث ڪيو آهي ڇاڪاڻ جو مون مذهب جي ان ابتدائي پهلوءَ مٿان مکيہ طور تي ڌيان مرڪوز ڪرڻ چاهيو آهي جيڪو فوري طور تي ۽ سڌوسنئون پوڄا سان لاڳاپيل آهي پر اهي پڙهندڙ جيڪي ڊاڪٽر ٽائلر ۽ مسٽر فريزر جي ڪتابن کان پليءَ پيت واقف آهن، ان عام طاقت کان سٺي نموني باخبر هوندا جيڪا روح فطرت جي هر حصي ۾ پنهنجو پاڻ کي آسانيءَ سان داخل ڪري ڇڏڻ لاءِ پاڻ وٽ رکندا آهن.

جن/روح/ڀوت سان ونجي وڃڻ يا ديوتائپ جو شعبو، هن جاتل سڃاتل خاصيت جو صرف هڪ مخصوص مثال آهي. سمورن عقيدن جا اسرار ۽ استخاره اهڙن عملن سان پريا پيا آهن. ڪي ماڻهو وري پيٽان ئي هڪ ديوتا يا هڪ بزرگ روح جي اوتار طور ڄمندا آهن. مسٽر فريزر چئي ٿو، ”اوتار بڻيل ديوتا، اڻ سڌريل سماج ۾ عام هوندا آهن“. اوتارپڻو عارضي يا مستقل ٿي سگهي ٿو. جڏهن ديوتائي روح انساني جسم ۾ بسيرو ڪري ڇڏيو هوندو آهي، پوءِ ان ديوتا ماڻهوءَ طرفان معجزا ڪري ڏيکارڻ ذريعي هن جي ڪردار کي سچو ثابت ڪرڻ جي اڪثر توقع ڪئي ويندي آهي.

مسٽر فريزر هنن ٻنهي قسمن جا ڪيترائي بهترين مثال ڏئي ٿو. مان انهن مان چند تقريباً لفظ بلفظ پيش ڪيان ٿو. ڪي ماڻهو وقتاً فوقتاً هڪ ديوتا جي روح سان ونجي ويندا آهن؛ جيستائين ان روح جي پڪڙ قائم رهندي آهي، سندن پنهنجي شخصيت غائب رهندي آهي ۽ هن ۾ روح جي موجودگي سندس بدن جي سيٽجي وڃڻ ۽ ڌڪٽيءَ ذريعي ظاهر ٿيندي آهي.هن بگڙيل حالت ۾ ان ماڻهوءَ جي ڳالهايل لفظن کي ديوتا يا هن ۾ وسندڙ روح جو آواز سمجهيو ويندو آهي، جيڪو هن منجهان ڳالهائيندو هوندو آهي، مثال طور منگيا ۾ اهي پادري جن ۾ ديوتائن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو واسو ڪيو هوندو آهي ديوتا ڪوڪا يا ديوتا ڪونيا ويندا آهن. استخارا ڏيڻ کان الڳ اهي نشي وارو شربت پيئندا آهن ۽ پنهنجي هيجان ۾ جيڪي لفظ ڳالهائيندا آهن، انهن کي پوءِ ديوتائي قرار ڏنو ويندو آهي. بين مثالن ۾ اُتساهيل ماڻهو، هڪ شڪار ــ انسان يا جانور جي تازي رت پيئڻ ذريعي نشي جي گهربل حالت پيدا ڪندو آهي جيڪو جيئن اسان هاڻي ڪانپوءِ ڏسنداسين غالباً پاڻ ئي هڪ اُتساهيندڙ ديوتا جو هڪ اوتار هوندو آهي. آرگوس وٽ اپولو ديراد يوتس جي مندر ۾ هر مهيني رات جو هڪ گهَٽو قربان ڪيو ويندو آهي: پوءِ هڪ عورت جنهنکي ڪنواريپڻي جي اصول جي پوئواري ڪرڻي هوندي آهي، ان جي رت چکندي آهي ۽ جواب استخاره ڏيندي آهي. اکييا ۾ ايجيرا وٽ پادرياڻي ارٿ پنهنجي غار ۾ اڳڪٿي ڪرڻ لاءِ لهي وڃڻ کان اڳ هڪ ڏاند جو تازو خون پيئندي آهي، ڏاکڻي هندستان ۾ نام نهاد شيطان نچڻو هڪ ٻڪريءَ جو خون پيئندو آهي ۽ پوءِ ديوتائي وجد ۾ ونجي ويندو آهي. هن کي بطور هڪ ديوتا جي پوڄيو ويندو آهي ۽ واتهڙو هن کان اهڙا سوال ڪندا آهن، جن جا جواب ڏيڻ لاءِ انسان کان متاهين ڄاڻ گهربل هوندي آهي. هڪ ديوتا جي مستقل واس کان اُتساهيل، مستقل زنده انساني ديوتائن جا پڻ مسٽر فريز ڪيترائي موزون مثال ڏنا ٿو. مارقئساس ٻيٽن ۾ ماڻهن جو هڪ طبقو هوندو هو جن کي پنهنجي زندگيءَ دوران ديوتا بڻايو ويندو هو. هنن لاءِ سمجهيو ويندو هو تہ اهي شين مٿان مافوق الفطري ضابطو رکن ٿا، اهي مينهن وسائي ۽ بيهاري سگهن ٿا ۽ سنو فصل ڪرائي سگهن ٿا. سندن غصي کي ٺڏو ڪرڻ لاءِ کين انساني قربانيون پيش ڪيون وينديون هيون. مان سمجهان ٿو ڪڏهن بادشاهہ ڄمندي ئي (ديوتائن جي پونيئرن طور) ديوتائي ٿيندا آهن پر ڪڏهن هنن مٿان ديوتائيت، بادشاهپڻي سان گڏ عطا ڪئي ويندي آهي، جيئن واقعي مصر جي مخصوص مثال ۾ بہ هو. ٿناٿن رئياتيا جي بادشاهہ کي مکيہ مندر ۾ ادا ڪيل هڪ خاص تقريب ذريعي ديوتا بڻايو ويندو هو. هن کي سندس بزرگ ديوتائن آڏو ديوتا بڻايو ويندو هو، جيئن ڪيلٽڪ سردارن پنهنجن ابن ڏاڏن جي مقدس پٿرن تي بيهي سرداري حاصل ڪئي ٿي. ٺنهنڪري بادشاد کي، پنهنجي رعايا جي هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتا طور پوڄيو ويندو هو. بطور هڪ استخاري جي مشورو ڪيو ويندو هو ۽ قربانيون ڏيڻ ذريعي هنڪي عزت ڏني ويندي هئي. ٿهيٽي جي بادشاهه ڪي سندس تاجپوشيءَ وقت ڳاڙهن ۽ ڦڪن ڪنين جي هڪ مقدس زرهه ڏني ويندي آهي، جيڪا نه رڳو هن ڪي ڌرتيءَ جي اعلىٰ ترين مقام تائين مٿي پهچائي ڇڏيندي آهي پر هنکي آسماني ديوتائن سان برابر ڪري ڇڏيندي آهي. ان طريقي ڪي پيٽيو جنهن ۾ مصر جي ديوتائن پاڻ منجهان ڪنهن هڪ ڪي ديوتائي تائو پيش ڪندي بادشاهه بڻايو ٿي، جيئن منبت ڪارين ۾ ظاهر ڪيل آهي. پيليو پيٽن ۾ هڪ ديوتا پنهنجو پاڻ ڪي ڪنهن هڪ عام ماڻهوءَ ۾ اوتاري سگهي ٿو؛ ان خوش قسمت ماڻهوءَ ڪي پوءِ خودمختيار رتبي تي ترقي ڏني ويندي آهي ۽ هو عوام مٿان بطور ديوتا ۽ بادشاهه جي حڪمراني ڪندو آهي. هڪ وڏي لاما جي انتخاب جو طريقو به مٿين مثالن جهڙو آهي. بعد جي منزلن ۾ بادشاهه هڪ ديوتا بلڪل به نه رهندو آهي پر هو پاڻ وٽ مقدس مسح، هڪ مقدس پٿر تي پنهنجي تحريم ۽ 'ديوتائي حق' جي دعوىٰ رکندو آهي؛ بيمارين ڪي ڇٽائڻ جي پنهنجي ديوتائي طاقت ۾ هو ديوتاپڻي جا آخري نشان پڻ ڏيکاريندو آهي، جيڪا آخر ڪار بادشاهه جي گناهه جي ڇهاءُ جي رسم ۾ غائب ٿي ويندي آهي. پر ڇا هن ڪردار جي تصورن پهرين ۽ ٻين صديءَ جي يونوچ دنيا ۾ اجا تائين پنهنجو وجود برقرار رکيو ٿي، جتي عيسائيت ڦٽي؟ بيشڪ انهن تصورن پنهنجو وجود برقرار رکيو ٿي. مصر ۾ ٽالميز جي ديوتائي پيڙهي رڳو هاڻي ئي معدوم ٿي هئي. خود روم ۾ ديوتائي سيزر تازو ئي سرڪاري طور تي خدا قرار ڏنو ويو هو؛ ديوتائي آگسٽس، سلطنت مٿان بطور نئين ناهيل ديوتا جي گود ورتل پٽ جي، حڪمراني ڪئي هئي ۽ صوبائي شهرن ۾ حڪمراني ڪندڙ ٽراجن يا هيدريان جي ديوتائي روح جي نالي ۾ قربانگاه اڏيا ويا. حقيقت ۾ ديوتا جوليس لاءِ اڻ سڌي طرح ٻنهي قسمن جي ديوتائيتن جي دعوىٰ ڪئي وئي؛ هو تقدس عطا ڪرڻ ذريعي ديوتائي هو پر هو ديوي وينس جي پونيئرن مان پڻ هو. اهڙي طرح عيسائي عقيدي جي مرڪزي شخصيت لاءِ پڻ ٻني دعوىٰ ڪئي وئي؛ هو خدا يعني يهوه، جو پٽ هو پر هو شاهاڻي يهودي نسل مان پڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، دائود جو پونيئر ۽ انجيل ۾ ڏنل هن جي هٺ نوکين خانداني شجرن ۾ هن مکرکيل شاهي پيڙهيءَ کي بي انتها اهميت ڏني وئي آهي. ان کان علاوه کيترو آسانيءَ سان يونوچ تهذيب جي ماڻهن زنده ماڻهن کي ديوتائن جهڙو سمجهيو ٿي. اهو اسان لسترا تي پال ۽ برناباس جي چاتل سچاتل مثال ۾ ڏسون ٿا. مختصر اهو ته اوتارپڻو مذهب ۽ روزمره جي زندگيءَ جو، جيئن اهي انهن ڏينهن ۾ سمجهيا ويندا هئا، هڪ مڪمل طور تي عام گڻ هو. بهرحال گهڻن جديد دانشورن کي پهرين نظر ۾ هڪ عام رواجي ماڻهوءَ جي ديوتاپڻي کي قبول ڪرڻ ۾ جڻ هڪ وڏي دشواري ٿيندي جڏهن هو پنهنجن دشمنن هٿان هڪ پر تشدد موت ماٿي چڪو هوندو آهي. پوءِ به هيءَ حقيقت، بجاءِ عيسىٰ جي ديوتائيت کي قبول ڪرڻ جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجڻ جي، حقيقت ۾ ان لاءِ ذري گهٽ هڪ ضمانت ۽ ثبوت آهي. چو ته انساني ديوتائن کي پنهنجن مريدن طرفان اڪثر ڪري يا تقريباً عادتاً ماريو به ويندو هو. جيڪا ڳالهه اسانکي عجيب لڳي سگهي ٿي. هن عجيب وغريب ۽ مستقل رسم جي راز کي اسان لاءِ مسٽر فريزر طرفان وڏي ڏاهپ سان پڳو ويو آهي، جنهن جو ڪتاب تقريباً مڪمل طور تي هنن ٻن مک سوالن تي وقف ٿيل آهي ته "ماڻهو پنهنجن ديوتائن کي چو قتل ڪندا آهن؟" ۽ "اهي چو هنن جو گوشت ۽ رت ماني ۽ شراب جي روپ ۾ کائيندا ۽ پيئندا آهن؟" اسانکي ساڳئي مسئلي تي ڪجهه منطقي نتيجن سان هڪ تڪڙو خلاصو پيش ڪرڻ گهرجي ۽ مسٽر فريزر جي عجيب حقيقتن کي ديوتا پڻي جي اصليت جي اسانجن عام متن سان پڻ نهڪندڙ بڻائڻ گهرجي. ان عقيدي ته اهو موزون آهي ته "هڪ شخص، عوام لاءِ مرڻ گهرجي" ۽ اهو ته اهڙي نموني مرندڙ شخص، انساني روپ ۾ هڪ ديوتا هوندو آهي، کيترن مذهبن جو هڪ عام جُز جوڙيو تي ۽ خاص طور تي اوپر يونوچ جي مذهبن جو، جيئن اسان اڳتي ڏسنداسين. مسٽر فريزر انسان-ديوتا جي قتلام ۾ زبردست ماهراڻي انداز ۾ عقيدن جي هن ڏڙي جي اصليت جو سراغ لڳايو آهي. اهي عقيدا گڏجندڙ ويچارن جي هڪ وڏي انگ مان ڦٽن ٿا. جن مان کي مڪمل طور تي تڏهن ظاهر ٿي سگهندا جڏهن اسان ايندڙ بابن ۾ پنهنجي موضوع جي ٻين شاخن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن وڌنداسين.

دنيا جي سمورن حصن ۾ انسان-ديوتا جي سڀ کان عام مراعتن ۽ ڪمن مان هڪ موسم جو خيال رکڻ آهي. آسمان جو نمائندو هجڻ جي حيثيت ۾، اهو ڏسڻ هن جو ڏنڌو آهي ته برسات صحيح انداز ۾ پوي ٿي ۽ ڌرتي مقرر مند تي پنهنجو فصل پيدا ڪري وٺي ٿي. جيتوڻيڪ هو ديوتا ته هوندو ئي آهي پر جيڪڏهن هو پنهنجو فرض صحيح نموني نه نڀائيندو آهي ته پوءِ هن مٿان ظلم ڪرڻو پوندو آهي. اهڙي طرح مغربي آفريڪا ۾ جڏهن بادشاهه کي مينهن وسائڻ لاءِ پيش ڪيل پوڄائون ۽ نذرانا ناڪام ٿي ويندا آهن، تڏهن هن جي رعايا هن کي رسين سان ٻڌندي آهي ۽ کيس سندس ديوتا ٻڻايل ابن ڏاڏن جي قبر تي وٺي ويندي آهي ته جيئن هو هنن کان موسم ۾ ضروري تبديلي آڻڻ لاءِ هدايت وٺي سگهي. هتي اسان مري ويل ديوتائن ۽ زنده ديوتائن درميان رشتي جي اصليت پنهنجي مڪمل ترين روپ ۾ ڏسون ٿا. پٽ، ماڻهن ۽ والد درميان فطري مصالحت ڪرائيندڙ هوندو آهي. ميڊاگاسڪر جي اينتيمرس ۾ بادشاهه خراب فصلن ۽ ٻين سمورين آفتن لاءِ ذميوار هوندو آهي. قديم اسڪائيٽينس وٽ جڏهن ڪاڌو اڻلڀ ٿي ويندو هو، هو پنهنجن بادشاهن کي قيد ڪري ڇڏيندا هئا. اولهه آفريڪا ۾ وڻجارا پنهنجي بادشاه کي مينهن وسائڻ يا سني موسم ڪرڻ جي طاقت منسوب ڪندا هئا. جيستائين موسم سني هوندي آهي، هو هن کي اَنَ ۽ مال جي تحفن سان مالامال ڪري ڇڏيندا آهن. پر جيڪڏهن طويل خشڪ سالي ٿي پوندي آهي يا مينهن سخت نقصان ڪري وجهندوآهي، هو هن جي توهين ڪندا آهن ۽ کيس ايستائين ماريندا آهن جيستائين موسم تبديل نه ٿي ويندي آهي. برگنڊي ماڻهو پنهنجي بادشاه کي تخت تان لاهي ڇڏيندا آهن، جيڪڏهن هو سندن فصلن کي هنن جي اطمينان جو ڳو پيدا ڪرڻ ۾ ناڪام ويندو آهي. ان کان به اڳتي ڪي قبيلا قحط جي زماني ۾ پنهنجن بادشاهن کي صفا قتل به ڪري ڇڏيندا آهن. سويڊن جي بادشاهه دومالدي جي ڏينهن ۾ هڪ زبردست ڏڪار پئجي ويو، جيڪو ڪيترن سالن تائين جاري رهيو ۽ انسانن يا جانورن جي قربانين سان نه ٿي رڪيو. ان ڪري اپسالاوٽ هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عظيم عوامي ميڙ ۾ سردارن فيصلو ڪيو تہ بادشاهہ دومالديٰ خود هن ڏڪار جو سبب آهي ۽ سني موسم لاءِ هن کي ضرور قربان ڪري ڇڏڻ گهرجي. پوءِ هنن هن کي ذبح ڪيو ۽ سندس رت ديوتائن جي قربانگاهن تي مَلي. هتي اسانکي ياد ڪرڻ کپي تہ ديوتائي بادشاهہ خود هڪ ديوتا هوندو آهي ـــ ديوتائن جو پونيئر ۽ هن کي خود پنهنجن ابن ڏاڏن جي ناراض ڪيل روحن آڏو قربان ڪيو ويندو آهي. اسان هاڻي ڪانپوءِ ڏسنداسون تہ ساڳيا واقعا ڪيترو اڪثريت سان واقع ٿين ٿا يعني ڪيئن ديوتا خود، پنهنجي آڏو قربان ڪيو وڃي ٿو: ڪيئن پٽ کي پيءُ آڏو قربان ڪيو وڃي ٿو، جڏهن تہ بئي ديوتا هوندا آهن ۽ ڪيئن پيءُ پنهنجي پٽ کي پاڪي ديوتا بڻائڻ خاطر قربان ڪري ڇڏي ٿو. ديوتائي بادشاه اهڙي طرح مينهن هوا ۽ فصلن جي واڌ لاءِ ذميوار هوندا آهن، جن جو انهن مٿان ويجهڙو دارومدار اسان هاڻي ڪانپوءِ وڌيڪ سمجهنداسون: اهو واضح آهي تہ هي ماڻهو سماج لاءِ زبردست اهميت ۽ قدروارا هوندا آهن. ان کان علاوه قديم انسان جي خيالن ۾ سندن روح، باهرين فطرت سان تقريباً هڪ ٿيل هوندو آهي، جنهن مٿان اهو اهڙا غيرمعمولي اثر رکندو آهي. بادشاهہ ۽ باهرين دنيا وچ ۾ لڳي ٿو هڪ باريڪ همدردي موجود هوندي آهي. مقدس وڻ جيڪي هن جي بزرگن جو اظهار هوندا آهن، فصل بہ برابر نموني انهن جو اظهار هوندا آهن، جيڪو اسان ٿوري دير ڪانپوءِ ڏسنداسين: برساتي ڪڪر جنهن ۾ اهي وسندا آهن: آسمان جنهن ۾ اهي رهندا آهن. هي سڀ ائين لڳي ٿو، ديوتائي جسم جا حصا آهن ۽ تنهنڪري اهي اهڙي اطلاق ذريعي ديوتا-بادشاه جي جسم جا حصا ٿيندا آهن، جيڪو پنهنجن ديوتا بڻايل ابن ڏاڏن جو اوتار هوندو آهي. لحاظ جيڪا شيءِ بادشاه کي متاثر ڪندي آهي، اها آسمان کي، فصلن کي، برسات کي ۽ ماڻهن کي متاثر ڪندي آهي. مسٽر فريزر هنن اوائلي عقيدن جا ڪيترائي عجيب نتيجا ڏيکاري ڇڏيا آهن، جنکي هو بهرحال فرض ڪيل قديم حيوانيت پرستي ڏانهن وٺي وڃي ٿو ۽ نہ ڪہ روح نظرئي جي اثر ڏانهن (جيئن مون ڪري ڇڏيو آهي). بهرحال اسان کهڙي بہ تشريح قبول ڪيون، هن جون حقيقتون گهٽ ۾ گهٽ هڪ جيتريون ملهائتيون آهن. هو ڪيترين ئي شاهاڻين ممنوعات



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏاتهن ڏيان ڇڪرائي ٿو، جن جو مقصد انساني ديوتا کي پنهنجي ديوتائي زندگي خطري ۾ وجهڻ کان روڪڻ يا ڪا بہ اهڙي ڳالهہ ڪرڻ کان روڪڻ هوندو آهي، جيڪا فطرت ۾ هن جي ماڻهن جي ڀلائيءَ مٿان ڪو هاڃيڪار اثر وجهي سگهي ٿي. انسان ديوتا سخت ترين قانونن جو پابند هوندو آهي ۽ انتهائي پيچيدگيءَ وارن احتياطن سان وڪوڙيل هوندو آهي. هو پنهنجو مقدس پير زمين تي نہ رکندو آهي، ڇو تہ هو آسمان جو هڪ پٽ هوندو آهي؛ هو پنهنجي مقدس وات سان ڪي خطرناڪ، گندا يا ناپاڪ کاڌا نہ کائيندو يا پيئندو آهي؛ هو پنهنجا مقدس وار نہ ڪترائيندو آهي يا پنهنجا مقدس ننهن نہ ڪٽيندو آهي؛ هن کي پنهنجو ديوتائي جسم ۽ ان جو هر حصو جيڪو سماج لاءِ اوتار هوندو آهي، صحيح سلامت محفوظ ڪري رکڻو هوندو آهي، تہ متان هنجي لاپرواهي يا غلطيءَ ڪري ان ۾ ڪا برائي نہ داخل ٿي وڃي. مثال طور مڪادو کي سج جو اوتار ليکيو ويندو هو ۽ اڄا تائين ليکيو ويندو آهي، جنهنکي اهڙو ديوتا سمجهيو وڃي ٿو جيڪو سڄي ڪائنات، ديوتائن ۽ سمورن ماڻهن مٿان حڪمراني ڪري ٿو؛ تنهنڪري هن طرفان ۽ ماڻهن طرفان هن جو وڌ ۾ وڌ خيال رکڻ گهرجي. هن جي سموري زندگي سندس مختصر ترين تفصيلن سان اهڙي نموني منظم ٿيل هوندي آهي جو هن جو ڪو بہ قدم، فطرت جي قائم ٿيل نظام ۾ گڙٻڙ نہ ڪري سگهي. متان هو زمين کي ڇهي، ان ڪري هن کي ماڻهن جي ڪلهن تي کڻي هلڻو هوندو آهي، جيڏانهن بہ هو وڃي، هو پنهنجو مقدس بدن کليل هوا ۾ ظاهر نہ تي ڪري سگهيو، نہ ئي هو ڪنهن ههڙي تهڙي ٿانو ۾، سواءِ مڪمل طور تي هڪ نئين ٿانو جي، کائي سگهيو ٿي. هر لحاظ کان هن جي تقدس ۽ هن جي صحت جي سختيءَ سان پهريداري ڪئي ويندي آهي ۽ هن سان هڪ اهڙي شخص جيان ورتاءُ ڪيو ويندو آهي، جنهن جي حفاظت فطرت جي سموري نظام لاءِ اهم هوندي آهي. مسٽر فريزر ڪيترا ساڳيا مثال پيش ڪري ٿو، جن مان وڌ ۾ وڌ نمايان مثال زيپوٽڪ ماڻهن (ڏاکڻي ميڪسيڪو جي هڪ قديم قوم) جي اعلى پادريءَ جو آهي؛ جيڪڏهن هن پنهنجي پاڪ پير سان عام زمين کي ڇهيو هوندو آهي تہ هن پنهنجي تقدس جي بيحرمتي ڪئي هوندي آهي. اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آفيسر، جن پنهنجن ڪلهن تي هن جي پالڪيءَ جو بار کنيو هوندو آهي، اعليٰ ترين خاندانن جي رڪنن مان چونديا ويا هوندا آهن: هو مشڪل سان پنهنجي چوڌاري موجود ڪنهن به شيءِ کي نهارڻ جي نوازش ڪندو آهي: اهي ماڻهو جيڪي هن سان ملڻ ايندا آهن پنهنجو پاڻ کي ادب سان زمين تي اونڌو ليٽائي ڇڏيندا آهن ته متان هنن متان موت نه اچي وڃي، جيڪڏهن هنن ڪڏهن هن جو پاڪ پاچو به ڪڏهن ڏسي ورتو ته. پابنديءَ جو هڪ قانون هن متان عام طور تي نافذ ٿيل هوندو هو پر سال جي ڪجهه ڏينهن تي، جيڪي وڏين عيدن جا ڏينهن هوندا هئا، جشن ۾ ۽ مذهبي رسم طور نشو واپرائڻ هن لاءِ عام ڳالهه هوندي هئي. اسان کي پڪ آهي ته انهن ڏينهن تي وڏا ديوتا خاص طور تي نشو پيدا ڪندڙ مشروب سان هن ۾ اندر داخل ٿيندا هئا ۽ بزرگاڻا روح هن جي ديوتاپڻي کي مضبوط ڪندا هئا. هن مدهوش حالت ۾ (”ديوتا سان پريل“ جيئن ڪو يوناني يا رومن ماڻهو ان حالت لاءِ چوي ها) پاڪ پادريءَ سان ديوتائن جي خدمت ۾ وقف ڪيل ڪنوارين مان هڪ وڌ ۾ وڌ خوبصورت ڪنواريءَ جي ملاقات ڪرائي ويندي آهي. جيڪڏهن ان ڪنواريءَ کي هن مان پٽ پيدا ٿيندو آهي، ته اهو وقت گذرڻ سان زيپو تيڪن جي تخت تي ويهندو آهي. اسان کي هتي وري مختلف خيالن جي هڪ معلومات افزا ملاوت ملي ٿي، جنهن مان مقدس بادشاهه پٽو ۽ ديوتاپڻو جوڙيا ويا آهن. پهرين نظر ۾ اها ڳالهه هڪ منجهيل منطقي نتيجو لڳي سگهي ٿي ته جيڪي ماڻهو اهڙي طرح پنهنجي پاڪ بادشاهه - فطرت جي مجسم کي بچائيندا آهن ۽ تحفظ ڏيندا آهن، عادتاً ۽ جشن ملهائيندي هن کي قتل به ڪري ڇڏن. پوءِ به اوائلي پوڄاريءَ جي نقط نگاهه کان هيءَ ظاهري ڳجهارت فطري به آهي ته معقول به. اسان ڪانگو جي شيدين لاءِ پڙهون ٿا ته وٽن هڪ اعليٰ بائو هوندو آهي، جنهنکي هو ڌرتيءَ تي بطور هڪ ديوتا جي ۽ آسمان ۾ مڪمل طاقتور سمجهندا آهن، ”پر جيڪڏهن هنکي فطري موت اچڻو هوندو آهي ته هو سوچيندا آهن ته دنيا ختم ٿي ويندي ۽ زمين، جيڪا رڳو هن جي طاقت ۽ ذهانت تي بيٺل هوندي آهي، فوري طور تي تباهه ٿي ويندي“ سمورين شين جي خالق ۽ مددگار طور هڪ ديوتا جو هي تصور



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ هوندو، البت وڏ ۾ وڌ ترقي ڪيل مذهبيت جو هڪ ڇاتل سڇاتل ترڪيبي جُزو آهي. پر ڪيتريون قومون جيڪي انسان ديوتائن جي پوڄا ڪنديون آهن، هن تصور کي ان جي منطقي نتيجي تائين وڌ ۾ وڌ زوردار طريقي سان پهچائن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ ديوتا انسان هوندو آهي، ان ڪري ظاهراً هن کي پوڙهو ۽ ڪمزور ٿيڻ لاءِ ڇڏي ڏيڻ بلڪل غلط هوندو آهي. جو تہ پوءِ فطرت جو سڄو سرشتو مستقل طور تي ڪمزور ٿي ويندو، برسات رڳو ڦڙو ڦڙو وسندي، فصل ٿورا لهندا، نديون سڪي وينديون ۽ جنهن نسل مٿان هن حڪمراني ڪئي هوندي آهي، ختم ٿي ويندو. تنهنڪري پوڙهائپ مقدس انسان ديوتا مٿان ڪڏهن بہ حاوي نہ ٿيڻ ڪپي؛ هن کي سندس پرپور طاقت ۽ صحت ۾ قتل ڪرڻ ڪپي (مثال طور اٽڪل سندس ٽيهن سالن جي ڄمار ۾) تہ جيئن هن ۾ اندر رهندڙ روح جيڪو اڃا جوان ۽ تازو هوندو آهي، ڪنهن نئين ۽ قابل نمائندي جي جسم ۾ بنا رڪاوٽ جي منتقل ٿي وڃي. مان سمجهان ٿو تہ مسٽر فريزر قديم انساني عقلمنديءَ جي هن عجيب نتيجي ڏانهن اشارو ڪندڙ ۽ ان کي بيشمار ۽ نتيجا خيز مثالن سان واضح ڪندڙ پهريون ماڻهو هو.

پوءِ هن سبب ڪري ئي جڏهن ڪانگو جو پادري پوڙهو ٿي ٿي ويو ۽ مرڻ وارو ٿي لڳو، اهو شخص جيڪو هن ڪانپوءِ پادري بڻجڻو هوندو آهي، هن جي گهر ۾ هڪ رسيءَ يا لٺ سان داخل ٿيندو آهي ۽ هن کي گهٽو ڏيندو آهي يا ڪيرائي ڇڏيندو آهي. ميرو جي اٿوپين بادشاهن جي بطور ديوتائن جي پوڄا ڪئي ويندي هئي پر جڏهن پادرين کي مناسب لڳندو هو، اهي بادشاه ڏانهن هڪ قاصد موڪليندا هئا جيڪو ڪيس مرڻ جو حڪم پهچائيندو هو ۽ پنهنجي ان حڪم جو سبب ديوتائن (يا اوائلي بادشاهن) جي استخاري کي ٺهرائيندا هئا. هي حڪم ارگامينيس مصر جي ٽالمي IIجي همعصر، جي دور تائين بادشاهن هميشہ مڃيو. اهڙي طرح جڏهن وچ آفريڪا ۾ انيورو جو بادشاهہ بيمار ٿي پوندو هو يا پوڙهائپ جون نشانيون ڏيکارڻ شروع ڪندو هو تہ سندس زالن مان هڪ کي رسم رواج مطابق هن کي مارڻ لاءِ مجبور ڪيو ويندو هو. سوفالا جي بادشاهن کي پنهنجن ماڻهن طرفان ديوتا قرار ڏنو ويندو هو، جيڪي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينهن وسائي سگهندا هئا يا اُس ڏئي سگهندا هئا پر تورڙي ۾ تورڙو جسماني داغ جيئن هڪ ڏند جو ڪري پوڻ بہ هنن طاقتور انسان ديوتائن مان هڪ کي قتل ڪري ڇڏڻ جو هڪ مناسب ڪارڻ سمجهيو ويندو هو: هو سچو ۽ نيڪ ناڪ هجڻ گهرجي، نہ تہ سچي فطرت کي ان لاءِ پوڳڻو پوندو. مسٽر فريزر طرفان ڪيترائي بادشاهہ، انساني ديوتا، پاڪ پادري يا سلطان ڳڻايا ويا آهن جن مان هر هڪ ساڳئي نموني جسم جي هر حصي ۾ مڪمل هجڻ گهرجي. ساڳي مڪمل انسان پڻي جي توقع اجا تائين عيسائي پوپ کان ڪئي ويندي آهي، جنهنکي بهرحال پوڙهائپ يا بيمار ٿيڻ جي حالت ۾ قتل نہ ڪيو ويندو آهي. پر اهو مجڻ لاءِ سبب آهي تہ وڏي لاما ـــــ تبت جي ٻڌن جي پاڪ پوپ، کي وقتاً فوقتاً قتل ڪيو ويندو آهي، تہ جيئن هن کي ”هميشہ تازوتوانو ۽ هميشہ جوان“ رکجي ۽ هن ۾ اندر وسندڙ ديوتا کي ٻئي جسم ۾ زوردار نموني داخل ٿيڻ لاءِ ٻاهر نڪرڻ جي اجازت ڏجي.

هنن سمورن مثالن ۾ پاڪ بادشاهہ يا پادريءَ کي سندس عهدي يا ديوتائيت لاءِ سندس ماڻهن طرفان برداشت ڪيو ويندو آهي، جيستائين ڪنهن ٻاهرئين نقص يا پوڙهائپ يا بيماريءَ جي ڪنهن نظر ايندڙ نشانيءَ ذريعي هو ڪين اهو ڏيکاريندو آهي تہ هو هاڻي وڌيڪ پنهنجن پاڪ ڪمن جي صحيح ادائگيءَ لاءِ قابل نہ رهيو آهي. جيستائين اهي نشانيون ظاهر ٿين، هن کي قتل نہ ڪيو ويندو آهي. ڪي قومون، جيئن مسٽر فريزر ڏيکاري ٿو، انساني ديوتا يا بادشاه کي قتل ڪرڻ کان اڳ سندس فنا ٿيڻ جي توري ۾ توري اهڃاڻ لاءِ بہ انتظار ڪرڻ کي پنهنجي لاءِ محفوظ نہ سمجهنديون آهن: اهي ان ديوتا/ بادشاه کي سندس زندگي ۽ طاقت جي قوهہ ۾ تباهہ ڪري ڇڏينديون آهن. اهڙين حالتن ۾ ماڻهو هڪ مدو مقرر ڪري ڇڏيندا آهن. جنهن کانپوءِ بادشاهہ حڪمراني نہ ڪري سگهندو آهي ۽ ان مدي جي خاتمي تي هن کي ضرور مرڻو هوندو آهي: اهو مدو ايترو مختصرهوندو آهي جو اهو ان وچ ۾ هن جي پوڙهائپ يا بيماريءَ جي امڪان کي روڪي رکندو آهي مثال طور ڏاکڻي هندستان جي ڪجهہ حصن ۾ اهو مدو ٻارهن سالن جو مقرر ٿيل هوندو آهي: ان وقت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پڄاڻيءَ تي بادشاه کي عظيم مقامي ٻُت آڏو جنهن جو هو سموري ممڪنات ۾ انساني روپ هوندو آهي پنهنجو پاڻکي سيني جي سامهون ٽڪرن ۾ ڪٽڻو پوندو آهي:

ڪليڪٽ جي بادشاهه کي، مالابار جي ڪناري تي، ٻارهن سالن جي حڪمرانيءَ کانپوءِ عوام آڏو پنهنجو ڳلو ڪٽڻو پوندو آهي پر سترهين صديءَ جي پڄاڻيءَ تي هي قانون ايترو ته نرم ڪيو ويو جو بادشاه کي تخت رکڻ جي اجازت ڏني وئي ۽ غالباً ديوتا پڻي رکڻ جي به، جيڪڏهن هو پنهنجو پاڻ کي سمورن حملي آورن کان بچائي سگهيو تي. جيستائين هو پنهنجي حيثيت جو تحفظ ڪرڻ لاءِ ڪافي طاقتور هوندو هو، تيستائين اهو سمجهيو ويندو هو ته هو ايترو طاقتور آهي جو ديوتائي طاقت کي بغير ڪنهن نقصان جي پاڻ وٽ رکي سگهي ٿو. اريشيا ۾ وُوڌ جي بادشاهه پادرائپ ۽ ديوتائي بادشاهپڻو ساڳئي وقت پاڻ وٽ رکيا.

بهرحال اجا وڏيڪ عام طور تي ديوتائي پادرائپ، بادشاهت يا ديوتا پڻو رڳو هڪ سال لاءِ رکيو ويندو هو، اهڙي سبب ڪري، جنهنڪي اسان فصل جي ساليانين ديوتائن تي غور ويچار ڪري چڏڻ کانپوءِ وڏيڪ پرپور نموني سمجهي سگهنداسون. وڌ ۾ وڌ دلچسپ مثال ۽ اسانجي موجوده جاچ پڙتال سان وڌ ۾ وڌ مشابهه بيروسس طرفان ذڪر ڪيل بابلي رسم جو آهي. ميلي جي پنجن ڏينهن دوران، جنهنکي ساسيا سڏيو ويندو آهي، موت جي سزا ڏنل هڪ قيديءَ کي بادشاهه جو ويس پهرايو ويندو آهي. ڪيس بادشاهه جي تخت تي ويهاريو ويندو آهي: جيڪو ڪجهه هو انتخاب ڪري اهو کائڻ، پيئڻ ۽ حڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي، ايستائين جو بادشاهه جي سرتين سان سمهڻ جي به اجازت ڏني ويندي آهي پر پنجن ڏينهن جي پڄاڻيءَ تي هن کان سموريون شاهاڻيون شيون کسيون ويندون آهن، هن کي ڪوڙا هنيا ويندا آهن ۽ صليب تي ٽنگيو ويندو آهي.

سامي دائري اندر هڪ ملڪ ۾ پيش ايندڙ هن واحد مثال جي فيصلد ڪن اهميت ڏانهن اشارو ڪرڻ جي مونکي مشڪل سان ضرورت آهي. مسٽر فريزر صحيح نموني نتيجو ڪڍي ٿو ته موت جي سزا آيل شخص سان هن واردات جو مطلب هن جو بادشاهه جي جاءِ تي مرڻ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو آهي. هو، حقيقت ۾، بادشاهہ جو هڪ نعم البدل هو ۽ تنهنڪري ٿوري وقت لاءِ هن کي بادشاهت جا مڪمل لوازمات چڪايا ويا. بي شڪ هتي اسانکي هڪ پراڻي ۽ سخت قانون جي هڪ ترميم سان منهن ڏيڻو آهي، جنهن خود بادشاهہ کي هر سال قتل ٿي وڃڻ تي مجبور ڪيو. مسٽر فريزر چئي ٿو، "جڏهن بادشاهہ جي قتل ٿيڻ جو وقت ويجهو ايندو آهي، هو ڪجهہ ڏينهن لاءِ پنهنجن ڪمن کان فارغ ٿي ويندو آهي، جنهن دوران هڪ عارضي بادشاهہ حڪمراني ڪندو آهي ۽ هن جي بدران پوڄيندو آهي. شروع ۾ ٿي سگهي ٿو عارضي بادشاهہ هڪ معصوم ماڻهو شايد بادشاهہ جي پنهنجي خاندان جو هڪ ڀاتي رهيو هجي پر تهذيب جي واڌاري سان هڪ بي گناهہ ماڻهوءَ جي قرباني عوامي جذبي لاءِ بغاوت پيدا ڪندڙ ٿي پوندي ۽ تنهنڪري هڪ سزا يافتہ ڏوهاريءَ کي اها ڪن پل جي ۽ موتمار بادشاهي ڏني ويندي آهي. اسان کي هڪ مرندڙ ديوتا جي نمائندگي ڪندڙ هڪ ڏوهاريءَ جا ٻيا مثال بہ ملندا. جو تہ اسانکي اهو نہ وسارڻ کپي تہ بادشاهہ کي، هڪ ديوتا جي ڪردار ۾ قتل ڪيو ويندو آهي؛ هن جو موت ۽ وري زنده ٿي اٿڻ، بطور ديوتائي زندگيءَ کي بنا رنڊڪ جي قائم دائم رکڻ جي واحد ذريعي جي، سندس ماڻهن ۽ دنيا جي نجات لاءِ ضروري سمجهيو ويندو آهي" مان عيسائي عقيدي جي بنياد ناهڻ ۾ ههڙن خيالن جي مدد جي اهميت ڏانهن اشارو ڪرڻ جي ضرورت نہ ٿو سمجهان. اهڙين ڪن قربانين جو ساليانو ڪردار لڳي ٿو تہ يورپ جي سالئون سال قتل ٿيندڙ ديوتائن جي مماثلت مان ورتو ويو آهي، جن جي بڻ بڻياد ۽ معنىٰ کي اجا اسانکي چڪاسڻو آهي. هي ديوتا، هر سال جي فصل سان خاص ڪري اَن، دالين ۽ ٻين ساليانن اناجن سان، نزديڪيءَ سان ڳنڍيل هئڻ ڪري هر زرعي سال جي شروعات تي ۽ بطور هڪ قانون جي بهار جي نقطہ اعتدال جي مند يعني ايسٽر تي فطري طور ماريا ويندا هئا.

مان سمجهان ٿو ان مماثلت کان شروعات ڪندي ڪيترين قومن ان کي درست سمجهيو تہ ٻئي ديوتائي شخص، انسان ديوتا بادشاهہ کي بہ هر سال اڪثر ڪري ساڳئي وقت تي قتل ڪرڻ کپي. ويندي مان اهو امڪان تجويز ڪرڻ جي جرئت ڪندس تہ ساليانِي نائب سفيرن ۽ ججن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وغيره جي اداري جو تي سگهي ٿو ته اهڙين ساليانين قربانين سان ڪو واسطو هجي. يقيناً اٿينس ۾ ڪوڊرس جا قصا ۽ روم ۾ ريجيفيوجيم جا قصا لڳي ٿو ته قديم بادشاهه ڪهڻ جي رسم ڏانهن اشارو ڪن ٿا.

هر صورت ۾ اها ڳالهه هاڻي يقيني آهي ته هڪ عوامي انسان ديوتا کي ماري ڇڏڻ، ڪيترن مذهبن ۾ هڪ عام واقعو هو. ۽ اهو پڻ صاف آهي ته ڪيترن مثالن ۾ سياحن ۽ بين مشاهدو ڪندڙن اهڙين ديوتا ڪهڻ جي رسمن جي اندروني اصليت کي نه سمجهندي وڏيون غلطيون ڪيون آهن. مثال طور اها ڳالهه هاڻي يقيني آهي ته ڪئپٽن ڪُڪ تهيتي جي ماڻهن طرفان قتل ڪيو ويو هو ڇاڪاڻ ته هو هڪ ديوتا سمجهيو ويو هو، شايد ان ڪري ته جيئن هن جو روح هنن درميان رهي. ساڳئي نموني اهو به واضح آهي ته ڪيتريون رسمون، جيڪي عام طور تي هڪ ديوتا کي پيش ٿيندڙ انساني قربانين طور تشريحيون ويندييون آهن، حقيقت ۾ ديوتا ڪُوس هونديون آهن: اڪثر ڪري ديوتا، پنهنجن انساني اوتارن مان هڪ جي روپ ۾ خود پنهنجي وڏيڪ مستقل روپ بطور هڪ بُت يا پٿر جي مورتيءَ جي آڏو پيش ڪيا ويندا آهن. هڪ ديوتا کي، خود پاڻ کي پنهنجي آڏو قربان ڪري ڇڏڻ جو خيال اهڙو آهي جيڪو هاڻي ڪانپوءِ اسان سان وري ٽڪرائبو ۽ مونکي اهو اشارو ڪرڻ جي مشڪل سان ضرورت آهي ته ان 'عوام جي قربانيءَ' طور، پنهنجو پاڻکي ويندي عيسائي مذهب جي مرڪزي حرم ۾ مدفون ڪري ڇڏيو آهي. عيسائيت بظاهر بي قاعده اترين اسرائيلين — گليلن جي هڪ ٽولي ۾ ڪَر ڪنيو، جيڪي پنهنجن هم مذهبي يهودين جي اڪثريت کان سماريتنس جي هڪ ڪافراڻي ۽ شڪي اسرائيلي ٽولي جي مداخلت باعث الڳ ٿيل هئا.

اهڙي طرح يسوع مسيح جا اوائلي ترين معتقد يهودين ۽ شامين جي وچ ۾ هئا. سندن پنهنجي روايت مطابق هنن کي اينٽيوڪ وٽ پهريون دفعو عيسائين جي نالي سان سڏيو ويو ۽ هنن لڳي ٿو ڪيترن بنيادن تي پهريون دفعو پاڻ ڏانهن ڏيان شام ۾ عام طور تي ۽ دمشق ۾ خاص طور تي ڇڪرايو هو. تنهنڪري اسانکي پڪ ٿي سگهي ٿي ته ان جي مک ترڪيبي عقيدن ۾ شروع کان ئي ٿورا يا گهڻا نمايان طور تي شامي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جُزا ۽ خصوصي طور تي اهي جزا جيئن تقريباً سمورين چوڏاري موجود قومن طرفان مشترڪ طور تي مڃيا ويندڙ نهيل تصور، شامل هئا. حقيقت ۾ عيسائيت ڪي، جيئن اسان هاڻي ڪانپوءِ ڏسنداسون، تاريخي طور تي يونوچ جي نشيبي زمين ۾ خصوصي طور تي اوپر يونوچ جي وڏ ۾ وڏ بنياد پرست مذهبي خيالن جي لاوا طور ليکي سگهجي ٿو، جنهن جي يهودي عقيدي ۾ يهودي صحيفن سان پيوند ڪاري ڪئي وئي ۾ جيڪا انسان ديوتا ـــ يسوع مسيح جي شخصيت چوڌاري ڦري رهي آهي. تنهنڪري اهو نوٽ ڪرڻ دلچسپ آهي ته شام ۾ اترين سامي علائقي ۾ مڪيہ مذهب بلڪل اهڙي ئي قتل ڪيل انسان ديوتا ـ ايدونس جو مذهب هو، جيڪو جيئن مسٽر فريزر ڏيکاري ٿو ته اصل ۾ هڪ ساليانو قتل ڪيو ويندڙ انسان ديوتا هو، جنهنڪي بعد ۾ ماريو ويو ۽ هٽراڏو پتلي جي صورت ۾ ان جو ماتم ڪيو ويو جنهن جي فيشن ۾ اسان اڳتي ڪيترائي مثال ڏسنداسين ۾ خود عشائي رباني جي رسم بہ اُن جي هڪ آسماني باقيات آهي ساڳئي نموني ڦرجيا ۾، جتي عيسائيت شروع ۾ ڪافي اثر ڇڏيو، ديوتائن مان وڏ ۾ وڏ مخلصانہ طور تي پوڄيو ويندڙ ديوتا اتيس هو، جنهنڪي، جيئن پروفيسر رامسي تجويز ڪري ٿو، اوائلي زمانن ۾ تقريباً يقيني طور تي بطور هڪ سالياني قتل ٿيندڙ انسان ديوتا جي تصور ڪيو ويندو هو ۽ جنهن جي مذهب کي هميشه هڪ ديوتائي بادشاهہ پادريءَ جي معرفت، جيڪو خود پاڻ اتيس سڏرائيندو هو، اڳتي هلايو ويندو هو. جيتوڻيڪ بعد جي ڏهاڙن ۾ پادري هر سال پاڻ کي حقيقت ۾ نہ ماريندو هو، پوءِ بہ بهار جي نقطہ اعتدال (جيڪو عيسائين جي ايسٽر سان نهڪندڙ هو) تي ديوتا جي سالياني جشن تي هو پنهنجين ٻانهن مان رت ڪڍندو هو، جيڪو عمل خود سوزي/ خودڪشيءَ جي اوائلي رسم جي هڪ نعم البدل طور ڪيو ويندو هو. هن سلسلي ۾ مان هي اضافو ڪري سگهان ٿو تہ هنن سمورن ديوتا قتلامن جي رسمن ۾ انسان ديوتا جي رت کي هميشه زبردست اهميت ڏني ويندي آهي، جيئن عيسائيت ۾ يسوع مسيح جو رت آخر تائين زندگي بچائيندڙ تاثير وارو سمجهيو ويندو آهي. ادونس ۽ اتس کي ٻين ديوتا قتل ڪندڙ رسمن لاءِ چونڊيل شڪارن وانگرقوهہ جوانيءَ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بطور نوجوان ماڻهن جي تصور ڪيو ويندو هو. مون هن باب ۾ انساني ديوتائن جي هن تمام وسيع ۽ دلچسپ سوال کي رڳو تمام مختصر اختصار ۾ بحث هيٺ آندو آهي. مسٽر فريزر ان موضوع تي ڪتاب جا ٻه وڏا ۽ سحرانگيز جلد لکي ڇڏيا آهن. هن جو ڪتاب ههڙين اٽڪت حقيقتن سان ڀريل آهي جيئن خود اهڙن انسان ديوتائن جو برادريءَ طرفان سندن بين جي بدلي ۾ يا ڪفارو ادا ڪندڙ قتلا م، وڏيڪ مهذب ملڪن ۾ ديوتائي بادشاهن جو سزا ڪاڏل ڏوهارين سان شريفاڻو تبادلو، اتفاقي جسماني ايذاء رساني جنهن ۾ ديوتائي بادشاهه پنهنجو پاڻکي ماري ڇڏڻ بدران صرف پنهنجي رت وهائيندو آهي، يا جتي اصل شڪار جي جاءِ تي هڪ پتلو ناهيو ويندو آهي ۽ اهڙي طرح اهو سلسلو لامنتهائي هوندو آهي. هي سموريون ملهائيتون تجويزون ۽ ويچار مان هتي، ڪتاب 'جادو ۽ سائنس' — (گولڊن بو) جي ڪيترن مڪمل صفحن کي نقل ڪرڻ ڪانسواءَ پئدا نہ ٿي ڪري سگهيس، جن ۾ مسٽر فريزر هن نڪتي تي سمورو ثبوت حيران ڪندڙ اثرگيريءَ سان ترتيب ڏنو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ٻارهون
## ديوتائن جي مصنوعي پيداوار

مان سمجهان ٿو عام رواجي طور ۽ اصل ۾ سمورا ديوتا پنهنجو پاڻ وڏن ٿا. اهي آهستي آهستي مري ويل يا ديوتا بڻايل بزرگن يا قبيلي جي سردارن منجهان ڦٽن ٿا. گهريلو ديوتا، خاندان جا مري ويل بزرگ هوندا آهن؛ وڏيڪ وڏا ديوتا رياست، شهر يا ڳوٺ جا مري ويل سردار هوندا آهن. پر ديوتائن جي هن اوائلي ۽ خودرو فصل مٿان بعد جو هڪ هٿراڌو فصل، غالب پئجي وڃي ٿو، جنهنکي ڄاڻي واڻي ڻاهيو ويو هوندو آهي. ديوتائن جي هن بعد جي مصنوعي ٽولي جي اهميت ايتري گهٽبي آهي، خاص طور تي زراعت جي ديوتائن سان ۽ ديوتا جي جسم کي بطور اناج سمجهي کائي ڇڏڻ جي عادت ۽ هن جي رت کي بطور شراب سمجهي پي ڇڏڻ جي عادت سان تعلق ۾، جو اسان لاءِ هتي انهن جي اصليت کي ترتيب سان ڇڪاسڻ ضروري ٿي پوي ٿو. اسان ڏسنداسين ته عيسائي سرشتي کي سمجهڻ کان اڳ انهن جي ڪجهه ڄاڻ ضروري آهي.

اسان ڏنوسين ته اولهه آفريڪا ۾ ٻي دنيا ۾ عقيدو ايترو حقيقي ۽ مادي هوندو آهي جو هڪ قبيلائي سردار، جيڪو پنهنجي مري ويل پيءُ سان رابطو قائم ڪرڻ چاهيندو آهي، هڪ غلام کي بطور هڪ قاصد جي پهريان هن مٿان ان پيغام جي نوعيت ظاهر ڪري ڇڏڻ ڪانپوءِ، جيڪو هن کي اتي پهچائڻوهوندو آهي قتل ڪري ڇڏيندوآهي. هڪ ڪوند جڏهن پنهنجي دشمن کان بدلو وٺڻ چاهيندو آهي، هو پنهنجي ماءُ جي سسي ڪپي ڇڏيندو آهي. جنهن هن کي خوشيءَ سان اهڙي گهريلو ترڪيب ڪرڻ جي صلاح ڏني هوندي آهي، ته جيئن سندس ماءُ جو روح ان دشمن جي ذهن تي مسلط ٿي وڃي ۽ کيس ديچاري سگهي. ٻي دنيا جي حقيقت ۽ نزديڪيءَ ۾ ايمان جو ساڳيو جوش. ڪيترن ملڪن ۾ مري ويل ماڻهوءَ جي خدمتگارن، زالن ۽ ويندي دوستن کي هن جي جنازي تي پنهنجو پاڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي قتل ڪري ڇڏڻ تي مجبور ڪندو آهي ته جيئن هو پنهنجي آقا ۽ مالڪ سان زيرين دنيا جي لوازمات تي ساڻ وڃي سگهن. هي سمورا مثال ڳڏجي اسانکي ٻه شيون ڏيکارن ٿا:

پهرين اها ته ٻي زندگي (موت کانپوءِ) تمام گهٽي حقيقي ۽ انهن ماڻهن جي ويجهو هوندي آهي،جيڪي ائين ورتاءُ ڪن ٿا ۽ ٻيو اهو ته هن زندگيءَ کان ٻي زندگيءَ ڏانهن هجرت ڪري وڃڻ لاءِ جيڪڏهن وقت ان ڳالهه جو مطالبو ڪري، عادتاً ڪا وڏي اڻ رضامندي موجود نه هوندي آهي. اهڙن خيالن کان شروعات ڪندي اها ڳالهه حيرت ۾ وجهندڙ نه آهي ته ڪيترين قومن هڪ ماڻهوءَ کي قتل ڪري ۽ اهو ٻه خاص ڪُري ديوتائي يا شاهاڻي خون واري هڪ ماڻهوءَ کي هڪ ديوتا جي مجسم کي قتل ڪري ته جيئن هن جو روح ڪو خاص ديوتائي ڪم ڪري سگهي، خود پنهنجي لاءِ ڄاڻي واڻي ديوتا ناهي ڇڏيا آهن. نه ئي، اها ڳالهه ايڏي ڏيان ڇڪائڻ لائق آهي ته اهڙي مقصد لاءِ چونڊيل شڪار پنهنجو پاڻ کي رضاڪارانه طور تي، موت لاءِ پيش ڪندو آهي جنهن کان اڳ هن مٿان وحشتناڪ تشدد ڪيو ويو هوندو آهي، ته جيئن هو آخر ۾ بطور هڪ سرپرستانه ديوتا جي پروسي ۽ اهميت جو هڪ مقام ماڻي وٺي. اسانکي رڳو اها سولائي ياد ڪرڻي آهي؛ جنهن سان اسلامي بنيادپرست بهشت جا مزا ماڻڻ جي آسري ۾ موت قبول ڪندا آهن؛ اهو جوش ياد ڪرڻو آهي، جنهن سان عيسائي عقيدتمند شهادت جي تاج کي ڳلي لڳائيندا آهن، ته جيئن هو اسانکي اهڙي هڪ جذبي جي حقيقت ۽ گهرائيءَ لاءِ يقين ڏيارائي سگهن. جيترو گهٽو پوئتي اسان وقت ۽ تهذيب ۾ وڃون ٿا، اوترو گهٽو اهو جذبو مضبوط ٿيندو وڃي ٿو؛ اهو رڳو هڪ مهذب ۽ شڪي ڏاهو ماڻهو هوندو آهي، جيڪو هن دنيا جي ٺوس آسائشن کي ٻي دنيا جي ٻي اصل ۽ غيريقيني مزن جي بدلي ۾ مٽاسٽا ڪرڻ کان ڪيٻائيندو آهي.

اهڙن هٽرادو نموني گهڙيل ديوتائن جو وجود ٿورو يا گهٽو گذريل ڪجهه عرصي کان مڃيو ويو آهي ۽ انهن جي هڪ يا ٻئي ٽولي ڏانهن مسٽر بيرنگ گولڊ ۽ مسٽر جَي جِي فريزر طرفان ڌيان ڇڪرايو ويو آهي. پر مان سمجهان ٿو ته موجوده مضمون پهريون مضمون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندو جنهن ۾ انهن (ديوتائن) جي زبردست اهميت ۽ اعلىٰ مذهبن جي پئدائش ۾ سندن مقام طرف مڪمل نموني ترتيبوار تفصيل سان اشارو ڪيو ويندو. اهڙي مصنوعي ديوتا تياريءَ جا تمام بهتر نموني چاتل مثال اهي آهن، جيڪي شهرن جي ديوارن ۽ گهرن جي بنياد سان تعلق رکن ٿا. اهڙن مثالن ۾ اڪثر هڪ انسان کي قربان ڪيو ويندو آهي ته جيئن هن جي رت کي سيمينٽ طور استعمال ڪري سگهجي ۽ هن جو روح ان جڳهه جي پٿرن ۾ پيوست ٿي وڃي، ان ڪانپوءِ اهو ان گهر يا شهر جو هڪ سرپرستانه ديوتا يا "ياڳ" بڻجي ويندو آهي.

ڪيترن مثالن ۾ قربان ٿيندڙ ماڻهو خود پنهنجو پاڻ کي رضاڪاراڻه طور تي ان مقصد لاءِ پيش ڪندو آهي، اڪثر ڪري هو شاهاڻي يا ديوتائي پيڙهيءَ وارو هوندو آهي. پولينيشيا ۾، جتي اسان اڪثر مذهب جي جوهر جي نزديڪ بيٺل هجون ٿا، ايليس ٻڌو ته مئيوا وٽ موجود مندر جو مرڪزي ٿنيو هڪ قربان ڪيل انسان جي لاش تي بيهاريو ويل آهي. بورنيو جي دياڪن ۾ هڪ غلام ڇوڪريءَ کي گهر جي پهرئين ٿنيي هيٺان چيپاٽي ماريو ويندو آهي. آڪٽوبر 1881 ۾ اشانتي جي بادشاهه پنجاه ڇوڪرين کي قتل ڪرايو ته جيئن سندن خون بادشاهي محلن جي مرمت ۾ استعمال ٿيندڙ گاري ۾ ملائي سگهجي. ويندي جپان ۾ ٻه ٻه ٽي صديون اڳ جڏهن ڪا عظيم ديوار تعمير ڪرڻي هوندي هئي، ته ڪو بدنصيب غلام ان جي بنياد طور پنهنجو پاڻ کي پيش ڪندو هو. هن مثال ۾ هن اهم حقيقت جو مشاهدو ڪريو ته پنهنجو پاڻکي قربانيءَ طور قتل ڪري ڇڏڻ جو عمل خالصتاً رضا ڪاراڻو هوندو آهي. اهو سچ آهي ته مسٽر ٽائلر هنن مثالن مان اڪثر کي ائين ورتو ته جڻ قتل ٿيندڙ ماڻهن جو ڌرتيءَ جي شيطانن کي خوش ڪرڻ جو ارادو ڪيل هجي جيڪا ڏاهن جي بزرگ اسڪول طرفان اهڙين تقريبن جي هڪ فطري تشريح هوندي آهي پر اهي جن مسٽر فريزر ۽ مسٽر بيرنگ گوئلڊ کي پڙهيو آهي، اهو ڄاڻي ويندا ته هيءَ پيشڪش حقيقت ۾ ڄاڻي واڻي ديوتا ناهڻ جو هڪ حصو آهي. حقيقت ۾ ڪيترائي اصلي شاهد مرتڪبن جي هن ارادي بابت درست نموني ٻڌائن ٿا: اهڙي طرح ڪاريگر کي هڪ اکين ڏٺي شاهد ٻڌايو ته ٽيناسيرم ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تووي جي نئين شهر جي تعمير وقت 'هڪ ڏوهاريءَ کي هر ٿنڀي جي سوراخ ۾ رکيو ويندو آهي ته جيئن هو هڪ تحفظ ڪندڙ بدروح ٿئي'. يا وري هڪ ديوتا ٿئي. اهڙي طرح مسٽر اسپيٽ چئي ٿو سيام ۾ جڏهن شهر جو نئون دروازو ڪڙو ڪيو پئي ويو، عملدارن اتان لنگهندڙ پهرين چئن يا اٺن ماڻهن کي پڪڙي ٿي ورتو ۽ کين ان دروازي هينان پوري ٿي ڇڏيو، بطور سنياليندڙ فرشتن جي. ۽ رومانيا ۾ هڪ اسٽيهڪ کي هيئن وصفيو ويندو آهي، "هڪ ماڻهوءَ جو روح ، جنهنکي هڪ جڳهه جي ديوارن ۾ بند ڪيو ويو هوندو آهي ته جيئن، ان جڳهه کي وڌيڪ مضبوط بڻائجي." آئرلينڊ جو بنشي بلاشبہ ساڳي اصليت وارو آهي.

بيا عجيب مثال آفريڪا مان ڏنا ويا آهن ۽ انساني شڪار ڇيا ويا آهن ته منديلي جي دروازن هيٺ 'روح تڪيندڙن' لاءِ پوريا ويل آهن . اهڙي طرح هڪ قصي مطابق جيڪو هتي سني نموني هڪ محفوظ رهنما آهي، هڪ برمي تلاءَ ۾ هڪ راڻيءَ کي بوڏاريو ويندو آهي ته جيئن بند کي محفوظ بڻائي سگهجي. جڏهن ته اهڙي مقصد لاءِ هڪ شاهاڻي شڪار جو انتخاب مستقبل جي ديوتا جي جسم ۾ ديوتائي خون هجڻ جي خواهش کي صاف نموني ڏيکاري ٿو. جڏهن راجا سلابائن پنجاب ۾ سيالڪوٽ جو قلعو تعمير ڪرائي رهيو هو ته ان جو بنياد بار بار ڊهي ٿي پيو، جنهنڪري هن هڪ نجوميءَ سان مشورو ڪيو. نجوميءَ کيس صلاح ڏني ته ڪنهن سڪيلڏي پٽ جي رت ان جڳهه تي هاري وڃي ۽ نتيجتاً هڪ بيوه عورت جي واحد پٽ کي اتي قتل ڪيو ويو. مان اهو واڌارو ڪري سگهان ٿو ته "هڪ سڪيلڏي پٽ" جي رت لاءِ هميشہ اهو چيو ويو آهي ته اها هڪ خاص تاثير رکندي آهي. خود يورپ ۾ اهڙن پيڙهه وارن ديوتائن يا شهرن جي ديوارن ۽ گهرن جي روحن جا ڪيترائي نشان اڄ تائين موجود آهن. پڪتس لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهي پنهنجن پيڙهه جي پٿرن کي انساني رت ۾ وهنجاريندا هئا. سينٽ ڪولمبا پاڻ، جيتوڻيڪ نالي ماتر عيسائي هو، ان نموني پنهنجي خانقاهه جي حفاظت ڪرڻ لاءِ تذبذب جو شڪار نه ٿيو: ڪولمبڪلي پنهنجن ماڻهن کي چيو ،"اهو اسان لاءِ بهتر ٿيندو ته اسانجون پاڙون هتي زمين ۾ اندر وڃن." ۽ هن هنن کي چيو ، "توهانکي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اها اجازت آهي تہ توهان مان کو زمين کي حرمت ادا ڪرڻ لاءِ ان ۾ اندر وڃي.“ سينٽ اوران اهو مقصد ماڻڻ لاءِ پنهنجو پاڻکي پيش ڪيو ۽ ان کانپوءِ هن کي هميشه لاءِ خانقاهہ جي مک وليءَ طور عزت ڏني وئي. هتي وري اهو نوٽ ڪري سگهجي ٿو تہ قرباني، رضاڪاراڻي هئي. 1463 ۾ جڏهن نوگت جي ٽتل ڊئمر جي مرمت ڪرڻي هئي، مزدورن کي ان ۾ هڪ زنده ماڻهوءَ کي اڇلائڻ جي صلاح ڏنل هئي، جنهن لاءِ چيو ويو آهي تہ هنن هڪ فقير کي شراب پياريو (جنهن حالت ۾ هو ظاهر آهي تہ ’ديوتا سان پريل‘ هوندو) ۽ کيس ان مقصد لاءِ استعمال ڪيو. 1885 ۾ ديون ۾ هولسوردي چرچ جي بحاليءَ وقت ان عمارت جي هڪ ڪنڌ ۾ پيوست ٿيل هڪ انساني ڍانچو لڌو ويو، جنهن جو وات چوني جي ملبي سان ٿقيل هو. ليبن استين جي قلعي کي تيز ۽ ناقابل تسخير بڻائڻ لاءِ، ڪنهن ماءُ کان هڪ ٻار نقدپئسن تي خريد ڪيو ويندو آهي ۽ پوءِ هن کي ان قلعي جي ديوارن ۾ چنڙيو ويندو آهي. وري اولڊ نبرگ ۾ جڏهن بليڪس جو چرچ تعمير ڪيو پئي ويو، ڳوٺ جون اختياريون ويسر پار ڪري ”بريمر ليڪي وٽ هڪ غريب ماءُ کان ٻار خريد ڪنديون آهي ۽ هنکي جيئرو ان جي پيڙهہ ۾ پوري ڇڏينديون آهن.“ اسان بعد ۾ ڏسنداسون تہ ” هڪ قيمت سان خريد ڪرڻ“ رضا ڪاراڻي قربانيءَ جو ڇڻ تہ هڪ مختلف بدليل روپ آهي؛ جڏهن هڪ شڪار قربانيءَ لاءِ پيش ڪيو ويندو آهي، هن مخصوص حقيقت مٿان اڪثر تمام گهڻو زور ڀريو ويندو آهي، جوتہ قاتلن کي ديوتا مارڻ جي ڏوهہ کان آجو قرار ڏيڻ لاءِ ان جو سهارو ورتو ويندو آهي. هن سلسلي ۾ اسان ڏسنداسين تہ ديوتائي جانور شڪار، جيڪو خود پنهنجو پاڻکي پيش ڪيل ديوتا هوندو آهي، هن جي مورتيءَ يا قربانگاهہ جو حيواني روپ هوندو آهي، هميشہ خود پنهنجي قربانيءَ لاءِ راضپو ڏيکاري؛ جيڪڏهن هو ان کان انڪار يا تورڙو بہ ڦيرو ڏيکاريندو آهي تہ پوءِ هو سنو شڪار نہ هوندو آهي. قصو چئي ٿو تہ ليبن استين جي قربانيءَ واري مثال ۾ ٻار کي هڪ ڪيڪ سان ڏوڪو ڏنو ويندو آهي، غالباً ان لاءِ تہ جيئن هن کي هڪ راضي ڏر بڻائي سگهجي ۽ کيس ماءُ جي اکين سامهون آهستي آهستي پٽ ۾ چُڻي ڇڏجي. هي سمورا تفصيل واقعاتي هدايت نامي ۽ اهميت سان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريل آهن. مسٽر اسپيٽ مطابق 1865 ڌاري اسڪوتاري ويجهو ڏوگا وٽ هڪ ڪاٺ جي قلعي تي ڪم ڪندڙ ڪجهه عيسائي مزدورن آرناتن جي هٿن ۾ ٻه ننڍڙا عيسائي ٻارڙا ڏٺا، جن کي اهي ان ڪاٺ جي قلعي ۾ زنده پورڻ جي ڪوشش ڪري رهيا هئا.

اهو شهر جي ديوارن بابت هوندو آهي جو اسان اڪثر ڪري اهڙيون قصائي ڪهاڻيون پڙهندا آهيون. اهڙي طرح ڪوپن هيگن جي ديوار اوترو تيزيءَ سان ٻڏي وئي، جيترو تيزيءَ سان اها تعمير ڪئي وئي هئي، جنهن لاءِ هڪ ننڍڙي معصوم ڇوڪريءَ کي کنيو ۽ هن کي رانديڪن ۽ شين سان هڪ ميز تي ويهاريو . پوءِ جيئن هوءَ کيڏي پئي ۽ شيون کائي پئي، ٻارهن ماهر اوستن هن مٿان هڪ تهه خانو ناهي هن کي پوري ڇڏيو. اٽليءَ ۾، ارٽا جي پل بار بار ڊهي ٿي پئي، پوءِ نيٺ هنن ان ۾ مک عمارت ناهيندڙ جي زال کي چنڊائي ڇڏيو. هتي آخري نڪتو هڪ اهم تفصيل آهي، جنهن جي معنيٰ اڳتي اچا وڌيڪ چٽي ٿيندي. سرويا ۾ اسڪوتاري وٽ هڪ دفعو وري، ننڍو قلعو تسلي بخش نموني صرف تڏهن ئي تعمير ڪري سگهجي پيو، جڏهن هڪ انسان ان جي ديوارن ۾ چُٽيو ويو، تنهنڪري اُن تي ڪم ڪندڙ ٽن ڀائرن پنهنجين زالن مان، جيڪي ان جڳهه تي هنن کي ماني کڻي آٽي ڏينديون هيون، پهرين ايندڙ زال کي قربان ڪرڻ جو فيصلو ڪيو (هن سان ييڦتا جي ڌيءَ جي مثال کي ڀيٽيو، جتي اتفاق سان ٽڪرائجندڙ پهرين زنده شيءِ کي يهوه لاءِ قربان ڪرڻو هو). تنهنڪري ويلش قصي ۾ پڻ وورٽيجرن پنهنجو مينار تيستائين پورو نه ٿو ڪري سگهي جيستائين ان جي پيڙهه جي پٿر کي ”هڪ ماءُ جي ٻنا پيءُ ڄاول ٻار جي رت“ سان نه ٿو رنگيو وڃي — هي ڪنواري ماءُ کي ڄاول ٻار جو قصو انسان ديوتائن جي پئدائش ۾ هڪ مشترڪ عنصر رهيو آهي، جيئن مسٽر سڊني هارٽليند اسان لاءِ اهو جهجهي انداز ۾ ثابت ڪري ڇڏيو آهي.

مٿي ذڪر ڪيل مثالن مان هڪ ۾ اسان قديم رسم جي هڪ تخفيف ڏٺي، جنهن ۾ هڪ شاهاڻي خون يا ديوتائي ٻڻ واري هڪ ماڻهوءَ جي بدلي ۾ هڪ ڏوهاريءَ کي قربان ڪيو ويو، جيڪو مٿاسٿا جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ اهڙو روپ آهي، جنهن جا مسٽر فريزر ٻين واسطن ۾ ڪجھ مثال پيش ڪري چڪو آهي. اجا وڌيڪ تخفيفون آهن. هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي چُٽائي ڇڏڻ، جنهن ڪفر بڪي ڇڏيو هوندو آهي يا پاڪدامنيءَ جو ڪو مذهبي وچن ٽوڙي ڇڏيو هوندو آهي. الجيريا جي هڪ ميوزيم ۾ هڪ قالب جو پلاسٽر جو بوتو موجود آهي، جيڪو جيرو نيمو نالي هڪ شخص جي لاش جو آهي جيڪو هڪ مورش عيسائي (۽ تنهنڪري اسلام جو هڪ باغي هو) هو، جنهنکي 16 صديءَ ۾ قلعي جي هڪ ڪنڌ ۾ ڪنڪريٽ جي هڪ ٽنيي ۾ تعمير ڪيو ويو هو. قرون وسطيٰ ۾ منڪر راهبائن کي يورپ ۾ اهڙي نموني بند ڪيو ويندو هو ۽ مسٽر رائيڊر هگارڊ جي هن بيان ته هن ميڪسيڪو جي ميوزيم ۾ ساڳئي نموني محاسبي عدالت طرفان واڙيل لاش ڏٺا، ايڏو گهٽو عيسائي غصو ۽ انحراف اُياري ڇڏيو آهي جو ان جي صداقت قبولڻ ۾ هڪ ماڻهوءَ کي مشڪل سان ڪو عار محسوس ٿي سگهي ٿو. پر ٻين مثالن ۾ هڪ ماڻهوءَ جي بدران ٻي شيءِ آڏڻ جو عمل اجا بہ گهٽو اڳتي وڃي ٿو. ڏوهارين، منڪرن يا ملحدن بدران، اسان هڪ انساني شڪار جي جاءِ تي هڪ جانور شڪار (قربانيءَ جو ٻڪرو) ڏسون ٿا. مسٽر سينٽ جمان بورينو جي ڊياڪن ۾ هڪ جڳهہ لاءِ هڪ غلام ڇوڪريءَ بدران هڪ مرغيءَ کي قربان ٿيندي ڏٺو. ڊينمارڪ ۾ هڪ چرچ جي قربانگاهہ هيٺان هڪ گهٽي کي چُٽيو ويندو هو تہ جيئن ان کي مضبوط بڻائي سگهجي يا چرچ جي قبرستان جو پهريان هڪ زنده گهوڙي کي پوري ڇڏڻ سان افتتاح ڪيو ويندو هو؛ جيڪا رسم سينٽ اوران جي مثال سان ڪليل مماثلت رکندڙ هئي. جڏهن ڊيونشائرر ۾ چمليگ جي پئرش چرچ کي ڪجهہ سال اڳ ڊاتو پئي ويو، تہ پندرهين صديءَ جي هڪ ديوار ۾ يسوع مسيح جي هڪ اُڪريل مورتي، هڪ انگور جي ول تي صليبيل لڌي وئي، هي نعم البدليءَ جو هڪ اهڙو روپ هو، جنهن جهڙا ڪيترا مثال اسان کي اڳتي ملندا. ڊاڪٽر ٽائلر چئي ٿو، جنهن جو هنن مثالن مان ڪيترن لاءِ مان ٿورائتو آهيان؛ جديد يونان ۾ هن خيال جي باقيات هن عقيدي ۾ اڄ بہ زنده آهي تہ هڪ پيڙه جي پٿر جي رکجي وڃڻ ڪانپوءِ اتان گذرندڙ هڪ واٽهڙو هڪ سال جي اندر مري ويندو؛ تنهنڪري اوستا هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڪڙ يا هڪ ڪاري ڇيلي ڪي پيڙهه جي پٽر مٿان ذبح ڪرڻ ذريعي ان معاملي جو حل ڪيندا آهن. اهو جانور پوءِ ان جڳهه جو روح بڻجي ويندو آهي. جيئن اسان اڳتي هلنداسون، اسان اهو شڪ ڪرڻ جو سبب ڏسنداسون ته هر رسم ۾ هر ذبح ڪيل شڪار پهريان پهريان هڪ ديوتائي انسان هوندو آهي ۽ اهو ته جانور شڪار هميشه انسان جو نعم البدل هوندا آهن، جيتوڻيڪ اهي به اوترائي ديوتائي سمجهيا ويندا آهن، جيترو انسان ديوتا، جنهن جي اهي بهروپي ڪندا آهن. مان پڙهندڙ کي اهو چوندس ته جيئن اسان اڳتي هلندا وڃون، هو اهڙن مثالن لاءِ واجهائي ۽ پڻ استخاري سسيءَ جي منزل ۽ ان سان بار بار گڏ ايندڙ ٺڻ ٺڻ ڪندڙ موسيقيءَ جو پڻ نوٽس وٺي، پوءِ چاهي مان انهن ڏانهن ڌيان نه به ڇڪرايان. ٻين هنڌن تي اسان کي ٻيون رسمون ملن ٿيون جيڪي هنن عجيب باقياتن جي وضاحت ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. پاڇي کي اڪثر ڪري روح سان سڄاتو ويندو آهي ۽ رومانيا ۾ جڏهن به ڪا نئين عمارت کڙي ڪرڻي هوندي آهي، ته ڪاريگر اتان گذرندڙ هڪ اجنبيءَ جو پاڇو پڪڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن ۽ پوءِ ان مٿان پيڙهه جو پٽر رکندا آهن. يا اجنبيءَ کي پٽر ڏانهن چوريءَ ورغلايو ويندو آهي، جتي ڪاريگر چوري ڇپي هن جو قد ماپيندو آهي ۽ اهڙي طرح هٿ ڪيل ماپ کي پيڙهه جي پٽر هيٺان پوري ڇڏيندو آهي. هتي اسانکي ان خيال جي باقيات ملي ٿي ته شڪار گهٽ ۾ گهٽ رضامند ضرور هجي. اهو مڃيو ويندو آهي ته اهڙي نموني ماپ ڪيل ماڻهو چاليهن ڏينهن اندر بيحال ٿي مري ويندو ۽ اسان کي اها پڪ ٿي سگهي ٿي ته اصل ۾ هي عقيدو هيئن هو ته هن جو روح ان شاندار عمارت جو ديوتا يا نگهبان روح بڻجي ويندو آهي. جيڪڏهن بلغاريه جي ماڻهن کي عمارت جي ديوارن ۾ چُڻائڻ لاءِ ڪو انساني پاڇو هٿ نه ٿي اچي سگهيو ته پوءِ هو پاڻکي اتان گذرندڙ پهرئين جانور تي راضي ڪندا هئا. هتي وري اسان کي شڪار جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ ديوتائي اتفاق جو روپ ملي ٿو، جيڪو يقتاس جي ڏيءَ جي معاملي ۾ ڏسڻ ۾ آيو. اڃا هلڪا نعم البدل جرمنيءَ ۾ هڪ چرچ ۾ هڪ خالي تابوت کي چُڻائي ڇڏڻ ۾ ملن ٿا يا هاليند ۾ ساڳئي نموني بنڊڻن جي ڪپڙن ۾ بند ڪيل ٻارن جي ڪچين مورتين ۾ ملن ٿا. هن رسم جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آخري نشاني انگليند ۾ سڪن ۽ اخبارن کي پيڙهه جي پٿر هينان رکڻ جي جديد رسم ۾ ملي ٿي.

هتي ائين لڳندو جڻ قربان ٿيندڙ ماڻهن کي ڌرتيءَ ڏانهن هڪ قرباني سمجهيو ويندو هو (هڪ بعد جو ۽ ورتل خيال) ۽ نسڪا ان انساني يا حيواني قربانيءَ جي بدلي ۾ جڻ رقم جي ادائگي هئا. مان هتي جاٽايل مثالن مان ڪيترن لاءِ پنهنجي دوست مسٽر ڪلاڊ جي محتاط تحقيق جو مرهون منت آهيان. پر هن باب جي تحرير تي وجڻ کان وني هن موضوع تي ٻيا سمورا مقالا، مسٽر اسپيٽ جي "عمارتون ٺاهيندڙن جي رسمن ۽ تقريبن" تي لکيل جامع ۽ عالماڻي پمفليٽ کان مات ڪائي ويا آهن، جن مان ڪجهه مثال مون پنهنجي دليل ۾ ٻه ڏنا آهن. ٻيا نتيجا مختصراً بحث هيٺ آڻڻ گهرجن. هن مقصد لاءِ لڳي ٿو بهترين روح يا ديوتا هڪ ديوتائي يا بادشاهي شخص هوندو ۽ انهن منزلن ۾ جڏهن رسم جي معنىٰ تعمير ڪندڙن آڏو اجا بلڪل صاف هوندي آهي، اڪثر ڪري بادشاهه جو وڏ ۾ وڏ پيارو پٽ يا زال سرپرستانہ ديوتاپڻي جي مرتبي لاءِ چونديا ويندا آهن. بعد ۾ هي تصور مکُ عمارت ٺاهيندڙ جي ٻار يا زال جي قربانيءَ ۾ تبديل ڪيو وڃي ٿو: ڪيترن ئي قصن يا رواجن ۾ هي وڏيڪ نئون عنصر موجود آهي. بهر حال وور ٿيجرن جي مثال ۾ ٻار واضح نموني هڪ ديوتائي هستي هوندو آهي، جيئن اسان ٿورو دير کان پوءِ ڏسنداسون ته ڪجهه سامي مثالن ۾ ٻه اها ڳالهه سچي آهي. آخر تائين ٻارن جو اهڙين قربانين سان تعلق تمام گهٽو نمايان آهي. اهڙي طرح 1813 ۾ جڏهن ايلبي وٽ رجندڙ برف هڪ بند ڀڃي وڌو، هڪ پوڙهي هاريءَ سرڪاري انجنيئر جي ڪوشش تي چٽرڪندي ڪيس هيئن چيو، "تون پاڻيءَ آڏو ڪڏهن ٻہ بند نہ ٻڌي سگهندين، جيستائين تون ان جي پيڙهه ۾ هڪ معصوم ٻار کي نہ ٻوڙيندين." هتي 'معصوم' جو لقب ئي پاڻ ۾ ديوتاپڻي جو. ڪجهه آخري پڙاڏو ڏيکاري ٿو. 1843 ۾ پڻ جڏهن جرمنيءَ ۾ هالي وٽ هڪ نئين پل جي تعمير ڪرڻي هئي، ماڻهن عمارت سازن کي ٻڌايو تہ پل جو سُتون تيستائين نہ بيهي سگهندو. جيستائين ان جي بنياد ۾ هڪ جيئرو ٻار نہ وڌو ويندو. شريدر چئي ٿو، جڏهن گنگانديءَ متان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عظيم ريلوي پل جو ڪم شروع ڪيو ويو هو. بنگال جي هر ماءُ پنهنجي ٻار لاءِ ڏڪي رهي هئي. سليوونڪ سردارن، جن ڊيٽينيز جو بنياد وڌو، ماٺهو اماڻيا اهو پهريون چوڪرو پڪڙي آڻ ۽ ڪيس بنياد ۾ پوري ڇڏڻ لاءِ جيڪو ساڻن رستي ۾ ٽڪرايو. هتي هڪ دفعو وري اسانکي قربانيءَ جو مقدس اتفاقي شڪار ملي ٿو. مختصراً مان ائين چوندس ته اهڙن سمورن مثالن ۾ لڳي ٿو ٻارن لاءِ هڪ ترجيح هئي ۽ خصوصاً ڇوڪرن لاءِ، جيڪي ممڪن آهي ته شاهاڻي نسل جا هجن، جي نه ته گهٽ ۾ گهٽ مڪ جڳهه نهرائيندڙ جا ويجهڙا مائٽ هجن. مسٽر اسپيٽ ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿو ته چرچن يا ٻين عمارتن تي اڪثر ڪري گهوڙن جون منڊيون لڙڪايون ويندين هيون ۽ هو تجويز ڪري ٿو ته انهن جو تعلق حيواني پيڙهه جي پٽر جي قربانيءَ جي شڪارن سان هو. ڪوپڙيءَ جو هي استعمال ان جي عام رواجي استخاري واري منزل سان صحيح سهمت ۾ آهي. شهري ۽ ڳوناٺن ديوتائن جا ڪجهه نالي وارا تاريخي يا ڏند ڪٿائي قصا، جيڪي ڄاڻي واڻي گهڙيل هوندا آهن، هاڻي غور ويچار هيٺ آڻي سگهجن ٿا. اسان بادشاهن جي پهرين ڪتاب ۾ پڙهون ٿا ته جڏهن هيل بيت ايل وارو، جيريڪو تعمير ڪيو، "هن ان جو بنياد پنهنجي پهرئين ڄاول پٽ ابيرام تي رکيو ۽ ان جا دروازا پنهنجي ننڍي پٽ سيگب مٿان رکيا". هتي اسان صاف نموني هڪ شاهاڻي مکُ عمارت ناهيندڙ ڪي خود پنهنجن ٻن پٽن کي پنهنجي نئين شهر جي رکوال ديوتائن طور قربان ڪندي ڏسون ٿا. هڪ شهر لاءِ ياڳ جي اهڙي ڄاڻي واڻي پئداوار جا ڳچ اهڃاڻ موجود آهن ۽ اهو پڻ ممڪن آهي ته اصل قرباني هر سال ورائي ويندي هجي، ته جيئن جڻ ديوتائي زندگيءَ جو مستقل سلسلو انساني ديوتائن جي فيشن جي پوئواريءَ ۾، جيڪي اسان گذريل باب ۾ ويچاري چڪا آهيون قائم رکي سگهجي. ديدو لڳي ٿي ڪار تيج (اتر آفريڪا جي ساحل جو هڪ قديم شهر) جو ياڳ يا پيڙهه واري ديوتائڻ رهي آهي؛ قصي ۾ هوءَ بطور پيڙهه واري راڻيءَ جي ظاهر ڪئي وئي آهي ۽ چئي ٿي وڃي ته پنهنجي ديوتائي چتا ۾ پنهنجي محل جون ديوارون ٽپي آئي هئي. پر ساليانی انساني قرباني به لڳي ٿو ته ساڳئي هنڌ تي ادا ڪئي وئي هئي جو ته


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پروفيسر رابرٽسن چئي ٿو تہ” ان ڳالھہ ۾ مشڪل سان شڪ ڪري سگھجي ٿو تہ قصو ديدو جي پنھنجي مڙس سچر باس کي ڏنل قرباني جنھن ھنڌ ٻڌائي ٿو، اھا ئي جڳھہ آھي جتي بعد جون ڪارٿجينين انساني قربانيون ادا ڪيون وينديون ھيون“. وري ليئوديشيا وٽ ھڪ ڪنواري ڇوڪريءَ جي جاءِ تي ھڪ ھرڻ جي ساليانو قرباني عمل ۾ آئي ۽ اسانکي ڪليل نموني ٻڌايو وڃي ٿو تہ ھيءَ قرباني شھر جي ديوتائڻ آڏو پيش ڪئي وئي. قصو ٻڌائي ٿو تہ ديوتائڻ ھڪ ڪنواري ڇوڪري ھئي، جنھن کي شھر جي پيڙھہ کي مقدس بڻائڻ لاءِ ساڳئي نموني قربان ڪيو ويو ھو ۽ جنھنکي ان ڪانپوءِ ان جي پاڪ طور پوڄيو ويو، جيئن ڪارٿيج وٽ ديدو کي پوڄيو ويندو ھو“.

پروفيسر رابرٽسن سمٿ چئي ٿو، ”اھو تنھنڪري خود ديوتائڻ جو موت ھو جيڪو سالئون سال ڪفاري ادا ڪرڻ واري رسم ۾ نوبنو ڪيو ويندو ھو“. (مان لفظ ”ڪفاري“ جي انصاف کي نہ ٿو مڃان). وري ملالاس اسانکي ٻڌائي ٿو تہ انٽيوڪ وٽ 22 مئي جو ڏينھن شھر جي بنياد وقت ھڪ ڪنواري ڇوڪريءَ کي قربان ڪري ڇڏڻ جي ورسيءَ طور ياد رکيو ويندو ھو، جنھنکي پوءِ شھر جي قسمت طور پوڄيو ويندو ھو“.عربستان ۾ ساڳئي نموني ڏما وٽ ھر سال ھڪ ماڻھوءَ کي ان پٿر ھيٺان دفن ڪيو ويندو ھو، جيڪو سندن قربانگاہ ھوندو ھو. اڪثر قصن ۾، جيئن اھي مھذب ۽ لکيل قديميت کان اسان وٽ پھچن ٿا، ھن پيڙھہ جي ظالماڻي رسم جي سچي اصليت بعد جي عقلي ڏڪن سان ڍڪيل ۽ لڪل آھي ۽ مان اھو ذڪر ڪيان تہ ڊاڪٽر رابرٽسن سمٿ عادتاً خاص طور تي انھن عقلي ڏڪن کي قديم سمجھي ٿو ۽ قتل ڪيل ڪنواريءَ جي اصل پراڻي رواج کي 'بعد جي شامين' جي وضاحت جي ھڪ ڏند ڪٿا طور سمجھي ٿو. پر پيڙھہ جي ديوتائن جا مثال اڳ ئي ڏسي چڪي ھجڻ ڪانپوءِ مان سمجھان ٿو تہ ان ڳالھہ ۾ مشڪل سان شڪ ڪري سگھجي ٿو تہ ان جو مقصد سچي ترتيب کي الٽو ڪرڻ آھي: اھو تہ ھڪ ڇوڪريءَ کي ھڪ سرپرستانہ ديوتا لاءِ واقعي بہ قربان ڪيو ويندو ھو، جڏھن ھڪ شھر جي پيڙھہ جو پٿر رکيو ويندو ھو ۽ اھو تہ ان رسم جي ساليانو ورجاءَ جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موقعي تي انسان بدران هڪ جانور جي قرباني ان رسم ۾ بعد جو سڌارو هو. مسٽر اسپيٽ ان سلسلي ۾ هڪ مقبول رواج جو مثال پيش ڪري ٿو تہ هڪ نوجوان چوڪري نيڊر- ميندر شيڊ جي قلعي ۾ چُڻائي وئي هئي ۽ جڏهن 1844 ۾ اها ديوار ڪولي وئي تہ مزدورن ان ۾ هڪ چُر لڌي، جنهن ۾ هڪ انساني ڍانچو پيل هو. مان وري اهو تجويز ڪندس تہ روم جي بنياد جي اصلي قصي ۾ رومولس کي ائين ظاهر ڪيو وڃي ٿو تہ هن پنهنجي ڀاءُ ريمس کي ان شهر جي پاڪ طور ان ۾ چُڻائي ڇڏيو هو ۽ روم شهر سان ريمس جي هن سڃاڻپ ڪري اسان کي اهڙن فقرن جيئن رومن ماڻهن لاءِ تُربا ريمي جو سراغ لڳائڻ گهرجي. فورم لفظ جي، پنهنجي قديم اهميت ۾، معنيٰ آهي هڪ مقبري آڏو خالي ميدان: ان ڪري مان تجويز ڪندس تہ رومن فورم ۽ ٻيا لاطيني فورا حقيقت ۾ پيڙهہ جي قربانيءَ جي اصلي شڪارن جي قبرن جا حاطا هئا. اهڙي طرح انگريزي سائو ڳوٺ ۽"ڪيڏڻ جو ميدان" پڻ غالباً قبائلي يا ڳوناٽي ديوتا ــــ هڪ قتل ڪيل انساني ديوتا، ڏانهن وقف ڪيل ميدان هوندا آهن ۽ اهي عام طور مقدس پٿر ۽ مقدس وڻ سان ڳنڍيل هوندا آهن. مونکي پڪ آهي تہ هي نڪتو اجا وڌيڪ چٽو ٿيندو جيئن اسان اڳتي هلنداسون ۽ پيڙهہ جي ديوتا يا ديوتائڻ ان سان لاڳاپيل پٿر ۽ وڻ يا ٿڙ جي يادگار جو پورو نظريو جوڙينداسون.

جو تہ جيڪڏهن مان صحيح آهيان، تہ هڪ ڳوٺ جو بنياد رکڻ جي سموري قديم رسم هڪ انسان کي بطور شهر يا ڳوٺ جي ديوتا جي قتل ڪرڻ يا هنکي جيئرو ديوار ۾ پورائي ڇڏڻ ۽ هن کي ياد ڪرڻ لاءِ هن جي پرسان هڪ پٿر بيهاري ڇڏڻ ۽ هڪ وڻ پوکي ڇڏڻ تي مشتمل هوندي هئي. هنن ٻن يادگارن تي پوءِ ڳوٺ جون رسمون ادا ڪيون وينديون هيون. اهڙي طرح هتي پٿر ۽ وڻ پنهنجي روايتي ٻڌيءَ ۾ ملن ٿا. اهي ٻئي اڄ ڏينهن تائين هندستاني ڳوٺ ۾ هڪ ٻئي سان گڏ وجود رکن ٿا جيئن سائبيريا جي وٽن سان ڍڪيل زمين ۾ يا سليوونڪ ٻيلي ۾. اهڙي طرح روم ۾ اسانکي نہ رڳو ريمس البا لونگا جي شاهاڻي خون جي شهزادي جي موت جو قصو ملي ٿو، جيڪو روما ڦيئدرتيا جي ديوار جي تعمير سان نزديڪيءَ سان ڳنڍيل هو، پر اسانکي عوامي گڏجاڻين جي هنڌ تي رومولس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مقدس انجير جو وڻ پڻ ملي ٿو، جنهنڪي متحده روم جي شهري زندگيءَ جو مجسم قرار ڏنو ويندو هو، ايتري قدر جو جڏهن ان مرجهائڻ جون نشانيون ڏيکارڻ شروع ڪيون. سڄي شهر ۾ مايوسي ڦهلجي وئي، ۽ ويجهو ئي اسان وٽ مقدس پاڪدامن ڪنوارين طرفان نگهباني ڪيل مقدس پٿر پئليڊيم آهي، جنهن شهر جي آتش دان کي ٻريل رکيو ۽ جيڪو ان ثانوي روم جي پاڳ سان اچا وڏيڪ نزديڪيءَ سان ڳنڍيل هو، جنهن جو گهر عوامي گڏجاڻين جي هنڌ — فورم ۾ هو. ڇا هي ٿئي ان متحده ڪئپيٽولين ۽ پئليٽائين روم جي پيڙهه جي ديوتا جا ٻي روپ نه آهن؟ ۽ وري ڇا پيليٽائين تي بيٺل مقدس وڻ ساڳئي نموني ان پراڻي روما قئادريتا جو مقدس پيڙهه جو وڻ نه ٿو ٿي سگهي جيڪو وڌيڪ خصوصي طور رومالس جي نالي سان ڳنڍيل آهي؟ پلوطرس هن وڻ جي باري ۾ اسانکي ٻڌائي ٿو ته جڏهن ڪنهن وانهڙو کي اهو مرجهايل محسوس ٿيندو هو ته هو رڙيون ڪرڻ لڳندو هو، جنهن تي هر پاسي کان ماڻهو پاڻيءَ جو ٻاٽليون ڀري ان مٿان هارڻ لاءِ ڊوڙندا هئا، ڄڻ ڪ هو ڪا باهه وسائڻ لاءِ تڪڙ ڪندا هجن. هتي ٻه وري ڇٽي نموني اسانجي سامهون هڪ مجسم ٿيل پاڳ اچي وڃي ٿو.

اسان کي اڪثر هي ٿئي پاڳ — انساني قرباني، پٿر ۽ وڻ ساليانی نذراني سان گڏ ڪنا نه تا ملن، جيڪو انهن جي تقدس جي تجديد ڪندو آهي. پر اسانکي انهن تنهي مان اڪثر هڪ يا ٻئي جا نشان ملي وڃن ٿا، جنهنڪري مان سمجهان ٿو ته اسان انهن کي هڪ ڪل جي حصن طور پاڻ ۾ ڳنڍڻ لاءِ حق بجانب آهيون، جتي هڪ هنڌ هڪ جزو موجود هجي ٿو ته ٻئي هنڌ ٻيو جزو. مسٽر گومي چئي ٿو، ”سمورين قديم وسندين ۾، جڏهن هڪ ڳوٺ پهريون دفعو قائم ڪيو ويندو هو ته هڪ پٿر ڪڙو ڪيو ويندو هو. ان پٿر آڏو ڳوٺ جو چڱو مڙس سال ۾ هڪ دفعو هڪ نذرانو پيش ڪندو هو.“ اڄ ڏينهن تائين لنڊن پنهنجي پيڙهه جي ديوتا کي لنڊن پٿر جي صورت ۾ سانڍيو اچي ٿي، جيڪو هاڻي ڪينن اسٽريٽ اسٽيشن جي بلڪل سامهون لوهي تارن جي هڪ جهنگلي ۾ بند ٿيل آهي. لنڊن پٿر کي زمانن کان سڄي سماج جو نمائندو ۽ مجسم تصور ڪيو ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويو. اعلان ۽ ٻيا اهم سرڪاري معاملا ان جي چوٽيءَ تان ڪيا ويندا هئا ۽ لارڊ ميئر جي ڪورٽ ۾ ملزم کي حاضر ٿيڻ لاءِ لنڊن پٿر تان سڏيو ويندو هو ، جڻ خود ان پٿر جمع ٿيل شهرين جي گڏيل آواز سان ان ڏوهاريءَ سان ڳالهايو ٿي. اصل ۾ لنڊن جو پهريون لارڊ ميئر هيري ڊي لنڊن استون هو، جيڪو بي شڪ، جيئن مسٽر لافتل تجويز ڪري ٿو، هن شهري معبود پوڄمان جو موروثي رکوالو هو: ٿورن لفظن ۾ ڳوٺ جي چڱي مڙس جو نمائندو. مون هن دلچسپ تبرڪ جي نتيجن تي لانگ مين مئگزين ۾ لنڊن پٿر تي لکيل پنهنجي هڪ مضمون ۾ تمام گهٽي تفصيل سان لکيو آهي: وڌيڪ ڄاڻ لاءِ مان پڙهندڙ کي اهو مضمون پڙهڻ لاءِ چوندس، مان هتي رڳو جئڪ ڪئيد جي عجيب واقعي جو اضافو ڪندس، جيڪو جڏهن 1450 ۾ لنڊن شهر ۾ مورٽيمر جي فرضي نالي هيٺ زبردستي داخل ٿيو، سڀ کان پهريائين هو ان مقدس تبرڪ، قديم لنڊن جي مجسم ڏانهن ويو ۽ ان کي پنهنجي تلوار هٽي ڇڏڻ ڪانپوءِ عجب ۾ چيائين،"هاڻي مارٽيمر هن شهر جو حڪمران آهي".

هڪ ساڳئي قسم جو پٿر اڄ تائين ڊيون ۾ بووي ٽريسي وٽ موجود آهي، جنهن جي باري ۾ آرميراڊ اسانکي ٻڌائي ٿو ته بووي جو ميئر پنهنجي عهدي جي پهرئين ڏينهن تي ان جي چوڌاري چڪر هڻندو هو ۽ انکي هڪ لت هڻندو هو ــ جيڪا ڳالهه جيڪ ڪئڊ جي ڪارروائيءَ کي وڌيڪ واضح ڪري ٿي. اخبار ٽوٽنس ٽائيمس جي 13 مئي 1882 جي شماري مطابق ساڳئي ڏينهن تي شهر جي نوجوانن کي اهو طلسمي پٿر چمڻ تي مجبور ڪيو ويندو هو ۽ ڪانئن اهو عهد ورتو ويندو هو ته هو بووي جون قديم رسمون ۽ شاهي حق قائم رکندا (مان هنن تفصيلن لاءِ مسٽر لارينس گوميس جي ڪتاب ڳوناٽي برادريءَ جو ٿورائتو آهيان) مان نه ٿو سمجهان ته اسان هنن ٻين مثالن کان برطانيه جي ٻين مقدس پٿرن جهڙوڪ سَري ۾ ڪنگ ستون وٽ موجود بادشاهه جو پٿر، جتي ڪيترن ئي ويسٽ سيڪسان بادشاهن کي تاج پارايا ويا هئا، کي ڌار ڪري سگهون ٿا، نه ويسٽ منسٽر ايبي ۾ تاج پوشيءَ جي ڪرسيءَ تي رکيل ٽڪندي پٿر کي، نه ڪليڪمينن جي پٿر کي ۽ نه انهن مقدس پٿرن کي جيڪي هڪ گڏريل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

باب ۾ اڳ ئي ڄاڻايا ويا آهن، جن تي قبيلن جي سردارن يا آئرش فرقن پنهنجن پنهنجن خاندانن جي سرداري ماڻي. هي جزوي طور تي بزرگاڻي ۽ قبرن جا يادگار بہ ٿي سگهن ٿا پر اهو پڻ ممڪن آهي تہ اهي هن مصنوعي ۽ جڙتو تقدس جو حصو هجن. يقيناً ڪجهہ مثالن ۾ ان مقدس پٿي جي هڪ جانور جي قربانيءَ سان تجديد ڪئي وينديِ هئي. هنن ڪافي چٽن مثالن سان مان ڪجهہ ٻيا بيان ڳنديندس، جيڪي مونکي لڳن ٿا تہ هيل تائين غلط نموني بيان ڪيا ويا آهن. اهڙي طرح ميشا ـــــ مئاب جو بادشاهہ جڏهن محاصري ۾ اچڻ جي ويجهو هجي ٿو، شهر جي ديوار تي پنهنجي پٽ کي بطور باهہ ۾ سڙيل قربانيءَ جي ساڙي ٿو. ڇا هيءَ قرباني ڄاڻي واڻي هڪ اضافي ديوتا پيدا ڪري ڇڏڻ ذريعي ديوار کي بچائڻ نہ آهي؟ ڇو تہ ان شهر جو محاصرو ڪندڙن لڳي ٿو تہ سڌو سنئون ائين محسوس ڪيو ڄڻ اهي هارائي ويا ۽ محاصرو ختم ٿي ويو. هتي هڪ دفعو وري ڏسو تہ اهو بادشاهہ جو پنهنجو پيارو پٽ هوندو آهي جنهن کي قربانيءَ جي ٻڪري طور چونڊيو ويندو آهي. اماٿس وٽ، جيوپيٽر هوسپيس کي شهر جي دروازن تي انساني قربانيون پيش ڪيون وينديون هيون. ۽ هي جيوپيٽر هوسپيس، جيئن اووڊ هن کي سڏي ٿو، ايماٿسين هيراڪلس يا مليڪا هو، جنهن جو نالو، جيڪو اسان لاءِ هيزيچيس طرفان محفوظ ڪيو ويو آهي، هن کي هڪدم هڪ مقامي ديوتا طور سڃاڻي ٿو، تائرين ميلڪارٿ جهڙو ساڳيو. ڇا پوءِ تنهنڪري هي وري شهر جو پيءُ نہ هو؟ خود تائر وٽ هيرا ڪليس ميلڪارٿ جي قبر ڏيکاري وئي هئي، جتي چيو ٿو وڃي تہ هن کي ساڙيو ويو هو. ڇو تہ لاش ساڙيندڙ ماڻهن ۾ اها ڳالهہ فطري هوندي آهي تہ هو ساليانِي ديوتا شڪار کي قتل ڪرڻ بجاءِ ساڙي ڇڏن. تارسس وٽ هڪ دفعو وري هڪ ساليانو جشن ٿيندو آهي، جتي هڪ تمام سني چتا کڙي ڪئي ويندي آهي ۽ مقامي هيرا ڪليس يا بعال، پتلي جي صورت ۾ ساڙيو ويندو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اسان ان ۾ ڪو شڪ نہ ٿا ڪري سگهون تہ هي اوائلي انساني سڙيل قربانيءَ جي هڪ تخفيف هو. ڊاڪٽر رابرٽسن سمٿ هن مثال متعلق چئي ٿو، ” هن باهہ ۾ ديوتا جي موت جي ساليانِي يادگاري تقريب جو بڻ بڻياد هڪ پراڻي رسم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ هجڻ گھرجي، جنهن ۾ قربانيءَ جو شڪار محض هڪ پتلو نہ هوندو هو پر هڪ جيئري جاڳندي هستي هوندي هئي يعني هڪ اصلي ماڻهو يا مقدس جانور، جنهن جي زندگي، قديم تصور مطابق جيڪو هاڻي اسان لاءِ ڄاتل سڃاتل آهي، هڪ ديوتائي انساني زندگيءَ جو مجسم هوندي هئي“.

هي هن موضوع تي منهنجي پنهنجي خيال سان تمام گهڻو ويجهو آهي. مان سمجهان ٿو تہ اسان هنن مثالن کان ديوتائن جي هڪ وڏيڪ عجيب ٽولي ڏانهن وڌي سگهون ٿا، جن جون معنائون مونکي لڳي ٿو تہ بعد جي تشريح نگارن اجا بہ وڏيڪ شديد نموني غلط سمجهيون آهن. منهنجو مطلب بادشاهن يا حڪمران خاندانن جي ٻارن جي معاملي سان آهي، جن کي جنگ يا خطري جي وقت ۾ مددگار ديوتائن طور قربان ڪيو ويندو آهي. اهڙي طرح ببلوس جو قائلو چئي ٿو، ” وڏي خطري جي بحران ۾ اهو قديم رواج هوندو هو تہ شهر يا قوم جو حڪمران، سموري قوم لاءِ پنهنجو پيارو پٽ انتقامي شيطاني قوتن آڏو بطور تاوان جي پيش ڪري ۽ اهڙي نموني پيش ڪيل ٻارن کي صوفياڻن رسمن سان ذبح ڪيو ويندو هو.“

سوڪرونس، جنهن کي فنيشين اسرائيل سڏيندا آهن، ان علائقي جو بادشاهہ هو ۽ کيس رڳو هڪڙو ئي پٽ جيود (فنيشين ٻوليءَ ۾ جيود جو مطلب هڪڙو ئي هوندو آهي) هو، هن پنهنجي پٽ کي شاهاڻا ويس وڳا پهرايا ۽ جنگ جي وقت ۾ جڏهن هن جو ملڪ دشمنن کان وڏي خطري ۾ هو هن کي هڪ قربانگاهہ تي قربان ڪري ڇڏيو. مان نہ ٿو سمجهان تہ قائلو انتقام وٺندڙ شيطانن بابت پنهنجي ڏکي يا تشريح ۾ درست آهي، باقي هوٺئن سندس ڪهاڻي دلچسپ ثبوت آهي. اها اسانکي عام فنيشين ۽ يهودين طرفان ٻارن جي قربانين کي هتراڏو ديوتائن جي هن ڄاڻي واڻي تياريءَ سان ٿورو يا گهڻو سڌو سنئون ڳنڍڻ ۾ مدد ڪري ٿي. حقيقت ۾ مون کي ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ ٻارن کي جزوي طور اڳوات وجود رکندڙ ۽ مڃيل وڏن ديوتائن آڏو قربان ڪيو ويندو هو پر مان اهو ٻڌ مڃان ٿو تہ هيءَ رسم سڀ کان پهريان ديوتائن کي ڄاڻي واڻي گهڙڻ جي هڪ رسم طور ڦٽي ۽ آخر تائين ان پنهنجي بڻ بڻياد جا نشان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساندي رکيا. اسانکي خبر آهي تہ قومي آفت جي وقتن ۾ فنيشين ماڻهن اهڙي نموني پنهنجن پياري ۾ پيارن رشتن کي بعال آڏو قربان ڪري ڇڏيو ٿي. ڳاڙهي سخت پٿر مان اسانکي خبر پوي ٿي تہ فنيشين تاريخ اهڙين قربانين سان پري پئي آهي.

جڏهن ڪارٿيجينين کي اگاٿوڪلس طرفان شڪست آئي ۽ سندن محاصرو ڪيو ويو، تڏهن هنن پنهنجي تباهيءَ کي ديوتا جي ڪاوڙ ڏانهن منسوب ڪيو، ڇو تہ جڏهن گذريل ڏينهن ۾ اهي پنهنجا ٻار هن آڏو قربان ڪندا هئا، پر بعد ۾ اهي ٻار خريد ڪرڻ ۽ انهن کي قربانيءَ جي شڪارن طور پالڻ جي عادت ۾ ڪري پيا هئا. ان ڪري نوابي خاندانن جي ٻہ سو جوان ماڻهن کي قربانيءَ لاءِ چونڊيو ويو ۽ هنن سان ٽي سو وڌيڪ ٻيا ماڻهو بہ گڏ هئا، جن پنهنجو پاڻ کي پنهنجي ملڪ لاءِ مرڻ لاءِ رضا ڪاراڻہ طور پيش ڪيو. انهنکي هڪ هڪ ڪري پتل جي مورتيءَ جي ترڪندڙ هٿن تي قربان ڪيو ويو، جتان رڙهڪندي اهي باهہ جي هڪ کڏ ۾ ڪريا ٿي. يروشلم ۾ پڻ وڏي خطري جي گهڙين ۾ توقيت وٽ ٻارن کي ڪنهن موليڪ آڏو، پوءِ اهو يهوه يا ڪو ٻيو ديوتا هوهڪ مورتيءَ جي ٻرندڙ ٻانهن ۾ رکي قربان ڪيو ويندو هو. مان اهو مڃيندس تہ هنن آخري مثالن ۾ اسان صرف ڪفاري واري انساني قربانيءَ کي تمام گهڻو ويجهو ٿي ويا آهيون پر اسان ڏسنداسين، جڏهن اسان فصل جي ديوتائن ۽ قربانيءَ جي متي تي بحث ڪنداسون، تہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ هڪ لڪير ڪڍڻ ڏکي آهي، جڏهن تہ اها حقيقت تہ هڪ تمام گهڻو پيارو يا سڪيلڌو پٽ خاص ڪري ديوتائي رت واري بادشاهہ جو پٽ ئي قربانيءَ جو شڪار هوندو آهي، اهڙن مثالن کي سڌو سنئون ڄاڻي واڻي ديوتا ناهڻ جي وڌيڪ ڪليل مثالن سان ڳنڍي ٿي. اهڙي ڪجهہ رضاڪاراڻي قرباني مونکي لڳي ٿو تہ ڪتاب يسياهہ جي 53 بيت جي خوبصورت تصور ۾ ياد ڪئي وئي آهي. پر اتي ان جي ٻولي نمايان طور تي ڪفاري ادا ڪرڻ واري آهي.

مون هتي مکيہ طور تي مصنوعي طور ديوتا ناهڻ جي ان خاص روپ تي بحث ڪيو آهي، جيڪو گهرن، ڳوٺن، شهرن، ديوارن ۽ قلعن جي پيڙهہ سان تعلق رکي ٿو . چاڪاڻ تہ اهو زراعت کان ٻاهر وڌ ۾ وڌ عام ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏ ۾ وڏ نمايان آهي، ۽ اهو ڳوٺاڻي يا شهري ديوتا جي عالمي پڻماني جي اداري سان خصوصي طور تي ڳنڍيل آهي. پر ٻيا روپ بہ وافر انداز ۾ موجود آهن ۽ انهن تي چند ستون هاڻي ضرور وقف ڪرڻ گهرجن. جڏهن هڪ ٻيڙو پاڻيءَ ۾ لاٿو ويندو هو، اها هڪ عام رسم هوندي هئي تہ انکي هڪ قربانيءَ جي انسان جي جسم مٿان چاڙهيندي هڪ رکوالو روح يا ديوتا مهيا ڪري ڏجي. نارويجين وائڪنگ پنهنجا رولر انساني رت سان ڳاڙها ڪرڻ جا عادي هوندا هئا يعني جڏهن بہ هڪ جنگي ٻيڙو پاڻيءَ ۾ لاٿو ويندو هو، قربانيءَ جا انسان ان جي گول رفتار پٺما سان ٽڪرايا ويندا هئا، جن مٿان گيلي ٻيڙو گهمائيندي سمنڊ ۾ لاٿو ويندو هو، تہ جيئن ان جي مهاڙيءَ جو شهتير انسانن جي نڪرندڙ رت سان رنگجي وڃي، اهڙي طرح قربانيءَ جو اهو انسان جڻ تہ ان ٻيڙي جي تختن ۾ سموئجي ويندو هو. ڪئپٽن ڪُوڪ ڏکڻ سمنڊ جي جزيرائي ماڻهن کي بہ ساڳئي نموني پنهنجيون جنگي ٻيڙيون رت سان مقدس ڪندي ڏٺيون. مسٽر وليم سمپسن چئي ٿو، 1784 ۾ ٽرپوليءَ جي جنگي جهازن جي هڪ جٿي جي افتتاح مهل "هڪ ڪاري غلام کي اڳتي آندو ويندو آهي ۽ ڪيس ٻيڙيءَ جي اڳئين حصي سان ٻڌو ويندو آهي تہ جيئن سمنڊ ۾ ان ٻيڙيءَ جو سنو آدر ياءُ ٿئي". ۽ مسٽر اسپيٽ هڪ ٻڪريءَ جي قربانيءَ جي اخباري احوال جو ذڪر ڪري ٿو، جڏهن بوسفورس ۾ "اولمپيا وٽ ڪنسٽينٽينو پول" لاءِ پهرين ٻيڙي لاٿي وئي هئي. ٻين ڪيترن مثالن ۾ اهو نوٽ ڪيو ويو آهي تہ هڪ ٻيڙيءَ کي پاڻيءَ ۾ لاهڻ وقت هڪ قربانيءَ جو ٻڪرو انسان يا جانور، ذبح ڪيو ويندو آهي. اسان جي ڪمانن مٿان شراب جي هڪ بوتل ڀڃڻ جي تقريب، هن وحشي رسم جي آخري نشاني آهي؛ هتي جيئن ٻئي هنڌ، ڳاڙهو شراب پنهنجي رنگ جي بدولت رت بدران ڪم ڪري ٿو. مون کي ان ڳالهہ ۾ شڪ ناهي تہ هڪ ٻيڙي جي ڪمان ۾ ديوتائن جون مورتيون اصل ۾ بت هئا جن ۾ تي سگهي ٿو، اهڙي طرح آزاد ٿيل روح بسيرو ڪندا هجن ۽ انهن کي ئي ملاحن، طوفان يا خطري جي حالت ۾ مدد لاءِ پوڇيو ٿي. ديوتا ان ٻيڙيءَ جي اصل تاجي پيٽني ۾ بدل هو. جهاز جو سامهون وارو جديد مجسمو اجا تائين انهن ديوتائن کي ظاهر ڪري ٿو؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهي مجسما هوبهو گهريلو ٻتن جهڙا نيوزيليند ۽ پولينيشين جنگي ٻيڙن ۾ موجود هوندا آهن. سولومن ٻيٽ وارن باشندن جي ٻيڙين ۾ ”اڪثر ڪري هڪ ماڻهوءَ جي مٿين ڌڙ جي هڪ اڪريل مورتي بطور جهاز جي سامهون واري مجسمي جي موجود هوندي آهي،جيڪا پنهنجن هٿن ۾ هڪ انساني سسي جهليو بيني هوندي آهي“. هيءَ سسي جنهنکي ”ٻيڙيءَ جو مٿو“ سڏيو ويندو آهي، قربانيءَ طور ورتل ان زندگيءَ کي ظاهر ڪندي آهي، جڏهن اها ٻيڙي پهريون دفعو استعمال ۾ آئي. ڊاڪٽر ڪوڊ رنگٽن چئي ٿو،”اهميت واري هڪ ٻيڙي کي پنهنجي افتتاح لاءِ هڪ زندگي گهربل هوندي آهي“. هڪ وڌيڪ عجيب مثال، ندين جي ديوتائن جي حوالي سان موجود رسمن ۽ عقيدن ۾ ڏنو ويندو. مون تجويز ڪيو آهي ته نديون اڪثر ڪري ديوتائي هونديون آهن. چاڪاڻ ته اهي هڪ هيري جي قبر پرسان ڦٽنديون آهن يا ان سان ڳنڍيل هونديون آهن. پر اڪثر ڪين سندن ديوتائيت چاٽي واٽي ڏني وئي آهي ۽ انکي هر سال هڪ ديوتا ناهڻ جي قربانيءَ سان جياريو ويندو آهي، جيئن يهودي فصح جي عيد تي هر سال قربانيءَ جو هڪ جانور ذبح ڪيو ويندو آهي ۽ هن جو خون سردرن تي پيڙهه جي قربانيءَ جي تجديد طور ٿڦيو ويندو آهي. هن عجيب رسم جو سڀ کان بهترين مثال مون مسٽر گومي طرفان ڏنل ڏنو آهي، جيڪو هن ميجر ايلس کان ورتو آهي. مغربي آفريڪا ۾ پره جي ڪنارن لڳ ڪيترائي ديوتا موجود آهن، جن سيني جو مشترڪ نالو ’پره‘ آهي ۽ جن سيني کي نديءَ جا روح سمجهيو ويندو آهي. ان نديءَ جي ڌاري لڳ وسندڙ هر شهر يا ڳڱي خاصي ڳوٺ ۾ آڪٽوبر جي وچذاري ڪنهن هڪ ڏينهن تي هڪ قرباني ڪئي ويندي آهي. عام رواجي قرباني ٻن بالغ انسانن ـــ هڪ مرد ۽ هڪ عورت تي مشتمل هوندي آهي. هر ڳوٺ جا رهواسي پره جي هڪ الڳ روح م يقين رکندا آهن. جيڪو سندن نَنڍڙي ڳوٺ جي ويجهو نديءَ جي ڪنهن حصي ۾ رهندو آهي. ان نديءَ تي هر هنڌ هنن ديوتائن جا پادري ٿن جي ٿولن ـــــ ٻه مرد ۽ هڪ عورت، ۾ فرض سرانجام ڏيندا آهن. هي هڪ اهڙو انتظام آهي، جيڪو نديءَ جي ديوتائن لاءِ خاص هرندو آهي. جيڪڏهن مان غلطي نه ٿو ڪيان ته هتي اسانکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هٽراڏو ديوتا ناهڻ جو هڪ واضح مثال ملي ٿو. هي وحشي مثال ۽ ان جهڙا ٻيا مثال جن جي مان هتي جڳهه نه هجڻ ڪري تفصيل نه ٿو ڏئي سگهان. اهو نتيجو تجويز ڪن ٿا ته ندين جا ڪيترائي ديوتا، مصنوعي اصليت وارا آهن. ايسٽونيا ۾ ووهاندا نديڙن ٻارن جون قربانيون وٺندو هو: جن ڪي اسان چٽي نموني انهن ٻارن سان پيٽي سگهون ٿا جن کي جڳهن ۾ چڙهايو ويندو هو يا جيڪي موليڪ کي پيش ڪيا ويندا هئا. ڪيتريون ٻيون نديون سالئون سال از خود طور تي ماڻهن جو شڪار ڪنديون آهن: اهڙي طرح هڪ ڊيونشائر شعر هيئن چوي ٿو:

”دارت جــــي ندي، دارت جـــــي ندي“
”هــر ســال تــون هـــڪ دل وٺيــن ٿي“

اسپي ندي پڻ هر سال هڪ زندگي ڳڙڪائيندي آهي ۽ پڻ اهڙي طرح ٻئي هنڌ برطانيه جون ڪئين نديون زندگيون ڳڙڪائينديون آهن. اصل ۾ ٻي شڪ قربانيءَ جو شڪار جاٽي واٽي چونڊيو ويندو هو ۽ ساليانو ذبح ڪيو ويندو هو پر بعد ۾ ان رسم جي هڪ تخفيف طور ائين لڳي ٿو ته خود ندي ديوتائي اتفاق ذريعي پاڻ پنهنجو شڪار چونڊينديِ هئي، جيئن اسان اڳ ئي گذريل مثالن ۾ هڪ ڪان وڏيڪ دفعا اهو ڏسي چڪا آهيون. ٻين لفظن ۾ جيڪڏهن ڪو واتهڙو اتفاقاً نديءَ ۾ ڪري ٻڏي ويو ٿي، ته پوءِ به هن کي هڪ جاٽي واٽي قربانيءَ جي شڪار جي جاءِ تي قبول ڪيو ويندو هو. ان ڪري هڪ ٻڏندڙ ماڻهوءَ کي بچائڻ ۾ خطرو هوندو آهي، جو ته توهان ديوتائي چونڊ جي رستي سان هٿ چراند ڪريو ٿا ۽ ان جي قيمت توهانکي خود پاڻ اڳلو قربانيءَ جو شڪار بڻجندي ادا ڪرڻي پوندي. جڏهن سولومن ٻيٽن ۾ ڪو ماڻهو هڪ نديءَ ۾ اتفاقاً ڪري پوندو آهي ۽ شارڪ هن مٿان حملو ڪندو آهي، ته هن کي بچڻ جي اجازت نه ڏني ويندي آهي. جيڪڏهن هو شارڪ کي چڪمو ڏئي وڃڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، ته هن جا هم قبيلائي هن کي وري واپس ان نديءَ ۾ مرڻ لاءِ اڇلائيندا آهن، اهو سمجهندي ته هن کي نديءَ جي ديوتا آڏو قربانيءَ لاءِ منتخب ڪيو ويو آهي.“ ساڳئي نموني خود برطانيه ۾ لينڪيشائر ربل نديءَ کي هڪ پاڻيءَ جي غيبات هوندي آهي، جنهنکي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيگ اونيل سڏيو ويندو آهي، جيڪا هڪ پٿر جي مورتيءَ سان ظاهر ڪيل هوندي آهي: هاڻي اها مورتي ٻي سر ان وهڪري تي بيٺل آهي جتي ندي ويدان جي پٽن ۾ مٿي چڙهندي آهي (هن مثال جي اڦاڪا وٽ موجود چشمي جي اڊونس جي مقبري ۽ وٽن جي سلسلي سان ڀيٽ ڪيو). هي پيگ اونيل روايت مطابق، اصل ۾ ان علائقي جي هڪ ڇوڪري هئي، جنهن کي منترن ذريعي ماريو ويو هو ۽ جيڪا هاڻي هر ستين سال مطالبو ڪري ٿي ته هڪ زندگي ربل نديءَ جي پاڻيءَ جي نذر ڪرڻ گهرجي. جڏهن ”پيگ جي رات“ ستن حصن واري رات ختم ٿيڻ ويجهو ايندي آهي، جيستائين هڪ پکي، هڪ ٻلي يا هڪ ڪتي کي نديءَ ۾ نه ٻوڙيو ويندو آهي، اها هڪ انسان شڪار کي يقيني طور تي ڳڙڪائڻ لاءِ تيار هوندي آهي. هي لفظ پيگ بظاهر هڪ نندي بحري ديويءَ يا پاڻيءَ جي روح لاءِ ڪنهن پراڻي مقامي ڪيلٽڪ يا ان کان به آڳاٽي لفظ جو هڪ بگاڙ آهي، جو ته تيز ۾ هڪ ٻيو پيگ ـــ پيگ پائولر به آهي، جنهن لاءِ ٻارن کي نديءَ جي ڪناري لڳ ڪيڏڻ کان تنبيهه ڪئي ويندي آهي، ان خوف کان ته متان پيگ انهن کي نديءَ ۾ نه گهلي ڪٽي وڃي . هڪ ٻار جي قربانيءَ جون هھڙيون نشانيون ٻي انتها اهم آهن.

مان هلندي هلندي ان کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه نه ٿو ڪري سگهان سواءِ هي تجويز ڪرڻ جي ته اسانکي هنن ڪهاڻين ۽ رسمن ۾ ان عام ڏند ڪٿا جو وڌ ۾ وڌ امڪاني بڻ بڻياد ملي ٿو، جيڪا هڪ نوجوان يا ڪنواري ڇوڪريءَ کي اتي ٻوڙڻ جي ڪنهن سانحي ذريعي ندين جي ديوتائن يا ندين جي نندين ديوين جي وجود جو جواز ڏئي ٿي. اريٿوسا هڪ اهڙو مثال آهي، جيڪو هر ماڻهوءَ آڏو اچي ٿو. مان ان کان انڪار نه ٿو ڪيان ته هنن مثالن مان ڪيترن ۾ به نمايان تصور ـــ قربانيءَ جي شڪار انسان کي بطور هڪ آئيندي جي ديوتا طور ڏسڻ جو اوائلي تصور ۽ قربانيءَ جي انسان کي بطور شڪار يا قربانيءَ جي ڏسڻ جو بعد جو تصور، پاڻ ۾ منجهيل انداز ۾ گڏسڏ ٿي ويا آهن، پر مان اهو ضرور سوچيان ٿو ته اهو امڪان تجويز ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪجهه چيو ويو آهي ته ڪيترائي ندين جا ديوتا مصنوعي طور پئدا ڪيا ويا آهن ۽ اهو ته هي ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گهٽي حد تائين آبي ديوين ۽ آبي روحن جو بڻ بڻياد آهي. قصو حقيقت ۾ هميشہ انهن کي ائين ظاهر ڪري ٿو: اهي رڳو اسانجا ڏندڪٿائي ماهر آهن، جيڪي يوهيرزم کان سندن انڌي نفرت ڪري، هي واضح تعلق ڏسڻ کان قاصر آهن ۽ اهو تہ ويندي قربانيءَ جو اتفاقي شڪار بہ مرڻ کانپوءِ اڪثر ڪري هڪ نديءَ جو ديہ تا تصور ڪيو ويندو هو، اسان ان بوهيمين رسم مان واضح نموني ڏسي سگهون ٿا، جنهن ۾ هڪ نديءَ ڪناري اتي پوڄيو ويندو آهي، جتي هڪ ماڻهو ٻڏو هوندو آهي ۽ نديءَ ۾ تازي مانيءَ جو هڪ ٽڪرو ۽ ميڻ بتين جو هڪ جوڙو اڇلايو ويندو آهي، جيڪي هن جي روح کي پيش ڪيا ويندڙ واضح نذرانا هوندا آهن.

منهنجي نظر ۾ هت سان گهڙيل ديوتائن جا ٻيا بہ ڪيترائي قسم وجود رکن ٿا، جن جي وجود مٿان مونکي هتي خاموشيءَ ساڻ گذري وڃڻ گهرجي. اهڙا ديوتا هڪ جنگ جي شروعات مهل انساني يا ٻي قربانيءَ ذريعي پئدا ڪيا ويل هوندا آهن، اهي جنگي سپاهين کي ايندڙ ويڙهہ ۾ ان مقصد لاءِ رت جي ٻنڌڻن کان آزاد ٿي مدد ڪرڻ جي ارادي سان پئدا ڪيل ديوتا هوندا آهن. فائلارڪس مطابق هڪ انساني قرباني، يونان ۾ جنگين جي شروعاتن ۾ ڪنهن سمي حسب رواج هوندي هئي ۽ اسان کي خبر آهي تہ ايترو پري جيترو ٿيميسٽو ڪليس جي دور تائين سلامس جي لڙائيءَ کان اڳ ٽن قيدين کي قربان ڪيو ويو هو، افيجينيا جي قرباني هن سلسلي ۾ هڪ سنو قصائي مثال آهي، چاڪاڻ تہ اها هڪ ڪنواري هئي، شهزادي هئي، رهنما جي ڌيءَ هئي ۽ تنهنڪري هڪ ديوتائي يا شاهاڻي روح جي هڪ مثالي آزادي ! هتي بہ جيئن عام طور ٿئي ٿو، بعد جي عقلمندي ان عمل کي فاني گناهہ جي هڪ ڪفاري طور ظاهر ڪري ٿي پر اسانکي پڪ آهي تہ اصلي ڪهاڻيءَ ۾ اهڙو ڪو بہ اخلاقي يا ڪفاري وارو جزو شامل نہ هوندو آهي. اوائلي يهودين ۾ هڪ جنگ جو اعلان چوڌاري انساني قربانيءَ جي ٽڪرن موڪلڻ سان ڪيو ويندو هو: بعد جي يهودي دستور ۾ هيءَ رسم ساڙيل نذراني جي قربانيءَ ۾ سسي وئي: جيتوڻيڪ اسانکي هڪ وچٿري منزل پڻ ملي ٿي، جڏهن سائول هڪ ذبح ڪيل ڏڳي جا ٽڪرا موڪلي ٿو، جيئن مصنفن جي ڪتاب ۾ ليوائيٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسرائيلين کي اُڪسائڻ لاءِ پنهنجي داشتہ جون ڪتيل ٽنگون موڪلي چڏيون هيون. آفريڪا ۾ هڪ جنگ اچا تائين هڪ باضابطہ قربانيءَ ـــــ انساني يا جانور جي، سان شروع ڪئي ويندي آهي، ۽ مسٽر ايچ او فوربس هڪ ساڳي تقريب جو تصويري احوال ڏئي ٿو جيڪا تيمور جي بيٽ ۾ هڪ فوجي مهم کان اڳ ٿيندي آهي.

آخر ۾ مان رڳو اهو چوندس تہ تاريڪ رسمن يا مشڪوڪ قصن جي هڪ وڏي اڪثريت مونکي ديوتا ناهڻ جي ساڳين جاڙي واڙي ڪيل حرڪتن ذريعي وضاحت لائق لڳي ٿي. اهڙي قرباني زرعي رشتن ۾ ڪيتري عام هئي، اهو اسان ٿوري دير ڪانپوءِ ڏسنداسون پر مان سمجهان ٿو تہ زندگيءَ جي ٻين شعبن ۾ پڻ مستقبل جي تحقيق ڪئين ٻين رسمن کي ائين واضح ڪندي، جهڙوڪ ڪوڊرس، سردانا پلس، پي. ڊيسيس مَس ۽ اهڙن ٻين ڪيترن ئي بادشاهن، هيرن يا ديوتائن يا ديوين جي خودسوزي، ديوتائي هستيون جن جبلن جي اوچائين تان پنهنجو پاڻ کي سمندن ۾ ڪيرايو، ايم ڪرٽيس جو پنهنجو پاڙڪي فورم جي وڏي ڪڏ حوالي ڪري ڇڏڻ، انهن عاشقن جا مقبرا، جن کي سيميرميس زنده پوري ڇڏيو: مان سمجهان ٿو هنن سمورن مثالن جون ٿوريون يا گهڻيون ساڳيون معنائون آهن. مان سوچيان ٿو تہ ويندي اهڙيون ڪهاڻيون جيئن مينليس ٽارقئنس ۽ سندس پٽ جي ڪهاڻيءَ کي بہ مئاب جي بادشاهہ جي ڪهاڻيءَ ۾ ضم ڪرڻو پوندو جنهن پنهنجي پٽ کي ديوار مٿان قتل ڪيو يا ڪارٿيجينين جي ان ڪهاڻيءَ ۾ ضم ڪرڻو پوندو، جيڪي پنهنجن ٻارن کي ناراض ٿيل ديوتا آڏو قربان ڪندا هئا. رڳو بعد جي زماني ۾ ڪهاڻيءَ کي غلط نموني تشريح ڪيو ويو ۽ سخت ۽ اڻ لچڪيدار پراڻي رومن ضابطي جي فرضيل اخلاقيات ڏانهن اشارو ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويو. قربانين تي اڪثر زور پرڻ پڻ ان ڪري ضروري لڳي ٿو تہ جيئن مورتين ۽ مقدس رسمن جو تقدس متاهون رکجي: ٻين لفظن ۾ انهن ۾ هڪ نئون روح ڦوڪيو رهجي. اهڙي طرح ندين کي هر سال هڪ نئون ندي ديوتا گهربل هوندو هو ۽ تازو ئي اشانتي ۾ اهو معلوم ٿيو تہ هڪ پوڄمان تيستائين ڪو بہ 'ڪم' نہ ڪندو هو، جيستائين قربانيءَ جا انسان هن لاءِ جهجهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انداز ۾ قربان نہ ڪيا ويندا هئا. هي مشاهدو ڪرڻ لاءِ شايد هيءَ جڳهہ پڻ مناسب آهي تہ بلڪل جهڙي نموني جديد ڏاهپ طرفان عظيم ديوتا بعال کي ڪيترن ئي مقامي بعالن ۾ ورهايو ويو آهي ۽ جهڙي نموني جديد تحقيق ذريعي عظيم ديوتا ادونس کي هر مثال ۾ ڪيترن ادونن مان ڪنهن خاص ادونس يا آقا ۾ گهٽايو ويو آهي، تهڙي نموني مصنوعي طور تي تيار ڪيل اهڙو هر الڳ ديوتا، جيتوڻيڪ هڪ مشترڪ نالي ــ پرهہ يا تائبر سان سڏيو ويندو آهي، پوءِ بہ آخر تائين ڪجهہ نمايان سڃاڻپ رکندو آهي. حقيقت ۾ وڏا ديوتا فردن بجاءِ طبقا ٿين ٿا. اهو تہ ڪيترائي نمفس، ڪيترائي فئوني، ڪيترائي سلواني ۽ ڪيترائي مارتس هئا، طويل عرصي کان معلوم آهي. اهو هاڻي صاف ٿيڻ شروع ٿي رهيو آهي تہ ڪيترائي زحل، ڪيترائي جيوپيٽر، ڪيترائي جنونس، ڪيترائي ويستي بہ هئا. حتاڪہ يونان ۾ اهو گهٽو ممڪن آهي تہ عظيم ديوتائن جا عام نالا بعد جي زمانن ۾ مختلف پراڻن مقدس پٿرن ۽ مختلف بڻ بڻياد جي مقدس مقامن کي ڏنا ويا هجن، هر مثال ۾ پوڄا جي اصل شيءِ خودرو يا هتراڏو ديوتا هو: نالو صرف هڪ عام لقب هوندو هو، جيڪو مشترڪ طور شايد صفتاً ڪيترن اهڙن الڳ الڳ ديوتائن، مٿان رکيو ويندو هو. رومن ديومالا ۾ هي اصول هاڻي ڪافي پڪو پختو ٿيل آهي، سامين ۾ پڻ اهو ممڪن آهي. اڪثر بين ديومالائن ۾ جديد تحقيق جي ترقي آهستي آهستي ان نتيجي ڏانهن وٺي وڃي رهي آهي. حتاڪہ خود بي قابو ديوتا پنهنجي پهرئين بڻ بڻياد ۾ حقيقتاً واحد اڪلوتا ديوتا نہ ٿا لڳن، اهي بظاهر هھڙن عمومي فقرن جيئن اسانجو" آسمان" ۽ اسانجي رحمت مان ڦٽن ٿا، جيڪي پهريان هڪ مخصوص ديوتا مٿان لاڳو ڪيا ويندا هئا، جنهن لاءِ ان گهڙيءَ ڳالهائيندڙ سوچي رهيو هوندو آهي. زيوس يا جيوپيٽر علائقي سان تبديل ٿئي ٿو، اهڙي طرح جڏهن لاطيني پريٽر، لاطيني جنگ جي ڇڙڻ وقت رومن جيوپيٽر سان مقابلو ڪيو، اسانکي ان ڳالهہ جي پڪ ٿي سگهي ٿي تہ اهو هن کي نظر ايندڙ اصلي ديوتا هو، نہ ڪہ هن جي مٿان آسمان ۾ موجود خيالي ديوتا، جنهن کي هن پنهنجي مقدس شين جي بي حرمتي ڪندڙ للڪار ڏني هئي. حقيقت ۾ اسانکي خبر آهي تہ هرگوٺ ۽ هر فارم



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي پنهنجو پنهنجو جووس (مقامي ديوتا) هوندو هو، جنهنکي لازمي طور شراب جو هڪ ديوتا سمجهيو ويندو هو ۽ هن کي خاص طور تي اپريل ۾ شراب جي جشن تي پوڄيو ويندو هو، جڏهن شراب جي پهرئين ڪوڪي کي کوليو ويندو هو. ديوتائن جي هيءَ انفراديت ذهن ۾ رکڻ لاءِ هڪ اهم نڪتو آهي، ڇو ته بوليءَ جو لاڙو هميشه ڪيترن ساڳين ديوتائن کي عملي طور هڪ جهڙو ڪري سمجهڻ هوندو آهي، خاص طور تي مذهب جي بعد جي ۽ خيالي روپن ۾. هڪ واحد پڪو مثال هن عام متي کي اجا به وڌيڪ چٽو ڪرڻ ۾ مدد ڪندو. مان سمجهان ٿو ته سرحدن کي ان جي حدن ۾ هر موڙ تي قربانيءَ جي هڪ انسان کي ذبح ڪرڻ ذريعي ۽ ان هنڌ تي هن جي ياد ۾ هڪ مقدس پٿر کڙو ڪرڻ ذريعي، جتي هو مئو هوندو آهي، اصل ۾ مقامي ۽ مصنوعي ديوتائن جي سنڀال ۾ ڏنو ويو هوندو آهي. اڪثر ڪري عام اصول جي مطابقت ۾ پڻ لڳي ٿو ته هڪ مقدس وڻ کي ان مقدس پٿر جي يادگار پرسان پوکيو ويندو هو. قربانيءَ جو اهڙو هر انسان پوءِ هڪ سرحدي ديوتا، هڪ حفاظت ڪندڙ ۽ نگهباني ڪندڙ روح بڻجي ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ اڳتي لاءِ هڪ هرمس يا هڪ ٽرمينس طور ڄاتو ويندو آهي پر نه رڳو اڪيلي يونان ۽ اٽليءَ ۾ ڪيترائي هرمس ۽ ڪيترائي ٽرمينس هئا پر اهي سڄي دنيا ۾ موجود هئا. رڳو ڪجھ عرصو پوءِ هڪ عمومي ديوتا —— هرمس يا ٽرمينس، هنن سمورن الڳ ۽ انفرادي ديوتائن جي هڪ واحد خيالي تصور ۾ ضم ٿيڻ سان ٿيو. هڪ دفعو وري سرحدي ديوتا کي هر سال هڪ نئين قربانيءَ جي انسان سان نئون بنو ڪيو ويندو هو. اسانکي پنهنجن سرحدن تي نشان لڳائڻ جي رسم اهڙين ساليانين قربانين جي آخري مرندڙ نشاني لڳي ٿي. سرحدن تي بظاهر ان لاءِ نشان لڳايا ويندا آهن ته جيئن دشمن ارواحن وارا سمورا ڌاريا ديوتا ٻاهر ڪيي ڇڏجن؛ ان تقريب ۾ جيڪي ڇوڪرا وڏو حصو ادا ڪندا آهن، قربانيءَ جي انسانن جا نمائندا هوندا آهن. انهن کي هر ٽرمينس پٿر تي ٿڦڪا هنيا ويندا آهن، ٿورو ان ڪري ته جيئن هو برساتي غيبات طور ڳوڙها ڳاڙهن (هڪ رسم جي پوئواري طور جيڪا مسٽر فريزر اسان لاءِ ڄاتل سڃاتل بڻائي ويو آهي) پر ٿورو ان ڪري به ته سمورن مصنوعي طور تي ناهيل ديوتائن کي ڪنهن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سبب ڪري، جنهن ڪي مان سمجهان ٿو ته اسان اجا تائين نه سمجهي سگهيا آهيون، موت جي ننڊ سمهارڻ ڪان اڳ ۾ ڪوڙا هنيا ويندا هئا يا تشدد ڪيو ويندو آهي. هيءَ معقول تشريح ته چوڪرن کي ڦٽڪا هنيا ويندا آهن، ”ان لاءِ ته جيئن ڪين سرحدون ياد اچن“. ارڙهين صديءَ جي تيز نموني پيش ڪيل انهن عام رواجي سطحي تشريحن مان هڪ آهي. اها حقيقت ته هيءَ تقريب مقدس پٿرن يا انجيل جي شاهه بلوطن تي منعقد ڪئي ويندي آهي، ان جي اصل معنىٰ کي مناسب انداز ۾ ظاهر ڪري ٿي. ديوتا ذبح ڪندڙن جو نقطه نظر ان ڪهاڻيءَ ڪان وڌيڪ واضح نموني نه ٿو پيش ڪري سگهجي، جيڪا مسٽر وليم سمپسن، سر رچرڊ برٽن جي ٻڌائي ٿو. ائين لڳي ٿو ته رچرڊ برٽن، هندستاني سرحد تي هڪ پر انهين اسلامي علائقي جو سير ڪري رهيو هو ۽ اهو ڪم گهٽي ۾ گهٽي آزادي ۽ سهولت سان ڪرڻ خاطر هن پاڻ کي اسلام جي هڪ فقير جو ٻهروپ ڏنو اسلامي متن متعلق هن جي ڄاڻ ايتري گهٽي هئي جو جلد ئي ماڻهن هن کي بطور هڪ وڏ ۾ وڏ پاڪ ماڻهوءَ جي تمام گهڻي عزت ڏيڻ شروع ڪئي. هو پنهنجي ان ٻهروپ تي پاڻ کي مبارڪباد ڏئي رهيو هو ۽ ان ماتريءَ ۾ گهڻي وقت تائين رهڻ جي اميد ڪري رهيو هو، جڏهن هڪ رات چوريءَ ان ڳوٺ جو هڪ بزرگ هن وٽ لنگهي آيو ۽ هن کي منٿون ڪرڻ لڳو ته جيڪڏهن هو پنهنجي سلامتي چاهي ٿو ته ڳوٺ ڇڏي هليو وڃي. برٽن هن ڪان پڇيو ته ڇا ماڻهو هن کي پسند نه ٿا ڪن: تنهن تي بزرگ وراڻيو ته ’ها‘، اهو ئي مسئلي جو سبب آهي. حقيقت ۾ هنن هن جي غير معمولي تقدس جو اعلىٰ ترين ممڪن تصور هٿ ڪري ڇڏيو آهي ۽ هنن سوچيو آهي ته اها ڳالهه سندن ڳوٺ لاءِ ڪيڏي نه ڀلي ٿيندي جو اهڙي هڪ متقي ماڻهوءَ جو هڪ مقبرو حاصل ڪجي. ان ڪري هو هاڻي اهو سوچي رهيا آهي ته هو ڪهڙي بهتر نموني هن کي قتل ڪري سگهن ٿا. آيا هيءَ مخصوص ڪهاڻي سچي آهي يا ڪوڙي، پر اها گهٽ ۾ گهٽ تمام گهڻو چٽن رنگن ۾ ديوتا ذبح ڪندڙ عام ماڻهوءَ جي ذهن جي حالت کي ظاهر ڪري ٿي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب تير هون
## فصل جا ديوتا

مصنوعي طور ناهيل ديوتائن جي عجيب ٽولي مان وڌ ۾ وڌ دلچسپ اهي ديوتا آهن جيڪي زراعت جي سلسلي ۾ قربان ڪيا ويندا آهن. هي ديوتا ڪيترن ئي نقطه نگاهن ڪان اسانکي اپيل ڪن ٿا. پهرين ڳالهه اها ته اهي بطور هڪ ڪُل جي زراعتي نسلن ۾ پوڄا جون وڌ ۾ وڌ اهم ۽ عزت لائق شيون جوڙن ٿا. ٻي ڳالهه اها ته اهو گهٽي قدر انهن جي اثر ڪري يا جيئن مان سمجهان ٿو سندن مماثلت ڪري آهي جو ڪيترن ئي ٻين مصنوعي ديوتائن کي سالهو سال نئون ٻنون ڪيو وڃڻ لڳو. ٽين ڳالهه اها ته اهي زراعت جا ديوتا هوندا آهن جيڪي سيني ڪان وڌيڪ رسمي طور قتل ڪيا ويندا آهن، جن جي جسمن کي مانيءَ يا ڪاڌي پيتي جي ٻين شين جي صورت ۾ سندن پرستارن طرفان کاڌو ويندو آهي ۽ سندن رت شراب جي روپ ۾ پيتي ويندي آهي. هنن رسمي تقريبن جو عشاءِ ربانيءَ جي رسم جي قربانيءَ سان فوري رشتو ۽ يسوع مسيح جي ماني ۽ شراب سان هڪجهڙائي، اسانجي جاچ پڙتال جي هن شاخ کي، عيسائيت جي ارتقا جي نقطه نظر کان هڪ خاص اهميت بخشن ٿا. تنهنڪري اسانکي هنن خاص ۽ محڪماتي ديوتائن جي پئدائش ۾ ڪجهه ٿوري تفصيل سان داخل ٿيڻ گهرجي، جيڪي عيسائي مذهب جي مرڪزي ديوتائي هستيءَ جي ارتقا جي مک رستي ۾ ائين سڌو سنئون بيٺا آهن. سڄي دنيا ۾ جتي به زراعت وجوُد رکي ٿي، اناج يا اَن ديوتائن مکيه کاڌي جي ديوتائن پوءِ اها مکئي هجي، ڪارڪون هجن يا ڪڻڪ يا چانور هجن، جو هڪ خاص طبقو لڌو وڃي ٿو، ۽ هي انهن سمورن ديوتائن جو هڪ مشترڪ گڻ ٿئي ٿو ته اهي قربانيءَ جي انسانن يا نيم انساني شڪارن ذريعي ظاهر ڪيا ويندا آهن، جن کي هر سال فصل جي پوکائي وقت ذبح ڪيو ويندو آهي. هنن انساني ديوتائن لاءِ اهو عقيدو رکيو ويندو آهي ته اهي هڪ دفعو وري فصل جي صورت ۾ ظاهر ٿي پوندا آهن، جيڪو سندن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مقدس جسمن مان ڦٽندو آهي: سندن موت ۽ وري جيئري ٿي اٿڻ جو عمل تفريبن ۾ ملهايا ويندا آهن. ۽ انهن کي سندن پوڄارين طرفان ميون يا ڪيڪن ۽ شراب يا ديوتائي هستيءَ جي ڪنهن بئي جسماني روپ جي شڪل ۾ رسمي طور کاڌو ۽ پيتو ويندو آهي. تنهنڪري اسانکي هن عجيب وهم پرستيءَ جي بڻ بڻياد جي کوج ڪرڻ گهرجي. جيڪا مونکي لڳي ٿو تہ خود فصل پوکڻ جي اصليت کي بطور هڪ انساني رسم جي ڏسي ٿي ۽ مونکي پنهنجن پڙهندڙن جي شفقت ضرور ظاهر ڪرڻ کپي، جيڪڏهن مان ٿوري دير لاءِ هنن کان جدا ٿي ان موضوع ۾ داخل ٿيان جيڪو پهريان خالصتاً هڪ نباتياتي تجاوز لڳندو. اڪثر ماڻهو فصل پئدا ٿيڻ جي معمي کان خوفزده ٿيل هوندا آهن، مثال طور اسان هيئن چئون تہ هڪ خاص ٻوٽو هڪ فطري حالت ۾ رڳو پاڻيءَ ۾ يا ڪجهہ انتهائي ڀنل ۽ آلي ماحول ۾ وڌندو ۽ زنده رهي سگهندو آهي، توهان هن آبي ٻوٽي کي هڪ ڏينهن هڪ ڪرنيءَ سان ڪٽو ۽ انکي هڪ اُس واري باغ جي هڪ خشڪ زمين تي فوراً منتقل ڪري ڇڏيو: جڏهن اها نمي چاهيندڙ مخلوق بجاءِ سڪڻ ۽ مري وڃڻ جي، جيئن ماڻهو ان مان فطري طور اها توقع ڪندو آهي، وڌڻ شروع ڪندي آهي ۽ پنهنجي اصلي هنڌ کان پنهنجي سموري نماءَ ۾ وڌيڪ بهتر نموني ۽ وڌيڪ لطف اندوزيءَ سان وڌڻ شروع ڪندي آهي. يا توهان ڪنهن سڪل رڻپٽ جي جهاڙيءَ کي ان جي خشڪ جبل مان پٽي هڪ آلي ۽ مينهوڳي واري فضا ۾ آڻيو ۽ بجاءِ سسڻ جي. جيئن ڪو ماڻهو اهڙين بدليل حالتن ۾ اها توقع ڪندو، اها ٻاهر جهاڙيدار تهہ جي گهري شاهوڪار قالب ۾ هر پاسي ڦهلجي ويندي آهي ۽ اهڙو قد حاصل ڪري وٺندي آهي، جيڪو اهڙن ٻوٽن لاءِ پنهنجي اصلي ماحول ۾ حاصل ڪري سگهڻ نا ممڪن هوندو آهي. اسانجا باغ حقيقت ۾ اسانکي اهڙا ٻوٽا گڏ گڏ ڏيکاريندا آهن، جيڪي جهنگلي ماحول ۾ وڌ ۾ وڌ مختلف ۽ غيرمشابهہ رهائشون گهرندا آهن.

سائيبرين ٻوٽا ساڳي مٽيءَ ۾ تمام سٺي نموني ڦٽندا آهن، جنهن ۾ اٽيلين ٽيولپ بہ ڦٽل هوندا آهن. ڪوهستاني سيڪسيفريج ٻوٽو پنهنجا واڳٽائي سجاوٽي گلاب، دلدل چاهيندڙ مارش ميري گولڊ يا خشڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسپيني آئرس سان گڏ دوستاڻي رقابت ۾ ڦهلائيندا آهن. تنهنڪري دير يا سوير هڪ ڪوج ڪندڙ ذهن ۾ هڪ سوال اُڀري ٿو ته اهي سڀ هتي انسان جي ماحول ۾ هڪ ٻئي سان گڏ ايڏو سٺي نموني ڪيئن ٿا گذارن، جڏهن ته ٻاهرين دنيا ۾ انهن مان هرڪو هڪ انتهائي مختلف ۽ مخصوص صورتحال طلبي ٿو ۽ ان ۾ پاڻکي درست بيهاري ٿو؟ البت اهو رڳو هڪ ناتجربيڪار حياتياتي ماهر ئي هوندو جيڪو هن ظاهري ڳجهارت کان گهڻو وقت پريشان رهي سگهندو هو. هن معمي جو سچو حل تمام جلد ڏسي سگهندو، جيڪڏهن هن ڊارون جون تعليمات پڙهي ڇڏيون هونديون آهن ۽ انهن کي هضم ڪري ڇڏيو هوندو آهي. چو ته اصل حقيقت پوءِ اها باغ جي اندر هجي يا ان کان ٻاهر هجي، هيءَ آهي ته هنن ٻوٽن مان اڪثر تمام گهڻو مختلف آبهوائن يا حالتن ۾ تمام سٺي نموني وڌي ويجهي سگهن ٿا ـــ جيڪڏهن رڳو انهن کي ٻاهرئين مقابلي کان بچايو ويو هجي ته. اتي ئي اسانکي مسئلي جي اصل مشڪلات ملي ٿي. ائين ناهي ته پوسل چاهيندڙ ٻوٽا، خشڪ ماحولن ۾ زنده نه رهي سگهندا پر ائين آهي ته خشڪي چاهيندڙ ٻوٽا جيڪي ان ماحول لاءِ ماهر ۽ موافق ٺاهيل هوندا آهن، انهن ٻوٽن سان هڪ وڌي فائدي سان مقابلو ڪري سگهندا آهن، ان ڪري تمام ٿورڙي وقت ۾ انهن ٻوٽن کان بلڪل گوءِ کٽي ويندا آهن. فطرت ۾ جاندار جي هر ذات کي ٻين جاندارن سان لڳاتار هڪ اٽڪت مقابلي کي منهن ڏيڻو پوندو آهي ۽ هر جاندار پنهنجي سرزمين تي ٻين مقابلو ڪندڙن کي شڪست ڏئي سگهندو آهي. پر هڪ باغ ۾ جيڪا شيءِ اسانجو نشانو هوندي آهي، اها مقابلي بازيءَ کي محدود ڪرڻ ۽ روڪڻ هوندي آهي: هرجيوت کي زنده رهڻ جو مناسب موقعو ڏيڻ هوندو آهي، ويندي اهڙين حالتن ۾ به جتي ٻيون ماحول سان بهتر نموني نهڪيل ذاتيون ان جيوت کي اڪثر مات ڏئي سگهنديون آهن. حقيقت ۾ اهو ئي آخر ۾ سيڪجهه هوندو آهي جيڪو هڪ باغ مان مطلب هوندو آهي يعني زمين جو هڪ اهڙو ٽڪرو جنهنکي ان جي فطري ساوڪ (جنهنکي عام طور گاهه/ ٻوڙا ڇيو ويندو آهي) کان صاف ڪيو ويو هوندو آهي ۽ صاف رکيو ويندو آهي ۽ جنهنکي جاڻي واڻي اهڙن ٻين ٻوٽن سان پريو ويندو آهي، جن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي گندگاهہ هوندن جيڪر ماري سگهائي ٿي. جيڪڏهن انهن ڪي هٿراڊو نموني ائين ڪرڻ ڪان روڪيو نہ وڃي تہ.

اسان هن نقطہ نظر جي سچائي ان مهل ڏسندا آهيون جڏهن هڪ باغ جي سارسنڀال مان هٿ ڪڍيا ويندا آهن يعني انکي بي يارو مددگار فطرت جي رحم ڪرم تي ڇڏي ڏنو ويندو آهي. اهي ٻوٽا جن سان اسان ان باغ کي پري ڇڏيو هوندو آهي، ٿوري دير لاءِ هڪ جهيٽي ۾ غيريقيني انداز ۾ رڪجي رڪجي سفر ڪندا آهن پر آخرڪار نيٺ وڌيڪ مضبوط ۽ بهتر نهڪيل ٻوڙا انهن کي صفا ختم ڪري ڇڏيندا آهن، جيڪي ان علائقي جي فطري هريالي هوندا آهن. ڊاڪ ۽ وچون ٻوٽو وقت گذرڻ سان لارڪ اسپر ۽ پيوني جا نشان مٽائي ڇڏيندا آهن. ٿورن لفظن ۾ باغ ۾ ضروري شيءِ زمين کي ٻوڙن کان صاف ڪري ڇڏڻ هوندو آهي، يعني ٻين لفظن ۾ مقامي ساوڪ کان. ٻين ڪجهہ ننڍڙين ڳالهين جيئن زمين کي پاڻ ڏيڻ، زمين جي کيڙائي، زمين کي پناهہ سان محفوظ ڪرڻ وغيره جو ان ۾ اضافو ڪجي يا نہ ڪجي پر هڪ باغ لاءِ زمين کي ٻوڙن کان صاف ڪرڻ ئي هڪ واحد گهربل شيءِ هوندي آهي. پهرين نظر ۾ هي نڪتو هلڪو لڳي ٿو پر مان سمجهان ٿو تہ ان ۾ ڪاشتڪاريءَ جي بڻ بنياد ۽ تنهنڪري ان جي نتيجي ۾ زراعت جي ديوتائن جي بڻ بنياد جو سڄو راز سمايل آهي. جو تہ جي حقيقت ۾ ڏسجي تہ فصل اپائڻ، زمين جي صفائي ڪرڻ هوندو آهي ۽ زمين کي گند گاهہ کان صاف ڪرڻ ئي فصل اپائڻ آهي. جڏهن اسان چئون ٿا تہ هڪ خاص قوم ڪاڏ خوراڪ جو هڪ خاص ٻوٽو پوکي ٿي، اسان جو مطلب آخرڪار ان ڪانسواءِ ٻيو نہ هوندو آهي تہ اها ان ٻوٽي کي اهڙي زمين ۾ پوکي يا لڳائي ڇڏيندي آهي جنهن کي مصنوعي طور تي ان سان مقابلو ڪندڙ ٻين ٻوٽن کان صاف ڪيو ويو هوندو آهي: ٻوٽن/ ٻجن کي صفائيءَ ڪانسواءِ پوکڻ قطعي طور تي بيڪار هوندو آهي. اهڙي طرح فصل پوکائيءَ جي بڻ بنياد جو سوال خود پاڻکي نيٺ هن سوال ۾ حل ڪري ٿو تہ آخر ڪيئن ڪجهہ ماڻهن کي اها خبر پئي تہ زمين کي ٻوڙن کان صاف ڪرڻ ۽ صاف رکڻ ذريعي هو ڪن من پسند انساني کاڌن جي واڌ کي هٿي ڏئي سگهيا؟ شروع ڪرڻ لاءِ


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ بطور تمهيد جي انين چئجي ته فصل پوکڻ جي اصليت جو مسئلو ان کان تمام گهڻو پيچيده لڳي ٿو. جيترو اهو پهرين نظر ۾ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. چو ته اسانکي نه رڳو اهو پڇڻو آهي جيڪو سوال اهڙي چڪاس کان ناآشنا هڪ کوجيءَ کي پيچيده لڳي سگهي ٿو، ته "اوائلي وحشي انسان پهريون ڀيرو اهو ڪيئن دريافت ڪيو ته ٻج بهتر نموني ڦٽندا جڏهن انهن کي کليل زمين ۾، جيڪا اڳواٽ ئي ٻوٽن کان يا فطري مقابلو ڪندڙن کان صاف ڪيل هوندي آهي پوکيو ويندو؟ پر ٻيو ۾ اجا ٻه وڌيڪ ڏکيو سوال اهو پڇڻو آهي ته" اوائلي وحشي ماڻهوءَ کي آخر اها خبر ڪيئن پئي ته ٻوٽا، ٻجن مان ئي ڦٽندا آهن؟

هن سوال کي مان معاملي جي اصلي ڳجهارت سمجهان ٿو ۾ اهو ئي سوال آهي جيستائين مونکي خبر آهي، جيڪو انساني ترقيءَ جي ٻڻ ٻڻياد ۾ تاريخ ۾ سمورن کوجين کان هيل تائين ڳسي ويو آهي.

هن مشڪل جي گهري نوعيت کي مڪمل نموني سمجهڻ لاءِ اسانکي ذهني طور اوائلي انسان جي صورتحال ۾ حالت ۾ پاڻ کي اچلائڻ گهرجي. خود اسانکي گهڻي عرصي کان خبر آهي ۾ ان حقيقت کان ايترو آشنا ٿيل آهيون ته ٻوٽا ٻجن مان ڦٽندا آهن، ته ٻج ئي هڪ نباتياتي جيو جو ضروري پئدائشي حصو ٿيندو آهي: اسان ڄاڻ جي هن عام تڪرن کي نه سوچڻ پنهنجي لاءِ ڏکيو سمجهندا آهيون ته جيڪا ڳالهه اسانکي لڳ ڀڳ صاف ظاهر سچ لڳندي آهي. هڪ اوائلي وحشي انسان کي هڪ طويل ۾ ڏکيو معاملو لڳندو آهي. بيشڪ حقيقت سان اسانجي عام ۾ يقيني واقفيت مڪمل طور تي زراعت جي عمل مان ورتل هوندي آهي. اسان ٻجن کي پوکجندي پنهنجي اوائلي ٻچپن کان ڏسندا اچون ٿا پر زراعت جي واڌ ويجهه کان الڳ، ٻج ۾ سلي جي وچ ۾ تعلق اوائلي وحشي انسان غالباً نه ٿي ڄاڻي سگهيو يا ان جو ڪو شڪ به ڪري ٿي سگهيو. اهو ته ٻج ٻوٽي جو پئدائشي حصو هوندو آهي، هڪ اهڙي حقيقت هئي جنهن جو خيال هن جي دماغ ۾ اچڻ جو امڪان تمام گهٽ هو. جيئن هي حقيقتون ته زردار حصا ٻوٽن جا نر عضوا هوندا آهن يا پن ڪاڏي کي ڇهڻ ۾ هضم ڪرڻ جا عضوا هوندا آهن. هو رڳو اهو ڏسي ٿي سگهيو ته ٻوٽا ٻجن مان ٻج پوکڻ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن هڪ هرڻ يا هڪ شڪاري پکي ماري ڇڏيو هوندو آهي. ان جو ڪو حصو يا آنو ان آسري ۾ زمين ۾ ڪونه پوري ڇڏيندو آهي ته اهو پوءِ وڌيڪ هرڻين يا پکين ۾ تبديل ٿي ويندو. ته پوءِ ڇو هو انهن ميون يا جهنگلي اناجن مان جيڪي هن هٿ ڪيا هوندا آهن ڪي زمين ۾ پوري ڇڏي ۽ هڪ فصل جو آسرو ڪري؟ ڇا ڪڏهن ڪو اهڙو طريقو هو جنهن ۾ قديم انسان سچ جي هڪ ڄاڻ مٿان اکيون ٻوٽي وڏي غلطي ڪري ڇڏي هجي ۽ اتفاقي طور تي پنهنجي زندگيءَ جي ڪنهن ٻئي ڪارج سان به ضروري حقيقتون دريافت ڪري سگهيو هجي ته ٻوٽا، ٻجن مان ڦٽندا آهن ۽ اهو ته ڪاڏي جي ڪارائتن ٻوٽن جي واڌ ويجهه ۽ رسد اهڙن ٻجن کي ٻوڙن کان پاڪ تيل يعني فطري مقابلو ڪندڙ ساوڪ کان صاف ڪيل زمين ۾ پوري ڇڏڻ يا پوکي ڇڏڻ سان هٿراڌو نموني وڌائي سگهجي ٿي؟ مان سمجهان ٿو ته ان جو صرف ۽ صرف هڪ رستو هو جنهن ذريعي قديم انسان انهن حقيقتن سان مانوس ٿي ويڄو هو.

مان اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندس ته قديم زراعت جا سمورا عمل، پوکائيءَ جي هن عجيب ۽ تقريباً جادوئي بڻ بڻياد ڏانهن تمام زور سان اشارو ڪن ٿا ۽ اهو ته وحشي ماڻهن جي سڄي زراعت آخر تائين ان بڻ بڻياد جون ڪئين نشانيون رکندي اچي ٿي ۽ خود ٻج کي پوکڻ ان پيچيدي عمل جو هڪ اهم ۽ ضروري حصو مشڪل سان سمجهيو ويندو آهي، جيئن ڪجهه خالصتاً وهمي ۽ رت پياسي رسمن کي سمجهيو ويندو آهي جيڪي ان عمل سان گهٽي وقت کان گڏ هونديون آهن. پڙهندڙ کي وڌيڪ ڪنهن به شڪ ۾ نه رکندي هڪ لفظ ۾ مان اهو مڃڻ ٿي جهڪيل آهيان ته پوکائي ۽ فصلن لاءِ ٻج پوکڻ جي عمل جو آغاز لاشن کي دفنائڻ جي قديم رسم جي هڪ ملحقه شيءِ طور ٿيو.

ڪمن جو هي سلسلو جنهن ۾ قديم ماڻهن اصل ۾ زراعت جا سمورا ڪم ان جو ٿورڙو به ارادو ڪرڻ ڪانسواءِ ادا ٿي ڪيا، مري ويل کي دفنائڻ جو لڳ ڀڳ هڪ عالمگير عمل آهي. جيستائين مان ڏسي سگهان ٿو لاش کي پورڻ ئي اهو مقصد آهي، جنهن لاءِ اوائلي قومون يا نيچ وحشي ماڻهو زمين کي ڪڏهن اکيڙيندا يا کوٽيندا هئا. اسان اڳ ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڍهن ڏسي چڪا آهيون تہ لاش کي پوري چڏڻ جو اصلي مقصد، مري ويل ماڻهوءَ جي روح کي يا لاش کي هن متان زمين جو هڪ وزن رکڻ ذريعي محدود ڪري ڇڏڻو هو ۽ اهو متان هن جي مصيبت پيدا ڪندڙ بيهر ظهور کي روڪڻ لاءِ ناڪافي ثابت ٿي پوي، ان ڪري اڪثر ڪري هن جي قبر متان هڪ وڏو پٿر رکيو ويندو هو. جيڪو اسانجن سمورن يادگارن جو بڻ بڻياد آهي، جيڪي هاڻي مري ويل جي عزت ۽ يادگيريءَ ڏانهن موڙيا ويا آهن. پر جنهن نڪتي ڏانهن مان هاڻي توجهہ ڪرائڻ چاهيان ٿو اهو هي آهي تہ مري ويل کي پورڻ جي رسم ۾ ۽ صرف ان رسم ۾ اسان زمين کي اکيڙڻ، تازي مٽيءَ کي ظاهر ڪرڻ ۽ اهڙيءَ طرح اتفاق سان ٻوٽن جي پاڙ پٽي ڇڏڻ جي پهرين شروعات ڏسون ٿا. ٿورن لفظن ۾ هتي اسانکي زراعت جي ارتقا جو پهريون ضروري پيش خيمو ملي ٿو.

ٻيو ڏاڪو ظاهر آهي تہ ٻج پوکڻ جو هجڻ گهرجي ۽ هتي مان اهو سوچڻ جي جرئت ڪيان ٿو تہ تدفين جون رسمون اسانکي اهو واحد قابل فهم رستو مهيا ڪري ڏين ٿيون، جنهن ۾ اهڙي (ٻجن کي) پوکڻ جي عمل جو ڪڏهن آغاز ٿي سگهيو. جوتہ اوائلي ماڻهو يقيناً انهن قيمتي ٻجن کي زرعي پيداوار جي سکڻن تجربن ۾ ضايع نہ ڪندو، جن کي پنهنجي چوڌاري موجود جهنگلي ٻوٽن مان ڪٺي ڪرڻ ۾ هن کي ايترو وقت ۽ محنت ڪرڻي پوندي هئي. پر اسان ڏسي چڪا آهيون تہ سيني وحشي انسانن جي اها رسم هوندي آهي تہ پنهنجن ابن ڏاڏن جي مقبرن تي انهن ئي ڪاڏن ۽ مشروبات جا نذرانا پيش ڪن، جن کي هو خود پاڻ استعمال ڪرڻ جا عادي هوندا آهن. هاڻي شڪار ڪندڙ ماڻهن ۾ اهي نذرانا بيشڪ اڪثر ڪري گوشت جا، شڪار ڪيل جانورن يا پکين جي ماس جا هوندا هئا پر انهن ۾ مڇي، ميوا، ٻج،گجرون ۽ ٻير پڻ شامل هوندا هئا ۽ خاص ڪري اهڙا جهجها اناج جيئن مقامي داليون ۽ ان پڻ شامل هوندا هئا. مري ويلن جي قبرن تي پيش ڪئي ويندڙ اهڙين شين جا ثبوت ايترو تہ وافر انداز ۾ ڊاڪٽر ٽائلر، مسٽر فريزر ۽ مسٽر هربرٽ اسپينسر طرفان ڪٺا ڪيا ويا آهن جو مونکي هتي ان ايڏي جاٽل سجاتل رسم جي وڌيڪ مثالن ڏيڻ جي ضرورت نہ آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ته پوءِ ان ڳالهه جو صاف نتيجو ڇا هجڻ گهرجي؟ هتي ءِ رڳو هتي. وحشي انسان غيرشعوري طور تي تازو اکيڙيل زمين ۾ ٻج پوکي ٿو. جنهن کي ٻوٽن کان صاف ڪيو ويو هوندو آهي ءِ انکي وڏيڪ جهجهين قربانين جي رت ءِ گوشت جو پاڻ ڏنو ويندو آهي. اڪثر ڪري هي ٻج ضرور ڦٽي پوندا آهن ءِ وڌندا ويندا آهن. هڪ اهڙي تيزيءَ ءِ جهجهائپ سان. جيڪا اوائلي شڪاريءَ جو ڌيان ڇڪائڻ کان رهي نه پئي سگهي. هي معاملو خاص طور تي ٻوٽن جي اهڙي قسم سان لاڳو ٿئي پيو، جيڪي نيٺ مهذب معاشري جي کاڌ خوراڪ جي فصلن ۾ اوسر ڪري وڃڻا هئا. چوته هنن ٻوٽن جي انوکيت هيءَ آهي ته اهي سڀ جو سڀ —— مڪئي، ان، چانور، مٽر، ڦريون ءِ ٻاجهري، ٽڪڙي واڌ ءِ غير معمولي قد وارا ساليانه فصل هوندا آهن: هي اهڙا ٻوٽا آهن جن وجود جي ويڙهه ۾ ٻنهنجي سلي جي استعمال لاءِ پنهنجن ٻجن ۾ استعمال لائق کاڌي جا وڏا ذخيرا ڪٺا ڪرڻ ذريعي، پاڻکي زنده سلامت رکيو آهي ءِ هن انوکيت هنن کي هر نسل ۾ پنهنجي زندگي انتهائي خوشحال بڻائڻ جي قابل بڻائي ڇڏيو آهي ءِ اهڙي طرح هو پنهنجن ٻين سمورن ٻوٽن سان بهتر نموني مقابلو ڪري سگهندا آهن. اهڙي قسم جا ٻج هڪ قبر يا ڌڙي جي تازي اُکيڙيل ءِ پلي نموني پاڻ ڏنل زمين ۾ تمام تيزيءَ سان ڦٽندي اتي جهجهي ءِ کائڻ لائق اناج جو هڪ مقدار پيدا ڪندي، ان عملي ءِ مشاهدو ڪندڙ ماڻهوءَ ـــ وحشي انسان جو يقيناً ڌيان ڇڪيندا. چوته جيتوڻيڪ وحشي ماڻهوءَ کي انهن شين لاءِ ڪوبه تجسس نه هوندو آهي، جيڪي غيرضروري هونديون آهن، پر هو انهن سمورين شين لاءِ خاص طور تي هڪ ديوانو شخص هوندو آهي، جيڪي هن جي پنهنجي فوري فائدي واريون هونديون آهن.

هن مثان هڪدم ڪهڙو نتيجو ڪڍيو ويندو؟ ته تازي کيڙيل ءِ سنو پاڻ ڏنل زمين ۾ پوکيل ٻج ٽيڻا يا چئوڻا فصل ڏيندا، اهڙي قسم جي ڪابه شيءِ نه. هو ٻجن، پاڻن ءِ زمينن بابت ڪجهه به نه ڄاڻيندو آهي. هو يڪدم پاڻ جهڙن ٻين وحشي ماڻهن وانگر اهو نتيجو ڪڍندو ته قبر ۾ موجود پوائنٽو ءِ طاقتور روح ڪيس پيش ڪيل گوشت ءِ ٻجن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تحفن مان خوش ٿي. انهن تحفن جو بدلو پنهنجي بدن مان هڪ داڻي جي بدلي ۾ سئو داڻا پيدا ڪندي ڏئي رهيو آهي. خيالن جو هي اصلي رشتو مونکي لڳي ٿو پوت يا روح جي اَن يا ٻئي ڪاڏي سان عجيب سڄاڻپ کي مڪمل نموني واضع ڪري ٿو. جنهن کي مسٽر فريزر پنهنجي ڪتاب ”جادو ۽ سائنس“ ۾ ايڏو خوبصورت ۽ فيصلائتي نموني وانگو ڪيو آهي. اهڙين حالتن هيٺ سڀ ڪان پهريان بيشڪ وحشي ماڻهو. پاڻ کي صرف انهن ٻجن کي ڪٽڻ ۽ ڪائڻ تائين مطمئن رکندو آهي جيڪي سندس بادشاهن ۽ هم قبيلائين جي قبرن يا ڏڙن تي اهڙي نموني اتفاقاً ڦٽا هوندا آهن. پر وقت گذرڻ سان پوءِ يقيني طور تي ائين ٿيو هوندو جو ڪاشتڪاريءَ جي حد ڪجهه وڌائي وئي هوندي. اهڙي وڌاءَ لاءِ منهنجي خيال ۾ پهريون قدم ان مشاهدي مان ڦٽو هوندو ته اناج ۽ ٻيا ٻج رکو تازين ناهيل قبرن مٿان غيرمعمولي انداز ۾ وڌيا ٿي. نه ڪه سمورين قبرن مٿان عام طور، چوته جيئن ئي قدرتي جهاڙيون وري ڪر ڪٽنديون آهن، روح جي تخليقي طاقت ختم ٿي ويل لڳندي آهي. اهڙي طرح ٿي سگهي ٿو ان ڳالهه کي سنو سمجهيو ويندو هجي ته هميشه تازن روحن کي ئي زرعي مقصدن لاءِ ڪتب آڻجي. ان سبب ڪري ئي آهستي آهستي پوکڻ جي وڏ ۾ وڏ موافق وقت تي هر سال هڪ نئين قبر ناهڻ جي عادت ڦٽي سگهي ٿي، جيڪا آخرڪار نيم شعوري تجربي ۽ مشاهدي ذريعي مڃتا ماڻي وڃندي آهي ۽ هيءَ نئين قبر، جيئن مان ائين مڃڻ لاءِ تورو پوءِ سبب ڏيڪاريندس، هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي قبر نه هوندي آهي جيڪو اتفاقي طور اتي مري ويو هوندو آهي پر هڪ اهڙي قربانيءَ جي ماڻهوءَ جي هوندي آهي جنهن کي ڄاڻي واڻي ساوڪ جو هڪ روح، هڪ مصنوعي ديوتا، مهيا ڪري ڏيڻ ۽ اناج کي طاقت ۽ جهجهائپ سان ڦٽائڻ لاءِ اتي قتل ڪيو ويو هوندو آهي.

مان سمجهان ٿو ته اها ڳالهه ڏاڪي ٻه ڏاڪي پوري تفصيل سان معلوم ٿي ويندي ته رکو گهڻي ايراضيءَ ۾ زمين کوٽڻ سان قربانيءَ جي ديوتائي شخص جي اصل قبر جي چوڌاري ۽ ان مٿان اَن سني نموني ڦٽندو آهي. اهڙي طرح آهستي آهستي زرعي زمين وسيع پئماني تي صاف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيل. ڪوتيل يا هٿ سان اکيڙيل ۽ آخر ۾ هر کيڙيل زمين پئدا ٿي جيڪا پوءِ بہ نظر ئي ۽ سمورن جوهرن ۾ هڪ قبر ئي هئي.

مون هيءَ طويل ۽ بظاهر غيرضروري تمهيد ڏيڻ جي زحمت ڪئي آهي ڇاڪاڻ تہ مان اهو واضع ڪرڻ چاهيان ٿو تہ فصل جي زمين يا ڪاشت ڪيل زمين جو گهڙيل يا هٿرادو ديوتا، زراعت جي بڻ بڻياد جيترو ئي قديم آهي. هڪ ديوتا ڪانسواءِ ڪابہ فصل جي زمين نہ هوندي آهي ۽ مان سمجهان ٿو تہ فصل جي زمين کي گهٽي وقت کان صرف سندس زرعي روح جي مجسم طور سمجهيو ويندو آهي. ان ڪان بہ وڏيڪ، ڪاشت ڪيل زمين اسانجي زماني ۾ ۽ ويندي اسانجي پنهنجي ملڪ ۾، نظرئي ۾ هڪ قبر ئي هوندي آهي.

موجوده وقت تي ائين چوڻ صرف هڪ عام ڳالهہ آهي تہ قديم انسانن ۽ وحشين ۾ زندگيءَ جي هر عمل کي هڪ مقدس اهميت هوندي آهي ۽ زراعت خاص طور تي هر هنڌ ۽ هميشہ هڪ خاص تقدس سان نوازيل هوندي آهي. اسان لاءِ اها ڳالهہ فطري آهي تہ ٻج پوکڻ جي عمل کي خالصتاً عملي ۽ حياتياتي ليکيو وڃي، تہ ٻج کي محض، پئداوار لاءِ مخصوص ڪيل ٻوٽي جي صرف هڪ حصي طور ڏٺو وڃي ۽ ان جي ڦٽڻ جي عمل کي هڪ فطري ۽ عام رواجي عمل طور قبول ڪيو وڃي. وحشي ۽ اوائلي انسانن وٽ بهرحال اهڙا کي بہ تصور ڪونہ هئا. هنن آڏو سموري شيءِ، فطري جادوءَ جو هڪ حصو هئي: توهان ٻج پوکيو يا اجا بہ وڏيڪ صحيح چئجي تہ توهان تازو کيڙيل زمين ۾ ڪجهہ جادوئي رسمن ۽ تقريبن سان ڪاڏي جا ڪجهہ داڻا پوريو ۽ پوءِ هڪ خاص وقت جي وٿيءَ ڪانپوءِ ان زمين تي ٻوٽا ڦٽڻ شروع ٿيندا ۽ آخر ۾ توهان مڪئي، ڪڻڪ يا جون جو هڪ فصل حاصل ڪري وٺندا. ٻجن يا داڻن جو پورجڻ، جادوئي چڪر جو رڳو هڪ حصو هوندو آهي، خواهش ڪيل نتيجي جي حاصلات لاءِ ڪيترن ٻين حصن ڪان وڏيڪ اهم نہ.

۽ اهي ٻيا ضروري جادوئي عمل ڪهڙا هوندا آهن تہ جيئن ان ڏيندڙ ٻوٽا ان زمين مٿان ڦٽي سگهن جيڪا انهن جي آڏرڀاءَ لاءِ تيار ڪئي وئي هوندي آهي؟ مسٽر فريزر ان سوال جو جواب ڏيڻ لاءِ ڳچ ثبوت



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنا ڪيا آهن. جن جو نندڙو حصو مان هتي پيش ڪندس. ساڳئي وقت مان چاهيندس تہ اهو صاف نموني سمجهيو وڃي تہ مسٽر فريزر، ڪنهن بہ طرح سان ذاتي طور ان استعمال لاءِ ذميوار نہ آهي، جيڪو مان هتي سندس تعريف لائق مواد جو ڪيان ٿو.

سموري دنيا ۾ وحشي ۽ نيم مهذب ماڻهو انسانن جون قربانيون ڏيڻ جا عادي آهن، جن جي لاشن کي زمين ۾ اُن يا ٻئي ڪنهن ڪائڻ جي شيءِ جي ٻجن سان ساڙيو ويندو آهي. اڪثرڪري قربانيءَ جي ان انسان جي رت کي ان سان ملايو ويندو آهي تہ جيئن اها انکي زرخيز بڻائي. وڌ ۾ وڌ مشهور مثال اوڙيسا جي کوندن جو آهي، جيڪي قربانيءَ لاءِ خاص شڪار جن کي ميرياھ سڏيو ويندو آهي، چوندبيندا آهن ۽ انهن کي سني فصل تيڻ لاءِ قربان ڪري ڇڏيندا آهن. ميرياھ کي قربان ڪري ڇڏڻ کان اڳ ۾ اڪثرڪري سالن کان محفوظ ڪري رکيو ويندو آهي. هن کي هڪ مقدس هستيءَ طور ليکيو ويندو آهي، ساڻس انتهائي پيار ۽ ادب سان ورتاءُ ڪيو ويندو آهي. هڪ ميرياھ نوجوان کي بالغ ٿيڻ تي هڪ زال ڏني ويندي آهي، جيڪا پڻ هڪ ميرياھ هوندي آهي؛ سندن سموري اولاد کي بطور قربانيءَ جي شڪارن جي تاتيو ويندو آهي. مسٽر فريزر چئي ٿو، ”وقتاً فوقتاً قربانيون، عمومي طور   قبيلن ۽ قبيلن جي شاخن طرفان اهڙي نموني ترتيب ڏنيون ونديون اهن جو هر خاندان جي سربراھ کي گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ هڪ دفعو گوشت جو هڪ ٽڪرو پنهنجين زمينن لاءِ حاصل ڪري وڃڻ جي لائق بڻايو ويندو آهي. عام طور اهڙي وقت تي جڏهن هن جو مک فصل لهندو آهي.“ قربانيءَ جي ڏهاڙي، جيڪا پنهنجن تفصيلن ۾ بيان ڪرڻ کان وڌيڪ پوائتي آهي، قربان ڪيل شخص جي لاش کي ٽڪرن ۾ ڪٽيو ويندو آهي ۽ اهڙيءَ طرح ڪپيل گوشت فوراً انهن ماڻهن طرفان گهر ڏانهن کنيو ويندو آهي، جن کي هر ڳوٺ اهو ڪٽي اچڻ لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو هوندو آهي. پنهنجي منزل تي پهچڻ ڪانپوءِ انکي پادريءَ طرفان ٻن حصن ۾ ورهايو ويندو آهي؛ هڪ حصي کي هو زمين ۾ کيل سوراخ ۾ پنهنجي پٺي ڏئي، هن کي نهارڻ کانسواءِ پوري ڇڏيندو آهي. پوءِ ڳوٺ جو هر ماڻهو ان کي ڍڪڻ لاءِ ان مٿان مٽي وجهندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پادري ان ننڍڙي کوڙ مٿان پاڻي هاريندو آهي. گوشت جي ٻئي حصي کي پادري اوترن حصن ۾ ورهائي ڇڏيندو آهي، جيترا اتي گهرن جا سربراهه موجود هوندا آهن. هرهڪ گهر جو وڏو پنهنجي حصي ۾ آيل گوشت جو ٽڪرو پنهنجي زمين ۾ پوريندو آهي، انکي پنهنجي پٺني ڏيندي ۽ ان کي نهارڻ کانسواءِ. قربان ٿيل انسان جي جسم جا ٻيا حصا ـــ مٿو، هڏا ۽ آنڊا۔ هڪ جنازي جي کوڙ تي ساڙيا ويندا آهن ۽ انهن جي خاڪ کي زمينن تي ڦهلايو ويندو آهي يا نئين اَن سان انکي ڪنهن نقصان کان بچائڻ لاءِ ملايو ويندو آهي.

هنن تفصيلن مان هرهڪ کي خبرداريءَ سان نوٽ ڪرڻ گهرجي.

هاڻي هن معاملي ۾ اهو منهنجي لاءِ بلڪل صاف آهي ته هر زمين کي لازمي طور هڪ قبر سمجهيو ويندو آهي ۽ قربانيءَ جي ديوتائي شڪار جا حصا ان ۾ پوريا ويندا آهن؛ هن جي خاڪ ٻجن سان ملائي ويندي آهي ۽ اهڙي طرح ورتاءُ ڪيل زمين مان هو وري ان، ڇانورن يا هيٺ جي شڪل ۾ ڦٽندو آهي. هي رسمون، جيئن مسٽر فريزر صحيح نموني نوٽ ڪيو آهي، ”اهو تجويز ڪن ٿيون ته ميرياهه جي جسم ڏانهن فصلن کي ڦٽائڻ جي هڪ سڌي يا اندروني طاقت منسوب ڪئي ويندي هئي.“ ان ڪان ٻه وڏيڪ مونکي لڳي ٿو ته خود ٻج کي هڪ فصل پئدا ڪرڻ لاءِ ڪافي نه سمجهيو ويندو آهي، اهو مقدس قبر ۾ ديوتائي گوشت سان گڏ پوريل ٻج هوندو آهي، جيڪو آخرڪار ايندڙ سال جي کاڌخوراڪ ۾ ڦٽندو آهي.

هن اهم مثال بابت، جيڪو هٿ سان گهڙيل ديوتا جي وڏ ۾ وڏ مثالي مثالن مان هڪ آهي، ٿورا ٻيا نقطا به نوٽ ڪرڻ گهرجن. ميرياهه صرف تڏهن مطمئن ڪندڙ هو، جيڪڏهن هن کي خريد ڪيو ويو هوندو هو، ”هو هڪ قيمت تي خريد ڪيل هوندو هو،“ انهن ٻارن وانگر جيڪي بطور پيڙهه جي ديوتائن جي ديوارن ۾ لمبرايا ويندا هئا يا وري هو هڪ گذريل ميرياهه جو ٻار هوندو هو يعني ٻين لفظن ۾ پيدائش ۾ وراثت جي رستي هو ديوتائي نسل جو هو. مصيبت ۾ آيل ڪوندن اڪثرڪري


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجا ٻار بطور ميرياھ جي وڪٽيا ٿي، ”پنهنجن روحن جي برڪت ڪي يقيني سمجهندي ۽ پنهنجي موت ڪي انسانذات جي ڀلي لاءِ وڏ ۾ وڏ ممڪن عزت وارو سمجهندي.“ قربانيءَ جو هي احساس، بطور ”هڪ ماڻهوءَ جي ٻين ماڻهن خاطر مرڻ“ جي هڪ مثال جي، اسانجن تفصيلن ۾ تمام گهڻو نمايان آهي ۽ عيسائي استدلال سان ان جي مماثلت ڪري خاص طور تي دلچسپ آهي. پنوئا قبيلي جي هڪ ماڻهوءَ چيو ته وجي ته هڪ دفعي هڪ خوند ڪي گهٽ وڌ ڳالهايو، ڇاڪاڻ ته هن پنهنجي ڌيءَ ميرياھ طور وڪرو ڪري ڇڏي هئي، جنهن سان اهو پنوئا شادي ڪرڻ چاهي پيو، اتي موجود ٻين خوندن فوراً بيعزتي ڪيل والد سان همدردي جتائي، اهو چوندي ته ”تنهنجو ٻار ان لاءِ مئو ته جيئن ٻي سڄي دنيا زنده رهي“. هتي ۽ ٻئي هنڌ اسانکي قربانيءَ سان ڳنڍيل هڪ ڪفاري واري اهميت جو اضافي تصور ملي ٿو، جنهن بابت وڌيڪ ايندڙ باب ۾ چوڻ گهرجي. ميرياھ جي موت نه رڳو ڀلن فصلن جي ضمانت تي ڏني پر ”سمورين بيمارين ۽ حادثن کان تحفظ پڻ“. خوند هن جي مرندڙ ڪن ۾ رڙيون ڪندي چوندا هئا، ”اسان توکي هڪ قيمت تي خريد ڪيو آهي، ان ڪري اسان مٿان ڪوبه گناھ ناهي.“ اها ڳالھ پڻ نوٽ ڪرڻ جهڙي آهي ته ويچاري قربانيءَ جي شڪار انسان کي تيل سان مهٽيو ويندو هو —— هي اهڙو نڪتو آهي جيڪو ڪرسٽس جي نالي جي ياد ڏيارائي ٿو. هڪ دفعو وري قربانيءَ جي شڪار انسان کي ٻڌو نه ويندو آهي يا هن کي رڪاوٽ جوڪوبه مظاهرو نه ڪرڻو هوندو آهي، پر سندس ڄنگهن ۽ ٻانهن جا هڏا اڪثرڪري ڀڳا ويندا آهن ته جيئن هن طِرفان ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ کي ناممڪن بڻائجي. ڪڏهن بهرحال هن کي آفيم جو نشو ڏنو ويندو هو، جيڪو جيئن اسان اڳ ئي ڏسي آيا آهيون ته ديوتائن جي هترادو پيداوار ۾ اهڙي اڳوات مدهوشي هڪ عام رواجي شيءِ هوندي هئي. انهن مختلف طريقن مان، جن سان ميرياھ کي ذبح ڪيو ويندو هو، مان خاص طور قاسيءَ جي ان طريقي تي زور ڀريندس جنهن ۾ هن کي هڪ وڻ جي ٻچانگيءَ ۾ دٻائي ماريو ويندو هو، مان هي نڪتا هتي عيسائي نظرئي جي پيشرو طور انهن جي وڏي اهميت ڪري بيان ڪيان ٿو، جيتوڻيڪ اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي دليل جي عمومي رخ ۾ ٿورڙو رخنو وجهن ٿا.

حقيقت ۾ مان سمجهان ٿو تہ عيسائي قصو مکيہ طور تي اهڙين اوائلي ديوتا ناهڻ جي قربانين جي تفصيلن منجهان گهڙيو ويو آهي: مان سمجهان ٿو تہ حضرت عيسيٰ لازماً اهڙو هڪ مصنوعي ديوتا آهي ۽ مان اعتبار ڪيان ٿو تہ پڙهندڙ خود پاڻ، جيئن اسان اڳتي وڌنداسين، خبرداريءَ سان مشاهدو ڪندو تہ ڪيترا ننڍڙا تفصيل (جيئن هڏين ڪي يڃڻ) ڪيترن ئي طريقن سان ان مذهب ۽ صليبجڻ جي واقعن جي ياد ڏيارن ٿا.

بهرحال خوندن مصنوعي طور ديوتا ناهڻ جي تصور ڪي قربانيءَ جي هڪ شڪار ڪي ڪيترن شعبن لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ ذريعي، ڪجهہ آسماني ٻٽائي چڏيو آهي. ٻيا وحشي ماڻهو فصل پيدا ڪندڙ ديوتائن لاءِ وڏيڪ فضول خرچ آهن. ڏکڻ آمريڪا ۾ گوياقل جا انڊين جڏهن بہ پنهنجين زمينن ۾ ٻج ڇٽيندا هئا، انساني رت ۽ انسان جي دلين جي قرباني ڪندا هئا. قديم ميڪسيڪن، جيڪي مڪئيءَ کي بطور هڪ ذاتي هستيءَ جي سمجهندا هئا، جيڪا ٻج پوکڻ کان فصل جي ڪٽائيءَ تائين جڻ زندگيءَ جي سڄي ڏاري مان گذري پئي، جڏهن مڪئي پوکي ويندي هئي تہ هو نون ڄاول ٻارن کي قربان ڪندا هئا، جڏهن اها نسرندي هئي تہ وڏن ٻارن کي قربان ڪندا هئا ۽ اهڙي طرح اهو سلسلو هلندو رهندو هو، جيستائين اها پچي راس نہ ٿيندي هئي، تڏهن هو پوڙهن ماڻهن کي قربان ڪندا هئا. پاونيز هر سال بهار ۾ هڪ انسان کي قربان ڪندا هئا، جڏهن هو پنهنجين زمينن ۾ ٻج ڇٽيندا هئا. هو سوچيندا هئا تہ هيءَ قرباني نہ ڪرڻ سان مڪئي، ڇٽن ۽ ڪدوءَ جا فصل مڪمل طور تي ناڪام ٿي ويندا. 1837 يا 1838 ۾ هڪ ڇوڪريءَ جي اهڙي ئي هڪ قربانيءَ جي احوال ۾، اسانکي ٻڌايو ويو آهي، ”جڏهن هن جو گوشت اجا گرم هوندو آهي، انکي هڏن کان ڪپي ننڍن ٽڪرن ۾، ننڍن ڪارن ۾ رکيو ويندو آهي ۽ ويجهڙ واري ان جي زمين ڏانهن نيو ويندو آهي، مک سردار پوءِ ان ڪاري مان گوشت جو هڪ ٽڪرو ڪڍندو آهي ۽ تازوڪني ڪيل ان جي داڻن مٿان ان ٽڪري کي زور سان دٻائي ان مان رت جو هڪ ڦڙو انهن مٿان ڪيرائيندو آهي.پوءِ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي موجود سڀ ماڻهو هن جي نقل ڪندا آهن. جيستائين سمورا ٻج رت سان رڱجي نه ويندا آهن، پوءِ انهن ٻجن کي مٽيءَ سان ڍڪيو ويندو آهي.“

اولهه آفريڪا ۾ هڪ قبيلائي راڻي مارچ جي مهيني ۾ هڪ مرد ۽ هڪ عورت کي قربان ڪندي هئي. انهن کي بيلچن ۽ ڪُنڍڙن سان ماريو ويندو هو ۽ سندن لاش تازو ئي کيڙيل زمين جي وچ ۾ پوريا ويندا هئا. گنيءَ ۾ لاگوس وٽ هرسال بهار جي نقطه اعتدال ڪانپوءِ هڪ نوجوان ڇوڪريءَ کي جسم ۾ سيخ لنگهائي مارڻ هڪ رسم هوندي هئي ته جيئن سنا فصل حاصل ڪري سگهجن. بينن ۾ هڪ ساڳي قرباني اڄا تائين هر سال ڪئي ويندي آهي. ميريموس — هڪ بيڪئانا قبيلو فصلن لاءِ هڪ انسان جي قرباني ڪندو آهي. ان لاءِ چونديل شڪار عُام طور تي هڪ نديو مستندو ماڻهو هوندو آهي. هن تي تشدد ڪيو ويندو آهي يا هن کي نشو ڏنو ويندو آهي (هيءَ ڳالهه نوٽ ڪريو) ۽ کيس زمين ڏانهن نيو ويندو آهي، جتي ڪڻڪ جي فصل ۾ هن کي ڪُنو ويندو آهي، ته جيئن هو ”بطور ٻج جي ڪم اچي“. ڏينهن ۾ هن جي رت ڄمي وڃڻ ڪانپوءِ ان کي جلايو ويندو آهي، پوءِ سندس خاڪ کي زمين مٿان ان کي زرخيز بڻائڻ لاءِ ڪنديريو ويندو آهي.

هڪ دفعو وري هندستان ۾ گانڊس، خوندن وانگر برهمڻ ڇوڪرن کي اغوا ڪندا آهن ۽ کين بطور قربانيءَ جي شڪار جي مختلف موقعن تي قربان ڪرڻ لاءِ پاڻ وٽ رکندا آهن. ٻج پوکڻ ۽ فصل ڪٽائيءَ تي هڪ فاتحانه جلوس ڪانپوءِ انهن ڇوڪرن مان هڪ کي هڪ زهريلو تير هڻي قتل ڪيو ويندو آهي. هن جي رت پوءِ هر ڏنل زمين يا پڪل فصل مٿان ڇڙڪي ويندي آهي ۽ هن جو گوشت رسمن سان کاڌو ويندو آهي. آخري نڪتو وري هڪ بعد جي منزل تي وڌيڪ ڇڪاس جو سڌ ڏئي ٿو.

مان وڌيڪ اهڙن مثالن (جيڪي هزارن جي تعداد ۾ آهن) جو تفصيل تڪائيندڙ لڳڻ جي پوءَ ڪان نه ڏيندس پر حقيقتن جي جيڪا تشريح مون وٽ آهي، اها هيءَ آهي. اصل ۾ ماڻهن ڏنو ته کاڌي جا ٻوٽا، قبرن جي محنت ڪيل ۽ سني پاڻ ڏنل زمين مان جهجهي انداز ۾ ڦٽن ٿا. هنن مشاهدو ڪيو ته هيءَ شاهوڪاري ٽن جزن جي ميلاپ مان ڦٽي نڪتي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تي ـــ ڪوتائي. هڪ مقدس مري، ويل ماٿهو ۾ ڪاٺ ۽ ي ان جا ٻج. وقت گذرڻ سان هنن اهو به ڏٺو ته جيڪڏهن توهان گهڻو وسيع ڪوٽيو ۾ ٻجن کي ڪافي پري تائين ڦهلايو، ته پوءِ هڪ واحد لاش به چڱي خاصي ايراضيءَ کي زرخيز ڪرڻ جي لائق هوندو آهي. اهڙيءَ طرح قبر، هڪ زمين يا باغ ۾ وڏي وئي تي. پر پوءِ به هنن ائين سوچڻ ضروري سمجهيو ته زمين ۾ ڪنهن نه ڪنهن کي پورجي ۾ اڪثر ثبوت اهو ڏيکارن ٿا ته هنن قربانيءَ جي ان شڪار کي هڪ ديوتائي هستي ليکيو تي: هنن هن کي واڌ يا زرخيزيءَ جو مک وسيلو سمجهيو تي ۾ سندس زندگيءَ جي گهٽي حصي دوران هن جو سنو خيال رکندي هن جو آشيرواد حاصل ڪرڻ لاءِ هٿ پير هنيا. چوته ڪيترن ئي احوالن ۾ اهو واضع نمونني بيان ڪيو ويو آهي ته قربانيءَ لاءِ ارادو ڪيل شڪار بطور هڪ ديوتا يا هڪ ديوتائي بادشاهه جي سمجهيو ويندو آهي ۾ ڪيس هر قسم جو عيش مهيا ڪيو ويندو آهي، ويندي ڪيس واڙي ڇڏڻ جي گهڙيءَ تائين. وقت گذرڻ سان زمين ۾ قبر وچ ۾ فرق جو تصور وڌيڪ چٽو ٿيندو ويو ۾ فصل پيدا ڪرڻ جي عمل ۾ ٻج جي ادا ڪيل گهٽي حصي کي وڌيڪ ڀرپور نمونني مڃيو وڃڻ لڳو. ان هوندي به بهرحال ڪنهن به نويڪلي ٻج کي، قربانيءَ جي هڪ انسان جي جسم ڪانسواءِ پوکڻ جو تصور نه تي ڪيو. ان جي داٿي ۾ گوشت يا رت ٻنهي کي هڪجهڙو "ٻج" سمجهيو وڃڻ لڳو: يعني ٻنهي جي ميلاپ کي ٻج ڦٽڻ ۾ زرخيزيءَ جو ڀرپور نتيجو حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري سمجهيو تي ويو. تمام بعد جي زماني تائين اصل قربانيءَ يا ان جي ڪا ڏنڌلي باقيات، پوکائيءَ جو هڪ لازمي حصو رهي.

مسٽر فريزر جي ڪتاب ۾ بين ذريعن مان مان آخري وهم پرستيءَ جي هنن آخري مرنڌڙ نشانين جا تورڙا مثال ڏيندس.

مسٽر گومي پنهنجي ڪتاب "ايٿنولاجي ان فوڪ لور" ۾ ڏاکڻي هندستان جي هڪ واحد ڳوناٽي جشن جو احوال پيش ڪري ٿو. هن تقريب ۾ هڪ پنڊت يا پادري جنهن کي پوتراج سڏيو ويندو آهي، جيڪو اوسيرس جي ڪوڙي وانگر خصوصي طور تي هڪ ديوتائي لڪڻ سان هٿياربند تي، هڪ مقدس مينهن کي قربان ڪندو آهي، جنهنکي جڏهن اها



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وَچ هوندي آهي. ڳوٺ ۾ ڪاڻن پيئڻ ۽ گهمڻ ڦرڻ لاءِ آزاد ڇڏي ڏنو ويو هوندو آهي. هن مثال ۾ قربانيءَ جي انسان بدران اسانکي هڪ جانور جو عام بدل ملي ٿو. جيڪا ڳالهه تقريباً هميشه ترقي ڪندڙ تهذيب سان گڏ هلي ٿي. ميلي جي چوٽ تي مينهن جو سر هڪ ڏڪ سان ڪٽيو ويندو آهي ۽ ڳوناٽي ديويءَ جي مقبري آڏو رکيو ويندو آهي. ان جي چوڌاري مختلف اناج رکندڙ ٿانو رکيا ويندا آهن ۽ ويجهوئي گڏيل اناج جو هڪ کوڙ ناهيو ويندو آهي، جنهن جي وچ تي هر جو برمو رکيل هوندو آهي. ان جو ڏڙ پوءِ ننڍن ٽڪرن ۾ ڪٽيو ويندو آهي ۽ هر ڪاشتڪار پنهنجي زمين ۾ پورڻ لاءِ هڪ ٽڪرو حاصل ڪندو آهي. اَن جو کوڙ آخر ۾ سمورن هارين درميان ورهايو ويندو آهي، ته جيئن انکي هو پنهنجي زمين ۾ گوشت جي هڪ ٽڪري سان گڏ پوري سگهي. آخر ۾، مينهن جي سسي ـــــ تمام مقدس حصوــ هڪ ننڍي مندر آڏو، جيڪو سرحدن جي ديويءَ لاءِ مقدس هوندو آهي، پوري ويندي آهي.

ديوي هڪ بي صورت پٿرسان ظاهر ڪئي ويندي آهي، جيڪو بي شڪ سرحدن جي حفاظت ڪندڙ هڪ ديوي يا هڪ مصنوعي ديويءَ ـ (هڪ قديم سرحدي نشان هيٺ پوريل هڪ ڇوڪريءَ) جو ڪتبو هوندو آهي.

هتي اسانکي بظاهر ساڳي رسم جي هڪ آخري منزل ملي ٿي، جيڪا خوندن جي مثال ۾ هڪ انساني شڪار طرفان ادا ڪئي ويندي هئي. اها ڳالهه نوٽ ڪرڻ سودمند آهي ته هن تقريب جي هڪ حصي طور قربانيءَ جي شڪارجي حصن حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ جدوجهد شروع ٿي ويندي هئي. ساڳي تقريب جي اجا وڌيڪ سنسيل روپ جو ذڪر ڪئپٽن هارڪنيس ۽ بين طرفان ڪيو ويو آهي، جيڪو نلگيري پهاڙن جي بداگاس ماڻهن ۾ ڏنو ويو آهي. هنن وحشي ماڻهن ۾ پهريون زمين جي هڪ پٽيءَ کي هڪ نيچ ذات جي ڪرمبر طرفان هر ڏنو ويندو آهي، جيڪو پنهنجو آشيرواد زمين کي ڏيندو آهي، جنهن ڪانسواءِ ڪابه ڪٽائي نه ٿيندي آهي. هتي هن قديم نسل جي ماڻهوءَ کي واضح نموني پنڊت/ ٻائي/ پادري يا مقامي ديوتائن جي مائٽ طور ڏنو وڃي ٿو، جن جو تعاون بعد جي حملا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آور نسلن طرفان ضرور حاصل ڪيو ويندو هو. پر ڪرمبر رڳو زمين تي رحمت نازل نہ ڪندو آهي. هو ان جي وچ ۾ هڪ پتر بہ ڪڙو ڪندو آهي ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ کي ان پتر اڳيان جهڪائيندي هڪ ٻڪريءَ کي قربان ڪندو آهي، جنهن جي سسي هو پاڻ وٽ بطور پنهنجي فيءَ جي رکندو آهي. استخارو ٻڌائيندڙ سسيءَ جو جيڪا پنڊت/ پادريءَ طرفان رکي ويندي آهي، هي خاص ملهہ پڻ آهي. جڏهن فصل جي لٺائيءَ جو وقت اچي ويندو آهي، ساڳئي ڪرمبر کي هڪ دفعو ٻيهر سڏايو ويندو آهي تہ جيئن هو ان جي پهرين لپ لٽي سگهي ـــ هي اهڙو واقعو آهي، جنهن جي مڪمل اهميت رڳو انهن ماڻهن آڏو ظاهر ٿيندي جن مسٽر فريزر جي ڪتائيءَ جي رسمن جي چنڊچاڻ پڙهي هوندي. پر هن مثال ۾ پڻ مقدس پتر جو نمودار ٿيڻ معنيٰ سان پريل آهي. اسان وڏي مشڪل سان هي نتيجو روڪي سگهون ٿا تہ اسانکي هتي ديوتا ناهڻ جي انساني قربانيءَ جي بدران هڪ جانور جي قربانيءَ سان گذارو ڪرڻو پوي ٿو، جنهن ۾ قربانيءَ جي شڪار کي ڪُنو ويندو آهي، قربانيءَ جي هنڌ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اتي هڪ پتر رکيو ويندو آهي ۽ سِسيءَ کي بطور هڪ ديوتا جي استخارو ٻڌائيندڙ جي محفوظ ڪري رکيو ويندو آهي، ان طريقي سان، جنهن کان اسان اڳ ئي مانوس ٿيل آهيون.

هتي هڪ نمايان مثال مسٽر گوميءَ جي ڪتاب ”ايٿنولاجي ان فوڪ لور“ مان ڏجي ٿو. جنهن جي اڳ ڏنل مثالن سان مماثلت هڪدم واضح ٿي ويندي.

”هولني ڳوٺ ۾، جيڪو ڊارٽمور جي هڪ پهاڙيءَ تي واقع آهي، اٺڪل ٻن ايڪڙن واري زمين آهي جيڪا ننڍي ڪليسائي حلقي جي ملڪيت آهي ۽ پلاءِ زمين سڏي ويندي آهي. هن زمين جي وچ تي ڇهہ يا ست فوٽ ڊگهو گرينائيٽ پتر جو هڪ ٿنيو بيٺل آهي. مئي مهيني جي صبح جو، ڏينهن ختم ٿيڻ کان اڳ، ڳوٺ جا نوجوان مرد اتي گڏ ٿيندا آهن ۽ پوءِ هڪ کليل ميدان ڏانهن ويندا آهن، جتي هو هڪ گهٽتو چونڊيندا آهن ۽ انکي ڊوڙائي ڊوڙائي ساٽو ڪرڻ کانپوءِ فتح ۾ پلاءِ زمين تي ڪٺي ايندا آهن ڪيس ٿنيي سان ٻڌندا آهن، سندس ڳلو ڪپيندا آهن ۽ ٻاهہ تي پچائيندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن وغيره. ڏينهن جي وچ ڌاري گوشت جي هڪ ٽڪري لاءِ، جنهن لاءِ سمجهيو ٿي ويو تہ خوشقسمت ڪائيندڙ مٿان ايندڙ سڄو سال ڀاڳ نشاور ڪندو، انهن درميان هڪٻئي جا هٿ ڪپي وجهڻ جي خطري تائين هڪ ڪشمڪش شروع ٿي ويندي آهي. بطور بهادريءَ جي هڪ ڏيک جي، نوجوان ماڻهن، نوجوان عورتن مان پنهنجي من پسند عورت لاءِ گوشت جو هڪ ٽڪرو هٿ ڪرڻ لاءِ، ڪڏهن ان ڀيڙ مان پنهنجو رستو ناهڻ جي جدوجهد ڪئي ٿي. سيني عورتن پنهنجين سني ۾ سنين ڊريسن سان ان ميلي ۾ شرڪت ڪئي ٿي، جنهن کي ”رام ميلو“ سڏيو ويندو هو. ناچ گاني، ڪشتي ۽ ٻين راندين ۽ شام جو صوف جي شراب جي جهجهن نذرانن، ان جشن کي اڌ رات تائين جاري رکيو ٿي.“ هتي اسانکي وري قديم رواج جا ڪيترائي دلچسپ پهلو اسان لاءِ محفوظ ٿيل ملن ٿا. پٿر سان تعلق، جيڪو اصلي ڳوناٽي ديوتا کي هڪ روضي ۾ مقدس ڪري ٿو، مڪمل طور تي چٽو آهي. هي پٿر بيشڪ اها جاءِ ظاهر ڪري ٿو، جتي تمام پراڻهين زماني ۾ مقامي پيڙهہ جو ديوتا قتل ڪيو ويندو هو ۽ تنهنڪري سالياني تجديدي قربانين پيش ڪرڻ لاءِ اهو موزون هنڌ هو. مئي مهيني جي صبح جي چوند، پٿر جي ٽنيي تي ذبح ڪرڻ جو عمل، سڄي جانور کي پچائڻ، گوشت جي ٽڪرن هٿ ڪرڻ لاءِ ڪشمڪش ۽ اهو تصور تہ اهي ڀاڳ ڏيندا ــ هي سمورا عمل، قديم احساس جي باقيات ڏيکارن ٿا. ساڳيو احساس صوف جو شراب ڏئي ٿو، چوتہ رسمن واري مدهوشي هنن سمورين ڪارروائين جو هڪ اٽُٽ حصو ٿيندي آهي. حقيقت ۾ هر تفصيل کي انهن ماڻهن لاءِ هڪ معنيٰ آهي، جيڪي نزديڪ نهاريندا آهن: چوتہ خود ڏينهن جي وچ ڌاري ڪشمڪش اهم آهي، جيئن جشن جو اڌرات تائين جاري رهڻ پڻ اهم آهي. پر اسان کي گوشت جي ٽڪرن کي زمين ۾ پورڻ جو ڏيک نہ ٿو ملي، جهڙي نموني ڊيون شائر ۾ رسم جي قديم شيءِ لڳي ٿو تہ وساري وئي آهي يا نظرانداز ڪئي وئي آهي.

پوڪائيءَ جي مصنوعي ديوتائن سان تمام ويجهڙائپ سان ڳنڍيل سرحدن جي حفاظت ڪندڙ ديوتا آهن، جن جي باري ۾ مان گذريل باب ۾ لکي آيو آهيان. اهي هنن ديوتائن سان ايترو تہ نزديڪيءَ سان جڙيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، جو ڪڏهن انهن کي هڪٻئي کان جدا ڪرڻ ناممڪن هوندو آهي. اسان هن رشتي جا ڪجهه مثال اڳ ۾ ئي ڏسي آيا آهيون: قربانيءَ جي مقدس شڪار جو جلوس اڪثر سرحدن جي مقدس ڏلائيءَ سان ختم ٿيندو آهي. هيءَ مقدس ڏلائي اڪثر ڪري قربانيءَ جي ديوتائي انسان شڪار جي سِسي گهمائڻ ڪانپوءِ ٿيندي آهي. اهڙي قسم جي تقريب سڄي هندستان ۾ ڦهليل آهي؛ فرانس ۽ ٻين يورپي ملڪن ۾ اها ”زمين تي رحمت ڪرڻ“ جي رسم جي صورت ۾ باقي بچيل آهي، جنهن ۾ پادري ساڳيو ڪردار ادا ڪندو آهي، جيڪو نلگيري پهاڙي ماڻهن ۾ نيچ ذات جو ڪرمبر ادا ڪندو آهي. هن رسم ۾ ميزبان کي زمين جي سرحدن چوڌاري گهمايو ويندو آهي، جهڙي نموني مقدس مينهن جي سِسي، هندستاني تقريب ۾ چوڌاري گهمائي ويندي آهي. ڪجهه مثالن ۾ هر زمين تي جدا جدا وجهو آهي. جڏهن مان چوڪرو هئس تہ مونکي نارمنديءَ ۾ ٻڌايو ويو هو تہ ميزبان جو هڪ حصو (مان تصور ڪيان ٿو، چورايل يا لڪايل) ڪڏهن هر زمين ۾ پوريو ويندو هو پر هن عجيب تفصيل جو هاڻي مان ڪوبہ يقيني ثبوت هٿ نہ ٿو ڪري سگهان ۽ان ڪري مان ان تي زور نہ ٿو ڀريان. بهرحال اسانکي اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ميزبان، عيسيٰ جو جسم آهي ۽ اهڙن مثالن ۾ هن جي موجودگي هوبهو مماثل آهي، ميرياهہ جي ٽڪرن کي چوڌاري ڪٽي وجڻ جي. انگليند ۾ هيءَ تقريب، ننڍي ۾ ننڍي ڪليسائي حلقي جي سرحدن تي نشان لڳائڻ جي تقريب ۾ ضم ٿي وجي ٿي، جيڪا اڳ ئي بيان ڪئي وئي آهي. جيتوڻيڪ مان مجان ٿو تہ قربانيءَ جي چوڪرن جي اهميت ۽ انهن کي بطور برسات جي جادوٽوڻي جي ڦٽڪا هڻڻ جي ضرورت، هاڻي ان کان وڌيڪ واضح ٿيندي، جيڪا اڳ اسان انهن جي ڏسي آيا آهيون.

سڄي دنيا اندر ڪيترن ئي مثالن ۾ مختلف جانور قربانيءَ جي انسان ديوتا جي جاءِ والارڻ اچن ٿا. اهڙيءَ طرح اسانکي فيسٽس کان خبر پوي ٿي تہ رومين بهار جي موسم ۾ ڳاڙهن وارن وارن ڪتن جي ٻچڙن کي قربان ڪيو ٿي، ان عقيدي ۾ تہ سندن فصل بہ اهڙي طرح پڪا ۽ سرخ و سفيد ٿيندا ۽ ان ڳالهہ ۾ ٿورڙو شڪ ٿي سگهي ٿو تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ڪتا. هولنيءَ وٽ قربان ڪيل رڍ جيان قربانيءَ جي هڪ اصلي انسان جو نعم البدل هئا. تنهن هوندي بہ مصرين، جيئن اسان ڏسنداسين، ڳاڙهن وارن وارن ماڻهن کي بطور اوسيرس جنهن کي هڪ اناج ديوتا تصور ڪيو ويندو هو، جي نمائندن جي، قربان ڪيو ٿي.

ڪجهہ مثالن ۾ بيشڪ اسانکي تازي زماني ۾ انسان ديوتا جي بدلي ۾ هڪ ديوتائي جانور شڪار کي قربانيءَ لاءِ پيش ڪرڻ جو تاريخي ثبوت ملي ٿو: مثال طور چينا ڪميڊي ۾ جتي برطانيہ سرڪار طرفان انساني قربانين مٿان پابندي لڳائي ڇڏڻ ڪانپوءِ، هڪ ٻڪريءَ، هڪ مقدس ميرياهہ جي جڳهہ ورتي.

مينهارٽ، جديد يورپ ۾ اجا تائين موجود عجيب رسمن جو جهجهو ثبوت ڪٺو ڪيو آهي، جيڪي ساڳي وهم پرستيءَ جون هڪ تمام ئي سُسيل روپ ۾، باقيات لڳن ٿيون. انهن کي عام طور تي ”موت ڏيڻ“ يا ”ڪارنيوال کي پورڻ“ جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو. اهي لڳ ڀڳ يورپ جي هر ملڪ ۾ ادا ڪيون وڃن ٿيون ۽ حتاڪ انهن جا نشان انگليند ۾ بہ باقي آهن. هنن تقريبن جو جوهر هڪ پتلي کي قربانيءَ جي انسان جي جڳهہ تي بدلائي رکڻ ۾ هوندو آهي. هن پتلي سان بہ اهو ئي ورتاءُ ڪيو ويندو آهي، جيڪو انسان سان ڪيو ويندو آهي. ڪڏهن انکي ساڙيو ويندو آهي، ڪڏهن انکي نديءَ ۾ اڇلايو ويندو آهي ۽ ڪڏهن ان کي ٽڪرن ۾ پوريو ويندو آهي. مثال طور آسٽرين سليسيا ۾ پتلي کي ساڙيو ويندو آهي ۽ جيسيتائين اهو سڙندو رهندو آهي، ان جا ٽڪرا هٿ ڪرڻ لاءِ هڪ عام رسہ ڪشي شروع ٿي ويندي آهي، جن کي اگهاڙن هٿن سان باهہ جي شعلن مان ڪڍيو ويندو آهي، (هن رسہ ڪشيءَ کي خونڊن درميان رسہ ڪشي، پوتراج ميلي تي رسہ ڪشي ۽ هولني قرباني جي رسہ ڪشيءَ سان ڀيٽيو). هر ماڻهو جيڪو ان مورت جو هڪ ٽڪرو حاصل ڪري وٺندو آهي، پنهنجي باغ جي وڏي ۾ وڏي وڻ جي ٽاريءَ سان انکي ٻڌي ڇڏيندو آهي، يا انکي پنهنجي زمين ۾ پوري ڇڏيندو آهي، ان عقيدي سان تہ اهو فصلن کي بهتر ڪندو. ڪڏهن ان جو هڪ مٺيو قربانيءَ جي شڪار جو ڪم ڏئي سگهي ٿو ۽ ان جا حصا هر زمين ۾ بطور ڀاڻ جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوريا ويندا آهن. هارٽز جبلن ۾ ساڳين تقريبن ۾ هڪ زنده ماڻهوءَ کي هڪ پچائيندڙ ڪنوئر تي ليٽيايو ويندو آهي ۽ ڪيس هڪ قبر ڏانهن نوحن سان کنيو ويندو آهي پر آخري گهڙيءَ تي ان ماڻهوءَ جي جاءِ تي شراب جو هڪ گلاس رکيو ويندو آهي. هتي شراب، هڪ ديوتا جو نعم البدل آهي.

بين مثالن ۾ ماڻهوءَ کي سنڪل گاهه سان ڍڪيو ويندو آهي ۽ اهڙي طرح هلڪي نموني پوريو ويندو آهي. اٽلي ۽ اسپين ۾ هڪ ساڳي رسم جو نالو ”ڪراڙي عورت کي ڪپڻ“ آهي. پاليرمو ۾ هڪ اصلي ڪراڙي عورت کي هڪ گاڏيءَ تي شهر جي گهٽين مان گهمايو ويندوآهي ۽ ڪيس هڪ پڃري تي چاڙهيو ويندو آهي، جتي ٻه نقلي جلاد ان عورت جي ڳچيءَ سان ٻڌل رت جي هڪ ٿيلهيءَ کي ڪپڻ لاءِ اڳتي وڌندا آهن. ائين ان ٿيلهيءَ مان رت گوها ڪري وهڻ لڳندي آهي ۽ پوڙهي عورت غشي ٿيڻ ۽ مرڻ جو مَڪر ڪندي آهي. هي صاف نموني هڪ انساني قربانيءَ جي تخفيف آهي. فلورينس ۾ اخروٽن ۽ سنڪل انجيرن سان پريل هڪ پتلو اهڙي پوڙهي عورت کي ظاهر ڪندو آهي. مدلينٽ تي هن مورتيءَ کي مرڪاتونووو ۾ وچ تان ڪپيو ويندو آهي ۽ جڏهن ان مان سنڪل ميوا ٻاهر نڪرندا آهن، ماڻهن جو هجوم ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪندو آهي، جهڙي نموني وحشي ماڻهو قربان ٿيل انسان يا هن جي نعم البدل جانور جي ٽڪرن لاءِ جدوجهد ڪندا آهن. هن موضوع تي تمام گهڻو مواد من هارٽ ۽ مسٽر فريزر طرفان ڪٺو ڪيو ويو آهي. شايد سيني کان وڌيڪ دلچسپ مثال يريلو جي جنازي واري روسي تقريب آهي. هن مثال ۾ ماڻهو هڪ پوڙهي شخص کي چونديندا آهن ۽ هن کي هڪ صندوق ڏيندا آهن، جنهن ۾ يريلو جي نمائندگي ڪندڙ هڪ مورتي رکيل هوندي آهي. ان جنازي کي هو شهر کان ٻاهر ڪڍي ويندا آهن ۽ هن جي پويان عورتون نوحا چونديون هلنديون آهن. جيئن شامي عورتن ادونس لاءِ ماتم ڪيو تي ۽ مصرين اوسيرس لاءِ. کليل زمينن ۾ هڪ قبر کوٽي ويندي آهي ۽ ان ۾ اها مورتي روڄ راڙي سان لاٿي ويندي آهي. ڏندڪٿا ۽ لوڪ ادب پڻ، قديم رشتي جا ڪيترائي نشان رکن ٿا. اهڙي طرح هياواٿا جي اصلي آمريڪي ڪهاڻيءَ ۾ هيرو مونڊامين سان ڪشتي ڪري ٿو ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن مثان غالب پئجي وڃي ٿو ۽ جتي هو هن کي پوري ٿو، اتي پهريون دفعو مڪئي يا هندستاني اناج بوٽو ڦٽي نڪري ٿو. ساڳيا واقعا فِن لينڊ جي ڪاليوالا ۾ بين وحشي رزميہ جنگين ۾ ٿين ٿا.

مها اناج ديوتائن ۽ شراب ديوتائن مٿان غور ڪرڻ لاءِ اسانجي اڳتي وڌڻ کان اڳ، پوڪائيءَ جي هنن مصنوعي ديوتائن جي اسانجي شروعاتي سروي مڪمل ڪرڻ لاءِ نظرياتي طور ائين تمهيد ڪرڻ سني لڳندي تہ گهٽ ۾ گهٽ قربانيءَ جو اصلي شڪار هڪ بادشاھہ يا قبيلائي سردار، يعني خود پاڻ ديوتائي يا وري هڪ بادشاھہ جو پٽ يا ڌيءَ يعني ديوتائي نسل جو هڪ فرد جنهن جي رڳن ۾ اوائلي ديوتائن جو رت ڊوڙيو ٿي رهيو هوندو. بعد ۾ ائين لڳندو اڪثر ڪري هڪ عارضي بادشاھہ کي اصلي بادشاھہ بدران فرض ادا ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي هئي ۽ ان مقصد لاءِ لڳي ٿو هن کي اڪثر ڪري شاهاڻا ڪپڙا پارايا ويندا هئا ۽ هن کي ديوتائي ۽ شاهاڻيون عزتون ڏنيون وينديون هيون. هن پيچيدگيءَ جا مثال اڳتي ايندا. حالي في الحال مان رڳو مسٽر گوميءَ طرفان ڪني ڪيل باقيات جي دلچسپ ميڙ جو حوالو ڏيندس، جنهن ۾ انگلينڊ ۾ هر سال عارضي بادشاھہ يا ميئر بظاهر رڳو قربان ڪئي وڃڻ جي مقصد سان چونڊيا ويندا آهن. هنن مثالن مان ڪيترن ۾ اسانکي اصلي رسم جا رڳو ٽٽل حصا ملن ٿا پر انهن سيني کي پاڻ ۾ ملائڻ سان اسان مجموعي طور تي اصلي تقريباتي رسم جي هڪ قابلِ برداشت مڪمل صورت حاصل ڪري سگهون ٿا. ڪارنيوال ۾ سينٽ جرمنس وٽ، مئي ميلي تي نقلي ميئر هڪ وڏي اخروٽ وڻ هيٺان چونڊيو ويندو آهي ۽ کيس ان عهدي لاءِ موزون بڻائڻ خاطر هن کي سڄي رات شراب پيئاريو ويندو آهي ۽ ان حالت ۾ کيس اخروٽ جي وڻ چوڌاري گهمايو ويندو آهي، جهڙي نموني اسان بووي جي ميئر کي ميئرشپ جي عهدي ماڻڻ وقت بووي پٿر جي چوڌاري چڪر ڪاٽيندي ڏٺو. سينٽ جرمنس جي ميئر، پراڻي ٽيوٽونڪ ۽ ڪيلٽڪ بادشاهيءَ جي گاڏيءَ يا وين تي چڙهي پنهنجي بادشاهي ڪردار جو ڏيکاءُ پڻ ڪيو. لاسٽ وٿيل ۾ نقلي ميئر کي مٿي تي تاج پارايو ويندو آهي ۽ هٿ ۾ هڪ شاهي ڏنڊو ڏنو ويندو آهي ۽ سندس



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڳيان هڪ تلوار رکي ويندي آهي. پيرهن ۾ ميئر جي اڳيان مشعل کڻي هلندڙ ۽ شهر جا سپاهي هوندا آهن ۽ جيتوڻيڪ هن کي راند يا پتلي ۾ حقيقت ۾ نہ ساڙيو ويندو آهي پر ڪليل هوا ۾ ٻاهر جا مچ ٻاريا ويندا آهن ۽ ڦٽاڪا ٻاريا ويندا آهن، جيڪي هن تقريب کي لاش ساڙيندڙن جي اهڙين چٽائن ساڙڻ وارين قربانين سان ڳنڍين ٿا، جيئن ٿاترين ميلڪارٿ ۽ ٿارسس جي بعال جا ميلا. بودمن پرسان هالگيور پـٽر تي هڪ اجنبيءَ کي ٻڌو ويندو آهي، ڪيس راند ۾ باضابطہ نموني آزمايو ويندو آهي ۽ پوءِ دلدل ۾ تربيت ڏني ويندي آهي يا هن سان برو ورتاءُ ڪيو ويندو آهي. پولبيرو ۾ ميئر عام طور تي ڪو اڏسياڻو يا نشي ۾ ورتل شخص هوندو آهي، ٻنهي صورتن ۾ اوائلي خيالن مطابق، ديوتائي: هن جو شراب سان آڏرياءُ ڪيو ويندو آهي. ۽ هڪ گاڏيءَ ۾ شهر جو گشت ڪرائڻ کانپوءِ هن کي سندس خدمتگارن طرفان سمنڊ ۾ نيو ويندو آهي. اتي هن کي ٻاهر نڪري اچڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي، جيئن قربانيءَ جو نقلي شڪار ڪيترين يورپي تقريبن ۾ ڪندو آهي، پر اصل ۾، مونکي ان ۾ شڪ ناهي تہ هن کي بطور هڪ برساتي پاڇي جي ٻوڙيو ويندو آهي.

هي تقريبون اهڙي وقت تي جڏهن اسانجين اختيارين کي انهن جي باري ۾ پتو پيو آهي، محض ٻاراڻي ماضيءَ جي سطح تائين سُسي چڪيون آهن. پر پوءِ بہ اهي پنهنجي اندر ۾ وڏ م وڏ دکدائڪ اهميت جا مستقل جزا رکن ٿيون ۽ اهي ديڄاريندڙ ۽ خونريز ديوتا ناهيندڙ جشنن ڏانهن پوئتي اشارو ڪن ٿيون. انهن مان اڪثر ۾ اسان اجا تائين محفوظ ڪيل قربانيءَ لاءِ راضي يا بيهوش ڪيل ماڻهوءَ جي چونڊ ڏسون ٿا: هڪ اجنبيءَ، يا هڪ بيوقوف يا هڪ پاڳل لاءِ ترجيح ڏسون ٿا، چونڊيل ماڻهوءَ کي نشي ۾ بيهوش ڪرڻ جي عادت ڏسون ٿا. ان ماڻهوءَ جي بطور بادشاهہ، ميئر يا گورنر جي خاطر توازه ڪرڻ، هن مٿان عذاب ڪرڻ يا سندس ٺنول ڪرڻ، هن جي آخري موت ۽ هن جي چِتا کي ساڙي ڇڏڻ يا هن جو بطور برساتي سائي جي ٻڏڻ ڏسون ٿا. هي سمورا نڪتا اجا تائين وڏيڪ چٽي نموني وجود جي ٻئي روپ ۾ ظاهر ٿيل آهن. جتي هڪ بادشاهہ يا قربانيءَ جو ديوتا شڪار هڪ نقلي يا عارضي بادشاهہ ذريعي

گڏ ۽ گڏ برقرار رکي وئي ۽ پينٽوميم ۾ هڪ اصلي انسان کي مذاق سان قتل ڪيو ويندو هو. بهرحال شروعاتي منزلن ۾ مان نوٽ ڪيان ٿو ته زمين يا باغ کڏهن هڪ تدفيني دڙي جو روپ برقرار رکيو ٿي. اهڙيءَ طرح مسٽر ٽرنر ـــ سموئين عيسائي تبليغي. نيو هيبرائڊس ۾ ٽانا جي ماڻهن لاءِ هيئن لکي ٿو، "اهي پنهنجن ڪچالو جي ٻوٽن تي تمام گهڻي محنت ڪندا آهن ۽ انهن کي عمده ترتيب ۾ رکندا آهن. توهان هڪ بانس جي جهنگلي کي ڏسو ۽ اتي توهان مٽيءَ جا ڍڳ يا ويهه ڪوڙ ڏسندو، جن مان ڪي ست فوٽ اوچا ۽ سٺ فوٽ ويڪرا هوندا آهن. اهي ڪليل مٽيءَ جا ڍڳ هوندا آهن. جن ۾ ڪوبه پٿر نه هوندو آهي ۽ جيڪي سڀ جو سڀ هٿن سان گڏ ڪيا ويا هوندا آهن. ان سڄي جي وچ ۾ هو وڏي ۾ وڏن ڪچالو ٻوٽن مان هڪ وڏو سڄو ڪچالو ٻوٽو پوکيندا آهن ۽ ان جي پاسي ۾ چوڌاري ڪي ننڍا ڪچالو ٻوٽا پوکيندا آهن."

هي سڀ تمام گهڻو هڪ تدفيني دڙي جيان لڳي ٿو. مان وڏي شوق سان اهو ڄاڻڻ چاهيندس ته آيا ان ۾ ڪو قربان ڪيل شڪار به پوريو ويندو هو.

مان اهو اضافو ڪري سگهان ٿو ته ديوتا بڻايل بزرگ يا قربانيءَ جي ديوتائي انساني شڪار طرفان فصل هڪ تحفو هجڻ جي تصور کي مثل ڪي، يا ديوتائن کي يا زنده سردار کي جن کي انهن جا نمائندا ۽ پونيئر سمجهيو وڃي ٿو پهريان ميوا پيش ڪرڻ جي مشترڪ عادت وسيلي برقرار رکيو وڃي ٿو. اسانجو پنهنجو فصل لهڻ جو ميلو لڳي ٿو ته عيسائي روپ ۾ ان قربانيءَ کي محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش آهي.

آخر ۾ مان اهو واڌارو ڪندس ته ڪيترن مثالن ۾ ائين لڳي ٿو ته قربانيءَ جي ديوتائي زرعي شڪار کي خود بادشاهه يعني ڳوٺ يا قبائلي ديوتا جو مجسم ليکيو ٿي ويو ۽ ڪيس پاڻ کي پاڻ وٽ هڪ پٿر تي قربان ڪيو ويندو هو، جنهن قديم ديوتا جو يادگار ۽ قربان گاهه جوڙيو ٿي. هن تصور جا اسان مثال ڏسنداسين، جڏهن اسان يونوچ علائقي جي وڏن اناج ديوتائن ۽ شراب ديوتائن جو معائنو ڪنداسين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب چوڏهون

## اناج ۽ شراب ديوتا

اڳتي وڌيل يا ترقي ڪيل سماجن ۾، زرعي ديوتا، جن جو اسان گذريل باب ۾ مطالعو ڪري آيا آهيون، مخصوص طبقاتي نالا ماڻڻ لڳن ٿا جهڙوڪ اتس ۽ ادونس: اهي اناج ـ ديوتائن، شراب-ديوتائن، ڪجهيءَ جي ديوتائن يا فصل لهڻ جي ديوتائن طور مخصوص بڻايا وڃن ٿا ۽ مختلف مذهبن ۾ اهي وڏن مقامن تائين پهچي وڃن ٿا.

مان يونوچ تهذيبن ۾ جتي عيسائيت پهريان پهريان ڦٽي، اهڙن ديوتائن مان ڪن وڌيڪ اهم ديوتائن جو معائنو وڌيڪ تفصيل سان ڪرڻ جو سوچيو آهي ۽ مان شروع ڪيان ٿو ڊايونيسس سان.

ڏاکڻي هندستان جي پورتراج ميلي، جنهن جو گذريل باب ۾ مان هڪ ننڍڙو اختصار ڏنو آهي، جي خاص ڳالهين مان هڪ ان جو مستيون ملهائڻ جو ڪردار آهي.

بطور مستيون ملهائيندڙ ديوتا بڻائيندڙ تقريبن جي هڪ قسم جي، پنهنجن پنجن ڏينهن تي مشتمل جشن سميت، اهو ميلو ڪجهه وڌيڪ پرپور تشريح جو حقدار آهي. هي جشن ڳوٺ جي ديوتائن جي مندر ويجهو منعقد ڪيو ويندو آهي، جنهن ڪي هڪ بي صورت پٿر جي روپ ۾ جنهن تي شنگرفي ڳاڙهو رنگ لڳل هوندو آهي، پوڄيو ويندو آهي، جيڪو غالباً بنياد واري قربانيءَ جي پهرئين انسان جو نمائندو هو. هن مندر جي پنيان پوتراج نالي واري ديوتا لاءِ هڪ قربان گاهه ڪڙو ڪيو ويندو آهي. اهو ديوتا ڪيتي ٻاڙيءَ جو ديوتا آهي. خود ان جشن جو ذمو پرييااهه ـــ قديم بي يار ماڻهن حوالي ٿيل هوندو آهي: سمورا نيچ طبقا، مندر جي ناچڻين چوڪرين ۽ ڌنارن يا بين اڻ آرين ذاتين سميت ان ميلي ۾ شريڪ ٿيندا آهن. هن ميلي دوران هي ماڻهوڳوٺ ۾ عارضي طور تي پهرئين مقام تي اچي ويندا آهن. اهي عارضي بادشاهه جي دربار جوڙيندا آهن ۽ اوائلي مقامي پوڄا ڪرڻ شروع ڪندا آهن، جن جي ديوتائن تي چڙهائي ڪرڻ ڪان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

فاتح قومون بہ ذِنل هونديون آهن، ڇوتہ فتح تيل قوم جا مري ويل ان ڏرتيءَ جا مالڪ هوندا آهن، ۽ لڏي آيل فاتحن کي هر هنڌ انهن جي ناراضگي اُپارڻ جو هڪ وهم پرستانہ خوف هوندو آهي. ان عياشيءَ جي پهرئين ڏهاڙي نيچ ذات جا ماڻهو، پنهنجو پاڻ مان هڪ کي پنڊت/پادري/ پروهت يا پوتراج چونديندا آهن. ميلي جي ٻئي ڏينهن تي مقدس مينهن کي ديويءَ آڏو اچلايو ويندو آهي، جنهن لاءِ اڳ ئي اهو چيل هوندو آهي تہ ڪيس ديوتائي انساني ڪردار هوندو آهي: ان جي سِسي هڪ ڏک سان ڌار ڪئي ويندي آهي، ۽ ان جي وات ۾ هڪ ٽنگ ڏئي، ڪيس ان مندر آڏو رکيو ويندو آهي. ان مينهن جي باقي ڌڙ کي پوءِ، جيئن اسان اڳ ئي ڏسي آيا آهيون، ٽڪرن ۾ ڪٽيو ويندو آهي، جيڪي هارين کي پنهنجين زمينن ۾ پورڻ لاءِ ڏنا ويندا آهن. مينهن جو رت ۽ اوجهہ بعد ۾ هڪ وڏي ٽوڪريءَ ۾ ڪنا ڪيا ويندا آهن ۽ مقرر ڪيل پادري، جيڪو هڪ نيچ ذات وارو ماڻهو هوندو آهي، جنهن تي (ديوتا جيان) پوتراج جو نالو رکيل هوندو آهي، هڪ جيئري ٻار کي ڪٽي، ان گند مٿان ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪپي ڇڏيندو آهي. پوءِ ان ٽوڪريءَ کي هڪ ننگي ماڻهوءَ، جيڪو چمڙو ناهيندڙ طبقي مان هوندو آهي، جي مٿي تي رکيو ويندو آهي، جيڪو انکي ڪٽي سڄي ڳوٺ جي سرحدن چوڌاري ڊوڙندو آهي ۽ ان گند جا ٽڪرا پنهنجي سڄي ۽ کابي پاسي اڇلائيندو ويندو آهي. پوتراج کي هڪ مقدس ڇهبڪ سان هٿياربند ڪيو ويندو آهي، جيئن اوسيرس کي ۽ هي ڇهبڪ بہ خود زبردست عزت واري شيءِ هوندو آهي.

ٽئين ۽ چوٿين ڏينهن ڪيترين ئي مينهن ۽ ٻڪرين کي ذبح ڪيو ويندو آهي ۽ چوٿين ڏينهن عورتون، ننگيون تي رڳو وڻن جي شاخن سان ڍڪجي مندر ڏانهن ويندريون آهن ـــ جيڪا هڪ عام مذهبي رسم هوندي آهي، جن لاءِ مون وٽ هتي رڳو اهو تجزيو ڪرڻ جي گنجائش آهي تہ سينٽ ايلزبٿ آف هنگري ۽ ڪوونٽري وٽ گوڊيوا جو جلوس ان رسم جا جيرا جاڳندا باقيات آهن (هنن تعلقاتن کي مسٽر سڊني هارٽليند طرفان تمام سُني نموني واضح ڪيو ويو آهي). ميلي جي پنجين ۽ آخري ڏينهن تي سڄي خلق، موسيقيءَ سان ڳوٺ جي مندر ڏانهن ويندي آهي ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوتراج جي قربانگاهه تي هڪ آخري قرباني پيش ڪندي آهي. هڪ ڏنبو پرسان ئي لڪائي رکيو ويندو آهي. پوتراج ان ڏنبي کي هڪ مڪر ڪيل ڳولا بعد لهي وجھڻ کانپوءِ، پنهنجي ڇهبڪ جي هڪ ڏڪ سان يا جادوئي طريقن سان بيهوش ڪري ڇڏيندو آهي ـــــ جيڪا رضا خوشيءَ واري قربانيءَ جي شڪار جي تصور جي باقيات آهي. پوءِ پادريءَ جا چيلا، پوتراج جا هٿ پنيءَ سان ٻڌي ڇڏيندا آهن ۽ سموري پارٽي هن جي چوڌاري مستيءَ ۾ خوشيءَ مان نچڻ شروع ڪندي آهي. پوتراج ان خوشيءَ ۾ پاڻ به شامل ٿي ويندو آهي ۽ جلد ديوتا جي اثرهيٺ اچي ويندو آهي. هن کي مٿي نيو ويندو آهي ۽ ان جڳهه تي ٻڌو ويندو آهي، جتي دنبو ساڻو لڳو پيو هوندو آهي. ديوتائي هيجان ۾ مست ٿيل پوتراج ان ڏنبي ڏانهن ڊوڙندو آهي، ان کي پنهنجي ڏندن سان پڪڙيندو آهي، ان جي ڪل ڦاڙي وجهندو آهي ۽ ڳچي ڪائڻ لڳندو آهي. جڏهن اهو ڏنبو بلڪل مري چڪو هوندو آهي، پوءِ هن کي مٿي کنيو ويندو آهي. گوشت سان ڀريل هڪ ٿالهه هن کي پيش ڪيو ويندو آهي، جنهن ۾ هو پنهنجو رت هاڻو منهن وجهندو آهي؛ پوءِ ان کي ڏنبي جي ٻين باقيات سان گڏ قربانگاهه پرسان پوريو ويندو آهي. ان کانپوءِ ان ديوتا ــ پوتراج جون ٻانهون کوليون وينديون آهن ۽ هو ان هنڌ تان پڃي ويندو آهي. مان اهو اضافو ڪري سگهان ٿو ته بطور هڪ قانون جي هرهنڌ ديوتا کي ذبح ڪندڙ کي سندس پوڄيندڙن جي انتقام کان ڀڄڻو پوندو آهي، جيڪو ان حملي ۾ حصو وٺڻ کانپوءِ، جيئن ئي قرباني مڪمل ٿي ويندي آهي، برهميءَ جو مڪر ڪندو آهي.

باقي ميلو هاڻي مندر جي اڳيان منتقل ڪيو ويندو آهي، جتي پهرئين ڏينهن تي جمع ڪيل اَن جو ڪوڙ سمورن هارين ۾ ورهايو ويندو آهي ته جيئن هرهڪ گوشت جي پنهنجي ٽڪري سان انکي پنهنجي زمين ۾ وجي پوکي. ان کانپوءِ ٽئين ۽ چوٿين ڏينهن تي ذبح ڪيل مينهن ۽ ٻڪرين جي گڏ ٿيل سِسين جي ورهاست ڪئي ويندي آهي. اهي ظاهر آهي ته اوترين ئي مقدس ليکيون وينديون آهي، جيترو ٻين ملڪن ۽ زمانن ۾ عام طور تي سِسيون مقدس قرار ڏنيون وينديون آهن. ٻڪرين جون اٽڪل چاليهه سِسيون ڪن مراعات يافته ماڻهن ۾ ورهايون وينديون


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. باقي بچيل ماڻهن وچ ۾ هڪ عام رسم ڪشي تيندي آهي. جنهن ۾ سمورين ذاتين جا مرد جلد ئي زمين تي سڙيل جميل خون جي هڪ گند ۾ گڏجي لڙهندا آهن.

مينهن جي سِسين لاءِ رڳو پريياهه ئي رسم ڪشي ڪندا آهن. هنن مان جيڪو بہ بنهي قسمن جي سِسين مان هڪ بہ حاصل ڪري وجڻ ۾ ڪامياب ٿي ويندو آهي، اها سِسي پاڻ سان گڏ ڪٽي ويندو آهي ۽ پنهنجي زمين ۾ پوري ڇڏيندو آهي. اهڙين سمورين قربانين ۾ سِسيءَ جي خاص اهميت کي واضح ڪرڻ لاءِ مسٽر گومي کيترائي موزون مثال ڪنا ڪيا آهن. ميلي جون تقريبات شهر جي سرحدن چوڏاري هڪ جلوس ڪڍڻ سان، مقدس مينهن جي سِسيءَ کي ڳوٺ جي ديويءَ جي مندر پرسان پوري ڇڏڻ سان ۽ هڪ مڪمل مستيءَ "هڪ بي راهہ رويءَ جي حڪمرانيءَ" جي ڇڙڻ سان، پڄاڻيءَ تي پهچنديون آهن، جنهن دوران مڪ موسيقار سمورن اختيار ڏٽين ـــــ مقامي يا برطانوي، کي گهٽ وڌ ڳالهائيندو آهي. مون هن واحد جشن جو احوال ايڏو تفصيل سان ڏنو آهي، جزوي طور ان ڪري تہ اهو جيڪو ڪجهہ اڳ تي گذريو آهي، ان مٿان روشني وجهي ٿو پر جزوي طور ان ڪري بہ تہ اهو وڏن اناج ۽ شراب ديوتائن جي پوڄا جي ڪيترن ئي جزن کي واضح ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. زبردست اهميت جو هڪ نڪتو جيڪو هتي نوٽ ڪرڻ جهڙو آهي، اهو هي آهي تہ پنهنجو فرض سرانجام ڏيندڙ پادري، جيڪو هڪ وقت تي ديوتا ۽ شڪار ـــ ٻئي هو، پوتراج سڏيو ويندو آهي، ان ديوتا وانگر جنهن جي اهو نمائندگي ڪندو آهي. ساڳئي نموني جيئن قريجيا ۾ گڏيل اتيس ـــ شڪار ۽ اتيس ـــ پادري مٿان، اتيس ديوتا جو نالو رکيل هو ۽ اهڙي طرح مصر ۾ ساليانی اوسيرس قربانيءَ تي اوسيرس جو نالو رکيل هوندو آهي، جنهن جي اها قرباني نمائندگي ڪندي آهي.

تنهنڪري جيڪڏهن مان هنن ٻين جشنن جي مماثلت ۾ صحيح آهيان تہ پوءِ ڊايونيسس اصل ۾ هڪ اناج ديوتا هو ۽ بعد ۾ هڪ انگوري ديوتا، جنهنکي سالئوسال ڪٽو ۽ پوريو ويندو هو تہ جيئن هن جو خون زمين يا انگور جي باغ کي زرخيز ڪري سگهي. هومر جي زماني ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو اجا تائين ٻني ٻاري جو هڪ عام ديوتا هو. رڳو بعد ۾ هو واضح طورتي هڪ انگوري ديوتا ۽ شراب جو ديوتا بڻيو. مان سمجهان ٿو ته اصل ۾ هر ڳوٺ ۾ هڪ ڊايونيسس هو ۽ هن ديوتائي شڪار کي هر سال موج مستيءَ وارين رسمن سان، پوتراج جي رسمن وانگر پنهنجو پاڻ آڌو پيش ڪيو ويندو هو. مسٽر لارينس گومي اڳ ئي جزوي طور يوناني ۽ هندستاني رسم جي هڪجهڙائيءَ ڏانهن اشارو ڪري چڪو آهي. هن نظرئي مطابق ڊايونيسس پوڄا جو اوائلي ترين روپ اهو هوندو جيڪو ڪيوس ۽ ٽينيڊوس ۾ باقي بچيو، جنهن ۾ ڊايونيسس جي جشن ۾ هڪ زنده انسان کي موج مستيءَ واري انداز ۾ ٽڪرن ٽڪرن ۾ چيريو ڦاڙيو ويندو آهي. اورڪو مينس وٽ قربانيءَ جو انساني شڪار، روايت موجب اُوليپا خاندان جي هڪ عورت هوندو آهي (اهڙي طرح عورت ڊايونيسس به هيون). ساليانى ميلي تي ڊايونيسس جو پادري هڪ تلوار کڻي انهن عورتن جو پيڇو ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن هو انهن عورتن مان ڪنهن هڪ کي پڪڙي وٺندو آهي ته انکي قتل ڪرڻ جو هن کي حق حاصل هوندو آهي (هي مقدس اتفاقي شڪار هوندو آهي). ٻين هنڌن تي هيءَ رسم تاريخي زمانن ۾ تبديل ڪئي وئي آهي: اهڙيءَ طرح بوئيشيا ۾ پوٽنيا وٽ ڪنهن وقت اها رسم هئي ته هڪ ٻار کي بطور ڊايونيسس جي ذبح ڪيو وڃي پر بعد ۾ هڪ ٻڪري، جنهن کي ديوتا سمجهيو ويندو هو، قربانيءَ جي اصلي انساني شڪار بدران استعمال ڪئي وڃڻ لڳي. قربانيءَ جي جانور جي انساني ديوتا سان برابري هن حقيقت ذريعي ڏيکاري وڃي ٿي ته ٽينيڊوس وٽ ڊايونيسس کي قربان ڪيل يا بطور ڊايونيسس جي نئين ڄاول ڳابيءَ کي وڏن ترن وارا بوٽ پارايا ويندا آهن، جڏهن ته سندس ماءُ ــــ ڳئونءَ جي هڪ نئين ويائيل عورت جيان سار سنڀال ڪئي ويندي آهي.

ٻئي هنڌ اسان ٻيون موج مستيءَ واريون رسمون ڏسون ٿا، جيڪي اجا وڌيڪ ويجهڙائيءَ سان هندستاني رسمن سان مشابهه آهن. ڪريٽنس ۾ هڪ ڊايونيسس کي هرٻئي سال، هڪ ڏاند جي روپ ۾ قربان ڪيو ويندو آهي ۽ پوڄاري پنهنجن ڏندن سان خونخوار نموني جيئري جانور کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ چيري ڦاڙي ڇڏيندا آهن. مسٽر فريزر چئي ٿو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت ۾ زنده ڏاندن ۽ ٻڪرين کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ ۽ شوق سان کائڻ جڏن ڏايونيسس رسمن جو هڪ باقائده حصو رهيو آهي. وري ڪن شهرن ۾ اهو جانور جيڪو انساني قربانيءَ جي جاءِ تي استعمال ڪيو ويندو آهي. هڪ ٻچڙو جانور هوندو آهي. جڏهن ڏايونيسس جا پوئلڳ هڪ زنده ٻڪريءَ کي ٽڪرن ٽڪرن ۾ چيري ڦاڙي ڇڏيندا آهن ۽ ان جو رت پيئندا آهن، تڏهن اهي سمجهندا آهن ته هو ديوتا جو اصل جسم ۽ رت کائي پي رهيا آهن. هي ديوتا کي کائڻ ۽ پيئڻ هڪ اهم نڪتو آهي.

ڪنهن به هڪ ديوتا يا ديوتائن جي هڪ طبقي مٿان گهڻو وقت ٽڪڻ جي منهنجي خواهش نه آهي. تنهنڪري مان هتي رڳو مختصراً اهو چوندس ته جڏهن ڏايونيسس ساليانو يا هر ٻئي سال قربانيءَ جو انگوري ديوتا بڻيو، اها ڳالهه اٽڪر هئي ته هن جا پوڄاري انگور جي ول ۾ هن جو وري زنده ٿي اٿڻ ۽ مجسم ڏسن ۽ شراب جيڪو هن ڪين ڏنو هوندو آهي، انکي ديوتا جي رت سمجهن. هن معاملي ۾ اهڙي هڪجهڙائي خاص طور تي فطري هئي. جوته ڇا هر پوڄاري پنهنجي شراب ۾ ديوتا کي محسوس نه پئي ڪري سگهيو؟ ۽ ڇا ان شراب ۾ موجود ديوتائي جوش هن کي نه ٿي اتساهيو ۽ مدهوش ڪيو؟ ”ديوتا سان ٺمٺار ٿي وڃڻ“ ان شراب جي نتيجي ۾ پيدا ٿيندڙ شگفتگيءَ لاءِ هڪ فطري اظهار هو: اهڙي طرح شراب ـ روح جو عقيدو انهن عقيدن منجهان هڪ آهي، جيڪو سيني کان يقيني ۽ وڌ ۾ وڌ نزديڪ ذاتي بنياد تي بيٺل آهي.

ڏايونيسس جو موت ۽ هن جو وري زنده ٿي اٿڻ ان طرح سان هڪ طبعي حقيقت آهي. ديوتا هر سال انسان، ڏاند يا ٻڪريءَ جي روپ ۾ جيئرو قتل ڪيو ويندو آهي، ۽ پنهنجن عقيدتمندن جي ڀلي لاءِ هڪ دفعو وري پنهنجي رت ڏيڻ لاءِ انگور جي ول ۾ جيئرو ٿي پوندو آهي. ان کان علاوه هن کي ٻين ڪيترن وڻن لاءِ بطور هڪ ٻاڻ جي به استعمال ڪري سگهجي ٿو ۽ اهڙي طرح اسانکي خبر پوي ٿي ته ڏايونيسس جا ڪيترائي ڪم آهن. هن کي مختلف طريقن سان وڻ جي ۽ وڌيڪ خاص طور تي ميوي دار انجير ۽ صوف جي وڻن جي ڏايونيسس طور پوڄيو وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جو نقش. اڳ ۾ ذڪر ڪيل وڻن جي بين ديوتائن جي نقشن جيان اڪثر هڪ اُپي ٽنيي وارو هو. ڪن ۾ ٻانهن ڪانسواءِ پر هڪ چادر ۾ (اشيرا وانگر) وڪوڙيل ۽ سِـسـيءَ کي ظاهر ڪرڻ لاءِ هڪ ڏاڙهيدار پوش پهريل، جڏهن ته ان مان ٻاهر نڪرندڙ سبز ٽاريون هن جي نباتياتي ڪردار کي ظاهر ڪنديون آهن. هو پوڪيل وڻن جو رکوالو هوندو آهي، هن آڏو عبادتون ڪيون وينديون آهن ته جيئن هو وڻن کي ڦٽائي؛ ميوو پوکيندڙن طرفان هن جي عزت ڪئي ويندي آهي. جيڪي پنهنجن ميون جي باغن جي وچ ۾ هن جي مورتي هڪ فطري وڻ جي ٽڙ جي روپ ۾ ڪڙي ڪري ڇڏيندا آهن (ان سان پيٽيو بنين ۾ ڪڙي ڪيل جديد نقلي انساني پتلي کي جيڪا ان جي آخري گهتايل ۽ ڪارائتي نشاني آهي). بين ايترين ئي دلچسپ حقيقتن لاءِ مان پڙهندڙ کي هڪ دفعو وري مسٽر فريزر ڏانهن رجوع ڪندس، جنهن جي زبردست ذخيري کي مان وڌيڪ نه لٽيندس. هن جي حقيقتن جي مجموعي مان مونکي اهو صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اصل ۾ هرهنڌ هڪ الڳ مقامي ڊايونيسس هڪ ساليانو انسان ـ ديوتا يا قربانيءَ جي عورت ديوتائڻ هوندي هئي (جن جي بدلي ۾ بعد ۾ هڪ جانور کي استعمال ڪيو وڃڻ لڳو) ۽ رڳو آهستي آهستي انفرادي ڊايونيسس جي پوڄا، هڪ وڏي تصوراتي ديوتا ـــ ڊايونيسس جي عام پوڄا ۾ تبديل ٿي وئي. وڏا ديوتا شروع ۾ طبقا هوندا آهن، نه ڪي فرد.

مسٽر گومي ڊايونيسين رسمن ۽ هندستاني پوتراج ميلي وچ ۾ هڪجهڙائيءَ جا وڌيڪ ئي دلچسپ نڪتا ٻڌايا آهن. پهريون: ڊايونيسس ڪڏهن پنهنجن پوڄارين آڏو رڳو پنهنجي سِـسـيءَ سان ظاهر ڪيل هوندو آهي، جيڪا بيشڪ هڪ محفوظ ڪيل استخاري واري سِسي هوندي آهي ۽ ڪنهن به صورت ۾ هندستاني تقريب ۾ سِسيءَ جي اهميت جي برابر هوندي آهي. ٻيو: ٽينيڊوس وٽ ڳابي کي قربان ڪندڙ کي رسم پوري ٿيڻ تي ڀڄايو ويندو آهي ۽ پٿر هنيا ويندا آهن، هيءَ ڳالهه هندستاني رسم ۾ ڏنبي کي ذبح ڪرڻ ڪانپوءِ پوتراج جي ان جڳهه تان ڀڄي وڃڻ جي برابر آهي ۽ ٽيون: ڊايونيسس جون عورت پوڄارڻيون ميلي جي رسمن ۾


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننگيون تي، هارن سان سينگارجي ۽ جسم کي متي ٿڦي شريڪ ٿينديون آهن. جيڪو هندستاني ميلي ۾ رکو وٽن جي تارين سان ڍڪيل ننگين عورت پوڄارڻين جي مساوي آهي.

هي سمورا ٿئي نڪتا ٻين هنڌن تي ٿيندڙ ساڳين تقريبن ۾ ڪثرت سان دهرائجندا رهن ٿا. بطور هڪ اصول جي مان پنهنجو توجهه رسم ۽ پوڄا جي خالص مذهبي ۽ عملي جزن تائين محدود رکندي ڏلهين ڏندڪٿائن کي خيالن کي اونداهو ڪندڙ سمجهندي تمام سختيءَ سان نظرانداز ڪيان ٿو. پر هتي ڪريٽن ڊايونيسس ـــ ڏندڪٿا جو ذڪر ڪرڻ ان جي تصويري اهميت ڪري سودمند سمجهان ٿو. ان ڪٿا ۾ ڊايونيسس کي زيوس ـــ هڪ ڪريٽن بادشاهه ـــ جي پٽ طور ڏيکاريو ويو آهي ۽ هي قصو پراڻي خيال جو احاطو ڪري ٿو ته قربانيءَ جو شڪار ـــ ڊايونيسس شروع ۾ خود به هڪ ديوتائي ديوتا ـــ بادشاهه هو، جيڪو برادريءَ جي اعلىٰ ترين ديوتا يا بنياد وجهندڙ سان رت جي رشتي ذريعي ڳنڍيل هو. هيرا ـــ زيوس جي زال، ان ٻار کان سڙندي هئي ۽ هن ڊايونيسس کي هڪ مقابلي لاءِ ورغلايو، جنهن ۾ هو سندس ماتحت ٽائيٽنس هٿان شڪست کائي ويو، جن هن جي جسم کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو، سندس لاش کي مختلف جڙي ٻوٽين سان گڏ ٽهڪائي کائي ڇڏيو. ڏندڪٿا جا ٻيا حصا اسانکي ٻڌائن ٿا ته ڪيئن هن جي ماءُ ڊيميتر هن جي ذرا ذرا ٿيل باقيات کي پاڻ ۾ ڳنڍيو ۽ هن کي وري نوجوان بڻائي ڇڏيو. بهرحال وڌيڪ اڪثرڪري ڊايونيسس، سميلي جو پٽ آهي ۽ هن جي وري زنده ٿي اٿڻ جي انداز جا ڪيترائي ٻيا مختلف قصا ڏنا وڃن ٿا. اسانجي مقصد لاءِ اهو ڪافي آهي ته انهن سمورن ۾ شراب ـــ ديوتا، قتل ٿي چڪي هجڻ ۽ ٽڪرا ٽڪرا ٿي چڪي هجڻ ڪانپوءِ وري جيئرو ٿي پوي ٿو ۽ اڪثر ڪري متي آسمان ۾ پنهنجي پيءُ ـــ زيوس ڏانهن هليو وڃي ٿو. اهڙي طرح هن جي وري زنده ٿي اٿڻ جي عمل، جنهنکي ظاهر ظهور ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيو ويندو آهي، ڪيترين ئي جڳهن تي ان رسم جو حصو جوڙيو ٿي.

مجموعي طور تي پوءِ جيتوڻيڪ مان ان کان انڪار نه ٿو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪيان تہ بعد جي يونانين ڊايونيسس کي بطور هرياليءَ جي هڪ واحد اعليٰ ديوتا جي تصور ڪيو. نہ ان ڳالھ کان تہ ان پوڇا مان آخرڪار ڪيترا تجريدي خيال اپريا ـــ خاص طور تي اهي جن ديوتا جي مرڻ ۽ وري زنده ٿي اٿڻ کي ساليانِي سياري جي ننڊ ۽ بهار جي وري آمد سان پيتيو تي، پر مان سمجهان ٿو تہ ڊايونيسس پنهنجي اصليت ۾ ساليانِي قربانيءَ جي اناج ـ ديوتا/ شڪار کان وڌيڪ ٻيو ڪجھ بہ نہ هو، جنهنکي بعد ۾ قربانيءَ جي وڻ ۽ شراب ديوتا/ شڪار تائين ڦهلايو ويو.

مان هاڻي اوسيرس ڏانهن، بطور اناج ديوتا جي سندس ثانوي يا اڌاري ورتل ڪردار جي، اچان ٿو. مان اڳ ئي ان عقيدي جو اظهار ڪري چڪو آهيان، جنهن ۾ منهنجي حمايت مسٽر لوفتي بہ ڪئي آهي تہ اصلي اوسيرس، تسس جو حقيقي تاريخي اوائلي بادشاھ هو. پر بعد جي مصري مذهب ۾ جڏهن صوفياڻہ تصور ڦٽڻ شروع ٿي چڪا هئا، هو مري ويلن جي ديوتا طور ليکيو وڃڻ لڳو هو ۽ هر مـمي يا هر انصاف ڪيل روح کي بطور هڪ اوسيرس جي ڏٺو وڃڻ لڳو هو. ان کان علاوه اهو بہ ممڪن لڳي ٿو تہ مصر ۾ اوسيرس جو نالو ساليانِي قتل ڪئي ويندڙ قربانيءَ جي اناج شڪار يا اناج ديوتا مٿان پڻ رکيو ويندو هو. اهڙي طرح سڄي مصر ۾ اوسيرس جا ڪئين ٻهروپ موجود هئا، خاص ڪري بسيرس وٽ، جتي ان جو نالو هڪ اوائلي مقبري سان جڙيل هو، جيئن ابيدوس وٽ موجود مقبري سان. نئين بڻايل ديوتا جي تاريخي بزرگ، مري ويل بادشاھ يا قبيلي جي ديوتا سان هيءَ سڃاڻپ ڪافي معمولي آهي: اها برابر آهي پوتراج کي، فرض سرانجام ڏيندڙ پوتراج پادريءَ سان سڃاڻڻ جي، اتيس ـ پادريءَ کي اتيس سان سڃاڻڻ جي، قربانيءَ جي ڊايونيسس شڪار کي زيوس جي پٽ سان سڃاڻڻ جي ۽ ان جا اسانکي هاڻي ڪانپوءَ وحشي ماڻهن ۾ ڪافي مثال ملندا. اسانکي ثبوت تي نظر وجهڻ کپي.

جيئن هندستان ۾ هو، اوسيرس ميلو پنج ڏينهن جاري رهندو آهي (اهو مدو نوٽ ڪرڻ جهڙو آهي). تقريبات زمين کي هر ڏيڻ سان شروع ٿينديون آهن. اسان يقين سان اهو نہ ٿا چاٿون تہ قربانيءَ جي هڪ انسان کي بند ڪيو ويندو آهي يا نہ پر ڪيتريون ئي پرپاسي واريون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪجهڙايون اسانکي ان نتيجي تائين وٺي وينديون ۽ اهو تجويز ڪنديون تہ ڪنهن بئي هنڌ وانگر قربانيءَ جي مقدس شڪار ڪي سندس زرخيز جسم جو ڪو هڪ ٽڪرو حاصل ڪرڻ لاءِ هارين ۽ پوڄارين جي جوش ۾ ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇيريو ڦاڙيو ويندو هو. ڇوتہ ڏندڪٿا ۾ ٻڌائڻون، ديوتا جي لاش کي ڇوڏهن ٽڪرن ۾ ڪپي تو، جن کي هو ٻاهر وکيري ڇڏي تو (جيئن ننگو چمڙو ناهيندڙ، مقدس مينهن کي وکيري ڇڏيندو آهي) ۽ اسانکي خبر آهي تہ مصري تقريبات ۾ هڪ مکيہ جزو اوسيرس جي ٽڪرا ٽڪرا ٿيل حصن جي تلاش، انهن جي ڳولا تي خوشي ۽ انهن جي باعزت نموني تدفين هوندو آهي. جشن جي هڪ ڏينهن تي پادرين جو جلوس مندرن جي چوڌاري ويندو آهي يا شهر جي سرحدن جو چڪر لڳائيندو آهي ۽ ميلي جي پڄاڻي، اوسيرس لاءِ هڪ ٿنيو يا پٿر جو يادگار کڙو ڪرڻ سان ٿيندي آهي، جنهن کي کڙي ڪرڻ ۾ خود بادشاهہ کي منبت ڪاريءَ ۾ مدد ڪرائيندي ڏيکاريو ويو آهي. مان سوچيان ٿو تہ هنن رسمن جي پوتراج جي رسمن سان عمومي مشابهت کي نظرانداز ڪرڻ ناممڪن آهي. بعد جي اوسيرس جو ڪردار يا هن جهڙي سمجهي ويندڙ قربانيءَ جي ديوتا ـــ شڪار جو ڪردار بطور هڪ اناج ۽ ساوڪ جي ديوتا جي، شاهدين جي ٻين ڪيترن ٽڪرن ذريعي گهٽي حد تائين ثابت ٿي وڃي ٿو. اهو چيو وڃي ٿو تہ اوسيرس پهريون ديوتا هو جنهن ماڻهن کي اناج جو استعمال سيکاريو. هن انگور جي وَلِ جي پوکائي پڻ متعارف ڪرائي. مسٽر فريزر ٻڌائي ٿو تہ ڦلي وٽ اسيس جي عظيم مندر ۾ اوسيرس کي اپيل هڪ ڪوٺيءَ ۾، اوسيرس جو لاش اناج جي سنگن سان ظاهر ڪيو ويل آهي ۽ هڪ پادري انهن سنگن جي هڪ گهگهيءَ مان، جيڪا هو پنهنجي هٿ ۾ جهليو بيٺو هوندو آهي، آبياري ڪندو رهندو آهي.

وري بسيرس جي قصي ۽ ان مٿان تبصرن يا تفسيرن ۾ اسانکي اهم ثبوت ملي ٿو. بسيرس نالي جي معنيٰ آهي اوسيرس جو شهر، جنهن کي ائين ان ڪري سڏيو ويندو هو ڇاڪاڻ تہ قديم اوسيرس جي قبر (جيڪا هڪ ممي هئي يا ابيدوس جي وڏي ديوتا جهڙو سمجهو ويندڙ هڪ مقامي سردار هو) اتي قائم هئي. چيو وڃي ٿو تہ انساني



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قربانيون هن جي مقبري تي پيش ڪيون ويندئون هيون. بلڪل ائين جيئن ڳوٺ جي ديويءَ جي مقبري تي پوتراج قرباني ڏني ويندي آهي يا جيئن بڻي هنڌ ساليانو قربانيءَ جو شڪار. پيڙهه جي ديوتا يا ديويءَ جي سرحدن جي حفاظت ڪندڙ پٿر يا مقدس پٿر تي قربان ڪيو ويندو آهي. قربانيءَ جا اهي شڪار ماڻهو ڳاڙهن وارن وارا ۽ اجنبي هوندا آهن. انهن جي خاڪ کي الڳ ڪندڙ پکن ذريعي ڦهلايو ويندو آهي. انهن کي فصل لڻڻ واري زمين تي ڪنو ويندو آهي ۽ فصل لڻيندڙن طرفان هڪ گيت ۾ ان جو ماتم ڪيو ويندو آهي (ادونس ۽ اتيس جيان)، جيڪو هڪ يوناني غلطيءَ سببان اسانکي بطور مئنيروس جي ڄاتل آهي. فصل لڻيندڙ ساڳئي وقت اها دعا به گهرندا آهن ته اوسيرس شل وري جيئرو ٿي پوي ۽ ايندڙ سال وڌيڪ نئين جوش سان واپس ٿئي.

هن تفصيل ۾ جنهنکي اپولو ڊورس، ڊايوڊورس ۽ پلوطرڪ جي تفصيلن مان کنو ڪيو ويو آهي، وڌ ۾ وڌ دلچسپ نڪتو اها حقيقت آهي ته اهو اسانکي ڏيکاري ٿو ته ڪيئن ساليانو اوسيرس کي پراڻي ديوتائي بادشاهه سان سجاتو ويندو هو، جيڪو هن جي قبر ۾ هن جي پرسان ئي پيو هوندو هو ۽ اهڙي طرح هن معاملي کي ٻين مثالن جي برابر آڻي بيهاري ٿو، جن تي اسان اڳ ئي غور ڪري آيا آهيون ۽ اجا انهن تي ضرور غور ڪنداسون. جيستائين اوسيرس جي لاش جي ٽڪرن پنيان ڊوڙڻ جو تعلق آهي، اهو بلڪل ڊايونيسس جي ڪپيل ٽڪرن پنيان ڊيميتر جي ڊوڙ مثل آهي.

مان اوسيرس جي وري زنده ٿي اٿڻ ۽ ڊايونيسس جي لاش جي ٽڪرن جي وري ڪٺي ٿيڻ ۽ هن جي وري جوان ٿي اٿڻ جي ٻڌائي ويندڙ ڪهاڻي ـ ٻنهي جي تشريح ائين ڪيان ٿو ته انهن جو مطلب آهي ته (لاش جا) ٽڙيل پکڙيل ٽڪرا جن کي خوندن جي ميرياهه جي ٽڪرن وانگر پوريو ويو هوندو آهي، وري ايندڙ سال لاباري لاءِ جيئري جاڳندي فصل ۾ ڦٽي پوندا. ان کان علاوه مصر ۾ قديم اوسيرس رسم جي بظاهر بقا هڪ سُسيل روپ ۾ اڄ ڏينهن تائين قائم آهي (انگلينڊ ۾ نقلي ميئرن وانگر)، جيڪا نمايان طور تي اها سجاڻپ تجويز ڪري ٿي، جنهن جي مان هتي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش ڪري رهيو آهيان. ڪلنزنگر اسانکي ٻڌائي ٿو تہ مٿين مصر ۾ (مصري) شمسي سال جي پهرئين ڏينهن تي، جڏهن نيل ندي عام طور تي پنهنجي اوج تي پهتل هوندي آهي، باقاعده سرڪار هر ضلعي ۾ ٽن ڏينهن لاءِ معطل ڪئي ويندي آهي ۽ هر شهر پنهنجو عارضي حڪمران چونڊيندو آهي. هي عارضي بادشاهہ (هڪ مقامي اوسيرس جيئن مان سمجهان ٿو) هڪ مخروطي ٽوپي پهريل هوندو آهي ۽ ڪيس هڪ ڊگهي زردي مائل ڏاڙهي هوندي آهي ۽ هڪ عجيب لبادي ۾ وڪوڙيل هوندو آهي. مان ٻنا هبڪ جي انکي مٿئين مصر جي پراڻي شاهاڻي ٽوپي پهريل اوسيرس جو لباس چوان ٿو، پنهنجن هٿن ۾ اقتدار جي ڇڙي ڪنيو، ان ڪنڌيءَ جيان جيڪو اوسيرس، يادگارن تي ڪنيو وينو هوندو آهي ۽ منشين، ڦاهي ڏيندڙن وغيره طور ڀهرو ٻيل ماڻهن سان گڏجي، هو گورنر جي گهر ڏانهن پيش قدمي ڪندو آهي. گورنر پنهنجو پاڻ کي معطل ڪرڻ جي اجازت ڏيندو آهي: نقلي بادشاهہ تخت تي چڙهندي هڪ عدالت (ٽربيونل) جوڙيندو آهي، جنهن جي فيصلن آڏو خود گورنر کي بہ لازمي جهڪڻو پوندو آهي. ٿورن لفظن ۾ ٻين عارضي بادشاهن وانگر هو گهڙي پل لاءِ واقعي بہ شاهاڻي اختياري ماڻيندو آهي. بهرحال ٽن ڏينهن ڪانپوءِ نقلي بادشاهہ کي قتل ڪيو ويندو آهي: اهو خول جنهن ۾ هو بند ٿيل هوندو آهي، باهہ جي شعلن حوالي ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي خاڪ منجهان فيلاهہ سرڪندو ٻاهر نڪرندو آهي، جنهن هن جو ڪردار ادا ڪيو هوندو آهي. مونکي ان ۾ شڪ ناهي تہ هي مثال هتي قديم خزاني جي صندوق يا اوسيرس جي ممّيءَ جي تابوت کي ظاهر ڪري ٿو.

پوءِ هن تصويري تقريب ۾ مان ساليانې اوسيرس قربانيءَ جي روايتي تخفيفن سان هڪ باقيات ڏسان ٿو، جنهن کي ڪڏهن واقعي بہ هڪ انسان شڪار مٿان عمل ۾ آندو ويندو هو. مونکي ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ مصر ۾ جيئن ڪنهن ٻئي هنڌ، اصل بادشاهہ جي جاءِ تي هڪ نقلي بادشاهہ اوسيرس جي پونيئر جو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ خود هڪ اوسيرس پراڻي زماني ۾ چونڊيو ويندو هو ۽ هن متبادل کي قتل ڪيو ويندو هو ۽ ڪيس ٽڪرن ۾ چيريو ڦاڙيو ويندو هو يا ساڙيو ويندو هو، جڏهن تہ هن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خاڪ کي الڳ ڪيو ويندو هو ۽ زمين تي ڦهلايو ويندو هو. اهو معلوم ڪرڻ به سودمند ٿي سگهي ٿو تہ آيا اهو ڪوڙو جيڪو اوسيرس، منبت ڪاريءَ (اُڪريل ڪم) ۾ جهليو وينو آهي، پوتراج جي ديوتائي ڇهبڪ ۽ بين ڇهبڪن جي مساوي نہ آهي، جن کي مسٽر گومي ايڏي سليقي سان ان تمام گهٽي غيرمحفوظ ۽ صوفياڻي صفت سان ڳنڍي ڇڏيو آهي. مان پوءِ تجويز ڪندس تہ اوسيرس پنهنجي بعد جي صورتن ۾ هر سال هڪ اناج ۽ انگور جي وَلِ جي قربانيءَ جي شڪار جي روپ ۾ جياريو ويندو هو. اصل ۾ مٿين مصر يا ان جي هڪ حصي جي هڪ بادشاهہ طور، بعد جي ڏندڪٿا ۾ هو بطور هڪ عام ثقافتي ديوتا جي تصور ڪيو وڃڻ لڳو. اِسِس، هن جي ڀيڻ ۽ زال ڪٽڪ ۽ جوَن کي زورشور سان ڦٽندي ڏٺو ۽ اوسيرس هي اناجَ پنهنجن ماڻهن ۾ متعارف ڪرايا؛ جن پوءِ آدمخوريءَ کي ختم ڪيو ۽ اناج اپائڻ شروع ڪيو. هڪ ساليانی قربانيءَ جي شڪار، جيڪو اڪثر حالتن ۾ اجنبي هوندو آهي ۽ جنهنکي نسلي ديوتا سان سڃاتو ويندو آهي، کي پنهنجي جاءِ تي ٽڪرن ۾ چيريو ڦاڙيو ويندو آهي ۽ اوسيرس کي آخرڪار ساوڪ جي خيالي روح ۾ ضم ڪيو ويندو آهي ۽ سمورن وڻن جو پيءُ فرض ڪيو ويندو آهي.

اسانکي هاڻي تمام مختصر نموني ادونس جي مثال کي ڏسڻ گهرجي. ادون يا عام طور تي تموز طور ڄاتو ويندڙ آقا، شامي مذهب جي مکيہ جزن مان هڪ هو. هو ساڳئي نالي واري ندي ـــــ ادونس سان ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل هو، جيڪا هن جي قبر پرسان اقيشيا جي مقدس آبشار وٽ اپري پئي. مان سمجهان ٿو تہ اسان حقيقت ۾ قربانيءَ جي انسان ادونس شڪار بابت نہ ٿا ڄاڻون پر هن جي موت جو هر سال مکيہ طور تي عورتن طرفان هڪ ڪڙي روج راڙي سان ماتم ڪيو ويندو آهي. هن جي مورتين کي لاشن جيان ڪپڙا پهرايا ويندا آهن، جڻ ڪ سندن تدفين ٿيندي هجي ۽ پوءِ کين سمنڊ يا چشمن ۾ ڦٽو ڪيو ويندو آهي. هي بظاهر هڪ برسات جو جادو ٽيٽو هو، جيڪو هڪ خشڪ ملڪ جيئن شام ۾ خاص طور تي هڪ فطري ڳالهہ هوندي آهي. ڪجهہ هنڌن تي ٻئي ڏينهن تي ادونس جي وري زنده ٿي اٿڻ جو جشن ملهايو ويندو آهي. ببلوس وٽ پڻ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو پنهنجن پوڄارين سامهون آسمان ڏانهن مٿي ڪجي ويو ـــ عيسائي مماثلتن ڪري هي هڪ توجهه طلب نڪتو آهي. بهار ۾ ادونس نديءَ جي رت جهڙي ڳاڙهي رنگ، جيڪو حقيقت ۾ ان ۾ چوڙ ڪندڙ شاخن ۾ جبلن جي ڳاڙهي مٽي لڙهي اچڻ ڪري ٿي پوندو آهي. ادونس ديوتا جي رت سمجهيو ويندو آهي. گلناري ساموندي گل هن جي زخمن مان ڦٽو هوندو آهي. پر ٿيوڪريٽس جي منطقي تشريح واضح نموني ادونس کي بطور "پوکيل اناج" جي واضح ڪري ٿي ۽ اهو ته هو هڪ ٻج هو، هندستان ۾ ٻئي هنڌ قربانيءَ جي عام اناج شڪارن وانگر، جنهن ۾ اسان هن جي موت ۽ وري زنده ٿي اٿڻ جي بار بار ڌهرايل ڪهاڻين ۾ مشڪل سان شڪ ڪري سگهون ٿا. نام نهاد "ادونس جي باغن"، جيڪي اناج پوکيل هڪ ڏڙي (قبر) جو نقل ڪندڙ نمائنده هئا. ان ديوتا جي رسمن جو هڪ وڏ ۾ وڏ نمايان حصو جوڙيو ٿي. اهي مٽيءَ سان ڀريل ٽوڪري يا ٿانوَ هئا، جن ۾ ڪڻڪ، جوَ، گل وغيره پوکيل هئا، جن جي سار سنڀال عورتون ڪنديون آهن ۽ انن ڏينهن جي پڄاڻيءَ تي اهي مئل ادونس جي مورتيءَ سان گڏ ٻاهر آنديون ويندي‌ون آهن ۽ کين سمنڊ ۾ يا چشمن ۾ اڇلايو ويندو آهي. هي بيشڪ هڪ برساتي جادو ڦيٽي جو هڪ ٻيو مثال آهي. ادونس جيڪو شام لاءِ هو، اٿين ٿي اتيس ڦريجيا لاءِ هو. پروفيسر رامسي مطابق اصل ۾ لڳي ٿو ته قربانيءَ جي هڪ ساليانو پادري ـــ شڪار ذريعي هن جي نمائندگي ڪئي ويندي هئي، جيڪو زرخيزيءَ کي يقيني بڻائڻ لاءِ پنهنجو پاڻکي ماڻهن لاءِ ڪهندو هو. قربانيءَ جي هن پادري شڪار جو نالو اتيس هو ۽ کيس ان ديوتا سان سڃاتو ويندو هو، جنهن جي هو پوڄا ڪندو هو. بعد جي ڏينهن ۾ پنهنجو پاڻکي مارڻ بدران، هو صرف پنهنجو رت ڪڍندو هو ۽ اٿين سوچڻ جو سبب موجود آهي ته هڪ سُوئر کي پڻ بطور ٻئي شڪار جي پيش ڪيو ويندو هو ۽ اهو ته خود ان سُوئر کي اتيس ليکيو ويندو هو. هن مثال جون فسح جي عيد (اِيسٽر) جي ذُنبي سان هڪ جهڙايون موجود آهن، جڏهن ته اتيس پوڄا جي خود-سوزيءَ جون يهودي طور سان ڪجهه خاصيتون مشترڪ پڻ آهن. ان کان علاوه هي تقريبون گهٽ ۾ گهٽ پيسينس وٽ قديم مقدس پٿر سان نزديڪيءَ سان ڳنڍيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هيون، جنهن تي سبيلي جو نالو رکيل هو ۽ جنهن کي خدائن جي ماءُ طور بيان ڪيو ويندو هو. هي تعلق، صحيح نموني ياد ڏياري ٿو هندستان ۾ مقامي ڳوناٽي ديوتائن جي عقيدي سان پوتراج ديوتا جو تعلق. جيئن مان ڳوناٽي ديوتائن کي بنياد واري انساني قربانيءَ جو مستقل روپ سمجهان ٿو، ائين مان پڻ سبيلي کي اصلي ڪنواريءَ جو مقدس پٽر سمجهان ٿو، جنهن کي پيسينس جي پهرين پيڙهه وقت قربان ڪيو ويو هو. جڏهن سبيلي جو مقدس پٽر ۽ اتيس جو عقيدو روم ڏانهن منتقل ڪيا ويا، ته پوءِ اها تقريب، پوتراج جي ميلي جيان، پنجن ڏينهن واري رسم تي وئي. اها بهار جي نقطه اعتدال تي ٿيندي هئي، جيئن اسانجو پنهنجو متوازي ايسٽر جو ڏڻ ٿيندو آهي. پهرئين ڏينهن تي هڪ صنوبر وڻ کي ڪانئين ۾ ڪٽيو ويندو آهي ۽ هڪ نوجوان ماڻهوءَ جو پتلو ان سان ٻڌو ويندو آهي. هن پتلي بيشڪ قديم انساني قربانيءَ کي ظاهر ڪيو ٿي ۽ ان جو صليبجڻ بلڪل هندستان ۾ مقدس مينهن جي ڪنسجڻ برابر هوندو آهي. ٻئي ڏينهن تي ڪا خاص اهميت واري شيءِ نه ٿيندي آهي. ٽئين ڏينهن تي اتيس-پادري پنهنجن ٻانهن مان رت ڪڍندو آهي ۽ انکي قربانيءَ طور پيش ڪندو آهي. مان اندازو لڳايان ٿو ته هي خود-قربانيءَ جو هڪ نعم البدل هو ۽ خود-قرباني اصل ۾ عضووِتناسل کي ڪٽڻ ذريعي ادا ڪئي ويندي هئي. اهو شايد ان رات ٿيندو هو جو اتيس جي لاش، جيڪو هڪ پتلي معرفت ظاهر ڪيل هوندو هو، مٿان روڄ راڙو ڪيو ويندو هو. جنهنکي بعد ۾ عزت احترام سان دفنايو ويندو هو. چوٿين ڏينهن تي خوشيءَ جو ميلو ٿيندو هو، جنهن تي جيئن مسٽر فريزر سمجهي ٿو، ديوتا جي وري زنده ٿي اٿڻ جو جشن ملهايو ويندو هو. پنجين ڏينهن جي پڇاڙي الموناليِ ڏانهن هڪ جلوس ڪڍڻ سان ٿيندي آهي، جنهن ۾ ديوتائڻ جي مقدس پٽر ۽ سندس ڏاندگاڏيءَ کي بطور هڪ برساتي جادو ڦيٽي جي وهنجاريو ويندو آهي. واپسيءَ تي ان ڏاندگاڏيءَ جي رستي ۾ گل وڇايا ويندا آهن. مان سمجهان ٿو ته هندستاني استعمال سان نزديڪ پوروچوٽي هتي صاف صاف ظاهر آهي.

اهڙي طرح اتيس لازمي طور هڪ اناج ديوتا هو. هن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موت ۽ وري زنده ٿي اٿڻ کي هر سال روم ۾ ۽ پيسنيس ۾ ملهايو ويندو هو. هڪ قسم جو ڪو اتيس هر سال مرندو هو. پيسينس جو اتيس، پادري ۽ بادشاهه بڻي هو: شايد هڪ وقت تي بطور هڪ اناج ديوتا جي پنهنجي ساليانى حڪمرانيءَ جي خاتمي تي مرڻ هن جي ديوتي هوندي هئي. اتيس جو هڪ لقب "تمام گهڻو قلدار" هوندو هو: هن کي "اناج جي لٽيل زرديتي" طور مخاطب ڪيو ويندو هو ۽ جڏهن هڪ پتلو، ساليانى ڪنني ويندڙ پادري- بادشاهه جي جڳهه وندو هو. خود ان پتلي کي هڪ سال لاءِ سنيالي ڪيو ويندو هو ۽ پوءِ ان کي ساڙيو ويندو هو. جيئن خود پادري – بادشاهه ۾ ڪنهن اڳئين وقت تي ائين ساڙيو ويندو هو. هن واحد ثبوت جي گڏيل وزن کي روڪڻ مونکي ناممڪن لڳي ٿو. دميتر، پرسيفون ۽ بين عورت اناج ديوين، شڪارن سان لاڳاپيل تمام گهڻين عجيب رسمن ۽ ڏندڪٿائن لاءِ، مان پڙهندڙ کي هڪ دفعو وري مسٽر فريزر ڏانهن رجوع ڪندس (اهو صحيح آهي ته کوج لڳائيندڙ اتي ان موضوع کي ابتڙ نقطه نظر سان بحث هيٺ آيل ڏسندو). ڪيترن ملڪن ۾، پيرو کان آفريڪا تائين، لڳي ٿو هڪ چوڪري يا عورت کي بطور هڪ اناج ديويءَ جي قربانيءَ لاءِ پيش ڪيو ويندو هو: هن اناج ديويءَ کي لڳي ٿو ته ٻج سان گڏ پوکيو ويندو هو ۽ اهو سمجهيو ويندو هو ته اها ٻـ اُن سان گڏ وري زنده ٿي پوندي ۽ ڪيتريون ئي يورپي فصل لڻڻ جون رسمون قربانيءَ جي انسان جي جاءِ تي هڪ جانور يا هڪ پتلي کي آٽي رکڻ سان ان پراڻي رسم جو هڪ بگاڙ لڳن ٿيون.

هن روشنيءَ ۾ ڏسندي مسٽر فريزر جي اناج بار بابت حقيقتن جو مجموعو تحقيق لاءِ هڪ تمام عمدو ابتدائي مواد مهيا ڪري ڏئي ٿو.

مان بهرحال اهو ذڪر ڪرڻ کان پاڻکي نه ٿو روڪي سگهان ته "موت ڏيڻ" ۽ "جشن (ڪارنيوال) کي دفنائڻ" جون رسمون جيڪي سڄي يورپ ۾ ڦهليل آهن، پوتراج، ڊايونيسس ۽ اتيس-ادونس جشنن جا ڪيترائي دلچسپ پهلو پنهنجي اندر رکن ٿيون. موت جي مورت ــ يعني، جيئن مان انکي سمجهان ٿو، مري ويل انساني ديوتا جي مورت.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

کي ٽڪرن ۾ ڦاڙيو ويندو آهي ۽ انهن ٽڪرن کي پوءِ ٻنين ۾ ساڙيو ويندو آهي ته جيئن فصل سنا لهن. پر موت کي پڻ ٻوڙيو يا پوريو ويندو آهي: پهرئين مثال ۾ ادونس وانگر، ٻئي ۾ اوسيرس وانگر جديد مصري رسم ۾ ۽ انهن تقريبن جون هندستاني ۽ مغربي ايشيائي تقريبن سان هڪجهڙايون هر هوشيار پڙهندڙ کي مسٽر فريزر جي شاهڪار ڪم جو ضرور احساس ڏيارن ٿيون.

مان هتي رڳو اهو اضافو ڪندس ته جڏهن ته اناج ديوتا ۽ شراب ديوتا، مصنوعي ديوتائن جي هن عجيب ٽولي جا وڏ ۾ وڌ مشهور رڪن آهن، مقدس ڪجيءَ کي واديءَ دجلہ وفرات جي مذهبن ۾ پنهنجي هڪ اهميت حاصل آهي ۽ ٻئي هنڌ مڪئي، ڪيلي ۽ ناريل جا ديوتا خاص يا مقامي اهميت وارا ٿي وڃن ٿا. ساڳئي نموني چانور — روح، جَوَ جي زال، رائيءَ جي ماءُ ۽ جَوَ جي ماءُ آهن. اهي سڀ ان قديم قربانيءَ جي شڪار جون ڦيريون ڦاريون لڳن ٿا، جنهن کي فصل جو هڪ روح جوڙڻ لاءِ قربان ڪيو ويندو آهي يا ڪجيءَ يا ڪيلي لاءِ بطور هڪ ”ٻج“ جي ڪم ڪرڻ لاءِ قربان ڪيو ويندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب پندرهون

## قرباني ۽ مذهبي رسم

اسان هاڻي ان نقطي تي پهچي چڪا آهيون جتي اسان قرباني ۽ مذهبي رسم جا اهي عجيب خيال مڪمل نموني سمجهي سگهون، جيڪي ان سموري جي پاڙ وت پيل آهن جيڪو يهودي، عيسائي ۽ اڪثر ٻين مذهبن ۾ ضروري آهي. مسٽر گالٽن اسانکي ٻڌائي ٿو ته دماراس ماڻهن ۾، جڏهن هن انهن درميان سفر ڪيو، سمورو گوشت هڪ گڏيل ملڪيت هوندو هو. هنن مان ڪنهن به ڳئونءَ کي قتل نه ٿي ڪيو، سواءِ بطور هڪ قربانيءَ جي ۽ هڪ ميلي جي موقعي تي: ۽ جڏهن ڳئونءَ کي قتل ڪيو ويندو هو، سموري وسندي بلاامتياز جي ان کي کائيندي هئي. هي صرف هڪ واحد مثال آهي، ان احساس جو جيڪو قديم خانه بدوش ماڻهن ۾ تقريباً عالمگير هو. چوپايو مال ۽ ٻيا گهريلو جانور، جن کي مقدس سمجهيو ويندو آهي، ورلي قتل ڪيا ويندا آهن. ۽ جڏهن انهن کي ذبح ڪيو ويندو آهي، انهن کي هڪ جشن ۾ بطور هڪ سماجي ۽ عملي مذهبي رسم جي ڪاڏو ويندو آهي ـــ ٿورن لفظن ۾، مذهبي رسم طور. مان هيڙي مشهور اصول جا مثال ڏيڻ جي ضرورت نه ٿو ڀانيان: مان پنهنجو پاڻ کي اهو حوالو ڏيڻ تائين راضي رکان ٿو جيڪو ڊاڪٽر رابرٽسن سمٿ هڪ خاص نسل لاءِ چئي ٿو، ”اوائلي سامين ۾ عمومي طور ڪوبه قتل جائز/ قانوني نه هوندو هو، سواءِ قربانيءَ جي.“ حقيقت ۾ وحشي مال چاريندڙ اهڙن ماڻهن جو مشڪل سان تصور ڪري ٿي سگهيا جن لاءِ گوشت، خوراڪ جو روزمره جو هڪ اسم هوندو آهي. مسٽر گالٽن پنهنجن دماراس ماڻهن لاءِ هي خيال تمام گهڻو عجيب ڏنو. قديم مال پاليندڙ نسل پنهنجا گهريلو جانور مکيه طور تي کير ڏيڻ لاءِ، مال ڊوئڻ لاءِ يا اُن ۽ وارن لاءِ پاليندا هئا، انهن ورلي ڪڏهن ڪنهن جانور کي ماريو ٿي، سواءِ هڪ جشن لاءِ جنهن ۾ ديوتا به ساڻن گڏ حصو وٺندا آهن. حقيقت ۾ اهو ممڪن آهي، جيئن هي سلسلو تجويز ڪندو ته پالتو جانورن کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصل ۾ بطور نشانن يا بزرگ ـ ديوتائن جي رکيو ويندو هو ۽ ٻڪرين، رڍن ۽ ڳئن جو گوشت کائڻ جي عادت مڪيه طور تي اهڙي هڪ ديوتائي جانور شڪار کي اوائلي استعمال جي ديوتائي انساني شڪار جي نعم البدل طور استعمال ڪرڻ مان ڦٽي آهي. اسانجن ڪاسائين جي دڪانن جو پنهنجو بڻ بنياد قربانيءَ واري تخفيف شده آدم خوريءَ ۾ آهي.

مان سمجهان ٿو قرباني، جنهن کي محض ديوتا لاءِ نذرانو ليکيو وڃي ٿو، کي ٻه الڳ بڻ بنياد آهن. ان جو اوائلي ترين، سادي ۾ سادو ۽ وڏ ۾ وڏ فطري روپ اهو آهي جنهن جي اوسر جو اسان اڳ ئي پتو لڳائي چڪا آهيون ـــ بزرگن يا بادشاهن يا عزت لائق هم- قبيلاين جي قبرن تي کاڌي پيتي جون نذيون شيون رکڻ. اسان اڳ ئي اهو ڏسي چڪا آهيون ته تمام اوائلي زماني کان ماڻهن اهو عقيدو رکيو تي ته مري ويل کائيندا ۽ پيئندا آهن، پوءِ اهي لاش جي روپ ۾ هجن، مَمي جي روپ ۾ هجن، پوريل دوست جي پوت جي روپ ۾ هجن يا ساڙيل قبيلي جي سردار جي آسماني روح جي روپ ۾ هجن.

پر قربانيءَ جي هن روپ مٿان حاوي ٻئي قربانيءَ جو هڪ بيو روپ به آهي ۽ جيڪو آهستي آهستي تورو يا گهٽو پهرئين روپ جهڙو ٿيڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، پر جنهنکي جيڪڏهن مان صحيح آهيان، ديوتائن جي هٿرادو پئداوار ۾ هڪ صريحاً مختلف بڻ بنياد هو. جنهن بابت مون گذريل ٽن بابن ۾ ڪافي تفصيل سان لکيو آهي. هڪ نئون ديوتا يا حفاظت ڪندڙ روح ناهڻ لاءِ اهڙي طرح ڪٺو ويل انسان يا جانور ـــ شڪار، وقت گذرڻ سان مري ويل ديوتائن کي پيش ڪئي ويندڙ محض عزت وارن نذرانن جي پراڻي عقيدي ۾ ضم تي ويو، ۽ اهڙي طرح ان ديوتا جي انهن صوفياڻن تصورن کي جنم ڏنو، جنهنکي خود پاڻ آڏو قربان ڪيو ويندو آهي، جنهن جو وڏ ۾ وڏ پراسرار نتيجو (عيسائين جي) اجتماع جي مذهبي رسم آهي. اهڙي طرح بنياد وارا ديوتا، جن کي اصل ۾ هڪ گهر، شهر يا ڳوٺ لاءِ هڪ قبائلي ديوتا بڻجڻ لاءِ قتل ڪيو ويندو هو، آخر ۾ نيٺ ڌرتي ديويءَ يا ڌرتيءَ جي بدروحن لاءِ قربان ڪيا ويندڙ شڪار ليکيا وڃڻ لڳا ۽ اهڙي طرح پڻ ميرياهه ۽ ٻيا زرعي قربانيءَ جا شڪار،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جن ڪي اصل ۾ هڪ اناج – ديوتا يا اناج – روح ٻڌڻ لاءِ قتل ڪيو ويندو هو. آخر ۾ نيٺ ڏرتيءَ کي يا ڪنهن خيالي ڊايونيسس، اتيس يا ادونس کي پيش ڪيون ويندڙ قربانيون ليکجڻ لڳا. ۽ چاڪاڻ ته گهٽ ۾ گهٽ آخري مثال ۾ ديوتا ۽ قربانيءَ جي شڪار کي اجا تائين ساڳئي نالي سان سڏيو ويندو هو ۽ ٻنهي کي هڪ شيءِ طور سجاتو ويندو هو. ان ڪري آخر ۾ نيٺ ڪيترن هنڌن تي ۽ ڏرتيءَ جي ٻنهي اڏن ۾ پر خاص طور تي يونوچ علائقي ۾ هڪ ديوتا جو ڪفاري ۾ خود پنهنجو پاڻ آڏو قربان ٿيڻ جو عارفاڻو نظريو ڦٽو، جيڪو نجات جي عيسائي منصوبي جو بنياد ناهي تو. مان سمجهان ٿو، قربانيءَ جو هي ثانوي ۽ ورتل روپ آهي، جنهن تي پروفيسر رابرٽسن سمٿ جي تفصيلي ۽ انتهائي قيمتي تجزئي ۾ مڪيه طور تي غور ڪيو ويو آهي.

مان چوان ٿو ته قربانيءَ جو هي ثانوي روپ، جنهنکي مان اختصار خاطر هاڻي ڪانپوءِ صوفياڻي روپ طور نالو ڏيندس، دنيا جي اڪثر حصن ۾ ۽ ڏرتيءَ جي ٻنهي اڏن ۾ لڌو ويو آهي. هيءَ ڳالهه قدرتاً هي سوال ڪڙو ڪري ٿي ته آيا انکي هڪ مشترڪ بڻ بڻياد آهي ۽ اهو انسان ذات جي بن اڏن ۾ ڦهلاءَ کان اڳ آهي يا آيا اهو ڪيترن ئي هنڌن تي ڪيترن ئي نسلن طرفان ڪئين دفعا آزادانه نموني ڦٽو آهي. مون وٽ هن پيچيده سوال جو ڪٿيل ۽ خشڪ ٿيل جواب ڪونهي ۽ نه مان حقيقت ۾ ان کي حقيقي طور اهم سوال ڀانيان ٿو. هڪ پاسي اهو فرض ڪرڻ لاءِ ڪيترائي سبب آهن ته هڪ قديم مرڪز، جيڪڏهن اهڙي هڪ قديم مرڪز ڪڏهن ڪو وجود رکيو هو، وٽان ڦهلاءَ کان اڳ انسان ذات ۾ سوچ يا فن جون نسبتاً اعليٰ خصوصيتون مشترڪ ملڪيت هيون. ٻئي پاسي نفسياتدان اها ڳالهه بخوبي ڄاڻن ٿا ته سڄي دنيا ۾ انساني ذهن مليل حالتن ۾ غيرمعمولي هڪجهڙائيءَ سان عمل ڪري ٿو ۽ لڳي ٿو ارتقا جون ساڳيون منزلون ڪيترن نسلن طرفان آزادانه نموني پار ڪيون ويون آهن، مصر ۽ ميڪسيڪو ۾، چين ۽ پيرو ۾: ايتري قدر جو اسان هن خيال ۾ ڪاٻه اندروني طور ناممڪن ڳالهه نه ٿا ڏسون ته ويندي عارفاڻي قربانيءَ جي هنن پيچيده تصورن کي پرانهن ملڪن ۾ به نمايان بڻ بڻياد آهن. جيڪا ڳالهه



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يقيني آهي، اها اها حقيقت آهي تہ ايزٽيڪن ۾ ۽ جيئن ڦريجين ۾ پادري جنهن قرباني پيش ڪئي ٿي. قربانيءَ جو شڪار جنهن کي هن ذبح ڪيو ۽ اها مورتي يا وڏو ديوتا، جنهن آڏو هن انکي ذبح ڪيو، سڀ هڪ هئا: قتل ڪندڙ، قتل ٿيندڙ ۽ اها هستي جنهن جي شان ۾ اهو قتل ٿي رهيو هيو، سڀ جو سڀ هڪ واحد اڻٽٽ ديوتا هئا. ويندي اهي تفصيلات بہ تہ پادريءَ پنهنجو پاڻ کي ذبح ٿيل شڪار جي کل چاڙهي ڇڏي، ڪيترن هنڌن لاءِ مشترڪ آهن: اهي يا تہ تمام پراڻي بزرگانہ انسان ذات جي موروثيت آهن يا انساني ذهن جي هڪ الڳ پيداوار آهن، جيڪي ساڳين حالتن ۾ ناليـن وانگر ڪم ڪن ٿا.

مونکي اجا وڌيڪ ان ڳالهہ تي زور پرڻو آهي تہ ڪوبہ مذهب، جيئن انکي اسان هاڻي ڄاڻون ٿا، ڪنهن بہ طرح سان قديم نہ آهي. اسان پنهنجي وچ ۾ جيڪي وڏ ۾ وڏ وحشي عقيدا ڏسون ٿا، انهن کي بہ اجا پنهنجي پنيان هزارين سال آهن. پراڻي ۾ پراڻا مذهب، جن جو رڪارڊ اسان تائين پهتو آهي، جيئن مصر ۽ اسيريا جا مذهب ابتدائي بڻ بڻياد کان اجا هزارين سال پري آهن. خود کيتي باڙي/ فصل پوکڻ هڪ تمام قديم ۽ پرانهين زماني جو فن آهي. انهن ماڻهن مان چند وحشي ماڻهو، جن کي مشترڪ طور تي شڪاري منزل وارا ماڻهو سڏيو وڃي ٿو، ٻج-پوکڻ ۽ ڪاشتڪاري جي ڪنهن سادي شڪل کان مڪمل طور تي ناواقف هئا. اهي ٿورڙا ماڻهو جيڪي انهن فنن کان هاڻي اڻ واقف آهن، قديم ماڻهن کان بہ گهٽ سڌريل هجڻ جون ڪجهہ واضح نشانيون ڏيکارن ٿا. منهنجو پنهنجو عقيدو يا شڪ اهو آهي تہ زراعت سان لاڳاپيل عملن مان ورتل خيالن، جن جو تفصيل گڏريل بن بابن ۾ ڏنو ويو آهي، تقريباً سموري انساني نسل جي زندگي ۽ سوچ کي گهري نموني رنگي ڇڏيو آهي، جنهن ۾ ويندي وڏ ۾ وڏ غيرمهذب قبيلا بہ شامل آهن جيڪي زراعت بابت ٿورڙو يا ڪجهہ بہ نہ ٿا ڄاڻن.

اوائلي مال چاريندڙ نسلن ورلي ڪڏهن هڪ جانور کي ماريو ٿي، سواءِ وڏن موقعن تي. جڏهن هو ان کي قتل ڪندا آهن، اهي انکي گڏجي کائيندا آهن، سڄي قبيلي کي ان جشن تي مدعو ڪيو ويندو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. پر هو پنهنجن ديوتائن جي سنگت ۾ پڻ انکي ڪائيندا آهن: هر وڏي دعوت لازمي طور هڪ وڏو عِشائيو هوندو آهي، جنهن ۾ ديوتا، فاني انسانن سان گڏ شرڪت ڪندا آهن. ديوتائن ۽ انسانن جي هڪ مشترڪ دعوت جو هي احساس ئي آهي، جنهن بيشڪ مذهبي رسم واري مانيءَ جي پيچيده خيال ڏانهن پهرين وک وڌائي. جنهن خيال ۾ بعد جي منزل تي ان تصور جي اضافي سان اجا وڌيڪ ترقي ڪئي وئي تہ پوڄا ڪندڙ اصلي ديوتائيت کي کائي ۽ پيئي ٿو.

منهنجو پنهنجو اعتقاد هي آهي تہ هن ديوتا کائيندڙ ڪردار وارا سمورا قربانيءَ جا جشن، گهٽي قدر، اصلي آدم خوريءَ مان ڦٽا ۽ بعد ۾ هڪ جانور شڪار کي انساني گوشت جي جاءِ تي مٽايو ويو، پر مان هن نڪتي مٿان زور نہ ٿو ڀريان، نہ ئي سختيءَ سان ڳالهائيندي، انکي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪيان ٿو. اهو مشڪل سان هڪ اونهي بنياد واري شڪ کان وڌيڪ آهي. بهرحال پوءِ بہ مان سهولت خاطر قربانيءَ جي آدم خور قسم کان شروعات ڪندس ۽ ڪجهہ وقت ڪانپوءِ بڪرين ۽ ڳئن جي ڄاتل سڃاتل ڪوس/ قربانيءَ ڏانهن واپس موٽي ايندس، جنهن ڪيترن مثالن ۾ هڪ انساني قربانيءَ جي جاءِ والاري ڇڏي آهي.

ميڪسيڪن رسم جو اڪوستا طرفان ڏنل تفصيل شايد تمام بهترين مثال آهي، جيڪو هاڻي اسان وٽ آدم خور عارفاڻي قربانيءَ جي رسم جو، ان جي مڪمل ترين وحشت ۾، موجود آهي. هي جوشيلو پراڻو ليکڪ چئي ٿو، "هو هڪ قيديءَ کي ائين ئي ڏکي تي ڪٽيندا آهن ۽ پنهنجن بتن آڏو هن کي قربان ڪري ڇڏڻ کان اڳ، هو هن کي ان بت جو نالو ڏيندا آهن، جنهن آڏو هن کي قربان ڪرڻو هوندو آهي ۽ هن کي ساڳين ڳهن ڳنن سان آراستہ ڪندا آهن، جيئن ديوتا کي ڪندا آهن. ان وقت دوران، جيترو ديوتا سان هن جي هڪجهڙائي جاري رهندي آهي، جيڪو ڪن جشنن ۾ هڪ سال هوندو آهي. تہ ڪن ۾ ڇهہ مهينا يا ان کان بہ گهٽ، اهي هن کي عزت ڏيندا آهن ۽ سندس پوڄا ڪندا آهن، بلڪل ساڳئي انداز ۾ جنهن ۾ هو ان بت جي ڪندا آهن. ان دوران هن کي کائڻ پيئڻ ۽ موج مستي ڪرڻ جي اجازت هوندي آهي. جڏهن هو گهٽين مان گذرندو آهي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ماڻهو ٻاهر نڪري، هن جي پوڄا ڪندا آهن ۽ هر ماڻهوخيرات ڪٺي ايندوآهي ۽ ٻارن ۽ بيمارن کي پاڻ سان وٺي ايندو آهي ته جيئن هو انهن کي دعا ڪري ۽ شفاياب ڪري. هو هر شيءِ ڪندو آهي. جيئن هو چاهي سواءِ ان جي ته هن جي چوڌاري ڏهه يا ٻارنهن ماڻهو، هن کي ڀڄڻ کان روڪڻ لاءِ، هر وقت رهندا آهن. گهٽين مان گذرڻ وقت ڪڏهن هو هڪ ننڍڙي بانسري وڄائيندو آهي پاڻ کي عزت ڏيارائڻ لاءِ ۽ ماڻهن کي ٻڌائڻ لاءِ ته هن جي پوڄا ڪئي وڃي. جڏهن جشن جو ڏينهن ايندو آهي ۽ هو تلهو متارو ٿي چڪو هوندو آهي، هو ڪيس قتل ڪندا آهن، هن کي چيريندا ڦاڙيندا آهن، هڪ مذهبي قرباني ڪندا آهن ۽ هن کي کائيندا آهن.“ هتي اسانکي هڪ مجاز اختياريءَ جي لفظن ۾ هڪ سادو آدم خور جشن پنهنجي ڀرپور اگهاڙپ ۾ ملي ٿو.

مان ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪرڻ جي ضرورت مشڪل سان پانيان ٿو ته هي تفصيل ڪيڏي نه گهڻي ميرياهه جي خوني رسم جي ياد ڏياري ٿو. قربانيءَ جو شڪار، جيتوڻيڪ شاهي خون وارو نه هوندو آهي، هترادو نموني هن کي هڪ ديوتائي بادشاهه بڻايو ويندو آهي: هن سان بادشاهت ۽ ديوتائيت جي سمورين عزتن سان ورتاءُ ڪيو ويندو آهي، ڪيس ان ديوتا جهڙو لباس پهرايو ويندو آهي، جنهن جهڙو هن کي سمجهيو ويندو آهي ۽ پوءِ آخرڪار هن کي قتل ڪيو ويندو آهي ۽ کاڌو ويندو آهي. آخري نڪتو گهڻي حد تائين اڪيلي سر ميرياهه جي مثال کان مختلف آهي. اسان کي اجا تائين اهو پتو لڳائڻو آهي ته ”هو، هن کي ڇو کائيندا هئا؟“ هن جاچ پڙتال جو جواب اسانکي مذهبي رسم جي تصور جي دل ۽ دماغ تائين وٺي وڃي ٿو. اهو هڪ عام اوائلي عقيدو آهي ته ڪنهن به خاص جانور کي کائڻ سان توهانکي ان جانور جون خاصيتون ملي وينديون. اترئين هندستان جا ماڻرس چيتي شينهن جي گوشت کي مردن لاءِ وڏو مان ڏيندا آهن: اهو انهن کي طاقت ۽ بهادري ڏيندو آهي پر عورتن کي اهو هرگز نه کائڻ گهرجي: ”اهو انهن کي تمام گهڻو مضبوط-ذهن بڻائي ڇڏيندو.“ نماقناس قبيلي جا ماڻهو هرڻ جو گوشت کائڻ کان پرهيز ڪندا آهن، ڇوته پوءِ اهي نازڪ دل وارا ٿي ويندا، جيڪڏهن هنن اهو گوشت


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڳجهي چڏيو پر اهي شينهن جو گوشت کائيندا آهن يا چيتي جو خون پيئندا آهن تہ جيئن انهن جهڙي طاقت ۽ بهادري ماڻي وٺن. ڊياڪس ماڻهن ۾ نوجوان ماڻهن ۽ جنگي جوانن کي هرڻ جو گوشت نہ کائڻ گهرجي، اهو انهن کي بزدل بڻائي ڇڏيندو. پر عورتن ۽ پوڙهن ماڻهن کي ان جو گوشت کائڻ جي اجازت هوندي آهي. بنورو ۽ اروبئين جا ماڻهو ڪتن جو گوشت کائيندا آهن تہ جيئن هو بي باڪ ۽ تيز ٿين. بهادر ماڻهن جو گوشت ۽ خون بهادري پيدا ڪرڻ لاءِ کاڌا ويندا آهن. اسان ڏٺو تہ ڊو چيلو جي شيدي خادمن، پنهنجن بزرگن جون ڪوپڙيون ڪرڙي صاف ڪيون ۽ انهن جو پائوڊر پاڻيءَ ۾ ملائي پيتو. ڊو چيلوس جي ويڙهاڪن جو هي مثال اسانکي هڪ ٽپي سان هن موضوع جي دل تائين وٺي وڃي ٿو. ساڳين سببن ڪري ڪيترائي وحشي ماڻهو اصل ۾ پنهنجن مري ويل ابن ڏاڏن کي کائيندا آهن. اسٽريبو وٽان اسانکي خبر ٿي پوي تہ قديم آئرش ماڻهن پنهنجن والدين جا لاش کائڻ کي عزت وارو ڪم سمجهيو ٿي. ساڳئي نموني، جيئن هيروڊوٽس اسانکي ٻڌائي ٿو، وچ ايشيا جي اسيڊونس ڪيو. ميساگيٽي ماڻهو رحم وچان پنهنجن پوڙهن ماڻهن کي ڏنبو هڻندا هئا ۽ کائي ڇڏيندا هئا. سماترا جي باٽاس ماڻهن ۾ هيءَ رسم ڪافي ويجهڙائيءَ تائين عام هئي، جيڪي "مذهبي ۽ تقريباتي طور پنهنجن پوڙهن مائٽن کي کائي ڇڏيندا هئا." آسٽريليا ۾ انهن مائٽن کي کائڻ هڪ عام رواجي ڳالهہ هوندي آهي، جيڪي ڪنهن بدقسمتيءَ ڪري مري ويندا آهن. ٿلهي ليکي ڳالهائيندي، والدين يا مائٽ ان لاءِ کاڌا ويندا هئا تہ "جيئن زندگيءَ کي خاندان کان ٻاهر نہ وڃڻ ڏجي" يا لاشن ۽ روحن کي هڪ رت جي رشتي واري جسم ۾ محفوظ ڪري ڇڏجي يا مري ويل مائٽ جي همت ۽ بيون لياقتون حاصل ڪجن. ٿورن لفظن ۾ مري ويلن کي مذهبي رسم طور کاڌو ويندو هو يا جيئن هڪ ليکڪ انکي هن فقري ۾ ظاهر ڪري ٿو، " عيسائين طرفان آخري رات جي ماني ۽ شراب پيئڻ جي رسم جيان." مسٽر هارٽليند ڪيترائي نمايان مثال ڪنا ڪيا آهن. پر جيڪڏهن ماڻهن پنهنجن ابن ڏاڏن جا لاش کاڌا ٿي، جيڪي سندن خانداني ۽ گهريلو ديوتا هوندا آهن. تہ پوءِ هو فطري طور فصل جي مصنوعي ديوتائن جا يا عارضي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بادشاهن جا لاش پڻ کائيندا، جيڪي ماڻهن لاءِ مرندا آهن. هڪ ديوتا جو جسم کائڻ سان توهان هن جي ديوتائيت کي جذب ڪيو ٿا. هو ۽ توهان هڪ ٿي وڃو ٿا؛ هو توهان ۾ اندر وسي ٿو ۽ توهانکي اُتساهي ٿو. هي مذهبي رسم جو بنيادي خيال آهي: توهان پنهنجي ديوتا کي مڪمل هڪ ٿي وڃڻ ذريعي کائو ٿا؛ توهان هن کي پنهنجي اندر سموئي ڇڏيو ٿا؛ هو ۽ توهان پوءِ هڪ هستي هجو ٿا.

توهان پنهنجي ديوتا کي اجا ڪيئن کائي سگهو ٿا جيڪڏهن توهان هن کي فصل جي روح طور ٻج جي شڪل ۾ استعمال ڪرڻ لاءِ پوريندا آهيو؟ گوندِ اسانکي هن ڪليل مشڪل جو جواب مهيا ڪري ڏين ٿا. چوتہ جيئن اسان ڏٺو، هو قربانيءَ جي شڪار جي رت ڪيڙيل زمين يا پڪل فصل مٿان ڇڙڪائيندا آهن ۽ پوءِ هو مذهبي رسم طور هن جو جسم کائيندا آهن. حقيقت ۾ مصنوعي ديوتا جو اهڙو ٻتو استعمال، اسانجين اختيارين جي مبهم لفظن منجهان اڪثر ڳولهي سگهجي ٿو. اسان ان کي پوتراج ميلي ۾ ڏسون ٿا، جتي ڇيلي جي رت، مذهبي فرض انجام ڏيندڙ پادريءَ طرفان پيتي ويندي آهي، جڏهن تہ باقي جانور، قربانگاهہ پرسان پوريو ويندو آهي؛ اسان اهو بيشمار مثالن ۾ ڏسون ٿا جتي قربانيءَ جي ان شڪار جو هڪ حصو مذهبي رسم طور کاڌو ويندو آهي ۽ شڪار جو باقي بچيل حصو ساڙيو ويندو آهي ۽ زمينن ۾ کنديريو ويندو آهي، جنهن لاءِ فرض ڪيو ويندو آهي تہ زمين کي زرخيز ڪندو. توهان پنهنجي ديوتا کي ٽورڙو کائو ٿا تہ جيئن هن جي ديوتائيت جذب ڪيو پر توهان هن کي ٽورڙو پوريو ٿا تہ جيئن ساڳئي وقت هن جون زرخيزي خاصيتون پنهنجي فصل يا انگور جي باغ لاءِ حاصل ڪري سگهو. مان مڃان ٿو تہ هي سيڪجهہ نمايان طور عارفاڻو آهي؛ پر پُراسراريت جي سوداگري، حيرت انگيز هڪجهڙائين ۽ ٽورڙن فرقن سان ماڻهن جو عجيب نقل ڪرڻ هميشہ مذهب جي ضروري سامان جو گهڻو حصو جوڙيو آهي.

۽ هاڻي اسانکي ٿوري گهڙيءَ لاءِ اسانجن ميڪسيڪن مثالن ڏانهن واپس موٽي اچڻ گهرجي. عظيم ديوتا تيزڪيٽ ليپوڪا جي ساليانی ميلي تي، جيڪو اڪثر ساڳين جشنن وانگر، ساڳئي وقت تي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيندو هو جيئن عيسائي ايسٽر. هڪ نوجوان ماڻهوءَ کي ديوتا جي نمائندي طور ٻارهن مهينن لاءِ چونڊيو ويندو آهي. جيئن اهڙن تقريباً سمورن چونڊيل شڪارن جي معاملي ۾ ٿيندو آهي. انکي هڪ بي داغ جسم وارو شخص هجڻو پوندو آهي ۽ هن کي هڪ ديوتا-بادشاهه وانگر ان جي سموري شان و شوڪت سان. ورتاءُ ڪرڻ لاءِ سکيا ڏني ويندي آهي. ديوتائپ جي هن جي سال دوارن هو عيش عشرت ۾ رهندو آهي ۽ اصلي حڪومت ڪندڙ بادشاهه ان ڳالهه جو خيال ڪندو آهي ته هن کي عاليشان نموني لباس پهرايو وڃي، ۽ هن کي اڳ ئي بطور هڪ حاضر ديوتا جي ليکيو وڃي. شاهاڻن ملازمن جي ورديءَ ۾ ملبوس ٿيل انن خادمن طرفان هن جي خاطرداري ڪئي ويندي آهي. جيڪا ڳالهه هن کي اهو باور ڪرائيندي آهي ته هو هڪ بادشاهه ۽ هڪ ديوتا آهي ۽ جاڏي به هو ويو ٿي. ماڻهو هن آڏو جهڪيا ٿي.

ميلي ڪان ويهه ڏينهن پهريان. جتي هن کي قربان ڪيو وڃڻو هوندو آهي. چار نوابي ڇوڪريون جن تي چئن ديوين جا نالا رکيل هوندا آهن. کيس سندس زالون ڪري ڏنيون وينديون آهن. خود آخري جشن، ڊايونيسس جي جشن، اتيس جي جشن ۽ پوتراج جي جشن وانگر پنجن ڏينهن وارو هوندو آهي — ڌرتيءَ جي ٻن اڌن درميان هڪ اتفاق جيڪو تقريباً هن رسم جي انساني نسلن جي ڦهلاءَ کان اڳ اصلي سچائپ ڏانهن، اشارو ڪري ٿو. هنن پنجن ڏينهن دوران اصلي بادشاهه پنهنجي محل ۾ رهندو آهي ۽ هيءَ صورتحال صاف صاف ڏيکاري ٿي ته قربانيءَ جي شڪار انسان جو تعلق بدلي ۾ ڏنل ۽ عارضي ديوتائي (Divine) بادشاهه-ديوتائن جي عام ٽولي سان هو. بئي پاسي. سڄي دربار قرباني جي ان شڪار انسان جي حاضري ڏيندي آهي. جشن جي آخري ڏينهن تي ان ماڻهوءَ کي هڪ ڊڪيل ٻيڙي ۾ نديءَ پار هڪ ننڍڙي مندر ۾ هڪ مخروط جي شڪل ۾ پهچايو ويندو آهي. جشن جي عروج تي پهچندي، هن کي پڪڙيو ويندو آهي ۽ پٿر جي هڪ چبوتري تي هيٺ ليٽايو ويندو آهي. جيڪو بيشڪ جنازي واري ٻن ٻنياد وارو هڪ قربانگاهه هوندو آهي. جڏهن ته پادري هڪ پٿريلي چاقوءَ سان هن جو سينو چيري کوليندو آهي ۽ هن جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دل چڪي ٻاهر ڪڍندو آهي. ان ڪي هو سورج ديوتا آڏو پيش ڪندو آهي. هن جي سڄي قربانيءَ جي پراڻن انسان شڪارن جي ڪوپڙين درميان لٽڪائي ويندي آهي. بيشڪ استخاري مقصدن لاءِ ۽ بطور هڪ مستقل ديوتا جي پر سندس جنگهون ۽ ٻانهون پچايون ونديون آهن ۽ آقائن جي ميز لاءِ تيار ڪيون ونديون آهن. جيڪي اهڙي طرح ديوتا جو حصو مذهبي رسم طور حاصل ڪندا آهن. هن جي جڳهه فوري طور تي هڪ ٻئي نوجوان شخص سان پري ويندي آهي، جنهن سان سڄو سال ساڳي عزت سان ورتاءُ ڪيو ويندو آهي ۽ ان وقت جي پڄاڻيءَ تي ڪيس ساڳئي نموني ڪُنو ويندو آهي.

مان نہ ٿو سمجهان تہ مونکي هن رسم جي خوند ميرياهہ جي رسم سان پوتراج جي رسم سان ۽ ڊايونيسس، اوسيرس، اتيس ۽ ادونس جي ميلن سان ويجهي مشابهت ڏانهن اشارو ڪرڻ جي ضرورت آهي. پر مان ڪوپڙيءَ جي آخري منزل ۽ ان جي هندستان ۾ ٻئي هنڌ جانور-ديوتا جي ڪوپڙيءَ سان هوبهو برابريءَ ڏانهن خصوصي ڌيان پڻ ڇڪائيندس.

مسٽر فريزر چئي ٿو، ”اهو خيال تہ اهڙي طرح پنهنجي نمائندي جي روپ ۾ ڪُنل ديوتا، وري فوراً جيئرو ٿي پوندو، ميڪسيڪن رسم ۾ ڪُنل انسان-ديوتا جي کل لاهڻ ذريعي ۽ هن جي کل هڪ زندهہ ماڻهوءَ کي پارائڻ ذريعي وضاحت سان ڏيکاريو ويو آهي، جيڪو اهڙي طرح ديوتا جو نئون نمائندو ٿي ويندو آهي.“

قربانيءَ جي شڪارن جو خون الڳ نموني پيش ڪيو ويندو هو ۽ مان هن سلسلي ۾ اهو اضافو ڪري سگهان ٿو تہ بطور هڪ اصول جي، روح ۽ ديوتا ـ ٻئي بڪايل هجڻ بدران اُجايل هوندا آهن. مان هن ڪفاري ادا ڪرڻ واري ذائقي جي وضاحت هيءَ سمجهان ٿو تہ قبرن جي زمين مٿان يا قربانگاهہ جي پٿرن تي هاريل رت يا ٻيون پاڻيانيون جلد ئي اندر پهچي ونديون آهن ۽ تنهنڪري لڳنديون آهن تہ روح يا ديوتا طرفان پيتيون ويون هونديون آهن يا چٽيون ويون هونديون آهن. جڏهن تہ گوشت ۽ اهڙا ٻيا نوس نذرانا جيڪي هن کي پيش ڪيا ويندا آهن. ديوتا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان انڊ ڇـهيل ڏنا ويندا آهن.

ديوتائن جي هن خون-چاهيندڙ عادت ۾ هڪ ننڍڙو لاڙو ان حقيقت ۾ ڏنو ويو آهي تہ ميڪسيڪن ماڻهو ديوتا کي پنهنجن ڪنن مان نڪتل تازو خون پيئڻ لاءِ ڏيندا آهن ۽ اهو تہ ساڳئي نموني پادري انهن جي ٽنگن مان رت ڪيندا آهن ۽ انکي مندرن تي ڦٽيندا آهن. خود-سوزيءَ جون ساڳيون تحفيفون بئي هنڌ اتيس-پادري طرفان اتيس لاءِ پنهنجن ٻانهن مان رت ڪيڻ ۾، يهودي بعال-پادرين جي پنهنجو پاڻ کي بعال لاءِ ڪٽڻ ۾ ۽ ختني جي مقبول يهودي رسم ۾ ڏنيون ويون آهن. رت باقي بچي ويل زنده ماڻهن طرفان يا پوڄارين طرفان مري ويل کي يا ديوتائن کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جي هڪ عمل يا قدم طور مستقل طور ڪڍي ويندي آهي. مان عارفاڻي قسم جي انساني قربانين جا مثال تي سگهي ٿو ٻئي هنڌ وڌايان پر مان انهن مختلف تخفيفن ڏانهن هلڻ کي ترجيح ڏيندس، جيڪي اهي مختلف برادرين ۾ اختيار ڪرڻ چاهيندڙيون آهن. مان سمجهان ٿو عارفاڻي قرباني پنهنجي مڪمل ترين روپ ۾ هڪ ديوتائي پادري-بادشاه، هڪ ديوتا ۽ ديوتائن جي اولاد جي، پنهنجو پاڻ کي ڏنل پنهنجي ديوتائي بنياد واري ابي ڏاڏي جي قربانگاهه تي پاڻکي ماري ڇڏڻ واري قرباني هجڻ گهرجي. پر اڪثر مثالن ۾ جيڪي اسان ڳولي سگهون ٿا، قرباني اڳ ئي رڳو گود ذريعي ديوتائي گهراڻي جي هڪ رضامند شڪار، هڪ عارضي بادشاه طرفان، جيڪو جيتوڻيڪ ڪڏهن ڪڏهن اصلي بادشاه جو هڪ پٽ يا پياءُ بہ هوندو آهي، پاڻکي ماري ڇڏڻ جو روپ وٺي چڪي آهي، ان ۾ وڌيڪ تبديليون هي آهن تہ قربانيءَ جو شڪار جنگ ۾ پڪڙيل هڪ قيدي بہ ٿي سگهي ٿو يا هڪ سزا ڏنل ڏوهاري يا هڪ بيوقوف ماڻهو ٿي سگهي ٿو، جنهنکي سولائيءَ سان اهو جان-ليوا عهدو ماڻڻ لاءِ راغب ڪري سگهجي ٿو. هنن سمورن قسمن جا اشارا اسان گهٽ ۾ گهٽ گذريل مثالن ۾ ڏسي چڪا آهيون. اجا وڌيڪ تخفيف شده اهي قسم آهن، جن ۾ قربانيءَ جي شڪار کي هڪ چالاڪيءَ ذريعي اصلي موت کان بچڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي ۽ اهي قسم جن ۾ هڪ مورتيءَ يا هڪ پتلي کي زنده ماڻهوءَ بدران استعمال ڪرڻ جي اجازت ڏني ويندي آهي. هنن وچ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارن قسمن جو هڪ سنو مثال اسان کي ڪرنل ڊالٽن طرفان ذڪر ڪيل ٻڪتن جي مثال ۾ ملي ٿو، جيڪي "هرسال هڪ ماڻهوءَ جي ڪاٺ جي مورتي ٺاهيندا آهن، ان کي ڪپڙا ۽ زيور پارائيندا آهن ۽ انکي مهاديو جي قربانگاهه آڏو پيش ڪندا آهن." اهو ماڻهو جيڪو ان موقعي تي بطور پنڊت پادريءَ جي فرض سرانجام ڏيندو آهي، چوندو آهي، "او مهاديو، اسان هن ماڻهوءَ کي تو آڏو قديم روايتن مطابق قربان ڪيون ٿا. اسانکي خشڪ موسم ۾ مينهن ۽ هڪ جهجهو فصل ڏي." "پوءِ ڪهاڙيءَ جي هڪ ڌڪ سان ان مورتيءَ جو سر قلم ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو ڌڙ هٽايو ويندو آهي ۽ پوريو ويندو آهي." هيءَ عجيب رسم اسان کي خونڊ-ميرياهه رسم جو زندهه پر تمام گهٽيو تخفيف شده روپ ڏيکاري ٿي. بهرحال هڪ اصول طور اهڙيون رت کان خالي نمائندگيون ديوتائن کي خوش نه ڪنديون آهي؛ نه ئي اهي هڪ روح يا فصل ديوتا کي حقيقي طور آزاد ڪرڻ ۾ ڪامياب وينديون آهن. اهي بهرحال رڳو ڪمزور وهمي قربانيون هونديون آهن. ديوتائن کي رت کپندي آهي ۽ رت انهن کي ڏني ويندي آهي. تنهنڪري انساني شڪار-ديوتا جو وڏ ۾ وڏ عام نعم البدل جانور شڪار-ديوتا هوندو آهي، جنهن جا جهجها مثال اسان اڳي ئي ڊايونيسس جي ٻڪرن ۽ ڍڳن، اٽيس جي سوئر ۽ ڪيترن ٻين هنڌن تي ڏسي چڪا آهيون. اهو ممڪن لڳي ٿو ته قربانين جو هڪ وڏو تعداد، جيڪڏهن انهن قربانين جي اڪثريت نه جن ۾ گهريلو جانور ذبح ڪيا ويندا آهن، آخر ۾ نيٺ ساڳئي قسم سان واسطو رکي ٿو. اهڙي طرح بيشڪ اسان تمام گهٽي آسانيءَ سان قربانيءَ جي انساني شڪل ۾ ديوتائي شڪار جو نظريو — اهڙو جانور جيڪو انسان ۽ ديوتا جي جاءِ تي بيهي ٿو، واضح ڪري سگهون ٿا ۽ ڊاڪٽر رابرٽس طرفان ايڏو قابل انداز ۾ واضح ڪيل قربانيءَ جو نقطه نظر پڻ واضح ڪري سگهون ٿا. هن نظرئي مطابق پالتو جانور شروع ۾ قبيلي جا رڪن يا ساڳي خون وارا ليکيا ويندا هئا ۽ هڪ ڳئون، هڪ ٻڪري يا هڪ ڇيلي کي ذبح ڪرڻ جي اجازت رڳو تڏهن ڏني ويندي هئي، جيڪڏهن ان کي بادشاهه جي پٽ جي سِير وانگر قرباني ڏيڻ جي انداز ۾ ۽ مذهبي رسم طور ادا ڪيو وڃي. منهنجي خيال ۾ هن جو مطلب مشڪل سان ان کان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ آهي تہ گهريلو جانورن کي اوائلي زماني کان قربانيءَ جي انسان شڪار جي نعم البدل طور قبول ڪيو ويندو هو ۽ انهن کي قربانيءَ طور ۽ مذهبي رسم طور ڪاڏو ويندو هو. جيئن انساني شڪار کي پڻ ڪاڏو ويندو هو. پر مان هن ڪجهہ قدر متنازعہ نڪتي کي ڇڏي ڏيندس ۽ اها تجويز ڏيندي پنهنجو پاڻ کي مطمئن رکندس تہ قربانيءَ جي جانور شڪار کي عادتاً پنهنجو پاڻ ۾ ديوتائي ليکيو ويندو هو ۽ هن جي رت سان بہ ساڳئي نموني ورتاءُ ڪيو ويندو هو. جهڙي نموني اصلي آدم خور قربانيءَ جي رت سان ڪيو ويندو هو. ساڳئي وقت تي قرباني عام طور تي ڪنهن پراڻي وڏيڪ مستقل ديوتا جي قربانگاهہ تي پيش ڪئي ويندي هئي، جڏهن تہ قربان ڪيل ماڻهوءَ جي رت مقدس پٿر مٿان وهڻ ڏني ويندي هئي. يقيناً عربن ۽ يهودين ــ ٻنهي ۾ لڳي ٿو گهريلو جانورن جو سمورو ڪوس، هڪ وقت تي قربانيءَ وارو رهيو آهي ۽ حتاڪہ جڏهن ان ڪوس لازمي طور هڪ دستوري قربانيءَ کي وچ ۾ آڻي بند ڪري ڇڏيو، پوءِ بہ اجا هڪ ديوتا جي نالي ۾ قربانيءَ جي شڪار کي ذبح ڪرڻ ضروري سمجهيو ويندو هو ۽ هن جي شان ۾ زمين تي رت هارڻ ضروري سمجهيو ويندو هو. ويندي يوناني-رومن دنيا ۾ ڪاسائيءَ جي گوشت جو ڍڳ "ٻتن کي پيش ڪيو ويندڙ گوشت" هوندو هو. اسان هاڻي ڪانپوءِ ڏسنداسون تہ موجوده وحشي ماڻهن ۾ گهريلو جانورن جو ڪوس اجا تائين هڪ مقدس رسم سمجهي ويندي آهي. مان اهو پڻ سمجهان ٿو تہ بطور هڪ اصول جي رت جو نذرانو ديوتائن آڏو ڪوس پيش ڪرڻ جو اوائلي ترين ۽ عام ترين روپ آهي ۽ قربانيءَ جو شڪار اوائلي ڏاڪن تي عام طور تي عشاءِ ربانيءَ ۾ باقاعده نموني شرڪت ڪندڙن طرفان ڪاڏو ويندو آهي، جيئن اسان ڄاڻون ٿا تہ آدم خوريت جو شڪار ماڻهو ميڪسيڪن ماڻهن طرفان ڪاڏو ويندو آهي ۽ جيئن اسان ڏٺو ديوتائي-انساني ٻڪري يا ٻار. ڊايونيسس جي پوڄارين طرفان موج مستيءَ واري انداز ۾ ڪاڏو ويندو آهي. اهو هڪ تفصيل آهي تہ آيا مقدس شڪار کي ڪچو ڪاڏو ويندو آهي يا پچائي ڪاڏو ويندو آهي: ان جو پهريون استعمال اوائلي ۽ وڏيڪ موج مستيءَ وارين رسمن ۾ ۽ ٻيو استعمال هلڪين موج مستيءَ وارين ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏيڪ مهذب تقريبن ۾ عام هو. پر بنهي صورتن ۾ جانور-ديوتا، انسان ديوتا وانگر، پنهنجن سمورن پوڄارين طرفان مذهبي رسم فرض سمجهي کاڌو ويندو هو، جن اهڙي طرح سان ان جون ديوتائي خوبيون پنهنجي اندر ڪٽي ورتيون ٿي. بئي پاسي قربانيءَ جي شڪار کي ساڙي ڇڏڻ جي رسم، مان سمجهان ٿو مکيه طور تي لاش ساڙيندڙ قومن جيئن تائرينس ۽ هيلنيس ۾ عام هئي، جيتوڻيڪ اها بيشڪ لاش پوريندڙ ڪيترين قومن جهڙوڪ يهودين ۽ مصرين تائين پڻ ڦهلي. اڪثر مثالن ۾، ويندي ساڙيل شڪارن ۾ به اهو نظر ايندو ته جانور جو گهٽ ۾ گهٽ هڪ حصو باهه کان بچايو ويندو هو ۽ مذهبي رسم طور پوڄارين طرفان کاڌو ويندو هو.

هڪ دفعو وري قربانيءَ جو شڪار خود عموماً هڪ مقدس جانور جو هڪ خاص قسم هوندو هو. چونڊيل جانور جي هن مقدسيت کي ان کان وڏيڪ اهم معنائون آهن جيڪي اسان هيل تائين غور هيٺ آڻي چڪا آهيون. چوته مختلف مال چاريندڙ نسلن ۾ مختلف پاليل جانور خود پاڻ ۾ هڪ مثبت مقدسيت رکندا آهن. مثال طور اسان کي خبر آهي ته ڳئون هندستان جي وڏي حصي ۾ ۽ مينهون دکن ۾ تمام گهڻيون مقدس هونديون آهن. مال چاريندڙ قبيلن جي آفريڪي ماڻهن ۾ عام کاڌو کير ۽ شڪار هوندو آهي؛ چوپائي مال کي محض کائڻ لاءِ ورلي ڪُهيو ويندو آهي ۽ اهو هميشه غيرمعمولي يا مقدس موقعن تي ـــ اهڙا ئي واقعا جيڪي بئي ڪنهن هنڌ قربانيءَ جي هڪ انساني شڪار جي طلب ڪن، جهڙوڪ هڪ جنگ جو اعلان، هڪ مذهبي جشن، هڪ شادي يا هڪ وڏي سردار جو جنازو. اهڙن مثالن ۾ دعوت عوامي هوندي آهي، سمورن رت جي رشتن کي ان دعوت ۾ شرڪت ڪرڻ جو فطري حق هوندو آهي، چوپايو مال ـــ ڪرال خود انتهائي مقدس هوندو آهي. ان جي ڏڻ ۽ ان جي رکڻ سان سندن مالڪن طرفان پيار وارو ۽ لڳ ڀڳ برادرانه لحاظ وارو ورتاءُ روا رکيو ويندو آهي.

چند وڏيڪ نڪتن جو پڻ اضافو ڪرڻ گهرجي. اوائلي نسلن ۾ جهنگلي جانورن کي مارڻ ۽ کائڻ يا دشمنن کي مارڻ ۽ کائڻ، جيڪي قبيلي جا رکن نه هوندا آهن، ڪنهن به طرح سان غلط نه سمجهيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويندو آهي. پر هڪ هر قبيلائيءَ کي مارڻ ــــ يعني پنهنجي رشتي واري رت وهائڻ. تمام گهڻو گناهه وارو ڪم هوندو آهي ۽ انڪري پالتو ڏتن کي مارڻ ۽ کائڻ گناهه جو ڪم هوندو آهي. بيشڪ ڪراڙپ ۾ يا جڏهن اهي بيمار ۽ ڪمزور ٿي وڃن. توهان پنهنجي رت جي رشتن کي بغير ڪنهن الزام جي قتل ڪري ۽ کائي سگهو ٿا ۽ اهڙي طرح توهان پوڙهي يا بيمار مال کي پڻ قتل ڪري سگهو ٿا ۽ کائي سگهو ٿا. پر بطور هڪ اصول جي توهان رڳو انهن کي مذهبي رسم طور ۽ قربانيءَ واري انداز ۾ قتل ڪري ۽ کائي سگهو ٿا. انهن ساڳين حالتن تحت جتي اوهان قربانيءَ جي هڪ انسان شڪار کي قتل ڪرڻ ۽ کائڻ لاءِ حق بجانب هوندا آهيو. اهڙي طرح بطور هڪ قانون جي، هر قبيلي کي پنهنجو هڪ مقدس جانور هوندو آهي، جنهنکي هڪ انسان-ديوتا لاءِ بطور هڪ باقاعده نعم البدل جي، استعمال ڪيو ويندو آهي. عربن ۾ هي جانور اُٺ هو؛ هندستاني ماڻهن ۾ اهو ڏاند يا مينهن هو؛ جانورن جا ڌڻ چاريندڙ نسلن ۾ اهو ٻڪري يا ڇيلو هو؛ ٽيوٽنس ۾ اهو گهوڙو هو؛ ڪيترن آباد ٽيل شهري ماڻهن ۾ اهو سوئر هو ۽ سمويدن ۽ اوستياڪن ۾ سندن جائداد منقولا رينديئر هرڻ هو.

هڪ اصول طور پڻ ڳئون يا ٻئي مادي جانور کي عموماً قربان نه ڪيو ويندو هو؛ انکي کير ڏيڻ لاءِ رکيو ويندو هو. اهو ڏاند، ڏڳو يا ٻڪر هوندو هو جنهن کي اڪثر قربانيءَ لاءِ پيش ڪيو ۽ مذهبي فرض طور ڪاڏو ويندو هو. ڇڙو استعمال ڪرڻ جون ڳالهيون ذهن ۾ رکبيون ته اهي جلد ئي اهڙي استعمال ڏانهن وني وينديون، جيئن اسان جا پنهنجا ڪاسائي ڏنبن ۽ رڍن کي ته خوشيءَ سان ذبح ڪندا آهن پر ٻڪرين کي قرن پيدا ڪرڻ لاءِ بچائي رکندا آهن. هڪ دفعو شروع ڪيل رواج مقدس ٿيڻ لڳندو آهي؛ ڇاڪاڻ ته اسانجن ديوتائي بزرگن جو ڪجهه به ڪيو پنهنجو پاڻ ۾ ديوتائي هوندو آهي ۽ انکي هلڪي نموني يا لاپرواهيءَ سان تبديل نه ڪرڻ گهرجي. ان ڪري اسان ڳئونءَ جي اها مهان مقدسيت سمجهي سگهون ٿا، جنهن ڪيترن ئي گهڻن نسلن کي انکي قربان ڪرڻ کان منع ڪري رکيو آهي، جڏهن ته اهي ڏاند يا ڳابي کي ڪنهن به رعايت يا ضمير جي خلش کانسواءِ قربان ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح ٽوداس ماڻهن مينهن جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوشت کڍهن بہ نہ کاڌو آهي. پر سان جو گوشت هو سال ۾ هڪ دفعو مذهبي فرض طور کائيندا آهن. جنهن ۾ ڳوٺ جا سمورا بالغ مرد ان سان کي مارڻ ۽ پچائڻ جي تقريب ۾ حصو وٺندا آهن. اهڙي هڪ مقدس جانور جي ديوتائي-انساني قربانيءَ جو هڪ نمايان مثال اسان کي نيلسن طرفان سندس زماني جي عربن طرفان ملهائي ويندڙ تقريب جي احوال ۾ ڏنو ويو آهي. هڪ مقدس اٺ، جنهنکي بطور قربانيءَ جي هڪ شڪار جي چونڊيو ويو هوندو آهي، گڏ ڪيل پٿرن جي هڪ اڻ گهڙيل مخروطي ڪوڙ مٿان ٻڌو ويندو آهي. جماعت جو اڳواڻ پوءِ پوڄارين کي ان پٿرن جي مخروطي ڪوڙ چوڌاري هڪ شاندار جلوس جي شڪل ۾ ٽي طواف ڪرائيندو آهي، هڪ مذهبي رسم واري حمد جو ورد ڪندي، جيئن اهي طواف ڪندا ويندا آهن. جيئن ان حمد جا آخري لفظ ڳايا ويندا آهن، هو ان اٺ مٿان ڪري پوندو آهي (پوتراج جي بڪريءَ مٿان ڪري پوڻ وانگر)، ان کي زخمي ڪندو آهي ۽ تکڙ ۾ ان جي رت پيئندو آهي. ان کانپوءِ سڄو جلوس ان ٽڙڪندڙ گوشت جا ٽڪرا ڪٽيندو آهي ۽ انهن کي ڪچو ئي اهڙي تہ وحشي تکڙ سان کائي ڇڏيندو آهي جو صبح جي تاري ۽ سج جي اڀرڻ وچ ۾ سڄو اٺ مڪمل طور تي چٽ ٿي چڪو هوندو آهي. مان اهو نوٽ ڪري سگهان ٿو تہ ريدار يهودين ۾ عيد فصح جي ڇيلي جي سالياني قرباني، هن وحشي رسم جي بظاهر محض هڪ تخفيف آهي. ان رسم ۾، جيئن هڪ وڏ ۾ وڏ مهذب نسل مان توقع ڪري سگهجي ٿي، قربانيءَ جو شڪار سڄو جو سڄو پچايو ويندو آهي پر ساڳئي نموني اهو ضروري هوندو آهي تہ ان جي هر حصي کي تکڙ تکڙ ۾ کاڌو وڃي. عيد فصح جي مثال ۾ قصو اسانکي وڌيڪ ٻڌائي ٿو تہ ڇيلو، هڪ انساني شڪار جو نعم البدل هوندو هو ۽ پهريتي بار يهوه لاءِ قربان ڪري ڇڏڻ بدران انکي مقدس ٻڌايو ويندو هو. اهو پڻ نوٽ ڪريو تہ عيد فصح جي ڇيلي جي دعوت هاڻي پنجن ڏينهن جو جاتل سڃاتل عرصو والاري ٿي: مقدس جانور، مهيني جي ڏهين ڏينهن تي چونڊيو ويندو آهي ۽ چوڏهين ڏينهن تي قربان ڪيو ويندو آهي. سڄي تقريب تمام گهڻي تمثيلي ۽ باقيات سان پريل هوندي آهي. ۽ هاڻي اسانکي اهو پڻ ياد رکڻ گهرجي تہ اڪثر ملڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ديوتا، پنهنجن پوڄارين جا گهر جا ڀاتي هوندا هئا. جيڪي هر گهر ۾ هر وقت موجود هوندا هئا ۽ زنده ماڻهن سان گڏ گڏ هر ويلي جي ماني ۾ شريڪ ٿيندا هئا. اهي گهر ۾ اندر رهندا هئا. جيئن اجا تائين نيو گني ۾ اهي رهندا آهن. هر ڪوپ مان هنن مثان مقدس ڀائيانيون اوتيون وينديون هيون، خاندان جي هر گڏجاڻيءَ تي انهن جي روحن يا ڪوپڙين يا ڪاٺ جي مورتين کي ڪاڏو پيش ڪيو ويندو هو. عام رواجي دعوتون اهڙي طرح محض وڏايل جشنن واريون گڏجاڻيون هيون، جتي هڪ شڪار کي قربانيءَ جي انداز ۾ ذبح ڪيو ويندو هو ۽ مذهبي رسم طور ڪاڏو ويندو هو ۽ دعوت تي آيل ماڻهو سمجهندا هئا تہ هو خود پنهنجي نجات لاءِ ديوتا جو جسم ۽ رت کائي رهيا آهن. وڏيون قربانيون، جهڙوڪ وڏيون عوامي قربانيون يا بهادر هندستاني گهوڙي جي قرباني نسبتاً ناياب رهيون هونديون، پر انهن سيني ۾ اسان هي چٽو ثبوت ڏسون ٿا تہ قربانيءَ جي شڪار کي بطور هڪ مقدس جانور جي ليکيو ويندو هو: يعني پنهنجين مختلف صورتن مان هڪ صورت ۾ هڪ ديوتا.

هن هڪجهڙائيءَ جي واضح شاهدي ان حقيقت ۾ ڏني وئي آهي تہ پوڄاري اڪثر ڪري پنهنجي مٿان قربانيءَ جي شڪار جي کل ويڙهي ڇڏن ٿا، جيئن ميڪسيڪن ماڻهن، سالياني ديوتا جي کل ڀاتي ٿي. ڪڏهن چمڙيءَ کي بت کي سجائڻ لاءِ بہ استعمال ڪيو ويندو آهي. ٻڪريءَ جي ديويءَ ـــ ايفروڊائيٽ کي هڪ ٻڪريءَ جي سائپيرين قرباني پيش ڪرڻ ۾، جشن ملهائيندڙ ماڻهو ٻڪريءَ جي کل پائيندا آهن، جڏهن تہ اسيري دجون جا پوڄاري هڪ مڇيءَ جي کل پائي، مڇي-ديوتا کي مڇيءَ جي قرباني پيش ڪندا آهن. ساڳي اهميت واريون بيشڪ اٿينا جي ٻڪري کل، جنهن کي هڪ ٻڪري ديوي تصور ڪيو ويندو آهي ۽ ڊايونيسس اسرارن ۾ استعمال ٿيندڙ کلون آهن. مان انهن سيني کي هڪ قديم استعمال جيئن ميڪسيڪن آدم خور قربانيءَ جي استعمال سان ڳنڍڻ کان نہ ٿو ڪيٻايان. هن نقطي تي پهچي وڃڻ ڪانپوءِ اسان وڌيڪ اهو ڏسي سگهون ٿا تہ اهو مثال جتي هڪ مقدس جانور ـــ هڪ انساني شڪار جو نمائندو، هڪ پراڻي ديوتا جي قربانگاهہ اڳيان ذبح ڪيو ويندو آهي، بلڪل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

برابر آهي ٻئي ڄاتل مثال جي. جنهن ۾ هڪ انساني شڪار کي هڪ شهر يا ڳوٺ جي پيڙهه جي پٽر اڳيان ذبح ڪيو ويندو آهي. ٻنهي مثالن ۾ ديوتائي زندگيءَ جي نمايان تجديد آهي. جڻ تازو خون. ان عمل سان قديم ديوتا ۾ وڌو وجي ٿو. پوءِ بطور مجموعي اسان ائين چوڻ جي جرئت ڪري سگهون ٿا ته شايد سڀ قربانيون نه پر انهن جو هڪ وڏو انگ ۽ يقيناً تاريخي قومن ۾ وڏ ۾ وڏ ڄاتل قربانيون. انساني شڪارن لاءِ جانور نعم البدلن جو ڪوس آهن ۽ گوشت پوڄارين طرفان مذهبي رسم طور کاڌو ويندو آهي.

بهرحال هن جانور قربانيءَ جو هڪ خصوصي روپ آهي، جنهن مٿان مان هتي ائين مڪمل خاموشيءَ سان نه ٿو گذري وڃي سگهان. اُهو اِهو آهي جنهن جو حتمي نشان فصل لڻڻ واري دعوت آهي. مسٽر فريزر پنهنجي جادوئي مضمون ۾ هن موضوع تي مڪمل نموني ڪم ڪيو آهي: هتي ان جو تفصيل سان ذڪر ڪرڻ تمام گهڻي جڳهه والاريندو: مان رڳو هن جي مثالن جو محض خاڪو ڏئي سگهان ٿو. ائين لڳندو ته اصل ۾ اناج-ديوتا يا اناج-روح کي فصل لڻڻ وقت ائين تصور ڪيو ويندو آهي ته ان آخر ۾ ڪٽيل سنگن جي بندلن ۾ وڃي پناهه ورتي آهي. جنهن به اناج جي انهن سنگن کي ڪٽيو ٿي، ان اناج-روح کي قتل ڪيو ٿي ۽ تنهنڪري اهو ديوتائي-بادشاهه يعني خود اناج-روح کي قتل ڪرڻ جي مماثل هو. مسٽر فريزر قطعي طور تي اهو فيصلو نه ٿو ڪري ته هن انساني نمائندي کي حقيقت ۾ قتل ڪيو ۽ کاڌو ويندو هو، جيتوڻيڪ سموري مماثلت اهو تجويز ڪندي لڳندي پر اهو ته گهٽ ۾ گهٽ هو قتل ڪيو ويندو هو تمام گهڻو يقيني آهي ۽ اڃا تائين هن کي ڪنهن به طرح سان هڪ خاموش مظاهري ۾ ڪيترين ئي جديد يورپي ٻنين ۾ قتل ڪيو ويندو آهي. بهرحال گهڻي قدر اناج-روح کي ڪنهن جانور ۾ مجسم تيل فرض ڪيو ويندو آهي، جيڪو آخري سنگ ۾ لڪو ويندو آهي، جتي هاڻي ويندي ننڍڙيون مخلوقون جيئن ڪوئا ۽ ڄاها اڪثر پناهه وٺندا آهن. اوائلي زمانن ۾ بهرحال ٻگهڙ، جهنگلي سوئر ۽ ٻيا وڏا جانور ساڳين حالتن ۾ اڪثر ڪري هٿ اچي ويندا هئا. بهرحال ائين ٿي سگهي ٿو، پر تمام گهڻا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جانور ـــ عموما مقدس جانور. بطور اناج-ديوتا جي نمائندن جي مذهبي رسم طور ڪاڏا وڃن تا يا ڪاڏا پٽي ويا آهن؛ جڏهن تہ ان جي ابتڙ آخري سنگ ڪي اڪثر هڪ انسان جي مورت ۾ ٺاهيو ويندو آهي يا اجا بہ وڌيڪ اڪثر ڪري هڪ عورت جي مورت ۾ ۽ انکي مذهبي طور ساليانی بادشاهہ جيان هڪ سال لاءِ محفوظ ڪيو ويندو آهي، پٺي فصل لهڻ تائين. ڪڏهن هڪ ڪڪڙ جو سَر قلم ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيس فصل لهڻ جي جشن تي ڪاڌو ويندو آهي؛ هتي هن جي منديءَ ڪي خصوصي اهميت ڏني ويندي، جيئن بين ڪيترن ئي مثالن ۾ انساني منديءَ ڪي اهميت ڏني ويندي هئي. ڪڏهن، جيئن قديم پروشين ۾ هو، اها اناج-بڪري هوندي آهي، جنهن جي جسم ڪي مذهبي انداز ۾ ڪاڌو ويندو آهي. ڪڏهن، جيئن چئمبري ۾، هڪ ڳئونءَ ڪي ذبح ڪيو ويندو آهي ۽ فصل لٽيندڙن طرفان رات جي مانيءَ تي خصوصي رسمن سان ڪاڌو ويندو آهي. ڪڏهن اهو پراڻو مقدس ٽيوٽونڪ جانور ـــ گهوڙو هوندو آهي، جنهن ڪي اناج جي آخري سنگ ۾ رهندڙ سمجهيو ويندو آهي. مان هتي وضاحتي طور اهو واڌارو ڪندس (جيڪو مان مستقبل جي ڪنهن ڪتاب ۾ ڏيکارڻ جو سوچيو آهي) تہ اسانکي غالباً هن ۽ خوني رشتن وارن خيالن ۾ گهوڙن ۽ ڳئن جي مقدس ۽ استخاري سِسين ڪي مندرن سان ڳنڍڻ يا چرچن ۾ چنوائڻ جي اصليت ملي ٿي. ڪڏهن اهو سوئر هوندو آهي جيڪو ديوتا جي نمائندگي ڪندو آهي ۽ فصل لهڻ جي جشن تي جشن جي اندا ز ۾ ڪاڌو ويندو آهي. مان ان ڳالهہ جي ذڪر ڪرڻ جي مشڪل سان ضرورت پانيان ٿو تہ هنن سمورن مقدس جانورن جا، جيڪي اصلي انساني-ديوتا لاءِ نعم البدل هئا، ڊايونيسس، اتيس، اوسيرس، ديميتر، ادونيا، لٽيرسز ۽ تاريخي تهذيبن جي بين وڏن اناج ۽ شراب ديوتائن جي ميلن ۾ سندن مساوي مثال ملن ٿا.

پر مذهبي دعوت جو اڃا بيو ۽ وڌيڪ بهترين قسم بہ موجود آهي. چاڪاڻ تہ اناج-ديوتا ۽ شراب-ديوتا، جڏهن قتل ڪيا ويندا آهن، اناج ۽ انگورن ۾ وري جيئرا ٿي پوندا آهن، تہ پوءِ ڇا اسان انهن جا جسم بطور مانيءَ جي ۽ سندن رت بطور شراب يا سوم رس جي، نہ پيون؟

انهن ماڻهن لاءِ جيڪي اڳوات ئي پهريان ديوتا-کائڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوفناڪ آدم خور قسم سان ۽ پوءِ ان جي شريفاڻ جانور-شڪار تبديليءَ سان مانوس آهن. احساس جي هن هلڪي تبديليءَ کان وڏيڪ بي ڪابه شيءِ فطري نہ ٿي ٿي سگهي. ان کان به وڌيڪ، جنهن به ماني ڪاڌي ۽ شراب پيتو، شروع کان ئي ضرور اهو ڄاتو هوندو تہ اهو ديوتا جو جسم ۽ رت هو جنهن کي هو کائي ۽ پي رهيو هو. اڃا، محض عام روزاني ڪاڌي ۽ مذهبي رسم واري دعوت ۾ هڪ خاص فرق هوندو آهي، جنهن ڏانهن مقدس آدم خوريءَ ۽ جانور-قربانيءَ هاڻي ماڻهن جا ذهن مانوس ڪري ڇڏيا هئا. لحاظ اسان ڪيترن مثالن ۾ ڏسون ٿا تہ خاص مذهبي رسم طور ماني کائڻ ۽ شراب پيئڻ وجود رکن ٿا، جنهن کي وڏيڪ خاص طور تي ديوتا جو جسم کائڻ ۽ ان جورت پيئڻ سمجهيو وڃي ٿو. ڪجهہ عجيب واضح حقيقتون هتي ڄاڻائي سگهجن ٿيون.

ڄاڪاڻ تہ تيلو/سنگ ۽ أن قتل ڪيل ديوتا مان ڦٽا ٿي، انهن کي هن جي هڪڙي فطري مجسم (روپ) طور ليکي سگهجي ٿو. ان ڪري جڏهن انساني قربانيون منع ڪيل هونديون آهن، ماڻهو ڪڏهن هڪ تنڪي-ديوتا کان هڪ انسان ديوتا جو ڪم ڪرائيندا آهن.

اسان ڏٺو تہ گانڊ ڪڏهن مقدس برهمڻ ڇوڪرن کي جيڪي نسلي طور ديوتا هوندا هئا پر اجنبي ۽ ٻار هوندا هئا، کي اغوا ڪندا هئا، انهن جو رت ٻنين مٿان هاريندا هئا ۽ سندن لاش مذهبي رسم طور کائيندا هئا. پر جڏهن غيرهمدرد برطانوي حڪومت گانڊ ماڻهن جي ديوتا-ٻڌائڻ جي عادتن ۾ دخل اندازي ڪئي، انهن پوءِ جيئن ڪرنل ڊالٽن چئي ٿو، بدلي ۾ ٻڪر جي هڪ مورتي ٺاهڻ شروع ڪئي، جنهن کي هاڻي هو ساڳئي نموني قربان ڪندا آهن. اهڙي طرح هيءَ ڳالهہ "ڪارنيوال کي دفنائڻ" ۽ اهڙين ٻين ڪيترين ئي تقريبن ۾، جن جو مان اڳ ئي ذڪر ڪري چڪو آهيان، نوٽ ڪري سگهجي ٿي تہ هڪ ٻڪر جي ماڻهوءَ کي قربانيءَ جي شڪار جي بدران تمثيلي طور پيش ڪيو ويندو آهي. اصل ۾ باقيات جي ان واحد مجموعي ۾ اسانکي هر ممڪن نعم البدل ملي ٿو. نقلي بادشاهہ، ڇريو، مڪر ڪيل قتلام، تقريباتي خون وهائڻ، جانور شڪار ۽ ٻڪر جو ماڻهو يا پتلو. مان اهو اضافو ڪري سگهان ٿو تہ ويندي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسانجي جديد ڳاڻ فاڪس کي بطور ڳاهه جي هڪ ماڻهوءَ جي ناهڻ اهڙي طرح محض هڪ حادثو نہ آهي. پر اسان مسٽر فريزر طرفان مڪمل نموني تفصيل ڏنل اناج-زال ۽ اناج-ٻار ناهڻ جي عجيب رسم ۾، اناج جو هڪ ساڳيو استعمال ڏسون ٿا. انساني قربانيءَ جي هن سنسيل باقيات ۾ اناج جو هڪ سنگ هڪ انساني شڪار لاءِ فرض ادا ڪري ٿو ۽ اناج-ديوتا يا اناج-روح جي زندگيءَ جي هڪ سال کان ٻئي سال تائين ترجماني ڪري ٿو. سمورو موجود ثبوت اهو خيال تجويز ڪري ٿو تہ فصل جي ڪٽائيءَ وقت هڪ اناج-ڇوڪريءَ يا اناج-زال کي، هڪ سال جي ديوتاپڻي ڪانپوءِ آڳاٽن زمانن ۾ قتل ڪيو ويندو هو ۽ انساني شڪار هاڻي هن جي زرعي مماثل ــ اناج جي هڪ سنگ طور هن جي جڳهہ تي هن جو ڪم سرانجام ڏيندو آهي ۽ بطور اناج-شهزاديءَ جي ايندڙ سال جي فصل لهڻ تائين، حڪمراني ڪندو آهي. اناج-ٻارڙي اهڙي طرح اناج جي نهيل، نہ ڪہ انساني گوشت ۽ رت جي نهيل هڪ عارضي شهزادي هوندي آهي.

اسان هن مثال سان سيوڪس ڇوڪريءَ جي احوال کي ييتي سگهون ٿا، جنهن کي پانيس طرفان هڪ هلڪي باهہ تي ساڙڻ ۽ بعد ۾ ڪيس تيرن سان ڇٽڻ (سينٽ سيبسٽيان جيان) ذريعي قربان ڪيو ويندو هو. مک قرباني ڪندڙ هن جي دل چيري ڪيندو آهي ۽ ان کي ڪائي ڇڏيندو آهي، اهڙي طرح هو ديويءَ کي سچي آدم خور انداز ۾ کائيندو آهي. جيستائين هن جو گوشت اڃا گرم هوندو آهي، ان کي ننڍڙن ٽڪرن ٽڪرن ۾ ڪٽيو ويندو آهي ۽ ٻنين ڏانهن اماڻيو ويندو آهي. ان مان ڳڙندڙ رت جي ڦڙن کي فصل جي ٻج جي داڻن مٿان نپوڙيو ويندو آهي، ان کانپوءِ ان سڄي کي زمين ۾ ڍڪيو ويندو آهي تہ جيئن اهو فصل پيدا ڪندڙ بڻجي. اهڙي هڪ خوفناڪ ديوتائڻ-بڻائڻ جي تقريب جو غالباً آخري نشان اسانجي اناج-ٻارڙيءَ واري بظاهر معصوم لڳندڙ فصل لهڻ واري مزاح آهي. مسٽر فريزر درست نموني ان کي اٿينسين ڪوري ــــ پرسيفون جي عقيدي سان ڳنڍي ٿو. مان سوچان ٿو اصل ۾ نالي جو ٻٽو روپ "ڪراڙي عورت" ۽ "اناج-ٻارڙي" ان ڳالهہ کي ممڪن بڻائن ٿا تہ اها جوڙي ديميتر ۽ سندس زنا ڪيل ڌيءَ جي زرعي مماثل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهرحال بين مثالن ۾ اهي خود حقيقي ماني ۽ شراب هوندا آهن. نہ ڪہ گاهہ جو تيلو يا اناج هوندا آهن. جيڪي ديوتا جي نمائندگي ڪندا آهن ۽ ڪين مذهبي رسم طور کاڌو ويندو آهي. اسان هن واحد رسم جي وسيع موجودگيءَ ۽ مذهبي اهميت جي اسانجي گهڻي موجوده ڄاڻ لاءِ مسٽر فريزر جا مرهونِ منت آهيون.

اسان اڳي ئي ڏسي آيا آهيون تہ ڪيترن ئي ملڪن ۾ فصلن جا پهريان ميوا يا تہ بزرگ ارواحن کي يا وڏن ديوتائن کي يا وري بادشاهہ کي جيڪو جيئرو جاڳندو ديوتا ۽ ديوتائي بزرگن جو هاڻوڪو نمائندو هوندو آهي، کي پيش ڪيا ويندا آهن. جيستائين ائين نہ ٿيندو آهي، نئين فصل کي کائڻ محفوظ نہ هوندو آهي. ان ۾ اندر موجود ديوتا توهانکي ماري ڇڏيندو. پر ڪيترا نسل ارواحن کي پنهنجا پهريان ميوا مذهبي طور پيش ڪرڻ کان علاوه نئين اناج يا جانور ۾ موجود ديوتا کي مذهبي رسم طور کائيندا پڻ آهن. سويڊن ۾ ورم ليند ۾، هاريءَ جي زال آخري سنگ (جنهن ۾، جيئن اسان ڏٺو اناج-ديوتا يا اناج-روح خصوصي طور تي رهندڙ فرض ڪيو ويندو آهي) جي داڻي کي هڪ ننڍڙي ڇوڪريءَ جي صورت ۾ استعمال ڪندي آهي.

هتي اسان وٽ هڪ ڪنواري ڇوڪري آهي، جنهن کي اڳ ۾ بطور هڪ اناج ديويءَ يا پرسيفون جي قربان ڪيو ويندو هو. جيڪا هڪ دفعو وري هڪ مانيءَ جي تصور ۾ بيهہ ظاهر ٿي رهي آهي. مانيءَ جي هن ٽڪري کي گهر جي سمورن ڀاتين ۾ ورهايو ويندو آهي ۽ انکي کاڌو ويندو آهي. اهڙي طرح فرانس ۾ لاپالسي وٽ اٽي جي ناهيل ماڻهوءَ کي صنوبر وڻ تي ٽنگيو ويندو آهي، جنهنکي گهر جي اَن جي گَندِيءَ ڏانهن آخري فصل ڍوئڻ واري گاڏيءَ تي نيو ويندو آهي. اٽي جو ماڻهو ۽ وڻ کي ميئر جي گهر ڏانهن کڻي آڻبو آهي، جيستائين انگور جو فصل لهي: پوءِ هڪ دعوت جو اهتمام ڪيو ويندو آهي، جتي ميئر اٽي جي ماڻهوءَ کي ٽڪرن ۾ ڀڃندو آهي ۽ اهي ٽڪرا ماڻهن کي کائڻ لاءِ ڏيندو آهي. هتي ميئر صاف نموني بادشاهہ يا قبيلي جي سردار کي ظاهر ڪري ٿو، جڏهن تہ پهرين-ميون ۽ مذهبي رسم طور کائڻ جو جشن پاڻ ۾ گڏيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن، جيئن شايد اصل ۾ اهو معاملو ائين هو، هڪ ۽ ساڳي قرباني جي تقريب. شراب جو خصوصي ذڪر نہ ڪيو ويو آهي. جيستائين انگور جو فصل لهي. اهو ممڪن آهي تہ شراب-ديوتا جو رت ۽ پڻ اناج-ديوتا جو جسم گهٽ ۾ گهٽ هڪ دفعو ان قديم رسم ۾ داخل ٿيا.

ڪيتريون ساڳيون دعوتون يورپ ۾ باقي بچيل آهن پر اناج-ديوتا کي کائڻ جي رسم لاءِ ان جي مڪمل ترين روپ ۾، اسانکي هڪ دفعو وري ميڪسيڪو ڏانهن وڃڻ کپي، جنهن اسانکي آدم خور ديوتا-کائڻ جا بهترين ۽ وڌ ۾ وڌ مڪمل امتيازي مثال پڻ مهيا ڪري ڏنا آهن. سال ۾ بہ دفعا مئي مهيني ۽ ڊسمبر مهيني ۾ عظيم ميڪسيڪن ديوتا هئزيلو پوچٽلي جي مورتي اٽي مان ناهي ويندي هئي، پوءِ انکي ٽڪرن ۾ ڀڳو ويندو هو ۽ انهن کي سندس ڳڏ ٿيل پوڄارين طرفان احترام سان کاڌو ويندو هو. اڪوسٽا چئي ٿو، مئي دعوت کان بہ ڏينهن اڳ مندر جون ڪنواريون چقندر جا ٻج، پڪل مڪئيءَ سان ڳوهينديون آهن ۽ انکي ماکيءَ سان ملائي هڪ نرم بوتي جو روپ ڏينديون آهن، جيڪو ايڏو وڏو هوندو آهي، جيڏو مستقل ڪاٺ جو بوتو، جنهن ديوتا جي نمائندگي ڪئي ٿي، ان ۾ هو اکين لاءِ شيشي جا ٽڙا ۽ ڏندن جي جاءِ تي هندستاني اناج جا داڻا رکي ڇڏيندا آهن. شرفاءِ پوءِ ان زرعي ديوتا لاءِ هڪ عاليشان ۽ قيمتي وڳو ڪٺي ايندا آهن. ڪاٺ جي بوتي کي پهريل وڳي وانگر ۽ مورتيءَ کي ان ۾ ڍڪيندا آهن. اهو ڪري ڇڏڻ ڪانپوءِ ان جي شاهاڻي حيثيت ظاهر ڪرڻ خاطر هو هڪ ڏوليءَ تي اهو پتلو رکي پنهنجن ڪلهن تي کڻي هلندا آهن، جشن جي صبح تي ديوتا جون ڪنواريون پنهنجو پاڻ کي، مڪئيءَ جي هارن ۽ ٻين دعوتي وڳن سان سجائينديون آهن. نوجوان ماڻهو ساڳئي نموني ان سجايل مورتيءَ کي ان جي صندوق يا ڏوليءَ ۾ وڏي مخروطي مندر جي پيرن تائين کڻي ايندا آهن. انکي مندر جي چاڙهين تي دهلن ۽ شرناين جي زبردست موسيقيءَ سان مٿي کنيو ويندو آهي — جيڪا ديوتا-ذبح ڪرڻ وارين تقريبن ۾ هڪ عام رسم هوندي آهي. ان مٿان گل وڌا ويندا آهن، جيڪا ڳالهہ زراعت جي سمورن ديوتائن لاءِ عام رواجي هوندي آهي ۽ انکي گلاب جي گلن جي هڪ ننڍڙي گرجا گهر ۾ رکيو ويندو آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پوءِ ڳائڻ ۽ نچڻ جون ڪي خاص تقريبون ڪيون وينديون آهن، جن ذريعي ڳوهيل مصالحي کي ديوتا جي اصل لاش ۽ هڏن ۾ وجهي متبرڪ ڪيو ويندو آهي. آخر ۾ مورتيءَ کي ڀڳو ويندو آهي ۽ ماڻهن ۾ ورهايو ويندو آهي، پهريان نوابن ۾ ۽ پوءِ عام خلق ۾ — مرد، عورتون ۽ ٻار.

ان کي هو اهڙن ڳوڙهن، خوف ۽ عزت سان حاصل ڪندا آهن، جڻ اهي مقدس هجن، اهو چوندي ته هنن ديوتا جو گوشت ۽ هڏا ضرور کاڌا آهن، جڏهن ٻه هو ڏکايل هوندا آهن." مونکي هتي اتيس ۽ ادونس جي لاشن مٿان روج راڙي سان، نه ئي ڊايونيسس جي رسمن سان ان جي ويجهڙي مشابهت ڏانهن اشارو ڪرڻ جي ضرورت آهي. اجا وڌيڪ نزديڪيءَ سان ڊسمبر دعوت (جيڪا ڪرسمس جيان سياري جي نقطه انقلاب تي ٿيندي هئي) آدم خور رسم جي ياد ڏياري ٿي، چوته اتي ديوتا جي مورتي ٻجن مان ناهي ويندي هئي. جن کي ٻارن جي خون سان ڳوهيو ويندو هو. معصومن جو اهڙو قتلام ساڳين ناتن ۾ اڪثر ٻئي هنڌ ٻه ٿئي ٿو؛ اسان ان سان هڪ اڳلي موقعي تي وري ملنداسون. مورتيءَ کي مندر جي مک قربانگاهه تي رکيو ويندو هو ۽ ان جي ڏيکاءَ جي ڏينهن تي ميڪسيڪو جو بادشاهه ان کي خوشبودار دونهون پيش ڪندو هو. هنن وانگر بمبينو ديوتا ٻين ملڪن ۾ مشهور آهن. ٻئي ڏينهن ان کي هيٺ لاٿو ويندو آهي ۽ هڪ پادري ان تي هڪ چقمقي پٿر جي نوڪ وارا تير اڇلائيندو آهي. ان کي سڏيو ويندو هو، "ديوتا کي ماري چڏڻ ته جيئن هن جو لاش/جسم کائي سگهجي." هڪ پادري پوءِ ان مورتيءَ جي دل ڪٽي ٻاهر ڪڍندو هو ۽ اها اصلي بادشاهه کي کائڻ لاءِ پيش ڪندو هو، بلڪل ائين جيئن ٻين قربانين ۾ پادري قربانيءَ جي انسان جي ڌڙڪندڙ دل ڪٽي ٻاهر ڪڍندو هو ۽ آدم خور ديوتا جي وات ۾ رکندو هو. باقي مورتيءَ کي ننڍن ٽڪرن ۾ ڪٽيو ويندو هو. جن کي برادريءَ جي سمورن نرن (بالغن يا ٻارن) ۾ ورهايو ويندو هو.

هن تقريب کي "خدا کي کائڻ" سڏيو ويندو هو. مسٽر فريزر جي تحقيق هڪجهڙين رسمن جي هڪ مڪمل لغت آهي. مسٽر فريزر هڪ دلچسپ عبوري مثال ڏانهن توجهه ڇڪرائي ٿو. روم ۾ ماڻهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي شڪل ۾ ناهيل مانين کي "مانيا" سڏيو ويندو هو ۽ ائين لڳي ٿو اهڙيون مانيون خاص طور تي عريشيا ۾ ناهيون وينديون هيون. هاڻي عريشيا اٽليءَ ۾ پڻ اها واحد جڳهه هوندي هئي، جتي هڪ ديوتائي پادري-بادشاهه ــ ريڪس نيمورالس پنهنجي پيشرو کي قتل ڪرڻ جي پراڻي وحشي شرط تي زنده رهيو ۽ تاريخي زماني جي مڪمل شعلي ۾ سني نموني مجيل رهيو. وري مانيء، پوتن جي ماءُ يا ڏاڏيءَ جو نالو هو. هن لاطيني سيبيلي ديويءَ ڏانهن منسوب ڪيل اُن جون مورتيون روم ۾ ڪاميپنيليا جي دعوت تي ٽنگيون وينديون هيون ۽ قربانيءَ جي انساني شڪارن جون نعم البدل چيون وينديون هيون. مسٽر فريزر تجويز ڪري ٿو تہ عريشيا ۾ پڇايون ويندڙ انساني شڪل واريون مانيون، مذهبي رسم واريون مانيون هيون ۽ پراڻي زماني ۾، جڏهن ريڪس نيمورالس کي سالهوسال ذبح ڪيو ويندو هو، مانيون پڻ هن جي شڪل واريون ناهيون وينديون هيون، جيئن ميڪسيڪو ۾ ۽ سندس پوڄارين طرفان مذهبي رسم طور کاڌيون وينديون هيون. مان پاڻکي اجا وڌيڪ اهو تجويز ڪندي نہ ٿو ڪيباڻان تہ ادرڪي مانيءَ جا ڪيڪ، جيڪي هڪ انسان جي شڪل جهڙا ۽ اجا تائين قلعي چڙهيل هوندا آهن. ۽ فرانس ۽ اٽليءَ ۾ ۽ ڪڏهن انگلينڊ ۾ پڻ ڪيترن ئي ميلن تي وڪيا ويندا آهن، ساڳين اوائلي مذهبي رسمن وارين مورتين جا آخري مرندڙ نشان آهن. چاڪاڻ تہ ميلا گهڻي ڀاڱي، مذهبي جشنن جون سڀيل باقيات آهن.

جيئن تہ قربانيءَ جو جانور شڪار، هڪ انسان ۽ هڪ ديوتا کي ظاهر ڪندو آهي، اها ڳالهه معقول آهي تہ هڪ جانور جي شڪل جهڙو نهيل ۽ اٽي سان پڪل ڪيڪ ڪڏهن ان جانور شڪار جو پڻ ڪم ڪري. چاڪاڻ تہ اناج بهرحال، اناج-ديوتا جو مجسم هوندو آهي. تنهنڪري قديم دنيا ۾ بيڪريءَ وارا پنهنجي دڪان ۾ انهن ماڻهن لاءِ، جيڪي تمام گهڻو غريب هوندا هئا ۽ قربانيءَ جا اصلي جانور خريد نہ ڪري سگهندا هئا. قربانيءَ جي مختلف جانورن جون اٽي جي صورت ۾ مورتيون ناهي رکندا هئا. ڳئون ۽ ٻڪريون باقاعده نموني اهڙي طرح ظاهر ڪيل هونديون هيون. جڏهن مٿريڊيٽس، سزيڪس جو محاصرو ڪيو ۽ ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرسيفون (اناج ديويءَ) کي قرباني ڏيڻ لاءِ هڪ ڪاري ڳئون هٿ نہ ٿي ڪري سگهيا، انهن هڪ اٽي جي ڳئون ناهي ۽ انکي قربانگاهہ تي رکي ڇڏيو. ڊياسيا جي اينٿينين جشن تي جانورن جي شڪلين جهڙا ناهيل ڪيڪ ساڳئي نموني قربان ڪيا ويندا هئا ۽ مصر ۾ اوسيرس جي ميلي تي، جڏهن امير ماڻهن هڪ اصلي سوئر جي قرباني پيش ڪئي ٿي، غريب ماڻهو ان جي نعم البدل طور هڪ اٽي جو ٺهيل سوئر پيش ڪيو ٿي. پر ڪيترين بين رسمن ۾ مذهبي رسم طور ڪاڌو ويندڙ ۽ قربانيءَ طور پيش ڪيو ويندڙ ڪيڪ هڪ انسان يا جانور سان پنهنجي سموري تشبيهہ مڪمل طور وجائي چڪو آهي. اتي پوءِ ديوتا کي يا تہ جانورن يا ڪچڙيءَ جي بي شڪل روپ ۾ يا هڪ گول ڪيڪ يا مانيءَ جي صورت ۾ ڪاڌو ويندو آهي، ڪنهن بہ قسم جي مورتيءَ جي شڪل ڪانسواءِ يا هڪ بسڪوٽ ۾ جنهن تي سج يا صليبي ڪراس جو نشان لڳل هوندو آهي، هن قسم جا مثال هر ماڻهوءَ کي چاتل سڃاتل آهن.

قديم آدم خوريءَ سان اچا وڏيڪ ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل گناهہ کندڙ کي کائڻ جي عجيب رسم آهي، جنهن کي مسٽر سڊني هارٽليند ايڏو سني نموني واضح ڪيو آهي. مٿانهين باواريا ۾ هڪ لاش جو ڪيڪ اٽي مان ڳوهيو ويندو آهي ۽ هڪ مري ويل ماڻهوءَ جي ڇاتيءَ تي رکيو ويندو آهي، تہ جيئن اهو مري ويل شخص جون نيڪيون چڻهي وني. هي ڪيڪ پوءِ ان شخص جي ويجهي ترين مائٽ طرفان ڪاڌو ويندو آهي. بالڪن جزيري ۾ مري ويل ماڻهوءَ جي هڪ ننڍڙي مورتي، مانيءَ جي شڪل ۾ ناهي ويندي آهي ۽ خاندان جي بين فردن طرفان ڪاڌي ويندي آهي. هي آدم خوريءَ ۽ گناهہ کائڻ جي مشهور رسم جي وچ ۾ عبوري منزلون آهن.

مان اميد ڪيان ٿو تہ مون هاڻي ان عام تعلق کي واضح ڪري ڇڏيو آهي، جنهن کي مان، جيڪڏهن ثابت ڪرڻ نہ، تہ تجويز ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان. منهنجو اهو خيال آهي تہ شروع ۾ ڪجهہ نسلن پنهنجن ابن ڏاڏن يا انهن جي حصن کي ڪاڌو تہ جيئن هو پنهنجن آباء واجداد جي ديوتائي روحن کي پنهنجن جسمن ۾ داخل ڪري سگهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بعد ۾ جڏهن مصنوعي ديوتا-گهڙت هڪ عام ڪرت بڻجي وئي، خاص طور تي زراعت سان تعلق ۾، ماڻهو هڪ ساڳئي سبب لاءِ ديوتا يا ان جو حصو ڪائڻ شروع ڪيو. پر اهي ساڳئي نموني مذهبي رسم طور هن ڪي بطور اناج يا ڪچالو يا چانور جي ڪائڻ لڳا. جڏهن قربانيءَ جي شڪار ڪي انسان-ديوتا بدران استعمال ڪيو وڃڻ لڳو، انهن قربانيءَ جي شڪار ڪي ساڳئي انداز ۾ ڪائڻ شروع ڪيو. هنن ماڻهو ۽ جانور ـ ٻنهي جون اٽي يا ملائيءَ مان مورتيون پڻ ٺاهيون، ۽ انهن ڪي ديوتا جون نهيل سمجهندي، ساڳئي نموني قربان ڪيو ۽ ڪاڌو ۽ هنن هن جو رت ڏڪڻ ۾ شراب جي صورت ۾ ۽ اتر ۾ بيئر جي صورت ۾، هندستان ۾ سوم رس جي صورت ۾ پيتو.

جيڪڏهن شين ڪي جوڙڻ جي هيءَ ڏارا تقريباً درست آهي

تہ پوءِ مذهبي دعوتون بحيثيت مجموعي آخر ۾ نيٺ آدم خور ديوتا-دعوت جي باقيات تي بيٺل آهن. اها هڪ اهم حقيقت آهي تہ ڪيترن مثالن ۾، جيئن پوتراج ميلي ۾، رسمون ادا ڪندڙ پادري ديوتائي شڪار جو رت پيئندو آهي، جڏهن تہ عام خلق ڪي رڳو هن جو گوشت ڪائڻ جي اجازت هوندي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب سورهون

# ڪفاري جو منو

انسان يا جانور شڪار يا ذبح ڪيل ديوتا جي پيچيده تصور ۾ ڪجهه اهميت جو هڪ وڌيڪ عنصر اجا رهي ٿو، جنهن جو اسانکي ضرور مختصراً معائنو ڪرڻ گهرجي. ان ڪان اڳ جو اسان عيسائيت جي ارتقا ڏانهن هڪ فائدي سان وڌون: منهنجو مطلب ڪفاري واري قرباني يا بين لفظن ۾ ازالي واري قرباني آهي.

اوائلي عيسائي ڪتابن جو هڪ مصنف چئي ٿو، ”رت هارڻ کانسواءِ گناهه کان نجات نہ ٿي ملي.“ هي سمورن اڳتي وڌيل مذهبن ۾ هڪ عام نظريو آهي: قربانيءَ کي نہ رڳو هڪ راضي شڪار يا اوتارِ ديوتا جي خود قرباني سمجهيو ويندو آهي. پر انکي ڪيل ڏوهن جو هڪ ازالو پڻ سمجهيو ويندو آهي. بئپٽسٽ قصي ۾ چئي ٿو، ”خدا جي ڇيلي کي ڏسو، جيڪو دنيا جا گناهه ڪٽي وجي ٿو.“

مان سمجهان ٿو هي خيال قديم نہ آهي. گناهه کي مذهب جي حدن ۾ دير سان داخل ٿيندڙ هڪ اخلاقي جزو سمجهيو وجڻ گهرجي. اوائلي انسان گهٽي ياڳي پنهنجي ديوتائن کي خوشيءَ سان ڪٽندو آهي. هن جا انهن سان تمام سنا ناتا هوندا آهن. هو انهن جي موجودگيءَ ۾ کائيندو، پيئندو ۽ عيش ڪندو آهي. هو (ديوتا) هن جي عياشيءَ جي جوشيلن جشنن ۾ ساٿن گڏ هوندا آهن. اهي عظيم اخلاقي احتساب ڪندڙ نہ هوندا آهن، جيئن بي انصافيءَ کي نہ ڏسندڙ نج اکين وارن يهودي رسولن جي عاليشان تخليق. اهي خود هن جهڙن جذبن ۽ ناڪامين واري مخلوق هوندا آهن.

بيشڪ اهي ڪڏهن ڪاوڙيل هوندا آهن پر انهن جي ڪاوڙ کي آسانيءَ سان هڪ انساني شڪار يا ذبح ڪيل بڪرين ۽ ڏاندن جي رت سان ٺڏو ڪري سگهجي ٿو. عام رواجي حالتن ۾ اهي چاتل سچاتل گهريلو ياتي هوندا آهن. انهن جون ڪوپڙيون يا مورتيون آتش دان کي سجائينديون آهن. ٽورن لفظن ۾ اهي قبيلي جا عام رڪن هوندا آهن،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي اڳ روحاني دنيا ڏانهن ويل هوندا آهن، پر پنهنجن مائٽن جي خوشين، دعوتن ۽ شادمانين ۾ شرڪت ڪنهن بہ فخر يا ترڪِ دنيا ڪانسواءِ جاري رکندا آهن.

اهڙي طرح ڪفاري/ ازالي جو خيال، سواءِ هڪ عارضي جهيڳڙي لاءِ بطور هڪ وقتي تصفيي جي، غالباً تمام اوائلي ۽ وڏ ۾ وڏ قديم مذهبن ۾ موجود ڪونہ هو. اهو رڳو بعد ۾ ٿيو آهي، جڏهن اخلاقي خيالن پنهنجو پاڻ کي عقيدي مٿان مسلط ڪرڻ شروع ڪيو، تہ گناهہ جو مٿو، جيڪو بنيادي طور تي ديوتائن جي قائم شده اخلاقي آدابن خلاف هڪ ڏوهہ جو مٿو آهي، پنهنجو پاڻ کي آهستي آهستي ظاهر ڪري ٿو. ڪيترن مثالن ۾ بعد جون تفسيرون لڳي ٿو تہ ان شيءِ مٿان هڪ ڪفاري جي معنيٰ رکن ٿيون، جيڪا پنهنجي اصليت ۾، واضح مماثلت ۾ محض هڪ عملي ديوتا-ناهڻ ۽ ديوتا-قتل ڪندڙ تقريب هئي. پر مذهب جي وڌيڪ شعوري فلسفياڻن منزلن ۾، ڪفاري جو هي مٿو ايترو تہ تيزيءَ سان پنهنجون پاڙون پختيون ڪري ٿو، جو اهو عشاءِ رباني يا گڏجي ڪائڻ جي اوائلي تصور کي تقريباً ڳڙڪائي ڇڏي ٿو. پوءِ قربانيءَ کي مکيہ طور تي حق تي ڪاوڙجي ويل يا ناراض ديوتا کي ڪفاري واري نذراني طور تصور ڪيو ويو. هي آهي عقيدي جو اهو روپ، جيڪو اسان کي تقريباً هر هنڌ هومر جي بيتن جي عظيم عوامي قربانين ۾ ملي ٿو، جيئن اهو يوناني ۽ سامي ادب جي ڪيترن شاهڪارن ۾ ملي ٿو. لڳي ٿو ڪفاري واري قرباني خاص طور تي مصنوعي ديوتا جي مقدس شخصيت چوڌاري جڙڻ ۽ پڪي پختي ٿيڻ لڳي هئي. مسٽر فريزر چئي ٿو، ”سمورن ماڻهن جون گڏيل بدنصيبيون ۽ گناهہ ڪڏهن مرندڙ ديوتا مٿان وڌا ويندا آهن، جنهن لاءِ فرض ڪيو ويندو آهي تہ اهو پاڻ سان هميشہ لاءِ کڻي ويندو آهي ۽ ماڻهن کي معصوم ۽ خوش ڇڏي ويندو آهي.“ هڪ يهودي شاعر، جنهن جا شعر اندازي تي يسعياہ ڏانهن منسوب ڪيل آهن، اهڙي هڪ قربانيءَ جي ٻڪري لاءِ چئي ٿو، ”يقيناً هن اسان جا ڏک کڻي ڇڏيا آهن ۽ اسان جا غم کڻي ويو آهي ........... پوءِ بہ اسان هن کي عزت ڏيون ٿا، جيڪو خدا طرفان ڏکيل، ڏنگيل ۽ زخمي ڪيل آهي. هو اسانجن گناهن لاءِ زخمي ٿيو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي، هن ڪي اسانجين ناانصافين لاءِ ڏک لڳا آهن. اسانجي امن لاءِ هن مٿان عذاب ڪڙڪيو آهي ۽ هن جي ڪوڙن سان اسان شفاياب ٿيون ٿا. يهوه پنهنجي مٿان اسانجون سموريون بي انصافيون کڻي ڇڏيون آهن.“

هتي اهڙي عاليشان ٻوليءَ ۾ اظهاريل خيال وڏيڪ اڳتي وڌيل ۽ اخلاقي مذهبن جي بعد جي سمورن انسان-ديوتائن لاءِ عام هئا. مسٽر فريزر شايد قربانيءَ جي ٻڪري، انسان يا جانور جي مٿي ڪي پاپن جي منتقليءَ جي عوامي وحشي خيال سان ڳنڍڻ ۾ صحيح آهي.

اهڙي طرح سمورين قومن جي عوامي جادوءَ ۾ هر قسم جون بيماريون ـــ سخت بخارن ۾ پليگ جهڙين وبائن کان وٺي مٽي جي سور، ڏندن جي سور، ڳوڙهن ۽ ڦٽن تائين جادوءَ جي ڪنهن سادي تقريب ذريعي جانورن، ڪپڙي جي ٽڪرن يا ٻين ماڻهن ڏانهن منتقل ڪيون وينديون آهن.

مان ڪي مثال مختصراً پيش ڪندس. مرگهيءَ ڪي پنن ۾ منتقل ڪيو ويندو آهي، جن ڪي ميلي آرڪيپيلاگو ۾ ڦٽو ڪيو ويندو آهي.

هڪ نيڪوئينا بادشاهه پنهنجي بيماري هڪ ڳئونءَ ڪي ڏئي ڇڏي ٿي، جنهنکي هن جي بدران هن جي صحتيابي حاصل ڪرڻ لاءِ پاڻيءَ ۾ ٻوڙيو ويندو آهي. مسٽر گومي هڪ اسڪاچ نواب جي هڪ دهشتناڪ ڪهاڻي ٻڌائي ٿو، جنهن پنهنجي موتمار بيماري هڪ جادوئي تقريب ذريعي پنهنجي پاءُ ۾ منتقل ڪري ڇڏي.

بخار لاءِ يا ڳوڙهن لاءِ ٽيٽا ڦيٽا عام طور تي ان مصيبت ڪي هڪ ڏاڳي، ڪپڙي يا ڪاغذ جي ٽڪري ڏانهن منتقل ڪرڻ جو اهڙو ڪو دلڪش جزو رکندا آهن. جنهن ڪي هوا ۾ اڏايو ويندو آهي ته جيئن اهو گناهه پاڻ سان گڏ ان ماڻهوءَ ڏانهن کڻي وڃي جيڪو انکي ڇهندو آهي.

منتقليءَ جي هنن مٿن سان نزديڪيءَ سان ڳنڍيل اهي اتفاقي يا وقفي واريون تقريبون پڻ آهن، جيڪي هڪ ڳوٺ يا برادريءَ مان گناهه پچائي ڪڍڻ لاءِ ڪيون وينديون آهن. شيطان، جن، دشمن روح، بيماريون ۽ هر قسم جون ٻيون مصيبتون اهڙي طرح گهٽيون، دهل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ٻيا جادوئي ساز وڄائي. اڪثر ٻاهر ڪڍيا ويندا آهن. اڪثر قبيلي يا عيسائي وسنديءَ جي سرحدن مٿان گذربو آهي تہ انهن کي ڏوتو ويندو آهي ۽ بديءَ جا اثرات انهن سرحدن کان ٻاهر ڏوتا ويندا آهن يا کين زوريءَ ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. اسان جي پنهنجي رسم ”سرحدن کي مارڻ“ پنهنجن ڪيترن پهلوئن مان هڪ ۾ ان قديم تقريب جي ترجماني ڪري ٿي. ڏوئڻ ۽ ٽپڪيون لڳائڻ. ان نيڪاليءَ واري رسم جا اڪثر ساٿاري هوندا آهن. پيرو ۾ اها رسم، اناج-ديوتا جي مذهبي رسم جي ان عام خوبيءَ سان پڻ جڙيل هجي ٿي ـــ يعني زنده ٻارن جي رت سان ڳوهيل ڪيڪ سان جنن/ ڀوتن جي هيءَ وقفي وقفي واري نيڪالي عموماً سال ۾ هڪ دفعو ٿيندي آهي پر ڪڏهن اها سال ۾ ٻہ دفعا بہ ٿيندي آهي: انکي انسان يا جانور شڪار جي قربانين سان واضح تعلق هوندا آهن. يورپ ۾ اها ڪيترن ئي هنڌن تي ڏائڻين جي ساليانو نيڪاليءَ جي صورت ۾ اڃا زنده آهي.

هنن ٻن مکيہ خيالن کي گڏ رکندي اسان قربانيءَ جي ٻڪري جي گاڏڙ تصور تائين پهچون ٿا. هڪ قربانيءَ جو ٻڪرو هڪ انسان يا جانور شڪار هوندو آهي، جنهن کي چونڊيو ويو هوندو آهي، پهريان برادريءَ جون بدنصيبيون يا بيماريون ٻاهر ڪڍي وڃڻ لاءِ، پوءِ بستيءَ جا گناهہ ۽ ڏوهہ ٻاهر ڪڍي وڃڻ لاءِ. اهو نالو جيڪو اسان انکي انگريزيءَ ۾ ڏيون ٿا، يهودي استعمال جي ڪنهن لفظ مان ورتل هوندي، جانور مضمرات وارو آهي پر جيئن سمورن هڪجهڙن مثالن ۾ آهي، مان ان ڳالهہ ۾ شڪ نہ ٿو ڪيان تہ گناهہ-ڪٽندڙ انسان گناهہ-ڪٽندڙ جانور کان اڳ ۾ اچي ٿو. قربانيءَ جي ٻڪري جي ارتقا جي هن ابتدائي منزل جو هڪ سٺو مثال قوراندي‌ءَ تي اونيتشا وٽ ملي ٿو. اتي هر سال بہ انسان قربان ڪيا ويندا آهن، ”زمين جا گناهہ ڪڍي وڃڻ لاءِ.“ جيتوڻيڪ مان سمجهان ٿو تہ مقامي خيالن لاءِ بدنصيبيون چوڻ وڌيڪ صحيح ٿيندو: ٻيو نمبر، قربانيءَ جي شڪارن مٿان لاڳو ڪندي، هن خاص تعلق ۾ اڪثر ٻاهر نڪري اچي ٿو. هتي وري شڪار ”هڪ قيمت تي خريد ڪيل“ ـــ عوامي پئسن سان خريد ڪيل هوندا آهن. اهي سمورا ماڻهو جن مقامي اخلاقن خلاف گذريل سال وڏا ڏوهہ ڪيا هوندا آهن، انهن مان شڪارن جي قيمت ادا ڪرڻ جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توقع ڪئي ويندي آهي. ٻن بيمار ماڻهن کي پئسن سان خريد ڪيو ويندو آهي، ”هڪ زمين لاءِ ۽ ٻيو نديءَ لاءِ“. انهن شڪارن کي اونڌي منهن، زمين تي کُهلي ڦاسيءَ جي هنڌ تي آندو ويندو آهي. ماڻهن جو هجوم، جيڪو انهن سان گڏ هلندو آهي، رڙيون ڪندو آهي، ”ظلم“، ”ظلم!“. اهڙي طرح سيام ۾ اها ڳالهه روايتي هوندي آهي تہ گناهہ واري زندگيءَ جي هڪ ناڪاره عورت کي چونڊي، انکي هڪ ڏوليءَ تي رکي گهٽين مان گذاريو ويندو آهي (جيڪا عام طور تي بادشاهت يا ديوتاپڻي جي هڪ نشاني هوندي آهي) ۽ کيس ديوار کان ٻاهر غليظ جڳهہ يا ڪندن جي جهنگلي مٿان، شهر ۾ وري ڪڏهن داخل ٿيڻ کان منع ڪندي، اڇلايو ويندو آهي. اوپر جي هن مثال ۾ رڳو نيڪالي آهي، حقيقي قتلام ناهي.

بهرحال ٻين مثالن ۾ انساني قربانيءَ جي ٻڪري ڏانهن منسوب ڪيل ديوتائي ڪردار ڪافي واضح آهي. هندستان جي ڳانڌن ۾، اناجن جي ديوتا جي ميلي تي، ديوتا، پوڄارين مان هڪ پوڄاريءَ جي مٿي تي لهندو آهي، جنهن تي جهٽڪن جو دورو پوندو آهي ۽ هو جهنگل ڏانهن ڀڄندو آهي. اتي، اهو مڃيو ويندو آهي، تہ هو پاڻ ئي مري ويندو، جيڪڏهن هن کي واپس نہ آندو ويندو آهي ۽ ڏيان سان هن جو علاج نہ ڪيو ويندو آهي پر ڳانڌ، ٻين ڪيترن معاملن جي پيٺ ۾ هتي وڏيڪ رحمدل ٿيندي هن کي واپس وٺي ايندا آهن ۽ هن کي وري نيڪ ڪندا آهن. خيال اهو آهي تہ اهڙي طرح هن کي باقي سڄي ڳوٺ جا گناهہ ڪٺي وڃڻ لاءِ اڪيلو/ نمايان بڻايو ويندو آهي. ٽرنگيا ۾ هيلبرسٽاٽ وٽ هوبهو بلڪل ساڳي رسم قرونِ وسطيٰ جي آخر تائين باقي رهي. موتمار گناهہ سان داغدار ٿيل هڪ ماڻهوءَ کي بطور عوامي قربانيءَ جي ٻڪري طور چونڊيو ويندو آهي. اِيسٽر جي چاليهي جي پهرئين ڏينهن تي هن کي ماتم جا ڪپڙا پهرايا ويندا آهن ۽ کيس چرچ مان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. چاليهن ڏينهن تائين هو رُلندو رهندو آهي، صرف پادرين طرفان کيس کاڌو ڏنو ويندو آهي، ٻيو ڪوئي بہ هن سان نہ ڳالهائيندو آهي. هو گهٽين ۾ سمهندو آهي. پڇلي جمعي کان اڳ واري ڏينهن تي بهرحال هن کي سمورن گناهن کان آجو ڪيو ويندو آهي۽ آدم سڏيندي کيس هاڻي معصوميت جي حالت ۾ هوندي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمجهيو ويندو آهي. هي انساني گناهه-نذراني جو هڪ تخفيف ڪيل ۽ عيسائي بڻايل روپ آهي.

وري اوپرندي ڪاڪيسس جي البانين چنڊ جي مندر ۾ مقدس ٻانهن جو هڪ تعداد رکيو ٿي، جن مان ڪيترائي اُتساهيل ۽ پيشنگوئي ڪيل هئا. جڏهن هنن مان هڪ جٺو، اُتساهه جا غيرمعمولي اهڃاڻ ڏيکارڻ لڳندو آهي، وڏو پادري هن کي هڪ مقدس زنجير سان ٻڌرائي ڇڏيندو آهي ۽ ڪيس سال تائين ميڪسيڪن اناج-ديوتا وانگر عيش عشرت ۾ رکيو ويندو آهي. هيءَ حقيقيت قربانيءَ جي انسان ٻڪري کي فوري طور تي ساليانى انساني ديوتائن جي برابر آڻي بيهاري ٿي، جن تي اسان اڳ ئي غور ويچار ڪري چڪا آهيون. هڪ سال جي پڄاڻيءَ تي هن کي (تيل سان) مسح ڪيو ويندو آهي ۽ قربان ڪرڻ لاءِ وني وجبو آهي. هيءَ قرباني بطور هڪ پاڪ صاف ٿيڻ جي تقريب جي، حاصل ڪئي ويندي آهي.

يونان ۾ اسانکي قربانيءَ جي انسان ٻڪري جون ساڳيون نشانيون ملن ٿيون. بوئيوتيا ۾ شيرونيا وٽ، مک قاضي، شهر جي هال ۾ ۽ هر ماڻهو پنهنجي گهر ۾، جيئن اسانکي پلوترڪ (جيڪو خود پاڻ به اتي هڪ قاضي هو) وٽان خبر پوي ٿي، هڪ خاص ڏينهن تي هڪ غلام کي اگنس ڪاستس جي لنين سان مارڻو پوندو آهي ۽ کيس در کان ٻاهر اهو چئي ڪيڏو پوندو آهي، ته ”بک ٻاهر، صحت ۽ دولت اندر.“ ٻئي هنڌ هن رسم ۾ وڌيڪ ناپسنديده ڳالهيون اچي ويون. مارسيلس ۾، جڏهن وسندي، پليگ جي وبا ۾ ونجي ويندي هئي، تمام غريب طبقي جي هڪ ماڻهوءَ پنهنجو پاڻ کي بطور هڪ گناهه جو نذرانو ڏيندڙ يا قربانيءَ جي ٻڪري جي رضاڪاراڻي طور تي پيش ڪيو ٿي. هتي اسانکي هڪ دفعو وري قربانيءَ جي راضي شڪار جو عام مثال ملي ٿو. سڄو سال، ٻين ساليانن ديوتائن جيان، هن کي عوام جي خرچ تي پاليو ويندو آهي ۽ ساڻس هڪ شريف ماڻهوءَ جيان ورتاءُ ڪيو ويندو آهي ـ يعني هڪ شاهاڻي انسان-ديوتا جيان. ان وقت جي پڄاڻيءَ تي هن کي مقدس ڪپڙا پارايا ويندا آهن ـــ ديوتاپڻي جي هڪ وڌيڪ نشاني، وٽن جي پاڪ تارين سان سجايل ـــ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هريالي جي ديوتائن جي مشترڪ نشاني: ڪيس شهر مان گهمايو ويندو آهي، جڏهن ته اهي پوڄائون جاري رهنديون آهن ته ماڻهن جا گناهه هن جي سر مڙهيا پون. هن کي پوءِ برادريءَ کان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. اٿينين ماڻهو شهر جي خرچ تي بطور عوامي قربانيءَ جي ٻڪرن جي ڪيترائي اڇوت رکندا هئا ۽ جڏهن پليگ، خشڪ سالي يا ڏڪر پوندو هو، هو انهن مان ٻن (تعداد نوٽ ڪيو) کي بطور قربانيءَ جي انسان ٻڪري جي، قربان ڪندا هئا. انهن مان هڪ کي عورتن جو نعم البدل ۽ ٻئي کي مردن جو نعم البدل سمجهيو ويندو هو: انهن کي شهر مان گذاريو ويندو آهي (سرحدن تي نشان لڳائڻ جيان) ۽ پوءِ کين بظاهر سنگسار ڪري ماريو ويندو آهي.

ان کان علاوه هر سال وقفي سان ٿرجيليا جي ميلي تي، ٻن شڪارن کي اٿينس وٽ سنگسار ڪري ماريو ويندو هو، بطور قربانيءَ جي ٻڪري جي، هڪ مردن لاءِ ۽ هڪ عورتن لاءِ. مان اندازي تي هن مقدس انگ کي ڳڻڻ جي زحمت ڪندس، نه رڳو اڳ ئي نوٽ ڪيل آفريڪي رسم سان پر اسپارٽا جي ٻتن بادشاهن سان روم وٽ موجود ٻن سفيرن سان ۽ ڪارٿيج ۽ ٻين سامي شهرن ۾ ٻن ماڻهن سان پڻ: بيشڪ بادشاهن جو ٻٽوپڻ هڪ عام ڏيک آهي. مان هتي رڳو اهو اضافو ڪري سگهان ٿو ته هنن انساني قربانيءَ جي ٻڪرن سان ڳنڍيل ٻين ڪيترين ئي تقريبن کي من هارٽ طرفان تمام سٺي نموني واضح ڪيو ۽ تشريحيو ويو آهي، جيڪو ڏيکاري ٿو ته اهي سڀ پاڪ صاف ڪندڙ ڪردار واريون هيون ۽ ديوتا کي قتل ڪرڻ کان اڳ هن کي عذاب ڏيڻ ديوتائي عمل جو هڪ ضروري نقطو هو. تنهنڪري ايگنس ڪاسٽس جي ايذي اهميت هئي. پوءِ مختصراً مين هارٽ ۽ فريزر طرفان ڪنا ڪيل ثبوت اهو تجويز ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن ته قربانيءَ جو انساني ٻڪرو موت لاءِ ملامت ڪيل ديوتا جو آخري وارو هوندو آهي، جنهن جي مٿي تي برادريءَ جا گناهه يا بدنصيبيون بطور هڪ نعم البدل جي، وڌيون وينديون آهن. هو ٻئي جي بدران نذرانو هوندو آهي، جيڪو ماڻهن خاطر مرندو آهي. بهرحال اهو رڳو هِتي ۽ هُتي آهي جو قربانيءَ جي ٻڪري تاريخي زمانن تائين پنهنجو اوائلي روپ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بطور هڪ انساني شڪار جي، برقرار رکيو آهي. وڌيڪ اڪثر، گهڻ ۾ گهڻ مهذب هئڻ تي. اسان ان رسم جون عام رواجي هڪبئي پٺيان ايندڙ تخفيفون ڏسون ٿا. ڪڏهن، جيئن اسان هيٺين مثالن ۾ اڳ ئي ڏسي چڪا آهيون، شڪار کي حقيقت ۾ قتل نہ ڪيو ويندو آهي پر صرف ٻاهر تڙيو ويندو آهي يا ڪيس رڳو ڪيڏ ڪيڏ ۾ ۽ جشن ۾ شهر کان ٻاهر ڪڍيو ويندو آهي. ٻين مثالن ۾ اسانکي سزا ڏنل ڏوهاري يا چرئي جي چاتل سچاتل متاستا ملي ٿي، جيئن اتڪ تارجيليا ۾. بهرحال اڪثر مثالن ۾ اسانکي هڪ انساني شڪار لاءِ هڪ مقدس جانور جي وڌيڪ عام نعم البدلي ملي ٿي ۽ هيءُ ئي گهٽي ياڳي ان عام مذهبي خصوصيت ڪفاري واري قربانيءَ جو بڻ بڻياد آهي.

ڪڏهن ڪڏهن اسان کي هڪ انساني شڪار کان هڪ ديوتائي يا نيم-ديوتائي جانور تائين جي تبديليءَ جو تاريخي يا نيم تاريخي ثبوت ملي ٿو. اهڙي طرح نياس جا ماڻهو پنهنجي زمين کي پاڪ صاف ڪرڻ لاءِ هڪ ڳاڙهو گهوڙو يا هڪ مينهن نذرانو ڏيندا آهن پر اڳ ۾ هڪ ماڻهوءَ کي ان ساڳئي ٿنڀي سان ٻڌو ويندو آهي، جنهن سان مينهن کي ٻڌو ويندو آهي ۽ جڏهن مينهن کي قتل ڪيو ويندو آهي، ماڻهوءَ کي اتان ڀڄايو ويندو آهي، ڪنهن بہ مقامي ماڻهوءَ کي هن جو آڏرياءُ ڪرڻ يا ڪيس ڪارائڻ جي جرئت نہ ٿيندي آهي. اوائلي عربن جو قربانيءَ جو اُٺ شايد ڪفاري وارو، علي الاعلان انساني شڪار جو هڪ نعم البدل ٿيو وڃي ٿو. بطور هڪ اصول جي، هڪ قربانيءَ جي ٻڪري طور چونڊيل انسان-ديوتا يا ديوتائي جانور رسم جي مڪمل ترين روپ ۾ حقيقت ۾ ذبح نہ ڪيو ويندو آهي، هن کي ڀڄايو ويندو آهي، يا سمنڊ ۾ اڇلايو ويندو آهي يا ٻڪ ۽ اُڃ وگهي مرڻ لاءِ ڇڏيو ويندو آهي. ڪڏهن بهرحال هن کي بطور هڪ ٻاهہ ۾ ساڙيل قربانيءَ جي ساڙيو ويندو آهي: ڪڏهن هن کي سنگسار ڪيو ويندو آهي ۽ ڪڏهن هن کي ذبح ڪيو ويندو آهي. ۽ ڪفاري واري جانور کي قربانيءَ جي بعد جي ۽ گهڻ مڪمل روپن ۾، ذبح ڪرڻ هڪ قانون هو، سواءِ جتي انکي ساڙڻ ٻاهر ڏکي ڇڏيو.

حقيقت ۾ ڪيترن مثالن ۾ هن پيچيده سوال جي مختلف



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جزن کي هڪبئي کان ڌار ڪرڻ ڏکيو آهي. ماڻهو قربانيءَ جي ڪن روپن سان هري ويل آهن ۽ انهن کي بنا فرق جي هڪبئي سان گڏسڏ ڪري ڇڏيو اٿن، ايتري قدر جو هڪ ساڳي رسم ڪڏهن مذهبي عقيدي واري، قربانيءَ واري ۽ ڪفاري واري يعني سڀ قسم واري لڳي ٿي. اهڙي طرح ڊاڪٽر رابرٽسن قديم مصر لاءِ لکي ٿو، "ڏاندن کي قربانگاهه تي پيش ڪيو ويندو هو ۽ انهن جي گوشت جو هڪ حصو هڪ مذهبي دعوت ۾ کاڌو ويندو هو پر قربانيءَ جي اجازت رڳو بطور هڪ ڪفاري جي ئي ڏني ويندي هئي؛ ان کان اڳ هڪ باضابطه روزو رکيو ويندو هو ۽ قربانيءَ سان گڏ عوامي ماتم جاري رهندو هو، جيئن هڪ هر قبيلائي ماڻهوءَ جي موت تي ٿيندو هو." هن سان ادونس لاءِ ساليانو ماتم کي پيٽيو ۽ عيسائين جي عشاءِ رباني ۾ قرباني، مذهبي رسم ۽ ڪفاري جي ساڳي بڌيءَ کي پڻ پيٽيو، جيڪا عيسائي سال جي وڏي وري زنده تي اٿڻ جي ميلي ـــ ايسٽر تي برابر نموني هڪ روزي ۽ سني جمعي جي سنجيده ماتم کانپوءِ ٿيندي آهي.

هاڻي مان هنن مليل جليل مثالن ۾ مرڪب رسم جي هڪ جزي يا ٻئي جي وچ ۾ صحيح نموني تميز ڪرڻ* جو مڪر نه ٿو ڪيان. اڪثر ڪري انهن ۾ ديوتا کي قتل ڪرڻ، مذهبي رسم ۽ عوامي ڪفاري جا مختلف لاڙا واضح نموني موجود هوندا آهن. عام طور تي پڻ قربانيءَ جي شڪار کي قربانگاهه آڏو يا ڪنهن اوائلي ۽ عظيم ديوتا جي مقدس پتر آڏو ڪُنو ويندو آهي ۽ ان جي رت ان ديوتا آڏو هاري ويندي آهي. پر ديوتا ۽ قربانيءَ جي شڪار جي سڃاڻپ اڪثر بلڪل ڇٽي هوندي آهي. بحيثيت مجموعي پوءِ آخر اسان ان منزل تي پهچي چڪا آهيون، جتي مان قربانيءَ جي تقريب ۾، هر مثال ۾ هڪبئي جي مٿان چڙهيل مختلف خيالن ۾ فرق ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪندس. اڪثر قربانيون آخر ۾ نيٺ قربانيءَ جي انساني-ديوتائي شڪارن جون نعم البدل لڳن ٿيون. گهڻيون مذهبي رسم واريون لڳن ٿيون ۽ اڪثر ٿورو يا گهڻو نمايان طور تي ڪفاري واريون لڳن ٿيون. مان اهو به نه ٿو چاهان ته آيا، بين ماڻهن لاءِ رسمن جو هڪ سلسلو نئين سر ترتيب ڏيڻ لاءِ اهي خيال جيڪي بيشمار مليل جليل مثالن کي خيال ۾ رکندي منهنجي ذهن ۾ آهستي آهستي ڇٽا ٿيا آهن، مون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هميشہ وضاحت لاءِ هر مخصوص حقيقت کي ان جي بهترين ۽ وڌ ۾ وڌ اثرائتي حالت ۾ رکيو آهي. بهرحال مان اهو اضافو ڪرڻ چاهيندس تہ هتي تشڪيل ڪيل خيال انهن ڪيترن نڪتن کي ضرور هڪ نئين معنيٰ ڏيندا، جن کي اسان پهريان انهن تقريبن ۾ جيڪي اسانجن پهرين بابن ۾ ذڪر ڪيل آهن، سمجهي نہ سگهياسين. مان رڳو ان جو هڪ مثال ڏيندس، جيڪو آهي سمويد قربانيءَ جي جڳهہ جو، جيڪا بيرن نور ڊينسڪيولڊ، ويگنٽيس بيٽ تي ڏني. اسان هاڻي اڻ گهڙيل ڪليل ميدان ۾ موجود مقبري جي چوڌاري ڪوڙ ڪيل رينڊيئر هرڻ جي کوپڙين جي ڍِڳ کي ڪا ديوتائي معنيٰ ڏئي سگهون ٿا، چوتہ رينڊيئر هرڻ اترين نسلن جا مقدس ۽ مقدس قربانيءَ وارا جانور آهن، جڏهن تہ آبائي ديوتائن يا پوتن جي قربانگاهہ تي انهن جي سسين کي محفوظ ڪري رکڻ جي ان جي معمول واري پاڪ ۽ استخاري معنيٰ آهي. اسان ان ڳالهہ جو پڻ اندازو لڳائي سگهون ٿا تہ ڇو هڪ ڇِلهي جون باقيات ان جڳهہ جي پرسان ڏسي سگهجن ٿيون جتي قربانيءَ ۽ مذهبي رسم واري ماني باقاعده طور تي تيار ڪئي ويندي هئي ۽ ڇو بُتن جي واتن کي رت سان تقيو ويندو هو تہ جيئن پراڻن ديوتائن يا پوتن کي ان ميلي ۾ ڀاڱي ڀائيوار بڻائجي. دراصل ڪوبہ پڙهندڙ جنهن مونکي هيستائين ڌيان ڏنو آهي ۽ جيڪو هاڻي هن ڪتاب جي شروعاتي باب ڏانهن واپس مڙي تہ هو اهو ڏسندو تہ ڪافي تفصيل هن کي هڪ بلڪل نئي مختلف انداز ۾ ڏسڻ ۾ ايندا ۽ اهو ڏسندو تہ ڇو مون اڳ ۾ ئي ڪجهہ ننڍن نڪتن مٿان ايڏو زور ڏئي ڇڏيو هو جيڪي هن کي ضرور ان وقت مڪمل طور تي غيراهم لڳا هوندا.

ڪيتريون بيون عجيب تقريبون، جيڪي هن سفر جي احوال ۾ پهريان ايتريون ئي بي معنيٰ لڳن، جڏهن هن نموني ڏٺيون وينديون تہ اهي پڻ اهم معنيٰ واريون ٿي وينديون. مثال طور مسٽر چامرس اسانکي ٻڌائي ٿو تہ نيو گنيءَ جي ڪن خاص ضلعن جي رهاڪن ۾ ”سُوئرن کي ڪڏهن بہ قتل نہ ڪيو ويندو آهي سواءِ هڪ جڳهہ ۾ ۽ پوءِ انهن کي روح آڏو نذراني طور پيش ڪيو ويندو آهي. انهن جي رت اتي ٻاهر هاري ويندي آهي ۽ انهن جو ڌڙ ڳوٺ ڏانهن واپس موڪليو ويندو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي. انکي ڪٽڻ. پچائڻ ۽ ڪائڻ لاءِ.“ سوئرن جون ڪوپڙيون گهر ۾ سانديي رکيون ويندي‌ون آهن ۽ ٽنگيون ويندي‌ون آهن. ”هڪ دعوت لاءِ ڪاڏو. جيئن گهر ناهڻ وقت. ان نلهه ويجهو رکيو ويندو اهي. جتي ڪوپڙيون ٽنگيل هونديون آهن ۽ عبادت ڪئي ويندي آهي. جڏهن مرڪزي ٿنيو ڪڙو ڪيو ويندو آهي. پوءِ روحن کي جانور. مڇي ۽ ڪيلا نذرانن طور پيش ڪيا ويندا آهن ۽ هنن کي باجهايو ويندو آهي ته هو ان گهر کي هميشه ڪاڏي سان پريل رکن ۽ اهو تيز هوائن ۾ ڪري ڊهي نه پوي“ جيڪڏهن اسان بئي هنڌ بيا مثال ياد ڪيون ته اسان ان ڳالهه ۾ مشڪل سان ڪو شڪ ڪري سگهون ٿا ته هنن مثالن ۾ سُوئر، خاندان جي مُک برزگ جي قبر تي قربانيءَ جي مقدس شڪارن طور قتل ڪيا ويندا آهن. خاص طور تي جڏهن مسٽر چامرس اسانکي اهو پڻ ٻڌائي ٿو ته ”هر خاندان کي هڪ مقدس جڳهه هوندي آهي، جتي هو مري ويل بزرگن، جن کان هو تمام گهٽو ڊڄندا آهن. جي روحن لاءِ نذرانا ڪٽي ويندا آهن.“ جڏهن بيماري، ڏڪار يا مڇيءَ جي کوٽ پيدا ٿي ويندي آهي، تڏهن اهي ئي روح هوندا آهن، جن کي باڏايو ويندو آهي ۽ جيڪڏهن اسان هڪ دفعو وري اهو ياد ڪريون ته ڪيترن ئي مثالن ۾ جڳهه جو مرڪزي ٿنيو قربانيءَ جي هڪ انسان يا جانور مٿان بيٺل هوندو آهي، نيو کنيءَ ۽ ٻئي هنڌ، ته پوءِ اسان ان ڳالهه ۾ مشڪل سان شڪ ڪري سگهون ٿا ته هن گهريلو ديوتا يا بنياد جي روح کي ان مرڪزي ٿنيي تي نذرانا پيش ڪيا ويندا آهن. آخر ۾ سُوئرن جون ڪوپڙيون، جيڪي گهر ۾ رکيون ويندي‌ون آهن ۽ ٿنيي تي ٽنگيون ويندي‌ون، اسان کي هڪ پاسي بزرگ-ديوتائن جي ڪوپڙين جون، جيڪي ساڳئي نموني سانديي رکيون ويندي‌ون آهن، ياد ڏيارين ٿيون ۽ ٻئي پاسي قربانيءَ جي ديوتا يا انسان شڪار جي ڪوپڙين جي ياد ڏيارن ٿيون، جن کي هندستان جا ماڻهو پنهنجن ميلن تي سانديي رکندا هئا يا اوائلي يوناني ۽ رومي ڪين پنهنجن مندرن تي ٽنگيندا هئا.

مسٽر چامرس وري چئي ٿو، ”اهي پنهنجي قتل ڪيل دشمنن جون سِسيون پچائيندا هئا ته جيئن مقدس هنڌن تي رکڻ لاءِ هو صاف ڪوپڙيون هٿ ڪري سگهن.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسان کي پوءِ هي ٻه نڪتا ضرور ياد رکڻ گهرجن
پهريون ته هڪ مرندڙ ديوتا، انسان يا جانور، کي ماڻهن جي گناهن لاءِ
بطور هڪ اسان گاڏيءَ ذريعي جي اڪثر ڪري چونڊيو ويندو آهي ۽ ٻيو ته
"رت هارڻ کانسواءِ گناهه معاف نه ٿو ٿي سگهي" هي ٻه عقيدا سموري
دنيا ۾ عام طور تي رائج هئا پر خاص طور تي ان اوپير يونوچ دنيا ۾ جتي
عيسائيت پهريان ڦٽي دراصل اهي ايترو ته عام طور تي مڃيل هئا جو
اوائلي عيسائي ڪتابن ــــ رسولن جي خطن جا مصنف انهن کي صاف
ظاهر ــــ فرض ڪري ويهن ٿا يعني اهڙن متن/ اصولن طور جن جي سچ ۽
معقوليت کي هر ذهين ماڻهو هڪدم مڃيندو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب سترهون
## يسوع مسيح کان اڳ جي دنيا

عيسائيت وڏي ويجهي، اها هڪ فطري پيداوار هئي. اها کنهن به هڪ انسان جي دماغ مان مڪمل صورت ۾ ڪانه ڦٽي جيئن اٿينس، زيوس جي مٿي مان ڦٽو نه ئي اها کنهن ننڍڙي ٽولي يا ماڻهن جي اسڪول، پيترائن يا پالين، رسولن يا يسوع جي شاگردن يا يروشلم، اينتياڪ يا اليگزينڊريا جي چرچ طرفان ايجاد ڪئي وئي. عيسائيت وڏي ــ آهستي آهستي. اها اُسري، ذرو ذرو تي ٽن طويل صدين دوران: ان رومن دنيا جي سمورن بيشمار مرڪزن ۾ بتدريج مرحلن وسيلي هاڻوڪي صورت اختيار ڪئي ۽ ان جي بطور مقدس ڪئٿولڪ چرچ جي هڪ پائيدار روپ اختيار ڪري ڇڏڻ ڪانپوءِ به، اها ماڻهن جي ذهنن ۾ اجا تائين هڪ اهڙي رفتار سان وڌندي پئي رهي آهي، جيڪا ڪڏهن به ختم نه ٿي ٿئي پر اها ويندي هاڻي به پنهنجو پاڻ کي هڪ هزار اندازن ۾ هڪ ويٽيڪن ڪائونسل کان آمريڪي فرقي پرستن جي آخري نئين ڏڙي جي آخري وچوڙي تائين ظاهر ڪري ٿي.

عيسائيت وڏي ــ رومن سلطنت جي ڳتيل گهڻ قومي ساموندي بندرن ۽ شهرن ۾ ــ اينٽيوڪ، اليگزينڊريا، ٿيسالونيڪا، سائيرين، بزينٽيم ۽ روم ۾. ان جو شاهي رستو سمنڊ هو. جيتوڻيڪ اهو اصليت ۾ جزوي طور يهودي آهي پوءِ به اهو پنهنجن اوائلي ترين ڏينهن کان لازمي طور تي هڪ عالمگير ۽ بين الاقوامي مذهب طور نمودار ٿئي ٿو.

تنهنڪري اسان عيسائيت جي بڻ بڻياد ۽ ان جي ماضيءَ جي تاريخ جي ڪجهه درست ڄاڻ هنن مختلف وڏن شهرن جي مذهبي حالت تي اهڙي وقت تي غور ويچار ڪرڻ سان حاصل ڪري سگهون ٿا جڏهن عيسائيت انهن جي وچ ۾ ازخود ڦٽڻ شروع ڪيو هو. اسان خود هڪ شيءِ بابت ڪنهن راءِ تي ان ماحول جو مشاهدو ڪرڻ ذريعي پهچي سگهون ٿا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ اها اسري هوندي آهي.

هڪ دفعو وري عيسائيت ــــ گهٽي حد تائين بين الاقوامي ساموندي بندرن جي غريب ماڻهن ۾ وڌي. ان پنهنجو پاڻ کي غلامن، آزاد ٿيل ماڻهن، يهودين، شامين ۽ آفريڪي پناهگزينن، روم جي ڊروئيڊيڪل، گالن ۽ انگريزن، ننڍن دڪاندارن، مفلس گراهڪن ۽ گُهٽيل آباديءَ وارن مرڪزن جي ٻارڙن ۽ ڪيرپياڪن ۾ وضع ڪيو. ان ڪري يهوديت مٿان بيٺل هوندي ان پنهنجي اندر مذهبي سوچ ۽ مذهبي عمل جا اهي سمورا جزا سني ميزبانيءَ سان ڪٺا ڪيا، جيڪي سڄي دنيا لاءِ مشترڪ هئا ۽ خاص طور تي اوپر يونوچ بندرگاهه لاءِ. ان ڪان علاوه ان پنهنجي اندر خاص طور تي اهي جزا خوشيءَ سان سمايا جن جو واسطو مقبول مذهبن جي پراڻي ۽ اونهي حصي سان هو بنسبت انهن حصن جي جن جو واسطو رياستي مذهب جي سٽريل، يوناني ٻٽايل ۽ مجيل ڦيرين قارين سان هو. اها هڪ سرڪاري پيداوار بدران هڪ جمهوري پيداوار هئي. تنهنڪري اسانکي انهن اثرات لاءِ جن عيسائيت کي گهڙيو، وڏن شهرن جي مذهبي سوچ جي جوان سطحن کان وڌيڪ پراڻين سطحن کي ڏسڻو پوندو. بيشڪ مان ان ڳالهه کان انڪار نه ٿو ڪيان ته هي نئون عقيدو پنهنجن سمورن اعليٰ حصن ۾ جديد پلوٽونزم، اليگزينڊرين يهوديت ۽ ٻين نيم صوفياڻن فلسفياڻن سرشتن جي خوبصورت اثرن کان متاثر ٿيل ۽ رنگيل هو پر ان جي ضروري ابتدائي ڪم لاءِ اسانکي پوءِ به انتيوڪ، اليگزينڊريا، فريجيا، گيليشيا، يروشلم ۽ روم ۾ مذهبي رسم ۽ عقيدي جي هيناهين سطح تائين وڃڻو پوندو. ان پنهنجو پاڻ کي سموري مذهبي رسم، قرباني، ڪفاري ۽ وري زنده ٿي اٿڻ جي عمل مٿان بيهاريو. پوءِ به وري عيسائيت سڀ کان پهريان سلطنت جي هنن عظيم شهرن جي يهودي، شامي يا سامي آدمشماريءَ ۾ ان جي ڀرپور بين الاقواميت جي گهڙيءَ تي ڦٽي؛ اها انهن وٽان پهريان بيشڪ سنجيده ڦيرين قارين سميت تيزيءَ سان سيلانين غلامن، آزاد ٿيل عورتن ۽ شهري ماڻهن جي گڏيل مجموعي ۾ ڦهلي، جيڪي بظاهر ان جا اوائلي ترين پيروڪار هئا. لحاظ اسانکي ان ۾ اندر يونوچ بندرگاهه جي مشهور مذهبن ــ آرين يا هيميٽڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مرڪزي تصورن سان يهوديت جي ويجهي امتزاج لاءِ نهارڻ گهرجي اسانکي ان ۾ اهڙي گهٽي ڪجهه جي توقع ڪرڻ گهرجي، جيڪو شام ايشياماءِنر، هيلاس ۽ مصر، ويندي ڪجهه گال، هسپانيه ۽ ڪارٿيج ۾ عام هو. ان جو پهريون وڏو رسول، جيڪڏهن اسان پنهنجين اختيارين مٿان يقين رکون ٿا ته، ته هڪ ماڻهو سائول يا پال هو — سسيليا ۾ سامي ۽ تجارتي ٿارسس جو هڪ نيم يوناني يهودي ۽ هڪ رومن شهري. ان جا پهريان وڏا چرچ ليونٽ جي ڳتيل بندرن ۽ بازارن ۾ قٽي نڪتا. ان جو نالو — ڪرسچين ئي ان کي پهريان انتيوڪ جي ڳتيل ۽ گهڻ قومي شهر ۾ ڏنو ويو هو. پوءِ هتي ئي يوناني ۽ رومن بڻايل تجارت جي هنن غلامن سان ٺمٺار وڏين جڳهن ۾ اسانکي عيسائيت کي جنم ڏيندڙ تصور ڳولڻ کپن. انتيوڪ بنا ڪنهن شڪ جي اوائلي زمانن ۾ نئين مذهب جو مکيه پينگهو هو. منهنجو مطلب اهو ناهي ته يروشلم غالباً اهو هنڌ نه هو جتي ماڻهن پهريان مخفي عيسائي پوڄارين جو هڪ ننڍڙو فرقو ناهڻ شروع ڪيو يا گليلي اهو علائقو نه هو جتي يسوع مسيح خود پاڻ گهٽو وقت رهيو ۽ تبليغ ڪئي، جيڪڏهن واقعي اهڙي ڪنهن شخص جو ڪو حقيقي وجود هو. هنن معاملن ۾ نسبتاً بعد جي انجيلن ۾ اسانکي پهچايل روايتون مڪمل طور تي صحيح تي سگهن ٿيون ۽ وري غلط به ٿي سگهن ٿيون. پر عيسائيت، جيئن اسان ڄاڻون ٿا، پال جي خطن ۽ بعد جي لکيتن جهڙوڪ انجيلن ۽ والدن جي ڪتابن واري عيسائيت لازمي طور وسيع نر شامي ۽ غير اهل ڪتاب ماڻهن واري واڌ وارو هڪ عقيدو رهي هوندي. ان پنهنجي اندر اهڙن جزن کي به سانڍي رکيو جيڪي بيشڪ خود يهوده جي گوشه نشين ڪندن ۾ ٿورو يا گهٽو ماڻهن جي هجوم ۾ قائم رهيا: جيتوڻيڪ اهو پادراڻي ۽ سرڪاري يهوه-پوڄا جي پوئلڳن طرفان ناپسند ڪيو ويو: پر اهي سڄي اترين شام جي مقبول ۽ مڃيل مذهب جا اڻٽٽ حصا هئا.

انتيوڪ، جتي عيسائيت اهڙي طرح پنهنجيون پهريون هلڪيون وکون کنيون، هڪ سهڻو ۽ گهماگهميءَ وارو تجارتي شهر، يوناني سيليوسڊ بادشاهن جي گاديءَ جو هنڌ ۽ شامي علائقي جو مڃيل



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وڏو شهر هو. پال (جيڪڏهن ڪو پال هو تہ) جي زماني ۾ ان جي آدمشماري غالباً پنج لک هئي: اهو يقيناً ايشيا جو وڏي ۾ وڏو شهر هو ۽ پنهنجين عمارتن جي شان وشوڪت ۾ خود روم سان پيٽجڻ لائق هو. ان جي بيهڪ متعلق ڪيتريون ئي شيون توجهہ طلب آهن. اهو اورونتس ــــ هڪ مقدس نديءَ جي ڪنارن تي هڪ وڏي زرعي زمين ۾ محفوظ لڪل هو، جيڪو نديءَ جي منهن ڪان 14 ميل پري واقع هو. ان جو منهن سيليوشيا وٽ هو. جيڪو هڪ بندر هو جتان شام ۽ اوپر جو سمورو برآمدي واپار هيلاس ۽ اٽليءَ ڏانهن ويو تي. سامهون يونوچ سمنڊ انکي روم، اليگزيندريا، ايشيامائنر ۽ يونان سان ڳنڍيو تي: پوئتي شامي صحرا کي اڪاريندڙ صحرائي رستن ان کي وادي دجلہ و فرات ۽ پرانهين اوپر جي بازارن سان ڳنڍيو تي. اهڙي طرح اهو ٻن اهم دنيائن وچ ۾ واپار جو مک لنگهہ هو اهو پنهنجي زماني جو وينس هو جيڪو ان مرڪزي نقطي تي واقع هو، جتي يورپ ۽ ايشيا جون شاهراهون پاڻ ۾ ملن پيون.

مشهور عالمن ان حقيقت ڏانهن اشارو ڪيو آهي تہ پال جي ڏهاڙن کان بہ اڳ ۾ هندستان مان بدمت خيال لڳي تو تہ شامي دنيا مان ڦڙو ڦڙو تي ٽپڪي آيا ء انکي متاثر ڪيو، جيئن زرتشت خيال ٿورڙو پوءِ اليگزيندريا مان ٽپڪي آيا ء انکي متاثر ڪيو ۽ ڪجهہ اهميت صوفياڻي اوپر کاں ايندڙ محرڪات جي داخلا کي بہ ڏني وئي آهي. هاڻي مان ان ڳالهہ کان انڪار ڪرڻ جي پرواهہ نہ ٿو ڪيان تہ اُپرندڙ عيسائيت پنهنجي رسمن واري پاسي ۽ اجابہ وڏيڪ پنهنجي اخلاقي پاسي تي ٿي سگهي ٿو بدمت خيالن جي ڇذيل ڄزن کان گهڻو متاثر ٿي هجي. پر مجموعي طور مان سمجهان ٿو تہ اهي حقيقتون جيڪي اسان مصنوعي ديوتائن جي پيداوار ۽ ڪفارو ادا ڪرڻ وارين قربانين جي اصليت ۽ معني جي حوالي سان هاڻي ئي غور ويچار هيٺ آڻي رهيا هئاسين. اهو ڏيکارڻ لاءِ ڪافي اهن تہ عيسائيت مکيہ طور تي گهريلو واڌ جو هڪ ٻوٽو هئي مقامي سرزمين اڳوات ئي هر ضروري جزو ڀاڻ وٽ رکيو تي، جنهن جي ڪارائڻ جي ان کي ضرورت هئي ــ (يسوع مسيح جي) انساني صورت اختيار ڪرڻ جو مٺو، انسان-ديوتا جو موت. هن جي خون جو ڪفارو ادا ڪرڻ واري شڪتي. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي نئين بادشاهت ــ فلسطين مٿان فاتحانہ يوناني عقيدا مڙهڻ جي فضول ڪوشش ڪئي هن پنهنجن ميزبانن ڪانسواءِ حساب لڳايو يروشلم جي عوام هن جي بت پرستانہ رسمن کي قبول نہ ڪيو: ان زيوس ۽ پالاس، ارتيمس ۽ ايفروڊائيٽ جي پوڄا کي يهوه جي مقدس شهر ۾ ڪا جڳهہ هڙپ ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني مئڪابيس جي بغاوت گهٽ ۾ گهٽ يهوده جي مذهبي آزادي حاصل ڪئي، شروعاتي سيليوسڊ زماني کان ويندي ويسپاسين ۽ ٽائٽس جي ڏينهن تائين. هينين شام پنهنجن خشڪ پهاڙن سان اسرائيل جي خدا جي خالص ۽ وحداني عقيدي سان سچي رهي. جيڪو ساڳئي وقت تي يهودي پسگردائيءَ جي سمورن ملڪن مٿان هر هنڌ ڦهلجي ويو، پاڻ سان نہ رڳو پنهنجو يُوسو ۽ ڳوٺري ساڻ ڪٽي هلندي پر پنهنجا پختا ۽ لاعلاج تعصب بہ ساڻ ڪٽي هلندي. پوءِ انٽيوڪ ۾ شام جي رومن تحليل ڪانپوءِ لڳي ٿو هڪ وڏ ۾ وڏ بين الاقوامي مذهب موجود رهي چڪو هو، جيڪو پنهنجي اندر گڏيل سامي ۽ يوناني جزا رکي پيو. جيڪي هڪٻئي ۾ اڌوگابرو ضم ٿيل هئا، هڪ اهڙي انداز ۾ جيڪو اوائلي سلطنت جو تمام گهڻو امتيازي گڻ هو. ۽ ان وڏي شهر جي مشهور عقيدن مان اسان کي ادونس ۽ ڊايونيسس جا عقيدا، ايفروڊائيٽ-استارتي جا عقيدا ۽ مقامي ديوتائن ۽ ديوين جا عقيدا ــ بعالم ۽ اشتارٿ، يا جيئن ان چوڪريءَ جو عقيدو جنهن کي جيئن اسانکي ملالس مان خبر پوي ٿي. شهر جي اصلي بنياد وٽ قربان ڪيو ويو هو ۽ ان ڪانپوءِ هميشہ لاءِ هن جي پوڄا شهر جي ياڳ طور ڪئي ويندي هئي، يقيناً سڀني کان مٿي رکيا پوندا. بين لفظن ۾ انسان ديوتا جو تصور، اناج ۽ شراب ديوتا جو تصور، ديوتا جي موت ۽ هن جي وري عاليشان نموني زنده ٿي اٿڻ جو تصور، انٽيوڪ ۽ شام جي ماڻهن ۾ عام طور، ضرور مڪمل طور تي جاتل سڃاتل تصور رهيا هوندا. اسانکي هتي اهو پڻ ڌسڻ گهرجي تہ يهوه-پوڄارين جو اهو خاص ٽولو جنهن ۾ چيو ويو آهي تہ يسوع مسيح کي پنهنجا ذاتي پوئلڳ مليا، يروشلم جا پادرائي قسم جا ماڻهو نہ هئا پر اترين جبلن جا گليلين هاري هئا، جيڪي وڏ ۾ وڏ ڪٽر قسم جي يهودين کان ملحدانہ سمارين ماڻهن جي مداخلت ڪندڙ چٽيءَ ذريعي جدا ٿيل هئا ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهو مذهب. جيئن اهو اسان وٽ انهن چند جهلڪين جي شڪل ۾ پهتو آهي جيڪي اسان ان جي اوائلي اطالوي يوناني ٻنجڻ کان اڳ واري روپ جون حاصل ڪري سگهون ٿا. هڪ وڏ ۾ وڏ ڪچو ۽ تمام گهڻو قديم قسم جو، بلڪ پنهنجي بي حد سادگيءَ ۾ لڳ ڀڳ وحشياڻي قسم جو هو. ان ڪنهن به وڏي ديوتا کي نالي سان مشڪل سان ڄاتو ٿي: چند ديوتا جيڪي ان وٽ هئا، انهن کي ان رڳو گهڻي ڀاڱي صفتي نالن سان اظهاريو ٿي. مان چوان ٿو انهن مان چند جو نالو پنهنجي تعداد نه پر قسم جي لحاظ کان تمام گهڻي انگ ۾ هو. اهي سڄي دنيا ۾ غيرمحتاط ڪثرت سان ڦهليل هئا، جنهن گڏيل اوائلي شڪار يا خانه بدوش ماڻهن جي سادن ڀوتن يا روحن جي ٻين کان الڳ سڃاڻپ ڪرائي ٿي. رومن ماڻهن ۾ هيءَ ڪثرت، هر جاءِ تي موجود هجڻ ۽ ابهام هڪ نسبتاً پڪي پختي ۽ مهذب زراعتي حالت تائين برقرار رهيا. اهڙي طرح ننڍن ڪاتن وارن ديوتائن جو هڪ وسيع انگ، چند يا ڪنهن به وڏي ديوتا ڪانسواءِ، رومن ديومالا جي پهرين حالت هئي.

پراڻي رومن مذهب جو مرڪزي نڪتو چٽي طرح سان گهريلو هو: خانداني روح يا ليئرس، وڏ ۾ وڏ عزت لائق ديوتا هئا. اسان مسٽر چامرس جي نيو گني جي دينيات جي تفصيل کي معلوماتي انداز ۾ پيئي سگهون ٿا. هنن بزرگاڻن ساين کان علاوه يا ذري گهٽ انهن جهڙي گدام جا پينيٽس يا عملي ديوتا به هيا جيڪي شايد عمارت جي پهرين اڏاوت وقت بطور پيڙهه جي ديوتائن جي قتل ڪيل ماڻهن جا نمائندا هئا. هنن ٻنهي قسمن جي ديوتائن مان ليئرس بيشڪ خاندان جا مري ويل بزرگ هئا، اهي ان هنڌ پرسان رهيا ٿي، جتي انهن کي پهريان پوريو ويو هو (ڄاڪاڻ ته قديم رومي پنهنجن لاشن کي پوريندا هئا) ۽ انهن گهريلو معاملن مٿان هنن جي والدين ۽ چڱن مڙسن جيان اڃا تائين ائين حڪمراني ڪئي ٿي جيئن اهي حقيقي زندگيءَ ۾ ڪندا هئا. انهن کي روزانو پوڄيو ويندو هو، عبادت ۽ کاڌي ۽ شربت جي سادن نذرانن سان: ديوار تي ٽنگيل انهن جا نقاب يا نيم مجسما، شايد پراڻين استخاري سِسين يا کوپڙين جا نمائندا هئا يا قديم زمانن ۾ انهن جا پوش هئا، جوته تي سگهي ٿو خود



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوپڙين ڪي ميڻ ۾ محفوظ ڪيو ويو هجي، جيئن اڪثر ڪري ٻئي هنڌ ٻـه
پراڻي زماني ۾ ائين ڪيو ويندو هو. پينيٽس جن جي ليئرس سان ڳڌ پوڄا
ڪئي ويندي هئي، لڳي ٿو تہ خانداني روح لاءِ هڪ وڏيڪ عام انداز ۾
بيٺل هئا؛ انهن خاندان جي پاڳ جي تسلسل ۽ جڻاءَ کي ظاهر ڪيو ٿي ۽
تنهنڪري جيڪڏهن اسان هڪ شهر جي پاڳ جي مماثلت تي اعتبار ڪري
سگهون تا تہ پوءِ اهي غالباً پيڙهہ وارا روح يا تجديد جا قربانيءَ جا شڪار
هئا هن سڄي جي پرک ۾ اسان نيگريٽو ۽ پولينيشن ريتن رسمن جي
مماثلت کي تمام گهٽي اهميت نہ ٿا ڏئي سگهون. ٻيا ديوتا وڏيڪ عوامي
آهن. پر انهن مان اڪثر لڳي ٿو تہ خصيص ترين ۽ وڏ ۾ وڏ ويجهي روح
جهڙي طبقي سان تعلق رکن ٿا. انهن جو واسطو ٻج پوکڻ، فصل لٽڻ ۽
انگور جي فصل سان هو؛ ٻين لفظن ۾ اهي اناج يا شراب ديوتا هئا يا وري
انهن جو واسطو ٻيڙي هلائڻ لائق ندي، ٽائبر ۽ اوستيا جي بندر سان هو،
جيڪو ان نديءَ جي منهن وٽ هو — ٻين لفظن ۾ اهي چشمن ۽ ندين جا
ديوتا هئا. يا وري انهن کي جنگ ۽ جنگي مهمن سان منهن ڏيڻو هو — ٻين
لفظن ۾ اهي اڦيجينيا طريقي جا ذبح ڪيل مهمي ديوتا، بيلوناس ۽ جنگ
۾ قتل ڪيل ماڻهو هئا.

پوڙهن هٽرادو ٺاهيل ديوتائن جي هن ڏنڌلي ميڙ ۾
سيٽونس — ٻج پوکيندڙ ديوتا، گهٽي قدر هڪ ساليانو قربانيءَ جو اناج
ديوتا هو، هن جو صفتي نالو ئي خود اهو نتيجو تجويز ڪري ٿو. ٽرمينس
— سرحدي ديوتا، اسان وٽ اڳ ئي مشهور آهي.

گهٽ ۾ گهٽ هنن ٻن ديوتائن لاءِ اسان مشڪل سان غلط
ٿي سگهون ٿا. سيئا، سرجيتيا، ٽتيلينا هڪٻئي پٺيان ايندڙ اناج ديوتا هئا.
اهي لڳي ٿو تہ ٻين وسندين ۾ اناج لاءِ قتل ڪئي ويندڙ ڇوڪرين جي
برابري ڪن ٿا ۽ جن کي اسانجي درميان اڃاتائين بطور اناج-ٻار ۽ اناج-
زال جي ياد ڪيو ويندو آهي. فصل جي عمر جي هر مرحلي لاءِ قربانيءَ جي
انسان جي عمر جو هڪ نهڪندڙ مرحلو هجڻ مناسب سمجهيو ويندو هو.
پر هن خيال کي بيشمار خصيص ڪمن ڪارين وارن ديوتائن —— جيئن
دورازي ۽ انجيس جا ديوتا، ڪونينا ديوتا جيڪو پينگهي ۾ پيل ٻار جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نگهباني ڪري ٿو ۽ اسٽيٽينا ديوتا جيڪو ٻار جو خيال ڪري ٿو جڏهن هو بيهڻ شروع ڪري ٿو، جي وجود سان ڪيئن نهڪائجي؟ مان ان جو جواب هي ڏيان ٿو تہ "اهي سڀ رڳو صفتي ديوتا آهن، محض ڀوت يا ارواح، پنهنجو پاڻ ۾ اٽجاتل پر خاص ڪم ڪري ڏيکاريندڙ طور مڃيا ويندڙ ديوتا جيڪو ڦلاڻو ڪ ڦلاڻو ڪم ڪندو آهي، محض هڪ سولو اظهار آهي، ان ڪان وڌيڪ نہ؛ اهو پنهنجو مقصد پورو ڪري ٿو ۽ اها ڳالهہ هڪ عملي رومن لاءِ ڪافي هئي. هو ڪيترو آسانيءَ سان هنن ناهموار ۽ تيار سڃاڻپن کي سهن ٿا، اها خبر اسانکي ايس لوڪوٽينس ۽ ڊيوس ريڊيڪيولس جي مثال مان پوي ٿي. اهڙي طرح هر ٽرمينس ۽ هر سلوينس هڪ ديوتا يا هر سرحدي پٿر يا وڻن جي هر مقدس جهڳٽي جي حفاظت ڪندڙ روح هوندو آهي، جيڪو هڪ صحيح نالو نہ پر هڪ طبقو هوندو آهي، هڪ خاص ديوتا نہ پر روح جو هڪ قسم هوندو آهي. عمومي ۽ خيالي ديوتا ديوتائن جي هر جنس ۾ شامل سمورن فردن جون بعد جون ٻڌيون هونديون آهن.

مان سمجهان ٿو تہ جَينس سڀ کان پهريان، شهر جي هر دروازي اڳيان هر سال قربان ڪيو ويندڙ انسان هو، جيئن اهو اڄا تائين آفريڪا جي الهندي ڪناري تي قربان ڪيو ويندو آهي؛ بطور شروعات جي ديوتا جي، هن کي هر نئين سالَ جي شروعات تي ڪُنو ويندو هو؛ ۽ ان جي برعڪس سال پنهنجي سفر جي شروعات ان مهيني سان ٽي ڪئي جيڪو شروعات جي ديوتا لاءِ مقدس هوندو هو. شايد هن کي هر جنگ جي شروعات تي بطور ياڳ جي پڻ ڪُنو ويندو هو. ويستا آتش دان جي ديوي هوندي آهي ۽ هر گهر کي پنهنجي ويستا هوندي هئي، جيڪو شايد حقيقت ۾ آتش دان ۾ قتل ڪيل قربانيءَ جو هڪ انسان هو. ساڳئي انداز ۾ هرماٿهوءَ کي پنهنجو هڪ جينيس هوندو هو جيڪو هڪ ڏاڏاڻو حفاظت ڪندڙ ديوتا هو؛ ان سان نهڪندڙ عورت جو محافظ هن جو جُونو هو؛ اهي عيسائيت ۾ خاص طور تي پنهنجي وڌ ۾ وڌ امتيازي رومن روپ ۾ بطور "محافظ فرشتن" جي لهن ٿا. مريخ هڪ اناج روح هو؛ رڳو پوءِ هو هڪ جنگي مهمن واري ديوتا سان سڃاتو وڃڻ لڳو. جيوپيٽر يا جووس هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوناگون شراب ديوتا هو. جيڪو بيشڪ هر مثال ۾ انگور جي فصل جي فائدي لاءِ هر سال قربان ڪيل ڊايونيسس طرز جو هڪ انسان هو. هر ڳوٺ ۽ هر فارم ڪي ڪڏهن پنهنجو هڪ جووس هوندو هو، جنهن جي خصوصي طور تي پوڄا ڪئي ويندي هئي ۽ مونکي ان ڳالهه ۾ شڪ ناهي ته انکي حقيقت ۾ اپريل ۾ سال جي پهرئين شراب جي ڪوڪي کولڻ وقت ذبح ڪيو ويندو هو. پر هن جو نالو اهو ڏيکاري ٿو ته عام رواجي طور تي هن کي ان قديم آسماني ديوتا سان پڻ سڃاتو ويندو هو جيڪو سموري آريائي نسل لاءِ مشترڪ آهي (يعني جيوپيٽر): خاص جووس کي شايد خود پاڻ آڏو پنهنجي لاءِ قديم آسماني ديوتا جي قربانگاهه آڏو قربان ڪيو ويندو هو، جيئن ٻئي هنڌ ڊايونيسس جي مندر تي ڊايونيسس قربانيءَ جي انسان کي ذبح ڪيو ويندو آهي.

مان ڄاڻان ٿو ته هي سڃاڻپون تي سگهي ٿو علم بشريات ۾ تازن واڌارن کان اڻ واقف رڳو پراڻن ذاهن کي ڪوڙيون لڳن ۽ مان پنهنجي مذڪوره دليل جي شروعاتي منزل تي انهن کي پيش ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪيان ها: پر هاڻي جڏهن اسان سڄي دنيا ۾ سمورين ديومالائن وچ ۾ غيرمعمولي هڪجهڙائي ڏسي ۽ سڃاڻي چڪي آهي، مان سمجهان ٿو ته ان ٽڙ طريقي کي جنهن ۾ هي ديوتا هرهنڌ ديوار-ديوتائن، در-ديوتائن، اناج-ديوتائن، شراب-ديوتائن، سرحدي-ديوتائن، ٻيلائي-ديوتائن، آبشاري-ديوتائن ۽ ندي-ديوتائن سان گڏ قطار ۾ بيٺا آهن، انهن ديوتائن کي مماثلتي طور گڏ بيهارڻ لاءِ يقيناً ٿورڙو وزن ضرور ڏيڻ گهرجي. بعد جو رومن مذهب جيڪڏهن وڏي به ٿو ته اهو رڳو پنهنجن حدن اندر وڏن وڏن قبائلي عنصرن کي شامل ڪرڻ سان وڏي ٿو. اهڙي طرح ڊيوس فيڊيس کي، جنهن هر الڳ اتحاد جي سربراهي ڪئي، مان هڪ عهدنامو جوڙڻ لاءِ قتل ڪيل انسان جو روح سمجهان ٿو: بلڪل ائين جيئن آفريڪا ۾ اڄ ڏينهن تائين جڏهن ڪي به قبيلا امن جي هڪ ناهه تائين پهچي ويندا آهن ته پوءِ اهي ان "سودي جي تصديق ڪرڻ لاءِ" هڪ غلام کي صليب تي چاڙهي ڇڏيندا آهن.اهڙن عهدنامن وارن قربانيءَ جي انسانن جي اصليت، پروفيسر رابرٽسن سمٿ طرفان خوب نموني ڏيکاري وئي آهي پر عهدنامن وارن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ديوتائن جي واڌ. جن نيٺ تمام گھڻي اهميت ماڻي ورتي، هڪ اهڙو موضوع آهي. جنهنکي جڳهه جي تنگي اسانجي هاڻوڪي جائزي ۾ شامل ڪرڻ کان روڪي ٿي قربانيءَ جو شڪار جيڪو بيشڪ پهريان انسان هوندو هو، بعد ۾ هڪ ديوتا انسان گاڏڙ جانور بڻيو، جيئن جووس-قربانيءَ جو شڪار ۽ بين صفتي يا محڪماتي ديوتائن جا نمائندا بڻيا. رومن مريخ ۽ سيبائين قئرينس آسانيءَ سان مريخ قئرينس ۾ ضم ٿي ويا هجن ها، جيڪڏهن اسان اهو ياد رکون ته مريخ غالباً هڪ عام نالو آهي ۽ اهو ته ڪنهن به وقت تي ٿي سگهي ٿو مارٽس جو ڪيترو به تعداد قربان ڪيو ويو هجي. اهڙي طرح روم جي شهر جو جووس آخرڪار هنن جو عظيم ترين ۽ وڏ ۾ وڏ طاقتور جيوپيٽر بڻجي وجي ٿو، جيڪو رومن اتحاد جو نمائندو هو. بهرحال يوناني اثرن هيٺ هي سمورا ننڍا ديوتا نيٺ عمومي ديوتائن ۾ ترقي ڪري وڃن ٿا ۽ انهن کي پيش ڪيا ويندڙ قربانيءَ جا جانور محض عزت واريون يا ڪفاري واريون قربانيون بڻجي وڃن ٿا، جيڪي پوءِ انهن عظيم مورتين سان مشڪل سان سڃاڻجي سگهبا آهن، جن آڏو اهي قربان ڪيا ويندا آهن.

حقيقت ۾ روم ۾ يوناني اثر ايتري حد تائين وڌي ويو جو پراڻو رومن مذهب مڪمل طور تي ڍڪجي ويو ۽ تقريباً غائب ٿي ويو، سواءِ انجي گھريلو ڪردار جي. گھر ۾ ليئرس اڃا تائين پهرئين مقام تي هئا. بئي هنڌ بئڪس، لائبر جي جڳهه ورتي، جڏهن ته هرميز جا اوصاف صفتي رومن سودي واري ديوتا مرڪيورس کي بَڌا ويا. ان هوندي به رومن ماڻهوءَ اناج ۽ شراب ديوتائن ۾ پنهنجو قديم عقيدو نون پوشن ۾ قائم رکيو: هن پنهنجي سيريس کي اتڪ ديميتر سان هڪ ٿي سمجهيو: سندس گھوناٽيون رسمون اڃا تائين انهن صفتن جي تبديليءَ باوجود اڻ بدليل رهيون. جن شهر جي مندرن ۾ سرايت ڪري چڏي هئي ۽ انهن کي بگاڙي ڇڏيو هو. ان کان علاوه رومن ماڻهن ۽ بعد ۾ روم جي گھڻ قومي آدمشماريءَ، هميشه وڌندڙ انداز ۾ ديوتا ۽ ديويون ٻاهر کان آزاديءَ سان اڌارا ورتا تمام شروعاتي ڏينهن ۾ هنن اَيٽرُوريا کان ديوتا اڌارا ورتا، پوءِ هنن يونان کان اپولو اڌارو ورتو ۽ (هڪ اشتقاقي غلطيءَ مان) پنهنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هرڪيوليس متان. هيراڪليس جا گڻ ڳنبڙابا. وبا ڦهلجڻ وقت هنن عرف عام يوناني ڄور جي ديوتا ــ ايسليپيوس کي اپيندراس مان گهرايو ۽ هنيبال سان زندگي ۽ موت جي تنازعي جي بحران وقت هو سبيلي نالي ننيءَ جي مقدس پٿر ــ ديوتائن جي ماءُ. کي پيسينس مان فريجيا ۾ ڪٽي آيا. پيسينيس جي ماڻهن عجيب بجاآوريءَ سان پنهنجي ديوتائن کي وڃڻ ڏنو ۽ اهڙي طرح اتيس جو سمورو موج مستيءَ وارو مذهب سڄي جو سڄو اٽليءَ جي سرزمين ڏانهن منتقل ڪيو ويو. وڏي ميلي جون رسمون روم ۾ به بلڪل ائين ئي ادا ڪيون وينديون هيون جيئن اهي اڳ ۾ فريجيا ۾ ادا ڪيون وينديون هيون: اهڙي طرح تمام گهڻي هنگامه خيز ايشيائي پوڄا. سلطنت جي مرڪز ۾ هڪ مضبوط سرڪاري جڳهه حاصل ڪئي. پادري اصل ۾ اجا تائين هڪ ايشيائي يا گهٽ ۾ گهٽ هڪ غير رومي ماڻهو هوندو هو پر هينيبال جي اٽليءَ مان نيڪاليءَ. جيڪا هڪ باهرئين ديوتا جي هن قبوليت ڪانپوءِ عمل ۾ آئي. هن ڏارئي ۽ موج مستيءَ واري ديوتا جي شان ۽ عزت کي ضرور تمام گهڻو وڌائي ڇڏيو هوندو.

سسليءَ ۾ ايرڪس جي عياش ايفروڊائيٽ. روم ۾ ساڳئي وقت ئي پهتي. جڏهن سبيلي اتي پهتي. اها اصل ۾ هڪ سمي ديوتائڻ هئي پر هن يوناني ۽ مشرقي تصورن کي ملايو ئي ۽ کيس اٽليءَ ۾ پراڻي لاطيني وينس سان سڃاتو ويندو هو.

بعد ۾ اجا به ٻيا ديوتا ٻاهر کان درآمد ڪيا ويا. ايشيا ۽ آفريڪا مان نوان ديوتا اچڻ شروع ٿيا. شروعاتي سلطنت هيٺ شهر جي آدمشماري تقريباً رومن نه رهي هئي. سواءِ مٿانهن پرتن جي: دنيا جي سمورن حصن مان آندل غلامن جي هڪ وڏي انگ. گٽيل ته خانن جي هيٺئين ۾ هيٺيون ته جوڙيو ٿي. ان جو وڇون ته شامين آفريڪين. يونانين. سسلين. آفريڪي عربن ۽ آزاد ڪيل ماڻهن ـــ اسپين يا برطانيه کان يوفريٽس ۽ نيل جي اوچاين ۽ صحرا جي سمورن هنڌن ۽ نسلن جي ماڻهن ناهيو ٿي. جووينال چيو آهي. اورنٽس (شام ۽ ترڪيءَ ۾ وهندڙ ندي) ٽائبر (روم جي ندي) کي پري ڇڏيو هو. سمورن مذهبن ۽ رنگن جي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سنهري وارن واري گڏيل خلق درميان مذهبن جو هڪ عجيب ميلاپ ٿيڻ لڳو. انهن مان ڪجهه رڳو اڳواٽ تيار ڪيل ٻاهريون درآمدات هئا ـــ مصر کان اتيس پوڄا، يهوديا مان يهوه پوڄا، پونٽس يا ماريتانيه جي ڏورانهن حصن مان عجيب ايشيائي، اترين يا آفريڪي مذهب. ٻيا پراڻن مذهبن جو ميلاپ يا انهن جي عقلي توجيهه هئا، جيئن عيسائيت، جنهن يهوديت ۽ ادونس يا اوسيرس جُزن جهڙوڪ الاهي ڇاڻ (هڪ عيسائي عقيدو) کي پاڻ ۾ ملائي ڇڏيو، جنهن زرتشت دخل اندازيءَ کان شروعات ڪندي دنيا جي سمورن ديوتائن کي آخرڪار پنهنجي اعليٰ ترين صوفياڻي ۽ جادوئي ديوتا ـــ ايبراڪساس ۾ ڳوهي ڇڏيو.

سلطنت ۾ عمومي طور تورو وڌيڪ گهرائيءَ سان نظر ڊوڙائيندي، اسان ڏسون ٿا ته آگسٽس جي زماني کانپوءِ نئين گهڻ قومي رياست سان نهڪندڙ هڪ نئين گهڻ قومي مذهب جي ضرورت ڏنڌلي نموني محسوس ٿيڻ ۽ مڃجڻ شروع ٿي رهي هئي.

هڪ ملڪ ۾ پرتي ڪيل فوجي سپاهي پنهنجن ديوتائن جو مذهب ۽ مورتيون ٻئي ملڪ ڏانهن ڪٽي ويا. ڏاند-ذبح ڪندڙ ميترا (جنهن ۾ اسان ڏاند ديوتا جو هڪ شمسي روپ ڏسڻ ۾ مشڪل سان ناڪام ٿي سگهون ٿا، جيڪو خود پاڻ کي پاڻ آڏو پنهنجي قربانگاهه آڏو هڪ ڏاند جي روپ ۾ قربان ڪندو آهي) کي جتي ڪٿي پوڄيو ويندو هو، جيئن پرشيا کان برطانيه تائين بيشمار ديواري اُڪرڪاريون ڏيکارن ٿيون. گال پنهنجن مقامي جنگي ديوتائن کي رومن مريخ سان سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، جن کي وري يوناني ايريس جي ٻئي صورت ۾ يوناني ٻڻايو ويو هو. برطانيه پنهنجن دريائي ديوتائن کي رومن تائبر نديءَ جي خاڪن ۾ سموئجندي ڏٺو يا انهن کي چار گهوڙا مليل ڏٺا جيڪي رومن نيپچون کي گهليندا وڃن ٿا؛ جيئن نيپچون اها نمائندگي آخرڪار يوناني پوزيڊان کان اڌاري ورتي هئي. ۽ هي سڀ تمام گهڻو آسان هو ڇاڪاڻ ته هرهنڌ ساڳئي نموني گهوڙن کي سمنڊ يا نديءَ آڏو انسانن جي بدلي ۾ قربان ڪيو ويندو هو؛ بلڪل جهڙي نموني هرهنڌ اناج ديوتائن کي سائي پوشاڪ پهرائي ويندي هئي ۽ هرهنڌ شراب ديوتائن پنهنجين مقدس پيشانين تي انگور جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ول جي پنن جا مَوڙ پهري رکيا هئا.

ماڻهن اهو سچ محسوس ڪيو آهي جنهن جو مان اٿر ڇڏڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. يعني اهو ته هرهنڌ ۽ هميشه هڪ ئي مذهب رهيو آهي. خاصيتون ۽ بڻ بڻياد ايترا ته هڪجهڙا هئا جو پوڄا تيزيءَ سان پنهنجي نالي ۾ بين الاقوامي بڻجي رهي هئي جيئن ان اڳواٽ ئي رسمن ۽ انهن ۾ موجود خاصيتن جي هڪ هڪجهڙائي پنهنجي اندر رکي ٿي. ٻوليءَ خود هن گڏجڻ واري عمل کي هٿي ڏني. مغرب ۾ جيئن لاطيني زبان پکڙي، ديوتائن جا لاطيني نالا، مقامي نالن مٿان حاوي پوندا ويا: اوڀهہ ۾ جيئن يوناني ٻولي ڦهلي، يوناني ديوتائن پنهنجا لقب ۽ خوبصورت روپ مقامي مورتين کي ڏنا.

پر هي سڀ ڪافي نه هو، جيئن ته هڪ مضبوط مرڪزي جابرانڻي حاڪم هيٺ حڪومت هڪ هئي، ان ڪري اها ڳالهہ ٻہ فطري هئي ته مذهب پڻ هڪ ساڳئي قادرِ مطلق ديوتا جي حڪمرانيءَ هيٺ هڪ هجڻ گهرجي.

انسان پنهنجو بهشت، ڌرتيءَ جي تصور ۾ جوڙي ٿو. هن جي ديومالا هن جي سياسي منشور جو جواب هجي ٿي. بهشت جي قرون وسطائي هال ۾ هڪ شهنشاهي خدا هوندو هو، اوڏوس يا فريڊرڪس جيان پنهنجي شاهي تخت تي ويٺل، عظيم نوابن ۽ صدر راهبن، فرشتن ۽ عظيم فرشتن، ولين ۽ شهيدن جي دربار سان گهيريل: نوان مذهب جيئن روحانيت ۽ فلسفياڻو دين جيڪي جديد جمهوري دنيا ۾ ڦٽا، آزاد ۽ الڳ روحن جا مذهب هئا، مشڪل سان خدا کي مڃيندڙ. اهڙي طرح رومن سلطنت هڪ واحد مضبوط ديوتا هيٺ هڪ واحد مذهب جي طلبگار هئي. ماده پرست سلطان روم جي شهر جي پوڄا کان مطمئن هئا: خيال پرستن وري اِسس يا يسوع مسيح ڏانهن رخ ڪيو.

اتي هڪڙو مذهب موجود هو جيڪو سلطنت جي ان ڦيري جو جواب ڏئي سگهيو پئي — يهوديہ جي خالص ۽ مثالي توحيد پرستي. پر يهوه جو عقيدو تمام گهڻو مقامي ۽ تمام گهڻو قومي هو: اهو ڪڏهن بہ حقيقي يا گوڊ ورتل بني اسرائيل کان ٻاهر نہ نڪتو. پوءِ بہ ان روم ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعليٰ مرتبي وارا مُرتد حاصل ڪيا خاص طور تي عورتن ۾: مردن جي حوالي سان ان مذهب جي تڪليفده ۽ تذليل ڪندڙ شروعاتي رسم (ختني جي رسم) مذهب تبديل ڪندڙ ماڻهن جي راهه ۾ هميشه ضرور رڪاوٽ رهي هوندي. پوءِ به هن نقص باوجود سمورن بين الاقوامي شهرن ۾ مُرتد موجود هئا جتي يهودي آباد ٿيل هئا: جيڪي اهڙا ماڻهو هئا جن پنهنجي قوم سان پيار ڪيو ۽ انهن لاءِ هڪ عبادتگاهه تعمير ڪئي. جيڪڏهن يهوديت پنهنجي قومي الڳ پڻي کان جان ڇڏائي سگهي ها ۽ پنهنجي ديوتا ۾ ڪجهه وڏيڪ ملنسار ۽ عالمگير گڻ داخل ڪري سگهي ها، جن کان ان شروع ۾ ئي تنائي ڇڏيو هو — يعني جيڪڏهن اها پنهنجو پاڻ کي گهٽ ڪٽر، گهٽ خيالي ۽ ساڳئي وقت گهٽ مقامي بڻائي ڇڏي ها ته پوءِ ان ڳالهه جو امڪان هو ته اها سموري انسانذات جو مذهب بڻجي وڃي ها! رسولن جو خواب اجا به سچو ٿي سگهي پيو ۽ سموري دنيا بيت المقدس جي ويجهو ٿي وڃي ها! هن نازڪ موڙ تي هڪ مبهم ننڍڙو فرقو يروشلم ۽ اينتوڪ ۾ يهودين ۽ گليلين ماڻهن درميان ظاهر ٿيڻ شروع ٿيو، جنهن هڪ نئين عالمي مذهب جون سموريون مُک گهُرجون هڪ غيرمعمولي حد تائين پوريون ٿي ڪيون ۽ هن سلسلي ۾ پنهجين پهرين شروعاتن ۾ جو ڪجهه به يسوع مسيح جي عقيدي ۾ ڪٿل هو، اهو ان شيون جذب ڪرڻ ۽ سرايت ذريعي حاصل ڪري ورتو، جيئن جيئن اهو اڳتي وڌيو. اهو ڪئٿولڪ چرچ هو: اهو سڄي دنيا لاءِ بينل هو، نه ڪ هڪ قبيلي يا هڪ قوم لاءِ. اهو پاڪ چرچ هو: ان اخلاقي عنصر تي تمام گهڻو زور ڀريو: اهو سموري رومن سلطنت ۾ وڌيو ۽ شاهوڪار ٿيو. ان هڪ شهر ناهيو، جيڪو ڪڏهن هڪ دنيا هو. اهو ڪٿان آيو ۽ اهو ڪيئن وڌيو، اهي اسان جا ايندڙ ۽ آخري سوال هجڻ گهرجن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ارڙهون

# عيسائيت جي واڌ

اهڙي طرح دنيا جڏهن تہ نون عقيدن سان ٿهڪي ۽ پڙڪي رهي هئي، يسوع مسيح جي مذهب پنهنجو پهريون نماءُ ايشيا جي ساموندي ڪناري تي ڪيو. منهنجي پهرئين باب ۾ ڏنل ڪجهہ فقرن باوجود، مان اهڙو گهٽيا ۽ انتهائي ضديرو نہ آهيان جو هڪ ذاتي يسوع مسيح جي تاريخي وجود تي عقيدتاً زور پريان. خود يسوع مسيح جي باري ۾، جيڪڏهن ڪو يسوع مسيح هو، اسان ٿورڙو يا ڪجهہ بہ نہ ٿا ڄاڻون. هن جي زندگيءَ جو احوال جيڪو اسان وٽ انجيل ۾ پهتو آهي، ڪنهن بہ صداقت کان خالي آهي ۽ اهڙو تہ مڪمل طور تي بئي هنڌان ورتل معجزاتن تڪرن تي ٻينل آهي جو اسان کي سنجيدگيءَ سان اهو شڪ ڪرڻ تي تہ آيا هن کي سينٽ جارج يا سينٽ ڪيٿرائين سان، پرسئينس ۽ آرٿر سان، ڏندڪٿا ۽ مذهب جي مڪمل طور تي ديومالائي ۽ تصوراتي شڪلين سان ڳٽڻ گهرجي، سني نموني معاف ڪيو ويندو. ٻئي پاسي اهو بلڪل ممڪن آهي يا امڪاني آهي تہ گليل ۾ اسان جي مجيل زماني جي شروعات جي ڪنهن وقت تي هڪ سامي نالي وارو هڪ استاد ۽ سڌارڪ ضرور رهيو ٿي، جنهن کي آخرڪار اسان لاءِ يسوع مسيح جي طور تي يوناني ۽ لاطيني ٻڌايو ويو آهي. جيڪڏهن ائين هو، تہ پوءِ اهو ممڪن لڳي ٿو تہ هي اٽڃاتل ماڻهو رومين طرفان يروشلم ۾ جي-پونٽيس پلاطس گورنر جي حڪمرانيءَ هيٺ صليب تي چاڙهيو ويو هو (يا هڪ ٿنڀي تي لٽڪايو ويو هو) ۽ اهو تہ هن جي موت ڪانپوءِ هن کي سندس ويجهن معتقدن طرفان ٿورو يا گهڻو بطور هڪ ديوتا جي پوڄيو وڃڻ لڳو. سچ جو هي مغز بعد جي ۽ انجيل جي ورتل ڪهاڻيءَ ۾ پليءَ پٽ موجود ٿي سگهي ٿو: غيرتاريخي ڏندڪٿا جي هڪ ڪوڙ ۾ بند ٿيل سچ جو هڪ اهڙو مغز جيڪو واضح نموني هن کي اوير يونوچ جي سمورن ڄاتل سڃاتل اناج ديوتائن ۽ شراب ديوتائن برابر ليکي ٿو. ان کان علاوه اهو بہ ممڪن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهي تہ يسوع مسيح يهودي نيچ طبقي جي چرچ تي چاڙهي واڻي قتل ڪيو ويو هجي، بطور انهن وقتي بادشاهن مان هڪ جي، جن جي اصليت ۽ معنيٰ تي اسان اڳ ئي بحث ڪري آيا آهيون.

جيڪڏهن هيءَ تجويز تمام تورڙين يهودي تاريخن ۾ اهڙي ساڳئي محفوظ ڪيل مثال جي اڻ هوند ڪري غيرامڪاني لڳي تہ مان ان جو اهو جواب ڏيندس تہ پُرتڪلف تاريخون ورلي اسانکي مهذب يورپي ملڪن ۾ اجا تائين زنده اهڙين ساڳين رسمن جو ڪو اشارو ڏين ٿيون؛ تہ ڪيتريون ئي مقبول رسمون هرهنڌ اڻ ٻدل موجود هونديون آهن ۽ اهو تہ وچئين زماني ۾ يهودين لاءِ عام طور تي اهو مڃيو ويندو هو تہ هو عيسائي ڇوڪرن کي ڪن ٻي ضابطہ ۽ اڻ مڃيل لساني تقريبن ۾ صليب تي چاڙهيندا هئا، جيئن لنڪن جو سينٽ هو.

انڪان علاوه متان ائين سمجهيو وڃي تہ مان يهودي دشمن لاڙي (جيڪو تورِي ۾ تورو بہ مان پنهنجي اندر نہ ٿو رکان) منجهان هي مثال ڏيان ٿو، مان اهو اضافو ڪيان تہ ويندي عيسائين ۾ ساڳيون رسمون اڄوڪي ڏينهن تائين اٿليءَ جي ٻهراڙيءَ وارن حصن ۾ موجود سمجهيون وڃن ٿيون ــ اتي اهڙا ڳوٺ آهن، جتي هڪ ماڻهو هرسال بطور يسوع مسيح جي نمائندي جي، مرندو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ اوبيرامرگا ۽ ٻيا جذباتي ڊراما ساڳين نمائندگين جي باقيات آهن، جن ۾ هڪ ملامت ڪيل ڏوهاري، هڪ رواجي نعم البدل، اصل ۾ هڪ دفعو يسوع مسيح جو ڪردار ضرور ادا ڪندو آهي. تورن لفظن ۾ مان اهو چوڻ ۾ نہ ٿو ڪيٻايان تہ ديوتا کي ذبح ڪرڻ جون رسمون، جيڪي تورو يا گهٽو سُسيل آهن، هرهنڌ وڌ ۾ وڌ مهذب ماڻهن جي لوڪ ريتن ۽ لوڪ-رسمن ۾ مبهم روپن ۾ زنده رهنديون آيون آهن.

هن امڪان ڏانهن مختصراً اشارو ڪرڻ ڪانسواءِ وڌيڪ ٻيو ڪجهہ نہ ڪندي، مان بهرحال اهو چوڻ لاءِ اڳتي وڌان ٿو تہ جيڪڏهن ڪڏهن ڪو حقيقت ۾ هڪ ذاتي يسوع مسيح موجود بہ هو ۽ جيڪڏهن هن جي پوئلڳن هن جي وري زنده ٿي اٿڻ ۾ ڏنڌلي نموني ايمان رکڻ سان شروعات ڪئي، تہ پوءِ هي قصو بظاهر، جيئن اسان ان کي حاصل ڪيون ٿا،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهن سمورن ديوتا-قتل ڪندڙ رسمن ۽ عقيدن جي، گڏيل ٽڪرن جو نهيل آهي جن کي اسان گڏريل ڇهن يا ستن بابن ۾ تفصيل سان غور هيٺ آڻيندا رهيا آهيون. هن جي بعد جي معتقدن جي انجيل ۾، جڏهن سندس فرقو شهرن جي غير اهلِ ڪتاب ماڻهن ۾ وڏي پيماني تي ڦهلجي چڪو هو، يسوع مسيح کي بطور هڪ اناج-ديوتا، شراب-ديوتا ۽ هڪ عارضي بادشاهه جي تصور ڪيو وڃي ٿو، جنهن کي هڪ صليب تي بطور هڪ ڪفاري جي قتل ڪيو وڃي ٿو ۽ مري وڃڻ جي ٽن ڏينهن ڪانپوءِ سمورن اناج ۽ شراب ديوتائن لاءِ مشترڪ انداز ۾ وري زنده اٿاريو وڃي ٿو. البت اهو ممڪن آهي ته پهرين معتقدن ائين ڪٿي چئجي ته هي سمورا خيال هڪ اتفاقي ميلاپ ۽ عمل سان جوڙي ڇڏيا هجن پر اهو پڻ ممڪن آهي ته يسوع مسيح کي يروشلم جي هيٺئين طبقي جي ڪنهن مبهم ۽ اڻ مڃيل لوڪ رسم جي پوئواريءَ ۾ حقيقت ۾ عيدِ فصح جي عظيم بهار جي ميلي تي قتل ڪيو ويو هجي. مان هن موضوع تي ڪنهن راءِ رکڻ جو مڪر به نه ٿو ڪيان: مان حقيقت جي ڪنهن تاريخي نڪتي کي ثابت يا ان کان انحراف نه ٿو ڪيان: مان اهو چوندي مطمئن ٿيان ٿو ته بحيثيت مجموعي ڪهاڻي يسوع مسيح کي اسان آڏو مڪمل طور تي هڪ عارضي بادشاهه جي ڪردار ۾ ظاهر ڪري ٿي، جنهن کي بطور هڪ اناج ۽ شراب- ديوتا جي ڪفارو ادا ڪرڻ وارين رسمن سان قتل ڪيو وڃي ٿو.

اوائلي عيسائي دستاويزن ۽ پال ۽ ٻين رسولن جي خطن ۾ اسان کي حقيقي يا ديومالائي يسوع مسيح جي تاريخ متعلق تمام ٿورڙي معلومات ملي ٿي. رڳو صليبجڻ ۽ وري زنده ٿي اٿڻ ڏانهن وهمي اشارا اسان جي جاچ پڙتال جو معاوضو ادا ڪن ٿا. پر لفظن جي ڏنڊ منجهان اسان به يا ٿي شيون جٺي نموني ڏسون ٿا. يسوع مسيح کي خدا جو پٽ سڏيو وڃي ٿو — يعني يهودي ديوتا جو پٽ: ۽ هن لاءِ مسلسل اهو چيو وڃي ٿو ته هن کي هڪ ٿنڀي يا وڻ تي قتل ڪيو ويو، جيڪي ڪيترن ئي قديم مذهبن جا مقدس نشان آهن. هو انسانذات کي بچائڻ لاءِ مئو، ۽ هن جي ناليءِ ۾ سمورن انسانن کي نجات آچي وڃي ٿي. هن نقطه نظر کان انجيل جو محتاط مطالعو، مختصر انداز ۾ اوائلي ترين ۽ گهٽ ۾ گهٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عقيدائي پر پوءِ بہ تمام گهڻي نظرياتي عيسائي دينيات جو هڪ خلاصو ڏئي ٿو. ان جا تمام اهم نڪتا چار آهن ـــ ديوتا جو انساني روپ اختيار ڪرڻ (تجسيم يسوع)، موت، وري زنده ٿي اٿڻ ۽ ڪفارو.

بعد جا احوال. جيڪي اسان کي انجيلن ۾ ملن ٿا تمام گهڻو واضح آهن. ان وقت تائين ان قصي هڪ روپ اختيار ڪري ڇڏيو هو: اهو چئو ۽ بي جهول بڻجي چڪو هو. قتل ڪيل ۽ وري زنده ٿيل اناج ۽ شراب ديوتا جا سمورا عنصر ان ڪهاڻيءَ ۾ ڀرپور نموني موجود آهن. اختصار خاطر، مان هي سمورا احوال گڏ هلائيندس، انهن ۾ اجا بعد جي بڻ بڻياد جي ڪجهہ خصوصيتن جو اضافو ڪندو هلندس. يسوع مسيح جي بطور هڪ اناج ديوتا جي باقيات جو پلسو پهرئين ڪورنٿينس ۾ جسم جي وري زنده ٿي اٿڻ جي عمل تي پال جي دليل مان اڳوات ئي واضح آهي. هي دليل هر يوناني ۽ هر ايشيائي ماڻهوءَ کي هڪدم سمجهہ ۾ اچي ويندو "اهو جيڪو توهان پوکيندا آهيو. تيستائين چرپر ۾ نہ ايندو آهي، جيستائين اهو مرندو نہ آهي ۽ جڏهن توهان پوکيندا آهيو، توهان اهو وڻ نہ پوکيندا آهيو پر ان جو ننهو داڻو پوکيندا آهيو. اهو ڪڻڪ يا ڪو ٻيو داڻو ٿي سگهي ٿو پر خدا ان کي اهڙو روپ ڏئي ٿو. جيڪو هن کي وڻندو آهي: ٻج کي سهنجو جسم ڏئي ٿو." هي سڄو پندرهون باب ـــ عيسائي عقيدي جو اوائلي ترين بيان، ڪنهن بہ ماڻهوءَ طرفان هن تعلق ۾ پڙهيو وڃڻ گهرجي. جيڪو پوکڻ جي خيال جي وري زنده ٿي اٿڻ جي عمل سان ويجهڙي رشتي کي سمجهڻ جي خواهش ڪري ٿو. اهو ٿي سگهي ٿو ادونس يا اوسيرس جي ڪنهن پوڄاريءَ طرفان لکيو ويو هجي جيڪو هڪ شڪي لاش سازيندڙ کي جسم جي وري زنده ٿي اٿڻ جو خاص متو تجويز ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. ۽ جيڪو ڊايونيسس ۽ اٽيس جي عقيدي کان پليءَ پت واقف آهي.

عيسائي چرچ جي اوائلي ترين جاتل رسم ماني ۽ شراب کي گڏجي کائڻ ۽ پيئڻ واري مذهبي رسم هئي: هيءَ رسم جيو ٿو وڃي تہ يسوع مسيح جي موت ۽ هن جي آخري رات جي مانيءَ جي ياد ڏياريندي هئي، جڏهن هن پنهنجن پوئلڳن سان گڏ ماني کاڌي ۽ شراب پيتو. هن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موقعي تي انجيل خاص ڪري چوٿين انجيل ۾ هن جي وات ۾ پيل لفظ نمايان طور تي اناج ۽ شراب ديوتا جا لفظ آهن. "مان سچي انگور جي ول آهيان، توهان منهنجون شاخون آهيو". "مان زندگيءَ جي ماني آهيان"، "وٺ، کاءُ، هي منهنجو جسم آهي." "هيءَ منهنجي نئين عهدنامي جي رت آهي." بيشمار اهڙي قسم جون ڳالهيون، تقريرن ۾ ٽڙيون پکڙيون پيون آهن.

شروعاتي عيسائي فنونِ لطيفہ ۾ جيئن اهو روم ۾ زيرِزمين هوادار قبرستانن ۾ ظاهر ڪيل آهي، سچي انگور جي ول تمام گهڻي فراوانيءَ سان ظاهر ڪيل آهي، جيئن مانيءَ جا ڪارا پڻ اظهاريل آهن، ماني ۽ مڇين جي لاڳاپيل معجزي سميت. ماني ۽ شراب کي جهجهو ڪري ڇڏڻ، اناج ۽ شراب ديوتا جو فطري تصديق نامو هوندو آهي. يسوع مسيح جي اوائلي ترين تشريح جيڪا اسان وٽ آهي، يعني دمشق جي جان جي، اهو بيان ڪري ٿي تہ هن جو چهرو "ڪڻڪ رنگو هو". جڏهن تہ لينٽولس جي رومن سينٽ ڏانهن لکيل مشڪوڪ خط ۾ اسان ساڳي جذبي ۾ پڙهون ٿا تہ هن جا وار "شراب-رنگا" هئا. ايپيفينيس موناڪس جي يوناني تشريح چئي ٿي تہ يسوع مسيح ڇهہ فٽ ڊگهو هو، هن جا وار ڊگها ۽ سونهري رنگ جا هئا ۽ شڪل شبيهہ ۾ هو پنهنجي پيءُ دائود وانگر سرخ سفيد هو. هي سموريون تشريحون بظاهر متاثر ٿيل آهن، يسوع مسيح جي آخري رات واري ماني ۽ شراب کي ذاتي يسوع مسيح سمجهڻ کان. تمام اوائلي ڏينهن کان چرچ جي استعمال ۾ مذهبي رسم طور يسوع مسيح جي جسم کي مانيءَ جي روپ ۾ کائڻ ۽ هن جي رت کي شراب جي صورت ۾ پيئڻ هڪ رواجي ڳالهہ رهندي پئي آئي آهي. ڪئٿولڪ چرچ ۾ هيءَ لڳاتار تقريب هڪ قربانگاهہ تي ڪئي ويندي آهي، جنهن ۾ مقدس هڏا پيل هوندا آهن ۽ انکي ظاهر ڪيو ويندو آهي، هن جي پنهنجو پاڻ کي ڏنل هڪ صوفياڻي ۽ ڪفاري واري قربانيءَ جي صورت ۾، بطور خدا جي نذراني جي. پادري شراب يا رت پيئندو آهي؛ عام خلق رڳو ماني يا جسم کائيندي آهي.

هڪ عجيب رواج جيڪو اِيسٽر جي موقعي تي سسليءَ جي ڪيترن ئي چرچن ۾ ٿيندو آهي، يسوع مسيح جي اوائلي اناج ديوتائن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ شراب-ديوتائن، جهڙوڪ ادونس ۽ اوسيرس جي مذهب سان هڪجهڙائيءَ ڪي اجا وڌيڪ مضبوطيءَ سان ثابت ڪري ٿو. عورتون ٿالهين ۾ ڪڻڪ، مسور ۽ ڪيناري ٻج پوکينديون آهن، جيڪي اوندهه ۾ رکيا ويندا آهن ۽ جن کي هر ٻئي ڏينهن پاڻي ڏنو ويندو آهي. انهن مان جلد ئي سَلا ڦٽندا آهن؛ انهن کي پوءِ ڳاڙهين پٽين سان هڪٻئي سان گڏ ٻڌو ويندو آهي ۽ انهن ٿالهين کي، جن ۾ اهي قتل ہوندا آهن، قبرن مٿان رکيو ويندو آهي، جيڪي مري ويل يسوع مسيح جي پتلن سان گڏ گُڊ فرائيڊي تي رومن ڪئٿولڪ ۽ يوناني چرچن ۾ ناهيون وينديون آهن، جيئن مسٽر فريزر چئي ٿو، ”بلڪل ائين جيئن ادونس جا باغ، مئل ادونس جي قبر تي رکيا ويندا هئا.“ هن عجيب رسم ۾ اسانکي اناج ديوتا جي پوڄا جي تمام هيٺئين ۾ هيٺين سطح جي باقيات ملي ٿي؛ اهڙي سطح جتي قربانيءَ جو حقيقي انساني شڪار قتل ڪيو ويندو آهي ۽ اناج ۽ ٻيا فصل هن جي لاش مٿان پوکيا ويندا آهن. ويندي جتي خود پوکي راهي باقي نه رهي آهي، اتي قبر ساڳي قديم رسم جي هڪ نشاني طور رهي ٿي. اهڙيون قبرون ايسٽر تي هرهنڌ عام هونديون آهن. جهڙي نموني سياري جي نقطہ انقلاب جي جشن تي ٻار-ديوتا جا پينگها عام هوندا آهن. پائيتا، پاڪ عورتن طرفان اناج-ديوتا جي هن آهه و زاريءَ جو حتمي روپ هوندو آهي.

بطور اناج ديوتا ۽ ديوتائي انساني شڪار جي، يسوع مسيح جي ٻين پهلوئن ڏانهن هلندي، اسان ڏسون ٿا ته هن کي ٻئي نموني بطور ديوتا ۽ انسان جي مڃيو وڃي ٿو. اوائلي نسلن جي سمورن ساڳين ديوتائن جيان. هن جي سوانح نگارن طرفان هن جي وات ۾ وڌل تقريرن ۾ هو مسلسل يهودي ديوتا کي پنهنجي پيءُ طور مڃي ٿو. ان کان علاوه هو هڪ بادشاهه آهي ۽ سندس بزرگ دائود مان هن جي شاهاڻي پيڙهيءَ تي هن جي شجرن ۾ ڪجهه ٿوري جتاداريءَ سان زور ڀريو ويو آهي. هو انساني روپ ۾ خدا آهي پر هو يهودين جو بادشاهه ۽ شان و شوڪت جو بادشاهه ٻن آهي. سياڻا ماڻهو اوير کان هن جي پوڄا ڪرڻ ايندا آهن ۽ ٻاراڻي خدا لاءِ سندس ڪائڻ جي پينگهي ۾ سون ۽ لوبان جيان هڪ ڪٺونر ۽ معطر دونهي جا تحفا کڻي ايندا آهن. پر هو اڃا اڳتي يسوع مسيح، خدا جو مسح ڪيل


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪي هميشہ عارضي بادشاهہ اتيس يا ادونس جي استقبال ۾ پيش ڪيا ويندا آهن. هن ڪي هڪ خچر تي چاڙهيو وجي تو. جيڪو سامين جو شاهاڻو جانور هوندو آهي. ماڻهو هن جي رستي ۾ وڻن جون شاخون اڇلائن ٿا. جهڙي نموني انهن هميشہ ساوڪ جي ديوتائن آڏو ساون وڻن جا ٽڪرا اڇلايا ٿي. ڪجھيءَ واري آچر تي هن جا چرچ اجا تائين ڪجھيءَ جي شاخن يا بيد جي ٽارين سان سجايا ويندا آهن. ساين شين واريون اهڙيون رسمون وڻ-ديوتا يا اناج-ديوتا جي سمورين پراڻين رسمن جو هڪ اڻٽٽ حصو جوڙن ٿيون ۽ لوڪ ادب ۾ سمورن جديد يورپي باقيات جو بہ ــ يعني اهي ڊايونيسزيڪ ميلي ۾ ۽ انگريزي حسين ڏينهن تي ساوڪ ۾ مسخري واريون رنگ رليون هڪ جيتري نموني ملن ٿيون. وڻن سان تعلق پڻ سمورن انجيلن ۾ بلڪل نمايان ٿيل آهي ۽ سڪل انجير جي وڻ جي معجزي جو يروشلم ۾ داخلا سان ويجهو تعلق هجڻ ڪري خاص طور تي ذڪر ڪيو ويو آهي. يسوع مسيح صليب تي بطور هڪ رضا خوشيءَ واري قربانيءَ جي شڪار جي، وجي ٿو: هو سنجيدگيءَ سان اهو نہ ٿو پڇي تہ هي پيالو هن تان ٽري وجي. هو خود پنهنجي ئي موت جي پيشن گوئي ڪري ٿو ۽ رضاڪارانہ طور تي پاڻ کي ان حوالي ڪري ٿو.

پر هن کي هڪ قيمت تي پڻ خريد ڪيو ويو هوندو آهي، يهوداهہ کي چانديءَ جا ٽيهہ سِڪا ادا ڪرڻ ڪانپوءِ. هنن سمورين ڳالهين جي اسانکي خوند ميڪسيڪن ۽ بين مختلف رسمن ۾ اڳوات خبر هئي. ان کان علاوه ان قصي ۾ هڪ عدالتي ڪارروائي بہ آهي ـــــ هڪ ٻٽي ڪارروائي، هڪ وڏي پادريءَ آڏو ۽ ٻي پلاطس آڏو. اسان ڏسي چڪا آهيون تہ اهڙيون عدالتي ڪارروايون نقلي-بادشاهہ جي توهين ڪرڻ جا عام جُزا هونديون آهن. ٻين سمورن ساڳين شڪارن جيان، يسوع مسيح جو هڪ شهنشاهہ جيان آڌرڀاءُ ڪرڻ ڪانپوءِ هن کي گاريون ڏنيون وجن ٿيون ۽ هن مٿان ٿُوڪاريو وجي ٿو، هن کي ٺڦڙون هنيون وجن ٿيون ۽ هن جي توهين ڪئي وجي ٿي. هن کي رَسَن سان ٻڌو وجي ٿو ۽ کيس پيلاطس آڏو پيش ڪيو وجي ٿو. حاڪم هن کان پڇي ٿو، ”ڇا تون يهودين جو بادشاهہ آهين؟“ ۽ يسوع مسيح اشاري مان انَ لقب کي حق بجانب سمجهي مڃي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تو. هن دڪدائڪ ڊرامي جي باقي قسطن ڪان اسان اڳ ئي چڱي طرح واقف آهيون. مقدس شڪار کي ايترو بيدرديءَ سان ڪوڙا هنيا ويندا آهن جو هن جي اڪين مان ڳوڙها وهن ٿا. ٻين مثالن وانگر هن جي مٿي تي ڳلن يا وڻ جي ڇوڏن جو تاج پهرايو وڃي ٿو تہ جيئن هن جي بطور ساوڪ جي بادشاهہ جي حيثيت نمايان ٿي بيهي. سو هتي هن کي ڪنڊن جي ڳجري جو تاج پهرايو وڃي ٿو، جيڪا ڳالهہ هن جي رسوائيءَ ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿي. مقدس رت مقدس مٿي مان وهڻ گهرجي. پر پوءِ بہ هن کي چمڪدار ڪپڙا پهرايا وڃن ٿا ۽ سنجيده مذاق ۾ ڪيس هنن لفظن سان سلام ڪيو وڃي ٿو، "اَي، يهودين جا بادشاهہ." هن کي فوجي سپاهين طرفان مٿي تي هڪ بانس سان ڌڪ هنيو وڃي ٿو پر پوءِ بہ جيئن هو ڪيس ڌڪ هڻن ٿا، هو پنهنجا گوڏا کوڙي سندس آڏو جهڪن ٿا ۽ سندس پوڄا ڪن ٿا. اهي هن کي لوبان جهڙي ڪونئر سان گڏايل شراب پيئڻ لاءِ ڏين ٿا پر هو اهو "ڪانئن نہ ٿو وٺي." پوءِ هن کي گول گوتا ـــ هڪ کوپڙيءَ جي هنڌ وٺ صليب تي، جيڪو ڪيترن ئي مذهبن جو پراڻو مقدس نشان آهي، ٽنگيو وڃي ٿو: ان تي حاڪم جي حڪم سان هيءَ تحرير لکيل هجي ٿي، "يهودين جو بادشاهہ." يسوع مسيح جي موت ڪانپوءِ سندس ماءُ سميت پاڪ عورتن طرفان روڄ راڙو ڪيو وڃي ٿو، جيئن ادونس ۽ اوسيرس لاءِ ڪيو ويندو آهي. مان نہ ٿو سمجهان تہ مونکي انهن تمام گهڻين ويجهڙين هڪجهڙاين ڏانهن تفصيل ۾ اشارو ڪرڻ جي ضرورت آهي، جيڪي خدائن جي ماءُ ۽ خدا جي ماءُ ـــــ ٿيوتوڪوس وچ ۾ موجود آهن.

انسان ذات کي بچائيندڙ (يسوع مسيح) سان گڏ صليب تي ٽنگيل چورن جون جنگهون ڀڳل هيون، اهڙن ٻين ڪيترن قربانيءَ جي مقدس شڪارن جيان، پر خود يسوع مسيح جو هڪ بہ هڏو ڀڳل نہ هو. عيد فصح جي ڇيلي جيان، جيڪو قربانيءَ جي قديم انساني شڪار جو يهودين طرفان هڪ نعم البدل هو. اهڙي طرح هن موضوع تي ٻئي تصور ـــــ اوائلي ۽ بعد جو، لڳي ٿو تاريخ ۾ هڪ مناسب جڳهہ هٿ ڪن ٿا. پنهنجين جنگهن ڀڃائڻ بدران، يسوع مسيح بهرحال پنهنجي ڪُک چيرائي وڃي ٿو، ان مان ڪفاري جي عارفاتي رت وهي ٿي، جنهن ۾ سمورا عيسائي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڻ ۾ (نظرياتي طور) ڏوپچي وجن ٿا: هي رت ۾ وهنجارڻ جو عمل (جيڪا قديم مذهبن ۾ هڪ اصلي حقيقت هوندي هئي)، قيامت جي تاريخ تي اڳ ئي هڪ جاتل سڃاتل تصور آهي، جتي چونديل ماڻهن جا لباس، اتي ذبح ڪيل دُنبي جي رت ۾ ڌوئي صاف ڪيا ويندا. صليبجڻ ڪانپوءِ يسوع مسيح کي هيٺ لاٿو ويندو آهي ۽ ڪيس پوريو ويندو آهي. پر ٻين سمورن اناج ۽ شراب ديوتائن وانگر، هو ٽئين ڏينهن تي مرڻ ڪانپوءِ وري زنده ٿي اٿي ٿو ـــ ٽن ڏينهن جو هي عرصو، ساڳين مثالن ۾ اڳ ئي هڪ روايتي عرصو رهيو آهي. يسوع مسيح جي صليبجڻ جي چوڏاري موجود حالتن مان هر هڪ اوسيرس ۽ اتيس جي ياد ڏياري ٿي. هڪ دفعو وري اهي عورتون ئي هجن ٿيون جيڪي هن جي وري زنده ٿي اٿڻ ڪانپوءِ هن کي ڏسن ٿيون، پوءِ مرد هن کي ڏسن ٿا. آخر ۾ هو متي آسمان ڏانهن پنهنجي پيءُ ڏانهن پنهنجن شاگردن ۽ پنهنجي ماءُ جي حيرت ۾ پيل اکين آڏو هليو وڃي ٿو. هن ڪهاڻيءَ جي هر جُزي ۾ اهڙي ڪابہ شيءِ ناهي، جنهن ڪان اسان ٻئي هنڌ اڳوات ئي واقف ٿيل نہ آهيون.

مان هن هڪجهڙائيءَ کي اجا وڌيڪ اڳتي نہ ڇڪيندس.

ائين ڪرڻ ڪنهن بہ پڄاڻيءَ ڪانسواءِ هوندو. حقيقت ۾ مان سمجهان ٿو تہ انجيل جي ڪهاڻيءَ ۾ ڪوبہ اهڙو جُزو ناهي جيڪو هتي تجويز ڪيل سندس مساوي جُزي جي تصديق نہ ڪندو هجي. مثال طور هيروڊيس وٽ حاضر ٿيڻ جو معمولي واقعو بلڪل هڪجهڙو آهي، جديد مصر ۾ نقلي اوسيرس جي گورنر جي گهر حاضري ڀرڻ جي واقعي جي ۽ ٻين ڪيترن مثالن ۾ يا نقلي بادشاهہ جي حقيقي بادشاهہ جي محل جي حاضري ڀرڻ جي. اهو واقعو جنهن ۾ هيروڊيس ۽ هن جا جنگي جوڌا، يسوع مسيح کي هڪ رنگارنگ پوشاڪ پهرائن ٿا، ان واقعي جي برابر آهي جنهن ۾ ميڪسيڪن بادشاهہ، قربانيءَ جي ديوتا انسان کي شاهاڻو وڳو اوڙاهيندو آهي ۽ اهو ٻين هنڌن تي ٿيندڙ بيشمار ٻين ساڳين ڊرامن جهڙو پڻ آهي. عورتون جيڪي لاش لاءِ مصالحا ۽ ملمون تيار ڪنديون آهن، ادونس رسمون ياد ڏيارين ٿيون: پيلاطس، جيڪو ندامت جي احساس ڪان پنهنجا هٿ ڌوئي ٿو، ديوتا کي ذبح ڪندڙن جي ان عام واقعي جي ياد ڏياري ٿو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جنهن ۾ هو بين مٿان الزام مڙهيندا آهن يا ڇاڪاڻ مٿان اهو الزام مڙهيندا آهن يا رڙيون ڪندي چوندا آهن، ”اسان توکي هڪ قيمت تي خريد ڪيو. اسان بي ڏوهي آهيون“. جيڪو بہ ماڻهو خبرداريءَ سان انجيل ۾ ڏنل تفصيل. مسٽر فريزر جي نقلي بادشاهہ جي ڪهاڻين جي سٺي نموني چونڊ ڪيل مجموعي سان گڏ گڏ پڙهندو تہ اهو خود پاڻ ڏسندو تہ يسوع مسيح جي ڪهاڻيءَ ۾ بيشمار بيون ننڍيون خصوصيتون ايرن ٿيون، جن کي بئي هنڌ انسان-ديوتا جي موت ۽ وري زنده ٿي اٿڻ جي بيشمار ساڳين واقعن جي برابر ليکي سگهجي ٿو. تمثيل جا موضوع ئي پنهنجو پاڻ ۾ اهم آهن. انگور جي باغ جو مالڪ جيڪو پنهنجي پٽ کي موڪلي ٿو ۽ جنهنکي ڪرائيدار قتل ڪري ڇڏن ٿا؛ مزدور جيڪي دير سان پهچن ٿا؛ ان پوکيندڙ ۽ سٺي ۽ خراب زمين؛ رائي ٻج جو اَن؛ فريسين جو خمير، ٻج جو ڳجهہ ڳوهہ ۾ وڌندو رهڻ. انگور جي باغ ۾ پٽن جو هجڻ. اهو معلوم ٿيندو تہ لڳ ڀڳ هي سڀ ماني ۽ شراب يا ڳهت ۾ ڳهت ٻج پوکڻ جي مرڪزي خيال جي موضوعن کي چيڙي ڇڏن ٿا.

ڪهڙن ٽڙ مرحلن ذريعي گليلين انسان-ديوتا جي ڪهاڻي اَيري ۽ پنهنجو پاڻ کي حقيقي يا ڏندڪٿائي يسوع مسيح جي شخصيت چوڌاري بيهاري ڇڏيو، اهو چوڻ ڏکيو ٿيندو. رسولن جي خطن ۾ اسان اڳ ئي ان جون اڪثر پتڪيل جهلڪيون، ڪنهن وقت ڏسي سگهون ٿا. اڳي ئي اسان عجيب اشارا ۽ تجليون ڏسون ٿا. شايد پهريان يهودي پوئلڳ موجوده ڪهاڻيءَ جي خاڪي تي غير اهلِ ڪتاب ماڻهن طرفان ان ۾ پنهنجو حصو ڳنڍڻ کان اڳ پهچي چڪا هئا ۽ جڏهن اسان انهن دستاويزن مٿان نظر ڊوڙايون ٿا جيڪي معجزي ۽ قصي سان سٽيا پيا آهن جيئن انجيلن ۽ رسولن جي ڪمن ۾ آهن، اسان تاريخي سچ جي ڪنهن عنصر کي ڏندڪٿا ۽ قصي جي وڏي ڪوڙ مان جدا ڪرڻ حقيقت ۾ ڏکيو پائيون ٿا. پوءِ بہ مان ان خيال جي عام سچ ۾ شڪ ڪرڻ جو ڪو وڏو سبب نہ ٿو ڏسان تہ عيسائي عقيدو ۽ شريعت سڀ کان پهرين گليلن يهودين ۾ ڦٽا ۽ اهو تہ پوءِ اهي انهن وٽان شام ۽ ايشيا مائنر جي ماڻهن ۾ نسبتاً تيزيءَ سان ڦهليا. اهو پڻ ممڪن لڳي ٿو تہ هڪ ماڻهو سائول يا پال ئي حقيقتاً اهو ماڻهو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو جنهن سب کان پهرين سموري سلطنت ۾ ۽ خاص طور سي وڏن سهرن ۾ نئين مذهب جي تبليغ ڪرڻ جو خيال بطور هڪ اهڙي عقيدي جي دماغ ۾ آندو هو جيڪو يهودين ۽ غير اهل ڪتاب ماڻهن ٻنهي طرفان قبولجي سگهي يقيناً جڏهن تہ هن نئين مذهب يهوديت، جنهنڪي هڪ ممڪن عالمگير مذهب جي طور تي ڏنو ويندو هو، جي سنئي ۾ سنن گڻن جي اڪثريت ياڻ وٺ رکي ٿي، جيئن ان جي توحيدپرستي، ان جو خالص پڻو، ان جي ديوتائن ۽ سندن گهڻن عشقن جي شرمناڪ ۽ بيهوده قصن کان نسبتي آزادي، اهو دنيا وٽ عام طور ۽ شام ۽ اولهہ ايشيا جي ماڻهن وٽ خاص طور قبوليت ۾ پراڻي مذهب کان گوءِ کٽي ويو انهن مان هر ماڻهو مڪمل سچ سان ائين چئي پئي سگهيو، "ڪجهہ بہ ناهي بدليو: ان (نئين مذهب) ۾ رڳو هڪ وڏيڪ ديوتا کي پوڄٹو آهي"

جيئن چرچ ڦهليو، قصو پڻ تيزيءَ سان وڌيو. يهودين جي بادشاهہ جي موت ۽ وري زنده ٿي اٿڻ جي شروعاتي احوال ۾ بعد جي ڪهاڻيڪارن هن جي هڪ ڪنواري ماءُ مان معجزاتي نموني پيدائش جي ڪهاڻيءَ جو اضافو ڪيو، جيڪا سڌوسنئون خدا جي روح مان ڳورهاري ٿي جيڪو هن مٿان نازل ٿيو. ديوتائن ۽ هيروز جي پيدائش متعلق هن عقيدي جي وسيع حد ۽ بڻ بڻياد جو مڪمل نموني معائنو مسٽر سڊني هارٽليند طرفان پرسيس جي قصي جي سندس تعريف جوڳي اپياس ۾ ڪيو ويو آهي. نون عقيدتمندن اجا وڏيڪ پنهنجي رهنما کي حضرت دائود کان هيٺ جو هڪ شاهاڻو نسب نامو مهيا ڪري ڏنو ۽ ڪيس قابل برداشت نموني هڪ اڻ سڌي دليل ذريعي، فرض ڪيل پيشن گوئيءَ مطابق بيتلهيم ۾ پيدا ڪرايو. جيتوڻيڪ، جيڪڏهن حقيقتاً اهڙو ڪو يسوع مسيح موجود هو بہ، اهو لڳندو تہ هن متعلق هڪ حقيقت جيڪا اسان کي قابل برداشت نموني يقيني محسوس ٿي سگهندي، اها هئي هن جو نذرائي شخص هجڻ.

بعد جي ليکڪن هن جي وات ۾ پنهنجي وقت کان مٿي هڪ اخلاقي سکيا وجهي ڇڏي، جيڪا ڪجهہ هِلَيل ۽ ٻين يهودي رابين طرفان اڳوات پيش ڪيل هئي ۽ شايد ٿورڙي بدمت بڻ بنياد واري هئي؛



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن هن کان خود پاڻ لاءِ مصالحت ڪرائيندڙ ۽ ڪفارو ڏيندڙ جي ديوتائي ڪردار جو اعلان ڪرايو، جيڪا هنن پاڻ انسان ذات جي بچائيندڙ لاءِ دعويٰ تي ڪئي. هو پنهنجو پاڻ کي انگور جي ول، زندگيءَ جي ماني ۽ سنو ريدار ڪوٺي ٿو. يوحنا-بپتسميا ڏيڻ واري طرفان، جيڪو هڪ جوشيلو ماڻهو هو جنهن جي مشهوري آخرڪار هن کي عيسائي قصي ۾ چڪي آئي، هن کي "خدا جو چيلو ڪونيو وجي ٿو، جيڪو دنيا جا گناهه ڪٽي وجي ٿو."

تمام اوائلي ڏينهن کان يوحنا طرفان قائم ڪيل پاڻيءَ ۾ پسائڻ يا بپتسميا ڏيڻ جي رسم ڪي، عيسائي ٿيڻ جي مک عيسائي رسمن مان هڪ رسم طور ملهايو ويندو آهي، جنهن خوني ۽ خطرناڪ يهودي طوهر/ ختني واري رسم کي هڪ فائدي سان مٽايو. هن ڳالهه تمام گهڻو آزاد نموني مذهب بدلائڻ جي اجازت ڏني، جيڪا يهوديت جي توقع کان تمام گهڻو مٿي هئي ۽ جيتوڻيڪ عيسائين پهريان بيشڪ پاڻکي يهودين جي هڪ فرقي طور ليکيو ٿي ۽ جيتوڻيڪ هنن هميشه سمورن يهودي مقدس ڪتابن ۽ يهودي خدا کي، سموري يهودي تاريخ، تخليق ڪائنات جي نظرئي ۽ ڏندڪٿا سميت اپنايو، پوءِ به نئون مذهب شروعات کان ئي هڪ گهڻ قومي مذهب هو ۽ ان سمورين قومن لاءِ پنهنجو پيغام تبليغيو. هڪ اهڙو عقيدو، ان جو هڪ اهڙي وقت تي اچڻ ۽ ماڻهن کي بلڪل اهوئي ٻڌائڻ جنهن کي مڃڻ لاءِ هو تيار هئا، عام مڃتا لاءِ اڳوات ئي يقيني هو. جڏهن قنسطنطائن، عيسائيت کي رومن سلطنت جو سرڪاري مذهب بڻايو، ان هڪ اهڙي انقلاب مٿان پنهنجي منظوريءَ جو سرڪاري ٺپو لڳايو، جيڪو گهڻي وقت کان وڏ ۾ وڏ اٿڻ تيندو پئي ويو.

هڪ لفظ ۾ عيسائيت فتح ماڻي چاڪاڻ تہ ان دنيا ۾ ان وقت موجود سمورن مذهبن جا وڏ ۾ وڏ اهم جزا پنهنجي اندر ملائي ڇڏيا هئا: ان ۾ ٿورڙو ڪجهه اهڙو هو جيڪو مقامي، قومي يا بدذائقه هو. ان انهن جزن ۾ انساني ڀائيچاري جي هڪ اعليٰ اخلاقي پيغام ۽ سماجي اصول جو اضافو ڪيو، جيڪو اتحاد ۽ سرشتي واري سرڪار جي دور لاءِ خاص طور تي موزون هو. ڪڏهن ڪڏهن، خود انجيلن ۾ اسان يسوع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مسيح جي قديم يهوديءِ لساني ديوتا سان هڪ پراسرار هڪجهڙائيءَ جا عجيب گذرندڙ پڙاڏا ٻڌون ٿا. چڙو ڪائنات جي مالڪ طور نه پر ڪيس سندوق جي مقدس پٿر، اسرائيل جي پهاڙ طور ڏنڌلي نموني ياد ڪيو وڃي ٿو. ”اهو پٿر جنهنکي عمارت ناهيندڙن رد ڪيو، اهو ئي پٿر بنيادي پٿر بڻجي چڪو آهي.“ ”جيڪو به هن پٿر مٿان ڪرندو، پڄي پوندو پر جنهن مٿان به اهو پٿر ڪرندو، اهو انکي پائوڊر ۾ پيهي ڇڏيندو“ ۽ يسوع مسيح جي وات ۾ وڏل هڪ تقرير ۾، هو پطرس کي چئي ٿو، ”تون پهاڙ آهين ۽ هن پهاڙ تي مان پنهنجو گهر اڏيندس.“

ڪڏهن پڻ رسولن جي خطن ۾ اناج-ديوتا ۽ بنياد جي پٿر-ديوتا جا به خيال هڪٻئي پويان ملن ٿا.”مون پوکي ڇڏيو آهي، اپولو ان جي آبياري ڪئي.“ ”تون خدا جي ڪاشتڪاري آهين؛ تون خدا جي عمارت آهين.“ ”مون بنياد رکي ڇڏيو آهي ۽ ٻيو ان مٿان رکجي پيو؛ هر ماڻهوءَ کي ان ڳالهه جو خيال رکڻ کپي ته هو ان بنياد مٿان ڪيئن ٿو تعمير ڪري ڇوته ٻيو بنياد ڪوئي به ماڻهو نه ٿو رکي سگهي سواءِ ان بنياد جي جيڪو رکيل آهي، جيڪو يسوع مسيح آهي.“ يا وري ”تون رسولن ۽ نبين جي بنياد تي اڏيل آهين، يسوع مسيح خود پاڻ مکيه بنيادي پٿر آهي.“ ڪوئي به ماڻهو انجيلن کي انهن هڪجهڙاڻن جي روشنيءَ ۾ ٻيهر پڙهندو، جيڪي هن ڪتاب ۾ تجويز ڪيل آهن، ته هن کي اهو معلوم ٿي ويندو ته اهي هڪجهڙايون مثبت نموني مختلف قتل ڪيل انسان ديوتائن جي مقبول دينيات ڏانهن ساڳين حوالن سان پريون پيون آهن، جيڪي يونوچ سمنڊ جي ڪنارن لڳ رهندڙ هرماڻهوءَ کي ضرور جاتل هونديون. چرچ، جيڪو هن پٿر مٿان تعمير ڪيو ويو، اوائلي مذهبن سان پنهنجو تسلسل هڪ هزار طريقن ۾ ۽ هڪ هزار هڪجهڙاين وسيلي ڏيکاري چڪو آهي.

شمسي ۽ فلڪياتي جزن کي آزادانه نموني انهن جزن سان گڏ گڏ مڃيو ويو آهي، جيڪي اناج-ديوتائن ۽ شراب ديوتائن جي ياد ڏيارن ٿا. مکيه ميلا اجا تائين نقط اعتدال ۽ نقط انقلاب جي شمسي ڏڻن سان ڳنڍيل آهن. اهڙي طرح هر سال چرچ يسوع مسيح جي موت ۽ وري زنده ٿي اٿڻ جي نقل کي ملهائيندو آهي، جيئن يونوچ علائقي وارا ماڻهو اتيس،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ادونس، ڊايونيسس ۽ اوسيرس ديوتائن جي موت ۽ سندن وري زنده ٿي اٿڻ
ڪي ملهائيندا هئا. چرچ ان جشن ڪي، اڪثر اهڙن ميلن لاءِ عام رواجي وقت
يعني بهار جي وچٿري موسم ۾ ملهائيندو آهي. ان ڪان وڌيڪ اهو ڏڻ وري
زنده ٿي اٿڻ جو اصل ڏهاڙو اهڙي ڏينهن ڪي چوندي ٿو، جنهن ڪي
انگريزيءَ ۾ عام طور ”اِيسٽر“ چيو وڃي ٿو ۽ لاطيني ٻوليءَ ۾ عيدِ فسح
جو جشن، جيڪو هڪ ثالثي فلڪياتي تاريخ آهي. ميلو ممڪن حد تائين
بهار جي وچٿري موسم جي ويجهو هجڻ گهرجي پر اهو چوڏهينءَ جي چنڊ
ڪانپوءِ هجڻ گهرجي ۽ اهو اهڙي ڏينهن تي هجڻ گهرجي جيڪو سج ڪي
مقدس هجي. جشن ڪان اڳ ۾ هڪ ڊگهو روزو رکيو ويندو آهي، جنهن جي
پڄاڻيءَ تي يسوع مسيح جي پتلي ڪي قتل ڪيو ويندو آهي ۽ ڪيس هڪ
نقلي قبر ۾ عزت سان رکيو ويندو آهي. پاڪ جمعو هن جي ڪفاري ادا
ڪندڙ موت جي ورسي ۽ ساليانو ماتم جو خاص ڏينهن هوندو آهي، جيئن
ادونس ۽ اتيس لاءِ اهو هوندو آهي. اِيسٽر آچر تي هو وري ٻيهر زنده ٿي
اٿندو آهي ۽ هر سني ڪئٿولڪ عيسائيءَ لاءِ اهو لازم هوندو آهي ته هو ان
سان رابطو ڪري يعني هرياليءَ جي احياءَ جي ساليانو بهار جي ميلي تي
پنهنجي ذبح ٿيل ديوتا جو جسم کائي. روم ۾ عيسائين جي پاڪ هفتي
جي تقريبن جي ٻين ساليانن ميلن سان ڀيٽ، جنهن ۾ ميڪسيڪو جو
فصل جو جشن، ۽ هندستان جي پوتراج ميلي ڪان اتيس ۽ ادونس تائين جا
ميلا اچي وڃن ٿا. اسان کي انتهائي روشن خيال ڏسڻ ۾ ايندي ـــ منهنجو
مطلب آهي ته اهي تقريبون جيئن اهي تڏهن هيون، جڏهن پوپ ـــ پادري-
بادشاهه پيسينس وٽ ساليانو اتيس جي نمائندي کي يسٽين گرجا ۾ علي
الاعلان سرڪاري عهدو ڏنو ويندو هو، ماتم جي نالي سان سڏي ويندڙ عيدِ
فصح جي موسيقيءَ سان ۽ ميزبان جي بلنديءَ جو اعلان بگلن وڄائڻ سان
ڪيو ويندو هو. هن موضوع تي مان پنهنجو پاڻ کي وڌ ۾ وڌ سادي اشاري
تائين محدود رکان ٿو. ڪوئي به ماڻهو اهڙي هڪ معنيٰ خيز اشاري جو
پيڇو ڪرڻ جو انتخاب ڪندو ته هو پنهنجو پاڻ کي عجيب هڪجهڙاين ۽
ناقابلِ يقين باقياتن ڏانهن ويندي ڏسندو.

ساڳئي نموني يسوع مسيح جي پيدائش، سياري جي نقطہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انقلاب تي ملهائي ويندي آهي. جيڪا ساوڪ جي ديوتائن جي ڪيترين ئي اوائلي تقريبن ملهائڻ لاءِ هڪ مشهور تاريخ آهي. پوءِ بالڪ ديوتا پنهنجي پينگهي ۾ بيهوش پيل آهي. جنهن بہ مسٽر فريزر جو عظيم ڪتاب پڙهيو آهي، سدا بهار بوڙي ۽ امر وڻ ۽ ڪرسمس وڻ جو عيسائيت جي هن بئي وڏي تهوار سان تعلق سمجهي ويندو، جيڪو تيوتونڪ أتر ۾ تمام گهڻو اهم آهي. جيتوڻيڪ اهو ڏکڻ ۾ بهار جي لهر جي جشن کان تمام گهڻو نيچ آهي جڏهن ديوتا کي ڪُنو ويندو آهي ۽ ضرورت وچان ڪاڏو ويندو آهي. مان پاڻکي اهو چوندي محدود ڪيان ٿو تہ عيسائي رسمون سڀ جو سڀ، اناج-ديوتا جي پيدائش جون رسمون آهن. عيسائي صليب جو نشان پڻ، هاڻي معلوم ٿيو آهي تہ قسطنطين جي ڏهاڙن کان اڳ عقيدي جي هڪ نشان طور اختيار نہ ڪيو ويو هو ۽ انکي سورج-ديوتا جي گالش پوڄارين جي شمسي قيمتي تان اڌارو ورتو ويو آهي، جن بادشاهہ جي ڪامياب فوجين جو لشڪر ناهيو تي. تنهنڪري اسان هاڻي انهن سڀن کي سمجهڻ لاءِ پنهنجي تفتيش جي شروعات وقت والاريل حيثيت کان هڪ تمام ئي مختلف حيثيت ۾ آهيون، جن عيسائي مذهب جو عروج ۽ اوسر عمل ۾ آندو. تڏهن اسانکي چسائپ سان اها سادي حقيقت مڃڻي پئي هئي تہ اسان جي دور جي پهرين صديءَ ڌاران هينين شام جي ماهيگير ماڻهن جي هڪ ٽولي ۾ هڪ ديوتائي شخص — يسوع مسيح جو ڪو هڪ خاص مذهب ڦٽو هو. اها حقيقت، جيئن اسان انکي پهريان حاصل ڪيو، پنهنجي اگهاڙي هيڪلائپ ۾ اڪيلي ۽ سيني کان ڪٽيل بيٺل هئي. هاڻي اسان ڏسي سگهون ٿا تہ اها انساني سياءِ، اعليٰ يا ادنيٰ ۾ هڪ عالمگير ديوتا-ناهڻ جي رجحان جو محض هڪ وڏيڪ مثال هئي، ۽ اسان پنهنجي آخري باب ۾ اهو معلوم ڪنداسين تہ مري ويل کي پوڄڻ جو هي عالمگير رجحان انساني تاريخ ۾ هميشہ کان ائين ئي قائم ۽ دائم رهندو پئي آيو آهي ۽ اهو حقيقت ۾ انسانذات جي سموري مذهبي جبلت ۾ مرڪزي عنصر رهيو آهي. مک جذباتي تار جنهن تي عيسائيت پنهنجن شروعاتي ڏينهن ۾ ڳايو ۽ حقيقت ۾ مک تار جنهن تي اها اجا تائين ڳائي ٿي، رڳو مان سمجهان ٿو مري ويل کي ديوتا بڻائڻ يا اعلانِ ولايت جي حق ۾ اهو


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عالمگير احساس آهي. جنهن ۾ خود انفرادي عقيدتمند طرفان پنهنجي ذاتي لافانيت جي خواهش شامل هوندي آهي. ٻين سمورن مذهبن وانگر پر ان وقت رائج ڪنهن بہ مذهب کان وڌيڪ عيسائيت انساني فطرت جي هنن ٻن ڳنڍيل ۽ اونهين خواهشن کي ڇڪ ڪئي. هڪ پاسي ان انسانذات جي غيرخودغرضاڻن جذبن ۽ محبتن کي زنده عقيدتمند جي پنهنجن مري ويل ماڻهن ۽ دوستن سان هڪ ويجهڙي، جسماني. ذاتي ۽ تڪڙي ميلاپ جو وعدو ڪندي ڪشش ڪئي. ٻئي پاسي ان هر ماڻهوءَ جي خودغرضاڻين خواهشن ۽ تمنائن کي، هر ماڻهوءَ کي هڪ عاليشان ٻيهر زندگيءَ جي يقيني ۽ پڪي اميد جو آسرو ڏيندي، پاڻ ڏانهن مائل ڪيو. رومن سلطنت جي شروعاتي ڏينهن ۾ هرهنڌ مذهبي ديومالا جي عالمگير خمير ۽ ملاوت جو هڪ لازمي نتيجو ديوتائن بابت بحيثيت مجموعي هڪ خاص مقدار جو ترندڙ شڪ هو، جيڪو پنهنجي اوچي ۾ اوچي حد تائين لُيوشين ديوتا جي ننول ۾ پهچي ڻو. پر جيئن تہ هي تازو شڪ تمام گهڻو حقيقي ۽ تمام گهڻو ڦهليل هو، ان تخيل ۾ ديوتاپڻي جي تصور بدران مختلف ديوتائن جي شخصيت ۽ تاريخ بابت تازن عقيدن تي اثر ڪيو. حتاڪہ اهي بہ جيڪي ڪليا تي ۽ اهي جن نہ تي مڃيو، اندر ۾ ڪيترائي وهم ۽ مافوق الفطري خيال رکن پيا. انهن جو شڪ اسانجي زماني جي مافوق الفطري جي تصور ئي مٿان بنيادي تنقيد ڪرڻ واري شڪ جيان نہ هو پر موجود ديوتائن طرفان پڙهيل ڳڙهيل گهڻ قومي شهرين جي ضرورتن کي مطمئن نہ ڪرڻ جي ظاهر ظهور نااهليءَ مٿان هو. ان وقت جا ديوتا پنهنجن پوڄارين لاءِ تمام گهڻو کهرا، تمام گهڻو باراڻا ۽ تمام گهڻو ڀاري هئا. مهذب روم ۽ مهذب اليگزينڊريا جي مشترڪ فلسفياڻي لاڙي کي ڪنهن حد تائين اسانجن پنهنجن توحيد پرستن جي لاڙي سان ڀيٽي سگهجي ٿو، جيڪي اصل ۾ دينيات جي تصور جا ان جي پنهنجي ماهيت ۾ مخالف نہ آهن پر اهي عقيدي جي وڌ ۾ وڌ معجزاڻي ۽ مافوق الفطري حصي تي اعتراض اٿارن ٿا. بهرحال عوام ۾ مذهبي بي چينيءَ پنهنجو پاڻکي مکيہ طور تي، جيئن اها هميشہ اهڙين نازڪ گهڙين ۾ پاڻکي ڏيکاريندي آهي، عجيب مذهبن ڀنيان ڊوڙندي رهڻ جي هڪ عام عادت ۾ ڏيکاريو: اهڙي


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن هڪ يا ٻئي مذهب مان اڻاولو ڪوجي پنهنجين مشڪلاتن جو هڪ الاهي جواب حاصل ڪرڻ جي اميد ڪندو آهي.

جڏهن پراڻا مذهب ختم ٿي ويندا آهن، نون مذهبن لاءِ جڳهه خالي ٿي ويندي آهي. جيئن توقع ڪري پئي سگهجي هي رجحان وڏن بين الاقوامي واپاري شهرن ۾ وڌ ۾ وڌ صاف نموني ڏيکاريل هو، جتي ڪيترين ئي قومن جي ماڻهن گڏجي شانہ بہ شانہ ڪم ڪيو ۽ جتي مختلف قسمن جي عجيب مذهبن/ عقيدن ڪي پنهنجا پنهنجا مندر ۽ پوئلڳ هئا. خصوصي طور تي هيءَ صورتحال هئي روم، اليگزينڊريا ۽ اينتيوڪ شهر ۾، جيڪي ترتيبوار رومن، يوناني ۽ سامي دنيائن جا گاڏين جا هنڌ هئا. يوناني-مصري شهر ۾ سيراپس ـــ گاڏڙ ساڏڙ بنياد جي گڏيل ديوتا جي پوڄا آهستي آهستي ان وڏنڊڙ شهر جو مکيہ مذهب بڻجي وئي. اينتيوڪ ۾ يوناني ديوتا، بعالم کي ٻاهر ڏکي رهيا هئا. روم ۾ اسيس، يهوه، شامي ۽ اوپر جي ٻين ديوتائن جي پوڄا پاهرين، مقامي ۽ غلام آدمشماريءَ جي ڏينهون ڏينهن وڏنڊڙ انگ طرفان ڪئي ويندي هئي. هي ئي اهي جڳهون هيون، جتي عيسائيت ڦهلي. گهوڙن جا ماڻهو گهڻي عرصي کان غير اهلِ ڪتاب (گهڻ خدائي يا ڪافر) هئا، جيئن دنيا انهن کي اڄا ان نالي سان سڏي ٿي. اهڙي طرح متحد ٿيل عجيب مذهبن، جن سموري رومن دنيا مان پراڻن مقامي ۽ قومي مذهبن/ ديومالائن کي ڏيري ڏيري چٽي ڇڏيو، کي گهڻي ڀاڱي ٻہ واضح خاصيتون پاڻ ۾ مشترڪ هيون، اهي ٿورو يا گهڻو صوفياڻہ (عارفاڻہ) هئا ۽ انهن جو ٿورو يا گهڻو وحدانيت طرف لاڙو هو. باريڪ مشرقي ۽ زرتشت خيالن سان مليل شمسي ديومالا، مذهبي امتزاج، مخفي پادراڻين تشريحن ۽ يوناني فلسفياڻن متن جي عام سرايت ـــ انهن سڀني گڏجي صوفياڻي عنصر جي عروج ۽ اوسر کي همٿايو، جڏهن تہ هڪ ڏنڌلي وحدانيت پرست تحريڪ مصر، يونان، اٽلي ۽ اوپر جي اعليٰ سوچ ۾ گهڻي عرصي کان ظاهر هئي. نتيجي ۾ ايرنڊڙ تنازعي ۽ خيالن جي هڪٻئي سان گڏجي وڃڻ ڪري، يهوديت کي وڌ ۾ وڌ صوفياڻن ۽ وحدانيت پرست مذهبن مان هڪ مذهب طور سموري دنيا جو مذهب ٿي وڃڻ جو سنو موقعو هو، جيڪڏهن ان ۾ ان جي سخت ۽ ضدي قومي ڪردار جو موتمار



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سگهي ۽ هن جو نئون عقيدو (مذهب) هميشہ پراڻي مذهب جو هڪ تازو روپ هوندو آهي. هڪ ديوتا يا گهڻا ديوتا، پوڄا، حمد ۽ مذهبي رسمون ان جا ضروري جزا هوندا آهن. وڌيڪ خصوصي طور تي ائين ٿيندو آهي تہ جڏهن وڏن ديوتائن ۾ اعتبار ختم ٿيڻ شروع ٿيندو آهي، عام طور تي گهڙي کن لاءِ مئلن سان رابطي ذريعي آئيندي جي اڳڪٿي ڪرڻ جو تصور (Necromancy) روحانيت پرستي ۽ ڀوت رسمن لاءِ هڪ انڌي هٿوراڙي شروع ٿي ويندي آهي. اسان پنهنجي زماني ۾ روحانيت پرستن ۽ ٻين ماڻهن طرفان هن رجحان کي مڪمل طور تي ٿيندي ڏسي چڪيو آهي: نہ ئي اها ڳالهہ انهن متضاد خيالن جي طوفان ۾ گهٽ نمايان ٿيل هئي، جيڪو رومن دنيا مٿان ڪڙڪيو، اينتونينس جي زماني کان وٺي رومن سلطنت جي زوال تائين. حقيقت اها آهي تہ عام ماڻهو پنهنجن ديوتائن ۽ ديوتائڻين لاءِ (جڏهن انهن کي بطور فردن جي ڏٺو وڃي ٿو) ٿورو خيال ڪري ٿو. اهي رڳو هن جي پنهنجن جذبن لاءِ هڪ اظهار هوندا آهن. هو انهن کي مدد لاءِ ٻاڏائيندو آهي، جيستائين هو انهن جي موثر مدد ۾ يقين رکندو آهي: هو رت جي نذرانن سان سندن چاپلوسي ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي يا تعريف ۽ پوڄا جي خراج عقيدت سان سندن خوشامد ڪرڻ لاءِ تيار هوندو آهي، جيستائين هو پنهنجي چاپلوسيءَ جي موٽ ۾ ڪو حال يا مستقبل جو جسماني يا روحاني فائدو حاصل ڪرڻ جي توقع رکندو آهي. پر جيئن ئي هنن جي وجود ۽ طاقت ۾ هن جو عقيدو ٽٽڻ لڳندو آهي، هو سندن ديوتاپڻي جي نقصان کي دلشڪستائيءَ يا تڪليف جي ڪنهن بہ احساس کانسواءِ برداشت ڪري ڇڏيندو آهي، جيستائين خود هنن جو پنهنجو واسطو هوندو آهي.

اها ان شيءِ کان تمام پرانهين ڪا شيءِ هوندي آهي، جيڪا مذهب ۾ هن کي ڇهندي آهي: اهي هن جي پنهنجي ابدي چڱيلائيءَ جون اميدون هونديون آهن ۽ موت کانپوءِ انهن جي چڱيلائي جيڪي هن سان محبت ڪندا آهن.

تنهنڪري عظيم ديوتائن جي عقيدي ۾ لاٿ کانپوءِ فوري طور تي مذهب ۾ وڌ ۾ وڌ وحشياڻي ۽ اصلي جزي جو ٻيهر اُسرڻ شروع



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تيندو آهي ـــ يعني ڀوت يا ارواح جو عقيدو‎ـ (Necromancy)، مري ويل جي سڏي سنئين پوڄا يا مري ويل سان لهه وچڙ: انساني لافانيت جي مثبت موقعن ۾ تفتيش جي هڪ عادت. هي مري ويلن جي پوڄا جو جذبو عارفاڻي علم جي آثارن ۾ ۽ زوال پذير يوناني رومن دنيا جي ٽڙيل پکڙيل جادوئي ادب ۾ سڀني نموني نمايان ٿيل آهي. اهو بلڪل ساڳيو رجحان آهي، جيڪو اسان جي پنهنجي زماني ۾ روحانيت پرستيءَ کي پيدا ڪري ٿو ۽ اهو روح جي اَمرپڻي يا جسم جي وري زنده ٿي اٿڻ ۾ عام انساني عقيدي لاءِ ڪجهه نئون ۽ تجرباتي بنياد ڳولڻ جي خواهش ڪري آهي.

۽ هتي اسان کي ان سنجيده تبديليءَ جي نشاني ملي ٿي، جيڪا عيسائيت اولهندي دنيا جي مذهبي احساس ۾ پڙڪائي ــ هڪ اهڙي تبديلي جنهن جي اهميت ۽ پوئتي ويندڙ سياءَ کي مان سمجهان ٿو اڃا تائين مڪمل طور تي نه مڃيو ويو آهي. ڇاڪاڻ ته عيسائيت جڏهن ته هڪ نقطہ نگاهه کان بطور هڪ وحدانيت پرست يا نيم وحدانيت پرست مذهب جي يونان ۽ اٽليءَ جي جمالياتي گهڻ خداپرستيءَ مٿان هڪ زبردست واڌارو هئي، ته ٻئي نقطہ نگاهه کان امرپڻي جي هڪ مذهب بدران وري زنده ٿي اٿڻ جي مذهب طور سموري الهندي يورپ لاءِ هڪ وک پوئتي هئي.

ويندي خود يهودين ۾ به بهرحال هي نئون مذهب هڪ شڪي ٿيءَ ۾ ضرور ”عقيدي جي هڪ مدد“ طور سموري زور سان آيو هوندو. ٻاهرين ملڪن ۾ يوناني يهودين ۾، يوناني فلسفي ضرور يهوه لاءِ گهڻي جنوني ۽ قومپرستانه جوش کي نقصان پهچايو هوندو، جيڪو خود يهوده ۾ ميڪابيس ۽ آسمونين شهزادن جي ڏينهن ۾ وڌ ۾ وڌ طاقتور ٿي چڪو هو.

خدا جي ماهيت تي ڏنڏلن افلاطوني نظرين جا ٽڪرا هنن جلاوطنين ۾ اسرائيل جي پهاڙ ۾ مضبوط پراڻي عقيدائي ايمان جي جڳهه وٺي رهيا هئا. گهر ۾ هيرود جي گهر جا يوناني رجحان ۽ يروشلم ۾ سيڊيوسيز (عيسيٰ جي زماني ۾ يهودين جو اهڙو فرقو جيڪو وري زنده ٿي اٿڻ ۽ روحن جي وجود جو انڪاري هو) جي اهميت جيڪي چون پيا ته



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"وري زنده ٿي اٿڻ جو عمل ممڪن نہ آهي". ان اميد ۽ عقيدي جي ويندي پاڙ کي ڏڪ رسائڻ پيا، جن کي متقي يهودين ايڏي پيار مان پنهنجي اڪ جو تارو سمجهيو ٿي. دنيا کي اسرائيل طرفان بدلائڻ بدران ائين لڳو تہ دنيا اسرائيل کي بدلائڻ واري هئي. هڪ عظيم دلڪش ۽ سموئيندڙ سلطنت ۾ بڏل يهوده اقرائيم جو رستو اختيار ڪري سگهيو پئي ۽ دنيا ۾ اسرائيل جو ڪم اهڙي طرح ختم ٿي وڃي ها يا هميشہ لاءِ بي معنيٰ بڻجي وڃي ها.

بس هن ئي گهڙيءَ تي جڏهن سمورا عقيدا ظاهر ظهور نموني مسمار ٿي رهيا هئا، گليل جي گمنام هارين جو هڪ ننڍڙو ٽولو جيڪو پنهنجين مقامي پهاڙين ڪان شورش زده يروشلم تائين شايد هڪ جهنگلي مقامي جوشيلي پنيان لڳو هو، تي سگهي ٿو هڪ مغالطي ۾ ونجي ويو هجي، جيڪو سندن خاص حالتن ۾ نہ غيرفطري هو ۽ نہ اوپرو هو پر اهو پوءِ بہ بهرحال دنيا جي تاريخ جو سمورو بعد جو رُخ بدلائڻ لاءِ يا گهٽ ۾ گهٽ ان کي زبردست نموني ڦيرائڻ لاءِ ڪافي هو.

انهن جو رهنما جيڪڏهن اسان هن فرقي جي عالمگير روايت تي جيئن اها ڪافي وقت گذرڻ ڪانپوءِ انهن جي قصائي انجيلن ۾ لکيل آهي اعتبار ڪري سگهون ٿا، پونتيس پلاطس جي حڪمرانيءَ هيٺ يروشلم ۾ صليب تي چاڙهيو ويو. جيڪڏهن هن ڌرتيءَ مٿان يسوع مسيح بابت نذرت ۾ هن جي رهائش هجڻ جي حقيقت ڪان علاوه ٻي ڪابہ حقيقت سچي آهي، تہ اها آهي هن جو صليب تي ٽنگجڻ. جيڪا ان خاص رومن آفيسر جي نالي سان هميشہ ويجهڙائيءَ سان ڳنڍيل هجڻ ڪري سچي هجڻ جو شرف حاصل ڪري ٿي. پر قصو چئي ٿو ٽن ڏينهن ڪان پوءِ يسوع مسيح جو لاش ان قبر ۾ نہ ليجي سگهيو جتي هن جي دوستن هن کي پوريو هو: ۽ هڪ افواهہ آهستي آهستي پڪو پختو ٿيڻ لڳو تہ هو وري زنده ٿي اٿيو آهي ۽ هن کي ٻاهرتي انهن عورتن طرفان ڏٺو ويو هو جن هن لاءِ روح راڙو ڪيو هو ۽ ٻيو هن جي ڪجهہ شاگردن طرفان. ٿورن لفظن ۾ جيڪو عالمگير طور تي ٻين سمورن ۽ پراڻن انساني ديرتائن متعلق مڃيو ويندو هو، ٺئين سري سان يسوع مسيح نالي هڪ شخص جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ نئين مثال ۾ ان جي خصوصي طور تي دعوي ڪئي وئي. اهو خيال ان زماني جي ضرورتن سان نهڪي آيو ۽ يسوع مسيح جي وري زنده ٿي اٿڻ جو متو نئين چاول عيسائي مذهب جي بنيادي شيء ٿي ويو.

سمورن ماڻهن طرفان مڃيل هن حقيقت کان وڌيڪ ٻي ڪا به شيء وڌيڪ چٽي نه ٿي ٿي سگهي ته هي واقعو، رسولن جي تبليغ جو مرڪزي نڪتو هو. اهو يسوع مسيح جو وري زنده ٿي اٿڻ هو، جنهن متان هو پنهنجن لفظن ۽ لکڻين ۾ وڌ ۾ وڌ زور ڀريندا هئا ۽ انکي هن جي سمورن پوئلڳن جي عام زنده ٿي اٿڻ لاءِ اهم قرار ڏيندا هئا. اهو وري زنده ٿي اٿڻ جو متو هو جنهن اولهندي يورپ جي دنيا کي بدلائي ڇڏيو. ”توهان جو عقيدو لڏي رهيو آهي،“ اهو اوائلي عيسائين پنهنجن گهڻ خدائي دوستن کي چيو: ”توهان جا ديوتا اڌ-مئل آهن: توهان جي پنهنجي مستقبل ۽ توهانجن وڇڙي ويل دوستن جي موجوده حالت بابت توهان جا خيال وڌ ۾ وڌ ڏنڌلا ۽ وهمي آهن. هن سڀني جي مخالفت ۾، اسان توهان کي هڪ پڪي ۽ يقيني اميد آڇون ٿا: اسان توهانکي حقيقي ۽ تازي زندگيءَ جي ڪهاڻي ٻڌايون ٿا: اسان چاتل طريقي جي هڪ ديوتا جي تبليغ ڪريون ٿا، پر جيڪو توهانکي تمام.گهڻو ويجهو آهي: اسان توهانکي اصل ٻيهر زنده ٿي اٿڻ جو هڪ نمونو پيش ڪريون ٿا. اسان توهان وٽ يسوع مسيح جون بطور مسيحا جي ۽ هن کي صليب تي چاڙهي ڇڏڻ جون خبرون ڪٺي اچون ٿا، يهودين ڏانهن هڪ رڪاوٽ جون ۽ يونانين ڏانهن بيوقوفيءَ جون پر انهن ڏانهن جيڪي بچايا ويا آهن، اسرائيل جي خدا جي طاقت جو هڪ سڌو سنئون ثبوت پيش ڪريون ٿا. اسانجو چيو مڃيو ته جيئن توهان جا مئل يسوع مسيح سان اسانجن قبرستانن ۾ سمهن، جيئن ڪڏهن اهي ابيڊوس ۾ اوسيرس ۾ ستا يا ان متان ستا، جيڪو ڦيلائي ۾ ستل آهي.“ هڪ اوائلي ترين عيسائي ليکڪ هڪ جذباتي تقرير ۾ چئي ٿو، ”جيڪڏهن يسوع مسيح وري زنده ٿي نه اٿي ها، ته پوءِ اسانجي تبليغ رائگان آهي ۽ توهانجو عقيدو بڻ رائگان آهي: پر اهو جيئن آهي، يسوع مسيح مري وڃڻ کانپوءِ وري جيئرو ٿي اٿي ٿو ۽ انهن جو پهريون ميوو بڻجي وڃي ٿو، جيڪي سمهي پيا.“ ”هو پيو چا ڪندا“ ، هو چوندو هلي ٿو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجن وچڙي ويلن سان وري ملڻ جي اونهي انساني خواهش جي احساس کي ڇهندي. "اهي ڇا ڪندا جيڪي مري ويلن لاءِ بپتسميا ويا هوندا آهن. جيڪڏهن مري ويل بلڪل به نه اٿندا؟ پوءِ ڇو هو مري ويلن لاءِ بپتسميا ويندا آهن؟ تورن لفظن ۾ سمورن مذهبن لاءِ مشترڪ عنصرن کان علاوه هي اوائلي عيسائيت جا ئي عظيم ڦيتا، محرڪ آهن. هڪ عقيدائي: يسوع مسيح جو وري زنده ٿي اٿڻ، ٻيو خودغرضائي: انفرادي روح جي نجات، ٽيون ٻي غرضانه: پنهنجن مري ويل پيارن سان وري ملڻ جي خواهش. شام ۽ مصر هن نئين مذهب کي آسانيءَ سان قبول ڪري ٿي سگهيا. ان انهن جي محاذ ۾ ڪا سنجيده تبديلي نه ٿي آندي، سندن خيال ۽ رسمن کان وڏي دوري نه ٿي پيدا ڪئي جن هميشه انساني وجود جو سندن موٽو تصور جوڙيو ٿي. ڊينڊرهه وٽ "جت ٿي ننڍڙي مندر" ۾ اوسيرس جي وري زنده ٿي اٿڻ جي هڪ ترجماني موجود آهي، جيڪا تقريباً يسوع مسيح جي وري زنده ٿي اٿڻ جي هڪ عيسائي تصوير جهڙي لڳي سگهي ٿي. تورن لفظن ۾ پنهنجين شروعاتين ۾ عيسائيت لازمي طور هڪ مشرقي مذهب هو؛ اهو اوير يونوچ بندرگاهه ۾ تمام تيزيءَ سان ڦهليو، جتي يهوديت اڳوات ئي سني نموني قائم ٿيل هئي. اها هڪ اهم حقيقت آهي ته عيسائيت کي بطور رومن رياست جي عوامي مذهب جي سرڪاري طور اختيار ڪرڻ، ان ساڳئي شهزادي جو ڪم هو جنهن پنهنجي حڪومت جو هنڌ ڇاڻي واڻي تائبر کان بوسفورس منتقل ڪيو ۽ سلطنت جو ڪردار گهٽي حد تائين هڪ لاطيني کان يوناني-ايشيائي نوعيت جو ڪري ڇڏيو. سمورا نوان مذهب جن دنيا مٿان حڪمراني ڪرڻ لاءِ گڏجي جدوجهد ڪئي، بڻ بٽياد ۾ مشرقي هئا؛ عيسائيت جي فتح رومن نظام ۾ مغربي عنصر مٿان جارحاڻي مشرقيت جي عام فتح جو محض هڪ واحد واقعو هو. مان سمجهان ٿو ته خاص ڪري مصر کي اوائلي عيسائيت کي عقيدائي شڪل ڏيڻ ۾ ۽ عيسائي تمثيل ۽ عيسائي تصوف کي قائم ڪرڻ ۾ ان کان وڌيڪ ڪم ڪرڻو پيو هو، جيترو قديم چرچ جي سرڪاري تاريخ نويسن طرفان عام طور تي مڃيو ويو آهي. اتي جتي وري زنده ٿي اٿڻ جو خيال اڳ ئي ايترو عالمگير هو ۽ جتي هر ماڻهو "اوسيرس طرفان انصاف ملڻ" جو خواهشمند



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، عيسائيت تمام جلد اهڙن مائٽن مٿان هڪ سولي فتح حاصل ڪري ورتي، جن جي عقيدي ۾ ان تمام ٿورڙي تبديلي آندي ۽ مصر آسانيءَ سان لچڪيدار نئين مذهب مٿان پنهنجو اثر محسوس ڪرايو. اهو مڃيو ٿو وڃي ته نه خدائيءَ جي مٿي نيل نديءَ جي ڪنارن تي وسندڙ ثالثي پوڄارين ۾ جنم ورتو ۽ اهو نه مشڪل سان گهٽ اهم لوگوس (خدا جي ڪلام) جو مٿو اليگزينڊريا جي يهودين جي فلسفي ڪان اڏارو ورتو ويو. ڪوئي به ماڻهو ڪنهن مصري ميوزيم ۾ اِسس ۽ ٻالڪ هو رس جي مورتين کي ڪاپٽڪ (قديم مصري) ۽ بزينٽائين جي مدونا ۽ ٻالڪ جي مورتين جي مٿن ظاهر ظهور پاڇي پوڻ ڪان متاثر ٿيڻ ڪان بغير نه ٿو نهاري سگهي. نون عقيدن جي باري ۾ جيڪا پراسراريت ڦهلي: پيءُ، پٽ ۽ پاڪ روح جي هڪ واحد تثليث ۾ عجيب امتزاجي ايڪتا. ٿيوٽوڪوس يا خدا جي ماءُ جو معجزاتي نموني پيٽ سان ٿيڻ ـــ هاٿور جي پراڻي خيال جو هڪ لحاظ ڪان هڪ چٽو متبادل ۽ يسوع مسيح جو انساني روپ اختيار ڪرڻ ڪان اڳ بهشت ۾ جمڻ ڪان اڳ جو وجود ـــ هي سڀ ڪردار ۾ مڪمل طور تي مصري آهن، اليگزينڊرين يهودي يونانيت جي هڪ هلڪي مليل چٽيءَ سان گڏ. ايرنڊڙ چرچ ايترو اوائل ڪان نشانين سان جيڪو پيار قبرستانن ۽ ٻئي هنڌ ظاهر ڪري ٿو، ان مان ٿيبيس ۽ ممڦيز جي ٿالمڪ يادگيرين جي هڪجيتري بوءِ اچي ٿي. لازرس جو مَمي روپ ـــ مڃي، جيڪا يسوع مسيح جي نالي ۽ لقبن لاءِ هڪ هوشيار ابجدي تصوير جوڙي ٿي: ڪبوتر جيڪو پاڪ روح جي تمثيل آهي: چئن انجيل نويسن جا جانور روپ ـــ هي سڀ گهڻي ڀاڱي مصري پڙاڏا آهن، جيڪي ان ساڳئي روح جو آواز ڪڍن ٿا، جنهن ديواري تصويرن ۽ عظيم نيل نديءَ وارن مندرن جون ديواري تصويرون ۽ تمثيل پيدا ڪيا.

ان ڪان به اڃا وڌيڪ خود عيسائي تمثيل جا تفصيل اڪثر اوائلي مصري نمونن ڏانهن وڃن ٿا. سمورن نشانن مان مرڪزي عيسائي نشان ـــ صليب يا ڪراس سڄي دنيا ۾ پاڪ آهي: اهو مقدس وڻ آهي ۽ هر نسل ان کي پنهنجن اڳ تصور ڪيل خيالن ۽ نشانين مطابق اپنايو. پر قديم مصري عيسائيت ۾ انکي ڪرڪس اينساٽا سان واضح هڪجهڙايون



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. غِزه وٽ نئين ميوزيم جي قديم مصري ڪمري ۾ يوناني لفظن واري ڪُتبي سان هڪ اوائلي عيسائي يادگار پيو آهي. جنهن تي ڦهليل ڪنارين سان چٽن هڪجيترين ڄنگهن وارو هڪ ڪراس ظاهر ٿيل آهي، جنهن جي سمورين چئني وٿين ۾ هڪ ڪرڪس اينساٽا پيل هوندو آهي. پراڻي قاهره ۾ ابوسرجيهه جي قديم مصري چرچ ۾ به هڪ ساڳيو ڪراس پيل آهي، تائو جهڙي اصليت جو پر سندس ڪنڊن ۾ ڪرڪس اينساٽا جي نعم البدل طور ساڳي ماپ وارا ڪراس پيل آهن. اهڙي طرح ڪيتري حد تائين مصري عيسائين صرف پنهنجا پراڻا خيال نئين مذهب ۾ منتقل ڪيا، هڪ واحد عجيب مثال مان ان جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو. مسٽر لوفٽي جي مقدس يونٽرن جي مجموعي ۾ هڪ يونٽرو آهي جنهن کي ٻن ڪجين جي ٽارين سان صليب جو هڪ نقش آهي ۽ ٻين يونٽرن کي عيسائي ڪراس هوندا آهن. جيڪڏهن اسان ياد ڪريون ته مصري مذهب ۾ يونٽري کي ڪيڏو نه انتهائي مقدس ليکيو ويندو هو ۽ اهو پڻ ته انکي وري زنده ٿي اٿڻ جو نشان سمجهيو ويندو هو، ته پوءِ اسان ان جي مضمرات جي اهميت غالباً وڃائي نه ٿا سگهون. بيشڪ ايپفينيس ـــ اليگزينڊريا جو والد، يسوع مسيح بابت چئي ٿو، ”هو خدا جو مقدس يونٽرو هو،“ هي اهڙو فقرو آهي، جنهن کي اجا وڌيڪ بهتر نموني تڏهن سمجهيو ويندو، جيڪڏهن مان اهو اضافو ڪيان ته هيروگلفس تي ڪيل ناهه ۾ جنهن کي هوراپولو جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو، هڪ يونٽري لاءِ چيو وڃي ٿو ته اهو ”هڪڙي اڪيلي حاصل ڪيل“ کي ظاهر ڪري ٿو. اهڙي طرح اسرائيل جي زبان ۾ ”خدا جو ڇيلو“ هڪ مصري ڳالهائيندڙ جي وات ۾ ”خدا جو يونٽرو“ بڻجي وڃي ٿو. مغرب ۾ بهرحال عيسائيت جي ڦهلاءَ جا نتيجا تمام گهٽ انقلابي هئا. اصل ۾ مان نه ٿو سمجهان ته يسوع مسيح جو مذهب ڪڏهن به روم ۾ ڦهلجي سگهي ها، جيڪڏهن روم شهر گهٽي قدر بعد جي زمانن ۾ شامين ۽ آفريڪين سان ڀريل نه هجي ها ۽ جيڪڏهن عيسائيت روم ۾ نه ڦهلجي ها ته اها ڪڏهن به آرين دنيا ۾ پنهنجو پير نه ڄمائي سگهي ها.

اٽلي ۽ باقي مغربي يورپ ۾ عيسائيت جن تبديلين مان گذري، انهن مان سرِفهرست هئي روح جي لافانيت ۽ غيرمادي هجڻ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ايمان ڪان، جنهن ۾ لاش کي ساڙي ڇڏڻ انجو عملي نتيجو هوندو آهي، جسم جي ورري زنده ٿي اٿڻ ۾ ايمان تائين جي پنتي موت. جنهن ۾ لاش کي دفنائڻ جي ناڪاره ۽ ڏتڪاريل رسم ڏانهن، ان جي عام رواجي لاڳاپيل شيءِ طور واپسي شامل هوندي آهي. قبرستان، هن پوئتي موت جو ضروري نتيجو هئا ۽ قبرستانن سان گڏ تبرڪ پوڄا، شهيد پوڄا ۽ ولين ۽ سندن لاشن جي پوڄا جا امڪان پيدا ٿيا. مان مذهب ۾ هن ابتدائي عنصر ـــ مري ويل جي مذهب جي هن عجيب تجديد جي پرانهن اثرن کي پنهنجي اڳلي باب ۾ وڌي تفصيل سان ڳوليندس. هتي صرف اهو مختصراً اشارو ڪرڻ ڪافي آهي تہ اهو يسوع مسيح جي ورري زنده ٿي اٿڻ ۾ ايمان جي هڪ منطقي نتيجي طور اڀريو ۽ نتيجتاً لاش دفنائڻ جي رسم جي ٻيهر بحالي ٿي. ان ڪان علاوه گهڻ-خدا پرستن لاءِ هن عادت نالي ماتر وحدانيت پرستيءَ جي وچ ۾ گهٽن ديوتائن جي عقيدي لاءِ هڪ عملي دروازو کوليو، جنهن موقعي کي اتليءَ جا ماڻهو ۽ ٻيا گهڻ خدا پرست ماڻهو هٿ ڪرڻ ۾ سست نہ رهيا. اهو سچ آهي تہ نظرياتي طور ولين ۽ شهيدن کي پيش ڪيل تعظيم ڪڏهن بہ حقيقي پوڄا قرار نہ ڏني ويندي آهي پر مونکي اهو چوڻ جي مشڪل سان ضرورت آهي تہ ههڙا فني فرق، عالماڻہ پادرشاهين جي مصنوعي دينيات جو محض هڪ حصو هوندا آهن ۽ علم الانسان جي آزاد خيال کوجيءَ طرفان سلامتيءَ سان نظرانداز ڪيا وڃي سگهجن پيا. مذهب جون سچيون حقيقتون عوامي عقيدي جون حقيقتون ۽ رسمون آهن، جيڪي هرنسل ۾ تمام طويل عرصن لاءِ لازمي طور پاڻ ۾ ساڳيون رهنديون آهن.

اهڙي طرح شروع ۾ اسانکي عيسائيت جا بہ مکيہ قسم ملن ٿا، ٻئي سرڪاري ۽ مشهور: هڪ مشرقي ـــ يوناني، قديم مصري شامي، وڏيڪ عارفاڻي قسم جو، وڏيڪ تمثيلي، وڏيڪ فلسفياڻو، وڏيڪ وحدت پرست: ٻيو مغربي ـــ لاطيني، يورپي، اسپيني: وڏيڪ آرين قسم جو، وڏيڪ عملي، وڏيڪ مادي، وڏيڪ گهڻ خدا پرست. ۽ هن ۾ بعد جي زماني ۾ هڪ ٽئين، اترئين قسم ـــ ٽيوٽونڪ ۽ پروٽيسٽنٽ جو اضافو ٿئي ٿو، جنهن ۾ اخلاقي خيال، مذهبي خيالن مٿان حاوي هجن ٿا ۽ ڪتاب


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي پوڄا، ان جي وڏ ۾ وڏ اصلي ۽ اڪثر بيوقوفاڻي تشريح ۾ ميدوناءِ ولين، تصويرن، مجسمن ۽ نشانين جي اوائلي پوڄا کان گوءِ کڻي وڃي ٿي.

ان وقت تي جڏهن عيسائيت پهريان کيس ناهيندڙ عقيدي جي قديم تاريڪيءَ مان ٻاهر نڪرڻ شروع ڪري ٿي، ان وقت بهرحال اسان انکي عملي طور هينين جُزن جو مرڪب ڏسون ٿا، جيڪي هڪ نوجوان ديوتا جي پراڻي ديوتا سان مشترڪ ٻڌيءَ کي ظاهر ڪن ٿا، جنهن سان هن کي سجاتو ويندو آهي.

سڀ کان پهرين سمورن اوائلي يهودي صحيفن ۾ فرض ڪيل ضروري بنياد طور هاڻوڪي يهوديت اهڙي روپ ۾ آهي، جيڪو اها ڏيري ڏيري عيسائي دور کان اڳ چوٿين، ٽين ۽ ٻي صديءَ ۾ حاصل ڪري چڪي هئي. ان ۾ ان جي مکيه اصول طور هڪ ديوتا يهوه جو عقيدو آهي، جنهن کي هاڻي وڏيڪ ان ذاتي نالي يا بطور هڪ خالص نسلي ديوتا جي تصور نه ٿو ڪيو وڃي بلڪ انکي هاڻي آقا مالڪ خدا طور تصور ڪيو وڃي ٿو، جيڪو متي آسمان ۾ رهي ٿو گهڻي قدر ائين جيئن اڄ جا عيسائي ان کي اڃا تصور ڪن ٿا. ان ۾ فرشتن ۽ مهافرشتن جي هڪ آسماني مرتبن جي فرق وارو نظام، خداوند اعليٰ جي دربار (اوائلي آسماني تصور — بهشت جي ميزبان، جو هڪ بدليل روپ) ۽ گناهه جي هڪ متي — شيطان يا دئيت جيڪو دوزخ ۾ رهي ٿو ۽ ساڳئي نموني ننڍن يا ماتحت شيطانن سان گهيريل هجي ٿو، ۾ ايمان جو هڪ مخفي وهڪرو پڻ شامل آهي.

ان کان وڏيڪ اهو اوائلي يهوديت کان پوري طرح سان مري ويل جي وري زنده ٿي اٿڻ جو متو، نيڪ ۽ گناهگار جو فيصلو، مستقبل ۾ جزا ۽ سزا جو متو (شايد اهو پنهنجي مڪمل شڪل ۾ مصر مان هڪ يوناني درآمد هو، جيتوڻيڪ اهو عام طور اڪثر ٻي ساخته مذهبن ۾ پڻ ڏٺو ويو آهي) ۽ موجوده يهودي عقيدي جا ٻيا به ڪيترا ئي اصول قبول ڪري ٿو. ٿورن لفظن ۾ تمام اوائلي عيسائين، جيڪي گهڻي حد تائين يهودي، گليلين ۽ مرتد يا شامي ۽ يهودي لاڙن وارا آفريڪي هئا، پنهنجن سمورن پهريان کان قائم ڪيل مذهبي ويچارن کان جند ڇڏائڻ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪوشش نہ ڪئي جڏهن هو عيسائي بڻيا، پر ڇڙو انهن مٿان ديوتا بڻايل يسوع مسيح جو خاص عقيدو هڪ نئين جُزي طور وڌائي ڇڏيو.

ٻئي پاسي جيئن انجيل گهڻ خداپرستن ۾ ڦهليو، نون مذهب مٽائيندڙن مٿان يهودين جي سمورين ننڍين ننڍين رسمن ۽ خاص طور تي ختني جي غيرپسنديده شروعاتي رسم جو بار وجهڻ ضروري نہ سمجهيو ويو. بپتسميا جي نالي سان ڄاتل هڪ صرف تمثيلي رسم ٿي هوندي هئي، جنهن جي نون مذهب اختيار ڪندڙن ڪان گهر ڪئي ويندي هئي ڪنهن بہ گهڻ خدائي مذهبن وارن قربانين يا ڪمن ۾ ڪنهن بہ طرح جي شرڪت ڪرڻ ڪانسواءِ ۽ يهودي صحيفن جي عمومي اختياري، خصوصاً انهن جي يهوديت جي اوسر جي هڪ تاريخي تفصيل طور جنهن مان عيسائيت ڦٽي، توري يا گهٽي مڪمل طور تي مڃي وئي؛ پهريان رڳو ان جي اثر يا حوالي ذريعي پر پوءِ سڄي عيسائي اجتماع جي ڄاڻي واڻي ۽ علي الاعلان آواز ذريعي. تاريخي دستاويزن جي هن گاڏڙ ساڏڙ ڍڳ جو ترجمو غلط بيان ڪيل اوائلي تخليقِ ڪائنات جي نظرين ۽ يهوه زده يهودي رواجن، غلط تشريح ڪيل بيتن ۽ انجيل جي لاطيني نسخي ۾ جنهن کي ولگيٽ جي نالي سان ڄاتو وڃي ٿو، شعوري جعل سازين، يورپ کي ڪيترين صدين تائين قديم تاريخ جي هڪ ڪوڙي تصوير پيش ڪري ڇڏي هئي.

يهوه پوڄا واري هاٺوڪي يهوديت جي هن هيٺين سطح مٿان چڙهيل يسوع مسيح جو امتيازي عقيدو، هڪ مخصوص گليلين مري ويل هاريءَ جي پوڄا جو عقيدو آيو. پر ڪيئن هڪ اهڙي مذهب ۾ جيڪو وحداني هجڻ جو مَڪر ڪري رهيو هو، ٻن ايڏن مختلف ديوتائن جا هي بہ مختلف عقيدا هڪٻئي سان نهڪائڻا هئا، يا سندن ڪهڙي وضاحت .پيش ڪرڻي هئي؟ ديوتا جي انساني روپ اختيار ڪرڻ جي مٿي ذريعي ۽ انساني ديوتا ۾ عقيدي ذريعي جيڪو خود پاڻ آڏو بطور هڪ ڪفاري جي نذراني جي قربان ڪيو وڃي ٿو. يهودي رواج ۽ باريڪ مصري تصوف هن ظاهري بي قاعدگيءَ کي ٺيڪ ڪرڻ لاءِ ڪافي هئا. يهودين هڪ عجيب نجات ڏياريندڙ، هڪ نئين موسيٰ، هڪ مسيحا لاءِ واجهايو ٿي جيڪو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اسرائيل جي قسمت، دائود جي شاهي لڙ هيٺ سمورين قومن کي متحد ڪرڻ ذريعي ۽ گهڻ خدا پرستن کي اسرائيل جي خدا جي پيرن ۾ آڻڻ ذريعي پوري ڪرڻ وارو هو. عيسائين چيو، يسوع مسيح پاڻ کي اهو مسيحا ــ خدا جو يسوع مسيح چوائڻ جي دعويٰ ڪري ڇڏي هئي؛ هن اڪثر عظيم يهودي ديوتا ڏانهن پنهنجي والد طور اشارو ڪيو هو؛ هن آسمان جي مالڪ جي پوڃا جي دعويٰ ڪئي هئي. ان کان وڌيڪ اڳتي بنا مدد ڪيل يهودي ذهانت شايد مشڪل سان وڃي سگهي ها؛ اها قتل ڪيل انسان ديوتا کي خدا جي اڪيلي پٽ طور هڪ ثانوي حيثيت ڏيندي، جنهن پنهنجو پاڻ کي هڪ رضاخوشيءَ واري قربانيءَ جي شڪار طور حوالي ڪري ڇڏيو، مطمئن ٿي وڃي ها. مونکي لڳي ٿو ته مجموعي طور اهو ئي تصور آهي جيڪو شامي عيسائيت جي تصورن جي نمائندگي ڪندي هڪجهڙن انجيلن (متي، مرقس ۽ لوقا جي انجيلن) ۾ سرايت ڪري ٿو. پر هتي تيز يوناني مصري ذهن پنهنجن بهترين امتيازن ۽ عارفاڻين سڃاڻپن سان آيو. اتي بيشڪ صرف هڪ ديوتا هو؛ پوءِ به اهو ديوتا ٽنو هو (هتي ان کان اڳتي نه وڃجي ٿو)، هن کي به شخصيتون هيون، پيءُ ۽ پٽ: ۽ ٻيو شخص، خدا جي اليگزينڊرين تصور لوگوس سان سڃاتو ويندڙ جيڪو جيتوڻيڪ پيءُ کان، انسان پٽ کي ڇهڻ ڪري هيچ هو، پر هن جي ديوتاپڻي کي ڇهڻ وقت هن جي برابر هو؛ جيئن اسان اوسيرس ۽ هورس جي تعلقات کي بيان ڪرڻ ۾ ۽ اتيس يا ادونس جي قربانيءَ جي شڪار ماڻهوءَ جي اوائلي ۽ پراڻي ديوتا سان سڃاڻپ ڪرڻ ۾ جنهن جي هو نمائندگي ڪندو هو، ان ڳالهه کي ايترو عام ڏٺو. چوٿين انجيل جو يسوع مسيح اليگزينڊرين خدا لوگوس جو مجسم ۽ انساني روپ چئي ٿو، ”مان ۽ منهنجو پيءُ هڪ آهيون“ ۽ نيوپليٽونڪ (يوناني) عيسائيت جي ان منشور جي شروع شروع ۾ هيءَ عقيداتي دعويٰ موجود آهي، ”شروع شروع ۾ يسوع مسيح (لوگوس) موجود هو؛ ۽ هو خدا سان گڏ رهندو هو ۽ يسوع مسيح خدا هو.“

پوءِ به نئين عقيدي جو بنياد اڃا تائين نامڪمل آهي. پيءُ ۽ پٽ هڪ سچو مرڪب ديوتا جوڙي ڏين ٿا جيئن هرهنڊ ۽ هميشه مقبول



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ذهن انکي عام طور تي سمجهيو آهي. پر عالمائي ۽ ديني ذهانت کي تثليث مکمل ڪرڻ لاءِ هڪ ٽين شخصيت جي ضرورت پئي، جيڪا سموري انسانذات لاءِ خصوصي طور تي مشرقين لاءِ واحد ڪامل ۽ مڪمل طور تي گول شڪل هئي. بعد وارن ڏهاڙن ۾ بيشڪ مريم کي اهو خال پرڻ لاءِ چونڊيو ويو هجي ها ۽ اِسس جي مثال جيان انکي وڌ ۾ وڌ اثرائتي نموني پري ها. حقيقت ۾ عيسائي مذهب ۾ جيئن ڪئٿولڪ ماڻهو انکي ڄاڻن ٿا، مريم حقيقت ۾ تمام گهڻو اهم شخصيتن مان هڪ آهي. پر انهن اوائلي تشڪيلي زمانن ۾ ٿيوٽوڪس (مريم) جي عقيدي پنهنجي مڪمل اهميت اجا تائين مشڪل سان حاصل ڪئي هئي؛ شايد حقيقت ۾ يهودي عقيدتمند هڪ عورت جي پوڄا جي ٿلهي خيال تي هڪ ايستارتي — آسمان جي شهزاديءَ جي اسرائيل جي عقيدي ۾ وري بيهر داخلا تي صدمي ۾ اچي وڃن ها. تنهنڪري عبادت جي ڪا بي شيءِ ڳولڻي هئي. اها ان مبهم جوهر پاڪ روح يا الاهي ڏاهپ ۾ لڌي وئي، جنهن جي بتدريج اوسر ۽ خود خدا کان علحدگي هٽرادو ديوتا ٺاهڻ جي سموري تاريخ ۾ هڪ وڌ ۾ وڌ عجيب باب آهي. ”يهوه جو روح“ جو يهودي لکڻين ۾ ڪثرت سان ذڪر ڪيو ويو هو ۽ سو بہ اهڙي هڪ اڻ ڏٺل ۽ اڻ رسائيءَ واري ديوتا سان جيئن يهودي خدا، ان کان اڪثر هڪ پيغام رسائيندڙ يا ٽالثيءَ جي ڊيوٽي ڪرائي ويندي هئي، جتي خود يهوه جي ذاتي موجودگي غيرجسماني ديوتا جي پهرين ضرورتن سان ٽڪراءَ ۾ ايندي محسوس ڪئي وڃي ها. اهو ”يهوه جو روح“ هو جيڪو رسولن مٿان ايندو هو؛ اها ”يهوه جي ڏاهپ“ هئي جنهنکي شاعر بيان ڪندا هئا ۽ اهو ئي اهو روح هو جنهن کي وڏي وڄڻ تي نيٺ خدا جي شخصيت کان جدا ڪرڻو پيو ۽ ڏانهس هڪ زنده فرد جي اشارو ڪيو ويندو هو. شروعاتي چرچ ۾ هي ”خدا جو روح“ هي ”پاڪ روح“ عقيدتمندن جي مٿن مٿان اوتيو ويندو هو؛ اهو خود يسوع مسيح مٿان بهشت مان آيل هڪ ڪبوتر جي ڏسڻ ۾ ايندڙ روپ ۾ لٿو ۽ هن جي شاگردن تي پينتيڪوست ۾ باهه جي زبانن جي صورت ۾ لٿو. آهستي آهستي هڪ ذاتي پاڪ روح جي تصور هڪ شڪل ۽ شبيهه اختيار ڪئي؛ هڪ اليگزينڊرين راهب ديوتائن جي هڪ تثليث جي ضرورت تي زور


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پريو، جيڪي پوءِ هڪ خدا هئا ۽ ان وقت تائين جڏهن نئين چرچ جا پهريان ڪلما لکت جي صورت ۾ آيا، هي روح پيءُ ۽ پٽ سان گڏ هميشہ لاءِ رحمت ۾ آيل تثليث ۾ هڪ ٽئين شخص طور ليکجڻ لڳو.

هن وقت تائين پڻ اهو بلڪل صاف آهي تہ يسوع مسيح جو انسان پڻو، هن جي اَمر ديوتاپڻي جي خيال ۾ ضم نہ ٿي چڪو هو: هن کي ٻئي خدا طور ليکيو وڃي پيو، جيڪو آسمان مان هيٺ آيو هو جتي اهو سمورين دنيائن کان اڳ وجود ۾ هو ۽ ڪنواري مريم ۾ پاڪ روح معرفت انساني روپ ماڻيو هو. عيسائي عقيدي جا ٻيا جُزا هنن ابتدائي عنصرن چوڌاري آهستي آهستي جمع ٿيا: ڏندڪٿا زور پڪڙيو، تصوف وڌيو: ثانوي پاڪ هستيون يا ولي، تعداد ۾ بيشمار ٿيڻ لڳا ۽ يهوديت جو عنصر ذرو ذرو ٿي غائب ٿيو، جڏهن تہ آرين دنيا ۾ هڪ نئين گهڻ خدائيت ۽ هڪ نئين مُلائيت جنم وٺڻ لڳيون.

مان بهرحال پنهنجن آخري بابن ۾ اهو ڏيکارڻ جي ڪوشش ڪندس تہ ڪيئن ويندي آخر تائين جديد عيسائيت ۾ مري ويل جي پوڄا اجاتائين مرڪزي قوت آهي: ڪيئن مذهب، پوءِ ان جو ڪهڙو بہ روپ هجي، هن بنيادي حقيقت کان ڪڏهن بہ پري نہ ٿو وڃي سگهي ۽ ڪيئن جڏهن بہ ديوتا حالتن جي زور هيٺ، انساني زندگيءَ کان ايترو پري وڃن ٿا جو هڪ وقت لاءِ وري زنده ٿي اٿڻ يا ذاتي اَمرپڻي/ لافانيت جا تصور خطري ۾ پئجي وڃن ٿا ۽ ٻي دنيا ۾ موجود رشتيدارن سان .وري ملڻ مشڪوڪ يا غيرمحفوظ ٿي وڃي ٿو، تڏهن هڪ ردعمل جو ٿئڻ يقيني ٿي پوي ٿو جيڪو شين کي هڪ دفعو وري واپس انهن بنيادي تصورن ڏانهن وٺي وڃي ٿو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## باب اوڻويهون
## عيسائيت ۾ موجود باقيات

اسان هاڻي بظاهر ديوتا ناهڻ جي ان قديم منزل کان تمام گهڻو پري سفر ڪري آيا آهيون، جتي واحد ڄاتل ديوتا آهن لاش، مَميون، ڪوپڙيون، پُوت يا مئل قبائلي سردارن يا مئل دوستن ۽ رشتيدارن جا روح. عيسائيت جو خدا پنهنجي مڪمل طور ارتقا ڪيل روپ ۾ خاص طور تي جيئن اهو ڏاهن ۽ ديني عالمن کي ڄاتل آهي، هڪ اهڙي شخصيت آهي جيڪا ايڏي وسيع، ايڏي خيالي، ايڏي هرهنڌ موجود، ايڏي ابدي آهي جو ان جو ان خصيص بزرگاڻي روح يا مقدس پتر سان، جنهن مان اها آخر ۾ لڳي ٿو ڦٽي نڪتي هئي، مشڪل سان ڪو تعلق لڳي ٿو. پوءِ به هتي اسانکي هڪ حد کان وڌيڪ ذاتي نقط نگاهه کان گمراهه ٿي وڃڻ کان خبردار رهڻ کپي. عيسائيت جا اعليٰ ذهن، بيشڪ عيسائي خدا کي مانسيل ۽ مارتينيو جي فقرن ۾ تصور ڪندا آهن، جڏهن ته ننڍا ذهن جيڪي ويندي اسان جي وچ ۾ به موجود هوندا آهن هن کي تمام گهڻي سادڙي ۽ وڌيڪ مادي انداز ۾ تصور ڪندا آهن. مختلف طبقن جي عام انگريز ماڻهن ۾ جيڪي هميشه غريب ترين نه هوندا آهن، هڪ سني ڄاچ پڙتال مونکي ان ڳالهه تي مطمئن ڪري ٿي ته انهن جي اڪثريت خدا کي هڪ مادي انساني روپ رکڻ واري هڪ شخصيت طور گهڻو يا ٿورو بناوت ۾ گئسي (هوائي) تصور ڪري ٿي، ته 39 جُزن باوجود هن کي جسم، عضوا ۽ جذبا آهن، ته هن کي ذهن جي اک آڏو اڪثر ڪري مٿي، هٿن، اکين ۽ وات سميت جن کي انساني انداز ۾ ڏسڻ ۽ ڳالهائڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو آهي، اٽڪل ڏهه يا ٻارهن فوٽ لمبي هڪ شخص طور چٽيو ويندو آهي ۽ اهو ته هو هڪ بادشاهه وانگر جيڪو هو آهي، هڪ تخت تي ويٺو آهي فرشتن ۽ مهافرشتن جي هڪ نظر ايندڙ دربار سان گهيريل. اٽليءَ جو فنونِ لطيفه هن کي مستقل طور هڪ صاف دليءَ سان اهڙي نموني ظاهر ڪري ٿو، جيڪو پروٽيسٽنٽ عيسائيت کي اڻڄاتل آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حقيقت اها آهي تہ ايتري خيالي هڪ تصور کي جيئن خدا
جو اعليٰ ترين ديني تصور آهي سواءِ تمثيلي انداز جي حقيقي روپ نہ تہ ڏئي سگھجي ۽ پوءِ اهو بہ مڪمل نويڪلائيءَ ۾ چند گھڙين لاءِ. ڪنهن بہ آسماني سرگرميءَ جي تعلق ۾، اجا بہ وڌيڪ ڪنهن بہ انساني ضرورت جي تعلق ۾ جڏهن بہ خدا بابت نيڪ نموني سان سوچيو ويندو آهي، هن لاءِ اڪثر نموني انساني هڪجهڙاين تي سوچيو ويندو آهي ۽ هن کي گهٽ يا تورو عقيدتمند جي دماغ ۾ مڪمل طور تي انساني شڪل شبيهہ وارو ٻڌايو ويندو آهي.

اصليت جي لحاظ کان انسان جي ذهن جي هڪ پيداوار هوندي، هڪ عظيم ديوتا ٻڌايل انسان، تورڙن تمام گهٽ صوفياڻن يا وجودياتي ماڻهن کي ڇڏي، ٻين سمورن ماڻهن لاءِ لازمي طور اجا تائين هڪ پوت يا روح مان پنهنجي حتمي پيدائش جا واضح نشان رکي ٿو. حقيقت ۾ هو اسان سيني لاءِ جسماني پاسي جي ابتڙ ذهني پاسي تي ائين ڪري ٿو، ڇاڪاڻ تہ ويندي ديني ڏاها بہ آزاديءَ سان هن ڏانهن هھڙا انساني احساس منسوب ڪن ٿا جيئن محبت، پيار، انصاف جو هڪ احساس، رحم جو، سچ جو، ڏاهپ جو هڪ جذبو، چاهہ، عزم ، دانش جون قوتون، مطلب تہ سموريون ضروري ۽ بنيادي انساني خصلتون ۽ جذبا.

اهڙي طرح جيئن اسان کي لڳي ٿو تہ اسان خدا جي وڏ ۾ وڏ سرفراز تصورن ۾ پنهنجي بنياد کان تمام گهٽو پري سفر ڪري آيا آهيون، پر اجا تائين اسان ان کي انڪان وڌيڪ ويجهو آهيون جيترو اسان مان گهڻا تصور ڪن ٿا. ان کان علاوه هن اوچائيءَ جي باوجود جنهن تائين اعليٰ ذهن خدا متعلق پنهنجي تصور کي بطور ڪائنات جي خالق، پالڻهار ۽ هلائيندڙ جي پهچائي چڪا آهن، هر مذهب پوءِ چاهي اهو توحيد پرستانہ هجي، اجا تائين پنهنجي لاءِ مري ويلن مان جيئن اهي مرن ٿا، نوان ننڍا ديوتا ناهڻ جاري رکي ٿو ۽ انهن ديوتائن جي ان کان بہ وڌيڪ سخت پوڄا جاري رکي ٿو، جيڪا هونئن هو عيسائيت جي عظيم خدا يا مرڪزي ديومالا جي عظيم ديوتائن کي آڇي ٿو. عيسائي مذهب اهڙا ننڍا ننڍا ديوتا ٻين سمورن مذهبن کان گهٽ نہ ٿو ناهي. حقيقت هيءَ آهي تہ مذهبي جذبو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو بڻ بڻياد ان پيار ۾ محبت مان حاصل ڪري ٿو، جيڪو مري ويلن لاءِ سندن رشتيدارن طرفان محسوس ڪيو ويندو آهي، ان اميد ۾ عقيدي سان مليل جليل تہ اهي انهن لاءِ ڪنهن عارضي يا روحاني ڪم يا فائدي جا تي سگهن ٿا جيڪي هنن سان ملڻ اچن ٿا. هي قديم عقيدا ۽ احساس انسانذات جي اندر ۾ ايترو تہ پيوست ٿيل آهن جو ويندي سمورن مذهبن مان وڏ ۾ وڏ خيالي مذهب جيئن پروٽيسٽنٽ فرقو بہ، انکي مڪمل طور تي دٻائي نہ ٿو سگهي، جڏهن تہ رسم جو بيهر اُڀار وقتاً فوقتاً روحانيت پرستي، فلسفياڻي دين ۾ خصيص روح/لاش-پوڄڻ جي بين مبهم قسمن جي صورت ۾ ٿئي ٿو. بهرحال وڏ ۾ وڏ اڳتي وڌيل مذهب ۾ خصوصاً عيسائيت پنهنجي مرڪزي، سچي ۾ ڪئٿولسزم جي مک روپ ۾ ننڍن ديوتائن ـــ جيڪي هتي من مستي طور تي ولين طور ڄاتا وڃن ٿا، جي مال ڪي وقتاً فوقتاً نئون ڪندو رهڻ ضروري سمجهي ٿي، گهڻي ڀاڱي ائين جيئن پراڻا مذهب هميشہ بنياد جي ديوتائن، اناج ۽ شراب جي ديوتائن ۽ بين مصنوعي طور تيار ڪيل خاص ديوتائن ڪي سالئون سال قربانيءَ جي شڪارن جي هڪ مستقل رسد سان نئون سنئون ڪرڻ ضروري سمجهندا هئا. بهرحال مان هتي وڌيڪ خاص طور تي جنهن شيءِ ڏانهن اشارو ڪرڻ چاهيان ٿو، اها هيءَ آهي تہ سموري دنيا ۾ پوڄا جي هنڌن جي گهڻي اڪثريت اڄا تائين جيئن اها شروع شروع ۾ هئي، هڪ مري ويل ماڻهوءَ يا عورت جي لاش مٿان ڪڙي ڪيل آهي؛ هر مقبري ۾ پوڄا جون مک شيون اڄا تائين جيئن هميشہ مري ويل ماڻهن ۽ عورتن جا پيار ڪيل لاش/بدن آهن ۽ مذهب جو موت سان قديم رشتو ڪڏهن بہ عملي طور تي هڪ گهڙيءَ لاءِ بہ دنيا جي ڪنهن بہ وڏي حصي ۾ نہ ٽوڙيو ويو آهي حتاڪہ پروٽيسٽنٽ انگلينڊ ۽ آمريڪا ۾ بہ نہ.

مسٽر وليم سمپسن انهن پهرين ماڻهن مان هو جن چرچن، مندرن، مسجدن يا اسٽوپن ۽ هڪ مقبري يا يادگار وچ ۾ هن عجيب اونهي رشتي ڏانهن اشارو ڪيو. هن پنهنجو نڪتو هڪ ڀرپور انداز ۾ ثابت ڪري ڇڏيو آهي ۽ مان ان پڙهندڙ ڪي، جيڪو موضوع جي هن شعبي ڪي تفصيل سان پڙهڻ چاهي ٿو، هن جي دلچسپ تحقيقي مقالي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏانهن رجوع ڪندس. هن ڪتاب ۾ مان پنهنجو ڌيان مکيہ طور تي عيسائيت ۾ هن موت جي عنصر جي لاڳيتي موجودگيءَ مٿان محدود رکندس، جنهن سان گڏ اسلام جي پاڙيسري ۽ دلچسپ ميدان مان ڪنيل چند ٽڙيل پکڙيل مثال بہ پيش ڪبا.

سموري دنيا ۾ ٻيو اهڙو ڪوئي بہ مذهب ڪونهي جيڪو ڪردار ۾ اسلام کان وڌيڪ گهڻو خالصتاً وحدانيت پرست هجي. خدا جي وحدانيت، تمام گهڻي سخت معنيٰ ۾ واحد عقيدو آهي جنهن جي چوڌاري اسلام جو سمورو عقيدو مرڪوز ٿيل آهي. ڪنهن بہ ٻئي مذهب کان وڌيڪ اهو پنهنجو پاڻ کي چوڌاري موجود عقيدن جي گهڻ خدائيت ۽ وهم پرستيءَ خلاف هڪ نمايان ردِعمل طور ظاهر ڪري ٿو: الله جي هيڪلائي ان جو هڪ وڏي ۾ وڏو عقيدو آهي. تنهنڪري جيڪڏهن اسان موجوده مذهبي سرشتن مان هن وڏ ۾ وڏ وحدانيت پرست مذهب ۾ بہ عملي طور گهڻ خدائيت جي باقيات جو هڪ وڏو عنصر لهون ـــ جيڪڏهن اسان اهو ڏسون تہ ويندي هتي بہ مري ويل جي پوڄا، جيڪڏهن مذهبي نظرئي ۾ نہ تہ مذهبي رسم ۾ هڪ مک جُزو آهي، تہ پوءِ مان سمجهان ٿو تہ اسان اهو نتيجو اخذ ڪرڻ ۾ حق بجانب هونداسين تہ اهي جزا حقيقت ۾ مذهبي سوچ جي اصل جوهر وارا جُزا هوندا آهن.

جڏهن مان پهريون دفعو الجيريا ۽ مصر ۾ عملي طور اسلام سان لهہ وچڙ ۾ آيم، مان اتان جي مسلمان آباديءَ ۾ عبادت جي اهڙن روپن جي وڏي پئماني تي موجودگي ڏسي هڪدم چرڪجي ويم، جنهن لاءِ مان ان مخصوص ۽ ڏيکاءَ واري وحدانيت پرست عقيدي جي سياءَ ۽ شريعت بابت جو ڪجهہ اڳي پڙهيو يا ٻڌو هو، تمام ٿورڙو تيار ٿيل هيس. حقيقت ۾ ٻہ نڪتا ڪنهن بہ مسافر کي زور سان ٽڪرائيندا، جنهن کي پهريون دفعو هڪ اسلامي برادريءَ جو ان جي مقامي ماحول ۾ مشاهدو ڪرڻ جو موقعو مليو هوندو آهي. پهريون آهي: عورتن طرفان قبرستان گهمڻ ۽ جمعي (اسلام جي مقدس ڏينهن) تي پنهنجن عزيزن جي قبرن مٿان روڄ ڪرڻ يا دعا گهرڻ جي عالمگير عادت. ٻيو آهي قُبن جي اڪثريت يا پهتل شخصن، فقيرن يا مقامي ولين جي باقيات مٿان اڏيل ننڍا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سفيد مسجد مقبرا. جيڪي هر ڳوٺ جي مذهب ۽ عبادت جا حقيقي مرڪز جوڙيندا آهن. اسلام عمل ۾ مري ويلن جي مقبرن جي زيارت ڪرڻ جو مذهب آهي. الجيريا ۾ هر پهاڙي علائقو هنن خوبصورت ننڍڙن سفيد گنبذن سان ظاهر ٿيل آهي جن مان هر هڪ پنهنجي مقدس ڪجيءَ جي وڻ جي چانوَ هيٺان ڪنڊيدار ناشپاتي يا اگاوي ٻوٽي جي پنهنجي ننڍي لوڙهي سان وڪوڙيل ۽ هڪ مقامي متوليءَ طرفان سار سنڀال ڪيل هوندو آهي جيڪو ان مقبري جو خيال رکندو آهي ۽ عقيدتمند جي خيرات جو ٻہ: مقدس لاش، مقدس پٿر، وڻ، کوهہ ۽ پادري/ملان ـــ مري ويل جي اصلي مذهب جو ڪو هڪ عنصر بہ کٽل نہ آهي. عقيدتمندن طرفان قُبن جون بيشمار زيارتون ڪيون وينديون آهن ۽ جمعي جي شام جو انهن مسجدن جا ننڍا سحن جوشيلن ۽ فدائي عبادتگذارن جي هڪ ميڙ سان مستقل طور سٽجي ويندا آهن. مقبري ۾ اندر مقدس ماڻهوءَ جا هڏا هڪ ٺنگيل پڃري ۾ محفوظ ڪيل هوندا آهن جنهن تي هن سرگرم پوئلڳن جون تسبيحون، تصويرون ۽ ٻيا نذرانا رکيل هوندا آهن، بلڪل رومن ڪيٿولڪ گرجا گهرن وانگر. ولي حقيقت ۾ وحدانيت پرست اسلام جو اوترو ئي هڪ وڏو ادارو آهي، جيترو اهو ڪنهن بہ ٻئي مذهب جو آهي جنهن کان مان عملي طور واقف آهيان.

مذهبِ اسلام جون هي بہ انوکايون ڪنهن بہ اجنبيءَ کي سندس وڏ ۾ وڏ اتفاقي سير تي فوراً ڏسڻ ۾ اينديون. جڏهن هو مسئلي کي ويجهڙائيءَ کان ڏسڻ لاءِ اچي ٿو تہ پوءِ هو بهرحال اهو پڻ ڏسي ٿو تہ مکيہ شهرن ۾ خود اڪثر وڏيون مسجدون اولياءُ شخصيتن جن جو سندن فوري پاڙي ۾ گهڻو يا ٿورو احترام ڪيو ويندو آهي، جي هڏن کي سانڍي رکڻ ۽ سندن روضي لاءِ ساڳئي نموني تعمير ڪيل آهن. انهن مان ڪي حقيقت ۾ ايتريون تہ مقدس هونديون آهن جو انهن جي هڏن کي ٻيڻو ڪيو ويندو آهي. بلڪل سچي صليب جي ڪاٺ جيان ۽ انهن لاءِ بہ مقبرا ٻن الڳ هنڌن تي تعمير ڪيا ويندا آهن، جتي انهن جي باقيات سموري يا ان جو حصو پوريا ويندا آهن. مان انهن مثالن مان رڳو تيونيشيا جي مقدس شهر ـــ ڪيروئن جي اهڙن مقدس روضن جو خصوصي طور تي ذڪر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪندس، جنکي سمورن سچن مغربي مسلمانن جي نظر ۾ مڪي ۽ مديني کان پوءِ ٻئي نمبر تي مقدس سمجهيو وڃي ٿو. هتي وڏ ۾ وڏ احترام لائق جڳهه ”پيغمبر جي صحابيءَ“ جو مقبرو آهي، جيڪو ڪاري مخمل ۽ چانديءَ جي پٽن سان ڍڪيل هڪ تابوت ۾ پيل آهي ـــ ايترو تدفيني هڪ يادگار جيترو ڪنهن به ٻئي هنڌ جو مونکي ڄاتل آهي. ان جي ويجهو هڪ هندستاني وليءَ جو تابوت آهي، جڏهن ته ٻيون مقدس مقبرائي-مسجدون شهر ۾ اڪثر موجود آهن. الجيئرس شهر ۾ ساڳئي نموني وڏ ۾ وڏ مقدس هنڌ صِدي عبدالرحمان جي مقبرائي مسجد يا روضو آهي، جنهن ۾ ان وليءَ جو مقبرو ۽ جسدِ خاڪي موجود آهن، جيڪو 1471 ۾ وفات ڪري ويو. هن جي چوڌاري جيئن هن جي مقدس آرامگاهه کي ٻين سان ونڊجي ورهائجي (مصرين وانگر جيڪي اوسيرس سان گڏ دفن ٿيڻ چاهيندا هئا) ڪيترن ئي ڏين ۽ پاشائن جون قبرون هونديون آهن. اولياءَ جي مقبري تي روشنيون هر وقت ٻريل رکيون وينديون آهن، جيڪي مختلف رنگن جي ڪپڙن سان ٽنگيل هونديون آهن پراڻي سامي رواج مطابق جڏهن ته جهنڊا ۽ شترمرغ جا آنا، عقيدتمندن جا تحفا، ان جي چوڌاري سينگاريل ڇت تان لڙڪندا آهن. ان کان به وڏيڪ مقدس ٻسڪرا ويجهو صِدي اقبا جو مقدس مقبرو آهي، جيڪو اسلامي دنيا ۾ عبادت جو وڏ ۾ وڏ قديم ماڳ آهي. عظيم اولياءَ جو مقبرو هڪ ميدان ۾ ڪٽرو ڪيل هوندو آهي جيڪو شاهي مسجد کان جدا ٿيل هوندو آهي، جيڪا ان جو اڳيون هال ناهيندي آهي ۽ ان ۾ چوڌاري ريشم ۽ ٻيا نفيس نذرانا ٽنگيل هوندا آهن. تليمين، ڪونسٽينٽائين ۽ ٻين مڪيه نارٿ آفريڪن شهرن ۾ سموريون مڪ مسجدون، اوليائن جي قبرن مٿان اڏيل آهن جن کي دعائن ۾ ٻاڏايو ويندو آهي ۽ جن کي عبادت جو هر عمل پيش ڪيو ويندو آهي.

سموري اسلام ۾ اسان کي اهڙيون مقدس مزار ـــ مسجدون ملن ٿيون. مديني ۾ پيغمبر جو مقبرو ان لسٽ ۾ سرِفهرست آهي، سندس ڌيءَ ٻيبي فاطمه جي هڪ جيتري مقدس مقبري سميت. شيعن لاءِ نجف ۾ حضرت عليءَ جو مقبرو ۽ ڪربلا ۾ حضرت حسين جو مقبرو ايترائي مقدس آهن، جيترو حضرت محمد جو مديني ۾ مقبرو. ايران ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امامن جي مقبرن کي تمام گهڻو پوڄيو ويندو آهي. هندستان ۾ غيب دانن جون قبرون ۽ افغانستان ۾ فقيرن جي زيارت ساڳيو رجحان ڏيکارن ٿيون. ميجر ڪونڊر چئي ٿو، "فلسطين ۾ مقامي اوليائن جي مقبرن تي عبادت، هاريءَ جي حقيقي مذهب جي ترجماني ڪري ٿي." هتي مصر بابت چند لفظ لکڻ گهرجن، جتي سڌريل مذهب ۾ مري ويل جو عقيدو هميشه کان ايڏو نمايان جزو رهيو آهي ۽ جتي نه عيسائيت ۽ نه ئي اسلام هن قديم لاڙي کي ختم ڪرڻ جي قابل ٿيو آهي. نيل واديءَ ۾ ان غيرمعمولي طريقي کان وڌيڪ ڏيان طلب ٻي ڪا شيءِ نه آهي، جنهن ۾ مري ويل کي دفنائڻ ۽ محفوظ ڪري رکڻ جون عادتون ۽ خيال سلامت رهيا آهن، باوجود مذهبي نظرئي ۾ ٻتي قيرقار جي. سڪاراهه ۽ ٿيبيز ۾ هڪ ماڻهو مقبرن جي ڳلين ۽ گهرن کان مانوس آهي، جيڪي باقاعدگيءَ سان پکڙيون پيون آهن ته جيئن سخت معنيٰ ۾ هڪ سچو مئلن جو شهر ناهجي.

قاهره کان ٿورڙو ٻاهر بريٽ جي ڪناري تي بلڪل ساڳيو هڪ جديد مئلن جو شهر اڄ ڏينهن تائين موجود آهي جيڪو ڳلين ۽ ڪوارٽرن ۾ باقاعدگيءَ سان رٿابند ٿيل آهي، جنهن ۾ هر خاندان جو مقبرو پنهنجي سحن يا لوڙهي ۾ بيٺل هوندو آهي ۽ اڪثر ڪري عام مصري گنبذ نما گهرن سان تمام نزديڪيءَ سان مشابهه هوندا آهن. مئل ماڻهن جي هن شهر ۾ رتبي ۽ دولت جو هر فرق هاڻي ڏسي سگهجي ٿو. شاهوڪار ماڻهو زبردست تعميراتي نمائش جي عاليشان مقبرن هيٺ دفنايل هوندا آهن؛ غريب ماڻهو انهن سادن مقبرن ۾ پوريل هوندا آهن، جيڪي رڳو بريٽ جي مٽاڃري کان مٿي ايريل هوندا آهن ۽ سندن سيرانديءَ ۽ پيرانديءَ تي سادا مصري ڪتبا رکيل هوندا آهن. اڄا تائين اهڙي هڪ قبرستان جو ڏيک، هڪ شهر جو ڏيک هوندو آهي. اترين فضائن ۾ مري ويل پنهنجي آخري ننڊ سرسبز ننڍن دڙن هيٺان سمهندا آهن، هڪ شهر جي ڳلين جي مڪمل طور تي ابتڙ. مصر ۾ اڄ ڏينهن تائين مري ويل ابدي گهرن جون سموريون گهٽيون ۽ ڳليون والارين ٿيا، جيئن اهي زنده هجڻ وقت والاريندا هئا. ويندي اهو جذبو جنهن احرام ۽ بادشاهن جا مقبرا پيدا ڪيا،جديد يا قرون وسطيٰ قاهره جي ان ذائقي ۾ عيان آهي جنهن اهي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گنبذن واريون وڏيون مسجدون جن کي خليفن جا مقبرا ۽ مَيمِلُڪس جا مقبرا سڏيو وڃي ٿو، ناهيون.

قديم ميمفيس جي پاڙي ۾ جيڪا بہ وڏي عمارت آهي، جاچ پڙتال تي اها هڪ مري ويل ماڻهوءَ جي آخري آرامگاهہ ۽ پوڄا جي هڪ جڳهہ نڪرندي.

قاهره جي وڏين مسجدن مان تقريباً هر هڪ يا تہ هڪ حڪمران طرفان خود پنهنجي لاءِ ٺهرايل مقبرو آهي ۽ هي وڏيڪ عام معاملو آهي يا اسلام جي ڪنهن وليءَ جو پاڪ مقبرو/مزار آهي. بهرحال اها مصر جي امتيازي ڳالهہ آهي، جتي بادشاهہ ۽ ديوتا هميشہ ايترو ويجهي کان مليل رهيا آهن: جڏهن تہ ٻئي هنڌ مسجد عام طور تي هڪ پاڪ ماڻهوءَ جو عبادت-مقبرو هوندي آهي. قاهره ۾ اها عام طور هڪ سلطان، هڪ امير، هڪ نائب يا هڪ گورنر جو يادگار عبادتگاهہ هوندي آهي. اهو معلوم ڪرڻ پڻ دلچسپ آهي تہ جڏهن اسان استخاري سسيءَ جو خاص تقدس ڏسي آيا آهيون، شايد هنن مسجدن مان وڌ ۾ وڌ پاڪ مسجد ۾ حضرت حسين ـــ حضرت محمد جي ڏهٽي، جي سِسي پيل آهي. ان جي تقريباتي غسل جو ان جي ڪهاڻيءَ جي ترجمي ۾ خصوصي طور تي ذڪر ڪيل آهي.

مان بهرحال اسلام جي حدن ۾ ان اهم حقيقت جو ذڪر ڪرڻ کان وڌيڪ وقت نہ گذاريندس تہ اسلامي دنيا لاءِ عبادت جي عظيم مرڪزي شيءِ مڪي ۾ موجود ڪعبتہ الله شريف آهي، جيڪو جيئن مسٽر وليم سمپسن گهڻو اڳ نشاندهي ڪري چڏي آهي تہ هڪ ئي وقت هڪ مقبرو هجڻ ۽ قربانگاهہ جي هڪ مقدس پٿر هجڻ جون واضح نشانيون رکي ٿو. هن صوفياڻي شيءِ جو سر رچرڊ برٽن جو اصلي خاڪو ڏيکاري ٿو تہ اهو هڪ چورس ۽ اڻ سينگاريل عبادتگاهہ مقبرو هو، جيڪو هميشہ کان هڪ جهالر واري ڪاري مخملي ڪپڙي ـ هڪ وڏ ۾ وڏ تدفيني شيءِ، ”مقدس قالين“ سان ڍڪيل رهيو آهي.

اهو حقيقت ۾ هڪ سادو تابوت آهي. جيئن تہ ڪعبتہ الله شريف کي حضرت محمد طرفان عربستان جي اوائلي سامي گهڻ خدا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پرستيءَ کان سڌو سنئون اپنايو ويو هو ۽ جيئن ته انکي هميشه کان ضرور ساڳي عزت ڏني پئي ويندي رهي آهي، مان نه ٿو سمجهان ته اسان پاڻ کي هن واضح نتيجي کان بچائي سگهون ٿا ته هي تمام قديم مقبرو هوبهو ساڳئي انداز ۾ تدفيني طور پنهنجي پهرين اڏاوت کان وٺي ڏٺو پئي ويندو رهيو آهي، جيئن سڪارا، الجيريا ۽ ڪيروئان جا مقبرا. اهڙي طرح هي مثال اشيرا جي ڏڪڻ تي روشني وجهي ٿو، جيئن الجيريا ۽ تيونس ۾ اوليائن جي تابوتن تي مختلف رنگن جا ڪپڙا ۽ شيون لٽڪايون وينديون آهن. نه ئي مان محرم جي سانحي جو هڪ مختصر ذڪر ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي سگهان ٿو، جنهن لاءِ چيو وڃي ٿو ته حضرت حسين ـــ حضرت علي جي فرزند جي موت جي يادگيري آهي (جنهن جو مقدس جسدِخاڪي قاهره ۾ محفوظ ڪيل آهي). هي ماتم جو هڪ اهڙو روپ آهي، جنهن ۾ حضرت حسين جي موت سان ڳنڍيل سمجهيا ويندڙ واقعا ڊرامائي انداز ۾ پيش ڪيا ويندا آهن ۽ اهو مقدس ادونس-جهڙي يا اوسيرس-جهڙي جلوس تي ختم ٿيندو آهي جنهن ۾ وليءَ جو تابوت کڻي هلبو آهي ۽ مٿان ماتم ڪبو آهي. جنازو ان جلوس جو وڏي ۾ وڏو حصو هوندو آهي: مقدس لاش لاءِ تابوت تعمير ڪيا ويندا آهن، جن کي ساون ۽ سونن ورقن سان ڍڪيو ويندو آهي، سائو رنگ بظاهر ساوڪ جي ديوتا جو آخري يادگار آهي. بمبئي ۾ جنازي ۽ تابوت کي گهٽين ۾ ماتم ۽ آهه زاري سان گهمائڻ کانپوءِ نيٺ سمند ۾ ٻوڙيو ويندو آهي، بادشاهه ڪارنيوال وانگر. مان سمجهان ٿو ته اسان کي مشڪل سان ان ڳالهه ۾ شڪ ڪرڻ گهرجي ته هتي اسانکي اناج ديوتا جي رسمنَ جو هڪ جلد وسري ويندڙ يادگار ملي ٿو، جيڪو هڪ برساتي سائي ۾ ختم ٿئي ٿو ۽ تمام ويجهڙائيءَ کان ادونس ۽ اوسيرس جي رسمن سان مشابهت رکي ٿو.

پر جيڪڏهن اسلام ۾ عبادت جون عظيم شيون مڪي ۾ ڪعبته الله شريف جو مقبرو ۽ مديني ۾ رسول الله جو مقبرو آهن، ته اهڙي طرح عيسائيت لاءِ دنيا ۾ وڏ ۾ وڏ پاڪ هنڌ ـــ مقدس قبر آهي. اهو حج جي ان وڏ ۾ وڏ مقدس جڳهه جي قبضي حاصل ڪرڻ لاءِ هو جو عيسائي قرون وسطيٰ دوران مسلمانن سان وڙهيا ۽ اهو اتي آهي جو جڏهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ انساني يسوع مسيح ۾ عقيدو مضبوط ۽ شديد رهيو، وڌ ۾ وڌ قابلِ تعريف حجن جي گهٽي اڪثريت ان طرف ئي جاري رهي. بهرحال عيسائيت ۾ گهٽي قدر ۽ خاص طور تي عيسائيت جي انهن حصن ۾ جيڪي فلسطين ڪان پري هئا، ماڻهن پنهنجو پاڻ کي قريبي ۽ وڏيڪ گهريلو ولين تائين محدود رکيو. تمام اوائلي زماني کان اسان قبرستانن ۾، انهن مري ويل ماڻهن جي لاشن کي عبادت پيش ڪرڻ جي هن رسم جي اوسر ڏسون ٿا، جيڪي يسوع مسيح ۾ سمهيا. هڪ گرجا گهر، جيئن ڊين برگن ڏسيو آهي، جو اصل ۾ مطلب قبرستانن جي ديوارن ۾ هڪ محرابي قبر هو، جتي بعد ۾ عادتاً دعا پيش ڪئي ويندي هئي ۽ زمين کان مٿي وارا گرجا گهر بعد ۾ هنن قديم زيرِزمين مقبرن جي نقشي تي ٺاهيا ويا. مون مختصراً پنهنجي ٻئي باب ۾ صليب جي شڪل جهڙي چرچ جي، قبرستان جي گوني ڪنڊ تي ڪراس ڪنڊڙ ٻن گيلرين مان امڪاني ٻڻ ٻڻياد ڏانهن اشارو ڪري ڇڏيو آهي. اعليٰ قربانگاهہ هڪ مري ويل ـــــ اولياءَ جي لاش يا نشانيءَ مٿان ڪڙوتيل هوندو آهي ۽ گرجا گهر ٻين ننڍن مقبرن جي ترجماني ڪندا آهن، جيڪي انهن چوڌاري موجود قبرستانن ۾ ڪُڏن وانگر گڏ تيل هوندا آهن. اهڙي طرح هڪ گرجا گهر، جيئن مسٽر هربرٽ اسپينسر انکي سڏي ٿو، ”هڪ مقبري اندر هڪ مقبرو“ ۽ هڪ عظيم چرچ اهڙن گڏيل مقبرن جو هڪ جهڳٽو ٿيندو آهي، هڪ ٻئي جي پرسان تعمير ٿيل. ڪڏهن ڪڏهن گرجا گهر اصلي قبرون هوندا آهن، ڪڏهن اهي خالي قبرون هوندا آهن پر سندن موت سان رشتو هميشہ هڪجيترو عيان هوندو آهي. هن موضوع تي مان پڙهندڙ کي وري مسٽر اسپينسر جي صفحن ڏانهن رجوع ڪندس.

جيتري وقت تائين عيسائيت روم ۾ ۽ سڄي سلطنت ۾ پابنديءَ هيٺ رهي مري ويلن جي پوڄا ضرور خاموشيءَ سان جاري رهي هوندي ۽ ضرور قبرستانن ۾ مرڪوز تيل هوندي يا ولين ۽ شهيدن جي قبرن تي ٿيندي هوندي، جيڪي اوائلي مذهبن جي رضامند قربانيءَ جي شڪار ماڻهن جا عملي طور صرف عيسائي جانشين هئا. بهرحال جڏهن عيسائيت فتح ماڻي چڪي هئي ۽ نہ رڳو سرڪاري مڃتا پر سرڪاري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عزت بہ حاصل ڪري چڪي هئي، شهيدن ۽ ٻين وفادار مئلن جو عقيدو، عيسائي روم ۾ هڪ مڪمل جوش بڻجي ويو. پاڪ معصوم، سينٽ اسٽيفن پروٽومارٽر، ڏهن سزائن جا گمنام شهيد، پوليڪارپ وِويا پرپيچوئا، فيليسيٽاس، اِگنيٽيس ۽ ٻيا سمورا شهيد چرچ کان عزت و احترام جو اهو روپ حاصل ڪرڻ لڳا، جنهنکي رڳو مذهبي ذهن جا نفيس فرق ئي اصلي عبادت کان الڳ ڪري سگهڻ جي قابل هئا. روينا ۾ سينٽ اپولينيئر نيووو جي فن پارن ۾ يسوع مسيح لاءِ قتل ٿيلن جو عظيم جلوس هنن اوائلي ترين ولين مان وڏيڪ اهم ولين جي هڪ سني قابلِ فهم فهرست ڏئي ٿو (گهٽ ۾ گهٽ آرين پوڄارين لاءِ)، جن جي سرواٽي سينٽ مارٽن، سينٽ ڪليمنٽ، سينٽ جسٽن، سينٽ لارينس ۽ سينٽ هپوليٽس ڪن ٿا.

بعد ۾ وڏيڪ ڏندڪٿائي ۽ شاعراٽيون هستيون آيون جيڪي بظاهر گهڻ خداپرست ماڻهن جي ديوتائن مان ورتل هيون — سينٽ ڪيٽرائن، سينٽ باربرا، سينٽ جارج، سينٽ ڪرسٽوفر. هي سڀ جيئن اڳتي هلن ٿا خود يسوع مسيح ۽ سندس ماءُ مريم جي صورتن چوڌاري بيهي هڪ مڪمل نئين ديومالا ناهن ٿا، جنهن ۾ مريم، اسس، ايستاري ۽ ارتمس کي سموئڻ ذريعي تيزيءَ سان بهشت جي راڻي بڻجي وڃي ٿي.

اوائلي عيسائين جون محبت دعوتون اڪثر شهيدن جي لاشن مٿان قبرستانن ۾ يا ٻئي هنڌ ڪيون ويندي‌ون هيون. بعد ۾ ولين طور مري ويلن جون باقيات نوابي چرچن ۾ منتقل ڪيون ويون جيئن سينٽ اگنيز ۽ سان پئولو، جتي اهي قربانگاهه يا مقدس پٿر، جيڪو اهڙي طرح مقدس بڻايو ويو هو جو ان جي چوٽيءَ تان يسوع مسيح جو جسم ۽ رت آخري رات جي مانيءَ جي رسم ۾ تقسيم ڪيا ويندا هئا، هيٺان محفوظ ڪيون ويندي‌ون هيون. ايترو سوير جيترو چوٿين صدي اسانکي خبر آهي تہ ڪوبہ چرچ ڪنهن اهڙي نشانيءَ کانسواءِ مڪمل نہ هوندو هو ۽ ان وقت کان وٺي شهيدن لاءِ جوش ايترو تہ گهٽو ڦهليو جو هڪ وقت تي سينٽ پراسيد ۾ پاڪ ماڻهن جا 2300 لاش ڪني پوريا ويا هئا. اهو رڳو خود روم ۾ آهي تہ هن شهيد-پوڄا جي مڪمل اهميت کي هاٽي سني


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نموني سمجهي سگهجي ٿو يا عيسائيت جي اوسر ۾ ان جيڪو وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي مناسب نموني مڃي سگهجي ٿو. پروٽيسٽنٽ پڙهندڙ لاءِ موضوع جي هن پاسي سان پاڻ کي رابطي ۾ رکڻ واسطي شايد آسان ترين رستو آهي، مسز جيمسن جي ڪتاب ”سيڪريڊ اينڊ ليجنڊري آرٽ“ جي ٻئي جلد ۾ ڏنل بيحد دلچسپ ۽ تصويري تفصيل کي ڪتب آڻڻ مونکي هتي چند واضح مثالن ڏيڻ لاءِ جڳهه آهي.

جڏهن سينٽ ايمبروز، ملن ۾ پنهنجي نئين چرچ جو بنياد وڌو، هن چاهيو ته ان کي ڪنهن متبرڪ تبرڪ سان پاڪ ڪري. هڪ ڏيکاريءَ ۾ هن چمڪندڙ ڪپڙن ۾ ٻن نوجوانن کي ڏٺو ۽ هن مٿان آشڪار ٿيو ته اهي ٻه نوجوان پاڪ شهيد آهن جن جا جسدِ خاڪي ان هنڌ پرسان پوريل آهن جتي هو شهر ۾ رهيو ٿي. هن انهن لاءِ ان هنڌ تي زمين کوٽي ۽ اتي ٻه لاش لڌا جيڪي ٻن ولين گرويسيس ۽ پروٽيسيس جا هئا، جن نيرو جي دور حڪومت ۾ عيسائي عقيدي ڪري سزا ڪاڌي هئي. انهن جي لاشن کي ملن ۾ نئين چرچ امبروز ۾ رکيو ويو.

سينٽ ايگنس ولي ۽ شهيد جو جسدِخاڪي جنهن کي هميشه ان جاتل سڃاتل نشان — ڇيلي سان ظاهر ڪيو ويندو آهي جنهن کي هن نقل ڪيو ٿي، روم ۾ پورٽاپويا ڪان پري سينٽ ايگنس جي وڏي قربانگاهه هيٺ هڪ پٿر جي تابوت ۾ پيل آهي. سينٽ سسيليا جو لاش ٽريسٽيويئر ۾ سنتاسسيليا جي چرچ ۾ پيل آهي. روم ۾ تقريباً هر چرچ کي پنهنجي هڪ سنياليندڙ وليءَ جو هڪ پورو لاش هوندو آهي، جيڪو اڪثر ڪري اوائلي اذيتن جو هڪ شهيد هوندو آهي. ڪئٿولڪ چرچ جو عظيم مرڪزي مندر روم ۾ سينٽ پيٽر جو چرچ آهي. صليبيل وليءَ جو جسدِخاڪي، هڪ اوچي مقتل هينان هڪ پٿر جي تابوت ۾ آرام پذير هوندو آهي جنهن کي سينٽ سيباستيانو پرسان موجود قبرستان مان ڪڍي آندو ويو هو. هن پهاڙ مٿان سينٽ پيٽرڪ چرچ ۽ ڪئٿولڪ چرچ جو بنياد رکيل آهي.

اينا ڪليٽس — ڪليمينٽ جي جانشين رحمت هيٺ آيل پيٽر جي هڏن مٿان هڪ يادگار اڏيو ۽ جيڪڏهن پيٽر کو هڪ تاريخي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شخص آهي. تہ مونکي ان ڳالھ ۾ شڪ ڪرڻ جو ڪوبہ سبب نہ ٿو نظر اچي تہ هن جو حقيقي لاش اصل ۾ اتي پيل آهي. سينٽ پال بہ ان ساڳئي روضي ۾ هن سان گڏ پيو آهي پر ٻنهي لاشن مان رڳو اڌ هاڻي پاپال چرچ جي تياري هال ۾ شاهاڻي اعتراف سان پيو آهي: سينٽ پيٽر جي لاش جو ٻيو حصو ليٽيران کي شرف بخشي ٿو ۽ سينٽ پال جي لاش جو ٻيو حصو سان پئولو فوري لي مورا چرچ کي تقدس بخشي ٿو.

روم ۾ ٻيا گھڻا احترام لائق لاش آهن: قوئترو ڪوروناتي جو لاش، ساڳئي نالي واري چرچ ۾، سينٽ پريڪسيڊس ۽ سينٽ پڊينشيانہ جا لاش پنهنجن نالن وارن چرچن ۾، سينٽ ڪاسموءِ سينٽ دميان جا لاش ۽ ڪيترائي ٻيا جيڪي هتي ذڪر ڪرڻ لاءِ تمام گھڻو بيشمار آهن. رومن چرچن مان ڪيترائي جيئن سَن ڪليمينٽي ان سنت جي گھر جي هنڌ تي ٻينل آهي، جنهن ڏانهن اهو اربيل آهي يا جنهن جي لاش کي اهي ساندين ٿا: اهڙي طرح اهي اوائلي نيو ڳني جي رسم کي ياد ڪرائن ٿا. ٻيا چرچ هن جي مبينہ شهادت جي هنڌ تي واقع آهن يا ان ٿنڀي جي چوڌاري موجود آهن، جنهن سان هن کي ٻڌو ويو هو. وينس ۾ سان ذڪاريا جي واحد چرچ ۾ وري مون سينٽ ذڪارياس (جان-ڊِي بئپٽسٽ جو پيءُ)، سينٽ سبينا، سينٽ تاراسيس، سينٽ نيريوس ۽ اڪيلس ۽ ٻين ڪيترن اوليائن جا مڙھ ڏٺا.

هڪ وليءَ جي اصلي لاش يا مَمي جي حاصلات کي ڪيتري گھڻي اهميت ڏني ويندي هئي، اسان اهو وينس جي هن مثال ۾ انتهائي بهتر انداز ۾ ڏسون ٿا. سينٽ مارڪ جو لاش يا مَمي اليگزينڊريا کان لگونس آڻڻ کي گھڻي عرصي کان ان جمهوري ملڪ جي تاريخ ۾ وڏ ۾ وڏ اهم واقعو سمجھيو ويندو هو: اهو چرچ جنهن ۾ انکي رکيو ويو هو عيسائيت ۾ سيني کان وڏيڪ شاهاڻو آهي ۽ سينٽ مارڪ جي ان شهر ۽ ماڻهن سان رشتي جي رڪارڊن جو هڪ اڻکٽ سلسلو رکي ٿو، جن هن جو ايڏو شاهاڻي انداز ۾ آدرياءُ ڪيو. رڳو اهوئي واحد اهم مددگار نہ هو جنهن تي وينس کي ناز هو. ان سَان جارجيوميگيوري ۾ سينٽ جارج جو لاش ۽ سَان نڪولوڊي ليڊو ۾ سينٽ نڪولس جو لاش پڻ رکيو ٿي. ٻوجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مهاڻي جي خوبصورت ڪهاڻي (جيڪا اسان لاءِ پئرس بورڊون جي قلم امر بڻائي ڇڏي آهي) پنهنجي هڪ شاهاڻي تصوير ۾ جيڪا دنيا ڪڏهن ڏٺي آهي، اسان کي ٻڌائي ٿي ته ڪيئن ٽن عظيم رکوال ولين ــ سينٽ مارڪ، سينٽ جارج ۽ سينٽ نڪولس، هڪ ڏينهن پنهنجن پنهنجن چرچن مان هڪ ٻيڙي ڪنئي ۽ هڪ تيز طوفان ۾ شيطانن کي پڄائڻ لاءِ سمنڊ ۾ ڪاهي پيا، جيڪي وينس کي تباهه ڪرڻ جي هڪ لالچ ۾ اچي رهيا هئا. بعد جي زماني جو هڪ چوٿون ولي جنهنکي پڻ وينس وارن ڏوڪي سان ٻنا اجازت ڪنيو، سينٽ روچ آف مونٽپيليئر هو. هي نيڪ ماڻهو پليگ خلاف جنهن جي گهڻي خطري ۾ اهو شهر پنهنجي اپرندي تجارت ڪري آيل هو، هڪ تمام وڏو صفائيءَ وارو احتياط هو، تنهنڪري وينس جي ماڻهن ڏوڪي سان هن جو لاش مونٽپيليئر مان چورايو ۽ هن جي شان ۾ نهايت خوبصورت چرچ ۽ اسڪولا ڊي سان روڪو ــ تنتوريت جي فنونِ لطيفه جو عظيم ميوزيم تعمير ڪيا. اها حقيقت ته پاڪ لاش جي رڳو مالڪي ئي پنهنجو پاڻ ۾ وڏي اهميت رکي ٿي، هنن زبردستي اغوائن کان وڌيڪ بهتر نمُوني نه ٿي ڏيکاري سگهجي.

سينٽ نڪولس جو لاش، جيڪو ليشيا ۾ مائرا جو هڪ وڏي احترام وارو پادري هو جيئن مان چيو، وينس جي سان نڪولو دي ليدو جي وڏي قربانگاهه هيٺ پيو آهي. پر ساڳئي عظيم وليءَ جو ٻيو ۽ وڌيڪ مستند لاش سيلانين جو رکوالو ۽ اسڪولي ٻارن جو رکوالو باري ۾ سان نڪولا جي عاليشان چرچ جي وڏي قربانگاهه هينان پيو آهي، جنهن صورتحال ڪري هي پاڪ پادري عام طور تي سينٽ نڪولس آف باري جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي. هڪ معجزاتي پاڻيان ـــ دِي مَنادِي باري پرهيزگارن طرفان تمام گهڻي قدر واري، ان جي باقيات مان ٻاهر نڪرندي آهي. قبر مٿان هڪ خوبصورت چرچ ڪڙو ڪيل آهي. لاشن ۽ تبرڪن جا اهڙا هوبهو بهروپ عيسائيت ۽ اسلام ٻنهي ۾ انتهائي عام آهن. مثال طور سينٽ آگستين جو لاش پاويا ۾ هڪ عاليشان صندوق ۾ رکيل آهي، جيڪو انسان جي ذاهپ طرفان ڪڏهن ڪڙو ڪيل هڪ وڏ ۾ وڏ بيش بها يادگار آهي ۽ اهو وڏ ۾ وڏ پيارو پڻ آهي. پدوئا ساڳئي نموني سينٽ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انٽوني آف پدوئا جي لاش ڪري پڏندو آهي، جنهن کي مقامي طور ”اِل سانٽو“ جي نالي سان ڄاتو ويندو آهي ۽ جيڪو پنهنجي شهر ۾ ٻي سموري عيسائي ديومالا کان تمام گهڻو اهم هو. ڊومينيڪا جا راهب ۽ راهبائون ٻرلوگنا جا حج ڪندا آهن ته جيئن سينٽ ڊومينڪ جي لاش جي عزت ڪجي جيڪو ان شهر ۾ مري ويو هو ۽ جنهن جو لاش هن ڏانهن منسوب ڪيل چرچ ۾ هڪ عاليشان پٿر جي تابوت ۾ بند پيو آهي. سينا کي پنهنجي خاص شان لاءِ سينٽ ڪيٿرائن-بي آهي، پهرين سينٽ ڪيٿرائن هئي ڏنڪٽائي پرنسيس آف اليگزينڊريا ۽ هن وجداني راهبا جو گهر اڃا تائين متقين جي عبادت لاءِ صحيح سالم محفوظ ڪيل آهي. هن جي منڍي جيڪا هڪ چانديءَ جي سيج يا دٻي ۾ پيل آهي، سان ڊومينيڪو ۾ هن جي گرجا گهر جي قربانگاهه کي سينگاري ٿي، جتي سڊوما جا مشهور ديواري نقش اڪثر ڪري اتر جي سياحن جو سجو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪائن ٿا. هن سان قاهره ۾ رکيل حضرت حسين جي سر مبارڪ کي پيٽيو. آسيس ۾ عظيم فرانسيڪن چرچ ۾ فرانسيڪنس جو بنياد وجهندڙ جون باقيات وڏي قربانگاهه جي هيٺان پيل آهن. ان جي هيٺان سانتا ماريا ڊيگلي اينجيلي جي چرچ ۾ هڪ ننڍڙي جهوپڙي آهي جيڪا نئين طرز جو پهريون گهر هو.

وري يورپ جي آلپس پهاڙين جي اتر مان چند نمايان مثال ڏيڻ ڪان مان پاڻکي روڪي نه ٿو سگهان، جيڪي اڳ ئي بيان ڪيل اصولن تي زور ڏيڻ ۾ مدد ڪن ٿا. پئرس ۾ ٻه وڏا مقامي اولياءَ آهن: سينٽ ڊينس ۽ سينٽس جنيويوي. سينٽ ڊيوس لُٽيتيا ۾ پئريسي جو پهريون پادري هو: هن لاءِ چيو ٿو وڃي ته هن کي پنهنجن ٻن ساٿين سميت مونٽمارٽي ـــ مونس مارٽرم وٽ شهيد ڪيو ويو هو. پوءِ هو ان هنڌ (جيڪو هاڻي ننڍڙي چرچ آف سينٽ پيري سان ڍڪيل آهي) کان پنهنجي سِسي پنهنجن هٿن ۾ جهلي ان جڳهه تائين گهمندي ويو، جتي هن پاڻ کي پوترتا سان دفن ڪرڻ جي خواهش ڪئي هئي.

ڪيتولا نالي هڪ متقي عورت جون آخري رسمون ان هنڌ ادا ڪيون ويون جتي عاليشان ايبي چرچ آف سينٽ ڊينس هاڻي هن جي ياد محفوظ ڪري ٿو. جيستائين سينٽس جنيويوي جو تعلق آهي ته هوءَ پهريان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان چرچ ۾ آرام پذير هئي جيڪو هن ڏانهن منسوب ڪيل هو، جنهن جي جاءِ هاڻي ديومالا والاري آهي جيڪا جيتوڻيڪ سيڪيولر تي وئي آهي پر پوءِ بہ جزوي طور تي هن جي ياد کي اجا سانديي ٿي. هن جو جسدِخاڪي (يا جو ڪجهہ بہ ان جو بچو آهي) هن وقت قريبي چرچ آف سينٽ اينٽيني ڊومانٽ ۾ پيل آهي.

ٻيا جاتل سڃاتل مثال هر ماڻهوءَ آڏو ايندا جيئن ميگي يا ٽن بادشاهن جا ڪولون وٽ هڪ وڏي چرچ جي تبرڪن واري ڪمري ۾ سانديل هئا: سينٽ اُرسلا ۽ 11000 ڪنوارين جا هڏا: سينٽ اسٽيفن ۽ سينٽ لاسيس جا روم ۾ محفوظ ڪيل هڏا: سينٽ هُبرٽ جا اردينيس ۾ ساڳئي نالي واري شهر ۾ قبر کان ٻاهر ڪڍيل صحيح سلامت هڏا: ۽ سينٽ لانگينس جا منتوئا ۾ سندس گرجاگهر ۾ پيل هڏا. هي سمورا تبرڪات ۽ لاش حيرت انگيز معجزا ڪن ٿا ۽ اهي سڀ هڪ ڳچ عرصي تائين اهم عقيدن جا مرڪز رهيا آهن. برطانيہ ۾ عيسائيت جي پهرين منزلن کان وٺي ولين جي لاشن کي پيش ڪيل عزت ۽ احترام تمام گهڻو نمايان رهيو هو ۽ سندن سيرن سفرن جي ڪهاڻي اسانجي اوائلي تاريخ جو هڪ اهم حصو ناهي ٿي. حقيقت ۾ مان هن نڪتي تي ايتري گهڻي دير تائين ترسيو آهيان ان ڪري تہ جيئن اجوڪي دور جا ڪجهہ اتريان ماڻهو مڪمل طور تي اهو وڏو ڪردار سمجهي سگهن، جيڪو مئل جسم/لاش، عيسائي عبادت ۾ ڪيترين صدين کان ادا ڪيو آهي ۽ ڪري چڪو آهي. مون وانگر رڳو اهي ماڻهو جيڪي مڪمل طور تي ڪئٿولڪ ملڪن ۾ ڳچ عرصو رهيا آهن ۽ بيشمار مشهور مقبرن جا حج ڪري چڪا آهن ۽ اينگلو سيڪسن ۽ بين اوائلي قرونِ وسطيٰ جي دستاويزن جي ٿهن کي پڙهيو آهي، حقيقت ۾ عيسائي اولياشاهي جو هي ڏاڪو سمجهي سگهندا. اهڙن ماڻهن آڏو اهو ڪثير انداز ۾ چٽو آهي تہ ڪنهن اوليا ٿيل مرد يا عورت جو اصلي جسدِخاڪي ڪيترن ئي هنڌن تي لڪين عيسائين لاءِ سندن هڪبئي پويان ايندڙ پيڙهين ۾ مذهبي احترام جي مکيہ شيءِ رهندو آيو آهي. هڪ سنو برطانوي مثال سينٽ ڪٿبرٽ جي لاش جي معاملي ۾ ملي ٿو. انجي سيروسياحت جي ڪٿا ڊرهام جي ڪنهن بہ سني تاريخ ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڙهي سگهجي ٿي.

پر برطانيہ ۾ هر هنڌ اسانکي ساڳيا مقامي اولياءُ ملن ٿا، جن جي لاشن يا هڏن عجيب معجزا ڪري ڏيکاريا ۽ جن کي مقدس شين جي بي حرمتي ڪندڙ دخل اندازن کان جوش سان بچايو ويندو هو. خود بيدي اڳ ئي اهڙن پاڪ لاشن سان پريل آهي ۽ بعد جي ڏهاڙن ۾ اهي سَون جي تعداد ۾ وڌيا. سينٽ البان، سينٽ البان جي چرچ ۾ جيڪو برطانيہ جو اولين شهيد هو؛ سينٽ آسوالڊ جو "اچو هٿ"، جيڪو جڏهن بيو سڀ ڪجهہ ختم ٿي ويو اچو ۽ اڻ بگاڙيل رهيو ڇاڪاڻ تہ اهو ايدان طرفان رحمت ڪيل هو؛ ايلي وٽ سينٽ اٿيلڊريڊا هڪ وڌيڪ نمايان واضح مثال؛ ويسٽ منسٽر ايبي وٽ ايڊورڊ ـــ ڊي ڪنفيسر؛ هي سَون مثالن مان رڳو ٽورڙا مثال آهن، جيڪي اسان جي تاريخ جي شاگردن آڏو يڪدم ايندا ۽ مان اهو واڌارو ڪندس تہ ڪڏهن هنن ولين جا قصا اسان کي غيرمتوقع طور تي گهڻ خدائي پوڄا جي تمام گهٽن اوائلي قسمن سان جوڙن ٿا، جيئن جڏهن اسان سينٽ ايڊمنڊ آف اِيسٽ اينگليا، بري سينٽ ايڊمنڊ جي نگران جي سلسلي ۾ پڙهون ٿا تہ انگوار ـــ ڊي وائڪنگ هُن کي زبردستي ڪٽي ويو، ڪيس هڪ وڻ سان ٻڌو، هن کي ظالماڻي نموني ڪوڙا هنيا، ڪيس ملحد ڊينس جي تيرن جو نشانو بڻايو ۽ آخر ۾ نيٺ هن جو سر قلم ڪيو. مان چوان ٿو هي يا تہ اترين غيراهلِ ڪتاب وارن جي هڪ ديوتا-ناهيندڙ قرباني آهي يا جي ائين نہ تہ پوءِ اها هڪ يادگيري آهي سينٽ سيباسٽيان جيان، اهڙن ديوتا-ناهيندڙ رسمن جي جيئن اهي اوائلي شهيدن جي قصن ۾ سانديل آهن.

پر بعد ۾ قرونِ وسطيٰ دوران ٻين سيني کان مٿي برطانيہ جو مقدس لاش بيشڪ ڪئنٽربري وٽ ٿامس اي بيڪيٽ جو لاش هو. هتي جيئن اسان کي خبر آهي سموري انگلينڊ حج تي وئي ٿي ۽ اهڙن معاملن ۾ ان حقيقت کان وڌيڪ ٻي ڪاشيءِ وڌيڪ ڀرپور نموني اوليائن جي سرڪاري مجتا جي عمل جي تيزي نہ پئي ڏيکاري سگهي جيتري اها حقيقت تہ ويندي طاقتور هينري ٻئي کي بہ پنهنجو پاڻکي پنهنجي پراڻي دشمن جي جسدِ خاڪي آڏو منهن ڀر جهڪڻو پيو هو ۽ نئين نهيل شهيد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مقبري تي سرعام ڪوڙن ڪاٺڻ لاءِ ٻاڻڪي پيش ڪرڻو پيو هو. سينٽ ٿامس آف ڪئنٽربري جي مرڻ کان ڪيترا سو سال پوءِ ان ۾ ڪوبہ شڪ نہ ٿو ٿي سگهي تہ سينٽ ٿامس آف ڪئنٽربري جو مسلڪ سڄي انگلينڊ ۾ وڏ ۾ وڏ حقيقي ۽ زنده عبادت هئي: عوامي همدرديءَ ۾ ان جو واحد مخالف همبر جي اتر ۾ سينٽ ڪٿبرٽ جو مسلڪ ۽ ايرنڊين ڪائونٽيز ۾ سينٽ ايٿيلڊريڊا جو مسلڪ هئا. تحريڪ اصلاح عيسائيت کان اڳ برطانيہ ۾ خاص طور تي پاڪ سِپيون عام هيون. هڪ ڄاتل سڃاتل اسڪاٽش مثال سينٽ فرگس بانف ۽ پڪتش ٻهاڙي علائقن جي رسول جي سر جو آهي، جيڪو اسڪون جي شاهاڻي گديءَ ڏانهن منتقل ڪيل آهي ۽ اتي محفوظ ڪيل آهي. ”باءِ سينڪٽ فرگس هيڊ ائٽ اسڪون“، اسڪاٽش بادشاهن جو پسنديده قسم هوندو هو، جيئن سندن فرانسيسي همعصرن جو هي قسم هوندو هو، ”پارسئنڪٽ ڊينيس“.

وري هنن سمورن مثالن ۾ ۽ اڄ ڏينهن تائين عوامي قدرداني سرڪاري رومن اولياءَ مقرر ڪرڻ جي تقريب کان گهڻو وقت اڳ هلي ٿي. معجزا پهريان مقبرن تي ڪيا وڃن ٿا ۽ دعائن جو جواب ڏنو وڃي ٿو: هڪ بي قاعده مسلڪ هڪ باقاعده مسلڪ کان پهريان ايندو آهي. حتاڪ اسان جي پنهنجي زماني ۾ ڪارڊينل مئننگ جي موت کان رڳو چند هفتا پوءِ لنڊن جي ڪئٿولڪ اخبارن ۾ اشتهار ڇپيا جن ۾ اسان جي شهزادي، اوليائن ۽ اسان جي پياري مک پادري جي مداخلت ذريعي حاصل ڪيل روحاني ۽ دنيوي رحمتن لاءِ ٿورا مڃيا ويا.

هيءَ (اوليائن جي) عوامي مڃتا اڪثر ڪري باقاعده سرڪاري مڃتا کان گوءِ کٽي ويندي آهي، جيئن فرانس ۾ اڄ ڏينهن تائين جون آف آرڪ يا قرونِ وسطيٰ جي ڪينٽ ۾ ”ميسٽر جان شارن —— رحمت هيٺ چاول ماڻهو“ جي معاملي ۾ ٿيو آهي. ويلس ۽ ڪارنوال مقامي ۽ حب الوطن ولين/ سنتن سان پريل آهن، اڪثر مشڪوڪ ڪئٿولڪ بنياد وارا جيئن سينٽ ڪيڊوڪ، سينٽ پئڊرن، سينٽ پيٽراڪ، سينٽ پائرن، سينٽ روئان ۽ سينٽ ٽئڊ: ان ۾ وڌيڪ مڃيل مثالن جهڙوڪ سينٽ اساف ۽ سينٽ ڊيوڊ جو تہ ذڪر ئي ناهي. حقيقت هيءَ آهي تہ ماڻهن هر هنڌ هڪ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قريبي، هڪ جاتل سڃاتل هڪ تازي ۽ موجود ديوتا يا وليءَ جي هڪ فطري خواهش محسوس ڪئي آهي. هنن پراڻن ديوتائن ۽ پرانهن شهيدن بدران جن جو ڪو به جسدِخاڪي هنن وٽ موجود ناهي، نه انهن جو ڪو ذاتي مقبرو، نه مقامي واسطو، نه هنن وٽ انهن جون زنده يادون آهن، انهن مري ويلن جي پوڄا ڪئي آهي جن کي هنن پيار ڪيو ۽ خود انهن جو احترام ڪيو. مسٽر هربرٽ اسپينسر جو هڪ فرانسيسي نامه نگار چئي ٿو، "مون برٽني ۾ هڪ متقي ۽ ماڻهن جي خدمت ڪندڙ پادريءَ جو گلن سان ڍڪيل مقبرو ڏٺو آهي، سَون جي تعداد ۾ ماڻهو هن وٽ اها دعا گهرڻ آيا ٿي ته هو ڪين صحت ڏيندو ۽ سندن ٻارن جي سنڀال ڪندو." هتي عيسائي واڌاريَ جي اعليٰ ترين خدا سان اسان هڪ دفعو وري مذهب جي بڻ بڻياد جو تصور حاصل ڪيون ٿا.

مان اهو اضافو ڪرڻ پسند ڪندس ته ولين ۽ شهيدن جي لاشن جي ههڙي حقيقي عزت ڪان متي رومن چرچ ۾ هميشه ڪان هڪ باقاعده نظريو موجود رهيو آهي ته هڪ تبرڪ ڪانسواءِ ڪوبه قربانگاهه وجود نه ٿو رکي سگهي. قربانگاهه، جيڪو خود پاڻ هڪ يادگاري پٿر هوندي پاڻ کي حق بجانب بڻائڻ ۽ پاڪ بڻجڻ لاءِ هڪ لاش يا لاش جو هڪ حصو گهرندو آهي. ڊاڪٽر راڪ-هڪ وڏي اختياري، پنهنجي ڪتاب هيررجيا ۾ چئي ٿو، " چرچ جي ضابطن مطابق اهو حڪم ڪيل آهي ته اجتماع جي پاڪ قرباني هڪ اهڙي قربانگاهه تي پيش ڪئي وڃي، جيڪو ڪ پادريءَ طرفان مقدس بڻايل هڪ پٿر رکندو هجي يا جيڪو ڪنهن وليءَ يا شهيد جي نشانين کي ساندينده هجي ۽ ٽن بافتي جي ڪپڙن سان ڍڪيل هجي، جن مٿان ان مقصد لاءِ اَشبرواد جي موزون انداز سان رحمت ڪيل هجي." حقيقت ۾ قربانگاهه جي تحريم کي چرچ جي تحريم ڪان به وڌيڪ سنجيده ليکيو وڃي ٿو، ڇاڪاڻ ته پٿر ۽ ان جي نشانيءَ ڪانسواءِ عشاءِ رباني جي تقريب بلڪل ادا ڪري ئي نه ٿي سگهجي. جيڪڏهن عشاءِ رباني هڪ نجي گهر ۾ به ڪرڻي هوندي آهي ته پادري پاڻ سان گڏ هڪ تحريمي پٿر ۽ ان جي نشاني کڻي ايندو آهي ۽ ٻيا اهڙا پٿر سفري قربانگاهن ۾ کڻي وڃبا هئا، جيڪي وچئين قرونِ وسطيٰ جي فوجي مهمن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ايترو عام هوندا هئا. اهڙي طرح چرچ هڪ مقبرو آهي پنهنجي چوڌاري گرجاگهر مقبرن سان گڏ. اهو هڪ مئل جسم يا ان جي ڪنهن حصي ڪي ڏيکيندڙ هڪ پٿر جو يادگار رکندو آهي ۽ ان ۾ مقدس بڻايل ۽ هيئت تبديل ٿيل ڀاڄيءَ جي روپ ۾ يسوع مسيح جو جسدِخاڪي ناهيو ۽ ڏيکاريو ويندو آهي.

بهرحال قربانگاهه هن انداز ۾ نه رڳو هڪ سُسيل يا تمثيلي مقبرو آهي ۽ نه رڳو انکي اڪثر ڪري هڪ وليءَ جي لاش مٿان رکيو ويندو آهي، جيئن سينٽ مارڪس وٽ ۽ سينٽ پيٽر وٽ آهي، پر اهو ڪڏهن خود پاڻ هڪ پٿر جو تابوت هوندو آهي. اهڙو هڪ پٿر جو تابوت سينٽ مالوجي چرچ ۾ موجود آهي؛ مون پيا ڪفن صورت قربانگاهه الجيئرس ۽ ٻئي هنڌ ويجهو لاتراپي جي عيسائي خانقاهه ۾ ڏٺا آهن. بهرحال جڏهن قربانگاهه هڪ وليءَ جي اصل لاش مٿان ٺهيل هوندو آهي جيئن سينٽ پيٽر وٽ، انکي پاڻ وٽ هڪ نشاني رکڻ جي ضرورت نه هوندي آهي؛ ٻي صورت ۾ انکي هوندي آهي. ٻين لفظن ۾ اهو يا ته هڪ حقيقي پٿر جو تابوت يا وري هڪ سُسيل يا تمثيلي پٿر جو تابوت هجڻ گهرجي. ولين جي معاملي ۾ لاش پوڄا ۽ تبرڪ پوڄا کان علاوه ڪئٿولڪ عيسائيت ۾ گهٽي وقت کان مري ويل جي ساليانى يادگيري جي روايت به موجود رهي آهي، جيڪا پاڻ کي سڌو سنئون قديم بزرگ-پوڄا سان ڳنڍي ٿي. اهو سچ آهي ته هيءَ رسم پنهنجو بڻ بڻياد هڪ خاص تاريخي شخص — سينٽ اوڊيلو آف ڪلني ڏانهن منسوب ڪري ٿي پر جڏهن اسان ان ڳالهه تي غور ڪريون ٿا ته اهي يادگيرين جون رسمون ۽ ساليانہ مري ويلن جون دعوتون سمورن زمانن ۽ سمورن هنڌن تي ڪيترو نه عالمگير رهيون آهن، ته پوءِ اسان ان ڳالهه ۾ مشڪل سان شڪ ڪري سگهون ٿا ته چرچ هڪ اهڙي رسم کي ضرور اپنايو ۽ مقدس بڻايو جيڪا جيتوڻيڪ شايد گهڻ خدائي هئي، ڪڏهن به عقيدتمندن جي اڪثريت مان غائب نه ٿي چڪي هئي. هڪ چرچ يا چرچ جي سحن ۾ دفن ٿيڻ جي خواهش ۽ اهو سيڪجهه جيڪو اهڙي خواهش جو نتيجو هوندو آهي، هتي وري هڪ دفعو ٻيهر عيسائيت کي قديم لاش-پوڄا سان جوڙن ٿا. ان سان پيٽيو انهن مئلن


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي جيڪي اوسيرس سان گڏ ستل آهن. قرونِ وسطيٰ ۾ ڪيترائي ماڻهو اهڙن گرجاگهرن ۾ دفن ڪيا ويا، جيڪي پنهنجي سرپرست وليءَ جو لاش يا ان جي نشاني رکندا هئا.

تورن لفظن ۾ شروع ڪان آخر تائين مذهب هنن اوائلي ترين ۽ تمام گهرن لاڳاپن ڪان ڪڏهن بہ گهٽو پري نہ ٿو وڃي. ”خدا ۽ لافانيت“ هي بہ ان جا مرڪزي خيال آهن ۽ اهي ٻئي هڪ آهن: ڇوتہ ديوتا آخر ۾ نيٺ هڪ آسماني ٻٽايل ۽ ڦهلايل لافاني روح/غيبات ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ هوندو آهي. ٻئي پاسي جڏهن بہ مذهب ويجهڙن مري ويلن جي مسلڪ ۾ پنهنجي جذباتي ۽ ابتدائي بنياد ڪان تمام گهٽو پري سفر ڪندو آهي تہ انکي يا تہ مستقل طور تي پوڄا جي تازين ۽ جاتل سڃاتل شين سان نئون بنون ڪندو رهڻ ضروري هوندو آهي يا وري اهو پنهنجو پاڻ کي محض مبهم وحدت الوجوديت ۾ ختم ڪرڻ چاهيندو آهي. هڪ نئون ديوتا، هڪ نئون ولي، ”مذهب جي هڪ تجديد (احياء دين)“ لڳاتار ضروري هوندي آهي.

عشاءِ رباني جي قرباني سياٽپ سان ٽڪڙن ٽڪڙن وقفن سان دُهرائي ويندي آهي، پر ڇڙو اهو ڪم ڪافي نہ هوندو آهي: ماڻهن کي هڪ ويجهڙي، هڪ وڌيڪ ڄاتل سڃاتل ديوتا جو يقين ڪپندو آهي. اسانجي زماني ۾ ۽ خاص طور تي پروٽيسٽنٽ ۽ شڪي انگليند ۽ آمريڪا ۾ هن ضرورت پنهنجو پاڻ کي روحانيت ۽ رت جي رشتن وارن عقيدن جي اُڀرڻ ۾ محسوس ڪرايو آهي جيڪي روح يا پاڇي جو ان جي خالص ترين روپ ۾ عقيدو آهن، هڪ اعليٰ ترين حڪمران جي اعليٰ تصور ڪان علاوه. مان ڪيترن ئي اهڙن ڏاهن ماڻهن کي سڃاڻان ٿو، جيڪي هڪ شديد غم ــــ زال يا بيحد پياري ٻار جو وڇوڙو پوڳيندي وقتي طور يا تہ روحانيت ۾ يا ڪئٿولسزم ۾ پناهہ حاصل ڪندا آهن. روحانيت لڳي ٿو هنن کي وسيلن يا پنهنجيون ٻيهڪون بدلائڻ معرفت مري ويل سان اصلي جسماني ڇهاءَ جو عملي يقين ڏيندي آهي: عيسائيت هنن کي موت جو هڪ نظريو مهيا ڪري ڏيندي آهي، جيڪو وري ملڻ کي هنن لاءِ هڪ امڪاني مستقبل قرار ڏيندو آهي. مري ويلن سان سڌي سنئين گفتگوءَ جي خواهش اسان


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مندان زالن جي تمام اوائلي يا قديم منزل جي مثال ۾ ڏني، جيڪي پنهنجن مڙسن جي ڪوپڙين سان محبت سان ڳالهائيندا آهن. اها ڳالهه شايد سر کي سانڍي رکڻ ۽ جسم کي دفنائي ڇڏڻ جي عام عادت جو بنياد ناهي ٿي، جنهن جا وسيع نمونا ڦهليل نتيجا اسان ايڏي نرواريءَ سان ڏسي آيا آهيون. مان جديد روحانيت پرستن جا به مثال ڄاڻان ٿو، جن ساڳئي نموني پنهنجين زالن جي لاشن کي محفوظ ڪري رکيو ته جيئن مٿان روح واپس ٿئي ۽ هنن ۾ اچي رهي.

اهڙي طرح مري ويل جو عقيدو جيڪو سمورن مذهبن جو، پوڄا جي معنيٰ ۾ اوائلي ترين بڻ بڻياد آهي، مذهبي روح جي آخري نشاني پڻ آهي جيڪو جديد شڪ ڪري عقيدي جي موت کان بچي وڃي ٿو. هن مقصد لاءِ مان مجموعي طور جديد سائنس جي اسان جي ليڊرن مان ڪيترن جي روحانيت پرستانه اظهارن ڏانهن رجوع ڪريان ٿو. انهن مذهب کي رد ڪري ڇڏيو آهي پر اهي ورثي ۾ مليل ۽ اندر ۾ پيوست ٿيل مذهبي جذبن کي رد نه ٿا ڪري سگهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# باب ويهون

## پڄاڻي

۽ هاڻي اسان آخرڪار پنهنجي هن طويل ۽ ڏکي بحث جي پڄاڻيءَ تي پهچي چڪا آهيون. مونکي انهن ماڻهن کي مشڪل سان اهو چوڻ جي ضرورت آهي جيڪي هيستائين مونسان گڏ بيٺا رهيا آهن ته مان هن سموري بحث جي ڪنهن به هڪ حصي کي ڪنهن به ذريعي کان آخري سمجهان ٿو. هن ڪتاب ۾ اهڙو ڪو هڪ باب به ناهي، جنهنکي مان ان جي موجوده طوالت کان بيٽو يا ٽيڻو نه ڪري سگهيس، جيڪڏهن مان ان ۾ ان ثبوت جو ڏهون حصو به شامل ڪرڻ جو انتخاب ڪيان ها، جيڪو مون ان موضوع تي جنهن سان ان جو تعلق آهي ڪنو ڪري ڇڏيو آهي. پر ڪيترن جائز سببن ڪري اختصار ڪرڻ لازمي ٿي پيو. هن بيحد اهم ۽ دلچسپ سوال تي ڪڏهن لڪيل ڪجهه عظيم دستاويزن کي، ان حد کان تمام گهٽ توجهه مليو آهي، جنهن جا هونئن اهي حقدار هئا چاڪاڻ ته اهي تمام گهڻو طويل ۽ ثبوت سان حد کان وڌيڪ ستيل هئا جو پڙهندڙ کي مشڪل سان اصل شيءِ نظر اچي پئي سگهي: هن مثال جي مونجهارن ۾ دليل جو ڌاڳو وڃائي ٿي ڇڏيو. منهنجي پنهنجي معاملي ۾ مونکي يا مون سمجهيو آهي، هڪ مرڪزي خيال هو ۽ مون چاهيو آهي ته ان خيال کي اهڙي سادي اختصار سان سامهون رکان جو اهو پڙهندڙ کي ان کي پڪڙڻ ۽ سمجهڻ جي قابل بڻائي. اهو ائين آهي جڻ مان پنهنجو پاڻ کي رڳو هڪ وڏي جرڳي آڏو پيش ڪيان ٿو. ڪنهن به مثال ۾ مان اهو مڪر نه ٿو ڪيان ته مون پنهنجا نڪتا ثابت ڪري ڇڏيا آهن: مان ان ڳالهه تي مطمئن آهيان جيڪڏهن مان وڌيڪ جاچ پڙتال لاءِ هڪ واضح ڪيس ٺاهي ڇڏيو آهي.

تنهنڪري هن تعميري دستاويز ۾ منهنجو مقصد صرف انهن ڏاڪن بابت جن ذريعي انسان ذات پنهنجي خدا جي تصور تي پهتي، پنهنجا تصور ايتري مختصر روپ ۾ جيترو اهي چٽائيءَ سان سهمت هجن، سامهون رکڻ آهي: مون هر ڏاڪي تي مڪمل ثبوت پيش ڪرڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي: مون رڳو عام عوام آڏو هڪ نفسياتي تعمير جو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هڪ ٿلهو خاڪو پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ ساڳئي وقت عالمن ۽ بشرياتي ماهرن ڪي انهن رستن جو ڪجهه اشارو تجويز ڪيو آهي، جن تي هلڻ سان منهنجي تجويز ڪيل نظرئي جي حق ۾ ثبوت ڳولي وجڻ تمام گهڻو ممڪن ٿي ويندو. اهڙي طرح هي ڪتاب امڪانن جي هڪ اختصار کان وڌيڪ ٻيو ڪجهه به نہ آهي. جيئن مون پنهنجن خيالن جي هن ابتدائي خاڪي ۾ چند ڄاتل سڃاتل حقيقتن تي بحث ڪيو آهي ۽ گهڻي حد تائين ثبوت جي عام مجموعي تي ڀاڙيو آهي، مون اهو ضروري نہ سمجهيو آهي تہ پنهنجن صفحن کي ذڪر ڪيل ٽڪرن يا ماڻهن ڏانهن حوالو ڏيندي ڪثير ۽ ڪتابي علم تي زور ڀريندڙ حاشين سان ڀري ڇڏيان.

هي ڪتاب بند ڪرڻ کان اڳ مان اهو بہ چوڻ چاهيندس تہ مان هتي آزمائشي طور تجويز ڪيل تفصيلي نظرئي کي مڪمل طور تي يا ان جي ڪنهن حصي کي عقيدتاً چنبڙي نہ پيو آهيان. مون پنهنجي ذهن کي پڻ ڪئين دفعا تبديل ڪيو آهي، هنن معاملن جي سلسلي ۾، پنهنجي ذاتي ارتقا جي رُخ ۾ اهو ڪڏهن بہ نہ سوچيو آهي تہ مان مڪمل توڙ تائين پهچي چڪو آهيان. پندرهن يا ويهہ سال اڳ، جڏهن مون پهريون دفعو مسٽر هربرٽ اسپينسر جي ”پرنسپلز آف سوشيولاجي“ جي پهرئين جلد ۾ مذهب جي بڻ بڻياد جو خاڪو پڙهيو هو، مان ايترو جذباتي ٿي ويو هيم جو مون سوچيو ٿي تہ مان هاڻي لنگراندازي ڪرڻ لاءِ پهچي چڪو آهيان. ان کان ڏهن يا ٻارهن سالن کانپوءِ شڪن ۽ ڏکيائين وري پنهنجو پاڻ دخل اندازي ڪرڻ شروع ڪئي. ڇهہ سال اڳ هڪ دفعو وري جڏهن هن ڪتاب جي رٿابندي تي چڪي هجڻ ۽ ان کي جزوي طور شروع ڪري ڇڏڻ کانپوءِ ڪتاب ”گولڊن بو“ منظرِعام تي آيو، مان پنهنجن ڪيترن ئي عزيز نهيل راين جو وري جائزو وٺڻ لاءِ مجبور ٿيم ۽ انهن سوالن مٿان وري غور ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو ويم جن کي مون شوق سان تصور ڪري ڇڏيو هو تہ اهي منهنجي لاءِ تمام گهڻي عرصي کان بند ٿي چڪا هئا. ان وقت کان وٺي منهنجي مٿان نيون روشنيون ٻاهر کان مسلسل پئجي رهيون آهن يا اهي منهنجي اندر مان اينديون رهن ٿيون.

۽ مان معذبانہ انداز ۾ هي خاڪو هاڻي سامهون رکان ٿو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان لاءِ جنهن جي اهو لائق هجي؛ ان خيال سان نہ تہ مان ڪنهن بہ طرح سان سچي وشال سچ جي گهرائيءَ تائين پهچي چڪو آهيان پر ان هلڪي اميد سان تہ مون شايد پراڻن جاچ پڙتال ڪندڙن جي اڪثريت کان ٿورڙو وڌيڪ اونهو ان گهري پاتال ۾ هيٺ نهاري ڇڏيو آهي. ساڳئي وقت تي مونکي ان زبردست شڪرئي جي پنهنجي احساس ڪي ورجائڻ جي مشڪل سان ضرورت آهي جيڪو منهنجي مٿان هنن ڏاهن ماڻهن جو آهي، جن مان مکيہ طور تي مسٽر هربرٽ اسپنسر، مسٽر فريزر، مسٽر هارٽليند ۽ ڊاڪٽر ٽائلر جا نالا قابلِ ذڪر آهن. منهنجي رڳو هيءَ دعويٰ آهي تہ مون شايد پيهر جوڙجڪ جي هڪ اسڪيم جوڙي ڇڏي آهي، جنهن کي وڌيڪ ثبوت غالباً ڪجهہ حصن ۾ سچو ڏيکاريندو ۽ ٻين ۾ غلط.

ٻئي پاسي پنهنجو ڌيان سختيءَ سان مذهبي خصوصيتن، جيئن انهن کي ائين صحيح معنيٰ ۾ سڏيو ٿو وڃي، تائين محدود رکندي ۽ ڏندڪٿا، اخلاقيات ۽ ٻين سمورن ٻاهرين واڌارن يا حادثن کي ٻاهر ڪيندي، مونکي يقين آهي تہ مان اهو گهرو تعلق جيڪو عام طور تي عقيدن ۽ فطري يا مصنوعي مري ويل ديوتا جي پوڄا وچ ۾ هميشہ موجود هوندو آهي، ان کان وڌيڪ صفائيءَ سان ڏيکارڻ جي قابل ٿيو آهيان، جيڪو هونئن هيل تائين ڏيکاريو پئي ويو آهي. جيتوڻيڪ مان هرشيءِ ۾ روح هجڻ جي قديم عقيدي ۾ ايمان رکندڙ کي هرهنڌ موجود روحن مان ديوتائن جي بڻ بڻياد جي سندس اعليٰ عقيدي تي وري غور ڪرڻ لاءِ راضي ڪرڻ ۾ بلڪل ڪامياب نہ ويو آهيان (جنهن جي تعلق جو اسان پنهنجي آڏو موجود شاهديءَ ۾ ڪوبہ ثبوت نہ ٿا ڏسي سگهون)، مان اهو سوچڻ جي جرئت ڪيان ٿو تہ مون ڪنهن بہ قيمت تي هن کي اهو محسوس ڪرائي ڇڏيو هوندو تہ مذهبي جذبن جي بڻ بڻياد ۾ بزرگ-پوڄا ۽ مري ويل ديوتا جي عقيدي ان حد کان تمام وڌو ۽ گهرو ڪردار ادا ڪيو آهي جيڪو هو هيل تائين مڃڻ لاءِ راضي رهيو آهي. جيتوڻيڪ مان مري ويل ماڻهوءَ جي پوڄا کي ديوتا ناهڻ جي عمل ۾ هڪ اعليٰ ترين ۽ يگاني جڳهہ تائين چاڙهي نہ سگهيو آهيان، مان گهٽ ۾ گهٽ انکي، مونکي يقين آهي، ان کان وڌيڪ اعليٰ اهميت جي ٻيهڪ تائين مٿي کڻي ويو آهيان، جنهن تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجيندڙن جو هڪ اهڙو نسل ڏيکاري. جيڪو پنهنجن بزرگاڻن روحن کي نہ پوڄيندو هجي يا اهڙي روح، جيڪو ڪڏهن هڪ زنده انسان هو ۽ اهڙي روح، جيڪو ڪڏهن بہ انسان نہ هو، جي وچ ۾ ڪو موثر بنيادي فرق ظاهر ڪري سگهي، مان ان کي خوشيءَ سان ٻڌندس. هن وقت تائين بهرحال اهڙو ڪو بہ نسل نہ ليجي سگهيو آهي ۽ اهڙو ڪوبہ فرق ڪڏهن سامهون نہ آندو ويو آهي. سچ اهو آهي تہ هاڻي اسان وٽ ڪي بہ قديم ماڻهو ناهن. موجوده ماڻهو انهن ماڻهن جا پونيئر آهن جن کي سموري امڪان ۾ ڏهہ لک سالن کان .وڌيڪ عرصي کان پنهنجا مذهب هئا. تنهنڪري جيڪو اسان وڌ ۾ وڌ بهتر ڪري سگهون ٿا، اهو آهي انهن ديوتائن جو، جن جو اسان پيرو کڻي سگهون ٿا سندن اصلي ذريعي تائين پيرو کڻڻ ۽ اهو مڃڻ تہ باقي بچيل ديوتا بہ ساڳي اوسر وارا آهن ۽ انهن جو اسان کٽي تعاقب ڪيون؟ سر الفريڊ ليال، هندستان متعلق مجموعي طور ڳالهائيندي چئي ٿو، ”جيستائين مان وڌ ۾ وڌ ڄاتل ننڍن صوبائي ديوتائن جي اصليت جو پوئتي پيرو کڻڻ جي قابل ٿيو آهيان اهي اڪثر گذري ويل پيڙهيءَ جا ماڻهو آهن، جن بنا جسم پوتن درميان خاص ترقي ۽ دستاويزي رتبو ماڻيو هوندو آهي ...... بيشمار مقامي ديوتائن جو، جيڪي ڪڏهن زنده ماڻهو هئا، گهڻي ۾ گهڻو حصو مقدس شخصيتن کي اوليائن جي مسلم فهرست ۾ شامل ڪرڻ جي عام تقريب مان ورتل هوندو آهي. رڳو بيرار (Berar) ۾ اهڙي طرح هنن تارڪ الدنيا شخصن ۽ تقدس جي خوشبوء ۾ مري ويل ماڻهن لاءِ ڪڙي ڪيل مقبرن جو تعداد وڏو آهي ۽ اهو مسلسل وڌي رهيو آهي. انهن مان ڪن اڳي ئي مندرن جو رتبو ماڻي چڏيو آهي“. ارمين بہ انهن اوستياڪن جي ديوتائن بابت ساڳئي نتيجي تي پهتو، جيڪي اڪثر قديم هر طبعي شيءِ ۾ روح هجڻ کي مڃيندڙن جا امتيازي مثال چيا ويندا آهن. بعد جي سالن ۾ ڪيترائي غيرتعصبي کوجي جيئن مسٽر ڊف ميڪڊونالڊ ۽ ڪئپٽن هينڊرسن ساڳئي نموني ان نتيجي تي پهتا تہ انهن مقامي ماڻهن جا ديوتا، جن درميان هنن ڪم ڪيو، سڀ انساني اصليت وارا هئا؛ جڏهن تہ اسان کي خبر آهي تہ ڪي سچا عظيم قومي عقيدا جيئن جاپان جو شنٽو، ڪن بہ ديوتائن کي نہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مجيندا آهن، سواءِ زنده بادشاهن ۽ مري ويل بزرگاڻن روحن جي. هنن حالتن هيٺ اٽجاتل کي جاتل ذريعي پرکيندي مان ديوتائن جي رهجي ويل ننڍڙي باقيات لاءِ جن جو انساني بڻ بنياد اسان کي گهٽ يقين سان معلوم ٿيل آهي، ڪنهن بہ نئين ۽ فرضي ذريعي کي سامهون آڻڻ کان ڪيٻايان ٿو.

هڪ لفظ ۾ مان مڃان ٿو تہ لاش-پوڄا، مذهب جي زندگي بخش پاڻيات (Protoplasm) آهي، جڏهن تہ اهو مڃيندي تہ لوڪ ڪهاڻي، ڏندڪٿا جي زندگي بخش پاڻيات آهي ۽ ان جي وڏيڪ جديد ۽ فلسفياڻي شاخ دينيات جي.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نسُل . پ ن

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، جُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪائُو، ياجوڪڙ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني ۾ وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعني e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پَڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جَھڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙھا، نيرا، پيلا يا ناسي ھوندا آھن اَھڙيءَ طرح پڙھندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آھن ۽ ھوندا. اُھي ساڳِئي ئي وقت اُداس ۾ پڙھندڙ، بَرندڙ ۾ پڙھندڙ، سُست ۾ پڙھندڙ يا وِڙھندڙ ۾ پڙھندڙ بہ ٿي سگھن ٿا. بين لفظن ۾پَنَ کا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل کِلَب Exclusive Club نہ آھي.

ڪوشش اھا ھوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَھڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آھي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اھڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ ھِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ ھيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رھندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَمَلَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اھم مرحلو وِرھائڻ distribution جو ٿيندو. اِھو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏھن ڪو پيسا ڪمائي سگھي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ ھوندو.

پَنَ کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ ھو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي ھِمتائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦھلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنھن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.
... ...
جئن جئن ڄاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛
... ...
ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄ ڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ جڻ گوريلا آهن........
... ... ... ...
هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي ڪي ٻاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ ٻاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ بين

ڪتابن ڪي پڙهي سماجي حالتن ڪي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني ڪي **چوءِ چالاڪ ۽ ڪينئن** جهڙن سوالن ڪي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشش ڏين تا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ ڪي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اڻٽر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن ڪي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ ڪي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book